# ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت

مختيار احمد ملاح

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، سنڌ

# ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت

(سنڌي ادب جي حوالي سان)

ترتيب ۽ تحقيق

مختيار احمد ملاح

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

حيدرآباد، سنڌ

2015ع

# انتساب

پنهنجي هيءَ ننڍڙي ڪوشش ارپيان
ٿو مانواري ڊاڪٽرفهميده حسين کي،
جنهن بحيثيت استاد، منتظم،
ڪهاڻيڪار، ايڊيٽر،محقق، نقاد،
ماهر لسانيات جي
پنهنجي حيثيت مڃرائي آهي
هوءَ پنهنجي ذات ۾ به خود هڪ ادارو آهي
مختيار احمد ملاح

# پبلشر پاران

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران محترم مختيار احمد ملاح جو هڪ اهم ڪتاب ’ادبي اصطلاحن جي تشريحي لغت‘ شايع ڪري رهيا آهيون، جيڪا هڪ عام لغت نہ، پر تشريحي لغت آهي.

ٻوليءَ جي اڀياس ۽ ادب جي مختلف صنفن جي اڀياس دوران انهن سان لاڳاپيل ڪيترائي نظريا، تحريڪون، لاڙا ۽ رجحان اهڙا پڙهڻ لاءِ ملندا آهن، جن بابت ڄاڻ سان لکندڙن توڙي پڙهندڙن کي گهڻو فائدو ٿي سگهي ٿو. انهيءَ ڳالهہ جي اهميت کي محسوس ڪندي، ڏهاڪو کن سال اڳ ۾ مون هڪ انگريزي ڪتاب: 'Penguin Dictionary of Literary Terms and Literary Theory' ترجمو ڪرڻ شروع ڪيو هو جنهن جو ليکڪ جي. اي ڪڊن هو. ان ڪتاب مڪمل ٿيڻ کان اڳ مون اُن کي ٽماهي ’مهراڻ‘ ۾ قسطوار ڇپائڻ شروع ڪيو هو جنهن جون پنج ڇهہ قسطون ڇپجڻ کان پوءِ ڪن اڻٽر سببن جي ڪري اهو سلسلو بند ٿي ويو ۽ مون بہ ڪتاب ٽپي بند ڪري رکي ڇڏيو.

هڪ ڀيري محترم مختيار احمد ملاح انهن قسطن جي حوالي سان ذڪر ڪندي پڇيو تہ ’ميڊم توهان چئو تہ آءٌ اهو ڪم هٿ ۾ کڻان‘ ـ مون چيو ’ادا، بسم الله‘. ائين ملاح صاحب اهو ڪتاب مرتب ڪرڻ

شروع ڪيو ۽ ٻن سالن جي عرصي ۾ مڪمل ڪري مون کي ڏنو. جنهن کي اٿارٽيءَ جي بورڊ آف گورنرس منظور ڪيو ۽ اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي.

منهنجو ڪيل ڪم انگريزي ڪتاب مان 'ترجمو' هو پر ملاح صاحب مختلف ڪتابن ۽ لغتن جي مدد سان اهڙا سمورا اصطلاح چونڊيا ۽ لکيا، جيڪي سنڌ جي ادبي ڪيتر ۾ رائج ٿي چڪا آهن. گڏوگڏ اردو هنديءَ کان سواءِ سنڌي ٻولي ۽ ادب جي پنهنجي نج ذخيري مان بہ ڪيترا لفظ ۽ اصطلاح شامل ڪيا آهن. اهڙيءَ ريت ترجمي کان وڌيڪ تحقيقي ڪم ٻنجي ويو آهي، جنهن کي اڳتي وڌائڻ جي هميشہ گنجائش رهندي آهي ۽ مون کي اميد آهي تہ ياءَ مختيار ملاح اِن ۾ رهجي ويل موضوعن ۽ اصطلاحن بابت تحقيق جاري رکندو ۽ ڪنهن ٻئي ڇاپي ۾ ان کي شامل ڪري ڪوٺ پورائو ڪندو.

مون کي اميد آهي تہ اسان جا ليکڪ ادب جا استاد ۽ شاگرد، هن ڪتاب مان گهڻو لاڀ پرائيندا.

ڊاڪٽر فهميده حسين
چيئرپرسن

فيبروري 2015ع
حيدرآباد سنڌ

# ليکڪ پاران

مان بنيادي طور ادب جو طالب علم آهيان ۽ دنيا جون ادبي تاريخون گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ منهنجو محبوب مشغلو آهي. سنڌي ادب جي تاريخ تي جيترا بہ ڪتاب لکيا ويا آهن، اهي سڀ مون وٽ موجود آهن. ان کان علاوه مختلف رسالن ۾ ادبي تاريخن بابت جيڪي مقالا شايع ٿيل آهن، تن مان بہ ڪيترائي مون وٽ موجود آهن. انشاءَ الله تعاليٰ ارادو رکيو ويٺو آهيان تہ سنڌي ادب جي هر صنف تي الڳ الڳ ڪتاب لکندس.

ادبي تاريخن سان گڏوگڏ، منهنجي هميشہ خواهش رهي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ادبي اصطلاحن جي جامع لغت هئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ جو ادب جي طالب علم جي حيثيت ۾ انگريزيءَ ۾ ادب جون ڪيتريون لغتون منهنجي مطالعي مان گذريون آهن. ان کان سواءِ اردو ۾ بہ نيڪ ٺاڪ ڪم ٿي چڪو آهي، پر سنڌيءَ ۾ هن قسم جي لغت جي ڪمي محسوس ٿئي ٿي. ان سلسلي ۾ آءُ ڪيترن مانوارن استادن ۽ اديبن سان پنهنجي خواهش جو اظهار ڪندو رهيس تہ ڪو هن قسم جي لغت تيار ڪري. سڀني ڪي ڳالهہ تہ وڻي، پر ڪتان بہ ڪم شروع ٿي نہ سگهيو. وڏيڪ خدا کي خبر! شايد ڪو گهر ويٺي ڪم کي لڳل هجي؟ ائين نہ آهي تہ هن کان اڳ سنڌيءَ ۾ ادبي اصطلاحن تي ڪم نہ ٿيو آهي. مختلف ڪتابن ۽ رسالن ۾ عالمن ۽ اديبن لکيو آهي. ان ڏس ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ جو ڪتاب "ادبي اصول" اهم آهي، جنهن ۾ ناول، ڊرامي، ڪهاڻي، مضمون، تنقيد وغيره جي اصطلاحن جي تشريح ۽ مول متا بيان ڪيل آهن.. نياز محمد شيخ جي ڪتاب "سنڌي گلدستو" ۾ شاعريءَ جي ڪجهہ اصطلاحن جي تشريح موجود آهي. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ جي ڪتاب "ادبي خزانو" ۾ ڪجهہ ادبي اصطلاح ڏنا ويا آهن. ظفر عباسيءَ "سنڌي شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون"نالي هڪ ڪتاب لکيو هو. پر سڀ کان اهم ڪم ڊاڪٽر فهميده حسين

شروع ڪيو هو. ڊاڪٽر صاحب ’پينگوئن ڊڪشنري آف لٽرري ٽرمس‘ جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري ٽماهي ’مهراڻ‘ ۾ ڪجهه قسطون شايع ڪرايون، پر اهو سلسلو ڪجهه قسطن کان پوءِ ختم ٿي ويو. اهو ڪم جيڪڏهن مڪمل ترجمي جي صورت ۾ اچي وڃي ها ته يقيناً معياري ۽ منفرد ڪم هجي ها. ان کان سواءِ مختلف ڪتابن ۾ ادبي اصطلاحن بابت ذڪر ملي ٿو جن ۾ خاص طور ناول، ڊرامي، افساني ۽ ٻين نثري صنفن جا بنيادي اصطلاح اچي وڃن ٿا.

ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته هڪ اهڙي ڊڪشنري تيار ڪجي، جنهن ۾ نثر توڙي شاعريءَ سميت مختلف ادبي صنفن ۽ علمن جا اهي اصطلاح شامل ڪيا وڃن، جن جو ادب سان گهرو تعلق آهي. اهي سڀ ڳالهيون ذهن ۾ رکندي ’ادبي اصطلاحن جي لغت‘ تي پنهنجي سر ڪم شروع ڪيم ۽ الله تعاليٰ جي مهربانيءَ سان ڪافي حد تائين ڪم کي مڪمل ڪيو اٿم. هن ڊڪشنريءَ ۾ اصطلاحن جي انگريزي معنيٰ سان گڏ تشريح پڻ ڪئي وئي آهي. ان ڪري هيءَ تشريحي لغت آهي. هن ڪوشش ۾ آءٌ ڪيترو ڪامياب ٿيو آهيان، ان جو فيصلو استاد ۽ شاگرد ڪندا، جن لاءِ هي ڪتاب لکيو ويو آهي.

ڏٺو وڃي ته هر علم، فن يا ڌنڌي جا پنهنجا الڳ الڳ اصطلاح ٿيندا آهن. مثال طور فزڪس، ڪيمسٽري، حياتيات، عمارت سازي، قانون ۽ ٻين علمن، هنرن وغيره جا پنهنجا پنهنجا اصطلاح مروج آهن. جيڪڏهن مختلف علمن ۾ اصطلاح ساڳيا به هوندا آهن ته انهن جي معنيٰ ۽ استعمال مختلف هوندو آهي. مطلب ته هر علم ۽ هنر ۾ لفظن ۽ اصطلاحن جي پنهنجي اهميت هوندي آهي. اهڙن اصطلاحن کي ترجيح ڏيڻ گهرجي، جيڪي عام فهم ۽ مروج هجن. ڇاڪاڻ ته هن ڪتاب کي تيار ڪندي اها ڳالهه سامهون آئي آهي ته ڪيترن انگريزي اصطلاحن جا سنڌيءَ ۾ ٺُڙ لفظ ئي موجود نه آهن. اهڙن اصطلاحن لاءِ نوان لفظ جوڙيا ويا آهن، جن ۾ بهتريءَ جي ڪافي گنجائش آهي.

آءُ جيتوڻيڪ لغت نويس نہ آهيان، پر هي 'ادبي اصطلاحن جي لغت' جذبي ۽ خلوص تحت ٺاهي اٿم. ممڪن آهي تہ ان ۾ ڪي ڪميون پيشيون رهجي ويون هجن. ممڪن حد تائين نثر توڙي شاعريءَ جي سيني صنفن جا لفظ شامل ڪيا اٿم، پر اُن جي باوجود ڪيترا اصطلاح رهجي بہ ويا هوندا، چو تہ ادب هڪ بحر مثل آهي.

هن لغت بابت جڏهن لکڻ شروع ڪيم، تڏهن مون وٽ ٻن قسمن جا خيال ذهن ۾ هئا: يا تہ ڪنهن انگريزي لغت جو مڪمل ترجمو ڪجي، يا وري ان کي سنڌي ادب جي حوالي سان لکجي. ترجمي ڪرڻ جو مسئلو اهو هو تہ انگريزي ادب جا ڪيترا اصطلاح، لفظ تحريڪون، دؤر ۽ لاڙا وغيره اهڙا هئا، جن جو سنڌي ادب سان سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح ڪوبہ تعلق نہ هو. اهڙن لفظن يا اصطلاحن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ مناسب نہ هو. ٻيو خيال اهو هو تہ اُن کي سنڌي ادب جي حوالي سان لکان . چو تہ اُن ۾ سنڌي لوڪ ادب، سنڌي سماج سان وابستہ پهاڪا ۽ چوڻيون بہ شامل ڪرڻ جي سهولت هئي. ان کان سواءِ سنڌي ادب جو پنهنجو الڳ، مزاج ۽ تاريخ آهي. سنڌ جو صوفياڻو مزاج آهي. هتي جون ادبي تحريڪون ۽ لاڙا پنهنجي نوعيت جا آهن. بهرحال اُن کي سنڌي ادب، جي حوالي سان لکڻ جو ڪم شروع ڪيم. هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ مون وٽ سنڌي، اردو، انگريزي ڪتاب ۽ رسالا حوالي طور موجود هئا ۽ ڪجهہ اصطلاح پنهنجي جاڻ موجب لکيا اٿم. ڪي التوضيا اٿم تہ ڪي وري لفظ بہ لفظ کنيا اٿم ۽ ڪي وري ترجمو ڪيا اٿم. مطلب تہ مختلف ذريعن سان اصطلاح شامل ڪيا ويا آهن.

هن لغت ۾ صرف ادبي لفظ شامل نہ آهن. بلڪ معاشيات، سماجيات، نفسيات، جاگرافي ۽ جيالاجي وغيره جا بہ اهي اصطلاح شامل آهن، جيڪي ادب جو موضوع رهيا آهن. نثري ادب ۾: ناول، ڊرامو، افسانو، قصو، داستان، سفر نامو، آتم ڪهاڻي، جيون ڪهاڻي ۽ ٻيون صنفون اچي وڃن ٿيون. شاعريءَ ۾: غزل، ڪافي، وائي، مثنوي، مسدس،

مخمس، بيت، نظم سان گڏ پين سيني ڏيهي ۽ پرڏيهي صنفن جو مختصر جائزو ورتل آهي. اهڙيءَ طرح ادبي تحريڪون، جديد لاڙا، ادبي دور، ادبي ڌارائون وغيره به هن لغت جو حصو آهن. ادب سان گڏوگڏ گرامر، ٻولي، لسانيات ۽ ادبي نظريا وغيره به هن لغت ۾ آندا ويا آهن ته جيئن ادب سان گڏ ادبي ٻوليءَ جي معلومات حاصل ڪري سگهجي.

هن لغت کي ڪوشش ڪريءَ مختصر، سادو ۽ سولو رکيو ويو آهي. ڇو ته سنڌي ادب جون خاص طور تي نثري صنفون، انگريزي ادب جي اثر هيٺ اسريون آهن. ان ڪري اهڙا ادبي اصطلاح به گهڻو ڪري انگريزيءَ مان ورتا ويا آهن. جن کي مختصر ۽ سؤلو رکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. يورپي دنيا ۾ ۽ ننڍي کنڊ ۾ جيڪي علمي ادبي تحريڪون هليون آهن، انهن جو به سنڌ تي اثر رهيو آهي، انهن تحريڪن جو ذڪر به هن ڪتاب ۾ ڪنڊي انتهائي اختصار ۽ سادگيءَ کان ڪم ورتو ويو آهي.

مطلب ته ممڪن حد تائين ڪوشش ڪئي وئي آهي ته ادبي اصطلاحن جي لغت جي سلسلي ۾ ڪوتاهي نه ٿئي، گهٽائجي، پر ان جي باوجود ڪيترائي ادبي اصطلاح رهجي ويا هوندا، جن کي انشاءَالله اڳئين ايڊيشن ۾ شامل ڪيو ويندو.

هن ڪتاب جي اصطلاحن جي سلسلي ۾ تاج جويو صاحب جن جي مهرباني، هن نه صرف مسودي ۾ درستيون ۽ واڌارا ڪيا، پر سٺا مشورا پڻ ڏنا. سارنگ ابڙي جي مهرباني، جنهن ڪتاب جي سٺي نموني ڪمپوزنگ ڪئي. پر سڀ کان وڌيڪ مهربانيون ڊاڪٽر فهميده حسين جون، جنهن تمام وڏيءَ محنت سان ڪتاب کي مڪمل طور پڙهي، ان جي اصلاح ۽ ايڊيٽنگ ڪري ڏني. آءُ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ٿورائتو آهيان، جنهن اداريءَ هيءَ لغت شايع ڪري، توهان تائين پهچائي آهي.

مختيار احمد ملاح،

5_11_2014

# ا (الف)

**اُ- (الف)** (Aliph):

"اُ" (الف)سنڌي حروف تهجيءَ جو پهريون اکر. "الله" جي معنيٰ ڏيکاريندڙ. چيو وڃي ٿو تہ پڻائي صاحب کي جڏهن پهريون سبق ڏنو ويو ۽ استاد چيس تہ چئو 'الف'، تہ چيائين 'الف'؛ پوءِ استاد چيس تہ چئو 'ب'، تہ چيائين تہ 'الف' ئي ڪافي آهي. شاهہ لطيف جي هڪ بيت جي مصرع آهي تہ:

اکر پڙهہ الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

ساڳي ڳالهہ بلا شاهہ بہ ڪئي آهي:

علمون بس ڪرين او يار
اکو "الف" تري درڪار!

صوفين "الف" کي الله جي معنيٰ ۾ نروار ڪيو آهي، ان ڪري هي اکر هڪ علمي ۽ روحاني اصطلاح جو روپ اختيار ڪري چڪو آهي.

**آتم ڪٿا** (Autobiography):

ليکڪ جي پنهنجي لکيل سوانح/جيونيءَ (حياتيءَ جي احوال) کي آتم ڪٿا يا "آتم ڪهاڻي" چئبو آهي. آتم ڪٿا جو ليکڪ جيئن تہ خود لکندڙ ئي هوندو آهي، ان ڪري اها جيوني/سوانح وڌيڪ سچي ۽ اعتبار جوڳي ٿئي ٿي. آتم ڪٿا لکڻ جا بہ مقصد ٿي سگهن ٿا:

- ليکڪ جي من ۾ ماضيءَ جي يادگيرين کي ٻيهر زنده جاويد ڪرڻ جو موهہ.

آتم ڪٿا لکڻ جو ٻيو مقصد آهي تہ ليکڪ جي زندگيءَ جي آزمودن مان ٻيا بہ فيض حاصل ڪن . سنڌيءَ ۾ ڪيترين ئي آتم ڪٿائون لکيون ويون آهن، جيئن مرزا قليچ بيگ جي "سائوين ڪارين" ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي جي "منهنجي مختصر آتم ڪهاڻي"، جي ايم سيد جي "منهنجي ڪهاڻي منهنجي زباني"، شيخ اياز جي "ڪٿي بہ نہ ڀڄبو ٺڪ مسافر"(چار جلد)، موهن ڪلپنا جي "بک، ادب ۽ عشق"، لڇمڻ ڪومل جي "وهي ڪاتي جا پنا".

**آتم گيان** (Aatam Giyan):

آتمڪ گيان، روحاني علم، علم معرفت، خُدا شناسي ۽ خودشناسيءَ جو علم:

"جنهن کي آتم گيان، سامي ڏنو ستگروءَ" (سامي).

**آٽوگراف** (Autograph):

ڪنهن به مشهور شخصيت جي صحي/دستخط يا سندس لکي ڏنل پيغام کي "آٽوگراف" چئبو آهي. ان کان سواءِ مصنف جي هٿ سان لکيل پراڻا قلمي نسخا، هٿ اکري لکيل مسودا، جن تي لکندڙن جون صحيون ٿيل هجن، انهن کي به آٽوگراف چئبو آهي.

**آثار قديم** (Archaeology):

زماني جي لاهين چاڙهين جو شڪار ٿيل وسندين، ماڳن، مڪانن، شهرن ۽ کنڊرن کي 'آثار قديم' سڏيو وڃي ٿو. آثار قديم در اصل اينٿراپالاجي (علم الانسان) جي شاخ آهي. هن علم ۾ قديم آثارن جي آڌار تي منظم تحقيق ڪري قديم ماڻهن ۽ انهن جي سماجي حيثيت جو اڀياس ڪيو ويندو آهي. هن علم لاءِ خاص طور تي ماڳن جي کوٽائيءَ مان لڌل شين ۽ لکتن جو خصوصي طور تي مطالعو ڪيو ويندو آهي. سنڌو ماٿريءَ جو موروثي سرمايو به انهن دڙن ۽ پڙن ۾ پوريل آهي، جن مان ڪي ٿورا کوٽائيءَ جي ڪري نڪري نروار ٿيا آهن. اهي کنڊر ۽ دڙا سڄيءَ سنڌ بلڪ سنڌو ماٿريءَ ۾ پکڙيا پيا آهن. جن ۾ مهرڳڙهه، موهن جو دڙو، هڙپا، چانهونءَ جو دڙو، ڪوٽ ڏجي، آمري، رني ڪوٽ، جهڪر جو دڙو، سيوهڻ جو قلعو، پنيور، ديبل، ٿل رڪڻ، ٿل ڏيپر گهانگهر جا دڙا، منصوره، ڏونرا هنگورا، شاهه بندر، وغيره اچي وڃن ٿا.

**آخرين نامو**(Swan Song):

ڪنهن ليکڪ جو آخرين خط، موت وقت لکيل خط. پويون اطلاع.

**آدرش** (Ideal):

تصوراتي طور ڪنهن ماڻهوءَ، عمل يا شيءِ کي مڪمل ۽ اعليٰ سمجهڻ جو خيال.

**آدرش پرستي** (Idealism):

تصور پرستي، خيال پرستي. ڪنهن خيال، تصور، شخصيت وغيره کي فڪري طور پنهنجو آدرش تصور ڪرڻ واري حالت کي آدرش پرستي چئبو آهي.

**آدرشي تنقيد** (Ideal Criticism):

تنقيد جو هي قسم نقاد کي مخصوص ۽ اڻ مٽ اصولن جي پابندي سيکاري ٿو. عام لفظن ۾ تنقيد جي هن طريقي مطابق ڪنهن به تخليقي پورهئي جي فڪري سگهه کي پرکي سگهجي ۽ انهيءَ مان ادبي خوبين جا اهي پهلو ڪڍي سگهجن ٿا، جيڪي انهيءَ فطرت کي فراهم ڪيا آهن. هيءَ تنقيد ادب جي اوچن آدرشن جي نشاندهي ڪري ٿي ۽ اهو ڏسي ٿي ته ڪهڙو ادب اوچ آدرشي آهي ۽ ڪهڙو ادب نيچ آدرشي آهي. سنڌي ادب ۾ هيءَ تنقيد ايتري عام نه ٿي سگهي آهي.

**آڏي** (Aadi):

آڏي سادي پروليءَ جو قسم آهي، جنهن کي ٻارڙا ڏيندا ونندا آهن. آڏيءَ جو مطلب آهي ٺهيل يا اڏيل. مثال طور: ”گهر گهر اندر ڳاڙهي ڪنوار“. ڀڃڻي: باهه

**آڊيٽوريم** (Auditorium) **وڏو هال:**

وڏو هال. ابتدائي يوناني دور ۾ ٿيئٽر جي اڏاوت ٽڪريءَ جي لاهيءَ تي ٿيندي هئي، جتي کليل وايو منڊلڪ آڊيٽوريم بڻايو ويندو هو ان جي هيٺ پاسي اسٽيج ٺاهي ويندي هئي، جنهن جو احاطو ٽنبن جو جڙيل هوندو هو جتي اداڪار پنهنجن چهرن تي مصنوعي شڪلين وارا پوش (masks) پائي اسٽيج تي اداڪاري ڪندا هئا. موجوده دَور ۾ آڊيٽوريم سيمينارن، ڪانفرنسن، ادبي شامن ۽ اسٽيج ڊرامن وغيره لاءِ جوڙيا وڃن ٿا.

**آڊيو ڪتاب** (Audio Book):

1980ع جي ڏهاڪي ۾ متعارف ٿيل نئون اصطلاح ’آڊيو ڪتاب‘، جنهن جو مطلب ڪتابن کي آڊيو ڪيسٽن وسيلي محفوظ ڪري مارڪيٽ ۾ آڻڻ هو. هاڻي CD ۽ DVD ۾ اهڙا ڪتاب اچي رهيا آهن.

**آرٽ نوئوو** (Art Nouveau):

فطري گهاڙيٽن جي مرصع/سينگاريل ۽ پيچدار اسلوب تي ٻڌل تحريڪ جو نالو هيءَ تحريڪ تجارتي طور سجاوٽي فن سان لاڳو هئي، پر پوءِ جلد ان جو دائرو چترڪاري ۽ ڇپائيءَ تائين پکڙجي ويو. ڪلمٽ (Klimt)، ڪرين (Crane)۽ بيئرڊسلي (Beardsiley) هن تحريڪ جا مشهور فنڪار ۽ باني چيا وڃن ٿا.

**آرٽيڪل** (Article):

(i) هڪ آزاد ۽ مڪمل تحرير يا ليک، جيڪو ڪنهن خاص موضوع تي لکيل هجي. آرٽيڪل گهڻو ڪري اخبارن ۽ رسالن لاءِ لکيا ويندا آهن.

(ii) قانوني مضمون جو قلم يا فقرو.

**آرڪائيوز** (Archives):

آرڪائيوز يوناني ٻوليءَ جي لفظ Archeion مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪنهن سرڪاري يا غير سرڪاري اداري جو رڪارڊ، جنهن کي ان جي اهميت سبب محفوظ ڪيو ويو هجي. 'آرڪائيوز' انهن دستاويزن کي چئبو آهي، جن جي تاريخي ۽ تحقيقي حيثيت هجي ۽ انهن کي دستاويزي مرڪزن يا محڪمن، قومي يا صوبائي دستاويزي ادارن يا تحقيقي ڪتبخانن ۾ منتقل ڪيو ويو هجي ۽ هڪ خاص مدي گذرڻ بعد تحقيق ڪندڙن کي فراهم ڪيو وڃي يا انهن کي ڇپرائي عام ڪيو وڃي، جيئن ماڻهو انهن مان فائدو حاصل ڪري سگهن.

سنڌ ۾ اطلاعات کاتي جي هٿ هيٺ آرڪائيوز جي ڊائريڪٽوريٽ قائم آهي، جنهن جي آفيس ڪلفٽن ڪراچيءَ ۾ واقع آهي. هتي خاص ڪري برطانوي دؤر سان وابستہ ڪتاب، فائيل، خط ۽ ٻيو مواد محفوظ آهي. اسلام آباد ۾ پڻ سينٽرل آرڪائيوز جي آفيس ۽ لائبرري موجود آهي.

**آرڪٽائيل تنقيد** (Archetyle Criticism):

آرڪٽائيل تنقيد، نفسياتي تنقيد جي هڪ شاخ آهي. اجتماعي لاشعور ۾ موجود موروثي طور حاصل ٿيل شروعاتي ذهني تصور ۽ علامت، جيڪا ڪنهن ادب يا ادبي فنپاري تي اجتماعي لاشعور جي حوالي سان روشني وجهي.

**آريائي ٻولي** (Aryan Languages):

لسانيات جي ماهرن، ٻولين کي مختلف گروهن ۾ ورهايو آهي. انهن مان هڪ گروهہ جو خيال آهي تہ آريائي ٻوليون اصل ۾ آريائي قومن جون ٻوليون يا انهن مان نڪتل ٻوليون آهن، جن ۾ ڪيترين يورپ جون ٻوليون پڻ شامل آهن. سنسڪرت کي آريائي ٻولي مڃيو ويو آهي. هندي، بنگالي، اڙيا، راجستاني، مرهٽي وغيره پڻ آريائي ٻولين جي دفعي ۾ شامل ڪيون وڃن ٿيون

پر ڪي عالم ان ڳالهہ سان اتفاق نٿا ڪن. 20 صديءَ جي شروعات ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ بہ ڪن محققن ساڳيو نظريو پيش ڪيو هو. پر ان کي سنڌ جي ڪن عالمن قبول ڪونہ ڪيو.

**آزاد خيالي** (Liberalism):

هي اصطلاح سياسي ادب ۽ فلسفي ۾ استعمال ٿيندو آهي. جيڪو 18 ۽ 19ع صديءَ ۾ وچولي طبقي سان منسوب ڪيو ويو. وچولي طبقي وارن، وچئين دؤر جي پراڻن سياسي ، سماجي، مذهبي ۽ اقتصادي نظرين سان لاتعلقيءَ جو اظهار ڪيو ۽ پاڻ کي آزاد خياليءَ جا علمبردار سڏيو. آزاد خياليءَ جي مڃيندڙن پاڻ کي جمهوريت ۽ معاشي سڌارن جو امين ڪوٺيو.

**آزاد نظم** (Free Verse):

آزاد نظم جي معنيٰ آهي،اهو نظم، جيڪو بندش کان آزاد هجي. آزاد نظم، جديد شاعريءَ جي هڪ نئين صنف آهي. جيڪا اصل ۾ اوڻيهين صديءَ جي آخر ۾ فرينچ شاعريءَ جي ”علامت نگاريءَ “ (Symbolism) واريءَ تحريڪ سان گڏ نئين رنگ ۾ ظاهر ٿي ۽ ان جو باني فرانسز گرفن ( Francis Viele Graffin) نالي آمريڪي شاعر هو. جيڪو پئرس ۾ رهندو ۽ فرينچ ٻوليءَ ۾ شاعري ڪندو هو. هن فرينچ شاعريءَ جي سخت گير قاعدن ۽ ڪلاسيڪل (Alexandrine) روايتن کي هڪ ڌڪ سان ختم ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ مختلف بحرن (meters) جو استعمال ڪيو. آزاد نظم، فرانس مان انگلنڊ ۽ آمريڪا پهتو. بودليئر جي آزاد نظمن جي پهرئين مجموعي ”ليوز آف گراس“ (Leaves of Grass) کي ابتدا ۾ يورپ جي نقادن شاعري ئي تسليم نہ ڪيو. پر اڳتي هلي هن صنف وڏي شهرت ماڻي. هن جي شاعري ”فري ورس“ ( Free verse) يعني آزاد نظم جو مڪمل نمونو آهي.

ننڍي کنڊ ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ آزاد نظم جي لهر انگريزي شاعريءَ جي مطالعي سان آئي. جنهن جي ابتدا نصير مرزا جواڻي مرزا قليچ بيگ ڪئي. هن انگريزي شاعريءَ مان ترجما ڪيا ۽ کي طبعزاد آزاد نظم بہ لکيا.

نظم جي هيءَ هيئت، سنڌي شاعريءَ ۾ ڪافي مقبول ٿي. جديد دور جي پيچيدي ماحول ۾ انسان جي ڏکن ۽ دردن جو دائرو وسيع ٿي ويو آهي ۽ سوچ،

احساس ۽ جذبن ۾ پڻ پيچيدگي اچي وئي آهي. پابند نظم ان قسم جي خيالن ۽ احساسن جي اظهار لاءِ موزون هيئت ثابت نہ ٿيو. ان ڪري احساسن جي اظهار ۽ وسعت واري تصور "آزاد نظم" کي مقبوليت ڏني، جنهن ۾ قافيي ۽ رديف جي آزادي آهي.

سنڌي شاعريءَ جي نقادن جو اڪثر رايو آهي تہ سنڌي شاعريءَ ۾، 1937ع ڌاري سوڀراج "فانيءَ" پهريون -آزاد نظم لکيو. جڏهن تہ نصير مرزا جي راءِ موجب مرزا قليچ بيگ جو نظم 'مٺي' -آزاد نظم- جو پهريون نمونو آهي. بهرحال، سنڌي شاعريءَ ۾ آزاد نظم جا جديد باني: نارائڻ شيام، شيخ اياز، هري دلگير ۽ شيخ "راز" آهن. اڳتي هلي امداد حسيني، عبدالحڪيم ارشد ۽ ٻين جديد شاعرن هن صنف کي زور وٺايو.

**آسا** (سر) (Aasa):

'آسا'، شاهہ جي رسالي جو هڪ سر ۽ سنگيت وديا ۾ هڪ مٺي راڳڻيءَ جو نالو آهي، جيڪا اُسر ويلي ڳائبي آهي. شاهہ جو "سر آسا" ڪجهہ آسا وري ٿاڻ مان ورتو ويو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سر آسا جي معنويت ۽ حقيقت بابت لکي ٿو تہ: "سر آسا هڪ وڏو معنوي سر آهي، جنهن ۾ مجاز ۽ حق بابت گهڻا معنوي اشارا ڏنل آهن. سر ۾ ڪنهن روايتي پس منظر ۽ ماحول بدران تصوف جي رازن رمزن وارو فڪر سمايل آهي، جنهن ۾ مجازي حقيقت جي مثالن، صوفياڻي فڪر جي اشارن ۽ سالڪن جي سلوڪ وارين منزلن ۽ مرتبن جا اهڃاڻ ڏنل آهن." ڪن موسيقيءَ جي ڄاڻن جي راءِ آهي تہ: 'آسا' هڪ راجڪماري هئي، جيڪا پريات جو ڏٺيءَ جي ساراهہ ۾ گيت ڳائيندي هئي.

**آسماني زبان** (Divine Language):

پاڪ يا خدائي ٻولي، ملائڪن، ديوتائن ۽ صحيفن جي ٻولي. آسماني ڪتابن (توريت، انجيل، زبور، قرآن شريف وغيره ۾ ڪتب آيل ٻولي يا ٻوليون).

**آسماني ڪتاب** (Divine Book):

پاڪ يا الهامي ڪتاب جيڪو ڪنهن مذهب جي ماڻهن وٽ الاهي/ آسماني ڪتاب موجود هجي. الاهي ڪتابن جي مڃيندڙن ۾ مسلمان عيسائي ۽ يهودي شامل آهن. اسلامي عقيدي موجب الله تعاليٰ جي طرفان نبين تي نازل ڪيل يا لاٿل ڪتاب. اهڙا چار مکيہ ڪتاب آهن: توريت، زبور، انجيل ۽ قرآن.

**آشڪار** (Ashkar):

ظاهر، پڌرو، چٽو، نروار، ڳليل.

' سچل سرمست جو فارسي شاعريءَ ۾ تخلص آهي ۽ سندس فارسي غزلن جو ديوان آهي: "ديوان آشڪار".

**آغاز ۽ انجام**(Beginning & End):

شروعات ۽ پڇاڙي. ڪنهن قصي، ڪهاڻيءَ يا ناول جي ابتدا ۽ پڇاڙي جي ٽيڪنيڪ. ڪهاڻي/افساني يا ناول ۾ ٽيڪنيڪ طور هي لفظ ڪم ايندا آهن. اها ڳالهہ ڪهاڻيڪار يا ناول نگار تي مدار رکي ٿي تہ هو ڪهاڻيءَ /ناول جي شروعات انجام کان ٿو ڪري يا آغاز کان، يا وري وچ مان؟ جيڪڏهن ڪهاڻي جو آغاز انجام کان ڪيو ويندو تہ آخر ۾ فڪري تسلسل مشڪل رهندو، پر ڪي ڪهاڻيڪار آخر کان شروعات ڪري فليش بيڪ ذريعي آغاز کي ظاهر ڪندا آهن تہ ڪي وچ مان ڪهاڻي شروع ڪري انجام طرف وڌندا آهن.

**آفاقيت** (Universality):

هي هڪ نظريو آهي جنهن موجب زندگيءَ ۾ اهڙن مقصدن جي حصول لاءِ ڪوشش ڪجي، جن سان انسانيت جي ڀلائي ۽ فلاح ٿئي. 21 صديءَ کان هي نظريو تمام تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. ادبي حوالي سان آفاقيت جي معنيٰ آهي تہ ڪنهن اديب يا ادبي فنپاري جي اها خوبي، جيڪا هر دؤر ۾ هر ملڪ جي ماڻهن کي متاثر ۽ محظوظ ڪرڻ جي صلاحيت رکي. زمان ۽ مڪان جي قيد کان آزاد فن يا فنڪار آفاقي هوندو آهي. جيئن: شاهہ لطيف آفاقي شاعر آهي ۽ 'شاهہ جو رسالو' آفاقي شاعريءَ جو ڪتاب آهي. اهڙيءَ ريت شيڪسپيئر جا ڊراما، سعديءَ جو "گلستان" ۽ "بوستان"، ڪاليداس جو "شڪنتلا" وغيره جيڪي ڪنهن خاص هنڌ ۽ دؤر ۾ ڇپيا يا لکيا ويا مگر دنيا جي هر خطي لاءِ انهن جي فني ۽ فڪري افاديت هڪجهڙي آهي. اهي آفاقي لکڻيون هونديون آهن.

**آکاڻي**(Tale):

"آکاڻي" جي معنيٰ آهي "ڳالهہ". آکاڻيءَ کي هندي ٻوليءَ ۾ "ڪهاني"، عربيءَ ۾ "قصہ"، فارسيءَ ۾ "داستان" ۽ سنڌيءَ ۾ "ڳالهہ" چوندا آهن.

**آنند صاحب**(Anand Sahab):

سکن جي هڪ مذهبي ڪتاب جو نالو.

**آوازي لکت** (Phonetic writing):

هن لکت جي سرشتي مان علامتي نشانيون ڪنهن شيءِ جو اظهار نہ ڪنديون آهن، پر اهي ڳالهايل ٻوليءَ جي آوازن جي لکت ۾ ترجماني ڪنديون آهن.

**آيت/آيتون** (Verses):

"آيت" قران شريف جي هڪ جملي يا فقري کي چئبو آهي. آيت لفظ جي لغوي معنيٰ آهي 'نشاني'. ڪلاسيڪي سنڌي شاعرن قران شريف جون آيتون تضمين طور شاعريءَ ۾ ڪم آنديون آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ شاهہ لطيف پنهنجن بيتن کي آيتون سڏيو آهي.

"جي تون بيت ڀانئيين، سي آيتون آهين!

شيخ اياز، شاعرن جي سرتاج شاهہ لطيف کي مخاطب ٿي چيو آهي:

مون وٽ آهن بيت، تو وٽ مڙئي آيتون!

**ا ـ ب** (Alphabet):

الف ـ ب کي انگريزيءَ ۾ 'الفابيٽ' يا 'آئيويٽا' چيو ويندو آهي. الف ـ ب انهن اکرن کي چئبو آهي، جيڪي هر زبان ۾ مختلف تعداد ۾ گهٽ يا وڌيڪ هوندا آهن. اها لکت وارين نشانين جي اها ترتيب آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي ڌار ڌار آوازن کي لکت رستي ڏيکاريو وڃي. انگريزيءَ ۾ 26، سنڌيءَ ۾ 52، عربيءَ ۾ 28 ۽ اردوءَ ۾ 37 شڪلين/نشانين تي مشتمل آهي. انهن شڪلين/نشانين کي اکر/حرف (letter) چئبو آهي. اهڙي طرح هر هڪ شڪل/نشانيءَ جي هڪ اڪيلي آواز کي اکر يا حرف سڏيو آهي. سنڌي الف ب جي ترتيب هن ريت آهي:

ا ب ٻ ڀ ت ٿ ٽ ٺ ث پ ڦ ج ڄ جهہ ڃ چ ڇ ح خ د ڌ ڏ ڊ ڍ ر ڙ ز س ش

ص ض ط ظ ع غ ف ق ڪ ک گ ڳ گهہ ڱ ل م ن ڻ و ھ ء ي

**ابجد** (Abjad):

ڳاڻيٽي جي ترتيب موجب عربي الف ب مان ٺهيل اٺن لفظن کي 'ابجد' چيو وڃي ٿو. اهي اٺ لفظ ۽ انهن جا ملهہ هن ريت آهن: ابجد: ا = 1 + ب = 2 + ج = 3 + د = 4؛ هوز: ه = 5 + و = 6 + ز = 7؛ حطي: ح = 8 + ط = 9 + ي = 10؛ ڪلمن: ڪ = 20 + ل = 30 + م = 40 + ن = 50؛ سعفص: س = 60 + ع = 70 + ف = 80 + ص = 90؛ قرشت: ق = 100 + ر = 200 + ش = 300 + ت = 400؛ ثخذ: ث = 500 + خ = 600 + ذ = 700؛ ضظغ: ض = 800 + ظ = 900 غ = 1000)

**ابد** (Eternal)

ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندڙ حياتي، ابدي حياتي، مذهبي طور موت کان وءِ واري زندگي. ابد اهو دؤر هوندو جنهن ۾ وقت ختم ٿي ويندو. زندگي امر هوندي. ابد، مذهب کان سواءِ اخلاقي ادب جو بہ خاص موضوع رهيو آهي.

**ابدي محبت** (Eternal Love):

شروعات کان وٺي پڇاڙيءَ تائين قائم رهندڙ محبت، فنا نہ ٿيندڙ محبت. ڪنهن مرد جي عورت سان يا عورت جي مرد سان دائمي محبت جي فلاسافي، سچي عشق تي مبني. ادبي دنيا ۾ محبت وڏو مقام رکندي آهي. صوفين وٽ اها محبت "عشق حقيقي" سڏجي ٿي.

**ابهام** (Vagueness):

مڪمل مطلب سمجهائڻ کان قاصر ڳالهہ کي ادبي اصطلاح ۾ "ابهام" چيو ويندو آهي. شاعر يا اديب ڪا خاص ڳالهہ پهچائڻ لاءِ مبهم لفظن جو استعمال ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن شعر يا عبارت مان پڙهندڙ يا پڙهندڙ فوري ڪا معنيٰ يا مفهوم حاصل نہ ڪري سگهي تہ چئبو ان ۾ "ابهام" آهي. مطلب خيالن ۽ لفظن جي ادائگيءَ يا مضمون ۾ ڪا پيچيدگي يا فنڪارانہ مبالغو شامل هجي يا ڪو اديب يا شاعر بہ ڳالهہ کي اڌ لڪل يا مبهم رکندو هجي تہ ان کي "ابهام" چئبو آهي.

**اڀياس** (Study):

اڀياس جو مفهوم "مطالعو" آهي. اهو ڪنهن بہ موضوع، مضمون جو تفصيلي مطالعو ڪرڻ آهي. ادب جو اڀياس وڏي اهميت رکي ٿو. اهو اڀياس تخليقي، تنقيدي، تحقيقي ۽ تاريخي ٿي سگهي ٿو.

**اتباع** (Attba'a):

ڪنهن همعصر يا ڪنهن اسلوب، طرز فڪر ۽ احساس جي پيروي ڪرڻ کي 'اتباع' يا 'تقليد' چئبو آهي. شاعري ۾ ڪنهن شاعر جي اسلوب يا خيالن جي تتبع کي 'اتباع' چئبو آهي. مثال طور: ڪيترن ئي جديد شاعرن شيخ اياز جو تتبع ڪيو آهي.

**اترادي لهجو**(Upper Sindh Dialect):

سنڌي ٻوليءَ جي 'سري' (اتر) واري لهجي کي 'اترادي لهجو' چئبو آهي. سنڌ جو اتر وارو پاسو سنڌو نديءَ جي اپرندي حصي ۾ خيرپور کان اوڀاڙي تعلقي جي آخري حد تائين ۽ سيوهڻ/دادو کان لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ضلعن جي آخر تائين آهي، جنهن کي 'سرو' سڏجي ٿو ۽ اتان جي ٻوليءَ جو لهجو، لسانيات جي ماهرن 'اترادي لهجو' يا 'سريلي' لهجو سڏيو آهي. هن لهجي ۾ ڪي اچار ۽ گرامر جون خاص ڳالهيون ٻين لهجن کان منفرد آهن. هن لهجي تي سرس دنگئي زبانن بلوچي ۽ سرائڪي زبانن جو اثر پيل آهي. هن لهجي ۾ معياري لهجي کان جيڪي ڳالهيون مختلف آهن انهن ۾ ضمير متڪلم لاءِ 'مان' جو استعمال. لفظ جي فاعلي مفعولي، جري ۽ ٻين حالتن ۾ ساڳيو رهندو آهي. زبر وارن مونث اسمن کي جمع ڪرڻ وقت 'آن' پڇاڙي لڳائي ويندي آهي. جيئن ڪٽ_ ڪٽان وغيره.

**اتساهه** (Inspiration):

تخليقي تحرڪ ٻن قسمن جا ٿين ٿا: هڪ ته ليکڪ ڪنهن ٻئي کان متاثر ٿي لکي، ٻيو ڪيس اهڙو اتساهه پنهنجي اندر مان ملي. ٻين ليکڪن مان اتساهه وٺڻ جو وڏو مثال موجوده دؤر ۾ شيخ اياز آهي، جنهن کان ڪيترا نوان شاعر متاثر ٿي ساڳئي انداز ۾ شاعري ڪرڻ لڳا. شيخ اياز تي وري ڪشنچند بيوس ۽ شاهه لطيف جو اثر هو. سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪيترن ڪهاڻيڪارن امرجليل ۽ جمال ابڙي جو اثر قبوليو يا انهن جي تحرير مان اتساهه ورتو آهي. تخليقي قوت، اتساهه ۽ ذات تي منحصر آهي.

**اتهاس** (History):

تاريخ. اتهاس جو مطلب تاريخ يا اڳين واقعن جو احوال يا قديم سورمن جون ڪهاڻيون آهي، جيئن مهاڀارت، رامائڻ ۾ موجود واقعا وغيره.

**اٺ سٽا**(Triolet):

قديم فارسي نظم 'مثمن' (اٺن سٽن) تي مشتمل هوندو هو. جنهن جي تتبع ۾ روايتي سنڌي شاعرن 'مثمن' نظم لکيا. جيڪي علم عروض جي بحر وزنن تي آڌاريل هئا. جديد شاعرن اٺ سٽي ۾ هيئتي نواڻ آندي آهي. جديد

’اٺ سٽا‘ عروض توڙي ڇند تي لکيا وڃن ٿا. مغربي شعري صنف ترائيل (Triolet) کي سنڌيءَ ۾ جيئن جو تيئن متعارف ڪرايو ويو آهي، جنهن ۾ به اٺ سٽون آهن. پر ان ڏس ۾ ٽن سٽن جي ورجاءَ سبب ان کي ترائيل سڏيو ويو آهي. اٺ سٽا ترائيل کان مختلف آهن.

**اثباتيت** (Positivisim):

اهڙي تحريڪ، جنهن جو مقصد مابعد الطبعيات (Metaphysics) ختم ڪرڻ آهي. هيءَ فلسفيانہ تحريڪ قديم فلسفيانہ ۽ مذهبي مسئلن ۽ قدرن کي فضول ۽ بي معنيٰ قرار ڏئي ٿي. ان جو اصل بانيڪار اگسٽڪومٽي (1798 — 1857ع) آهي. هن مڪتب فڪر وارن جو خيال آهي تہ:

"Truth is objective, knowable, separate from human thought"

(سچ خارجي شيءِ آهي، جنهن کي ڄاڻي سگهجي ٿو ۽ اهو انسان جي سوچ کان ڌار حيثيت رکندڙ آهي.) يعني سچو علم ٻاهرين شين جي مشاهدن ۽ تجربن مان ڄاڻي سگهجي ٿو. ان ۾ انسان جي سوچ، فڪر يا وجدان کي ڪوبہ دخل نہ آهي.

**اثباتيت پڄاڻان** (Post-Positivism):

’اثباتيت پڄاڻان‘ (Post-Positivism) وارو نظريو سائنسي ۽ مقداري تحقيق کي رد ڪري ٿو. ڊونالڊ ڪيمبل جو چوڻ آهي تہ: "All research has a qualitative granting"

هن علم جي تحقيق وارن جو چوڻ آهي تہ هر تحقيق ۽ آسپاس ۾ داخليت موجود آهي جنهن کي قبول ڪيو وڃي، ڇو تہ ’خالص خارجيت‘ نالي ڪابہ شيءِ نہ ٿيندي آهي.

**اپ ڀاشا** (Dialect):

مکيہ ٻوليءَ جي شاخ، ننڍي ٻولي، لهجو. مثال طور ٿري، ڪوهستاني، لاڙي، ڪڇي، سرائيلي سنڌي ٻوليءَ جون اپ ڀاشائون آهن.

**اپ ڀرنش** (Apbhransha):

ٻوليءَ جي معيار کان گهٽ ٻوليءَ کي لساني ماهرن ’اپ ڀرنش‘ سڏيو آهي. انهن جو چوڻ هو تہ: ’ٻين لفظن ۾ ڪريل يا بگڙيل ٻولي‘ پراڪرت ٻولين مان بگڙيل

ٻوليءَ يا ٻوليون 'اپيرنش' آهن. انهن هڪ عرصي تائين سنڌي ۽ اردو ٻولين کي وراچڊ اپ ڀرنش مان نڪتل ڄاڻايو آهي، جيڪو نظريو اڄڪلهه رد ٿي چڪو آهي.

**اپنشد** (Upnishad):

ڪنهن جي ويجهو ويهڻ. پراڻي زماني ۾ هندو ڌرم جا ذهين شاگرد جڏهن استاد جي ويجهو وڃي ويهندا هئا تہ استاد سندن سامهون زندگيءَ جو فلسفو بيان ڪندا هئا. ۽ ڪين ڪائنات جي اسرارن کان واقف ڪرائيندا هئا. بعد ۾ انهن سکيائن کي ڪتابي شڪل ڏني وئي ۽ اهي ڪتاب اپنشد جي نالي سان مشهور ٿي ويا. اپنشد جو بنيادي موضوع روح، خدا ۽ فطرت آهي.

**اپويد** (Upved):

ثانوي علم. چئن ويدن جا ضميما. پراڻ ويدن جي ضميمن کي 'اپ ويد' چيو ويندو آهي.

**اجتماعيت** (Collectivism):

اشتراڪيت جي اصول مطابق زمين، سرمائي، دولت ۽ پيداوار جي ٻين ذريعن کي قومي ملڪيت بنائڻ جو نظريو. هي ملڪيت جو نظريو، رياستي، صوبائي يا بلدياتي سطح تي ٿي سگهي ٿو. هن اصطلاح کي پهريون ڀيرو روسي انقلابي يونين استعمال ڪيو. 1880ع ۾ هادري (فرانس) جي مقام تي هڪ ڪانگريسي اجتماع جو پروگرام رکيو ويو ۽ مطالبو ڪيو ويو تہ پيدائش، دولت جي سموري پيداوار ۽ وسيلن کي رياست جي ملڪيت قرار ڏنو وڃي تہ جيئن ماڻهن کي پنهنجي اجتماعي محنت جو ڦل ملي. 'اجتماعيت' کي 'اشتراڪيت' جي هم معنيٰ بہ سمجهيو ويو آهي. هارين جو هڪ ٽولو ملي پنهنجي زمين ۾ گڏيل طور ڪاشتڪاري ڪندو آهي، زراعت جا اوزار ۽ مال متاع بہ گڏيل هوندو آهي. رڳو رهڻ لاءِ جڳهہ ۽ پالتو جانور سندن ذاتي ملڪيت هوندا آهن. زراعت جي منافعي ۾ سندن ڪمن . محنت جي نوعيت ۽ تناسب کي مد نظر رکي هر ڪنهن کي حصو ڏنو ويندوآهي.1929ع ۾ اسٽالن هن نظام کي روس ۾ رائج ڪيو ۽ 1955ع کان ان کي اجتماعي زراعت جو رواج ڏنو ويو.

**اجتماعي تنقيد** (Collective Criticism):

تنقيد جو هي قسم "ادب برائي ادب" جي نقطہ نظر جي تابع آهي، هن قسم جي تنقيد سان لاڳاپيل نقاد، ادب ۽ سماج جي لاڳاپن جو ڇيد ڪندا ۽ ان کي

ڏسڻ جي ڪوشش ڪندا آهن تہ سماج علم ادب تي ڪيتري قدر اثر انداز ٿيو آهي ۽ علم ادب سماج تي ڪهڙا مثبت اثر ڇڏيا آهن. ان ڪان سواءِ اهو اندازو پڻ لڳائي سگهبو آهي تہ اهي ڪهڙيون مجبوريون آهن، جن جي ڪري علم ادب، فقط ۽ فقط سماج جي ترجمانيءَ جي حيثيت تائين محدود ٿي ويو آهي.

**اچار** (Pronuncation):

هر ٻوليءَ جي لفظن جا پنهنجا مخصوص اچار هوندا آهن، جن جو تعلق وينجن توڙي سر وارن آوازن (vowels) جي ادائگيءَ سان هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن آوازن جا اچار غير سنڌي نہ ڪڍي سگهندا آهن، جيئن ڏ، ڳ، ڄ، ڃ وغيره. ساڳيءَ ريت عام سنڌي ماڻهو عربيءَ جي ض، ظ، ذ، ص، ث وغيره جا اچار درست طور ادا نہ ڪري سگهندو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي ادائگيءَ وقت ڪيترا ماڻهو اعرابن جو گهڻ استعمال ڪندا آهن ۽ لفظن جي وچ ۾ يا آخر ۾ اکرن کي ساڪن ڪري ويندا آهن. مثلاً "سَڏَ" کي "سَڏّ" چوندا يا "هڻ" کي "هُڻّ" وغيره. خاص ڪري اردو ۽ سرائيڪي ڳالهائيندڙ اعرابن ۽ 'ءَ' (همزي) جو گهڻ استعمال ڪندا آهن. اهي سنڌيءَ جا اچار آهن، جن جي ادائگي خاص نمونی ٿئي ٿي.

**احد** (Only One):

احد: خدا جو نالو. سنڌي شاعريءَ ۾ 12 صديءَ دوران "انا احمد بالله ميمي" جو اصطلاح مشهور ٿيو. "احد" جو هتي مطلب آهي 'هڪ'. لفظ "احمد" مان "م" ڪڍڻ سان "احد" ٿهي پوندو آهي. احمد نبي سڳوري جو نالو آهي سندن الله سان نسبت جي حوالي سان اهو نڪتو بيان ڪيو وڃي ٿو. صوفين وٽ "احد احمد پاڻ ۾، وچان "ميم" فرق" (شاهہ) وارو تصور وحدت الوجود جو نڪتو آهي.

**احديت** (Monism):

اهڙو نظريو، جنهن مطابق ڪائنات هڪ جوهر مان وجود ۾ آئي آهي. جديد دور ۾ هن نقطي نظر جا ڪيترائي حامي آهن. ان نظرئي جي مڃيندڙن کي احديت پسند (Monist) چيو ويندو آهي.

**احساس** (Emotions):

رومانوي شاعريءَ جي بنيادي جزن ۾ تخيل ۽ احساسن کي وڏي حيثيت حاصل رهي آهي. شاعر پنهنجن احساسن کي شاعريءَ جو روپ ڏئي ٿو. ٻئي

طرف وري ادب پڙهڻ، شاعري ۽ موسيقي ٻڌڻ سان فوري طور طبيعت ۾ جيڪا ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي، ان کي بہ احساس چئبو آهي. مثال طور 'الميہ' ڊرامي سان خوف ۽ رحم جا احساس پيدا ٿيندا آهن. مزاحيہ ڊرامي مان خوشي ۽ تسڪين جو احساس ٿيندو آهي ۽ شاعري روح جي غذا ٿي پوندي آهي.

**احساس برتري** (Superiority Complex):

نفسيات جي اصطلاح موجب، احساس برتري هڪ اهڙو احساس آهي، جنهن ۾ هڪ شخص سمجهندو آهي تہ هو سڀني کان بهتر آهي، پر نفسيات جي ماهرن جو خيال آهي تہ اهو احساس اصل ۾ احساس ڪمتريءَ کي لڪائڻ لاءِ اختيار ڪيل رويي مان جنم وٺندو آهي. هن احساس جو اثر اديبن ۽ ليکڪن ۽ نفسياتي بنيادن تي لکيل سندن لکڻين تي بہ ٿيندو آهي.

**احساس ڪمتري** (Inferiority Complex):

احساس ڪمتري رکندڙ شخص سوچيندو آهي تہ هو سڀني کان ڪمتر ۽ گهٽ آهي. جنهن ڪري هو پاڻ مان اعتماد وڃائي ويهندو آهي. احساس ڪمتري، ناول، افسانن ۽ ڊرامن ۾ ڪردارن جي احساسي ڪيفيت جي بنيادن تي پرکي ويندي آهي.

**احساسيت** (Sensuousness):

شاعريءَ ۾ رنگن، خوشبوئن، آوازن، ذائقن جي لذت ۽ ان مان اهڙا مادي احساس پيدا ٿيڻ، جو پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ تي جمالياتي اثر پوي. احساسيت جو تاثر انهن رومانوي شاعرن ۾ ايندو آهي، جيڪي فطرت کي چٽيندا آهن. احساسي اثر انگريزي رومانوي شاعر جان ڪيٽس (1795ـ1821ع) جي شاعريءَ جي اهم خوبي هوندي هئي.

**اخبار** (Newspaper):

اخبار عربي لفظ "خبر" جو جمع آهي، جڏهن تہ لفظ 'اخبار' سنڌيءَ ۾ عدد واحد طور ڪم ايندو آهي. انگريزيءَ ۾ خبر لاءِ لفظ NEWS استعمال ٿئي ٿو جيڪو مختلف ڏسائن North, East, West & South جا ابتدائي اکر ڪٽي ناهيو ويو آهي. خبرون ريڊيو، ٽي. ويءَ ۽ اخبار ذريعي ماڻهن تائين پهچن ٿيون. لفظ اخبار جي اصطلاحي معنيٰ اهڙا ورق يا پنا، جن تي خبرون، ايڊيٽوريل، مضمون ۽

ڪالم وغيره ڇپيل هجن. پراڻي زماني ۾ جڏهن اخبار جو ذريعو نہ هو، تہ خبرون، دهل وڄائي، ماڻهن کي گڏ ڪري ٻڌايون وينديون هيون.

دنيا جي پهرين قلمي اخبار اٺين-صدي عيسويءَ ڌاري، چين ملڪ جي شهر بيجنگ مان جاري ٿي. ان کان پوءِ اخبار جا نوان طريقا ايجاد ٿيندا ويا. پندرهين ۽ سورهين صدي عيسويءَ ۾، يورپ ۾ اخبار ڇپڻ لاءِ ڇاپخانا ايجاد ٿيا. اوڻيهين صديءَ ۾ اخبار جديد روپ سان اڳيان آئي. ويهين صديءَ ۾، اخبارن ۾ تصويرون ۽ مورتون ڇپجڻ لڳيون. جديد دؤر ۾ اخبارون ڪمپيوٽر وسيلي نڪرن ٿيون. ۽ هاڻي تہ انٽرنيٽ تي پڻ اخبارون موجود آهن، يعني ڪاغذ کان سواءِ اخبارون جاري ٿيڻ لڳيون آهن. بهرحال مختلف ملڪن مان مختلف ٻولين ۾ روزانيون ۽ هفتيوار اخبارون، هزارن جي تعداد ۾ ڇپجن ٿيون. سنڌي زبان ۾ ڪاوش، عبرت، سچ، ايڪسپريس، هلال پاڪستان، جيجل ۽ ٻيون ڪيتريون اخبارون نڪرن ٿيون.

**اختصار** (Brevity):

اختصار جي معنيٰ آهي ننڍو يا مختصر هئڻ. ڪنهن بہ ڳالھ، ليک وغيره کي ننڍو ڪرڻ کي بہ اختصار چئبو آهي. ننڍي ڪيل تحرير کي (summery) پڻ چئبو آهي. افساني کي ناول کان الڳ ڪرڻ واري خاص خوبي آهي "اختصار". اخبارن ۾، خبرن جي مختصر نويسي هڪ اهم خوبي شمار ٿيندي آهي.

**اخلاقيات** (Ethics):

لفظ Ethic جو ماخذ "Ethos" آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ڪردار'، 'فطرت' يا 'سڀاءُ' ڪجھ ماهرن اخلاقيات کي انساني روين، عادتن ۽ ڪردار جو علم قرار ڏنو آهي. اخلاقيات انساني عادتن ۽ ڪردارن جو تجزيو ڪندي آهي ۽ ان جي معنويت تي بحث ڪندي آهي. اخلاقيات، هونئن تہ دنيا جي هر مذهب جو موضوع آهي، پر ادب ۾ ان جي خاص اهميت آهي. ميٿيو آرنالڊ ۽ ٻين نقادن موجب ادب جو بنيادي ڪم آهي ٿي اخلاقيات سيکارڻ.

**اخلاقي تنقيد** (Ethical Criticism):

هن تنقيدي نظريي جو موجد مشهور انگريز نقاد جان رسڪن (1819_1900ع John Ruskin) کي ڄاتو وڃي ٿو. جنهن جو چوڻ آهي تہ ادب جو مول مقصد اهو هئڻ گهرجي تہ اهو پڙهندڙن جو اخلاق بهتر ڪري، اها تنقيد، جيڪا اڄ ڪلھ ترقي پسند

اديبن ۽ شاعرن تي ڪئي وجي ٿي، جنهن ۾ رائج الوقت متن ۽ مذهبي توڙي تهذيبي روايتن جي حامل هئڻ يا نه هجڻ جي تصديق هجي ان قسم جي تنقيد کي اخلاقي تنقيد سڏيو وڃي ٿو.

**اخلاقي ڊراما** (Moral Plays):

انگريزي ڊرامي جي اوسر ۾ معجزاتي ڊرامن کان پوءِ 'اخلاقي ڊراما' وڏي اهميت رکن ٿا. هن قسم جا ڊراما مذهبي ۽ اخلاقي قدرن سان سرشار هوندا هئا. هن قسم جي ڊرامن 15 ۽ 16ع صديءَ ۾ سڄي يورپ ۾ وڏي مقبوليت حاصل ڪئي، جن ۾ ازل کان انسان جي پنهنجي نفس سان جنگ کي موضوع بڻايو ويندو هو. ان کان سواءِ نيڪيءَ ۽ بديءَ جي وچ ۾ جنگ به هن قسم جي ڊرامن جو خاص موضوع هوندو هو. هي ڊراما جيتوڻيڪ مذهبي نوعيت جا هوندا هئا، ان سان گڏ انهن ۾ نصحيت به هوندي هئي ۽ تعليمي خيالن، سياسي ۽ سماجي مسئلن ۽ بدعتن تي طنز به شامل هوندي هئي. اخلاقي ڊرامن انگلينڊ ۾ ان وقت وڌيڪ شهرت حاصل ڪئي، جڏهن ڊرامن ۾ مذهبي پرچار کان وڌيڪ 'اخلاقيات' (Morality) تي زور ڏنو ويو.

**اخلاقي مثنوي** (Moral Masnavi):

هن قسم جي مثنويءَ ۾ ماضيءَ جي عظيم ۽ بلند ڪردار شخصيتن جي ڪارڪردگي ۽ اخلاقي بلندي بيان ڪندي آهي. سنڌيءَ ۾ هن قسم جي مثنوين ۾ "مثنوي محمدي"، "سنڌ جو شاهنامو"، مثنوي "يوسف ـ زليخا" وغيره اهم آهن.

**اخلاقي ناول** (Novel of Morality):

هي اصلاحي ناول ٿيندا آهن. هن قسم جي ناولن ۾ ناول نگار ڪردارن ذريعي اخلاق جو پرچار ڪندو آهي ۽ بداخلاقيءَ کي ننديندو آهي. سنڌي ادب ۾ مرزا قليچ بيگ اخلاقي ناول لکيا آهن.

**اداڪار** (Actor):

ڊرامي يا فلم ۾ ڪردار ادا ڪندڙ هر شخص کي 'اداڪار' سڏيو ويندو آهي. اهو ڊرامي جي ڪهاڻيءَ ۾ پنهنجي حيثيت. آهر عمل ۽ گفتگو ڪري پنهنجو اختيار ڪيل ڪردار ادا ڪندو آهي.

**ادب** (Literature):

"ادب" پنهنجي وجود ۾ وسيع معنيٰ ۽ مفهوم رکي ٿو. 'ادب' لفظ جي اوسر جڏهن سر زمين عرب ۾ ٿي، تڏهن يورپ وارن ان جو مفهوم Enlightened Literature يا 'Polite Literature' ڪري ورتو. جنهن مان اهو علم يا تحرير ظاهر ٿي ٿيي، جيڪا، لطافت ۽ عملي زيب ۽ زينت ڏانهن اشارو ڪري ۽ انهن قدرن جي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪري بين لفظن ۾ ائين چئجي ته اها تحرير يا تخليق، جيڪا انساني طبيعت ۾ لطف، سڪون يا سرور پيدا ڪري.

انسائيڪلو پيڊيا برٽينيڪا مطابق "لٽريچر (Literature) هڪ عام لفظ آهي، جيڪو اهو مفهوم ڏئي ٿو ته خيال جو اظهار جيڪو تحرير هيٺ اچي سو لٽريچر آهي، اها لکت، جنهن ۾ زيب، زينت، حسن ۽ رعنائي هجي، ادب، لطافت ۽ زندگيءَ جي گوناگون حقيقتن جي ترجماني ڪري ۽ انهن خوبين جي حاصل ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي، " ادب جو بنيادي ڪم جمالياتي خوشي ڏيڻ آهي. ادب ۾ نثر توڙي شاعريءَ جون سڀ صنفون اچي وڃن ٿيون، جهڙوڪ: ڊراما، ڪهاڻيون، ناول تنقيد، آتم ڪهاڻيون، سوانح عمريون، سفرناما، نظم، غزل، وايون، بيت، دوها وغيره وغيره.

**ادب برائي ادب** (Art for Art's sake):

'ادب برائي ادب' جي نظريي وارن جي نظر ۾ "هر ادبي تخليق شروع کان پڄاڻيءَ تائين هڪ شهپاري جي حيثيت رکندڙ هجي. ان جي حسن واري خوبي ئي سڀ ڪجهه آهي ۽ ان جو ڪارائتو هئڻ يا نه هئڻ يا ان سان ڪنهن مقصد جو حاصل ڪرڻ معنيٰ ڪو نه ٿو رکي. قدامت پسند لاڏي سان تعلق رکندڙ "ادب براءِ ادب" وارن جو خيال هو ته ادب، آرٽ جو هڪ اهڙو نمونو آهي، جنهن ۾ حسن، محبت ۽ گل و بلبل يا جمالياتي حِس (Aesthetic sense) کي ڇهندڙ بين اهڙين شين کي موضوع بڻائي شاعريءَ ۽ نثر ۾ آڻجي ۽ جيڪو خالص ادب هجي. انقلابي ۽ مزاحمتي ادب کي اهي ادب نه پر پروپيگنڊا سمجهندا آهن.

**ادب برائي تعمير زندگي** (Art for Reforming Life):

ادب برائي تعمير زندگيءَ جو مقصد اهو آهي ته ادب اهو تخليق ڪيو وڃي، جيڪو زندگيءَ جي تعمير لاءِ اتساهي يا ڪم اچي ۽ زندگيءَ جي تخريبي رخن کي نه ڇيڙي.

**ادب برائي زندگي**(Art for life):

ادب برائي زندگيءَ جو مقصد اهو آهي تہ انساني زندگي جيئن آهي ، جهڙي آهي، ان جي هو بهو تصوير چٽي وڃي. جيئن ان جو ڪو بہ پاسو يا پهلو اڻ ڇهيو رهجي نہ وڃي.ادب زندگيءَ جو ترجمان آهي. ادب نہ فقط زندگيءَ جي ترجماني ڪري ٿو، پر ان تي تنقيد بہ ڪري ٿو. زندگيءَ جي سمجهاڻي بہ ڏئي ٿو ۽ ان جو تفسير پڻ پڌائي ٿو. ادب ۾ بهتر خيال ۽ روز مره جي بهتر زبان استعمال ٿئي ٿي.

ادب زندگيءَ جي پيداوار آهي ۽ زندگيءَ جي تصوير چٽي ٿو. ان ڪري ان ۾ افاديت جو هئڻ لازمي آهي. ڇاڪاڻ تہ اديب جيڪي جذبا آشڪار ڪري ٿو سي ان ماحول سان رکن ٿا ۽ شعوري آهن ۽ خارجي سببن جي ڪري آهن. ”ادب براءِ زندگيءَ “ وارن جو اهو بہ خيال آهي تہ جيستائين عوامي مسئلن جو ذڪر نہ ڪبو، خلقت خدا کي اهميت نہ ڏبي، انقلابي ۽ مزاحمتي ادب نہ لکبو، تيستائين اهو ادب نہ رهندو. باقي جيڪي اديب صرف گل ۽ بلبل، محبت ۽ حسن کي موضوع بڻائي لکن ٿا، اهو ادب نہ آهي، پر ذهني عياشي آهي، ۽ اهڙي ادب جو ڪو ڪارج نہ آهي.

**ادب جو سماجي ڪارج**(Social function of literature):

ادب جي تاريخ مان معلوم ٿئي ٿو تہ ادب جي سماجي ڪارج سماجي عڪاسيءَ تائين ارتقائي سفر ڪيو آهي، مثال طور هڪ وقت اهڙو هو، جڏهن ديوين ۽ ديوتائن جي خوشنودي حاصل ڪرڻ لاءِ گيتن، ڊرامن ۽ نظمن جي تخليق ٿيندي هئي، جنهن جو وڏو مقصد اهو هوندو هو تہ ديوتائن جي اطاعت جو جذبو اڀارجي ۽ سندن خوشنودي حاصل ڪجي. اڳتي هلي جڳ مشهور فلاسفر افلاطون (427_437 ق_م) ادب جو سماجي ڪارج بيان ڪندي چيو تہ ”ادب اهو آهي، جنهن مان اخلاق ۽ صداقت جي واڌ ويجهہ ٿئي“. لوڪ ڪهاڻين تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي تہ جانورن، پکين ۽ ديون جي ڪهاڻين کان وٺي بادشاهن، راڻين، پرين، شهزادين، سورمن وغيره جي عشقيہ داستانن مان ڪو نہ ڪو اخلاقي درس ملي ٿو. چڱي ۽ بري جي تميز چڱائيءَ جي سوڀ، مقصد ماڻڻ لاءِ انساني جاکوڙ، تڪليفون، ڏک ڏاکڙا، مظلوم جي داد رسي، ظالم سان

جنگ، اهي سڀ ڳالهيون ظاهر ڪن ٿيون ته اوائلي ادب جا خالق پنهنجي ماحول تي نظر رکندا هئا. اڳتي هلي چيو ويو ته 'ادب زندگيءَ جو عڪس' آهي.

ادب، زندگيءَ جي مقصد کان هٽي پنهنجي منزل تلاش ڪري نٿو سگهي. ڇاڪاڻ ته مقصد ۽ زندگي ادب جو ساٿ ڏين ٿا. زندگيءَ جي رفتار ۽ رواني ادب کي مجبور ڪري ٿي ته هو ان جو ساٿ ڏئي ۽ ان سان گڏ هلي. ادب سماج مان پيدا ٿئي ٿو ۽ سماج جي عڪاسي ڪري ٿو. ان ڪري ان جو اثر به وري سماج تي پوي ٿو ان ڪري ضروري آهي ته ادب سماج تي مثبت اثر وجهي ۽ ان جي ترقي ۽ ڀلائيءَ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿئي. اهوئي ادب جو سماجي ڪارج آهي

**ادب ۽ شخصيت** (Literature and Personality):

هڪ ليکڪ زندگيءَ جي مختلف رخن مان پنهنجي لکڻين جا موضوع کڻي ٿو. ان ۾ سماجي مسئلا، معاشي مسئلا، تاريخي ۽ تهذيبي مسئلا، مذهبي معاملا، غم، خوشيون، ريتون ۽ رسمون وغيره شامل آهن. ليکڪ جو جيڪو نظريو هوندو آهي، ان موجب هو پنهجي خيالن جو اظهارڪندو آهي، ان ڪري سندس لکڻيءَ مان سندس زندگيءَ جي جهلڪ به نظر ايندي آهي. جيتري ليکڪ جي شخصيت مهان هوندي، سندس لکت ۾ گهرائي به اوتري گهڻي هوندي. مثال طور شاهه لطيف جي شاعريءَ تي نظر وجهجي ٿي ته ان جي سٽ سٽ ۾ سندس شخصيت جي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

**ادب لطيف:**

نثر ۾ لکيل اهڙو ادب جيڪو پنهنجي ٻوليءَ جي سونهن شاعراڻي انداز ۽ لطيف پيرايي ۾ خوبصورت ڪنئرن احساسن جو اظهار ڪري.

**ادبي اوطاق** (Literary Guest House):

اوطاق، سنڌ جي ٻهراڙي ۾ مهمانن جي ويهڻ، رهڻ جي جاءِ هوندي آهي. پر اهڙي ڪنهن هنڌ تي اديبن جي گڏجاڻين، مشاعرن ۽ ويهڪن جي مرڪز کي ادبي اوطاق سڏيو ويندو آهي. خاص طور تي ادب پرور ماڻهو پنهنجي اوطاقن ۽ اڱڻن ۾ لوڪ ادب ۽ ادب جون محفلون سجائيندا آهن.

**ادبي ٻولي** (Literary Language):

ادبي ٻولي اها چئبي، جنهن جي حرفن ۽ لفظن جا آواز رواجي آوازن جهڙا نه هجن. بلڪ سهڻا، سريلا ۽ سوادي هجن. ادبي زبان ۾ اصطلاح، محاورا،

تشبيهون، ڪنايا، مثال ۽ پهاڪا گهڻا هوندا آهن. انهيءَ ڪري منجهس فصاحت ۽ بلاغت جون خوبيون جججهيون هونديون آهن. ادبي زبان ۾ هڪ معنيٰ لاءِ گهڻا لفظ ۽ هڪ لفظ جون گهڻيون معنائون هونديون آهن. دنيا جي هر ڪنهن شيءِ جا نالا ۽ هر هڪ معنيٰ جا لفظ ادبي زبان ۾ لڀندا آهن. هم قافيه، تجنيس ۽ لفظي اظهار حرفيءَ وارا لفظ ادبي زبان جي خاص خوبي هوندا آهن. ادبي ٻولي، ڌارين ٻولين مان ڪيترا لفظ پاڻ وٽ آڻي پنهنجا بنائي ڇڏيندي آهي. ادبي زبان ۾ صرف نحو جا قاعدا ۽ قانون قدرت طرفان موجود هوندا آهن. سنڌي ۽ ادبي زبان ۾ "علم بديع و بيان" ۽ "علم معانيءَ" جو خزانو خوب ڀريل هوندو آهي. ادبي ٻوليءَ جي هيءَ به خاصيت هوندي آهي، جو ٻين ٻولين کي پنهنجي ذخيري ۽ خزاني مان مدد ڏيڻ ۾ ڪوتاهي ۽ ڪنجوسي نه ڪندي آهي، بلڪ ڪشاديءَ دل سان سخاوت جو هٿ ڊگهيري پنهنجو مال، ٻين جي اڳيان رکندي آهي. جيئن جيئن دنيا ۾ علم ۽ هنر پيا وڌندا سائنس جون ايجادون پيون ٿينديون نيون تيون شيون پيون معلوم ٿينديون، نوان نوان اصطلاح پيا گهڙيا، تيئن تيئن سنڌي ۽ ادبي زبان، اهڙن علمن ۽ هنرن، اصطلاحن ۽ ايجادن جي معنائن لاءِ، پاڻ وٽان يا ٻين سنڌي ۽ ادبي ٻولين مان ڪي نه ڪي لفظ ڪٺي پيش ڪري سگهندي ۽ انهيءَ ڏس ۾ پوئتي نه پوندي.

**ادبي تاريخ** (History of Literature):

جهڙيءَ طرح ڪنهن مضمون جي تاريخ لکڻ وقت واقعن جون ڪڙيون ملائبيون آهن، اهڙي طرح ادبي تاريخ لکڻ وقت به تاريخ وار ترتيب جي انداز ۾ تخليق ٿيندڙ ادب کي لکيو ويندو آهي. ادب جي تاريخ لکڻ جو انداز تحقيقي به ٿي سگهي ٿو ته تنقيدي به يا ٻئي طريقا ٿي سگهن ٿا. ادبي تاريخ لکندڙ ادب ۾ تحريڪن، لاڙن، نظرين ۽ سماجي توڙي سياسي منظر نامي کي به ڌيان ۾ رکندو آهي.

سنڌي ادب جي تاريخ سڀ کان پهرين فارسيءَ ۾ لکي وئي. مغليه دؤر ۾ سنڌي شاعرن ، عالمن ۽ اديبن جو ذڪر فارسي ڪتابن ۾ آيو. انگريزن جي دؤر کان باقاعده ڪتاب، مضمون ۽ مقالا سنڌيءَ ۾ لکجڻ شروع ٿيا. سنڌي اُدب جون ڪيتريون ادبي تاريخون لکيون ويون آهن، جهڙوڪ: "سنڌ جي ادبي

تاريخ" (خانبهادر محمد صديق ميمڻ)، "تذڪره لطفي" (لطف الله بدوي)، "سنڌي ٻوليءَ ادب جي تاريخ" (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)، "سنڌي ادب جي تاريخ" (ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو)، "سنڌي ادب جي تاريخ" ۽ "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" (ميمڻ عبدالمجيد سنڌي)، "سنڌي ادب جي تاريخ" (اڪبر لغاري)، "سنڌي ادب جي تاريخ جو جديد مطالعو" (مختيار احمد ملاح)، "سنڌي نثر جي تاريخ" (ڊاڪٽر غلام علي الانا)، "سنڌي نثر جي تاريخ" (پروفيسر منگهارام ملڪاڻي)، "سنڌي ادب جي تاريخ" (لعلسنگهه اجواڻي مترجم: هيرو شيوڪاڻي)، "سنڌي ساهتيه جو اِتهاس" (ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٽلي)، "آزاديءَ بعد ساهتيه جو اِتهاس" (ليلا رام رچنداڻي) "سنڌي ادب جي ارتقائي تاريخ" (ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي)، "سنڌي ادب جي تاريخ" (انگريزيءَ ۾، پوپٽي هيرانداڻي) "ڀارت ۾ سنڌي ساهت جو مختصر جائزو" (منگهارام ملڪاڻي) وغيره وغيره.

**ادبي دفاع ۽ معذرت (Apology):**

اهڙي تحرير جنهن ۾ ليکڪ پنهنجي خيالن جي دفاع ۾ وضاحت ڪري. سقراط پاڻ تي لڳل الزامن جي وضاحت ۾ عدالت اڳيان جيڪو بيان ڏنو ان کي افلاطون 'The Apology' جي نالي سان پڌرو ڪيو. افلاطون شاعرن کي پنهنجي آدرشي رياست مان خارج قرار ڏنو هو. ارسطوءَ شاعريءَ جي دفاع ۾ "Poetics" ڪتاب لکيو. فلپ سڊني (1554_1586ع) شاعريءَ جي دفاع ۾ "Apology for Poetry" لکيو. اهڙي طرح علامه آءِ آءِ قاضيءَ (1886_1968ع) جارج برنارڊ شا (1856_1950ع) جي ڪتاب "ڪاري ڇوڪري خدا جي تلاش ۾" جي جواب ۾ اسلامي تصوف جي وضاحت لاءِ "ڀوري ڇوڪري حق جي تلاش ۾" لکيو.

**ادبي روايتون (Literary Tradition):**

دنيا جي هر ٻوليءَ جو ادب روايتن جي حسين زنجيرن ۾ جڪڙيل نظر ايندو آهي، هر ٻوليءَ جون ڪي مخصوص روايتون هونديون آهن، جن مان ڪنهن قوم جي تاريخي، ثقافتي ۽ سماجي لاڙن جي خبر پوي ٿي. اهو ئي سبب آهي، جو ڪيترن اديبن ٻين ٻولين جي ادب جون سٺيون روايتون اڌاريون وٺي پاڻ وٽ

رائج ڪيون آهن. انگريزيءَ جي مشهور شاعر جيوفري چاسر (1343_1400ع) پنهنجي مشهور نظم 'ڪنٽر بري ٽيلس'(Cantrubery Tales) ۾ هيئت جي روايت اٽليءَ جي مشهور ليکڪ گيواني بوڪيشو (1313_1375ع)جي 'ڊيڪيمران' تان ڪنئي. بوڪيشو اهو ڪتاب الف ليليٰ' کان متاثر ٿي لکيو. اهڙيءَ ريت چئي ته چاسر اڻ سڌي طرح عربي ۽ فارسي ادب جي هيئت جي روايت ڪتب آندي آهي.

سنڌي ٻولي دنيا جي تهذيب يافته ٻولين مان هڪ آهي، جنهن کي پنهنجون قديم، فڪري طور ڀرپور تاريخي ۽ ثقافتي روايتون آهن. جن تي سنڌي ادب ۽ شاعريءَ جي پيڙهه رکيل آهي. ان سان گڏ سنڌي اديب، دنيا ۽ پاڙيسري ٻولين جي بهتر روايتن ۽ هيئتن مان استفادو ڪري، پنهنجي ادب کي مالا مال ڪيو ۽ حالتن جي تقاضا موجب بنايو آهي.

**ادبي سرگرميون** (Literary Activities)

ادبي سرگرمين مان مراد اهي مشغلا آهن. جيڪي خانگي ادبي جماعتون ۽ سرڪاري ادبي ادارا ڪندا آهن. ڪتابن جي رونمائي، ڪنهن اديب يا عالم سان رهاڻ، مشاعرو، ادبي اڀياسي ويهڪ، مرحوم اديب، عالم ۽ شاعرن جي ورسي، ڪنهن ادبي موضوع تي سيمنار، ڪانفرنس وغيره ادبي سرگرمين ۾ اچي وڃن ٿا.

**ادبي ۽ علمي جماعتون** (Literary Organization):

ٻولي ۽ علم ادب جي واڌاري ۾ علمي ، ادبي ۽ ثقافتي جماعتن اهم ڪردار پڻ ادا ڪيو آهي. اهي جماعتون هم خيال فردن کي گڏيل پليٽ فارم مهيا ڪنديون رهيون آهن . جنهن جي نتيجي ۾ عالمن ، اديبن ، شاعرن ۽ ٻين قلم ڌڻين پنهنجي صلاحيتن ۽ لياقتن کي گڏيل قوت جي روپ ۾ ٻولي ۽ علم ادب جي مفاد خاطر پڻ ڪم آندو آهي . سنڌ ۾ ادبي سوسائٽين جو قيام آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي نهڻ يا ائين ڪٿي چئجي ته سنڌ مدرسته الاسلام قائم ٿيڻ کان به اڳي ٿيو. هن صديءَ جي ان عرصي ۾ سنڌ ۾ هزار کان مٿي علمي ، ادبي ۽ ثقافتي جماعتون قائم ٿيون. هن وقت به ڪيترڙيون ادبي ۽ علمي جماعتون آهن. سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي وڏي ۾ وڏي ادبي جماعت آهي

**ادبي نظريا** (Literary Theories):

نظريو ڪن منظم خيالن، تجربن، مشاهدن ۽ تجزين جو نچوڙ هوندو آهي. نظريا سياست ڪان وٺي ادب تائين مروج آهن. مثال طور سنڌي ٻوليءَ جي اصليت بابت ڊاڪٽر بلوچ (1917ـ2011ع)جو نظريو يا سراج ميمڻ (1933ـ 2013ع) جو نظريو وغيره. نظريا ادبي به هوندا آهن، ٻولياڻي به ته سماجي به آهن. نظرين جو واسطو فلسفي ۽ معاشيات سان به هوندو آهي. اديب ڪڏهن ادبي تحرير ذريعي ڪنهن سچائيءَ جو اعتراف ڪري ٿو، ڪڏهن معاشري يا انسان کي وسريل قدرن جي ياد ڏياري ٿو. ڪڏهن ڪو پيغام ڏيڻ چاهيندو آهي، ڪڏهن ماڻهن کي تفريح مهيا ڪندو آهي ته ڪڏهن جمالياتي حسن جو فن ذريعي اظهار ڪندو آهي. اهو سڀ ڪجهه هو پنهنجي مخصوص خيال يا نظريي مطابق ڪندو آهي. نظرين ذريعي سچائي، قدرن، تفريح، جماليات وغيره جي ڄاڻ ملي ٿي.

**اديت رس** (Marvellous Song):

اهو شعر جنهن ۾ حيرت جو اظهار ٿيل هجي.

**ادغام** (Assimilation):

لسانيات جي حوالي سان 'ادغام' جو مطلب آهي ته لفظن ۾ ٻن ساڳين لاڳيتن حرفن کي شد سان ڳنڍي هڪ ڪري اچارڻ. ادغام ٻن قسمن جو ٿيندو آهي هڪڙو لفظ جي اندر آواز جو، جيئن مس+س = مسس ۽ ٻيو ٻن لفظن جو ميل جيئن "اگهه گهٽو" آهي ۾ ٻئي 'گهه' جا آواز ڳنڍجي ويندا آهن ۽ "اگهٽو" اچارڻ ۾ ايندو آهي.

**اديب/اديبه** (Author):

ادب جي سرجيندڙ مرد يا عورت کي 'اديب' يا 'ساهتڪار' چيو ويندو آهي. اديب علم ۽ ادب (شاعري يا نثر) ۾ خيالن جو اظهار ڪندو آهي ۽ سماج جي عڪاسي ڪندو آهي. اديب ماحول ۽ سماج جي سمورن عنصرن ۽ سببن کان متاثر ٿئي ٿو جن تي سماجي زندگيءَ جي عمارت بيٺل هوندي آهي، جيڪي ڪجهه ان جي زمان ۽ مڪان ۾ وهي واپري ٿو ان کان سندس فطرت ۽ طبع

متاثر ٿئي ٿي ۽ اهي اثر ڪيس پنهنجن خيالن پيش ڪرڻ تي آماده ڪن ٿا. اديب پنهنجي خيالن جي اظهار ۾ بلڪل آزاد هوندو آهي، ليڪن تاريخ جي مادي نظرين ۽ سماج جي مطالعي مان ظاهر آهي تہ اديب جن خيالن جو مظاهرو ڪري ٿو سي ڪنهن نہ ڪنهن نصب العين ۽ نقطہ نظر سان وابستہ هوندا آهن.

**اڌ اکري**(Short hand):

لاڪنائن يا ماترائن (حرڪات) بنا اکرن واري تحرير. وڏي لفظ جي ننڍي شڪل. شارٽ هينڊ رائٽنگ. اڪثر آفيسن ۾ آفيس ڪلارڪن کي ڊڪٽيشن ڏئي لکرائيندا آهن. جيئن وقت بچائي سگهجي. سنڌيءَ ۾ شارٽ هينڊ بابت عنايت عباسيءَ جا لکيل ڪتاب ملن ٿا.

**اڌ دم**(؛)(Semi Colon):

هيءَ بيهڪ جي نشاني مرڪب ۽ پيچيده جملن جي مختلف حصن کي ڌار ڪرڻ مهل ڪم ايندي آهي.

مثال: هن جو مدو پورو ٿيو، هو چارج ڏئي هليو ويو.

مٿئين جملي جون بہ بيون صورتون هي ٿي سگهن ٿيون:

1: هن جو مدو پورو ٿيو؛ هو چارج ڏئي هليو ويو.

2: هن جومدو پورو ٿيو ۽ هو چارج ڏئي هليو ويو.

**اذيت پسندي**(Sadism):

ڪونٽ ڊي سادي (Count De Sade) (1740 — 1814ع) سان هي منسوب اصطلاح 'جنسي تناظر' ۾ استعمال ٿيندو آهي. جنسي آوارگيءَ جو نمونو جنهن ۾ ٻين کي اذيتون، تڪليفون ڏيڻ ۾ مزو اچي. هيءَ دراصل نفسياتي بيماري آهي، جنهن ۾ مريض ٻين کي ايذائي ذهني آسودگي محسوس ڪندو آهي. اذيت پسنديءَ جا حامل اديب، تنقيد ذريعي ڪنهن ذهين شخص تي حملو ڪن ٿا. جڏهن سندس آدرش ٽٽن. سنڌي ادب ۾ جديديت پسندن جي اڪثر لکڻين ۾ اذيت پسنديءَ جو نفسياتي لاڙو غالب رهيو آهي.

**ارادیت**(Intentionality):

وجودي فڪر ۾، ارادي عمل بہ وڏي اهميت رکي ٿو ڇو جو عمل ذريعي عقيدي، جذبي، خواهش جهڙن عنصرن تي بحث ڪيو ويندو آهي تہ اهي آهن

ڇا؟ ڇا اهي خارجي آهن يا داخلي؟ يعني اهي پيدا ڪيئن ٿين ٿا؟ هنن عنصرن تي سڀ کان اڳ ايڊمنڊ هسرل (1859_1938ع) ۽ برنيتا ٽيڪاٽپٽي ڪري، پنهنجا نظريا ڏئي چڪا آهن ۽ هي بئي نقاد انهن عنصرن کي "اختياري قوت" جو نالو ڏين ٿا.

**ارپنا** (Dedication):

ڪا تصنيف، تحرير يا مڪمل ڪتاب، ڪنهن جي نالي ارپڻ يا منسوب ڪرڻ کي انتساب/ارپنا سڏبو آهي. انتساب يا ارپنا اڪثر ليکڪ پنهنجي ڪنهن پياري شخص يا جنهن مان متاثر هوندا آهن، تن جي نالي ڪندا آهن.

**اردناگري رسم الخط** (Ardha Nagri Script):

اها رسم الخط ناگري اجين ۽اٽي راجپوتن وٽ هلندڙ هئي. ان رسم الخط کي "پٽاجاري" بہ چيو ويندو هو.

**اساسيت** (Foundation):

اساس جي معنيٰ آهي "بنياد". اهو عقيدو تہ شين کي پنهنجون بنيادي خصوصيتون آهن، جيڪي انهن کي خاص روپ ڏين ٿيون. انسان جو بنيادي مظهر سندس وجود کان وڌيڪ اهم آهي، سندس مظهر ئي هن جو قدر رکي ٿو.

**اساسي شاعري** (Basic Poetry):

اساسي شاعريءَ جو بنياد يا اساس اعليٰ انساني قدرن واري فهم ۽ فڪر تي رچيل شاعري. اهڙي شاعريءَ ۾ ڪنهن قصي ۽ واقعي جي بيان يا فقط شاعرائين خوبين جي اظهار بدران ڪا اعليٰ مقصد واري معنيٰ سمايل هوندي آهي. دنيا جي هر ٻيءَ زبان وانگر سنڌي زبان جي اساسي شاعريءَ جو اساس/بنياد ڪائنات جي خالق جي وحدانيت ۾ ڪامل يقين، انسان ذات سان محبت ۽ انساني وحدت ۾ ويساهہ ۽ معاشري ۾ اعليٰ خوبين واري ڪردار جي مفهوم تي ٻڌل آهي. مجموعي طور، سنڌي اساسي شاعري انسان جي ايمان ۽ ارادي جي سچائي ۽ عملي ڪردار جي اعليٰ معيارن جي تشريح ۽ تعبير آهي .سنڌي اساسي شاعري، صوفين سالڪن ۽ وڏي نظر ۽ وڏيءَ دل وارن دانائن ۽ دردمندن جو ڪلام ۽ پيغام آهي جنهن ۾ انسان جي عارضي زندگي ۽ سندس دائمي بقاءَ سان لاڳاپيل حقيقتن جا اهڃاڻ سمايل آهن. قاضي قادن اساسي شاعريءَ جي عمارت جو باني سمجهيو وڃي ٿو. يارهين صديءَ جي آخر ۽ ٻارهين صديءَ ۾ شاهہ لطف الله قادري، ميين

شاهه عنات رضوي ۽ شاهه عبداللطيف جي رسالن ۾ اساسي شاعريءَ جي عمارت، هيئت ۽ صورت جڙي راس ٿي. اعليٰ فڪر ۽ مضمونن جي نکار جي لحاظ سان شاهه عبداللطيف ان کي سينگاري ڪلاسيڪي شاعريءَ جي راهه روشن ڪئي. جنهن تي اڳتي روحل فقير، سچل سرمست، صوفي صادق، خليفي نبي بخش ۽ ٻين اعليٰ اساسي ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ کي سنواريو ۽ سينگاريو.

**استعاراتي تنقيد** (Metaphorical Criticism):

هن تنقيد جا باني چارلس ليمب (Charles Lamb)، هيزلٽ (Hazlitt) ۽ جان ڪيٽس (John Keats) سمجهيا وڃن ٿا. اڻويهين صديءَ ۾ هن تنقيد کي مغربي ادب ۾ وڏي مقبوليت حاصل ٿي. هن تنقيد اڳتي هلي تاثر کي وڏي هٿي ڏني. استعاراتي تنقيد ۾ استعاري، شخصي حوالي ۽ يادگيرين کي ورجائڻ کي اوليت ڏني ويندي آهي.

**استعارو**(Metaphor):

"استعاري" جي لفظي معنيٰ آهي اڌارو وٺڻ. اصطلاحي معنيٰ آهي. "ڪنهن لفظ جي حقيقي معنيٰ بدران اڌاري معنيٰ آڻڻ". تشبيهه ۽ استعاري ۾ هي فرق آهي ته تشبيهه ۾ هڪڙي شيءِ جي ٻيءَ شيءِ سان ڀيٽ ڪبي آهي. جيئن 'احمد شينهن جهڙو مڙس آهي'، پر استعاري ۾ 'احمد شينهن آهي' جو فقرو ڪم ايندو آهي. هن ۾ احمد لاءِ شينهن واريون خوبيون اڌاريون ورتيون ويون آهن. استعاري ۾ حرف تشبيهه جهڙو، وانگر، جيان وغيره ڪم نه آڻبو آهي.

**استمراري**(Continous):

گرامر جو اصطلاح. جاري رهندڙ . دائمي هلندڙ. گرامر موجب جاري رهندڙ عمل لاءِ ڪم ايندڙ زمان (زمان حالِ استمراري، مستقبل اِستمراري يا زمان ماضي استمراري).

**اسٽيج** (Stage):

تقرير ڪرڻ يا ناٽڪ ۽ تماشي لاءِ تيار ڪيل ٿلهو، صندل، چبوترو يا منچ. "اسٽيج" لاطيني ٻوليءَ جو لفظ آهي جيڪو سسٽيٽڪو، اسٽئنس يا اسٽيٽر لفظن مان اخذ ٿيل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'بيهڻ'. جيئن ٿيئٽر دوران فنڪار بيهي فن جو مظاهرو ڪن ٿا، سو ان مناسبت سان ان تي اسٽيج نالو رکيو ويو. اسٽيج جي ٻي لغوي معنيٰ آهي مرحلو.

**اِسڪُولَ** (School):

ابتدائي مڪتب. تعليم گاھہ. درسگاھہ. مدرسو. پاٺشالا . وديالو. ڪنهن مخصوص مڪتبہ فڪر کي انگريزي ۾ "اسڪول آف ٿاٽ" چيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ دبستان پڻ آهي.

**اسلوب** (Style):

اسلوب. اهو لکڻ جو انداز ۽ معيار آهي، جنهن مان اديب/ساهتڪار جي شخصيت جو پختو اندازو لڳائي سگهجي. هر فن تجربن مان ڦٽي ٿو جيڪو شعور جو لباس پهري دل ۽ دماغ ۾ وسي ٿو. هر ساهتڪار شعوري ڪوشش سان پنهنجو اسلوب بيان رکي ٿو. مثال طور جان ملٽن (1609_1674ع) جي شخصيت ۽ سندس اسلوب 'وڃايل جنت' (Paradise Lost) ۾ نمايان نظر ايندو. جان ڪيٽس (1795_1821ع)، پنهنجي 'نظم هائپيرين' ۾ ڪوشش باوجود بہ ملٽن جو اسلوب پيدا نہ ڪري سگهيو آهي. ان طرح غالب، انيس جي رنگ ۾ لکي نہ سگهيو. مرزا غالب (1797_1869ع) وٽ اهو مذهبي جوش نہ آهي جهڙو مير انيس (1802_1874ع) جي مرثيہ نگاريءَ ۾ آهي.

وليم شيڪسپيئر جهڙا ڊراما ڪوبہ ڊراما نگار لکي نہ سگهيو آهي. سنڌي ادب ۾ شاھہ عبداللطيف ڀٽائي جي اسلوب جو ڪوبہ ثاني ڪونهي. شيخ اياز جو پنهنجو اسلوب، استاد بخاريءَ جو پنهنجو اسلوب ۽ تنوير عباسي، شمشير الحيدري ۽ امداد حسيني، ارجن حاسد. واسديو موهيءَ جو پنهنجو اُسلوب ۽ افساني ۾ امر جليل جو پنهنجو اسلوب آهي.

**اسم** (Noun):

گرامر جو اصطلاح. ڳالهائڻ جو لفظ. اهو لفظ جو ڪنهن بہ ماڻهوءَ، ساهواري، شيءِ، جاءِ، ڪم، حالت ۽ خاصيت جو نالو هجي. جيئن تہ: غلام محمد، شينهن، ميز، ٺاٺو، غريبي، اميري، وغيره.

صوفي شاعريءَ ۾ 'اسم' لفظ 'الله' لاءِ بہ ڪم ايندو آهي.

**اشاعتي چوري** (Piracy):

ڪاپي رائٽ جي خلاف ورزي ڪندي ڪنهن جي لکت يا ذهني پورهئي ۽ نشر ٿيل يا شايع ٿيل ڪنهن ڪم جي بنا اجازت اشاعت نشر ڪرڻ يا نماءُ ڪرڻ وغيره.

**اشباع** (Ashba):

شعر ۾ زير زبر ۽ پيش کي پڙهڻ ۾ ڊگهو ڪرڻ (جيئن زبر وڏي "الف"، زير وڏي "ي" ۽ پيش وڏي "و" ٿئي). سنڌيءَ ۾ اوائلي مذهبي شاعري 'الف اشباع' جي نموني جي چئي وئي آهي. ان قسم جي شاعريءَ ۾ هڪ صنف کي 'ڪبت' پڻ چيو ويندو آهي.

**اشتراڪيت** (Communism):

ڪارل مارڪس (1818_1883ع) ۽ فريڊرڪ اينجلس (1820_1895ع) جي فڪر تي مبني هڪ نظريو جنهن مطابق جائداد جا حقيقي مالڪ ۽ وارث رياست يا معاشرو آهن. اهڙيءَ ريت تمام جائداد اجتماعي ملڪيت هوندي آهي. هن نظرئي موجب تمام پيداواري وسيلا ۽ انهن جي تقسيم به رياست جي ڪنٽرول ۾ هوندي آهي.

ڪميونزم، سوشلسٽ نظام جي سڀ کان وڏي ترقي يافته شڪل آهي، جنهن ۾ دولت (ناڻي) جي پيداوار ايتري وڏي وڃي، جو معاشرو ماڻهن جي سڀنن ضرورتن کي پورو ڪرڻ تي قادر ٿي وڃي. رياست جو ڪم ماڻهن مٿان حڪومت ڪرڻ نه هوندو، بلڪ پيداوار جي تنظيم ڪاري ڪرڻ هوندو. سنڌي ادب ۾ جديديت واري دورڪان اڳ وارو ترقي پسند ادب اشتراڪي نظرئي کان گهڻو متاثر هو. ساڳيو رجحان 1980ع کان 1985ع تائين هڪ دفعو ٻيهر وڏي زور شور سان نظر آيو.

**اشتقاق** (Etymology):

اشتقاق عربي ٻوليءَ جي لفظ "شق" مان نڪتو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "چيرڻ" يا "ٽڪرا ڪرڻ". اصطلاح ۾، ڪنهن لفظ کي ڀاڱا يا ٽڪرا ڪري ۽ ان هر هڪ ڀاڱي جي جدا جدا معنيٰ ڪڍبي آهي.سنڌيءَ ۾ ٻين ٻولين جا ڪيترا لفظ موجود آهن جن ۾ سنسڪرت، عربي، فارسي، انگريزي، ترڪي اچي وڃن ٿا. اهڙن لفظن جا تاريخي ڌاتو ڳولڻ يا اشتقاق ڪڍڻ لاءِ انهن جو بنياد سندن اصلي ٻوليءَ ۾ ڪڍيو ويندو آهي.

**اصطلاح** _ 1 (Term):

اصطلاح مان مراد آهي اهو لفظ، جيڪو پنهنجي اصل معنيٰ بجاءِ ڪنهن خاص علم يا فن جي دائري ۾ مخصوص معنيٰ لاءِ استعمال ٿيندو هجي. مثال طور

هڪڙا ادبي اصطلاح ٿيندا آهن، ٻيا خاص علمن جهڙوڪ: فزڪس، ڪيمسٽري، رياضي وغيره جا اصطلاح، جدا جدا معنائن سان استعمال ٿيندا آهن.

**اصطلاح ـ 2** (Idiom):

اصطلاح جي معنيٰ ڪنهن لفظ جي ٻي معنيٰ آهي، ورجيس، (پيتا) موافقت يا موزونيت. انهن جي ظاهري معنيٰ هڪڙي هوندي آهي، پر ان تي سوچ ويچار ڪرڻ کان پوءِ سندس مفهوم يعني معنيٰ ٻي هوندي آهي. ڪي اصطلاح، ٻهاڪن وانگر پسمنظر بہ رکندا آهن. سنڌي ۾ اصطلاح ۾ مصدر ("ڻ" اکر) لازمي هوندو آهي. مثال طور:

هٿ پير هڻڻ = ڪوشش ڪرڻ، جاکوڙڻ

آڏر ڀاءُ ڪرڻ = عزت ڏيڻ

ٻانهن ٻيلي ٿيڻ = مددگار ٿيڻ

نڪ پچڻ = ڪوڙا الزام لڳائڻ

خطا کائڻ = نقصان سهڻ

**اصلاحي ناول** (Reforming Novel):

اديب/ ناول نگار گهڻو ڪري معاشري جي سڌاري/اصلاح جا قائل هوندا آهن، جو تہ هو ناول ۾ ڪونہ ڪو مقصد رکي لکندا آهن. سماج جي ڪنهن خرابي يا برائيءَ جي اصلاح ڪندڙ ناولن کي "اصلاحي ناول" چيو ويندو آهي.

**اصل ڪتاب** (True Copy):

ڪتاب جو پهريون قلمي مسودو.

**اضافي اضافيت** (Relative Relativity):

اضافي اضافيت دراصل ڪنهن بہ ڪتاب، تحرير يا تقرير جي اضافي هئڻ يا مختصر هئڻ جي لحاظ کان اثر انگيزيءَ کي چئبو آهي. جيئن ڪنهن ڊگهي خط کي مختصر چئي نہ ٿا سگهون. البتہ ڪنهن مختصر خط کي ڊگهي خط جي پيٽ ۾ رکبو تہ چئبو هي ڊگهو خط آهي يا هي خط ننڍو آهي. مطلب تہ ڪا تحرير ڊگهي ءِ ڪا مختصر ٿيندي آهي، اهڙي ڪنهن تحرير جو تاثر وڌيڪ ٿيندو آهي تہ جنهن کي ٻي تحرير جي نسبت سان ڏسجي، ان قسم جي صورتحال کي اضافي اضافيت چئبو آهي.

**اظهاريت** (Expressionism):

اظهار پسندي بنيادي طرح جرمنيءَ جي تحريڪ هئي. هن تحريڪ جا مکيہ اديب مثال طور ڪيرچنر (Kirchiner) (1880_1938ع) تيز رنگين ۽ مسخ شده فارمس جي وسيلي پنهنجي انفرادي تصور کي پيش ڪندا هئا. هيءَ تحريڪ دراصل حقيقت پسنديءَ جي خلاف رد عمل هو جنهن جو مطلب هو تہ نفسياتي طرح اندر جي حقيقت جي هڪ الڳ دنيا آهي، ادبي طور انهيءَ سچائيءَ کي ظاهر ڪرڻ جي ضرورت آهي.انهيءَ لاڙي رکندڙ گروه جا اديب پنهنجي رويي ۾ انتها پسند ۽ اسلوب ۾ انقلابي هئا.

**اعترافي ادب** (Confessional Literarture):

اعترافي ادب نہ تہ ڪا ادب جي صنف آهي نہ وري ادبي لاڙو آهي. اعترافي ادب دراصل هڪ موضوع آهي، جيڪو ڪنهن ناول، ڪهاڻي، شاعري يا آتم ڪهاڻيءَ ۾ بہ ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ ڪو اديب پنهنجي حياتيءَ بابت، پنهنجي زندگيءَ جي ڪنهن خاص واقعي جي باري ۾ اعتراف ڪري. جان جئڪس روسو (1712_1778ع) پنهنجو اعتراف' (My Confession ) ۾ لکيو. يورپي ادب ۾ اهڙا سوين مثال وٺي سگهجن ٿا. سنڌي ۾ اديبن بہ آتم ڪٿائن ۾ پنهنجي زندگي ۽ پنهنجن دوستن احبابن جي باري ۾ اعتراف ڪيا آهن.

**اعراب** (Dicrairiticle Marks):

اعراب، عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نشاني يا علامت. هر لفظ کي صحيح نموني اچارڻ لاءِ زيرون زبرون ۽ پيش وغيره ڏنا ويندا آهن. اهڙيءَ ريت شد، مد ۽ جزم وغيره اعرابن ۾ شامل آهن. اعراب چوٿين حرف علت جو درجو رکي ٿي.اعرابون اسم جون جدا جدا حالتون ڏيکارين ٿيون.

سنڌيءَ ۾ انهن جي وڏي اهميت آهي. جتي لفظ جي پڇاڙيءَ واري حرف تي اعراب سان اسم جي مذڪر مونث (جنس)، واحد جمع (عدد) ۽ ٽين حالتن جي خبر پوي ٿي.

**افسانو/مختصر ڪهاڻي** (Short Story):

فارسيءَ ۾ 'فسانہ' جو مطلب آهي دليان جوڙيل يا ڪوڙي ڳالهہ. جڏهن اسان لفظ افسانو استعمال ڪندا آهيون، تہ ان مان اسان جو مقصد "مختصر افسانو" يا "مختصر ڪهاڻي" هوندو آهي. اوڻهين صديءَ عيسوي ۾ افساني

لکڻ جو رواج پنڌجي چڪو هو ۽ ٿوري عرصي ۾ هن صنف اُنتري تہ ترقي ڪئي، جو دنيا جي ادب تي ڇانئجي ويئي."شاعريءَ وانگر افساني جي ڪا جامع ۽ مڪمل تعريف ناممڪن آهي. بنيادي طور افساني ۾ ڪو هڪ مکيہ واقعو رڪندڙ پلاٽ هوندو آهي ان ڪان پوءِ 20 صديءَ ۾ ان ۾ تبديلي ڪئي وئي. ڇيخوف اُن کي عروج تي پهچايو. افسانو انساني مسئلن، جذبن، محبتن، نفرتن، خواهشن وغيرہ جو ترجمان هوندو آهي. آمريڪي افسانہ نگار ايڊگرايل نپو(1809ـ1889ع) مطابق افسانو اها ڪهاڻي آهي جا اڌ ڪلاڪ کان وٺي ٻن ڪلاڪن اندر پڙهي سگهجي." سر هيوز ڊبليو (1884 – 1941ع) مطابق "مختصر افسانو مختصر ٿي هئڻ گهرجي، يعني واقعن ۽ حادثن جو مجموعو جنهن ۾ چرپر جي رفتار تيز هجي، ارتقا غير متوقع هجڻ کري ڪهاڻي هڪ غير يقيني حالت مان گذرندي عروج تائين پهچي ۽ پڄاڻي تسلي بخش ٿئي."

سنڌيءَ ۾ افساني جي شروعات 1914ع ۾ ٻن عالمن ڪئي. مرزا قليچ بيگ "شريف بيگم" لکي ۽ لعل چند امر ڏنومل "حر مڪيءَ جا" لکيو. سنڌيءَ ۾ هن وقت افسانو ڪهاڻيءَ جي نالي سان لکيو وڃي ٿو سنڌي ٻوليءَ جا مکيہ افسانہ نگار جمال ابڙو غلام رباني، حميد سنڌي، آغا سليم، سراج، اياز قادري، امرجليل، خيرالنساءِ جعفري، نور الهديٰ شاهہ ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

**افسانوي ادب** (Fiction):

افسانوي ادب جي معنيٰ آهي خيالي يا تصوراتي ادب. مختصر ڪهاڻي (Short Story)، ناٽڪ ۽ ناول افسانوي ادب (Fiction) جون اهم شاخون آهن. افسانوي ادب جا سرجيندڙ ڪهاڻيڪار، ناٽڪ ڪار ۽ ناول نگار سڏيا وڃن ٿا. اڄڪلهہ سائنس فڪشن جو دؤر آهي، جنهن ۾ فلم بہ اچي وڃي ٿي، انهيءَ صنف ذريعي تخيل جي مدد سان اديب ڪن سائنسي تصورن کي پيش ڪندا آهن.

**اقتباس** (Abstract):

چونڊ، انتخاب، نقل، ڪنهن تصنيف جو سسايل ٽڪرو، تت. لکت جي ڪن لفظن جي يا ڪنهن ٻئي جي لفظن لاءِ ورتل ڪجهہ حصو حوالي طور استعمال ڪرڻ.

**اڪهاڻي/پلاٽ بغير ڪهاڻي** (Plotless Story):

ڪيترن نقادن جي راءِ آهي تہ پلاٽ کانسواءِ ڪهاڻي ڪجھ بہ نہ آهي، ڇو تہ پلاٽ ڪهاڻيءَ جي جان هوندو آهي. باقي جزا ضمني حيثيت رکندا آهن. پر جديد ادب ۾ نوان تجربا ڪيا ويا آهن ۽ نوان رجحان پيدا ٿيا آهن. پارت جي جديد اديبن ڪهاڻيءَ جي هڪ قسم کي 'اَڪهاڻي' سڏيو آهي. اَڪهاڻي ۾ ڪهاڻي نہ هوندي آهي. اهڙي ڪهاڻي، رٿا (Plot) کانسواءِ لکي ويجي ٿي. امر جليل جي لفظن ۾ "اهڙا افسانا، خيالن جي ڪڙيءَ ۾ ڪڙي Association of thoughts جي آڌار تي لکيا ويندا آهن. پلاٽ ليس افسانو ويهين صديءَ جي ايجاد آهي جنهن جا علمبردار ارنيسٽ هيمنگوي (1899_1961)، وليم سرويان (1908_1981)، ارسڪن ڪالڊ ويل (1903_1987 ع)، البرٽو وغيره آهن. سنڌي ۾ آنند کيماڻي، لعل پشپ، وشنو ڀاٽيا، منير ماڻڪ، نسيم ٿارس گاد، مشتاق شوري ۽ ڪن ٻين اَڪهاڻيون لکيون آهن.

**اڪيڊمي** (Academy):

هي لفظ اٿينس ويجهو هڪ باغيچي جي نالي مان نڪتو آهي، جتي افلاطون جي اڪيڊمي 387 ق.م کان 529 ع تائين موجود هئي. اهو نالو اٽليءَ جي عالمن پراڻن نئين سجاڳيءَ واري دور (Renaissance) ۾ اختيار ڪيو ويو. پر هاڻي اهو هر اهڙي اداري لاءِ ڪتب ايندو آهي، جيڪو سکيا سان لاڳاپيل هجي، پوءِ ڇو نہ اها جنگ جي سکيا هجي، جيئن "رايل ملٽري اڪيڊمي" وغيره. اهڙيءَ طرف ادبي ادارا بہ اڪيڊمي سڏبا آهن. مثلاً: ساهتيہ اڪيڊمي، سنڌي اڪيڊمي، اڪيڊمي آف ليٽرس وغيره.

**اکنڊ پاٺ** (Akhand Path):

ڪنهن ڌرمي ڪتاب جو لاڳيتو دور. ديني ڪتاب جي ساندہ تلاوت.

**الاهيات** (Knowledge about Attributes of God):

الاهيات جو مطلب آهي ڌڻي تعاليٰ جي ذات ۽ صفات جو علم. سنڌي شاعريءَ ۽ نثر ۾ خاص طور تي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ بزرگ ڪلاسيڪي شاعرن جي شاعريءَ ۾ الاهيات جي علم جو عنصر عام ملندو آهي.

**الاهيات** (Theism):

هن نظرئي جي لحاظ سان خدا جو هڪ شخصي وجود آهي ۽ انسان لاءِ ممڪن آهي ته ان سان رابطو ڪري سگهي.

**البم** (Album):

البم هڪ قسم جو ڪتاب هوندو آهي، جنهن ۾ فوٽو، آٽو گراف، اخبارن جي ڪٽنگ،قديم سڪا وغيره سانديا ويندا آهن.

**التو** (Transliteration):

اصلوڪي مواد کي پنهنجي سماج، ملڪ، ٻوليءَ ۽ ڪردارن جي آڌار تي حالتن کي موافق ٺهڪائي ترجمو ڪرڻ. اصلوڪن نالن، شهرن ۽ ماحول کي ديسي انداز ۾ آندو ويندو آهي. سنڌي ادب ۾ ان ڪم جو مرزا قليچ بيگ ماهر هو. هن شيڪسپيئر جي ڊرامن کي سنڌي روپ ۾ آندو اهڙيءَ طرح ناولن کي به سنڌي روپ ۾ ترجمو ڪيائين. اهڙيءَ ريت رشيد ڀٽي، ٽالسٽاءِ جي ناول "Crime and Punishment" جو بهترين التو "پاپ ۽ پيڙا" جي نالي سان ڪيو. اهڙا ٻيا به ڪيترائي مثال سنڌيءَ ۾ موجود آهن.

هڪ ٻوليءَ ۾ مروج ٻن ڪان وڌيڪ لپين هئڻ جي صورت ۾ هڪ لپيءَ مان ٻيءَ لپيءَ ۾ بدلائي لکڻ کي به 'Transliteration' چئبو آهي. جيئن سنڌي (عربي) لپيءَ مان ڦيرائي رومن يا ديوناگري (سنڌي) لپيءَ ۾ ڪرڻ وغيره.

**الف اشباع:**

قديم مذهبي ۽ ٻي سنڌي شاعري 'الف اشباع' وارن قافين تي لکي ويندي هئي. يعني شعر جي سٽ جي آخري قافيي واري لفظ جي آخر ۾ الف شامل ڪيو ويندو هو. عام طور چيو وڃي ٿو ته ترخانن جي دؤر ۾ مخدوم پير محمد لکويءَ (1532 –1600) الف اشباع واري قافيي جو آغاز ڪيو. ٺٽي جي عالم مخدوم ابوالحسن سنڌي زبان ۾ 1700ع ۾ ٻهريون ڪتاب "مقدمت الصلوات"، "الف اشباع" وارن قافين تي مشتمل لکيو. جنهن ۾ قافيي واري لفظ جي پويان الف (ا) شامل ڪري، ان جو ڊگهو آواز ڪڍيو ويندو هو. جنهن کي "الف اشباع وارو قافيو"چيو ويندو هو. هن نظم ۾ ٻيا به ڪيترائي منظوم ڪتاب لکيا ويا آهن، خاص ڪري مدرسن ۾ شاگردن کي مذهبي تعليم ڏيڻ لاءِ جوڙيل نظميہ سبقن وارا ڪتاب، جن کي 'سنڌيون' به چيو ويو آهي. اهي نظم

تمام ڏکيا هوندا هئا. ۽ ڪڏهن ڪڏهن هڪ پورو ڪتاب 'الف اشباع' وارن قافين تي مشتمل هوندو هو. انهن منظومين ۾ مرثيا، جنگناما، نعتيہ، مدحيہ، ۽ هجويہ مضمون پيش ڪيا ويندا هئا. قديم دور جا نظميہ ڪتاب جهڙوڪ: "نورنامو"، جنگ نامو"، "حڪايت الصالحين" ۽ ٻيا انهن ۾ اچي وڃن ٿا، جن ۾ الف اشباع وارو قافيو ڪم آندل آهي.

**الميہ/غمگين ڊرامو** (Tragedy):

ڏک انت ڊرامو يوناني ڊرامي جو قسم. هي ڊرامو سنجيده ماحول جي عڪاسي ڪندو آهي. هن ڊرامي جو سورمو (Hero) ڀوڳنائن جو شڪار ٿيندو آهي ۽ آخر ۾ سندس المناڪ پڄاڻي ٿيندي آهي. الميہ ڊرامي جي وڏي خوبي اها آهي تہ ان ۾ ڏک ڀريو داستان هوندو آهي، جنهن کي ڏسڻ سان ڏسندڙ گنڀير ٿي ويندو آهي ۽ موت ۾ ٻئي جي ڏک سان راحت حاصل ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح ٻئي جي ڏکن کي پنهنجو سمجهي پنهنجي دل هلڪي ڪندو آهي، جنهن کي يوناني نقادن تزڪيي يا Catharsis جو عمل ڪوٺيو آهي. قديم يونان ۾ سوفوڪليز ۽ يورپيڊس تمام وڏا الميہ نگار ٿي گذريا آهن. شيڪسپيئر جا بہ ڪيترا ڊراما الميہ يا ڏک انت هئا.

**الميہ ڊرامي جو سورمو** (Tragic Hero):

الميہ ڊرامي لاءِ ارسطو پنهنجي ڪتاب Poetics ۾ ڪي قاعدا قانون ڏنا آهن. ڪيترين صديون گذرڻ باوجود اڄ بہ انهن قاعدن جي هڪ اهميت آهي. جن بہ انهن قاعدن تي عمل ڪيو آهي، تن جي ڊرامن ابديت ماڻي آهي. پر وقت ۽ حالتن جي تبديليءَ سبب ارسطو جا قاعدا ۽ قانون نظر انداز ٿيندا رهيا آهن. ارسطو مطابق الميہ ڊرامي جي هيرو ۾ هيٺيون خوبيون هئڻ گهرجن:

(i) سورمو اعليٰ خاندان يا مرتبي وارو هئڻ گهرجي:

(ii) سورمو سٺي اخلاق جو مالڪ هجي:

(iii) غلطي جو پتلو نہ هجي.

**الميہ-طربيہ ڊراما** (Tragi-Comedy):

ڊرامي جي وڌندڙ شهرت ۽ الميہ ۽ مزاحيہ ڊرامي جي تاثير هن ڊرامي کي جنم ڏنو. هن ڊرامي جي شروع ٿيڻ جو وڏو سبب اهو هو تہ ڏسندڙ طربيہ ۽ الميہ ڊرامن جي يڪسانيت کان بور ٿي چڪا هئا. قديم يونان ۾ هن قسم جي ڊرامي جي سخت مخالفت ڪئي ويندي هئي. البتہ انگريزيءَ ۾ هن قسم جي ڊرامن تمام

گهڻي شهرت حاصل ڪئي. انگريزي ڊرامي جي تاريخ ۾ مائونٽ ۽ جان فليچر(1579_1635ع) هن قسم جي ڊرامي جا مؤجد آهن. جان ڊرائڊن (1631_1700ع) پڻ هن قسم جا ڪافي ڊراما لکيا. موجوده سنڌي ٽي وي ڊراما اڪثر ڪريTragic Comedy آهن ۽ هن قسم جا ڊراما رائج آهن. هي ڊراما اداس ۽ غمگين ماحول سان شروع ٿيندا آهن. جن ۾ مرڪزي ڪردار تڪليف ۽ عذاب مان گذرندو آهي، پر آخر ۾ ڊرامي جو انجام خوشيءَ سان ٿيندو آهي.

**الهام**(Intuition):

دينيات ۾ الهام لفظ خدائي اثر لاءِ مخصوص هو. (All scripture is given by the inspiration of God). هي رباني/خدائي اثر شاعرن ۾ به ڪارفرما هوندو آهي. ملٽن جو چوڻ آهي ته شاعر کي هميشه ان ابدي روح جي ضرورت پوندي آهي، جيڪو پنهنجي مقدس فرشتي کي پنهنجي قربان گاهه جي مقدس باهه ڏئي موڪليندو آهي.

الهام وجدان ۽ لقاءَ جو نالو آهي. اندرئين احساس جو اهو شعلو، جيڪو تخليق جو ڪارڻ بڻجي ٿو.

**الهامي ادب**(Apocalyptic Literature) **الهامي يا ڪشفي علم و ادب:**

اهڙو ادب، جنهن ۾ درويشن، سنتن جي شعرن، گفتن يا لکتن ۾ انسان ذات ڪائنات لاءِ ڪي ڪشفي يا اڳ ڪٿيءَ واريون ڳالهيون ٿيل هجن. قديم ڪلاسيڪي سنڌي ادب ۾ الهامي اشارا ملن ٿا. ماموئي فقيرن جي بيتن مان ايندڙ وقت ۾ پيش ايندڙ واقعن جي باري ۾ ڄاڻ ملي ٿي. ان کان پوءِ شاهه، سچل، شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ به ڪيترا تاريخي اهڃاڻ ملن ٿا. عبدالرحيم گروهڙيءَ جي ڪلام ۾ به اهڙا بيت موجود آهن.

**اليڪٽرا مونجهارو**(Electra Complex):

هي اصطلاح، ماهر نفسيات سگمنڊ فرائڊ (1856_1939ع) جو ايجاد ڪيل آهي. هن اصطلاح موجب پيءُ سان ڌيءَ جو تحت الشعور ۾ لڳاءُ هوندو آهي. پٽ ۽ ڌيءَ طرفان والدين جي قربت حاصل ڪرڻ لاءِ مقابلو يا حسد (منفي يا مثبت) پڻ ٿي سگهي ٿو. هي اصطلاح ايڊي پس مونجهاري جو مخالف آهي.

**اُمي** (Ummi):

"امي" عربي زبان جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي لکي ۽ پڙهي نه سگهڻ. اصطلاحي زبان ۾ "امي" ان کي چئبو آهي، جنهن ڪنهن مڪتب يا

مدرسي مان رسمي تعليم نہ پرائي هجي، امي يا قدرتي علم سان نوازيل، غير معمولي ذهن ۽ ذڪا جا مالڪ. علمن سان مالا مال هجي حضرت محمد ﷺ لاءِ چيو ويندو آهي تہ لکي پڙهي نہ سگهندا هئا ۽ امي هئا. پر مٿن وحيءَ ذريعي علم نازل ٿيو. وحي سڀ کان پهريان لفظ، جيڪي نبي سڳوري کي چيا سي هئا "اقرا" يعني پڙهہ تہ پاڻ جواب ڏنائون تہ "مونکي پڙهڻ نٿو اچي"... اهڙي نموني بہ ٽي دفعا اهو سوال ۽ جواب ٿيو جنهن کان پوءِ نبي سڳوري پڙهڻ (چوڻ) شروع ڪيو، جو کين حضرت جبرئيل وحي جي صورت پڌائيندو ٿي ويو. اڪثر بزرگن ۽ درويش شاعرن کي سندن معتقد 'امي' ڄاڻائي سندن باطني علم جي اهميت بيان ڪندا آهن.

شاهہ لطيف لاءِ بہ اهڙو تصور موجود رهيو آهي، جيتوڻيڪ سندس پڙهيل هئڻ جي شاهدي 'رسالو' ئي ڪافي آهي.

**انا** (Ego):

انفرادي نفس، خودي، ذهن جو اهو حصو جيڪو حقيقتن جي ردعمل جو اظهار ڪري ۽ پنهنجي انفراديت جو احساس رکي.

**انا الحق** (I am the Truth):

"آءٌ خود حق آهيان"، (منصور حلاج جو بي خوديءَ وارو نعرو). ڪن صوفين وٽ وحدت الوجود جو لازمي ۽ منطقي نتيجو "انا الحق" آهي، انهيءَ عروج تي پهچي، حسين بن منصور حلاج 310هہ ۾ پهريون دفعو "انا الحق" جو نعرو هنيو. تصوف جي تاريخ جي ورق گرداني ڪجي ٿي. منصور جي شهادت کان پوءِ اسلامي دنيا ۾ صدين بعد الله جي عشق سان سرشار بي باڪ ۽ همت ڀريو صوفي سچل سرمست پيدا ٿيو جنهن منصور واري جذبي مدهوشي ۽ بي باڪيءَ سان انا الحق جو نعرو هنيو:

منصوريءَ جي موج ۾، ٿو انا الحق الايان
واديءَ وحدت جي، گهوري سر گهمايان.

**انارڪي/ انتشار** (Anarchy):

سياسي ادب ۾ استعمال ٿيندڙ اصطلاح، نراجيت، جنهن جو مطلب آهي تہ سياسي طور تي ملڪ ۾ نہ راڄ يا وڳوڙ، انتشار ڦهلائڻ. انارڪي يا نراجيت اڪثر حڪومتن کي ڪيرائڻ يا ڪمزور ڪرڻ لاءِ بہ پيدا ڪئي ويندي آهي.

**انانيت** (Egotism):

'انا' يا 'ego' انسان جي اندر 'پاڻ پڻي' جي احساس کي چئبو آهي ۽ انانيت قابل اعتراض حد تائين خودثنائي يا خود پسندي ٿيندي آهي، جنهن تحت ڪوبہ شخص پنهنجي ذات سان والهانہ محبت رکندو آهي، ۽ پنهنجي عمل يا ڪردار وسيلي صرف پنهنجي فائدي کي ترجيح ڏيندو آهي.

**انتخاب** (Anthology):

ڪنهن بہ هڪ يا گهڻن اديبن يا شاعرن جي لکڻين يا شعرن جو انتخاب گڏ ڪرڻ يا چوند بياض گڏي ڇپائڻ.

**انتخاب/گلدستو** (Anthology):

چوند نثر نظم يا مضمونن جو مجموعن کي انتخاب يا گلدستو چيو ويندو آهي، جيئن هڪ گلدستي ۾ مختلف ۽ چوند گل رکيا آهن، اهڙي طرح خاص ۽ چوند مضمونن کي گلدستو چيو ويندو آهي. سنڌي ۾ ڪهاڻين ۽ مضمونن جون ڪيتريون 'Anthologies' ـ انتخاب شايع ٿيل آهن.

**انتقام تي ٻڌل الميو** (Revenge Tragedy):

الميہ ڊرامي جو هي هڪ اهڙو قسم آهي، جنهن جو مرڪزي خيال يا آڪاڻي "بدلي وٺڻ" تي ٻڌل هوندي آهي. هن ڊرامي ۾ ڪنهن جو ناحق خون ٿيندو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ ڊرامي جو هيرو يا سورمو بدلي وٺڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ڊرامي جو "بدلو" دراصل هڪ فريضو سمجهي ورتو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح خوف، هراس ۽ استحصال هن ڊرامي جي خاص خوبين مان هوندا آهن. آخر ۾ بدلي وٺندڙ سورمي لاءِ خاص هيمدردي پيدا ٿي پوندي آهي. وليم شيڪسپيئر جا مشهور ڊراما Revenge Tragedy آهن، جهڙوڪ هيمليٽ (Hamlet)، ميڪبيٿ (Macbeth)، ڪنگ ليئر (King Lear) ۽ آٿيلو (Othello) وغيره. ان کان سواءِ انگريز ڊراما نگارن ۾ جان ويبسٽر (1580ـ 1635ع) ۽ ٿامس ڪائڊ (1558ـ1594ع) پڻ هن قسم جي ڊرامن جي ڪري مشهور هئا.

سنڌي ڊرامي جي تاريخ ۾ مرزا قليچ بيگ جا "شهزادو بهرام"، "شاهه ايليا"، ديوان ٺاڪرداس جو "ثريا جلتر"، ليلارام ماڪيجاڻيءَ جو "بي وفا قاتل"، احمد علي چاڳلا جو "خوني" انتقامي الميہ جا اهم مثال آهن.

**انٽرويو** (Interview):

انٽرويو اخبار نويسيءَ جي فن مان ادب ۾ آيل هڪ نئين صنف آهي. ان کي سنڌيءَ ۾ "ملاقات" يا "مڪاميلو" بہ چوندا آهن. ڪنهن اخبار يا رسالي يا ٽي. وي يا ريڊيو لاءِ ورتل انٽرويوءَ ۾ ڪنهن ليکڪ/فنڪار/سياستدان وغيره کان ذاتي زندگيءَ يا موجوده مسئلن ۽ حالتن تي سوال پڇيا ويندا آهن، جن جا هو جواب ڏيندو آهي. ادبي انٽرويوءَ ۾ ڪنهن اديب کان ادب بابت پڇيل سوالن جا جواب ڏنل هوندا آهن. ادبي انٽرويوءَ ۾ ليکڪ کان سندس ذاتي زندگيءَ، ادبي خدمتن ۽ همعصر حالتن ۽ ادب بابت سوال پڇيا ويندا آهن.

**انجيل** (Bible):

حضرت عيسيٰ تي نازل ٿيل الهامي ڪتاب، جنهن کي 'نئون عهدنامو' بہ چئبو آهي. سنڌ ۾ ٽالپرن جي زماني ۾ انجيل جي ڪجهہ حصن جو ترجمو ديوناگري رسم الخط ۾ ڪيو ويو. انگريزن جي زماني کان اڳ ميٿيوس جي لکيل نسخي وارو انجيل، جنهن کي 1825ع ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو ويو ۽ ساڳئي ڪتاب کي 1850ع ۾ ديوناگري رسم الخط ۾ ڇپرايو ويو. سال 1852ع ۾ جان جو لکيل انجيل وارو نسخو، جنهن کي برنس ترجمو ڪيو هو. ان کي عربي–سنڌي رسم الخط ۾ ڇپرايو ويو ۽ ساڳي ڪتاب کي گرمکي رسم الخط ۾ بہ شايع ڪيو ويو. جان جي لکيل نسخي کي بائيبل ايگزيلري سوسائٽي بمبئي شايع ڪيو هو.

**انحطاط پسند** (Decedents):

19 صدي جي آخري وچ دوران فرانسيسي شاعرن ۽ اديبن جو هڪڙو گروهہ سامهون آيو، جن کي نقادن "انحطاط پسند" جي اصطلاح سان وضع ڪيو. 'انحطاط پسندي' وارو اديبن جو رويو هڪ تحريڪ جي صورت ۾ ابريو ۽ ان جا اثر سڄي يورپ ۾ ڏسڻ ۾ آيا. انحطاظ پسند اديب ۽ شاعر سماجي ترقيءَ جا مخالف هئا. هن قسم جي اديبن هلڪي رواجن ۽ قومي رواجن جي خلاف سخت رويو اختيار ڪيو. انهن جمالياتي روايتن ۽ قدرن جي بہ مخالفت ڪئي. هنن ۾ خود لذتي ۽ عياشيءَ جو عنصر نمايان هو.

**انسان پرستي** (Anthropolatary):

انسان پرستي، انسان جي مقدس هئڻ جو علم.

**انسان مرڪزيت** (Anthropocentrism):

هڪ عقيدو، جنهن مطابق هن ڪائنات ۾ انسان، اشرف المخلوقات ۽ پوري عالم جي وجود جو مرڪز آهي.

**انسانيت واد** (Humanism):

تاريخي لحاظ کان هيءَ هڪ تحريڪ هئي، جيڪا اٽليءَ ۾ جاڳرتا واري دور(Renaissance) ۾ شروع ٿي، جنهن جو اهم مقصد ڪليسا ۽ رياست جي اجاين پابندين کان آزادي ماڻڻ هو. هيومنسٽ (انسانيت پرست) گهڻو ڪري يوناني ۽ رومي ڪلاسيڪل شاهڪارن تي يقين ڪندا هئا، خاص طور سندن ڪم ادب، سائنس آرٽ ۽ اخلاقيات تي مبني هو. يورپ ۾ نئين سجاڳيءَ واري دور جا اڪثر ليکڪ هن قسم جي تحريرجا حامي هئا. اڳتي هلي روسو، ايڊمنڊ برڪ، جوزف مسٽري ۽ ٻيا هن تحريڪ ۾ سرگرم هئا. هنن جي ادب ۾ 'انسان' ۽ 'انسانيت' جي وڏي اهميت هئي.

**انسائيڪلوپيڊيا** (Encyclopedia):

انسائيڪلوپيڊيا اصل يوناني لفظ اينسائيڪلوپيڊيا encyklopaedia مان ورتل آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ encyclopaedia پڻ لکيو ۽ چيو وڃي ٿو. انسائيڪلوپيڊيا جو لغوي مطلب آهي گهيرو (گول، دائرو) يا علم (ڄاڻ، سکيا) جو مڪمل سرشتو يعني سڀ طرفي ڄاڻ.

علم جي سڀني شعبن يا ڪنهن هڪ شعبي تي حاوي تاليف، جيڪا لغت کان مختلف ۽ جامع هجي، جنهن ۾ عنوان جي مفهوم ڪانسواءِ، تاريخ ۽ بيان ٿيل هجي. سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد باقاعدي سرڪاري سطح تي مختلف جلدن ۾ سنڌيءَ ۾ پهرين تاريخي 'انسائيڪلوپيڊيا سنڌيانا' شايع ڪئي آهي.

**انشائيه** (Essay):

انشائيه هڪ اصطلاح جي حيثيت ۾ "ايسي"(Essay) جو ترجمو آهي. پهرين ان کي "مضمون" به چيو ويندو هو. ليڪن مضمون هڪ اهڙو عام اصطلاح آهي جنهن جي حدن ۾ سوانحي مضمون، تحقيقي مقالا، ايستائين جو اخباري ڪالم به اچي وڃن ٿا. مضمونن جي ان خاص قسم لاءِ ڪنهن خاص لفظ جي ضرورت هئي، جنهن لاءِ بعد ۾ "انشائيه" جي اصطلاح کي استعمال ڪيو ويو. سنڌيءَ ۾ انشائيه لفظ گهڻو عام نه آهي، پر اردو ۾ ان جو خاص مقام آهي.

**انفراديت** (Individuality):

انفراديت ڪنهن تخليق جي عظمت جو اهڃاڻ ٿئي ٿي. ان ئي عنصر جي ڪسوٽيءَ ذريعي ڪنهن بہ تخليقي شهپاري جي فني ۽ فڪري پهلوئن جي چنڊ ڇاڻ ڪري سگهجي ٿي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي تہ انفراديت ڪنهن تخليق (Creation) جي سڃاڻپ، علحدي خاصيت ۽ اهڃاڻ آهي. جديد شاعرن پنهنجي ذاتي محسوسات، مشاهدن، احساسن ۽ تجربن کي هڪ انوکي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. تشبيهن، استعارن اصطلاحن ۽ محاورن جو اظهار بہ نرالي ۽ پيرائتي انداز ۾ ڪيو آهي. جيئن اياز چيو آهي تہ:

جتي لڪ لڳي جت اڪ ڦٽن
سو ديس مسافر منهنجو ڙي
جت سچ ڦلا ٿي نڪري ٿو ۽
آڳ الا ٿي نڪري ٿو
جت ڏينهن ڪڙهائي جيئن ڪڙهن
سو ديس مسافر منهنجو ڙي

(شيخ اياز)

اها انفراديت، هر شاعر، فنڪار ۽ آرٽسٽ جي سڃاڻپ هوندي آهي.

**انقلاب** (Revolution):

مڪمل حڪومتي تبديلي، نظام جي تبديلي، نئون سرشتو آڻڻ لاءِ سرڪار يا سماجي نظام جو زوريءَ خاتمو ڪرڻ وغيره. انقلاب جي زمري ۾ اچي وڃن ٿا. دنيا ۾ ڪيترائي انقلاب آيا آهن. مثال طور فرانسي انقلاب، روسي ڪميونسٽ انقلاب، چيني انقلاب، زرعي انقلاب، وغيره وغيره. سياسي انقلابن ۾ اديبن جو بہ اهم ڪردار رهيو آهي. روسو جي لکڻين جي ڪري فرانسي انقلاب جي راهہ هموار ٿي. چارلس ڊڪنس جي ناول "A Tale of two Cities" ۾ فرانسي انقلاب جو ذڪر آهي. ڪارل مارڪس جي لکڻين سڄي دنيا ۾ سياسي ۽ اقتصادي ۽ ڪميونسٽ انقلاب آندو.

**انقلابي ادب** (Revolutionary Literature):

انقلابي ادب مان مراد اهڙو ادب آهي، جيڪو ڪنهن انقلابي نظرئي جي ترجماني، تبليغ، ترويج يا اشاعت جي غرض سان وجود ۾ اچي. اهڙي قسم جون تحريرون گهڻو ڪري ماڻهن ۾ جوش و جذبي جو احساس پيدا ڪنديون آهن.

انقلابي اديب پنهنجي طرفان ڪنهن بہ مصلحت کان ڪم نہ وٺندا آهن. گهڻو ڪري روسي انقلاب جي اثر هيٺ لکيل ادب کي انقلابي چيو ويندو آهي.

**اوٺيٺڙو** (Othearo):

اوٺيٺڙو ٽري لاڏي جو قسم آهي، پٺن تي بي سواري نہ هئڻ ڪري اٺن تي پاڪڙا وجهي ماڻهو/ مسافر پاڙي تي پري پري سفر ڪندا آهن ۽ جيڪو گيت ڳائيندا آهن، تنهن کي "اوٺيٺڙو" سڏبو آهي.

**اوسارو** (Osaro):

اوساري جي لغوي معنيٰ آهي "افسوس ڪرڻ" يا "ماتم ڪرڻ". اوسارو پنهنجي ڪنهن عزيز ماڻهن يا دوست جي موت تي ڪيو ويندو آهي. شاعريءَ ۾ اوساري کي 'مرثيي' جو بہ حصو سمجهيو ويندو آهي. ڪربلا جي شهيدن يا ڪنهن بہ مٽ مائٽ جي غم ۾ عورتون اوسارا چونديون آهن.

**اولياڻت** (Transcendence):

هيءَ هڪ قسم جي مذهبي ۽ فلسفي تحريڪ هئي، جيڪا 1820ع ۾ آمريڪا ۾ هلي، هن کي ماورايت بعيد الفهم يا سمجهہ کان مٿانهين ڪيفيت بہ چيو ويندو آهي. سماجي ۽ سياسي ڍريون انسان جي پاڪائيءَ کي داغدار ڪن ٿيون، ان خلاف هليل تحريڪ اولياڻت پسند انسان جي پاڪائيءَ تي يقين رکندا آهن.

**اومني بس** (Omnibus):

لفظ اومني بس جي معنيٰ آهي وڏي بس، جهڙوڪ لنڊن ۾ هلندڙ ڊبل ڊيڪر، پر علم ۽ ادب ۾ ان جي معنيٰ ٿيندي: ڪنهن ليکڪ جي مڙني لکڻين جو گڏيل هڪ مجموعو. مثلاً ڪنهن بہ تخليقڪار جي ڪهاڻين، ناولن، شعرن، خطن ۽ مضمونن جو گڏيل مجموعو. انگريزي ۽ ٻين ٻولين ۾ انيڪ ليکڪن جا ان قسم جا ادبي مجموعا نڪرندا رهندا آهن. خاص ڪري نثر جي حوالي سان 'مدد علي سنڌيءَ جو "دل اندر درياءَ" شايع ٿيل آهي.

**اونداهو کنڊ** (Dark Continent):

اهل يورپ، جيستائين آفريڪا کي دريافت نہ ڪيو هو، تيستائين ان کنڊ کي 'اونداهو کنڊ' سڏيندا هئا. ڇو جو ڪين آفريڪا جي باري ۾ ڪا بہ معلومات نہ هئي. ادب ۾ اهو اصطلاح ڪنهن اڻڄاتل يا مبهم خيال لاءِ بہ استعمال ٿيندو آهي.

**اُهل / نقل** (Imitation):

يونانين جي خيال ۾ هر تخليق اصل ۾ 'اهل' يا نقل آهي، جو تہ اصل شيءِ جو خالق خدا آهي. ان جو مطلب تہ تخليق دراصل نقل جو بہ نقل آهي. هن (خدا) خيال يا تصور کيو ۽ تخليق ڪئي. ان تخليق کي ڏسي انسان جي ذهن ۾ تصور ۽ عڪس 'پيدا ٿيو جنهن مان سندس تخليق جنم ورتو. يوناني خيال پرست ذاهن، خاص ڪري افلاطون نظريو ڏنو تہ شاعري، ڊرامو ۽ ٻيو ادب نقل جو بہ نقل آهي.

**اهل علم** (Schoolman):

ارسطوءَ جي منطق جي حوالي سان مذهبي عقيدن تي بحث ڪندڙ عالم. روايتي علمن جو ماهر ۽ ان جي دلچسپي رکندڙ فرد. وچئين دور ۾ اهڙو ليڪڪ، جيڪو الاهيات ۽ فلسفي سان خصوصي تعلق رکندو هو. ان کي ان نالي سان سڏيندا هئا.

**ائبرجڊ ايڊيشن** (Abridged Edition):

ڪنهن تاريخي ڪتاب يا ڪنهن ناول يا تحرير کي پڙهندڙن جي سهولت لاءِ ننڍو ڪري لکجي جيئن ان جو بنيادي پيغام نہ ضربجي. شيڪسپيئر جا اڪثر ڊراما ٻارن لاءِ ننڍا ڪري ڇاپيا ويا آهن.

**ائبسرڊ ناٽڪ** (Theatre of Absurd):

يورپ ۾ ان کي اڊنگائيءَ جو ٿيٽر (Theatre of the absurd) چوندا آهن. يورپ ۾ صنعتي انقلاب ڪانپوءِ واري صنعتي معاشري ۾ ماڻهوءَ جي جيڪا صورتحال وڃي بيٺي، ان کي اڊنگائيءَ واري صورتحال چيو ويو. هن ڊرامي جو هر ڪردار ڪنهن نہ ڪنهن خوف ۾ ورتل هوندو آهي. ڪنهن وڏي طاقت جو خوف، جيڪو حقيقي يا خيالي ٿي سگهي ٿو. اهو خوف، انديشي ۽ ڊپ ۾ ورتل انسان کان عجيب حرڪتون ڪرائي ٿو ۽ سندس واهيات حرڪتن کي ڏسي کل ايندي آهي. جيڪا اجائي ۽ بي معنيٰ آهي. ڪنهن مهل ان کل جو آواز روئڻ جهڙو ٿو لڳي. سنڌيءَ ۾ ڊاڪٽر پريم پرڪاش جو ناٽڪ 'مورچابندي'، موتي پرڪاش جو ناٽڪ 'رات هڪ طوفان جي' ۽ ايم ڪمل جو ناٽڪ 'ماچس ڪٿي آهي؟' وغيره اهم ائبسرڊ ناٽڪ سمجهيا وڃن ٿا.

**ائڪمي ازم** (Acmeism):

لفظ 'ائڪمي جي معنيٰ آهي ڪمال يا اوج. پر ادب ۾ هڪ تحريڪ، جيڪا 20 صديءَ جي شروع ۾ روسي شاعرن جي هڪ گروه علامت نگاريءَ

(Symbolism) جي خلاف هلائي هئي، ان جو گهڻو بيان "اپولون" نالي رسالي ۾ شايع ٿيو. هيءَ تحريڪ گهڻو وقت هلي نہ سگهي ۽ 1920ع ڌاري ختم ٿي وئي. پر هن تحريڪ ۾ ڪيترا چڱا ناميارا شاعر شريڪ هئا، جن ۾ نڪولائي گميليف (1921 _ 1886ع)، اوسپ ميندلسٽم (1940_1891ع) بہ شامل هئا تہ اينا اخماتوف (1967_ 1889ع) بہ، جنهن کي سريلن گيتن جي ليکڪا طور وڏي مڃتا حاصل آهي.

**انمي مزم (Animism):**

مظاهرپرستي، بيجان شين ۾ روح هئڻ جو اعتقاد.

**اِي بوڪ (E-Book):**

موجوده جديد ٽيڪنالاجي ۽ انٽرنيٽ جي دور ۾ ڪتاب صرف لائبريرين تائين محدود نہ آهن. سڄي دنيا جي اڪثر ٻولين جا ڪتاب انٽرنيٽ تي اچي رهيا آهن. هڪ ننڍو ڪمپيوٽر چاهي جي ٻئي پندارسان گڏ لکن، ڪروڙن ڪتابن جي لائبريري آهي، جنهن کي انٽرنيٽ سان ڳنڍي کولي ۽ پڙهي سگهجي ٿو. ان سڄي عمل کي اليڪٽرانڪ بڪ (E-Book) چيو وڃي ٿو. اڄڪلهہ اهڙن ڪتابن جي خريد و فروخت بہ انٽرنيٽ ذريعي ڪئي وڃي ٿي.

**ايبي ٿئيٽر (Abbey Theatre):**

هي آئرش ٿئيٽر جو سڀ کان مشهور ٿئيٽر هو، جيڪو 1899ع ۾ ڊبليو. بي. ييٽس (1865_1939ع) ۽ ليڊي گريگوريءَ (1852_1932ع) پاران هلايل ناٽڪ_ تحريڪ جو مرڪز هو. جنهن جو مقصد اهو هو تہ رڳو ۾ وڌ آئرش موضوعن کي آئرش ناٽڪن ۾، اتان جي ئي اداڪارن ذريعي پيش ڪجي. هن ۾ گئلڪ ٻوليءَ ۾ ڊراما پيش ڪرڻ تي بہ زور ڏنو ويندو هو. 1951ع ۾ ايبي ٿئيٽر جي سڙي وڃڻ کان پوءِ پيهر 1966ع ۾ ان کي تعمير ڪيو ويو.

**ايثار پسندي (Altruism):**

خير خواهي، ڀلائي پسنديءَ جو جذبو. جنهن سان ٻين جي ڀلائي ڪري سگهجي. ايثار پسندي دراصل انا پرستيءَ جو ضد آهي. ايثار پسنديءَ جي جذبي هيٺ ڪيتراً ناول ۽ ڪهاڻيون لکيا ويا آهن.

**ايجنڊا (Agenda):**

ڪارروائي نامو، گڏجاڻيءَ لاءِ غور هيٺ ايندڙ مکيہ نُڪتا يا رٿا جي ترتيب

**ايڊيٽوريل**(Editorial):

ايڊيٽر جي روزمره جي اهم معاملن تي لکيل خاص تحرير. اخبار جي پاليسي کي پيش ڪندڙ تحرير. ڪنهن رسالي ۾ ايڊيٽر طرفان لکيل تحرير.

**ايڊي پس مونجهارو**(Oedipus Complex):

هي اصطلاح، مشهور ماهر نفسيات سگمنڊ فرائڊ (1856_1939ع)جو ايجاد ڪيل آهي. فرائڊ هي اصطلاح مشهور يوناني ڊرامي 'King Oedipus' مان اخذ ڪيو هو. هن ڊرامي ۾ بادشاهه ايڊي پس بيخبريءَ ۾ پنهنجي والد کي قتل ڪيو هو ۽ ماءُ سان شادي ڪري ڇڏي هئي. هن اصطلاح موجب ماءُ جو تحت الشعور ۾ پٽ ڏانهن لڳاءُ هوندو آهي. ان ضد ۾ پٽ ۽ پيءُ جي وچ ۾ رقابت پيدا ٿيندي آهي. اهو ذهني مونجهارو اڳتي هلي پين عورتن ۾ ماءُ جو عڪس ڳولڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي.

**ايضاً** (Etcetra):

حوالي جي ورجاءَ کان بچندي يا ساڳئي حوالي کي بيهر لکڻ بدران 'ايضاً' لفظ ڪم آڻبو آهي.

**ايڪانڪي ڊراما** (One Act Play):

هڪ ايڪٽ وارا ڊراما، يڪ فصلا ناٽڪ. جيڪي ننڍا، مختصر منظر ۽ مختصر ڪردارن تي مبني هوندا آهين. يوناني ڊراما هڪ مڪمل ايڪي طور هوندا هئا، جن جي وچ وچ ۾ ڪجهه ڪورس جي انداز ۾ چيو ويندو هو.

هوريس (65_08 ق_م) اهو پهريون ماڻهو هو، جنهن پنجن ايڪٽن واري ڊرامي تي زور ڏنو. نئين سجاڳيءَ واري دور ۾ ڪنهن مرحلي تي فرينچ ڊرامي نگارن ان کي عام اصول بڻائي ڇڏيو. شيڪسپيئر ۽ سندس همعصرن جي ڊرامن ۾ فطري وٿيون آهن. جن کي ايڪٽن واري ورهاست ڄڻي سگهجي ٿو. انگلنڊ ۾ بين جانسن (1572_1637ع) پنجن ايڪٽن واري ڊرامي جو بنياد وڌو. ابسن (1906_ 1828ع) ايڪٽن کي گهٽائي چار ڪيو. پر ويهين صديءَ جي ابتدائي سالن ۾ ٽن ايڪٽن جي ڊرامن کي ترجيح ملڻ لڳي، ان هوندي به هن ايڪٽن وارا ڊراما به لکبا هئا. هڪ ايڪٽ سنڌي ڊرامن جو رواج پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ (1896_1980ع) وڌو. ڪيس 'ايڪانڪي ڊرامن جو ابو' چيو وڃي ٿو. ڪانشس پوءِ مدن جماڻي، گوبند مالهي ۽ بين ڪيترن ايڪانڪي ڊراما لکيا آهن.

**اينٽي-پلي** (Anti-Play):

هڪ قسم جو ڊرامو، جنهن ۾ ڊرامي جي فني جزن جي برعڪس نه مسلسل پلاٽ هوندو آهي، نه وري مسلسل ڪردار ۽ مناسب مڪالما ٿيندا آهن.

**اينٽي هيرو** (Anti -Hero):

ناول، ڊرامي يا ڪهاڻيءَ جو مرڪزي ڪردار، جيڪو هڪ هيري ۾ موجود روايتي خصوصيتن جهڙوڪ زندگيءَ جي اعليٰ مقصد ۽ بهتر رويي وغيره کان خالي هجي.

**ايوارڊ/اعزاز** (Award):

ادبي دنيا ۾ ڪنهن اديب، شاعر، عالم يا ڪنهن اداري کي ادبي ڪارنامن يا خدمتن تي عزت ۽ مان ڏيڻ لاءِ اعزاز يا انعام ڏيڻ لاءِ تمغو، پئسا يا سرٽيفڪيٽ ڏنو ويندو آهي، ان کي ايوارڊ چئبو آهي. شاهه جي عرس جي موقعي تي سنڌ ۾ 'شاهه لطيف ايوارڊ'، شاهه تي لکندڙ اديبن ۽ شاهه کي ڳائيندڙن کي ڏنو ويندو آهي. اهڙي طرح "سچل ايوارڊ"، "سگا ايوارڊ"، "سنڌي ادبي سنگت ايوارڊ"، "سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ايوارڊ" ۽ ڪي ٻيا ايوارڊ (اعزاز) سنڌ جي ادبي دنيا ۾ ڏنا ويندا آهن. اڳئين زماني ۾ اديبن ۽ شاعرن کي سونا قلم به انعام ۾ ڏنا ويندا هئا.

## ٻ

**باب** (Chapter):

لفظي معنيٰ دروازو، ڪتاب جو داستان، فصل بيان. ڪنهن ڪتاب يا مضمون کي مختلف حصن يا بابن ۾ ورهايو ويندو آهي ته جيئن هر موضوع جي اهميت ۽ خصوصيت ظاهر ٿئي.

**ٻادليئو** (Badlio):

"ٻادليئو" ٿرجو لوڪ گيت آهي. ٿر ۾ زمين جي آباد ٿيڻ جو مدار برسات تي هوندو آهي. وسڪاري سان هر طرف سلوڪ ٿي سانوڪ ٿي ويندي آهي. تڏهن هڪ جيڏيون سرتيون گڏجي ڏاڍي پريم سان 'ٻادليئو' گيت ڳائينديون آهن.

جديد سنڌي شاعرن مان شيخ اياز، تاجل بيوس ۽ خير محمد 'کوي' (جهمپير واري) 'ٻادليئو' عنوان سان لوڪ گيت لکيا آهن. ٿري ٻادليئي جا ٻول هن ريت آهن:

ٻادليئا! تو برس أمراڻي ري ڏيس!
تو بن هاري هريئا نه کيڙي
تو بنا هيڪلي ڦري پتوڻاري
ٻادليئا.....

**بامحاوره ٻولي** (Idiomatic Language):

اهڙي ٻولي، جيڪا مستند ۽ رائج هجي، جنهن ۾ فصاحت ۽ بلاغت جو عنصر نمايان هجي، جنهن جي استعمال ۾ اصطلاح ۽ پهاڪا شامل هجن.

**بحر** (Meter):

شعر جي ارڪانن ۽ وزن جي مجموعي کي "بحر" ڪوٺيندا آهن. "بحر" عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "سمنڊ. اصطلاحي معنيٰ موجب، اهو مقرر ڪيل ٽڪن جو نظام، جنهن سان شعر جو وزن پورو ڪري بيهارجي. "بحر" جي مقرر ٽڪن کي عربيءَ ۾ "ارڪان" چئبو آهي. اهي ارڪان شعر جي وزن جا ماپا آهن. مطلب ته شعر جي وزن واري ماپي يا تارازيءَ کي علم عروض جي قاعدي موجب "بحر" چئبو آهي.

عام طور شعر ۾ مصرعن جو ٿيندو آهي ۽ هر هڪ مصرع ۾ چار رڪن هوندا آهن. اهڙيءَ طرح ٻن مصرعن ۾ ڪل اٺ رڪن ٿين ٿا. جن مان هڪ "بحر" جڙي ٿو. جيڪو 'سالم' يا 'مثمن' هوندو آهي. بحرن ۾ ارڪانن جو انداز گهٽ وڌ به ٿيندو آهي، ان حوالي سان انهن بحرن کي محذوف ۽ مقصور به چوندا آهن. عربي ۽ فارسيءَ ۾ شعر جا مکيه بحر 19 آهن. جن مان عام مروج 11 آهن. جن مان ڇهه بحر 'رجز'، رمل، ڪامل، متدارڪ، متقارب ۽ هزج آهن ۽ ٻيا 5 بحر خفيف، سريع، مجتث، مضارع ۽ منسرخ آهن.

**بديع/بدايع:**

'علم بديع' يا 'علم بدايع' اهو علم آهي، جنهن جي قانون تي هلڻ ڪري فصاحت ۽ بلاغت حاصل ٿئي ٿي ۽ ڪلام جون سڀ ترڪيبون ۽ صنعتون معلوم ٿين ٿيون. جنهن سان ڪلام سهڻو پڪو ۽ عمدو بڻجي ٿو. ڪلام نثر (منثور) ۽ نظم (منظوم) ٿيندو آهي. 'بدايع' صنعتن جو مجموعو آهي، جنهن ۾ معنوي رنگينيون هونديون آهن.

**برلسڪ** (Burlesque):

هي اٽالين زبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ مذاق ۽ ٺوڳ آهي. برلسڪ مزاحيه ڊرامي جو هڪ قسم آهي. هن ڊرامي ۾ گهٽ درجي وارا ماڻهو اعليٰ طبقي وارن يا شريف ماڻهن جا نقل، حرڪتن ذريعي پيش ڪري ماڻهن کي کلائيندا آهن. هن قسم جي ڊرامي جا مڪالما، چرچن تي ٻڌل جوشيلي انداز ۾ چيا ويندا آهن.

**بروو سنڌي (سُر)** (Barvo Sindhi):

راڳ وديا موجب "بروو" هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي. راڳدارِيءَ جي ڪتابن ۾ هي سر شامل آهي، پر بروو سنڌي جدا راڳ آهي ۽ رات جي وقت ڳائجي ٿو. هي ڪافي ٺاٺ مان اصل ڪلاسيڪي راڳ نڪتل آهي. هتي سنڌ ۾ ان کي ٿوري ڦير گهير سان ڳاتو وڃي ٿو. لطيف سائينءَ جو هڪ سر هن راڳڻيءَ جي نالي سان رسالي ۾ موجود آهي. هي اوڊو سمپورن راڳڻي آهي، جنهن کي شاهه لطيف نج سنڌي رنگ ڏنو آهي. هن سر ۾ مجازي عشق جو گهڻو وستار آهي، البته ان ۾ حقيقي محبوب جو به ذڪر آيل آهي.

**برهمي رسم الخط** (Brahmi Script):

برهمي رسم الخط 5000 ق. م. اڳ جي آهي، جيڪا هن وقت مروج نه آهي. عالمن جي خيال ۾ هن خط جو واسطو سنڌو تهذيب جي هڙاپا دور سان آهي. اها ان دور جي ٻوليءَ جي سڌريل صورتخطي هئي. 'ڏکڻ ايشيا جي ٻولين ۽ لپين جي ڊائريڪٽريءَ' جي ليکڪن موجب: بنگالي، ديو ناگري، گجراتي، گرمکي، ڪنڙ، ملايالم، سنهالي، تامل، تيلگو ۽ تبتي لپيون، هن خط مان جڙيون آهن. جپان ۾ هن خط جي ڪيليگرافيءَ وارو نمونو آرٽ جو درجو رکي ٿو. هن لپيءَ ۾ 19 حرف علت ۽ 33 وينجن آهن. ايڊورڊ ٿامس موجب هي خط دراوڙن ايجاد ڪيو. هن خط کي تصويري لکت جي ترقي يافته صورت قرار ڏنو وڃي ٿو. ڪجهه لسانيات جا ماهر هن خط کي سامي لپي، يوناني لپيءَ ۽ فونيشي خط جي صورت ڪوٺين ٿا، پر جديد دؤر جي لسانياتي ماهرن موجب هي خط قديم هند_سنڌ جي لپين جي سڌريل صورت آهي. ٻوڌي عباتگاهن مان پهرين صدي عيسويءَ جي دؤر جون برهمي لکتون دستياب ٿيون آهن. جيڪي خاص طور تامي جي ٿالهين تي اڪريل آهن.

**بزم ادب** (Literary Association):

'بزم ادب'، ادبي تنظيم، جنهن ذريعي ادبي سرگرميون، ادبي مباحثا، ۽ مشاعرا وغيره ٿيندا آهن. انگريزن جي دور ۾ سنڌ ۾ ڪيتريون ئي 'بزم' وجود ۾ آيون. آزادي کانپوءِ اهڙو رجحان جاري رهيو.

**بزم طالب المولىٰ (سنڌ):**

'بزم طالب المولىٰ' سنڌ جي نامياري شاعر ۽ روحاني اڳواڻ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي سرپرستيءَ ۾ 1954ع ۾ قائم ٿي هئي. بزم پنهنجي دؤر جي هڪ ادبي تحريڪ بڻجي اڀري ، جنهن جون سنڌ جي مکيه شهرن ۾ شاخون قائم ٿيون. هن بزم سنڌ ۾ شاعريءَ جي شمع کي سالن تائين روشن رکيو ۽ ڪيتريون ڪانفرنسون منعقد ڪرايون . هن بزم جي شاخن جي سرگرمين ۽ خدمتن جو رڪارڊ انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي ۾ محفوظ آهي. اهڙين ٻين بزمن ۾: بزم استاد بخاري، بزم نثار بزمي وغيره اچي وڃن ٿيون.

**بشريات** (Anthropology):

بشري علم، انسانيات، علم الانسان، انسان بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو علم يا سائنس. (وڌيڪ ڏسو: اينترا پالاجي)

**بغاوت** (Insurgency):

جڏهن عام ماڻهن جي اڪثريت حڪمرانن يا حڪومت جي پاليسين خلاف عَدم تعاون شروع ڪري ته اهڙي ڪيفيت کي 'بغاوت' چيو ويندو آهي. بغاوت دوران ادب جو ڪردار انتهائي اهم هوندو آهي. نعري بازيءَ وارو ادب به انهيءَ صورتحال ۾ تخليق ٿيندو آهي، اديب ۽ شاعر عوام ۾ بغاوتي شعور پيدا ڪندا آهن.

**بلاغت** (Eloquence):

"بلاغت" عربيءَ جي لفظ "بليغ" سان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "پورو، ڪامل، موقعي مطابق". اصطلاحي معنيٰ موجب "بلاغت شعر جي اها خاصيت آهي، جنهن موجب، شعر ۾ موقعي مطابق موزون لفظن جي جڙاوت ٿيل هجي ۽ ان ۾ اهڙي ته صفائي ۽ چٽائي هجي، جو پڙهندڙ جو ڌيان هڪدم اوڏانهن ڇڪجي وڃي.

**بلاول** (سُر) (Bilawal):

سر بلاول هندول راڳ جي پنجن زالن مان هڪ آهي، راڳ جي اصطلاح ۾ هڪ ٺاٺ ۽ راڳڻيءَ جو نالو بلاول آهي. هيءُ بلاول ٺاٺ جو سمپورڻ راڳ آهي. هن ۾ ڪرج يا ڌيوت ڪي وادي سر مڃين ٿا ۽ پنچم يا رکب کي سموادي. هن جي آروهيءَ ۾ مَڌَم سر ڪمزور رهندو آهي ۽ اَمروهيءَ ۾ گنڌار تي زور نه ڏيندا آهن. هن ۾ نڪاد جو سر اڪثر وڪر لڳايو ويندو آهي، يعني ڌيوت کان پوءِ نڪاد کي ڇڏي سڌو ڪرج ڏانهن وڌندا آهن. هن راڳ جو زور اترانگ يعني مٿين سرن ۾ رهندو آهي ۽ امروهيءَ ۾ هن جي شڪل ظاهر ٿيندي آهي. هن جي ڳائڻ جو وقت صبح آهي ۽ هن کي "صبح جو ڪلياڻ" به چوندا آهن. شاهه لطيف جي سر بلاول ۾ ڏٽي تعاليٰ، پيغمبر سڳوري ۽ سخي حاڪم ڄام ڄکري جي ساراهه ڪئي ويئي آهي.

**بلو بڪ** (Blue-Book):

بلو پاڻي وارو ڪتاب، جنهن جي معنيٰ آهي 'سرڪاري رپورٽ'. اقتصادي قاعدن جو ڪتاب. هي سرڪاري رپورٽ تي مشتمل ڪتاب. انگريز دور ۾ ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر رکندا هئا، جنهن ۾ علائقي جون مخفي داخلائون (مخالفن ۽ همدردن جون) رکيون وينديون هيون.

هي معنيٰ موجب خوف ۽ هراس وارين ڪهاڻين جو ڪتاب، جنهن جو علامتي طور تي بلو رنگ وارو جلد (ٽائيٽل) ڇاپيو ويندو آهي.

**بند** (Stanza):

بند عام طرح شعر جي ٻن مصرعن/سٽن کي چئبو آهي. اصطلاحي معنيٰ ۾ نظم جي ترتيب ۽ خيالن جي با مقصد سٽاءَ يا مصرع بند سڏجي ٿو. نظم جي سٽاءَ موجب بند ٻن، ٽن، پنجن، ڇهن ۽ ان سٽن جو به ٿيندو آهي.

**بنياد پرستي** (Fundamentalism):

بنياد پرستي، اصل ۾ هڪ تحريڪ هئي، جيڪا عيسائي مذهب وارن شروع ڪئي هئي، جنهن ۾ روايتي پروٽيسٽنٽ عقيدي تي سختيءَ سان زور ڏنو ويو جنهن موجب آسماني صحيفن کي غلطين کان آجو سمجهڻ ۽ عيسائين جي بنيادي اصولن جي مڪمل پيروي ڪرڻ هو اڄ ڪلهه بنياد پرستيءَ جو اصطلاح مسلمانن جي انهيءَ گروهه لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪي جهاد ۽ اسلام جي بنيادي نظرين ۽ رسمي ادائگين تي سختيءَ سان ڪاربند رهڻ تي زور ڏين ٿا ۽ ان لاءِ تشدد کان به گريز نه ٿا ڪن. بنياد پرستي رڳو مسلمانن وٽ نه، پر هندن، عيسائين وغيره وٽ به آهي، جنهن موجب ڌرم يا مذهب جي ظاهري رسمن تي سختيءَ سان عمل ڪرائڻ مقصود آهي. اڄڪلهه بنياد پرستي صحافتي ادب جو خاص موضوع آهي.

**بورجوا** (بورژوا) (Bourgeois):

مارڪسي نظريي موجب اهو طبقو جيڪو پيداواري ذريعن تي قابض هجڻ جي ڪري يا سرمائيدارانه نظام جي قاعدن موجب، محنت ڪش طبقي جو استحصال ڪري. مطلب ته بورژوائي اهو طبقو آهي، جيڪو سرمائيدار طبقي جي پنيرائي ڪندو آهي.

**بوهيمن** (Bohemian):

هي يورپي ادبي اصطلاح اهڙن اديبن، شاعرن ۽ فنڪارن لاءِ آندو ويندو آهي، جيڪي پنهنجي زندگي بي ترتيب ۽ منتشر نموني گذاريندا آهن. اهي روايتن کان پاسيرو رهندا آهن. هي لفظ ابتدا ۾ جپسين(Gypsies) لاءِ استعمال ٿيندو هو.

**بهار** (Spring):

بهار ڦوٽهڙي جي خوشگوار موسم جو نالو آهي، پر شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي رنگيني ۽ خوشگوار پهلوءَ جي نمائندگي ڪندو آهي. بهار لفظ غزل جي شاعريءَ ۾ ميٽر (Meter) طور ڪتب ايندو آهي، جنهن سان عام طور تي شعر جي ڏيگهه سمجهي سگهبي آهي. يعني شعر جون ٻئي سٽون هر حالت ۾ پاڻ ۾ ”بهار“ (هم وزن) هجن.

**بياني لسانيات** Descriptive Linguistics):

بياني لسانيات کي ’وضاحتي لسانيات‘ يا ’توضيحي لسانيات‘ به چئبو آهي. ڪنهن به ٻوليءَ جي عملي طريقن جو ڪنهن به هڪ دور ۾ جائزو ورتو ويندو آهي: اهو دور چاهي حال جو هجي يا ماضيءَ جي دورن مان ڪو به هڪ هجي، پر ان دور جو لکيل رڪارڊ موجود هجي. ’بياني لسانيات‘ ۾ جڏهن ڪنهن ٻوليءَ جي هڪ خاص دور جو جائزو ورتو ويندو آهي، تڏهن ان دور جي ماضيءَ، توڙي مستقبل جو ڪو لحاظ نه رکبو آهي ۽ انهن کي بلڪل نظرانداز ڪري پوءِ ان دور ۾ زبان جون خصوصيتون بيان ڪيون وينديون آهن. ساڳئي وقت انهن ٻين ٻولين کي به نظرانداز ڪيو ويندو آهي، جيڪي ان سان گڏوگڏ چالو هونديون آهن.

**بياني مضمون** (Descriptive Essay):

بياني مضمون ۾ ڪنهن جڳهه، شخص،شيءِ منظر، ڪردار ۽ احساس جي جزن جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. هن قسم جي مضمونن لاءِ ضروري آهي ته انهن ۾ حقيقي ۽ اصلي ڳالهين جو ذڪر ڪيو وڃي، جنهن سان انساني دماغ تي اثر ٿئي. هي مضمون گهٽ ڪري سيڪڙات ليکڪ لکندا آهن. بياني مضمونن ۾ :

**شخص** (ٽپالي، پوليس، استاد وغيره)، **جانور** (گڏهه، گهوڙو، شينهن، ڳئون وغيره)، **ٻوٽا ۽ گل** (گلاب، چنبيلي، ٻير، سنجهي وغيره)، **معدنيات** (لوهه، ٽامو،

شيشو وغيره)، **عمارتون** (ڪاليج، لائبريري، قلندر جي مزار وغيره)، **ميوا** (صوف، ڪيلا، انگور وغيره)، **گوٺ، واهڻ ۽ شهر** (سنڌ جي ڳوٺن جي زندگي ۽ مسئلا)، **ملڪ** (پاڪستان، هندستان، آمريڪا وغيره)، **صنعتون** (ڪپڙو، ٽانو، بجلي جو سامان وغيره)، **فطري منظر** (بهار جي موسم، مينهوڳي، بجلي جو آزار ۽ گرمي) ۽ **مذهب** (اسلام، عيسائيت، هندو ڌرم وغيره) جا موضوع اچي سگهن ٿا.

**بيت** (Couplet):

بيت، سنڌي شاعريءَ جي نج ۽ بنيادي صنف آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ٻين محققن 'بيت' لفظ جو اصل عربي لفظ 'بيت' ڄاڻايو آهي. جيڪو سنڌ ۾ عربن جي دور (1050ع 712ع) ۾ مروج ٻن سٽن وارو شعر هو. ٻن سٽن واري شعر کي ان کان اڳ اشلوڪ سوتر، سورٺو يا دوهو چيو ويندو هوندو (جيتوڻيڪ اسلوڪ ٻن کان وڌيڪ سٽن ۽ سوتر هڪ سٽ تي به مشتمل هوندو هو). سنڌي زبان ۾ بيت، دوهي مان اسريو. دوهي ۾ قافيو پنهي سٽن جي پڇاڙيءَ ۾ آندو ويندو هو جڏهن ته سورٺي ۾ قافيو سٽن جي وچ ۾ ڪم ايندو هو. وقت گذرندي دوهي ۽ سورٺي جي ميل سان سنڌي شاعريءَ ۾ 'بيت' سرجيو ويو. جنهن جي سٽن ۾ اڳتي هلي واڌ آندي وئي. بيت جي شاعرائي صنف فن، هيئت، معنيٰ ۽ مقصد جي لحاظ کان سومرن کان ڪلهوڙن جي دور تائين ۾ عروج کي پهتي. ان جا اوائلي اهڃاڻ ڳاهن کان پوءِ قاضي قادن، لطف الله قادري، شاهه عنات رضوي ۽ شاهه عبداللطيف جي رسالن ۾ ملن ٿا. شاهه لطيف ڇهن ۽ پنجن سٽن وارا بيت به لکيا آهن.

**بيتن واريون ڳجهارتون** (Poetic Riddles):

سنڌ جي ٻهراڙين جي ڪچهرين ۾ ڳجهارتون بيتن يا ڏوهيڙن جي صورت ۾ ڏنيون وينديون آهن. ۽ انهن کي سگهڙ ڏوهيڙي جي صورت ۾ ئي پڇندا آهن. جيڪڏهن هڪ ڏڪ سان ڳجهارت نه پڇي ته پوءِ بيتن پٺيان بيتن جا وسڪارا لائي ڏيندا آهن. ڳجهارت پڇندڙ ڳجهارت ۾ فقط ڪنهن لاڳاپي واري اسم جو نالو ورتو ته ڳجهارت پڇي پوندي. ۽ پوءِ ڳجهارت ڏيندڙ ڳجهارت سڄي ڪري ٻڌائيندو آهي. مثال طور: ڳجهارت جو نمونو:

"ذات جا ڪنديس ڪپڙا، پوڪ جا ڪنديس ڪا نه"

ڳجهارت پڇڻ وقت ڳجهارت پڇندڙ ويندو ذاتين ۽ پوک جا نالا ڪڻندو ۽ پيا سگهڙ بہ ساڻس شامل هوندا. پوءِ اهي ڏکن پنيان ڏکا هڻندا ويندا آهن. ڳجهارت ڏيڻ وارو ڪنڌ پيو لوڏائيندو ۽ چوندو: اڃا بچي، اڃا گھٽو آهين، اڃا جيئري آهي، تان جو ڪنهن سگهڙ جو پورو ڏک وڃي لڳندو: جواب صحيح هوندو تہ ڏيندڙ چوندو "وٺي" ۽ پوءِ سگهڙ ڳجهارت پڇي ٻڌائيندو. جيئن هن ڳجهارت جا اسم آهن:

ذات جا = مگٽيجا، پوک جا = ٻيجا

پڇڻي: "مگٽي جا ڪنديس ڪپڙا، ٻئي جا ڪنديس ڪا نہ"

**بي ساختہ** (Spontaneous):

ڪنهن شعر يا عبارت جو بي ساختہ يا ڪنهن ارادي جي بغير، پاڻمرادو بي اختيار ٿي نمودار ٿيڻ جنهن کي 'في البديهہ' بہ چئبو آهي. وليم وردس ورٿ (1770ـ1850ع) چيو آهي تہ "شاعري هڪ بي ساختہ جذبن جي اٿل جو عمل آهي". شاعري ڪئي نہ ويندي آهي پر بي ساختہ ٿي پوندي آهي.

**بي سري ڳجهارت** (Unpoetic Riddle):

اها ڳجهارت جيڪا ڪنهن بہ سر تي ٻڌل نہ هجي، پر سگهڙ ڪا بہ ڳالهہ خيال ۾ آڻي، لڪ رکي هجي. مثال طور:

ڪپڙي کي ذات ڪائي تہ/ هڻجي گهوڙي جي

(بند: ڪپڙو = ڪوٽ، ذات جا = ڪلر، گهوڙي جي = پُستي)

پڇڻي: "ڪوٽ کي ڪلر ڪائي تہ هڻجي پُستي"

**بي معنيٰ شعر** (Amphigory):

اهڙو شعر جنهن ۾ ظاهري طور معنيٰ تہ هجي، پر غور ۽ فڪر ڪان پوءِ ڪا معنيٰ نظر نہ اچي.

**بيهڪ جون نشانيون** (Punctuation Marks):

اسان جي ڳالهائڻ مهل اکرن، سادن، مرڪب ۽ پيچيده لفظن، لفظن جي جوڙن، جملن وغيره جي وچ ۾ جيڪي وٿيون، وقفا ۽ ساهيون، زورائتا يا هلڪا

تاثر، لاهيون چاڙهيون ۽ سواليہ يا عجب جا جذبا ظاهر ٿيندا آهن، تن کي تحرير يا لکت ۾ ڪيئن ظاهر ڪجي، جو اظهار بنا فرق جي پڙهندڙ تائين مڪمل طور منتقل ٿي سگهي؟ معنيٰ ۽ مفهوم، چٽائيءَ ۽ وضاحت سان پڙهندڙ تائين پهچائڻ لاءِ جيئن ڪنڌ جي ڌوڻ، ڀروڻ جو ڪجهڻ، نڪ کي موڙو ڏيڻ، هٿن جا اشارا ۽ ٻيون اهڙيون شيون مددگار ٿينديون آهن، تيئن تحرير ۾ بہ ڪي نشانيون هونديون آهن، جيڪي ڳالهہ جي تاثر کي پڙهندڙ جي ذهن تي جيئن جو تيئن پهچائڻ جو ڪم ڪنديون آهن. انهن کي بيهڪ جي نشانيون سڏيو ويندو آهي. اهي آهن دم (فل اسٽاپ)، ٿورو دم (ڪاما)، سوال جي يا عجب جي نشاني وغيره.

# ٻ

**ٻاراڻا گيت** (Nursery Rhymes):

اها شاعري، جيڪا ٻارن جي وندر، وروندهن ۽ اخلاقي قدرن جي سکيا لاءِ لکي وڃي. اها شاعري اڪثر گيتن ۽ نظمن ۾ هوندي آهي. ٻاراڻن گيتن جي سلسلي ۾ ڪاڪي پيرومل جو هي گيت اڄ تائين هر ٻار جي زبان تي هوندو آهي، جنهن ۾ ماءُ جي عظمت کي واکاڻيو ويو آهي:

مون کي ڪنهن تي کير پياريو؟
پيار منجهان تي گود وهاريو؟
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو؟ منهنجي امڙ
ننڊ ڦٽي مون جڏهن تي پئي،
ڪنهن تي سمهاريو لولي ڏيئي
چڏي نہ مون کي ڪيڏانهن وئي! منهنجي امڙ

ماضيءَ ۾ ٻاراڻن گيتن جا شاعر، ڪشنچند بيوس، پيرومل 'غريب'، قليچ بيگ، جمع خان 'غريب'، محمد صديق 'مسافر'، هري دلگير، استاد بخاري، شيخ اياز، وغيره ٿي گذريا آهن. جديد سنڌي شاعرن ۾ اياز گل، ادل سومرو، مقصود گل، مختيار ملڪ، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ۽ ٻيا ٻاراڻن گيتن جا شاعر مشهور آهن.

**ٻاراڻو ادب** (Children Literature):

اهو ادب، جيڪو ٻارن لاءِ لکيو وڃي. دنيا جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ادب ۾ 'ٻاراڻي ادب' کي وڏي اهميت آهي. ٻاراڻي ادب کان سواءِ دنيا جو ڪو بہ ادب ترقي ڪري نہ ٿو سگهي، ڇو جو ٻار آئيندي جو ابو آهي. ٻاراڻي ادب جي هڪ اهميت اها آهي تہ ان سان مستقبل جي نئين ۽ آزاد انسان پيدا ڪرڻ ۾ وڏي مدد ملي ٿي. دنيا جي قومن جي تهذيبي ۽ اخلاقي ترقيءَ ۾ ٻاراڻي ادب جو وڏو ڪردار هوندو آهي. ڏٺو وڃي تہ ٻاراڻي ادب جا ٽي مکيہ سرچشما ٿين ٿا. جن ۾ ماءُ، استاد ۽ اديب شامل آهن. ٻاراڻي ادب جي ابتدا ماءُ جي جهوليءَ واري لوليءَ ۽ ٻوليءَ سان ٿئي ٿي. استاد ڪيس دنيا جي علمن سان گڏ اخلاقي تربيت سيکاري ٿو ۽ ادب معاشري تي

هڪڙو اثر ڇڏي ٿو. جنهن کي ٻار ٻه قبول ڪري ٿو. مطلب ته جيئن ٻار آئيندي جو ابو آهي، تيئن ٻاراڻو ادب آئيندي جي پيڙهه آهي.

**ٻاڻي** (Bani):

ٻول. گروءَ جي مک مان نڪتل وچن يا ٻول. ڌرمي ڪتابن جون واڻيون يا ٻاڻيون يا سلوڪ. ڪن محققن جو خيال آهي ته ٻاڻي يا واڻيءَ مان "واڻي" لفظ نڪتو آهي، جيڪو نج سنڌي شاعريءَ جي هڪ اهم صنف آهي.

**ٻاونجاهه اکري** (Alphabetic Verse):

ٻاونجاهه اکريون سنڌي الف ب يعني ٻاونجاهه اکرن سان شروع ٿيندڙ بيتن يا نظمن جي بندن هيٺ طويل نظماڻي صورت ۾ لکيون ويندڙيون آهن. ٻاونجاهه اکريءَ ۾ "ڱ"، "ڙ" ۽ الف حمزي (ء) جهڙا اکر جيڪي ڪنهن به لفظ جي منڍ ۾ نٿا اچن ، تن جي ڏکيائيءَ سبب ۽ طويل نظم جي ڪري تمام گهٽ لکيون ويون آهن. شاعريءَ جي قديم انداز بيان سان 1983ع ۽ 1986ع جي ايم آر ڊي تحريڪن ۾ سنڌ جي مشهور شاعر 'سانوڻ وچولائي' ٻاونجاهه اکري نظم ۾ جديد رنگ سان خوبصورتيءَ سان لکي آهي، جنهن جو مثال ملڻ محال آهي. هن "ڱ" ۽ "ڙ" جهڙن لفظن کي پڇيءَ جي اچارن هيٺ استعمال ڪيو. مثال: **"ڱ" سڱ جهڙو لفظ عجب ڪنهن ٻي ٻوليءَ ۾ ڳولي ڏي.** " مشڪور ڦلڪاري نالي شاعر به ٻاونجاهه اکري لکي آهي.

**ٻڙيون** Hiatus •••• (:):

بيهڪ جي هڪ نشاني. جڏهن تحرير ۾ ڪا ڳالهه اڌ ۾ ڇڏيل هجي يا ڪنهن چوڻيءَ (Quotation) جو ڪجهه حصو ڪٽي ڇڏيو هجي، ته اتي ٽي ٻڙيون ڏئي ڇڏبيون آهن. جنهن جو مطلب اهو ٿيندو ته هتان ڪجهه حصو ڪٽيل آهي. جيڪڏهن ڪٽيل حصو ڏنگين ۾ هجي، ته ٻڙيون به ڏنگين ۾ ڏبيون آهن.

جڏهن ڳالهه اڌ ۾ ڇڏڻ جو تاثر ڏيڻو هجي ته به جملي جي آخر ۾ اهي ٻڙيون ڏئي ڇڏبيون آهن. ياد رهي ته اهي ٻڙيون ٽن کان وڌيڪ نه ڏيڻ گهرجن.

**ٻول** (Utterance):

عام طرح "ٻول" گفتگو، قول، (سخن) يا وچن کي چئبو آهي. اصطلاحي زبان ۾ راڳيندڙ جي سهڻي سخن کي "ٻول " سڏبو آهي. لوڪ ادب ۾ "ٻول" نظم جي صورت ۾ هوندا آهن، جنهن ۾ ٻهراڙيءَ جا ڏاها ساڌن لفظن ۽

تشبيهن ۾ فڪر انگيز ڳالهيون ڪندا آهن. ٻول بيت، ٻن بندن کان وٺي ويهن، ٽيهن بندن تائين بہ لکيا ويا آهن. هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

ڏچر گهوڙي سچر زال،
چڏي ڪٽڪ، گهاتا ٿر
اڏارو وهاڻ، پنجٿي نہ ٿيا.

**ٻول پرولي** (Rhyming Riddle):

اها پرولي، جنهن جي پڇڻي لاءِ چيو وڃي، جڏهن پڇي، تڏهن پروليءَ جي چيل لفظ سان قافيي ۾ ٺهڪي اچي.

**ٻولي** (Language):

"ٻولي" جي لفظي معنيٰ آهي، "گفتگو، ٻول، ذڪر، لات، آواز، وغيره". ٻوليءَ کي سنسڪرت ۾ "ڀاشا"، هنديءَ ۾ "ٻولي"، عربيءَ ۾ "لسان"، فارسيءَ ۾ "زبان" ۽ انگريزيءَ ۾ "لئنگئيج" (Language) چوندا آهن. دنيا ۾ پيدا ڪيل مخلوقات مان انسان ئي آهي، جنهن جي ٻولي مختلف هنڌن تي مختلف صورتون اختيار ڪري ٿي. اصطلاحي معنيٰ موجب "ٻولي" ڪنهن ساهواري انسان، جانور، پکي يا جيت جي زبان مان نڪتل آواز جو نالو آهي. اهو آواز هو پنهنجي هم جنس ۾ ساڳي زبان واري جي اڳيان ڪيندو آهي. انهن سڀني مان انسان ئي آهي جنهن جي ٻوليءَ ۾ تلفظ ۽ معنيٰ دار آواز ٿين ٿا، جن جي وسيلي هڪڙو ماڻهو پنهنجي ٻئي هم زبان (يعني ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ يا ڄاڻندڙ) واري کي پنهنجو مقصد ۽ مراد چڱيءَ طرح سان سمجهائي سگهي ٿو. مطلب اهڙي تلفظي معنيٰ دار آوازن جي تنظيم يا سلسلو، جن وسيلي هڪڙو ماڻهو پنهنجي ٻئي هم زبان کي معنيٰ مطلب ۽ مراد سمجهائي سگهي. ٻين لفظن ۾ ٻولي چئبو آهي. اهڙي ڳالهہ کي، جو ڳالهائيندڙ ڳالهائي تہ سندس هم زبان ٻڌندڙ ان جو پورو مطلب پوري طرح سمجهي سگهي.

**ٻيجل** (Beejal):

"سورٺ ۽ راءِ ڏياچ" جي قصي ۾ 'ٻيجل چارڻ' جو ڪردار اهم آهي، (جنهن پنهنجي سرندي جي سوز ڀرين آلاپن تي راءِ ڏياچ کي راضي ڪري ڪانئس سندس سِر ڏان طور ورتو.

**پيلڻ**(Song of Camel):

پيلڻ لوڪ گيت جو هڪ قسم آهي. ڪاڇي جا جت جڏهن اٺ تي چڙهندا آهن، تڏهن اٺ جي مهار ڪنڌ تي رکي هڪ هٿ ڪن تي ڌري "الوميان" ڪندا آهن. سندن اها 'الوميان' پيلڻ جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. سرائڪي پيلڻ جو هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

چندڻ سونهاري، تيڏي گهيڙ اٺانگي
تلڙيان ڏي چڙهسان، سهڻل دي سانگي
چندڻ سونهاري، تيڏيانِ سارِيان هن ڇپران
آندي هن ڪا چيلي، ڏسين خير ديان خبران

## ڀ

**ڀاتڪي رسم الخط**(Bhatki Script):

اها رسم الخط لاڙ ۾ لاڙي بندر، فتح باغ، جوڻ، رڙي، بدين، راهمڪي بازار ۽ ننگرشهرن ۾ استعمال ٿيندي هئي. ان جي استعمال وارا ڀٽ، ڀاٽ ۽ چارڻ قبيلا هوندا هئا.

**ڀاٽيا رسم الخط**(Bhatia Script)

هي رسم الخط ٺٽي جا ڀاٽيا ڪتب آڻيندا هئا. البيروني ۽ مطابق اردناگري رسم الخط . ڀاٽيہ رسم الخط پنجاب ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ ڪتب ايندو هو. خاص طور ٺٽي جا ڀاٽيا هن رسم الخط ۾ پنهنجو علم ادب ۽ ڪاروبار لکندا هئا. عربن جي اچڻ کان گهڻو اڳ هي رسم الخط جاري هو. ڀاٽيا رسم الخط جو استعمال بہ الڳ هوندو هو. مثال طور ٺٽائي ڀاٽين جو الڳ رسم الخط هوندو هو ۽ سيوهاڻي ڀاٽين جو الڳ رسم الخط هوندو هو.

**ڀاشا** (Language)

ٻولي ۽ کي هندي ۽ ۾ ڀاشا چيو ويندو آهي. هندستان جا سنڌي اديب اڪثر ٻولي ۽ جي جاءِ تي عام طور "ڀاشا" جو لفظ ڪتب آڻيندا آهن. ڇاڪاڻ جو اهو لفظ 'مڪمل زبان' وارو مفهوم رکي ٿو. جڏهن تہ ڪن ماهرن جي راءِ ۾ ٻولي صرف ڳالهايل زبان لاءِ ڪتب آڻڻ گهرجي. ڀاشا معنيٰ ٻولي Language ۽ اپڀاشا معنيٰ ٻولي ۽ جو ننڍو دفعو (Dialect). البت سنڌي ۽ ۾ لفظ 'ٻولي' مڪمل زبان واري معنيٰ رکي ٿو.

**ڀان** (Bhan):

راءِ، برهمڻ، سومرن ۽ سمن جي دور جا شاعر، درٻاري شاعر ۽ شجرا لکندڙ هوندا هئا. انهن ۾ اڪثريت ڀٽن ۽ ڀانن جي هوندي هئي. اها هڪ ذات بہ آهي. ڀاڳو ڀان، دودي سومري جي درٻار جو مشهور سگهڙ شاعر ٿي گذريو آهي. ڀٽ ۽ ڀان سرڪار جي مشهوري شعرن رستي ڪندا هئا:

"ڪِي جو ٻيجل ٻولئو، ڀِني ۽ ويهي ڀان" (شاهہ، سورٺ).

**ڀٽ** (Bhatt):

ڀٽ، ڀانَ، مڱڻهارَ، ڳائي وڄائي نذرانو گهرندڙ کي چوندا آهن. ڀٽ ۽ ڀان جو ساڳيو ڪم آهي. هي درٻارن سان وابسته هوندا هئا. حڪمرانن ۽ قبيلن جا شجرا ياد رکندا هئا.

**ڀِٽ**(A mound of sand):

سنڌيءَ ۾ 'ڀِٽ'، واريءَ جي دڙي کي چوندا آهن. 'ڀِٽ' جو اصطلاح شاهه لطيف "ڀِٽائي"سان منسوب آهي. شاهه لطيف کي مجازي ۽ حقيقي عشق آرام نه ڏنو. سير سفر دوران نون هالن کان ٻن ڪوهن جي پنڌ تي، ڪراڙ ڍنڍ وٽ ڪرڙن ۽ ڪنڊن ۾ ويڙهيل، واريءَ جي دڙي کي پنهنجو آدرشي آستان ٺاهيائين. نهايت ڪشالي ۽ محنت سان، ان کي پنهنجي "ڀِٽ" جي صورت ڏنائين. فقيرن سان گڏ، انهيءَ واريءَ جي دڙي تي چيڪي مٽي وڌائين، ۽ پوءِ پنهنجي لاءِ هڪ جهوپڙي اڏيائين. سندس حوالي سان ان ڀِٽ کي هاڻي 'ڀِٽ شاهه' جي نالي سان سڏيو وڃي ٿو. جيڪو هڪ ننڍڙو شهر بڻجي چڪو آهي.

**ڀڄن** (Hymn):

ڀڄن سنسڪرت لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "پوڄڻ". ڀڄن اهو شعر آهي، جنهن ۾ ايشور/ڌڻيءَ جي بندگي جو ورنن هوندو آهي. ڀڄن ۾ "گرو" (ڀڳوان) جي ساراهه ڪئي ويندي آهي. سنڌ ۾ موهن فقير آهوجا، صوفي دلپت، سوامي مينگهراج، آسورام ۽ ٻيا ڪيترا ڀڄن جا وڏا شاعر ٿي گذريا آهن. ڀڄن مندرن ۽ ڌرمي محفلن ۾ ڳايا ويندا آهن. ميران ٻائيءَ جا ڀڄن سنڌ هند ۾ مشهور آهن.

**ڀڇڪير**(Whodunit):

جاسوسي ڪهاڻي، جنهن ۾ قتل جو سراغ لهڻ بابت سمجهاڻي يا قاتل جي تلاش ڪرڻ بابت ڪهاڻي هجي.

**ڀڳت** (Bhagat):

ڀڳت سنڌي نرت ناٽڪ جو ابتدائي روپ آهي. ڀڳت، ڀڳتي اڪثر مرد هوندا هئا. جيڪي عورتن جو ويس ڍڪي، پيرن ۾ گهنگهرو ٻڌي، محفلن ۾ "ڀڳت" وجهي حاضرين کي خوش ڪندا هئا. ڀڳت وجهندڙ کي 'ڀڳت' چيو ويندو هو. پنهنجي ڀڳت وجهڻ کان اڳ ڀڳت "سر ڪلياڻ" مان هڪ پرارٿنا پڙهندا هئا.

جهڙي نموني قديم يونان ۾ ٽريجدي' کان اڳ ڪورس ۾ دعا پڙهي ويندي هئي ۽ ڏٽيءَ جي واکاڻ ڪندا هئا. اهڙيءَ ريت ناچ به ڀڳت جو روح هوندو هو.

سنڌ ۾ پراڻي زماني کان ميلن ملاکڙن ۾ لوڪ ناٽڪ (Folk Theatre) ٿيندا هئا. ڀڳت کي ناٽڪ جي شروعاتي صورت چئي سگهجي ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڀڳت ۾ ڪا ڪهاڻي، ڪو منظر سوال، جواب تي ٻڌل قصي جي صورت ۾ پيش ڪئي ويندي هئي. اهڙي نموني ڀڳت ڪندڙ فنڪار ۽ اداڪار، اداڪاري ڪندو ۽ نچندو به هو. ڀڳت وجهندڙ اداڪارن جو انگ هميشه ٻه يا ٽي هوندو هو. اهي ڀڳت سنا ڳائڻا به هوندا هئا. ڪنور ڀڳت، نارو ڀڳت، موٽيو ڀڳت، موهن ڀڳت سنڌ جا مشهور ڀڳت ٿي گذريا آهن. سيد سليمان شاهه به هن قسم جو ڳائڻو هو.

**ڀڳتي ادب** (Bhagti Literature):

وچولي دؤر واري هند ۾ هندو ڌرم سان واسطيدار وشنوءَ جي ڀڳتي ڪندا هئا. اهو هڪڙو طريقو مڪتيءَ (نجات) جو هو جيڪو 'ڀڳوت گيتا' ۾ ڄاڻايل هو. شيخ اياز پنهنجي ڪتاب "ڪتين ڪرموڙيا جڏهن "جي پاڳي ٽئين ۾ لکيو آهي ته ڀڳتي ساهتيه (ادب) ڏکڻ ڀارت ۾ "تامل گيتن" ۾ شروع ٿيو جيڪي گيت ستينءَ کان ڏهين صديءَ تائين الورجي هڪ سنت شاعر لکيا هئا. پر پوءِ ڀڳتي 15 صديءَ ۾ اتر ڏانهن پکڙجي ويئي. اتي ڪبير (1518 _ 1430 ع) ۽ گرو نانڪ (1539 _ 1496 ع) هڪ ڪائناتي خدا ڏانهن اعتقاد جو ڦهلاءُ ڪيو، جو نه هندو هو ۽ نه مسلمان . گهڻو ڪري ڀڳتي ساهتيه (ادب) وشنوءَ جي رام يا ڪرشن جي صورت ۾ ظهور پذير ٿيڻ جي باري ۾ چيو ويو آهي. ڪرشن ڀڳتي اتر ۽ اوڀر ڀارت ۾ گهڻي هئي خاص ڪري شاعر چنڊي داس (15 صدي) ۽ ميران ٻائي (1649 _ 1608 ع) ۽ گجراتي شاعر نرسمها مهتا (1580 _ 1500 ع) وغيره ڪرشڻ ڀڳتي جا مشهور ڀڳت آهن. ڀڳتي تحريڪ جي مختلف لاڙن جو شاهه لطيف، روحل فقير، سچل سرمست ۽ ساميءَ جي شاعريءَ تي پڻ اثر ملي ٿو.

**ڀڳتي ناچ** (Bhagti Dance):

سنڌيءَ ۾ ڀڳت ناچ، ڪٿڪ جو نمونو آهي، ڪٿڪ ۾ به قصه گوئي ڪئي ويندي آهي ۽ ناچ وسيلي ڪردارن کان ڳارايو ويندو آهي. اهي نچي نچي پنهنجي احساسن جو اظهار ڪندا آهن.

**پلنامو** (Errata):

ڪتاب ۾ جيڪي لکت جون چڪون رهجي وينديون آهن، تن جي درست پڙهڻيءَ ڪي ڪتاب جي پڇاڙيءَ ۾ ڏبو آهي، ان ڪي پلنامو چيو ويندو آهي.

**ڀئينو** (Bhainoo):

ٿري/ ڍاٽڪي لوڪ گيت، جنهن ۾ هڪ عورت شاديءَ ڪانپوءِ پنهنجي ڀاءُ ڪي ياد ڪندي آهي.

**ڀيانڪ رس** (Terror Song):

اهڙي شاعري، جنهن ۾ دنيا جي دهشت ۽ هيبت جو ذڪر/رس بيان ٿيل هجي. مثال:

دهشت دم درياهه ۾، جت جايون جانارن
تڪو سنڌو سير جو، مپ نه ملاحن
ورندا درياهه ۾، رڙاڪا ڪيو ورن
(شاهه)

**ڀيٽ ڪرڻ/ تقابلي اڀياس** (Compare and Contrast):

ادبي تنقيد ۾ خاص طور طريقو آهي، جنهن وسيلي ڪردارن واقعن خيالن، حالتن ادبي قنيارن جي، ٻن اديبن جي موضوعن، اسلوبن جي پاڻ ۾ هڪجهڙائين ۽ مختلف هجڻ جي ڀيٽ ڪئي ويندي آهي. ان ڪي ڪي تقابلي اڀياس (Comparative Study) پڻ چئبو آهي. (وڌيڪ ڏسو تقابلي تنقيد)

**تاثراتي تنقيد** (Impressionistic Criticism):

يوناني ۽ لاطيني تنقيد جي ميدان ۾ لانجائينس پهريون نقاد هو، جنهن ادب جي تاثر کي ان جي خوبي قرار ڏنو هو ۽ اعليٰ ادب جي پرک لاءِ ان جي تاثر کي اهميت ڏني هئي. ان کانپوءِ آمريڪا جي مشهور نقاد "اسپسن گارن" هن نظرئي جو مختصر لفظن ۾ بيان ڪيو آهي ته ادب فقط تاثر آهي ۽ ان جي تنقيد به تاثرات جو مجموعو آهي، يعني جڏهن ڪنهن تصنيف کي پڙهڻ وقت جيڪو تاثر پيدا ٿئي ٿو يا تصنيف کي پڙهي ، اهو اندازو لڳايو وڃي ته انهيءَ ڪهڙو تاثر ڇڏيو. هن تنقيد ۾ ادبي نتيجا ۽ سوچون، سماجي قدرن جي روشنيءَ ۾ ڏسڻ ضروري نه آهن. ڪيترن نقادن اهڙي تنقيد کي "تخليقي تنقيد" پڻ سڏيو آهي. انهن جو خيال آهي ته ڪنهن ڪتاب کي پڙهڻ ۽ ان مان لطف اندوز ٿيڻ ۽ مجموعي تاثر وٺڻ کانپوءِ جيڪا راءِ قائم ڪجي، اها تاثراتي تنقيد آهي. ائين ڪٿي چئجي ته تخليق مان ملندڙ لطف جي اثر کي جاچڻ ۽ ماپڻ ئي تنقيد آهي. اهڙي تنقيد جو اصل مقصد انهن ڪيفيتن جي نشاندهي ڪرڻ آهي، جيڪي ڪنهن تخليق کي سرجڻ وقت شاعر يا اديب تي گذرن ٿيون.

**تاثريت جي تحريڪ** (Impressionism):

1863ع ۾ "مو" نالي هڪ مصور پنهنجي هڪ تصوير ناهي "تاثرات" ذريعي هيءَ تحريڪ شروع ڪئي. تاثريت جي ادبي آغاز جي سراغ لڳائڻ لاءِ پهريائين فرانسيسي ناول نگارن "زولا" (1940_1902ع) ۽ "فلوبير" (1821_1880ع) جي تحريرن ڏانهن رجوع ڪيو ويندو هو جن جي حقيقت نگاريءَ جي خلاف هڪ چڱو چوکو رد عمل شروع ٿي چڪو هو. بر اِڳتي هلي ادبي تاثريت پنهنجي هڪ جداگانه حيثيت قائم ڪري ورتي.

18 صديءَ جي انگريزي فلاسافر گيٽو ڪوربيٽ (1776_1711ع) تاثريت جي موضوع تي ڪافي غور ڪري ان کي فلسفي جو رنگ ڏنو. تاثرات جي اهميت جو احساس سڀ کان اڳ انگريز اديب "والٽر پيٽر" (1839_1894ع) ڏنو، پر هن جو

مقصد صرف لذت پسندي هو. هن کان پوءِ "آبري پيٽر سلي" (1896_1882ع) جي فن ۾ تاثراتي انداز فڪر جو هڪ نمايان اظهار موجود آهي.

**تاڃي پيٽو**(Weaving):

لغوي معني ۾ ڪپڙي جي اٽت ۾ ڏيگهه، ويڪر، بناوٽ. ادب ۾ ڪنهن به ناول، ڪهاڻي، ڊرامي يا شاعري وغيره جي اٽت کي تاڃي پيٽو چئبو آهي.

**تاريخ** (History):

تاريخ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معني 'وقت مقرر ڪرڻ' آهي، پر عام طور معني "قومن جي عام واقعن جو بيان يا تاريخي تسلسل جو بيان" ڪئي ويندي آهي. اهو مفهوم بادشاهن جي احوال ۽ واقعات نگاريءَ جي ڪتابن لاءِ ڪم آندو ويو آهي. تاريخ لفظ اهڙن ڪتابن لاءِ به استعمال ٿيو آهي، جيڪي ان مفهوم سان نهڪندڙ نه آهن. جهڙوڪ البيرونيءَ جو هندستان جي احوال بابت "ڪتاب الهند". جنهن ۾ گهڻو ڪري قديم سنڌ جي ڏار ڏار علمن بابت تفصيل موجود آهي. چچ نامو، سنڌ جي تاريخ جو سڀ کان آڳاٽو ۽ مستند تاريخي ڪتاب آهي.

**تاريخ گوئي** (Tareekh Goi):

تاريخ گوئي هڪ پراڻو فن آهي، جنهن ۾ ڪنهن به واقعي_ شادي، غمي، عمارت جو نهڻ وغيره جو مثال اهڙن لفظن ۾ منظوم ڪجي، جو حروف مڪتبي تحت اعداد، گهربل سن جي برابر هوندا آهن. تاريخ ۾ تعمير ۽ تحرير به ٿئي ٿو. تاريخ حروف ابجد جي حساب سان نڪرندي آهي.

**تاريخ وار** (Chronology):

گذريل واقعن تي تاريخ جو تعين ڪرڻ لاءِ تاريخي دستاويزن جي زماني جي حساب سان ترتيب ۽ اڀياس ڪرڻ ايم. ايڇ پنهور سنڌ جي واقعاتي لغت Chronological Dictionary of Sindh لکي، جنهن ۾ تخليق ڪائنات کان وٺي سمن جي دور تائين سنڌ جي واقعن کي تاريخ وار بيان ڪيو آهي.

**تاريخي تنقيد** (Historical Criticism):

تاريخي تنقيد سان ڪنهن به فن يا تخليق کي ان جي اصل حيثيت ۽ حالت ۾ ڏٺو ويندو آهي ۽ انهيءَ جي روشنيءَ ۾ فن يا تخليق جو تجزيو ڪيو ويندو آهي. فريڊرڪ شليگل (Firedrich Schlagal) جو اهو نظريو آهي ته ادب کي

پرکڻ جو بهترين نظريو ۽ طريقو تاريخي آهي هن فن ۽ فنپاري کي تاريخي تناظر ۾ ڏسڻ ۽ پرکڻ جي ڳالهه ڪئي آهي. تاريخي تنقيد ۾ هيٺين اصولن کي پرکي سگهبو آهي:

1. بڻ بنياد جي تلاش
2. مقبول ۽ عوامي فن جو شعور
3. تسلسل جو اصول

**تاريخي ڊرامو**(Historical Drama):

اهو ڊرامو، جنهن ۾ تاريخ مان ورتل ڪردار، واقعا، حڪمرانيءَ جا حالات وغيره ڊرامي جي روپ ۾ ڍاريل هجن، يا اسٽيج تي پيش ڪيا وڃن. مثال طور ڪشنچند بيوس جو "هرش چندر" ۽ "جهانگير"، منگهارام ملڪاڻيءَ جو "انارڪلي" سراج جو "گهاتو گهر نه آيا" وغيره ڊراما ان ڏس ۾ ڳڻي سگهجن ٿا.

**تاريخي ڪهاڻيون**(Historical Stories):

ماضي يا ان دور جي حالتن ۽ واقعن کي تاريخوار سهيڙي انساني جذبن ۽ احساسن سان ڍڪي ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو ۽ ائين محسوس ٿئي ڄڻ پڙهندڙ پاڻ اتي موجود آهي ته اهڙيون ڪهاڻيون تاريخي ڪهاڻيون سڏبيون آهن. محمد صديق "مسافر"، محمد عثمان ڏيپلائي، ڏرمداس ۽ ميلا رام واسواڻي ڪيتريون تاريخي ڪهاڻيون لکيون.

**تاريخي لسانيات**(Historical Linguistics):

تاريخي لسانيات ٻولين جي انهن تبديلين جو جائزو وٺي ٿي، جيڪي زماني گذرڻ بعد ٻولين ۾ ظاهر ٿين ٿيون. انهن تبديلين جا سبب ۽ نتيجا معلوم ڪري ٿي، جيڪي ٻولين ۾ اندران ۽ ٻاهران ظاهر ٿين ٿا: تنهنڪري اها بحث هيٺ ٻوليءَ کي مختلف ۽ مسلسل دورن ۾ ورهائي، ٻن ٻن يا وارن دورن کي ڀيٽي ڏسي ٿي ته جيئن تبديلين جون لاڳيتيون ڪڙيون جوڙي سگهجن انهيءَ لحاظ کان تقابلي لسانيات خود تاريخي لسانيات جو جزو آهي.

**تاريخي ماديت**(Historical Materialism):

تاريخي ماديت مان مراد، مارڪسيت جو اهو پهلو آهي، جيڪو تاريخ جي مادي ۽ معاشي تعبير سان تعلق رکي ٿو. مارڪس جي خيال ۾ انساني تاريخ هڪ داستان آهي، جنهن ۾ مفلس خال طبقو معاشي بهتريءَ لاءِ جدوجهد

ڪندو نظر آيو آهي. ان داستان ۾ استحصالي طبقو ۽ استحصال ٿيندڙ طبقو مسلسل هڪ قسم جي ڪشمڪش ۾ رهندو پيو اچي، جنهن کي "طبقاتي ڪشمڪش" چيو ويندو آهي.

**تاريخي ناول** (Historical Novel):

ماضي يا ان دور جي حالتن ۽ واقعن کي تاريخوار سهيڙي انساني جذبن ۽ احساسن جي پوشاڪ ۾ ڍڪي ڪنهن ناول ۾ اهڙيءَ طرح ڪهاڻيءَ کي پيش ڪيو وڃي جو ائين محسوس ٿئي ته جڻ پڙهندڙ پاڻ اتي موجود هو. اهڙن ناولن ۾ ضروري آهي ته ڪردارن جا نالا تاريخي هجن، پر وقت، جڳهون ۽ واقعات به حقيقي هجن تاريخي ناول کي ان حساب سان ڪڏهن ڪڏهن افسانويت کان الڳ به سمجهيو آهي.

انگريزي ادب ۾ سر والٽر اسڪاٽ (1771_1832ع) خاص طور تي تاريخي ناولن جي ڪري سڃاتو ويندو آهي. سندس ڪتاب Talisman صليبي لڙاين ۾ غازي صلاح الدين جي ڪردار تي ٻڌل آهي. چارلس ڊڪنس (1812_1870ع) جو "ٻن شهرن جي ڳالهه" (A Tale of Two Cities) شاهڪار تاريخي ناول آهي. اردوءَ ۾ نسيم حجازيءَ (1914_1926ع) جا ناول تاريخي آهن. سنڌي ناولن ۾ محمد عثمان ڏيپلائيءَ (1908_1981ع) جي سڃاڻپ پڻ تاريخي ناولن سان آهي. سندس ناول "سانگهڙ"، گربخشاڻيءَ جو ناول "نورجهان"، علي بابا جو "موهن جو دڙو"، سراج جو "پڙاڏو سوئي سڏ"، آغا سليم جو "همه اوست" وغيره شاهڪار تاريخي ناول آهن.

**تاليف** (Compilation):

تاليف عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "جزجوڙڻ"، گڏ ڪرڻ سهيڙڻ ٻن شين کي ملائڻ. ادبي طور جدا جدا ڪتابن مان مضمون گڏ ڪري، يا ڪنهن بزرگ جا قول يا ملفوظات جمع ڪري ڪتاب جوڙڻ کي تاليف چئبو آهي ۽ گڏ ڪندڙ کي "مؤلف" (Compiler) چيو ويندو آهي.

**تاويل** (Explanation):

لفظ "تاويل" جي لغوي معنيٰ "اصل ڏانهن موٽائڻ" آهي. خاص ڪري قرآن شريف ۾ هيءَ لفظ حقيقت يا حقيقي معني ڏانهن رجوع ڪرڻ جي معنيٰ يا تفسير لاءِ ڪم ايندو آهي. جوٿين صديءَ هجريءَ تائين هي لفظ تفسير جي

معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو رهيو "تاويل" ۽ "تفسير" ۾ ٿورو فرق آهي. لفظ "تفسير" جو استعمال ڏکين لفظن جي استعمال ۽ تشريح بابت ٿيندو آهي ۽ "تاويل" جو لفظ جملن ۾ معنيٰ ۽ وضاحت لاءِ هوندو آهي.

**تبصرو** (Review):

ڪنهن مسئلي، مضمون يا ڪتاب بابت پنهنجا خيال ظاهر ڪرڻ. مضمون يا ڪتاب تي ڏنل راءِ تبصرو عربي ٻوليءَ جي لفظ بصر ڏسڻ، سمجهڻ تان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي خيال، ويچار. ڪنهن ادبي ڦنپاري بابت پنهنجا خيال ظاهر ڪرڻ تبصرو دراصل ان راءِ کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪتاب، ليکڪ يا ادبي رجحان وغيره کي عام ڪرڻ يا وکري کي آسان ڪرڻ لاءِ متعارف ڪرائڻ آهي. تبصرو تنقيدي به ٿيندو آهي ته معلوماتي به . تبصرو مختصر به ٿي سگهي ٿو ته طويل به. تبصري ۾ ڪتاب تي مجموعي طور مختصر نموني خوبين ۽ خامين سميت راءِ ڏني ويندي آهي. اسان وٽ تبصرا اڪثر اخبارن يا رسالن ۾ شايع ڪيا ويندا آهن.

**تت** (Precise):

ڪنهن عبادت جو مغز يا بنيادي خيال مختصر لفظن ۾.

**تتبع** (To Follow):

پيروي. ڪنهن شاعر جي غزل يا نظم جي پران غزل يا نظم جوڙڻ يا سندس زمين ۾ لکڻ کي تتبع ڪرڻ چئبو آهي.

**تجربيت** (Empiricism):

تجربيت پسنديءَ جا وڏا پرچارڪ جان لاڪ (1632_1704ع)، هابس (1588 - 1679ع)، ڊيوڊهيوم (1711_ 1716ع) ۽ جارج برڪلي (1894_ 1971ع) چيا وڃن ٿا. هنن جو چوڻ آهي ته درست علم صرف تجربي يا انساني حواسن ذريعي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو. يعني اها شيءِ، جيڪا اديب ڏسي، ڇهي، محسوس ڪري سگهي يا سائنسي طور ان جو تجربو ڪري سگهي، اها تجربيت ۽ درست علم آهي.

**تجريديت** (Abstract):

بظاهر بي معنيٰ خيالي يا تصوراتي فن. جنهن جي پس پرده ڪو مقصد هجي يا اهڙو فن جيڪو فطري هوندي تصوراتي وڌيڪ هجي. جنهن سان اندر جي جذبن ۽ احساسن جو اظهار ڪرڻ لاءِ غير رواجي اظهار ڪيو وڃي. اهڙو فن جيڪو غير موضوعي هجي جنهن ۾ هيئت ۽ حقيقي رنگ سڃاڻپ لائق شين سان هڪجهڙائي رکندڙ نہ هجن. جنهن جي ڏسڻ يا پڙهڻ سان لڪل راز يا صورت متعلق سوچي پس پرده حقيقي شڪل تائين رسجي. اڪثر نقاد عڪسيت/محاڪات جي ئوس يا تجريدي هئڻ بابت پڻ اهو اصطلاح استعمال ڪندا آهن. شاعريءَ ۾ تجريديت ڪان وڌيڪ مقرر روپ ڪي وڌيڪ بهتر سمجهيو ويو آهي.

**تجريدي شاعري** (Abstract Poetry):

تجريدي شاعريءَ ۾ شين يا خيالن کي اهڙي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو آهي جو اهي حقيقت جي ابتڙ يا غير حقيقي لڳن. يعني اهي خيالي ڳالهيون ان ڏيٺيون لڳن. پر اهڙن نظمن جي پس پرده ڪانہ ڪا حقيقت يا مقصد ضرور هجڻ گهرجي. تجريدي نظم ڪي ڳجهارت جو انداز بہ چئي سگهجي ٿو جيئن ڳجهارت جي ظاهري صورت هڪڙي هوندي آهي پر ان جو اندر ان جي پچڻي يا اصل حقيقت لڪل هوندي آهي. ائين تجريدي نظم ۾ بہ اصل حقيقت نظم جي پس پرده لڪل هوندي آهي يعني نظم جو بيان هڪڙو ۽ مقصد بلڪل جدا هوندو آهي. سنڌي تجريدي شاعريءَ ۾ پهريون نالو پيرائي پنيري (ڪلهوڙن جو دؤر) جو اچي ٿو. جنهن جي شاعري بيتن جي صورت ۾ آهي. پر ان ۾ تجريديت جا رنگ پريل آهن جديد دؤر ۾ ملڪ نديم (1946_2010ع) تجريدي شاعريءَ جو نمائندو شاعر ٿي گذريو آهي.

**تجريدي فن** (Abstract Art):

لغوي معنيٰ ۾"خيالي" غير محاڪاتي فن. جيڪو ذري گهٽ فطرت موجب هوندو آهي. پر عام طور غير حقيقي عنصرن سان سڃاتو وڃي ٿو. وسيع معنيٰ ۾ هي اصطلاح ڪيترن ئي ابتدائي فنڪارن سان لاڳو ٿيندو هو. پر ويهين صديءَ ۾ اهو عام طور تي اظهاريت لاءِ استعمال ٿيو. تجريدي فن هڪ غير موضوعي فن آهي. جنهن ۾ خط، هيئت ۽ حقيقي رنگ ، سڃاڻپ لائق شين سان هڪ جهڙائي نٿا رکن.

**تجريدي نظم** (Abstract Poem):

تجريدي نظم اصطلاحي طور ان نظم کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪو بہ موضوع اهڙيءَ طرح بيان ڪيو وڃي، جڻ تہ اهو بي ربط خيال هجي. هي هڪ راز ڀريو نثراڻو نظم هوندو آهي، جنهن ۾ بيان هڪڙو ۽ مقصد ٻيو هوندو آهي. تجريدي نظم، شاعريءَ جو هڪ قسم آهي. سنڌي زبان ۾ ڊاڪٽر ملڪ نديم جي تجريدي نظمن جو پهريون ڪتاب "تجريدي نظم" عنوان سان ڇپيل آهي.

**تجزياتي تنقيد** (Analytical Criticism):

ڪيترا نقاد تنقيد جي هن قسم کي تنقيد جو خاص طريقو ڄاڻائين ٿا. ٽي ايس ايليٽ (T.S. Eliot 1888_1965) کي هن تنقيد جو باني ۽ مؤجد سڏيو وڃي ٿو جنهن جي ڪوشش سان 1920ع کان وٺي تنقيد جي هن قسم مقبوليت ۽ شهرت حاصل ڪئي. 20 صديءَ جي ٻي چوٿائي کان پوءِ جڏهن ادب ۽ تنقيد جي دنيا ۾ تاثريت (Impressionism) ، آتم ڪٿا(Autobiography) نقاد جي سرسري ۽ مجموعي ڪوشش خلاف بغاوت جو آغاز ٿيو ۽ جڏهن ذات توڙي ميڄتا کي زوري هڪ ٻئي سان ملايو ويو تہ انهيءَ جي خلاف تنقيد ۾ تجزياتي تنقيد جنم ورتو. تنقيد جو هر انداز جنهن ۾ ادبي فنپاري جو تجزيو ڪري، انهن جو معروضي مطالعو ڪيو وڃي ۽ ان مان سائنسي انداز ۽ غير جانبداري سان نتيجا اخذ ڪيا وڃن تہ اهڙي تنقيد کي تجزياتي تنقيد چيو ويندو آهي. تجزياتي تنقيد نگارن جو چوڻ آهي تہ تنقيد هڪ قسم جي سائنس آهي، جنهن سان ڪنهن ادب پاري جي مختلف عنصرن جي تجزياتي ڇنڊڇاڻ ڪري انهن جي افاديت ۽ اهميت اجاگر ڪري سگهجي ٿي.

**تجزيو** (Analysis):

تجزيو ڪرڻ جو مطلب آهي ڇيد ڪرڻ ذريعي ڇڪاس ڪرڻ. ڪنهن بہ ادب پاري وغيره جي ترڪيبي جزن کي پرکي ان تي مجموعي راءِ ڏيڻ. مفروضي وارين اڳڪٿين ۽ منطقي دليل جي تجربي ۾ اهو ڏٺو وڃي ٿو تہ مفروضو صحيح آهي يا غلط؟ ڪنهن بہ ناول، ڊرامي، ڪهاڻي يا شاعريءَ جو تنقيدي ڪسوٽين مطابق تجزيو ڪيو ويندو آهي.

**تجسس** (Suspense):

ڪنهن ڪهاڻيءَ جي پڙهندڙ ڊرامي جي ڏسندڙ جي اها ڪيفيت يا انتظار، جنهن ۾ سندس ذهن ۾ اهڙو سوال اڀري تہ ڪهاڻيءَ ۾ هاڻي ڇا ٿيندو يا ٿيڻ وارو

آهي. اهڙي ڪيفيت ڪي تجسس يا اشتياق چيو ويندو آهي. درحقيقت جن ڪهاڻين، ناولن يا ڊرامن يا قصن ۾ تجسس جو عنصر وڌيڪ هوندو آهي، اهي ئي مقبول ٿيندا آهن. جاسوسي ادب ۾ تجسس جو عنصر غالب هوندو آهي.

**تجنيس تام** (Pun):

تام معنيٰ مڪمل. ڪلام ۾ ٻه اهڙا لفظ آندا وڃن، جي لکڻ توڙي پڙهڻ ۾ هڪجهڙا هجن. پر انهن جي معنيٰ مختلف هجي. مثال تجنيس تام:

جا هَڙَ اندر جيءَ ، سا هَڙَ ڏني ساهه ڪي
سا، هڙ ڇڙي نہ ساهه جي، ساهڙ، ساهڙ ريءَ
ساهَڙُ ميڙ سميع تہ سا، هَڙ ڇڙي ساهه جي (شاهه)

هن بيت ۾ ساهڙ لفظ جون ٻہ معنائون آهن: هڪ جي معنيٰ آهي ساهڙ يعني ميهار ۽ ٻيو لفظ آهي، سا، هَڙَ يعني اها ڳنڍ. هن ڪي تجنيس لفظي بہ چئبو آهي.

**تجنيس حرفي** (Alliteration):

"تجنيس" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "هڪجهڙو هجڻ، مطابقت هجڻ" ۽ "حرف" جي لغوي معنيٰ آهي "اکر". تنهن ڪري "تجنيس حرفي" جو مطلب ٿيندو "اکرن جي هڪجهڙائي يا مطابقت هجڻ". علم بيان ۾ "تجنيس حرفي" جو مطلب آهي، شعر جي ڪنهن مصرع ۾ ساڳئي يا هڪجهڙي اکر سان شروع ٿيندڙ ڪيترائي لفظ اچن. سنڌيءَ ۾ ورجاءُ بہ تجنيس ۾ شامل ٿئي ٿو، جنهن سان بيتن جي مضمون ۾ سهڻاپ، رنگيني، تسلسل ۽ هم آهنگي پيدا ڪجي ٿي. شاهه لطف الله قادري سڀ کان پهرين پنهنجي شاعريءَ کي وڌيڪ دلڪش بنائڻ لاءِ نئين ٽيڪنڪ وارڻ يا ورجاءُ جو استعمال ڪيو آهي.

حسن حبيبن جو پسين جي هيڪار،
تہ توکي سڀ ڇمار، وڃي اڄ ورهن جي

تجنيس جا خوبصورت مثال شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا:

ملهه مهانگو قطرو، سڪڻ شهادت
اسان عبادت، نظر ناز پرينءَ جوا

**تجنيس خط:**

ڪلام ۾ اهڙا لفظ آڻڻ، جيڪي صورت ۾ هڪجهڙا هجن، مگر انهن جي نقطن ۾ فرق هجي. بين لفظن ۾ ائين چئبو تہ ساڳئي آواز سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪبئي جي ڀرسان رکڻ. شاهہ جو سچو رسالو انهيءَ صنعت سان سينگاريل آهي. مثال:

دهشت، دم، درياهہ ۾، جت، لڙ، لهريون، لس ليت. (شاهہ)

هن مصرع جي پهرئين اڌ وارا لفظ "د" سان شروع ٿين ٿا: اهڙيءَ طرح ٻئي اڌ ۾ "ل" سان شروع ٿيندڙ لفظ هڪ ٻئي جيهہ ڀرسان رکيا ويا آهن.)

**تجنيس زائد** (Assonance):

شعر جي مصرع ۾ اهڙن لفظن جو استعمال، جن مان هڪڙي جي اڳ ۾ اکر وڌيل هجي "جيئن:

وڏيو ڌن، مال، رتبو، شان شاهوڪار جو
تيئن وڏيو دنيا جي باعث زار جي آزار جو".

**تجنيس مُضارع:**

شعر ۾ ساڳئي آواز ليڪن معنيٰ ۽ صورتخطي مختلف هئڻ واري صنعت.
مثال:

"لال لب لعل ڪان پڻ لال منا توڪان ٿيا".

**تجنيس مُڪرر:**

شعر ۾ ساڳئي لفظ جي ٻہ دفعا اچڻ واري صنعت. مثال:
"گرچ گل لاءِ پريشان هزار هزار، مون لاءِ مگر هڪ تون نگار نگار".

**تجنيس ناقص:**

وَرَ ۾ ڪونهي وَرُ، ڏيرن وَرُ وڌو ڪيو. (شاهہ)

هن مصرع ۾ پهريون وَرَ لفظ جي "ر" تي زبر آهي، جنهن جي معنيٰ آهي مڙس، خاوند. ٻي "ور" لفظ جي "ر" تي پيش آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، ڏنگ. مٿينءَ مصرع ۾ لفظ تہ هڪجهڙا آهن، پر انهن جي اعرابن ۾ تفاوت آهي، تنهن ڪري ان کي تجنيس ناقص چئبو.

ناقص معنيٰ اڻپورو ڪلام يا اهڙا لفظ جيڪي لکڻ ۾ هڪجهڙا هجن، پر اعرابن ۾ تفاوت هجي تہ ان کي تجنيس ناقص چئبو آهي. مثال:

جَتَنَ ڪيا جَتَنِ،
آيا ڪي ايندا.

جَتَنَ = ڪوششون. جَتَنِ= اوٺارن

**تجويد** (Tajveed):

تجويد لغت ۾ بهترين پڙهڻي کي چيو ويندو آهي. قرآن شريف جي حرفن کي صحيح اچار سان پڙهڻ جي فن کي "تجويد" چئجيَ ٿو. هن فن جون ٽي صورتون آهن(1) ترتيل، (2) حذر ۽ (3) تدوير. ترتيل ۾ لفظن کي آهستگيءَ سان مطلب سمجهندي ادا ڪبو آهي. حذر جلدي ۽ تيزيءَ سان پڙهڻ کي چيو ويندو آهي ۽ تدوير جو مطلب آهي اعتدال سان يعني وچٿري نموني سان پڙهڻ . جنهن ۾ نه تيزي هجي ۽ نه ئي آهستگي.

**تحت اللفظ** (Verbatim):

حرف بحرف پڙهڻ يا حرف به حرف ترجمو ڪرڻ. شعر يا مرثيي کي سر سان نه پر لفظي طرح لس پڙهڻ جي حالت. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۾ معياري سنڌي صورتخطي ٺهڻ کان اڳ آخوند عزيز الله ميمڻ (1746_1872ع) قرآن پاڪ جو تحت اللفظ ترجمو ڪيو. هي ترجمو پراڻي عربي سنڌي آئيوتا ۾ آهي. پر عربي_سنڌي رسم الخط جي لحاظ کان بنيادي حيثيت رکي ٿو.

**تحتاني حرف:**

اهي حرف جن جي هيٺان نقطا هجن "ب، ٻ، پ، ڳ وغيره".

**تحِرير**(Writing):

ڪتابت، عبارت ، مضمون. لکيت. دستاويز. لکڻ جو ڍنگ. مضمون نگاريءَ جو طريقو. ڪنهن مسئلي بابت لکيل شرعي فتويٰ.

**تحريف**(Amendment):

ڦير ڦار (ڪنهن تحرير ۾ لفظن جي، سڄي عبارت يا مضمون جي ڦيرڦار). ڪتاب جي تبديل ڪرڻ جو رواج قديم عيسائين ۽ هندن ۾ به رهيو آهي.

**تحريڪ**(Movement):

تحريڪ/تحريڪون ڪنهن خاص مقصد لاءِ هلايون ويندڙيون آهن. تحريڪون سياسي به ٿينديون آهن ته معاشرتي ۽ ادبي به ٿينديون آهن. ادبي

تحريڪون، نون رجحانن ۽ ڌاراٿن ۽ لاڙن لاءِ هلايون وينديون آهن. انگريزيءَ ۾ بيشمار ادبي تحريڪون هليون. خود سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڪيتريون تحريڪون هليون آهن، جن سان ادبي ترقي ٿي آهي. مثلاً ترقي پسند تحريڪ، روشن خيال تحريڪ، رومانوي تحريڪ وغيره.

**تحريڪ اصلاح** (Movement for Reformation):

اها تحريڪ اصل ۾ مذهبي اصلاح يا سڌاري جي تحريڪ هئي، جنهن جي شروعات مارٽن لوٿر ڪنگ (1546ـ 1438ع)، جرمنيءَ کان شروع ڪئي. مارٽن لوٿر جو مقصد عيسائيت جي عقيدن جي اصلاح هو. جنهن ۾هو ڪامياب به ويو. پر ڪاٿس پوءِ عيسائيت ۾ وڏن فرقن پروٽيسٽنٽ ۽ رومن ڪيٿولڪ ۾ ورهائجي ويئي. فڪري لحاظ کان عيسائين جي تاريخ ۾ اهو هڪ وڏو انقلاب هو. ڪليسا جو اثر گهٽو گهٽجي ويو. جيڪا عيسائي زندگيءَ تي ڀرپور اختيار رکندي هئي. اهو عقيدو جنهن هيٺ روحن جي ڇوٽڪاري جو مدار پادريءَ جي سفارش تي هو ۽ ان لاءِ پادري باقاعدي ”معافي نامہ“ لکي وڪڻندا هئا. اهو پراٽيسٽنٽزم جو بنياد بڻيو. يعني انسان جي ڇوٽڪاري جو مدار ايمان ۽ عمل کي ڇيو ويو. ان کان اڳ بائيبل مقدس کي صرف پادري پڙهندا هئا. پر لوٿر ان کي جرمن ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو تہ جيئن هر ماڻهو بائيبل کي پڙهي سگهي. مختلف ماڻهن جي بائيبل تائين رسائي ٿي تہ هنن جا ذهن ڪليا ۽ پاڻ کي ذهني طور آزاد محسوس ڪيائون. هن تحريڪ جو انگريزي ادب تي گهرو اثر رهيو.

**تحفض لفظ** (Appropriateness):

هن مان مراد آهي، اهڙن لفظن جي چونڊ ۽ استعمال، جيڪي شاعريءَ لاءِ موزون ڪم آندا وڃن ۽ اهڙن لفظن جي سمجهاڻيءَ ۾ نہ ابهام هجي نہ پڙهڻ ۾ ڪا دقت محسوس ٿئي. يعني مناسب ۽ تڪيل توريل لفظ.

**تحقيق** (Research):

تحقيق روايتن جي ڇنڊ ڇاڻ جو علم آهي. ڪنهن مسئلي جي پروسي جوڳي حل ۽ صحيح نتيجن تائين پهچڻ لاءِ تحقيق اهو منظم عمل آهي، جنهن ۾ حقيقتن جي ڳولا ۽ انهن جي ڇنڊ ڇاڻ جو تفصيل وار بيان لکيل هجي ٿو. ان

ڪري چئي سگهجي ٿو ته تحقيق جو تعلق ڪنهن مسئلي ۽ ان جي پروسي جوڳي حل جي ڳولا سان وابسته آهي. اهو حل يا نتيجو پروسي جوڳو هئڻ لاءِ هڪ خاص انداز ۾ اپياس لازمي آهي. ڪنهن مسئلي جو حل ۽ ملندڙ نتيجا، ڪنهن به قسم جي شڪ شبهي ۽ ان جي امڪاني حد تائين رد نه ڪري سگهڻ سان ئي تحقيق جي عمل جي ڪاميابيءَ جو دارومدار رهي ٿو.

سنڌي لغت موجب تحقيق جو مطلب: "پڪ ڪرڻ. خاطري ڪرڻ ڪنهن ڳالهه جي تهه تائين پهچڻ آهي. ساڳي ريت انگريزي ڊڪشنرين ۾ "Research" جي معنيٰ "ڳولڻ" (ٻيهر ڳولڻ) ۽ اصطلاحي معنيٰ " ڪا به حقيقت ڳولي پڌري ڪرڻ" آهي. جنهن جو مقصد ته ڪنهن به موضوع تي گهري نظر وجهي، ان جي هر پاسي کان چند ڄاڻ ڪٺي وڃي ته ان موضوع تي وڌيڪ ڄاڻ ملي سگهي. تحقيق جو مقصد آهي قطرت يا انساني زندگيءَ جي الڳ الڳ مسئلن جو حل تلاش ڪرڻ. تحقيق انساني علم ۽ ڄاڻ کي وڌائي ٿي. حقيقت ۾ انساني تهذيب، تمدن ۽ سڀيتا جي ارتقا تحقيق جي عمل سان ٿي. ڪنهن به علمي شاخ تي تحقيق ڪندڙ کي 'محقق' چئبو آهي. ان جا به معيار مقرر ڪيل آهن (1) دليل بازيءَ جي قوت رکندڙ هجي. (2) حافظي جي قوت رکندو هجي، (3) ذهني سچائي رکندڙ هجي، (4) موضوع ۾ دلچسپي ۽ ان کي نڀائڻ جو حوصلو رکندو هجي، (5) مسئلي جي حل لاءِ وڌيڪ جستجو وارو جذبو هجي.

**تخدجه** (Takhdja):

جيڪڏهن تاريخ جي ماده ۾ ڪجهه عدد گهربل عدد کان وڌيڪ آهن ته مناسب اشاري سان اوترا عدد گهٽائي ڇڏيا آهن. ان عمل کي تخدجه چئبو آهي. مثال:

سال ان جو ريت هن فاضل چيو
باب ري ديوان فاضل شاه جو

(فاضل شاهه)

هن ديوان ۾ فاضل شاه جو عدد 1297 هجري نڪري ٿو. جنهن مان باب جا 5 عدد ڪاٽبا ته بچندو 1292، جيڪو تاريخ جو مادو آهي.

**تخلص** (Pen Name):

"تخلص" عربي جي لفظ "خلاصه" مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "مختصر". اصطلاحي معنيٰ موجب، "تخلص" شاعر جو مختصر نالو هوندو آهي، جيڪو هو سڃاڻپ لاءِ شعر يا نظم جي آخري بند يا آخري سٽ ۾ ڪم

آٿيندو آهي، مطلب تہ "تخلص" هڪ شاعراڻو نالو آهي، جو شعر جي پڇاڙيءَ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. سنڌي اديب ۽ شاعر پنهنجي لکڻين ۾ تخلص استعمال ڪندا آهن. مثال طور شيخ اياز (مبارڪ علي شيخ)، استاد بخاري (احمد شاهه بخاري)، تنوير عباسي (نور نبي)، امر جليل (قاضي عبدالجليل)، تاجل بيوس (تاج محمد سمون) ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

**تخليقي تنقيد** (Creative Criticism):

تنقيد "علم" بہ آهي تہ "فن" بہ آهي. جڏهن اها ڪنهن اديب، ادبي صنف يا ادبي اصول بابت رڳو ڄاڻ ڏئي ٿي تہ اها "علم" بڻجي پوي ٿي، پر جڏهن اها شين بابت ڪنهن اونهي جذبي کي اٿين پيش ڪري، جو اسان جي ذهن ۾ هڪ نئين دنيا تخليق ٿئي تہ اهو فن آهي. هن موڙ تي ان کي "تخليقي تنقيد" چيو وڃي ٿو.

**تخيل** (Imagination):

"تخيل" عربي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، "تصور، خيال، سوچ" اصطلاحي معنيٰ موجب، اها قوت، جا خيالي صورت ٺاهي ذهن جي اڳيان آڻي بيهاري. دراصل "تخيل" ايجاد جي قوت جو ٻيو نالو آهي. "تخيل" شعر جو هڪ عنصر آهي. تخيل جي قوت سان هڪ شاعر جي آڏو ڪائنات جون شيون عجيب ۽ غريب نموني ۾ اچن ٿيون. جن کي ڏسي هو اهي حقيقتون بيان ڪري ٿو جيڪي هڪ فيلسوف يا سائنسدان بہ ڪڏهن پيش نہ ڪري سگهندو آهي. مطلب تہ 'تخيل' صرف خيالي تصورن جو نالو آهي.

**تخيلاتي** (Imaginative/Fancy):

هڪ ليکڪ/شاعر جي لفظن ۾ اهڙي تاثر پيدا ڪندڙ تحرير/لکت/شعر جوڙي جيڪو اسان جي تصور ۾ نظر اچي. هن سلسلي ۾ ڪي خاص تشبيهون ۽ استعارا بہ استعمال ڪيا ويندا آهن.

**تدوين** (Compilation):

ڪنهن بہ موضوع تي مواد گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ ترتيب ڏيڻ يا تاليف ڪرڻ کي تدوين چئبو آهي.

**تذڪرو** (An Account):

تذڪرو، اهڙو ادب يا تخليق آهي، جيڪو دراصل سوانح ۽ سفر نامي جي صنفن جي ذمري ۾ اچي ٿو. چو تہ ليکڪ جتي وڃي، يا جتان جو سير سفر

ڪري ٿو. اتي جي ماڻهن ۽ ماحول ۽ ملڪي حالتن سان سندس واسطو پوي ٿو. تن کي پنهنجي مشاهدي ۽ تجربي جي آڌار تي قلمبند ڪري ٿو. سنڌ ۾ انگريزن جي قبضي وقت انگريز عملدارن/فوجين سفرناما ۽ تذڪرا لکيا، جن ۾ رچرڊ برٽن، ميڪمرڊو، ايسيٽوڪ، جيمس برنس، آر_ هيوز ٿامس وغيره اهم آهن. تذڪره نويسي هڪ فن به آهي. سنڌ ۾ ماضيءَ ۾ لکيل ڪيترائي فارسي تذڪرا ملن ٿا. جن جي پير حسام الدين راشدي ۽ ٻين عالمن ترتيب ۽ تدوين ڪري سنڌ جي تاريخ کي نئين رخ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**تذڪيہ جذبات** (Catharsis):

پيڙا، ڏک، روڳ، انسان جي اندر ۾ آنڌ مانڌ مچائين ٿا. جن کي اندر مان نچوئي ڪڍڻ واري عمل کي "ميلاهڻ" يا "ڪٿارس" چئبو آهي. ڪٿارسس جو اصطلاح سڀ کان پهرين ارسطو پنهنجي ڪتاب Poetics ۾ الميہ ڊرامي لاءِ استعمال ڪيو هو. يعني اهو عمل جنهن سان الميہ ڊرامي جي دردناڪ پڄاڻي ٿئي ۽ ڊرامي جو ڏسندڙ هيرو جي غم کي ڏسي روئي پنهنجا غم هلڪا ڪري ڇڏي، مطلب تہ ميلاهڻ کان پاڪ ڪري ڇڏي. هر آرٽ پنهنجي ذات ۾ فنڪار جو ڪٿارسس آهي، جنهن کي وجود ڏئي تخليقڪار اصل ۾ پنهنجي اندر کي ملال ۽ مير کان اجرو رکي ٿو ۽ اهو فن پيدا ڪري ٿو جيڪو اندر جو اوهي، تذڪيہ جذبات يا ڪٿارسس هوندو آهي.

**ترائيل** (Triolet):

"ترائيل" فرانس جو هڪ مقبول نغمو آهي. جنهن جي معنيٰ آهي: (تريئو_ Trio = ٽہ ياري يا ٽہ سرو راڳ+ ليٽ_ =Let (بندش). اهو نظم يا شعر جنهن ۾ ساڳئي سر واريون ٽي سٽون پوري بندش سان سرجيون وڃن. مطلب تہ 'ترائيل' اهو شعر آهي، جنهن ۾ ساڳي سٽ ٽي ڀيرا اچي، پوري مضمون کي هڪ هنڌ بند ڪري ٿي. هيءَ صنف گذريل ٿوري عرصي کان سنڌي شاعريءَ ۾ بہ رواج ۾ آئي آهي.

"ترائيل" جي سڄي نظم ۾ ڪل اٺ سٽون ٿينديون آهن، جيڪي ٻن بندن ۾ ورهايل هونديون آهن. يعني هر هڪ بند ۾ چار سٽون ٿين ٿيون. اصل ۾ هر هڪ بند ٽن سٽن تي مدار رکي ٿو جن جي سٽاءَ هن ريت آهي.

پهرئين بند جي پهرين ۽ ٽين سٽ هڪ ٻئي سان هم قافيه ۽ ساڳئي رديف ۾ هونديون آهن. باقي ٻي (وچ واري سٽ انهن ٻنهي سٽن کان قافيي ۾ مختلف ۽ آزاد هوندي آهي. انهيءَ بند جي آخر ۾ وري پهرين سٽ هوبهو ساڳي موٽي ايندي آهي، جيڪا چوٿين سٽ هوندي آهي.

ٻئي بند جي پهرين سٽ وري پهرئين بند جي پهرين ۽ ٽين سٽ سان هم قافيه ۽ ساڳئي رديف سان ايندي آهي؛ باقي ٻي سٽ پهرئين بند جي ٻيو نمبر سٽ سان هم قافيه ۽ ساڳئي رديف ۾ هوندي آهي ۽ ٽين سٽ، پهرئين بند جي بلڪ ساڳي پهرين سٽ هوندي آهي. هن بند ۾ چئن سٽن جو وزن پورو رکڻ لاءِ، پهرين بند جي ٻي سٽ پڇاڙيءَ ۾ هوبهو ساڳي موٽي ايندي آهي.

اهڙيءَ طرح ڏسبو ته سڄي نظم ۾ پهرين سٽ ٽي ڀيرا اچي ٿي؛ يعني پهرين، ٽين ۽ ستين سٽ ٺئي هوبهو ساڳيون ٿين ٿيون ۽ شعر جي ٻي سٽ موٽي اٺين سٽ ٿئي ٿي ۽ ڇهين سٽ انهن ٻنهي (ٻي ۽ اٺين) سٽن سان هم قافيه ۽ ساڳئي رديف ۾ اچي ٿي. اهوئي سبب آهي جو هن شعر کي نه سرو راڳ يعني "ترائيل" (Triolet) نالو ڏنو ويو آهي.

**ترتيب** (Compilation):

ڪنهن به موضوع تي گڏ ڪيل مواد کي درجي بدرجي رکي ڪتابي صورت ۾ پيش ڪرڻ کي ترتيب چئبو آهي ۽ ترتيب ڏيندڙ کي مرتب سڏيو ويندو آهي. عام طرح سان ترتيب، تاليف ۽ تدوين ۾ تمام ٿورو فرق ڪيو ويندو آهي.

**ترجما نگاري** (Translation):

هڪ ٻوليءَ جو ادب ٻي ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻ. ادب جو ترجمو ثقافتن جي وچ ۾ هڪ پل مثل هوندو آهي. مترجم نه فقط ٻولين جي ادب کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ٿو ۽ ڪنهن قوم جي ثقافت جي حاصلات کي ٻيءَ ثقافت سان شناسائي پيدا ڪرائي ٿو ۽ پڙهندڙن تائين ادب جي رسائي ڪرائي ٿو، بلڪ جدوجهد ۾ اخلاقيات کي نئون موڙ ڏيڻ ۾ حصو وٺي ٿو. دنيا جي شاهوڪار ٻولين، ٻين ٻولين مان ترجما ڪري پنهنجا دامن ڀريا آهن. رڳو انگريزيءَ جوئي مثال وٺو دنيا جي ڪهڙي ٻوليءَ جو ڪو چگيرڙو ڪتاب آهي جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪونهي. جرمن ، چيني، فرينچ، روسي، نارويجن، پولش، عربي،

پارسي، سنسڪرت، آئيس لينڊڪ، لٿوينائي، اسپيني ۽ هنگرين ۽ دنيا جي ٻين ٻولين جا سوين ڪتاب انگريزي ترجمي جي صورت ۾ شايع ٿيل آهن. ابتدا ۾ سنڌيءَ ۾ پڻ مرزا قليچ بيگ ترجمن ذريعي وسعت آندي.

**ترجمو** (Translation):

هڪ ٻوليءَ جو مواد/ادب ٻي ٻوليءَ ۾ اتلائي آڻڻ کي ترجمو ڪرڻ جو عمل چئبو آهي.

**ترجيح بند** (Tatjeeh Band):

شاعريءَ ۾ ڪن مصراعن کي هر بند جي آخر ۾ اهڙيءَ طرح آڻڻ، جو بند جو مضمون انهن مصراعن سان ملي بيهي، ان کي ترجيع بند چئبو آهي.

**ترفع/ بلندي** (Sublimity):

بلند و بالا ، اتاهون اوچو ادب، جيڪو پڙهندڙ يا ٻڌندڙ تي وجداني ۽ جذباتي ۽ تخليقي سطح تائين وٺي وڃي. يوناني نقاد لنجائنس (Longinus) پنهنجي مقالي جنهن کي انگريزيءَ ۾ The Sublime چئجي ٿو، لکيو. سبلائيم کي سولي سنڌيءَ ۾ بلنديءَ جي باري ۾ يا "ارفيت" چئي سگهجي ٿو لنجائنس جي خيال موجب عمدگي، بلندي يا ارفيت ماڻهوءَ جي طبيعت ۽ فن تي مدار رکي ٿي. فطرت طرفان ڏنل ذات کي سکيا ۽ مشق ذريعي وڌائي خوبصورت بڻائي سگهجي ٿو. تنهنڪري شاعريءَ جي ذات کي وڌائڻ لاءِ به لنجائنس هيٺيان 5 ذريعا ٻڌايا آهن:

(i) سوچ جي بلندي (Grand Conception)

(ii) جذباتي اتساهه حاصل ڪرڻ (Imitation or Inspiration)

(iii) ٻوليءَ جي سونهن يا مثالن جو استعمال (The use of Figures)

(iv) ٻولي يا عبارت (Diction or Words)

(v) لفظن جي شاندار بيهڪ (Dignified Composition)

**ترقي پسند تحريڪ ۽ سنڌي ادب:**

1936ع ۾ لنڊن ۾ ترقي پسند تحريڪ جو بنياد پيو. انهيءَ زماني ۾ ٿي هندستان جي ترقي پسند اديب سجاد ظهير (1905ـ1973ع) يورپ ۾ رهائش دوران رالف فاڪس (1913ـ1373ع) ۽ لوئيس آراگون (1897ـ1982ع)، جهڙن اديبن سان ملاقات ڪئي. لنڊن ۾ هندستاني ترقي پسند اديبن 1936ع ۾ پنهنجي تحريڪ جو پهريون مينيفيسٽو/منشور تيار ڪيو، جنهن تي ڊاڪٽر

ملڪ راج آنند، سجاد ظهير، ڊاڪٽر جيوتي گهوش، ڊاڪٽر ڪي اي ڀٽ، ڊاڪٽر ايس سنها ۽ ڊاڪٽر محمد دين تاثير جون صحيون هيون. اهڙيءَ ريت اپريل 1936ع ۾ ’انجمن ترقي پسند مصنفين‘ جي پهرين ڪانفرنس لکنؤ ۾ ٿي، جنهن ۾ مدراس، گجرات، مهارشٽر، پنجاب، سنڌ، بهار ۽ يوپيءَ جي نمائندن شرڪت ڪئي. شاگردن دفترن ۾ ڪم ڪندڙ نوجوانن، استادن، وڪيلن، ڪميونسٽ ۽ سوشلسٽ پارٽين جي ادب سان شوق رکندڙ فردن ۽ اديبن جي وڏي انگ هن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي.

سنڌي ادب به ترقي پسند تحريڪ کان نه رڳو متاثر رهيو، پر مجموعي طرح سنڌي ادب خاص ڪري شاعري ڪلاسيڪي دور کان وٺي ترقي پسند روين ۽ لاڙن جي حامل رهي آهي، شاهه لطيف جي شاعري پنهنجي دور جي جاگيرداري لاڙن جي مخالف هئي، 1920ع کان سنڌي ادب ۽ شاعريءَ ۾ ڪشنچند بيوس جو نالو ترقي پسند ۽ جديد خيالن جو حامل نظر اچي ٿو. ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ٻين سينيئر اديبن 1940ع جي ڏهاڪي ۾ ’سنڌي ادبي سرڪل‘ قائم ڪيو، جنهن ۾ 1941_1942ع ڌاري رام پنجواڻي، لعلچند امر ڏني مل، شيخ اياز ۽ ٻين اديبن حصو ورتو. انهيءَ سرڪل ئي اڳتي هلي، سنڌي ادبي سنگت جي صورت اختيار ڪئي، جنهن جي باقاعدي تنظيم ڪاري ورهاڱي کان اڳ اپريل 1947ع ۾ ٿي، جنهن جو پهريون سيڪريٽري جنرل گوبند مالهي، ۽ جوائنٽ سيڪريٽري شيخ اياز ٿيو.

1954ع ۾ ترقي پسند مصنفين تنظيم تي سرڪار پاران پابندي وڌي وئي، پر ان کان اڳ 1951_53ع ڌاري سنڌي اديبن هڪ ڀيرو ٻيهر مائي ٿيل سنڌي ادبي سنگت کي ڪراچيءَ ۾ جياريو. احسان بدوي، نور الدين سرڪي، محمد ابراهيم جويو، جمال ابڙو، شيخ اياز، غلام رباني آگري ۽ ٻين وغيره مينارام هاسٽل ۽ ٻين هنڌن تي گڏجاڻيون ڪيون. انجمن ترقي پسند مصنفين تي پابنديءَ بعد اهو ڪردار سنڌي اديبن وٽ سنڌي ادبي سنگت جاري رکيو. جنهن جي مرڪزي تنظيم ڪاري 1956ع ۾ ٿي، جنهن ۾ سنڌ جي 12 شاخن شرڪت ڪئي، آئين منظور ٿيو ۽ باقاعدي مرڪزي باڊي چوندي وئي. اهڙيءَ طرح سنڌي ادبي سنگت اڄ تائين پنهنجو سفر جاري رکندي اچي پئي. سنڌي

ادبي سنگت ون يونٽ دور کان وٺي اڄ تائين پنهنجي روشن خيال ۽ ترقي پسند سوچ سان اڳتي وڌي رهي آهي. ترقي پسند سنڌي ادب جي واڌاري ۽ سرجاڻ ۾ برڪت آزاد، ڪيرت ٻاٻاڻي، گوبند پنجابي، اي. جي. اتم، شيخ اياز، سوڀي گيانچنداڻي، گوبند مالهي، ارجن شاد، محمد ابراهيم جويو، رسول بخش پليجي، سراج، نورالدين سرڪي، استاد بخاري، امر جليل، نياز همايوني، شمشيرالحيدري، تنوير عباسي، رشيد ڀٽي، امداد حسيني، عبدالحڪيم ارشد، علي بابا، تاج بلوچ، راشد مورائي، قاسم پٿر، انور پيرزادي، خاڪي جويو، ف. م. لاشاري، بدر ابڙي، تاج جويي ۽ ٻين اديبن جو وڏو ڪردار رهيو آهي. سندن ڪتاب ۽ تحريرون شاهد آهن ته سنڌي ادب هميشه ترقي پسند سوچ ۽ فڪر کي اڳتي وڌايو آهي.

**ترقي پسندي** (Progressivism):

يورپ تي مذهبي انتها پسندي، رجعت پسندي ۽ جبر جي نتيجي ۾ اپريل روشن خياليءَ واري نظرئي کي 'ترقي پسندي' سڏيو ويو. ڪٽر جاگيرداريءَ جي جاءِ تي برطانوي انقلاب ۽ 1789ع واري فرانس جو انقلاب ترقي پسند عمل هئا. روس ۾ ولاديمير لينن (1870_1924ع) جي قيادت ۾ 1917ع ۾ آيل انقلاب کي ترقي پسند انقلاب سڏيو ويو. مطلب ته غلامانه دور ۾ جاگيرداري سماج جي تصور ۽ ان خلاف ٿيندڙ جاکوڙ کي ترقي پسند نظريو سمجهيو ويندو آهي. جاگيرداري جي خاتمي کان پوءِ سرمائيداري نظام خلاف جدوجهد به ترقي پسنديءَ جو نظريو ڇئجي ٿو. سرمائيدارانه سماج مان جان ڇڏائڻ لاءِ اشتراڪي تحريڪ يا "ڪميون سسٽم" (Commune System) کي وڌيڪ ترقي پسنداڻي سوچ ڪوٺيو وڃي ٿو. حقيقت ۾ تبديليءَ جو عنصر انسان جو مکيه مِتو رهيو آهي. ان ڪري هر ايندڙ تبديلي لاءِ ٿيندڙ جاکوڙ کي ترقي پسند سوچ سان سلهاڙي سگهجي ٿو.

سنڌ ۾ روس جي انقلاب کان پوءِ ترت ئي ترقي پسنديءَ جو لاڙو ادب تي غالب رهيو. جنهن جو عروج 1940ع کان 1958ع تائين رهيو. ترقي پسند هندو سنڌي اديبن وٽ 1948ع کان پوءِ هي لاڙو 10 سال برپور رهيو. ان بعد ترقي پسند سوچ وارن اديبن جي تحرير ۾ ته ان جا اهڃاڻ ملن ٿا. البت اڪثر اديبن

جون ۾ پيڙهيون رومانواد، جديديت (ماڊرنزم) ۽ بعد جديديت (پوسٽ ماڊرنزم) جون حامي رهيون آهن. پر سنڌ ۾ جيئن تہ جاگيرداري سماج جا پير مضبوط رهيا آهن، ان ڪري سنڌ جي اڪثر اديبن تي ترقي پسندي ۽ ماڊرنزم جو گڏيل لاڙو غالب رهيو آهي. ترقي پسند تحريڪ هيٺ سنڌي ادب ۾ هاري ۽ پورهيت کي سماج جو بنيادي ايڪو سمجهندي سرمائيدار ۽ زميندار جي ظلم کي ننديو ويو آهي.

**ترڪيب** (Synthesis):

ترڪيب عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي 'ڳانڍاپو يا واسطو'. اصطلاحي محاوري موجب جملي ۾ استعمال ٿيل لفظن جي گرامر موجب جوڙجڪ جي پرک/سڃاڻپ کي ترڪيب چئبو آهي.

**ترڪيب بند** (Tarekeeb Band):

علم عروض جو اصطلاح. بحر ۽ وزن جي تقطيع. شعر جو هڪ قسم، جنهن موجب ڪنهن بحر ۾ ڪي بند جدا جدا قافين سان آڻجن ۽ هر هڪ بند کان پوءِ هڪ مقرر شعر مختلف قافين سان آڻجي.

**ترڪيبي تنقيد** (Synthetic Criticism):

جان مورلي (John Morley 1838_1923) ۽ لارڊ بائرن (Lord 1788_1824 Byron) تنقيد جي هن قسم جا باني چيا وڃن ٿا. سندن ئي ڪوشش سان هن تنقيد جي بنياد تي ادبي تاريخ کي نئون موڙ مليو ۽ سوانحياتي ارتقا وارو نظريو ادبي تاريخ بڻيو. هن تنقيد جي اها تقاضا آهي تہ نقاد، تنقيد ڪرڻ وقت ان دؤر جو وسيع، جامع ۽ مڪمل مشاهدو ۽ مطالعو ڪري، جنهن دؤر ۾ ادبي تخليق ٿي ۽ انهيءَ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري تہ سماج جا احساساتي، نظرياتي ۽ تصوراتي بنياد ڪهڙا آهن ۽ انهن تي ادبي تخليق ڪيتري قدر اثر انداز ٿي آهي يا انهن پاڻ ڪيتري قدر اثر قبول ڪيو اٿس.

**تشبيب** (Tashbeeb):

تشبيب بنيادي طور قصيدي جو پهريون حصو آهي. تشبيب عربي لفظ "شب" مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'جوان ٿيڻ'. اصطلاحي معنيٰ موجب ڪنهن جي جوڀن جو تذڪرو ڪرڻ يا ڪنهن جي حسن ۽ انگن جي تعريف ڪرڻ. شاعراڻي اصطلاحي معنيٰ موجب مدحيہ قصيدي ۾ ممدوح جي

مدح کان اڳ عشقيه ، بهار جي موسم، حسن ۽ جوڀن جهڙن مضمونن بابت شعرن کي يا قصيدي جي شاعرانه تمهيد کي تشبيب چيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ ته عربي قصيدن ۾ سونهن سوڀيا ، جوڀن ۽ پيار ۽ محبت جو ذڪر عام هوندو هو.

**تشبيهه** (Simile):

”تشبيهه“ عربي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، ”مشابهت، ڀيٽ، تمثيل“ علم بيان جي اصطلاح موجب، شعر يا نثري عبارت ۾ ”ڪنهن هڪ شيءِ کي ٻيءَ شيءِ جي برابري ڪرڻ؛ يعني ٻن مختلف لفظن يا شين جي هڪ ٻئي سان ڀيٽ ڪري، منجهن ڪنهن خاص ڳالهه يا ڳڻ جي هڪ جهڙائي ڏيکارڻ کي ”تشبيهه“ چئبو آهي. انهن شين جي ڀيٽ ڪرڻ لاءِ ”وانگر، وانگيان، وانگي، مثل، جهڙو، جيان، جان، طرح،جڻ، وغيره“ مان ڪو به هڪ لفظ استعمال ٿيل هوندو آهي. ڪجهه مثال ڏجن ٿا:_

(i) ظهير چوڏهينءَ جي چنڊ جهڙو سهڻو آهي.

(ii) خليل جا اکر موتين جهڙا آهن.

**تشريح** (Explanation):

تشريح لفظ جي لغوي معنيٰ آهي کولڻ ، وضاحت ڪرڻ، بيان ڪرڻ ۽ ڀيٽ ڪرڻ. اصطلاحي معنيٰ ۾ ڪنهن مضمون يا علم جو بيان. اڳاٽي وقت ۾ لفظ تشريح جسماني ’جوڙ جڪ ۽ بناوت جي علم‘ جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو هو جنهن ۾ جسم جي شريانين جو اڀياس، مختلف حيواني شڪلين جي بناوت جو اڀياس ۽ ان جي واڍ ويجهه جو اڀياس شامل هوندو هو. ادبي اصطلاح ۾ ڪنهن شعر يا عبارت جي سمجهاڻيءَ کي تشريح چئبو آهي.مطلب ته شعر يا عبارت کي حوالن سميت کولي سمجهائڻ ۽ ان جون ممڪن معنائون بيان ڪرڻ تشريح ۾ شامل آهن.

**تشريحات** (Glossary):

ڪنهن خاص موضوع، مضمون، علم جي اصطلاحن جي سمجهاڻيءَ يا تشريح جي لغت.(وڏيڪ ڏسو ڪوش).

**تصحيف** (Tasheef):

لفظن ۾ زيرن، زبرن جي غلطي (جنهن ڪري اُچار مختلف ٿي پوي).

**تصرف**(Adoption):

تصرف جي لغوي معنيٰ آهي "دخل ڪرڻ". اصطلاحي معنيٰ ۾ اهو شعر، جيڪو ڪنهن ٻئي شاعر جي شعر ۾ ڪجهه لفظن جي ڦير گهير ڪري، پنهنجي مرضيءَ موافق ٺاهجي.

**تصنيف**(Writing):

'تصنيف' عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ٺاهيل (جوڙيل). اصطلاحي زبان ۾ علمي ڪارنامو يا لکيل ڪتاب کي "تصنيف" چئبو آهي. ڪو ماڻهو پنهنجي علمي ڄاڻ ۽ تجربي جي آڌار تي ڪو ڪتاب لکي تيار ڪري ته ان کي ان ماڻهوءَ جي تصنيف ۽ ليکڪ کي ان تصنيف جو مصنف سڏبو آهي.

**تصوراتي تنقيد** (Imaginative Criticism):

تصوراتي تنقيد هڪ ئي وقت ذاتي نسبتي ۽ خيالي آهي. ان ڪري اها ايتري ئي دلچسپ آهي، جيتريون ادب جون ٻين صنفون آهن. تنقيد ٻيو ڪجهه به نه آهي، پر اها ڪتابن مان محظوظ ٿيڻ جو فن آهي ۽ هن ذريعي شهپارن بابت پنهنجي ذهن کي وڌائي ۽ سڌاري سگهجي ٿو.

**تصوراتي حقيقت پسندي**(Fantastic Realism):

تصوراتي يا خيالي دنيا جوڙي، حقيقي ڪردارن وسيلي ڪهاڻيءَ کي بيان ڪرڻ. جوناٿن سفٽ جو گليور جو سير ۽ سفر (Gulliver's Travels) تصوراتي حقيقت پسندي (Fantastic Realism) جي ٽيڪنڪ تي لکيل بهترين مثال آهي.

**تصوراتي مضمون**(Imaginative Essay):

تصوراتي مضمون اهي آهن، جن ۾ ليکڪ پنهنجي تصور سان هڪ نئين دنيا تخليق ڪندو آهي. مثال طور چنڊ جو سير، جيڪر مان پکي هجان ها، جيتن جو دنيا جي باري ۾ تصور وغيره.

**تصوف**(Mysticism):

تصوف لفظ 'صوف' (چشم)، صفا (صاف)، اهل صفه (اصحابي) سان جوڙيو ويندو آهي. بنياد ڪجهه به هجي، تصوف ۾ اصل مقصد "هيڪڙائي" کي حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ڏاڪا مقرر ڪيا ويا آهن، جن کي "سلوڪ" جون

منزلون چڙهي ٿو مشرق ۾ خصوصاً برصغير ۾ تصوف وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جي صورتن ۾ نظر اچي ٿو. جيڪو مختلف مذهبن ۾ نظر اچي ٿو. وحدت الوجود نظرئي جو باني محي الدين ابن العربي (1165_1240ع) هو. جڏهن ان جي ابتڙ ٻيو نظريو "وحدت الشهود" جو آهي، جنهن کي مجدد الف ثاني زور وٺايو. هن فڪري مڪتب مطابق، انسان ذاتي حيثيت ۾ تسخير ڪائنات ڪري سگهي ٿو ۽ جز جي صورت ۾ ڪل جون خوبيون پاڻ ۾ پيدا ڪري سگهي ٿو.

تصوف جي فلسفي جي انهن ٻنهي مڪتبن تي ناقدن تنقيد ڪئي آهي مثلاً: "وحدت الوجود" جي نظرئي موجب ماڻهوءَ قدرت جو پرتوو آهي، ان ڪري ناقدن جو خيال آهي تہ ڪيس قدرت تي ڀاڙڻو پوي ٿو. وحدت الشهود جو نظريو ماڻهوءَ کي ڪل اختيار جو مالڪ بڻائي ٿو. جنهن سان طاقت ۽ سرڪشي جنم وٺي ٿي، جيڪا انسان ذات لاءِ ناڪاري سماجي روين کي جنم ڏئي ٿي، جهڙوڪ: فسطائيت وغيره. وحدت الشهود موجب انسان هن ڪائنات ۾ اشرف آهي ۽ مخصوص عقيدي موجب هو دنيا تي اختيار حاصل ڪرڻ جو حقدار آهي. انهيءَ فلسفي جي مڪتب "ڪامل انسان" (Superman) ۽ "مرد مومن" جي تصور کي جنم ڏنو ان تصور اڳتي هلي چونڊ قومن (Selected Nations) ۽ "چونڊ قوم" جي حاڪميت کي جنم ڏنو اهو تصور جرمن فلسفي نتشي (Nietzsche) جو آهي. خاص ماڻهو، خاص قوم، خاص الخاص عقيدي جي بالادستي ۽ انهيءَ جي حصول لاءِ طاقت جو استعمال انهيءَ زمري ۾ اچي وڃن ٿا.

تصوف جو لاڳاپو انسان ذات ۽ انساني سماج سان آهي. تصوف انساني سماج جي پهرئين باشعور گروهه ۾ موجود هو. جن وٽ راڄنيتيءَ جا سادا ۽ عام اصول هئا. ان ريت تصوف، شڪاري دور کان وٺي زرعي سماج کان ٿيندو جديد دنيا ۾ پهچي پنهنجو سماجي ڪارج ادا ڪري ٿو. تصوف تي جرمن خاتون ميڊم بلوسڪي جون تحريرون نهايت آهن. جن کي "سيڪريٽ ڊاڪٽرائن" (Secret Doctrine) سڏيو ويو آهي. جنهن ۾ خدا، ڪائنات ۽ انسانذات تي سائنسي انداز ۾ بحث ٿيل آهي. هن تحريڪ سڄي يورپ ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽين کي جنم ڏنو. سنڌ جي ٿياسافيڪل سوسائٽي بہ انهي سلسلي جي هڪ ڪڙي رهي آهي.

تصوف/وحدت الوجود جاگيرداري ۽ اجاره داريءَ جي خلاف انسانن ۾ برابريءَ جي فلسفي کي هٿي ڏني. تصوف، تعصب جو رد آهي.

**تصويري لکت** (Pictographic Writing):

غارن تي اڪريل لکتن کان پوءِ دنيا ۾ جيڪا لکت ملي ٿي، اها تصويري لکت آهي. هن قسم جي لکتن لاءِ هر هڪ اچار يا آواز لاءِ جدا جدا مورت مقرر ڪئي وئي. انهن صورتن کي ڳنڍي اکر يا جملو ٺاهيو ويو هو. مصر جا فرعون پنهنجا ڪارناما پٿر جي چپن تي اڪرائيندا هئا. جن کي تصويري لکتون سڏيو ويو آهي.

**تصوير نگاري/نقش نگاري** (Carving):

قديم زماني جي ماڻهن پنهجين سوچن، خيالن، ريتن رسمن ۽ مذهبي لاڙن کي سڀ کان اڳ پٿر تي اڪيري. تڏهن اڃا جڏهن ڪاغذ نه نهيو هو. پٿر تي نڪتل چٽن ۽ تصويرن اڪيرڻ جي فن کي نقش نگاري يا تصوير نگاري سڏجي ٿو. دنيا جي هن خطي ۾ جتي اوائلي تهذيبن جنم ورتو آهي پٿر تي اکر/تصويرنگاريءَ جا نمونا ملن ٿا. هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڪيترن هنڌن تي هن قسم جا چٽ مليا آهن. تاريخ کان اڳ واري دؤر ۾ پٿر تي ٿيل اڪثر نقش نگاريءَ ۾ مختلف جانورن جون تصويرون، شڪار جا منظر، مذهبي لاڙن يا رجحانن کي ظاهر ڪندڙ علامتون ۽ انهن بابت تجريدي چٽ، ان زماني جي سماج جي ڪافي حد تائين نشاندهي ڪن ٿا. سنڌ ۾ ڪير ٿر جبل جي مختلف هنڌن تي اوائلي دؤر جي ماڻهن ۽ جانورن جون ابتيون سبتيون شڪليون نڪتل ملن ٿيون. انهن ۾ سرهن ۽ گڙن جون تصويرون شامل آهن. خاص ڪري ڪتي جي قبر ڏانهن ويندي سيتا نئن جي ٻئي ڪناري تي "شاھ ڪنهن" وٽ اهي شڪليون ڪافي تعداد ملن ٿيون. ان سلسلي ۾ بدر ابڙي جو ڪتاب "پرٿر ۾ چٽسالي" (2011ع) شايع ٿي چڪو آهي.

**تضاد** (Contrast):

علم بديع جي اصطلاح ۾ "تضاد" جي معنيٰ آهي اهڙن لفظن جو استعمال ڪرڻ، جيڪي معنيٰ ۾ هڪٻئي جي مخالف يا ضد ۾ اچن.

**تطهير** (Sublimation):

ادب يا فن جو اهڙو اثر، جنهن سان اندروني جبلت ۽ شهوتي خواهشن کان منهن موڙي ۽ ڪنهن اعليٰ مقصد لاءِ مائل ٿجي. فرائڊ هن نفسياتي رويي تي ڪافي بحث ڪيو آهي. هن کي ترفع پڻ سڏيو ويو آهي.

**تعريف** (Defination):

كنهن بہ موضوع يا شيءِ جي وصف، اُن جي خوبين، خامين ۽ استعمال کي کولي بيان ڪرڻ. بين لفظن ۾ هر شيءِ، جيڪا عملي يا عقلي آهي، اها وضاحت طلب آهي. ان جي بيان کي تعريف چيو ويندو آهي.

**تعريفي۔تذڪرو (ايوارڊ لاءِ)** (Citation):

ايوارڊ حاصل ڪرڻ سان گڏ. ايوارڊ وٺندڙ جو تعريفي تذڪرو شامل ڪرڻ. جڏهن ڪنهن عالم، اديب يا ڪنهن ٻئي اهم شخصيت کي ايوارڊ ڏنو ويندو آهي تہ ايوارڊ سان يا اڳ سندس باري ۾ تعريفي ڪلمات چيا يا پڙهيا ويندا آهن. اهڙي تذڪري کي سائٽيشن (Ciation) چيو ويندو آهي.

**تعليم پرچارڪ ڪهاڻيون** (Educational Stories):

اهڙيون نصيحت آموز ڪهاڻيون، جيڪي تعليمي پرچارڪ واري مقصد کي آڏو رکي لکيون وڃن. هي پرچاري ڪهاڻيون يا آکاڻيون خاص ڪري ٻارن لاءِ لکيون وينديون آهن.

**تعميہ** (Tamia):

تعميہ جي اصطلاحي معنيٰ آهي تاريخ جي عدد کي درست ۽ برابر ڪرڻ ، ماده تاريخ پوري مصرع ۾ هجي يا فقري ۾. پر جيڪڏهن ڪجهہ عدد گهٽ هجن تہ ڪو حرف انهيءَ عدد جو ملائي ڇڏبو آهي تہ اها ڪمي پوري ٿي ويندي آهي. انهيءَ عدد وڌائڻ کي "تعميہ" چون ٿا. مثال:

پڙهي جو ڏنو مون بياضِ نظامي
چيم آهہ هي چڻ رياضِ نظامي
پڇيم عيسوي سال دل کان چيو دل
بحمدالله چئي بياض نظامي

بياض نظامي جو عدد 1814 نڪري ٿو جنهن ۾ بحمد الله جا 120 عدد ملائبا تہ عيسوي تاريخ 1934 نڪرندو.

**تغزل** (Lyricisim):

غزل جي شاعريءَ ۾ سونهن جي تعريف کان علاوه ڪي خاص عنصر بہ شامل هوندا آهن. مثال طور نفاست ۽ نزاڪت، رمز، بي ساختگي، سوز ۽ گداز کان علاوه نغمگي وغيره. انهن عنصرن کي گڏي ڪري "تغزل" چيو ويندو آهي.

**تفسير** (Interpretation):

اهو بيان جو پوري سمجهاڻيءَ سان هجي. تشريح. قرآن شريف جي معنيٰ ۽ سمجهاڻي. هيءَ لفظ علم ۽ فلسفي جي ڪتابن جي شرح لاءِ ڪتب ۾ آندو ويندو آهي. اسلامي اصطلاح ۾ هن لفظ جي مراد ٿي "علم تفسير" آهي، يعني علم جي اها شاخ، جنهن کي "علم القرآن" ۽ تفسير چوندا آهن. هي "علم حديث" جي هڪ خاص ۽ اهم شاخ آهي. عظيم مورخ طبري (1310هه/1892ع) جي فن تفسير بابت هڪ تصنيف موجود آهي، جنهن ۾ حديثن جو وڏو تعداد شامل آهي. اهڙي طرح زمخشري (متوفي 550 هه/1155ع) معلم الاخلاق ۽ فقهه ۽ لغت جو ڪامل ماهر ٿي گذريو آهي. "تفسير الڪشاف" کي به اسلامي دنيا ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو آهي. البيضاويءَ (م685هه/1286ع) جو تفسير سڀ کان گهڻو مقبول رهيو آهي. هن فن جو اهو ٿي ڪتاب آهي جيڪو اڪثر مدرسن ۾ پڙهايو ويندو آهي. ٻين تفسيرن مان فخر الدين رازيءَ جو تفسير (606هه/1209ع) به اهم آهي، جنهن کي "تفسير الڪبير" چوندا آهن. مسلمانن پهرينءَ صدي هجريءَ ۾، سنڌ، ملتان ۾ پهچي اسلامي عقيدن جي تبليغ لاءِ مقامي ٻولين استعمال ڪيون ۽ هر علائقي ۾ اتان جي مقامي ٻوليءَ ۾ اسلامي عقيدن سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي.

**تقابلي ادب** (Comparative Literature):

مختلف زبانن جي ادب جو باهمي مطالعو يا ڀيٽ ڪري ڪاٿيو نتيجا اخذ ڪرڻ.

**تقابلي تنقيد** (Comparative Criticism):

تنقيد جو اهو قسم، جنهن ۾ ڪنهن هڪ ادبي شهپاري کي ساڳئي قسم ۽ اصلي ادبي شهپاري سان ڀيٽي ان جي حيثيت متعين ڪرڻ. مثال: جيڪڏهن غلام نبي مغل جي تاريخي پسمنظر ۾ لکيل ناول "اوڙاهه" کي سراج الحق جي ناول "پڙاڏو سوئي سڏ" ۽ م. ع. ڏيپلائيءَ جي ناول "سانگهڙ" سان ڀيٽي تنقيدي جائزو ورتو وڃي ته انهيءَ کي تقابلي تنقيد چيو ويندو.

**تقابلي لسانيات** (Comparative Linguistics):

ڪنهن به هڪ زبان کي ٻي زبان سان ڀيٽ ڪري ڀيٽاس ڪرڻ تقابلي لسانيات آهي. تقابلي لسانيات، ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ٻولين کي مختلف رخن

ڪان پيٽ ڪري انهن جو پاڻ ۾ لاڳاپو ظاهر ڪندي آهي، ته جيئن انهن جي هڪ ٻئي سان خانداني، تاريخي يا نوعيتي نسبت معلوم ٿئي. تاريخي لسانيات ۾ جيڪا پيٽ ڪئي وڃي ٿي، سا ٻن مختلف ٻولين ۾ نه، مگر هڪ ئي ٻوليءَ جي لاڳيتن دورن جي وچ ۾ ڪئي وڃي ٿي.

**تقدير** (Fate):

تقدير ۽ تدبير_ ٻئي عام اصطلاح آهن. تقدير، قدرت تي پاڙڻ جو تصور آهي ۽ تدبير انساني عمل جي مترادف آهي. يوناني ادب ۾ عام طور چيو ويندو هو ته انسان جي ڀوڳنا سندس تقدير جي ڪري آهي. اڳتي هلي شڪسپيئر جي ڊرامن ذريعي فلسفو تبديل ٿيو ته انسان جي سزا جو نصيب سندس عمل آهن. تقدير جو فلسفو صدين کان ڊرامن، ناولن ۽ ڪهاڻين جو موضوع رهيو آهي.

**تقطيع** (Taqtee'a):

"تقطيع" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جو بنياد يا اشتقاق آهي، قَطعَ=وڍڻ، ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ. "تقطيع" جي لفظي معنيٰ ٿيندي "وڍيل" يا "ٽڪرا ٽڪرا ڪيل". اصطلاحي معنيٰ موجب، ڪنهن شعر جي مصرعن ۾ ڪم آندل لفظن کي، مقرر بحر وزن جي ارڪانن ۾ توري، کين جدا جدا ڪري بيهارڻ کي "تقطيع" چئبو آهي. شعر جي بحر جا اهي ارڪان، خود لفظن آهن ۽ ڪن آوازن (اچارن) جا ٺهيل آهن.

**تقليد** (Emulation):

ادبي اصطلاح ۾ انفراديت يا امتياز قائم رکڻ کان سواءِ ڪنهن وڏي اديب، فنڪار جي پوئواريءَ کي تقليد چيو ويندو آهي. سنڌي ۾ صوفي شاعريءَ ۾ تمثيلن ۽ علامتن جي تقليد قاضي قادن (1463_1551ع) کان ڪئي وئي. عشقيه، رومانوي ۽ نيم تاريخي داستانن جي سورمين کي علامتي اظهار طور ڪتب آڻڻ جي شروعات شاهه لطيف کان اڳ مختصر طور نظر اچي ٿي، پر شاهه لطيف ان کي ڪمال تي پهچايو. جديد دور جي شاعرن گهڻي ڀاڱي شيخ اياز جي تقليد ڪئي. افسانې ۾ ڪيترن ليکڪن جمال ابڙي، امرجليل وغيره جي تقليد ڪئي آهي.

**تڪبند شاعر:**

شاعرن کي ذات وديعت ٿيل هوندي آهي. کين تصور جي قوت زياده هوندي آهي. پر اهو شاعر جنهن وٽ نفسياتي بصيرت، نزاڪت، احساس ۽

لطيف جذبن جي گهٽتائي هجي، رڳو ڪنهن موضوع تي شاعري ڪري وٺي، جنهن ۾ نہ گهرائي هجي نہ وري لفظن جي چاشني تہ اهڙي شاعريءَ کي تڪبند شاعري ۽ شاعر کي "تڪبنديءَ وارو شاعر" چيو ويندو آهي.

**تڪبندي** (Tukabandi):

"تڪبندي "نظم يا نثر قلمبند ڪرڻ وقت لفظن جي چونڊ کي چئبو آهي، چونڊ اڪثر ساڳين (هم آواز) لفظن جي ڪبي آهي. اهڙي قسم جي تڪ ۾ تڪ (ها ۾ ها) ملائڻ کي "تڪبندي" سڏيو آهي. عموماً تجنيس حرفيءَ ۾ نظم جي نموني کي تڪبندي سڏيو آهي، پر اڄڪلهہ تڪبندي، خيال ۽ مقصد کان سواءِ بيڪار تصور ڪئي ويندي آهي.

نثر جي سلسلي ۾ مقفع نثر (قافيہ بندي) وارو نمونو تڪبندي ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

**تلاوت** (Recitation):

قرآن شريف جو پڙهڻ يا دؤر ڪرڻ عقيدو آهي تہ هر مسلمان لاءِ پاڪ صاف ٿي روزانو تلاوت ڪرڻ وڏي ثواب وارو عمل آهي، جنهن سان قلبي سڪون ملي ٿو. سر مٺي آواز سان تلاوت ڪرڻ کي قرئت چيو ويندو آهي.

**تماشائي** (Spectator):

'تماشائي' جي لفظي معنيٰ آهي ڏسندڙ. ڊرامي جو اصل مقام اسٽيج آهي ۽ اسٽيج تماشائين کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ڊراما هميشہ تماشائين جي سوچ، فڪر ۽ پسند مطابق لکيا ۽ اسٽيج ڪيا ويندا آهن. تماشائي هميشہ هڪ جهڙا نہ ٿيندا آهن. اهي پنهنجي پنهنجي خيالن، جذبن، سيرت ۽ سوچ ۾ مختلف هوندا آهن. اهڙيءَ ريت شهري تماشائي ڳوٺ وارن تماشائين کان مختلف هوندا آهن.

تماشائي / ڏسندڙ هميشہ مختلف هوندا آهن. اهي پنهنجي جذبات، سيرت ۽ خواهش ۾ بہ مختلف هوندا آهن. ڪنهن کو مزاحيہ ڊائلاگ ڪنهن کي کلائي کيرو ڪري وجهندو آهي تہ ڪنهن ڪنهن کي مسڪرائي بہ نہ سگهندو آهي. ڪنهن اهو ساڳيو مڪالمو ڪنهن کي سخت ناگوار لڳندو آهي. ان حساب سان ڊراما هميشہ ڏسندڙن جي پسند موجب پيش ڪيا ويندا آهن. اهو تماشائي ئي آهن، جن جي ڪري ٿيئٽر آباد رهن ٿا.

**تمثيل** (Allegory):

تمثيل جي لغوي معنيٰ ٿيندي ’ڪنهن شيءِ جهڙو ٿي وڃڻ‘. مشابهت يا نظير. نثر ۽ شاعريءَ ۾ شين، ماڻهن ۽ واقعن تي تمثيلي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو آهي. تمثيل ۾ ڪردار انساني خصوصيتن جي نمائندگي ڪندا آهن. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ لوڪ ڪهاڻين جي سورهين ۽ سورمين کي تمثيلي طور ڪتب آندو آهي.

جان بنيان (1626_1688ع) جو ڪتاب ”Pilgrim's Progress“ هڪ مشهور تمثيل آهي. جنهن جو ترجمو پرڀداس پيرومل ”سالڪ جو سفر“ سان ڪيو آهي.

**تمثيل اُتارڻ** (Dramatise):

هي لفظ ڪنهن ادبي/فني ڪم کي هڪڙي فارم مان ٻئي فارم ۾ آڻڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. جيئن ناول کي ڊرامي، فلم يا ٽيليويزن جي اسڪرپٽ ۾ بدلائڻ. ان کي ڊرامائي تشڪل يا خود ڊرامائڻ پڻ چيو وڃي ٿو.

**تمدن** (Civilization):

تمدن عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ ”شهريت“ آهي. هي لفظ ’مدن‘ يعني شهر مان ورتل آهي. ”شهريت يا شهري زندگي.“ انسان سمجهه ۽ شعور وارو جانور آهي. مختصر طور تمدن جي تعريف اها ٿيندي ته هر قوم کي پنهنجيون مخصوص، تاريخي، سماجي، ثقافتي ۽ مذهبي روايتون ٿينديون آهن. سندن ضرورتون ۽ روحاني تمنائون هونديون آهن. جنهن ڪري ڪا قوم انفرادي ۽ اجتماعي طور ترقي ڪندي آهي. هر قوم جون مختلف سياسي، مذهبي ۽ معاشرتي جماعتون ۽ ادارا، فن، نقش نگاري، شعر، راڳ ۽ ناچ جا طور طريقا مختلف رواج رسمون هوندا آهن. تمدن انساني فطرت جي ٽن مکيه جبلتن سان تعلق رکي ٿو. جيڪي آهن:

(i) پنهنجو بچاءُ ڪرڻ، (ii) هم جنس سان تعلق ۾ رهڻ ۽ (iii) اولاد جي پيدائش، پالنا ۽ پرورش ڪري، انساني نسل کي بقا ڏيڻ.

**تمهيد** (Preamble):

ڪتاب جي ابتدا ڪرڻ يا ڳالهه يا مقصد کي آسان بنائڻ لاءِ شروعاتي سمجهاڻي. ديباچو مهاڳ . منڍ. شروعات ابتدا.

**تنقيد** (Literary Criticism):

تنقيد لفظ جو بنياد نقد آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'ملهه'. ادب جي ملهه ڪٿڻ لاءِ ڪيل پرک کي ادبي تنقيد چئبو آهي. ادبي تنقيد جي شروعات يونان کان ٿي، جنهن موجب تنقيد جو مطلب آهي فيصلو يا "فتويٰ"(Judgment) ڏيڻ. هي تنقيد جي لغوي معنيٰ آهي پرکڻ يعني خامين ۽ خوبين جو بيان ڪرڻ. تنقيد انهيءَ عبارت کي ئي ڪوٺجي، جنهن مان ڪنهن به ادبي تخليق جي خوبين ۽ خامين کي ڄاتو سمجهيو وڃي: يا ائين ادبي تنقيد، ڪنهن ادبي ڪاوش کي پڙهڻ کانپوءِ ان تي سوچي ويچاري، ان جي ادبي ڪٿ ڪرڻ آهي. تنقيد ۾ باريڪ بيني ۽ دليل وڏي اهميت رکن ٿا. ادبي تنقيد، ادب ۾ تمام وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي، سبب ڪان پهرين تنقيد وسيلي معياري ادب ۽ غيرمعياري ادب جي فرق جي خبر پوي ٿي. ادبي تنقيد رستي زبان ۽ ادب جي زوال ۽ قدرن جا سبب معلوم ٿي سگهن ٿا. تنقيد سان ادبي تحريڪون شروع ٿين ٿيون. تنقيد رستي خبر پوي ٿي ته مختلف دورن ۾ ادب ۾ ڪهڙا رجحان هئا. ادبي تنقيد جي وسيلي ئي سٺا اديب پيدا ڪري سگهجن ٿا.

**تنقيدي مضمون** (Critique):

اهڙو مضمون، جيڪو ڪنهن ادبي فن پاري تي تنقيدي خيال کان لکيو وڃي، ان کي تنقيدي مضمون چئبو آهي.

**توريت/تورات** (Torat):

آسماني يا الهامي ڪتابن مان هڪ ڪتاب، جيڪو حضرت موسيٰ عليہ السلام تي نازل ٿيو. ان کي توريت يا تورات سڏيو وڃي ٿو. توريت موجوده بائيبل (ڪتاب مقدس) جو هڪ حصو آهي. ڪتاب مقدس جا ٻه اهم حصا آهن: هڪ" عهدنامہ قديم" ۽ ٻيو "عهدنامہ جديد".سڄو بائيبل سڀني عيسائين جو مذهبي ڪتاب آهي، پر يهودين جو بنيادي مذهبي ڪتاب "عهد نامہ قديم" آهي.

**توشيح** (Acrostic):

نظم يا اهڙي لکت، جنهن جي هر سٽ جو پهريون اکر ترتيب سان ڪڍڻ سان نئون نالو لفظ، جملو يا شعر ٺهي پوندو آهي.

**تهذيب** (Civilization):

تهذيب جي لغوي معنيٰ آهي "اصلاح"، "تربيت" ۽ "شائستگي". اصطلاحي معنيٰ ۾ تهذيب مخصوص زمان ۽ مڪان ۾ ڪنهن قوم يا گروهه جي زبان، لطيف فنن، قومي روايتن، رسمن، رواجن، رهڻي ڪهڻي، عادت اطوارن، ڏڻن، ڪرتن جو مجموعو آهي، جيڪو ان گروهه يا قوم کي مهذب بنائي ٿو. سنڌو تهذيب (Indus Civilization) مان مراد سنڌي قوم جي طرز زندگي آهي. جيڪا منظم معاشري جي جوڙجڪ ۾ خاص عرصي کان ترقي ڪندي رهي آهي.

**تيرٿ استان** (Religious site):

تيرٿ استان ڪنهن سنت، ساڌو، بزرگ جي نالي منسوب جاءِ يا زيارت گاهه هوندو آهي، ڪيترين حالتن ۾ اهو قدرتي نظارن جو زيارت گاهه به هوندو آهي. اهو ڪا ندي، ڪو چشمو به ٿي سگهي ٿو. جتي ياتري اچي اشنان ڪري پاڻ کي پوتر ڪندا آهن. تيرٿ استان ياتريءَ کي زندگيءَ جي سفر ۾ نرواڻ کي حاصل ڪرڻ لاءِ اتساهيندو آهي. هندو ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم وارن وانگر جين ڌرم وارن جا به تيرٿ ٿين ٿا، ان جي ياترا هندو ڌرم وارن کان ڪي قدر مختلف آهي. جين ڌرم وارن جي تيرٿ ياترين کي 'تيرٿنڪرا' چئبو آهي.

# ٿ

**ٿري لهجو**(Thari Dilect):

ٿر سنڌ جو ريگستاني علائقو آهي. ٿر جي لفظي معنيٰ آهي "ريگستان". سنڌ جو ٿر، هندستان جي ڪڇ ۽ راجسٿان سان مليل ٿو. ٿر ۾ ڏيپلو، عمرڪوٽ، مٺي، ڇاڇرو، ننگر پارڪر اهم علائقا آهن. ٿر جي مجموعي زبان کي ٿري سڏجي ٿو. جيڪا سنڌي زبان جو هڪ لهجو آهي. ڍاٽڪي، پارڪري ۽ سوڍڪي ٿري لهجي جا اپ لهجا يعني ننڍا لهجا يا محاورا آهن.

**ٿلهه** (Thalh):

ڪافيءَ جي ابتدا يا مطلع کي ٿلهه چئبو آهي. ڪافيءَ جي شروعات ٿلهه سان ٿيندي آهي. جيڪو پوءِ هر مصرع جي پويان ورانيءَ طور ڳائبو آهي. عروضي ٿلهه کي شاعريءَ ۾ "مطلع" سڏبو آهي.

**ٿورو دم** (،)(Coma):

انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪاما (comma) يا "ٿورو دم"، جنهن کي "ساهي" به چيو ويندو آهي، هيءَ بيهڪ جي بين نشانين کان وڌيڪ استعمال ٿيندڙ نشاني آهي.

جڏهن ڪنهن جملي جي ڪنهن لفظ يا نالي وغيره جي وضاحت ڪجي، يا وڌيڪ معلومات ڏيڻي آهي ته ڪاما يا ٿورو دم ڏبو آهي. هڪ جملي ۾ هڪجهڙا گهڻا لفظ استعمال ٿيڻ جي صورت ۾ انهن کي ڪاما سان ڌار ڪبو آهي. مثال: مون کي انب، صوف، ڪيلا ۽ انگور وڻندا آهن.

مثال طور: اسڪول جو پرنسپال، مسٽر احمد، ڏاڍو سخت ماڻهو آهي.

**ٿوڪ** (Thok):

'ٿوڪ' لفظي طرح شين کي چئبو آهي. پر سنڌي لوڪ ادب ۾ ٿوڪ اهڙي منظوم صنف آهي، جنهن ۾ ڪن به چئن شين لاءِ سڌي يا اڻ سڌي طرح سنائي بيان ٿيل هوندي آهي. اُن جي آخر ۾ ورانيءَ طور "تڪا مڙئي روڪ چڱا" وغيره استعمال ڪيو ويندو آهي. مثال طور:

اول ۾ الله پلو، پير کان ويساهه پلو
اهي چارئي ٿوڪ چڱا، تڪا مڙئي روڪ چڱا.

**ٿياسافيڪل سوسائٽي** (Theosophical Society):

ٿياسافي يوناني لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي نيڪيءَ جو فلسفو. هي اهڙو فلسفي ۽ مذهبي مڪتبِ فڪر آهي، جنهن مطابق بنيادي سچايون سڀني مذهبن ۾ موجود آهن ۽ مذهبي اختلاف بي معني' آهن. هن تحريڪ (ٿياسافيءَ) جي باني مادام الينا بترونابلٽونسڪي (1831 _ 1891ع) هئي، جنهن تبت جي دوري کان پوءِ 1875ع ۾ 'نيويارڪ ٿياسافيڪل سوسائٽي' قائم ڪئي. جيئن ته سوسائٽيءَ جا نظريا برهمي عقيدن سان وابسته هئا. ان ڪري آمريڪا کان وڌيڪ هندستان ۾ هن نڪته نظر کي پذيرائي ملي. سوسائٽيءَ جو صدر دفتر مدراس منتقل ڪيو ويو. ڪراچي ۾ ايم. اي. جناح روڊ تي ٿياسافيڪل هال آهي. آمريڪي ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جو صدر دفتر 'وهيٽن' ۾ آهي. حيدرآباد سنڌ جو بيسنٽ هال، جيڪو اينڊي بيسنٽ جي نالي سان قائم آهي، اهو به ٿياسافيڪل تعليمات جو مرڪز رهيو آهي.

**ٿيسارس** (Thesaurus):

هم معنيٰ ۽ ساڳئي تصور وارن لفظن جي فهرست تي مشتمل ڪتاب يا لغت.

**ٿيسز** (Thesis):

ڪو به مفروضو، بحث هيٺ مسئلو، مقالو جيڪو ڪنهن علمي سند لاءِ لکيو وڃي، ان کي ٿيسز چئبو آهي.

**ٿيسز ناٽڪ** (Thesis Drama):

اهو ناول يا ڊرامو جنهن ۾ سماجي يا سياسي مسئلو پيش ڪيو وڃي ۽ ان جو حل به ٻڌايو وڃي. عبدالقادر جوڻيجي جو لکيل ٽي وي ناٽڪ" راڻيءَ جي ڪهاڻي" ٿيسز ناٽڪ جو سٺو مثال آهي. ان ڊرامي ۾ ڳوٺاڻي ماحول ۾ هڪ "ڪاري" ڪيل عورت جي ڪهاڻي بيان ڪئي وئي. اهڙي طرح علي بابا جو "دنگيءَ منجهه درياهه" ملاحن جي زندگيءَ بابت ٿيسز ناٽڪ چئي سگهجي ٿو.

**ٿيئٽر** (Theatre):

ٿيئٽر يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي معني آهي 'ڏسڻ' يا 'نظارو ڏسڻ' ناٽڪ جي جاءِ يا ناٽڪ گهر. جيئن ته حقيقت ۾ ڊرامو اسٽيج تي عملي طور پيش ڪرڻ لاءِ لکيو ويندو آهي، انهيءَ ڪري اها جاءِ جتي ڊراما اسٽيج ٿيندو آهي، ان کي "ٿيئٽر" سڏيو ويندو آهي.

پروفيسر منگھارام ملڪاڻي لکيو آهي تہ "ياد رکڻ گهرجي تہ ناٽڪي فن، ٻين فنن وانگر پاڻ ۾ ئي پورو نہ آهي، جنهن کي صرف ڪتب خاني ۾ ويهي مطالعو ڪجي. ناٽڪ جو آخري مقصد تڏهن پورو ٿيل سمجهبو، جڏهن ناٽڪ گهر (Theatre) ۾ اهو ڪري ڏيکاريو وڃي ۽ رنگ ڀومي (Stage) تي اداڪاري (Acting)، چترڪاري (Painting)، وسترڪاري (Construing)، سنگيت (Music) ۽ ناچ (Dancing) جي ان کي پوري پوري واهر وٺڻي ٿي پوي." (وڌيڪ ڏسو پروفيسر منگها رام ملڪاڻيءَ جو "ادبي اصول")

## ٽ

**ٽائيم ناول** (Time Novel):

هيءُ اصطلاح 'شعوري وهڪري' (Stream of Conciousness) وارن ناولن سان گڏ استعمال ٿيو هو. هن قسم جي ناولن ۾ وقت کي موضوع بڻائي، ڪردارن جي زندگيءَ جي معنيٰ خيز لمحن کي بيان ڪيو ويندو آهي. ان سلسلي ۾ ورجينيا وولف (1882ـ1941ع) ۽ جيمس جوائس (1882ـ1941ع) جا ناول وڏي اهميت رکن ٿا.

**ٽپو** (Tapo):

ٽپو پشتو شاعريءَ جي مشهور صنف آهي. هن شاعريءَ ۾ پختون زندگيءَ جي ثقافتي، تاريخي ۽ سماجي عڪاسي ٿيل هوندي آهي. هي شاعري سينہ بہ سينہ قديم دؤرڪان هلندي پئي اچي. هڪ مثال:

ماءُ، منهنجا وار نہ ڪتر،
جو تہ پڳل ڏارن وارن وٽن تي
پڪي آڪيرا ناهي نہ ويهندا آهن (ترجمو)

**ٽرپالاجي** (Triology):

هي اصطلاح ابتدا ۾ يوناني ڊرامن لاءِ استعمال ٿيندو هو ۽ هن وقت خاص طور ناولن لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ڪوبہ ناول ٽن حصن ۾ لکيل هجي ۽ ان جو هر حصو مڪمل ناول هجي، ۽ انهن ٽنهي حصن ۾ ڪهاڻيءَ جو تسلسل هجي تہ ان کي ناول جي "ٽريالجي" چئبو آهي. سنڌيءَ ۾ بهترين مثال سراج ميمڻ جو ناول "پياسي ڌرتي رمندا بادل" آهي، جيڪو ٽن حصن: (1) "منهنجي دنيا هيڪل وياڪل"، (2) "تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول"، (3) "منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا" تي مشتمل شايع ٿيل آهي.

**ٽہ سريون** (Three Melodies):

ٽہ سريءَ ۾ ٽي سٽون/ مصرع ٿينديون آهن، جن ۾ رديف قافين جي ڪا پابندي ناهي هوندي ۽ هن کي ڪنهن بہ وزن تي لکي سگهجي ٿو.

**ٽڪرو** (Passage):

ٽڪرو بنيادي طور ڪنهن عبارت جي ڪنهن حصي کي چئبو آهي، ان کي اقتباس بہ سڏبو آهي.

**تلو ناچ** (Tiloo Dance):

"تلو" عورتن (زالن) جو هڪ مخصوص ناچ آهي ، جيڪو اڪثر مڪراني عورتون ، خوشيءَ جي موقعن تي دهل تي تاڙي وڄائي ڪنديون آهن. ناچ سان گڏ گيتن جا ٻول بہ چونديون آهن ۽ وراڻي بہ ڏينديون رهنديون آهن. انهن وراڻين ۾ "تلو" لفظ ضرور استعمال ٿيندو آهي. شاديءَ جي سرگس ۾ "تلو ناچ" هڪ سٺو سنوڻ سمجهيو ويندو آهي. نموني طور تلو گيت جا ڪجهہ بند هيٺ ڏجن ٿا.

"تلو! دومني آچار...تلو! دومني آچار،
لئي لئي لاڙهہ...تلو! لئي لئي لاڙهہ
هست بدوڪو ڙي... تلو! هست بدوڪو!
"تلو! دومني آچار...تلو! دومني آچار،

**ٽماهي** (Quarterly):

ٽن مهينن جو عرصو هي اصطلاح خاص طور تي انهن رسالن لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جيڪي ٽن مهينن تي جاري ٿيندا آهن. انهن کي اردوءَ ۾ 'سہ ماهي' ۽ انگريزيءَ ۾ 'ڪوارٽرلي' چيو ويندو آهي. سنڌي ادبي بورڊ طرفان "ٽماهي مهراڻ" ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان ٽماهي 'سنڌي ٻولي' جرنل اهڙا رسالا آهن.

**ٽنڪا** (Tanka):

تنڪا، جاپاني شاعريءَ جي اها صنف آهي، جيڪا پنجن سٽن تي مشتمل آهي ۽ ان جو وزن ڇند جي حساب سان 31 ماترائن تي مشتمل هوندو آهي. يعني پنج، ست، پنج ، ست ، ست ماترائون. سنڌي شاعريءَ ۾ هيءَ صنف تجرباتي طور سڀ کان اڳ مختيار ملڪ، تاج جويي ۽ مير محمد پيرزادي لکي. هيءَ جپان جي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي هڪ صنف آهي. جنهن ستين صديءَ ۾ جنم ورتو. انگريزي شاعريءَ ۾ هيءَ ايتري مقبوليت نہ ماڻي سگهي، جپاني صنف هائيڪو جي پنيان بہ وزن ستون. هائيڪي ۾ وچين ست ترائيل جوڙڻ سان تنڪا جنم وٺي ٿي. ڪجهہ انگريز شاعرن، ايمي لوويل (Amy Lowell) ۽ ڪريپسي Crapsey، جن ان صنف تي طبع آزمائي ڪئي.

**ٽوٽڪو** (Anecdote):

ٽوٽڪي ۾ بظاهر ڪل پوڳ وارو نقل، پر انتهائي نصيحت آميز ڳالهہ بيان ڪئي ويندي آهي. طنز ۽ مزاح سان سچ کي پيش ڪيو ويندو آهي. سنڌ جي

تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي دانشمند ۽ ظريف پيدا ٿيا آهن، جن جا ٽوٽڪا آفاقي حيثيت رکن ٿا. وتايو فقير، فولاد فقير شر ملان لنڊ ۽ ٻيا ڪيترائي پنهنجي فڪري ٽوٽڪن جي ڪري مشهور آهن.

**ٽوڪ زني/طنز**(Satire):

مزاح نگاريءَ جي دنيا ۾ ٽوڪ زني (satire) هڪ اهم عنصر آهي، جنهن جو عام استعمال ٿيندو آهي. هن جو مطلب "مزاح براءِ اصلاح" هوندو آهي، جنهن ڪي طنزيه مزاح به چئبو آهي. هن ۾ لفظن جي بظاهر معنيٰ هڪڙي هوندي آهي، پر تمثيلي طور ان جي مخالف معنيٰ پيش ڪئي ويندي آهي. بلڪ اها معنيٰ اصل جو ضد هوندي آهي. مثال طور چئجي ته فلاڻو ته ڪو بادشاهه آهي. ان جو مطلب اهو ٿيو ته هو بادشاهه نه پر احمق آهي. سنڌي ادب ۾ ٽوڪ يا طنز وارو ادب لکڻ وارا تمام گهڻا نالا موجود آهن. محمد عثمان ڏيپلائيءَ پنهنجن افسانن ۾ پيرن جي بدعتن ۽ ڏاڍن تي ٽوڪ زني ڪئي آهي. شمس الدين بلبل پڻ پنهنجي شاعريءَ ۾ معاشرتي حماقتن تي ٽوڪ زني ڪئي آهي. امر جليل پنهنجي ڪهاڻين ۾ معاشرتي مسئلن تي طنز ڪئي آهي.

**ٽئبو**(Taboo):

شخص يا شيءِ کي حلال يا حرام، پاڪ ۽ ناپاڪ قرار ڏيڻ وارو عمل. ادبي دنيا ۾ ڪجهه موضوعن کي ٽئبو قرار ڏنو ويو آهي، جن تي لکي نٿو سگهجي، پر ان جي باوجود ڪجهه ليکڪ انهن پابندين جي مخالفت ڪندي هر موضوع تي لکندا آهن.

**ٽيبلو**(Tableau):

خاموش تمثيل، جنهن ۾ اداڪار خاموشيءَ سان مڪالمن کان سواءِ ڪنهن تاريخي يا لوڪ ڪهاڻيءَ جي تصوير ڪشي ڪندا آهن. البت صوتي اثرات يا موسيقيءَ يا شاعريءَ کي پس منظر ۾ وڄايو ويندو آهي. اڄڪلهه اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌ جي تاريخي ۽ ثقافتي ڪهاڻين (جهڙوڪ عمر مارئي يا شاهه جون ست سورميون) کي ٽيبلو جي روپ ۾ پيش ڪيو وڃي ٿو، جنهن ۾ اداڪار استاد ۽ شاگرد هوندا آهن. سنڌ ۾ تاريخي ٽيبلو پيش ڪرڻ ۾ مشهور اديب نثار حسينيءَ (1943ـ2006ع) جو وڏو ڪردار آهي.

**ٽيڙو** (Haiko):

ٽيڙو سنڌي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ” ٽي“. اصطلاحي معنيٰ موجب آسمان تي ٽن تارن جي مخصوص ميڙ کي ”ٽيڙو“ چيو وڃي ٿو. جپاني شعري صنف هائيڪو کي سنڌيءَ ۾ هائيڪو چوڻ سان گڏوگڏ ’ٽيڙو‘ چيو وڃي ٿو. هائيڪي/ٽيڙوءَ کي هري دلگير، شيخ اياز نارائڻ شيام، تنوير عباسي ۽ امداد حسينيءَ متعارف ڪرايو. هري دلگير هائيڪو کي ’تصويرون‘ ۽ امداد حسينيءَ ’ٽيڙو‘ نالو ڏنو. هن صنف جي ٽن سٽي شعر ۾ ڪل 35 ماترائون ڪم آنديون وڃن ٿيون. سنڌي هائيڪو/ٽيڙوءَ ۾ پهرين ۽ ٽين سٽ هم قافيه هوندي آهي ۽ وچين سٽ آزاد هوندي آهي. سنڌيءَ ۾ بنيادي شاعرن ـ شيخ اياز، شيام، تنوير کان سواءِ استاد بخاري، امداد حسيني، تاجل بيوس، راشد مورائي، تاج جويو، اياز گل، ادل سومرو، وسيم سومرو، آسي زميني، مختيار ملڪ، نياز ملاح ۽ ٻين شاعرن هائيڪو/ٽيڙو لکيا آهن. ڪجهه شاعرن آزاد ٽيڙو به لکيا آهن. ٽيڙوءَ جا مثال:

آءٌ دراز اهل!
تنهنجا سارا مولوي
منهنجو هڪ سچل
(اياز)

ـ

ڇهرو ڪاوڙيل،
۽ ڪالر تي ڪوٽ جي
ڪٽريل گل لڳل!
(تنوير)

**ٽيڪا ٽپڻي** (Comments):

سنڌيءَ ۾ ’ادبي تنقيد‘ لاءِ ٽيڪا ٽپڻيءَ جو اصطلاح به ڪم ايندو آهي. جنهن ۾ نڪته چيني ۽ تبصرو به اچي وڃن ٿا. ٽيڪا ٽپڻي انهيءَ قسم جي تنقيد کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ تخليقي پورهئي جي تشريح ڪئي وڃي ۽ صاحب قلم جي قدرداني ڪئي وڃي.

**ٽيليويزن ڊراما نگاري(TV Plays):**

'ٽيليويزن يا ٽي. وي. ڊراما' نہ رڳو تخليقي ادب آهي، پر ساڳئي وقت هڪ فني ڪاوش بہ آهي، انهيءَ لحاظ کان ادب جي ميدان ۾ ٽيليويزن ڊراما هڪ اهم صنف آهي.''ٽي-وي. ڊرامي جي ٽيڪنيڪي پهلوءَ کي سمجهڻ لاءِ ٽيليويزن جي سازو سامان (Equipments)، ان جي ممڪن سگهہ يا وس آهر سهوليتون (Potentialities) ۽ بندشن (Limitations) بابت ڄاڻ رکڻي پوندي آهي. خاص طور (1) ٽيليويزن اسٽوڊيو (2) ڪنٽرول روم، (3) فلم ۽ ٽيليويزن ڪئميرائون، (4) بصري تاثر (Optical Effects) ۽ (5) صدا ڪاري يا آواز جو سلسلو (Sound System) سمجهڻ نهايت ضروري آهن. ٽيليوزن ڊرامي ۾ ڪهاڻي، چرندڙ پرندڙ تصويرن ذريعي پيش ڪجي ٿي. ٽيليويزن ڊراما نگار کي سنن مڪالمن لکڻ جي ذات سان گڏ تصويرن ذريعي ڪهاڻي ٻڌائڻ جو تجربو هئڻ گهرجي. سنڌي ٽي وي ڊرامي جو دور 1970ع کان شروع ٿئي ٿو هن وقت سنڌي ٽي وي چينل ٽي. وي. ڊراما پيش ڪن ٿا. امر جليل، شمشير الحيدري، قمرشهباز علي بابا، ڪيهر شوڪت، شوڪت شورو، طارق عالم ابڙو نور گهلو عثمان ميمڻ، اياز عالم ابڙو زيب سنڌي ۽ ٻيا ٽي. وي ڊرامن جا مشهور ليکڪ آهن. سنڌي ليکڪن مان اردوءَ ۾ ٽيليويزن ڊراما لکندڙن ۾ عبدالقادر جوڻيجو ۽ نورالهديٰ شاهہ تمام گهڻا مشهور آهن.

**ٽيهہ اکري:**

''ٽيهہ اکري''، عربي ٻوليءَ جي الف-ب جي اٺاويهن اکرن ۽ 'لا' ۽ 'ء' جي اضافي اکرن سان لکيون وينديون آهن. 'ٽيهہ اکري' نج سنڌي لکت آهي. جڏهن تہ سرائيڪي ۽ فارسيءَ ۾ 'سي حرفي' لکي ويندي آهي ۽ سنڌيءَ ۾ ٽيهہ اکري لکي وڃي ٿي. ٽيهہ اکري فني سٽاءُ موجب بيت يا نظم جي فارم ۾ 30 مصرعن تي مشتمل نظم آهي، جنهن جو هر هڪ بند الف-ب جي ترتيبوار اکر/حرف سان شروع ٿيندو آهي.

# ٺ

**ٺٽائي رسم الخط** (Thatai Script):

اها رسم الخط ميمڪي رسم الخط جو قسم آهي. ٺٽي شهر ۽ آس پاس جا ميمڻ استعمال ڪندا هئا. ميمڻ به لوهاڻن مان تازا مسلمان ٿيل هئا. ان ڪري اها رسم الخط به لوهاڻڪي رسم الخط جي اصل سان تعلق رکندڙ ٿي سگهي ٿي.

**ٿور** (Marriage Song):

شاديءَ جو هڪ ڳيچ. سنڌ جون زالون اسر ويل لاڏن وقت ڳائينديون آهن.

## ث

**ثقافت** (Culture):

ثقافت جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ يا انسان جي جسماني ۽ ذهني نشونما ۽ سڌارو. اصطلاح طور ثقافت مان مراد "انسان جي ذاتي ۽ اجتماعي نشونما جا سمورا پهلو" ورتي وڃي ٿي. ڪنهن معاشري جي رهاڪن جي عقيدن، علم، رهڻي ڪهڻي، ٻوليءَ ريتن رسمن، زندگيءَ جي وهنوارن ۽ حرفت وغيره کي گڏي ثقافت ڪوٺيو وڃي ٿو. ثقافت ئي ڪنهن قوم جي سڃاڻپ هوندي آهي. ثقافت ان قوم جو اهو مشترڪ قدر آهي، جنهن سان نه فقط ان جي پنهنجي سڃاڻپ ٿئي ٿي، بلڪه ٻين سماجن کان الڳ حيثيت جي مڃتا ٿئي ٿي. ثقافت يا ڪلچر جي باري ۾ مفڪرن جا مختلف رايا آهن. ميٿيو آرنلڊ جو چوڻ آهي ته "ثقافت فرد جي مڪمل جوڙجڪ جي ڪوشش ڪندي آهي، جا خوبصورتي، ذهانت ۽ روشنيءَ تي مرتب آهي." ثقافت ترقيءَ ۽ ڪمال جو پيو نالو آهي ۽ اها تبديل پذير ٿئي ٿي.

**ثقافتي تنقيد** (Cultural Criticism):

تنقيد جو اهو قسم، جيڪو هڪ ئي وقت تاريخي ۽ سماجي تنقيد سان واسطو رکي ٿو پر ان هوندي به پنهنجي انفرادي حيثيت رکندي، انهن ثقافتي سرگرمين کي پنهنجي احاطي ۾ آڻي ٿو جن مان ادب جي تخليق خود هڪ سرگرمي آهي. تنقيد جي هن قسم ۾ نقاد سموري ثقافتي واءُ منڊل ۽ منظر کي ڌيان ۾ رکندو آهي ۽ انهيءَ ۾ جاچڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ته ثقافت ڪهڙي ريت تخليقڪارن لاءِ صحتمند ماحول پيدا ڪري ٿي.

**ثقافتي گوناگونيت** (Cultural Diversity):

ان مان مراد مختلف علائقن جي جاگرافيائي حالتن ۽ آبهوا جي ڪري مختلف رسمن ۽ رواجن اختيار ڪرڻ جي ڪري هڪ هنڌ رنگارنگي پيدا ٿيڻ. سنڌ ۾ خاص طور ڪلچرل ڊائورسٽي ٻين صوبن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آهي، ڇو ته هتي مختلف ٻوليون، ثقافتن ۽ مذهبن جا ماڻهو گڏجي رهن ٿا، جنهن ڪري سنڌ ۾ ادبي ۽ ثقافتي گونانيت سڀ کان وڌيڪ آهي.

**ثقافتي معنيٰ**(Cultural Meaning):

لفظن جي لغوي معنيٰ کان سواءِ مختلف سماجي ۽ ڪلچرل معنائون به ٿينديون آهن. ٻوليءَ جا لفظ، اصطلاح ۽ چوڻيون ۽ پهاڪا انساني جذبن جي ترجماني ڪندا آهن. ٻوليءَ جي لفظن کي پنهنجي ثقافتي ماحول سان استعمال ڪرڻ سان ان مان نڪرندڙ معنيٰ کي ثقافتي معنيٰ چئبو آهي. هيءَ معنيٰ لفظ جي مددي معنيٰ (subsiding meaning) ٿيندي آهي.

**ثقافتي ورثو**(Culture Heritage):

ڪنهن قوم جي روايتن، تجربن، مشاهدن، مهارتن، هنرن، ٻوليءَ، لطيف فنن ۽ تعميرات وغيره کي گڏي ڪنهن قوم جو ثقافتي ورثو چيو ويندو آهي. زنده قومون پنهنجي ثقافتي ورثي کي محفوظ ڪرڻ لاءِ وڏا جتن ڪنديون آهن.

**ثناگر:**

ثناخوان، ساراهه ڪندڙ مدح ڪندڙ تعريف ڪندڙ.

# پ

**پاٺشالا** (Pathshala):

ڌرمي درسگاهه سبق وٺڻ جي جاءِ، درس ڏيڻ جو هندو، خاص ڪري هندو ڌرم سان منسلڪ ماڻهن لاءِ اسڪول يا تعليمي درسگاهه. جتي ڌرمي تعليم ڏني وڃي. پر هاڻي وسيع معنيٰ ۾ پاٺ شالا ان هنڌ کي چئجي ٿو جتي سبق يا درس حاصل ڪجي، جنهن کي سنڌيءَ ۾ درسگاهه ۽ انگريزيءَ ۾ اسڪول چئجي ٿو

**پارڪري** (Parkari):

سنڌ جي ٿر واري علائقي جي پارڪر واري ٽڪري ۾ هڪ خاص قسم جي ٻولي/لهجو ڳالهايو ويندو آهي، جنهن کي پارڪري چئبو آهي. هن لهجي جو گجراتي سان قريبي رشتو آهي، پر پارڪري تي گهڻو اثر آهي.

**پاڪستان رائيٽرس گلڊ:**

پاڪستان رائيٽرس گلڊ. پاڪستان سطح جي ادبي تنظيم قائم ٿي هئي، جنهن جي سنڌ شاخ 1959ع ۾ قائم ٿي، جنهن جي قيام ۽ ڪارڪردگيءَ ۾ اردو اديبن مان جميل جالبي، جميل الدين عالي وغيره سان گڏ سنڌي اديبن ۽ شاعرن بہ سرگرميءَ سان حصو ورتو . اهڙن ذات – ڏٽين ۾ شيخ اياز ، غلام محمد گرامي ، رشيد ڀٽي . محمد ابراهيم جويو ، علي محمد شيخ ۽ نياز همايونيءَ جا نالا ذڪر لائق آهن . هن گلڊ سنڌيءَ ۾ شايع ٿيل معياري ادب جي همت افزائي ڪئي ۽ سرڪار کان مستحق اديبن کي مالي سهائتا وٺي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي. اها تنظيم اڃا قائم آهي، پر هاڻي ايتري فعال ڪانهي.

**پبلشر** (Publisher):

رسالن يا ڪتابن. اخبارن ۽ ٻئي ادبي مواد جو ڇپيندڙ. سنڌ ۾ ادبي ۽ غير ادبي مواد جا ڪيترائي پبلشر آهن جن ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارا شامل آهن.

**پتلين جو تماشو** (Puppet Show):

ڪاٺ. ڪپڙي يا پلاسٽڪ وغيره جي ٺهيل گڏن ۽ گڏين يعني پتلين کي سنهن ڌاڳن يا تارن وسيلي ناچ ڪرائڻ جو سانگ. هندن جي خوشيءَ جي موقعن

تي تماشي وجهندڙ پنهنجن ڪرتبن ذريعي ماڻهن جي خوب دل وندرائيندا آهن. مداري ڪاٺ جي گڏن (پتلين) کي هڪ مخصوص انداز ۾ ناچ ڪرائيندا آهن. پتلين جو کيل ڊرامي جو اوائلي اهڃاڻ آهي. هن کيل ۾ باقاعدي ڪردار ڏاهيا ويندا آهن. پاڪستان ۾ لاهور آرٽس ڪائونسل ۾ فيض احمد فيض جي زال ايلس فيض ۽ سندس ڌين ان کي باقاعده فن طور متعارف ڪرايو ۽ رفيع پيرزاده اهڙي ٿئيٽر جي ابتدا ڪئي، جيڪو اڄا تائين ڪم ڪري ٿو. اڄ به سنڌ توڙي هند جي ڪجهه حصن ۾ پتلين جو کيل عام آهي. 'پتلين جو تماشو' ادل سومري جي ٻارن لاءِ کيل شاعريءَ جي ڪتاب جو پڻ نالو آهي.

**پچاڙي** (Suffixes):

اهي پد، صرفيا يا لفظن جا حصا جيڪي خاص معنيٰ پيدا ڪرڻ لاءِ ڪم اچن يا مرڪب لفظ جي آخر ۾ لڳايا وڃن، تن کي پچاڙي (suffixes) چئبو آهي.

**پد** (A Part of couplet):

علم لغت موجب پد لفظ جو هڪ ڀاڱو (Syllable) ٿيندو آهي، پر شاعريءَ جي زبان ۾ بيت يا شعر جو هڪ ڀاڱو يا رڪن. "پد" سنسڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، "آواز، ڀاڱو، ٽڪرو، حصو، فقرو". اصطلاحي معنيٰ ۾ "پد" ان کي چئجي ٿو، جو ڪنهن جملي يا سٽ جو حصو يا ٽڪرو هجي ۽ اهو ٽڪرو ڪن لفظن جي ملاڻ سان ٺهيو هجي ۽ منجهانئس اڻ پورو مطلب نڪري. "پد" کي سنڌي ٻوليءَ ۾ "ٿُپ" به چئبو آهي. "پد" اڪثر نظم يا شعر سان واسطو رکي ٿو، ڇاڪاڻ ته شعر يا بيت جي هر سٽ يا مصرع ٻن حصن ۾ ورهايل ٿيندي آهي، جن مان هر هڪ حصي کي "پد" چيو وڃي ٿو. اهڙي طرح هڪ سٽ ۾ ٻه پد ۽ ٻن سٽن ۾ چار پد ٿيندا آهن. هر پد کي ڪاما '،' سان ڌار ڪبو آهي.

هير صبح جي ٿڌي ٿڌي، سج جو نرم شعاع،
شبنم گل ڪان ٿي ڪئي، ڪهڙي وقت وداع
(نارائڻ شيام)

**پدي لکتون** (Syllabic Writings):

هن قسم جي لکت ۾ ڪتب ايندڙ نشانيون ڳالهائڻ واري ٻوليءَ جي اکرن (Syllables) جون عيوضي هونديون آهن. آوازي لکت سان هڪ حصو علحدو

ڪيو ويندو آهي، جنهن سان صرف آواز معلوم ٿئي. آ، و، ي وغيره جيئن ۽ چيني وغيره لکت هن قسم جي آهي.

ان ڪانسواءِ ٻولين مان ٻ ڪي هڪ پديون تہ ڪي گهڻ پديون ٿينديون آهن. جيئن سنڌي ٻوليءَ ۾ ضميري پڇاڙين جو نظام ان ڪي گهڻ پدي صورت ڏي ٿو. جو هڪ لفظ ۾ پد ڳنڍي مڪمل جملا ٺاهي سگهجن ٿا. مثلاً "لکرايو مانس"، "مون هن کان لکرايو".

**پراڪرت** (Prakrit):

پراڪرت، جو لفظ 'پرڪرتي' يعني فطرت مان نڪتو آهي. پراڪرت اوائلي هندستان جي ماڻهن جي اصلوڪين ٻولين جو گڏيل نالو آهي. هر خطي کي پنهنجي پراڪرت هئي ۽ ان جو پنهنجو نالو هو. پراڪرت ٻوليءَ جو هڪ عوامي روپ هو. ڪن عالمن جو خيال آهي تہ پراڪرت، سنسڪرت مان نڪتل ٻولي هئي. پر ڪي عالم ان ڳالهہ کي نٿا مڃن. پراڪرت شاعريءَ کي پڙهڻ سان اندازو ٿئي ٿو تہ اها ٻولي هاڻوڪي سنڌي ٻولي سان ويجهو واري ڪا ٻولي هئي.

**پرڀاتي** (Pirbhati):

پرڀاتي هڪ راڳڻيءَ جو نالو آهي، جيڪا پرڀات اسر (ويل) ڳائبي آهي. هن راڳڻيءَ جي نالي سان شاهہ لطيف جو هڪ سر بہ آهي. هن سر ۾ شاهہ سائينءَ بندگيءَ جي تاڪيد ۽ رب سائينءَ جي نعمتن کي ساراهيو آهي. لسبيلي جي حاڪم سپڙ سخيءَ جي سخاوت کي تمثيلي رنگ ۾ بيان ڪيو آهي.

**پرک ۽ پروڙ** (Criticism and appreciation):

سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاريءَ لاءِ پرک ۽ پروڙ جا اصطلاح بہ استعمال ڪيا ويندا آهن. جنهن جو مطلب آهي، ڪنهن ادبي لکت يا فنپاري کي تحقيقي ۽ تنقيدي طور جاچڻ يا پرکڻ.

**پرولي** (Riddle):

پرولي هڪ ڳجهارتي فن آهي، اهڙو وسيلو جنهن ۾ ٺاهيندڙ ڪا معنيٰ رکي، جيڪا سندس ذاتي معنيٰ کان ڳجهي هجي ۽ جتي ٻاهريون ۽ اندريون مطلب ڪڍيو وڃي. پرولي لفظ "پروئڻ" مان نڪتل لڳي ٿو جنهن جي معنيٰ آهي "موتين جي لڙهي". پرولي سنڌي لوڪ ادب جي هڪ پراڻي صنف آهي. ويچار کان پوءِ ڪنهن شيءِ جو پتو لڳائڻ کي پرولي ٻجڻ چئبو آهي. پروليون

ڪيئن ڏهيون ۽ ڪهڙي وقت کان مروج ٿيون، ان جو پورو پتو نہ ٿو پوي. ٻهراڙين ۾ عام طرح ڪچهرين ۾ پروليون ڏيڻ جو جهجهو لڳندو آهي. پروليون ۾ ڪيترين ئي ڳجهيون معنائون ۽ راز رکيل هوندا آهن، جي سگهڙ ۽ سمجهدار پروڙي ۽ سمجهي سگهندا آهن. پروليون، سوليون ڳجهارتون آهن.

**پروميٿيئس** (Prometheus):

پروميٿيئس يوناني ڏندڪٿائن موجب، دنيا جو پهريون باغي آهي، جنهن يونان جي سڀ کان سگهاري ديوتا زيوس (Zeus) جي ڊڪٽيٽرشپ کان بغاوت ڪئي ۽ هيٺ زمين تي پيل انساني مخلوق کي سگهاري ٿيڻ ۽ غلاميءَ جي شرمناڪ زندگيءَ تي سوڀ ماڻڻ جا راز ٻڌايا هئا، جن مان هڪ باهہ جو استعمال بہ هو. موٽ ۾ پروميٿيئس تي، زيوس جو ڏمر لاڳو ٿيو ۽ سندس حڪم هيٺ، پروميٿيئس کي يونان جي پهاڙ جي چوٽيءَ تي زنجيرن سان ٻڌي، مٿس هڪڙي ڳجهہ جي ڊيوٽي مقرر ڪئي وئي، جيڪا راڻ ٿيڻ تائين سڄو ڏينهن پروميٿيئس جو ماس پٽيندي هئي. زيوس جو حڪم هو تہ جيسين تائين پروميٿيئس معافي نٿو گهري، تيسين تائين ڪيس انهيءَ مسلسل عذاب ۾ مبتلا رکيو وڃي. ڏندڪٿا موجب پروميٿيئس ٽيهہ هزار سال اها سزا ڀوڳي. پروميٿيئس جي ڪردار کي سڀ کان پهرين مشهور يوناني ناٽڪ نويس اِسڪائيلس (Aeschylus) ادب ۾ امرتا ڏني. سنڌي ادب ۾ ماڻڪ(1943ع_1982ع) جو ناول "پاتال ۾ بغاوت" پروميٿيئس جي علامتي ڪردار تي ٻڌل آهي.

**پرين جون ڪهاڻيون** (Fairy Tales):

پرين جون ڪهاڻيون، لوڪ ادب (folk literature) ۾ تصوراتي ۽ غير حقيقي ادب (Supernatural) ۾ اچن ٿيون. هنن اکاڻين ۾ خيالي ۽ غير حقيقي دنيا سان وابستہ منظر ڏيکاريا ويندا آهن. ڪوهہ ڪوفاف جون پريون، ڪهاڻين ۾ خاص طور تي مشهور آهن. پري هڪ خوبصورت ۽ حسين عورت تصور ڪئي ويندي آهي، جنهن کي پر هوندا آهن ۽ اها گهڻي ڀاڱي رحمدل هوندي آهي. سنڌيءَ ۾ بيشمار پرين جون ڪهاڻيون موجود آهن. سنڌي لوڪ ڪهاڻين جا ڪجهہ جلد ديوين ۽ پرين جي ڪهاڻين تي ٻڌل آهي.

**پريوگ** (Piryog):

پريوڳ سنسڪرت لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "ميلاپ". علم صرف و نحو جي زبان ۾ بين لفظن (فعل ۽ فاعل يا فاعل ۽ مفعول) جي ڳانڍاپي (ميلاپ) کي "پريوگ" چئبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن فعل ٻنهي کان بلڪل علحده به هوندو آهي. گرامر موجب "پريوگ" جا ٽي قسم آهن: پريوڳ ڪرتري، پريوڳ ڪرمڻي ۽ پريوڳ ڀاوي.

(i) پريوگ ڪرتري: جڏهن فعل جو تعلق فاعل سان هجي.

(ii) پريوگ ڪرمڻي: جڏهن فعل جو تعلق مفعول سان هجي.

(iii) پريوگ ڀاوي: فعل نه فاعل سان نه ئي مفعول سان ٺري ته اهو ڀاوي پريوگ سڏبو.

**پستڪ** (Book):

مذهبي ڪتاب يا پوٿيءَ کي 'پستڪ' چيو ويندو آهي. پستڪ، ڌرمي به ٿيندو آهي ۽ علمي به.

**پسمنظر** (Background):

هر لکڻيءَ جو هڪ پسمنظر به ٿيندو آهي، جنهن مان خبر پوندي آهي ته ليکڪ ڪهڙين حالتن جي ترجماني ڪئي آهي ان ۾ تاريخي پسمنظر، سماجي پسمنظر، معاشي پسمنظر، تاريخي پسمنظر يا ادبي پسمنظر ڏنل آهي. مطلب ته ان لکڻيءَ جو هڪ خاص پسمنظر ضرور هوندو آهي.

**پسمنظر موسيقي** (Background Music):

فلم يا ٽي وي ڊرامي ۾ منظر (Scene) جي مطابق پس پرده موسيقي هلائي ويندي آهي. اها منظر جي ماحول مطابق هوندي آهي. مثال طور هلندڙ منظر خوشيءَ جو هوندو ته موسيقي به خوشي واري هوندي. اگر منظر غمگين هوندو ته موسيقي جو پسمنظر به اداس ڪندڙ هوندو آهي.

**پلاٽ** (Plot):

لاٽ واقعن جو مجموعو هوندو آهي. جنهن ۾ واقعن جو پاڻ ۾ گهرو تعلق ٿئي ٿو. اهو واقعاتي خاڪو جنهن کي واقعاتي ڪردارن جي سگهه وسيلي ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ پيش ڪيو وڃي. دراصل تسلسل وسيلي واقعن ۽ عمل جي ڳانڍاپي واري سوچ کي 'پلاٽ' ٿو چئجي. جيستائين واقعن ۾ ترتيب ۽ تنظيم پيدا نه ڪئي ويندي ته اهو ناول، افسانو ۽ ڊراما نه رهندو. جيڪڏهن واقعن جون ڪڙيون منظم هونديون ته افساني/ناول/ڊرامي جي جوڙجڪ به

پختي هوندي. پر جيڪڏهن ان ۾ ترتيب ۽ خيال منتشر هوندا ته اهو ڪامياب ٿي نه سگهندو. پوءِ پلي ان ۾ خيال جي بلندي ۽ اسلوب بيان ۽ موضوع ڪيترو به سٺو هجي. پلاٽ ۽ ڪردار جي وچ ۾ ڪا به دوري نه هجي. ناول جي ڪهاڻي يا ڊرامي گهڙڻ وقت اهو خيال رکڻ گهرجي ته ڪهاڻي جو توازن ۽ تسلسل برقرار رکي سگهجي. لکڻ وقت وحدت زمان ۽ مڪان جو خاص خيال رکڻو ٿو پوي.

**پلاٽ جا قسم** (Kinds of Plot):

ماهر نقادن ۽ محققن پلاٽ جا به ڀڱايا آهن. هڪ سادو پلاٽ ۽ ٻيو مرڪب پلاٽ يا الجهيل پلاٽ. هرهڪ جا وري به قسم ٿين ٿا: هڪ لچڪدار يا پختو پلاٽ ۽ ٻيو غير پختو يا ڍلو پلاٽ.

(i) **سادو پلاٽ** (Simple Plot): هي سڌو سئون پلاٽ ٿئي ٿو. ان ۾ ڪهاڻيءَ جو پلاٽ هڪ ئي ڳالهه تي رکيل هوندو آهي. ان ۾ هڪ هيرو ۽ هڪ هيروئن هوندي آهي. ٻيا ڪردارن انهن سان ڪنهن نه ڪنهن نموني منسوب هوندا آهن.

(ii) **گڏيل پلاٽ** (Compound Plot): هي پلاٽ جو اهم قسم آهي. جنهن ۾ ٻه يا وڌيڪ ڪهاڻيون گڏوگڏ هلنديون آهن. ٻنهي ڪهاڻين جو هڪٻئي سان سڌو سنئون تعلق هوندو آهي. هن قسم جي پلاٽ ۾ ڪهاڻي هڪ کان وڌيڪ رازن تي رٿيل هوندي آهي.

هر هڪ پلاٽ وري ربط ۽ تنظيم جي لحاظ کان هيٺين ٻن قسمن ۾ ورهايل هوندو آهي.

(iii) **گهرگهلو يا ڍلو پلاٽ** (Loose Plot): ليکڪ جنهن مقصد کي ذهن ۾ رکي ڪهاڻي ترتيب ڏئي. ان ۾ رٿا کي گهٽو وڌائي وجي ته اهڙي پلاٽ کي ڍلو پلاٽ چئبو آهي. موجوده دور ۾ وجوديت واري فلسفي يا شعور واري سٽاءَ ۾ لکيل ناولن جو پلاٽ گهرگهلو هوندو آهي.

(iv) **مربوط يا پختو پلاٽ** (Organised Plot): هي پلاٽ جو اهو قسم آهي، جنهن ۾ ليکڪ جنهن مقصد کي ذهن ۾ رکي ڪهاڻي ترتيب ڏئي ٿو. اهو مقصد ڪهاڻيءَ جي آخر ۾ نڪرندو آهي. يعني مقصد ابتدا واري رٿا سان به ملي ته اهڙي قسم جي پلاٽ کي پختو پلاٽ چئبو آهي.

**پلهاڻو**(A Folk Song):

گيچ جو هڪ قسم، جو ڪنهن ڪم يا خاص وقت تي ڳائجي، جيئن هاري ان ڳاهيندي جهونگاريندا تہ "هلر هلي، هلي ملهي". يا ڪجين پرچائڻ وقت باغائي پرچاٽي ڏيڻ ۾ جيڪي ٻول چون. ٻارن جي ڪن خاص سائن سوٽن وقت زالون جيڪي ٻول چون.

**پمفليٽ**(Pamphlet):

هڪڙو ننڍڙو ڪتابچو. بنيادي طور پمفليٽ ۾ هڪڙو مضمون شايع ڪيو ويندو هو. پر هاڻي ڪنهن بہ اداري، اديب، مواد يا ڪنهن بہ گروهہ يا پارٽيءَ جي مشهوريءَ لاءِ پمفليٽ/پترا شايع ڪيا ويندا آهن.

**پنج ستا**(Rondelet):

پنج سٽن تي مبني شعر. پنج سٽي جي هن فارم ۾ پهرين ۽ ٽين سٽ هم قافيہ هونديون آهن. جڏهن تہ ٻين ۽ چوٿين ۽ پنجين سٽ پاڻ ۾ هم قافيہ هونديون آهن. استاد بخاري ڪامياب پنج ستا لکيا آهن.

**پنجڪڙا**(Panjkra):

"پنجڪڙا" شاعريءَ جي صنف آهي، جيڪا ابتدا ۾ "پنجڪا" جي نالي سان مشهور هئي. "پنجڪا" جي معنيٰ آهي، اهو شعر يا چوٽي، جنهن ۾ پنجن مختلف شين جون ذڪر پيش ڪيل هجي. پر پنجڪڙا سنڌي شعر جي اها صنف آهي، جنهن ۾ پنج سٽون هونديون آهن. موجوده دؤر جي سنڌي شاعرن هن صنف جي ستاءَ ۾ جدت آڻي، پنج ئي سٽون پاڻ ۾ هم وزن رکيون آهن. 'پنجڪڙا' هندي چند وديا ۽ عروض جي ڪنهن بہ وزن تي لکي سگهجن ٿا. هندستان ۾ هن صنف تي پريو وفا جو ڪتاب "سرخ گلاب سرها خواب" شايع ٿيل آهي، جڏهن تہ سنڌ ۾ راشد مورائي، سعيد ميمڻ ("ڪاري بر ۾ چنڊ": ڪتاب) ذوالفقار سيال ۽ ٻين پنجڪڙا لکيا آهن.

**پنڊت**(A Learned Brahman):

هندو ودوان يا ڌرمي قانون ڄاڻندڙ. ڪيترا سنڌي هندو اديب بہ پنهنجي ڄاڻ ادبي ۽ سماجي خدمتن جي ڪري پنهنجي نالي اڳيان "پنڊت" لفظ استعمال ڪندا آهن. مثلاً: مشهور عالم ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي جو والد پنڊت

ڪشنچند جيتلي (1910_1995ع). پرهاڻي ڪنهن به مضمون جي ماهر لاءِ اهو لفظ استعمال ٿئي ٿو. جيئن 'سياسي پنڊت' وغيره.

**پنگتي ادب** (Domestic Literature):

هي اصطلاح خاص طور انگريزن جي دَور ۾ سنڌي هندو اديب استعمال ڪندا هئا. جنهن مان سندن مطلب هو ته اهو ادب، جنهن ۾ معاشري جي هڪ ايڪي يعني گهر اندر هلندڙ مسئلن(Domestic issues) جي اپٽار ٿيل هجي. اُن ڏس ۾ ڊرامن، مضمونن، ناولن ۽ افسانن ۾ پنگتي/سماجي موضوعن کي خاص مقام حاصل هوندو هو.

**پنهون** (Punhoo):

سسئي پنهون داستان جو مرڪزي ڪردار. پنهون ڪيچ مڪران جي حاڪم آريءَ جو پٽ هو ۽ ذات جو هوت بلوچ هو. شاهه عبداللطيف ۽ ٻين ڪلاسيڪل سسئي پنهون داستان کي ڳائي سندن ڪردارن کي امر ڪري ڇڏيو.

**پورب(سُر)** (Journey to the East):

شاهه لطيف جي هڪ سر جو نالو 'پورب' آهي، جيڪو هن پورب پار جي آديسين کان متاثر ٿي لکيو. هي سر "سلوڪ جو سر" آهي. يعني سالڪن ۽ سندن منزلِ مقصود تي پهچڻ واري پنڌ جو سر آهي. سالڪن کي اڳين موحد هندو فقيرن جي تمثيل سان پوربي، ڪاپڙي، سامي، سنياسي، جوڳي ۽ آديسيءَ جي نالن سان ياد ڪيو ويو آهي. جن جي منزلِ مقصود 'ناٿ' آهي. جنهن کي ملڻ لاءِ هو پورب (اوڀر) وڃن ٿا. يا نانيءَ ۽ هنگلاج طَرف پهچڻ لاءِ پنڌ ڪن ٿا. تمثيل ۾ پورب چڻ ته آخري منزل ۽ دارالبقا آهي، جنهن ۾ ابدي زندگي ماڻڻ لاءِ سالڪ هن جهان مان ڪشالا ڪري راهي ٿين ٿا.

**پورو دم** (Full Stop)(.):

بيهڪ جي نشانيءَ جو قسم. هر قسم جي بياني جملي پوري ٿيڻ تي پورو دم(.) ڏبو آهي. لفظن جي پوري لکڻ بدران ابتدائي اکرن (abbreviations) ۾ به انهن جي وچ ۾ پورو دم لڳندو آهي. مثال طور: ايم. ايڇ. پنهور، جي. اي. الانا، ايم. ايڇ. خواجه وغيره.

ڊگرين جي لکڻ ۾ به اهو استعمال ٿيندو: ايم.اي، بي. اي، بي. ايس. سي وغيره.

**پوسٽ امپريشنزم/ تاثريت پڄاڻان**(Post Imprssionism):

هي اصطلاح ظاهري طرح تہ انهن گهڻن فڪري مڪتبن جي لاءِ ٺاهيو ويو هو، جن جو تاثريت يا امپريشنزم جي تحريڪ کان هڪدم پوءِ عروج ٿيو پر عام طرح هن اصطلاح سان چئن فنڪارن جو نالو لاڳاپيل آهي، جيڪي ترتيب ۽ رنگن جي استعمال ۾ اثر جي شدت کان ڪم وٺندا هئا. اهي فنڪار وان گوگ (Van Gaugh)، پال گاگين(Paul Gaugen)، سيرا(Seurat) ۽ سيزان(Cezanne) هئا.

**پهاڪو**(Proverb):

"پهاڪو" سنڌي لفظ "پهہ" مان ورتو ويو آهي جنهن جون معنائون آهن، خيال ڪرڻ، فيصلو ڪرڻ، صلاح ڏيڻ/وٺڻ سوچڻ ۽ نبرڻ وغيره. پهاڪا، چوڻيون ۽ پهڪڻ جا ٻول، سنڌي سياڻپ جو آئينو آهن. منجهن سنڌي رهڻي ڪهڻي ۽ ڳڻ ڳوت جي گهڻي پاڳي جيئري جاڳندي تصوير چٽيل آهي. جيتوڻيڪ پهاڪا مختصر آهن، مگر چوڻ وقت مطلب ڪي مفصل ڪن ٿا. اهڙي طرح پهاڪن مان ماڻهن جي عادتن ۽ اطوارن، رفتار ۽ گفتار، رسم ۽ رواج، ڪمال ۽ زوال، حرفت ۽ بدعت وغيره جو پتو پوي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ پهاڪا ۽ اصطلاح ڪافي آهن. انهن ۾ اڪثر نج ۽ ٺيٺ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم آيل آهن. اهي سنڌي ادب توڙي معياري ادب جا عام جز آهن. سنڌي لوڪ ادب جي انهن املهہ موتين کي گڏ ڪرڻ جو ڪم سنڌي عالمن جهڙوڪ ڪيولرام ملڪاڻي، پيرومل مهر چند آڏواڻي، مرزا قليچ بيگ، سيد عبدالحسين شاهہ موسوي، ڪشنچند جيٽلي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، الطاف شيخ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، پروفيسر روي ٽيڪچنداڻي، محمد صديق منگيي، انجنيئر عبدالوهاب سهتي ۽ ٻين سر انجام ڏنو آهي. انهن صاحبن، پهاڪن جي ارتقاءَ، سندن معنائون، مطلب ۽ پيڙهہ ۽ اصليت جا اهڃاڻ پڻ ڪي قدر پيش ڪيا آهن. ڪجهہ مثال:

- جيڏا اٽ، تيڏا لوڏا.
- ڏڏو ڪيس ٽٽين نہ پوي.
- گهڻين زالين گهر نہ هلي، گهڻين مردين هر نہ هلي.

• جهڙا ڪانوَ تهڙا ٻچا.
• رڌن اڳيان رباب وڄائيندي ورھ ٽيا.
• ماڻهو سڀ نہ سهڻا، پکي سڀ نہ هنج.

**پي. ايچ. ڊي** (Ph.d):

پي. ايچ. ڊي دراصل انگريزي اصطلاح 'ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ' جو مخفف آهي. هن ڊگريءَ لاءِ ماسٽر ۽ ايم. فل ڪرڻ کانپوءِ ڪنهن خاص مضمون يا فڪر تي ڪنهن ڏاهي عالم جي رهنمائيءَ ۾، جيڪو خود بہ ان مضمون يا فڪر جو ڄاڻو هجي)، تحقيقي مقالو لکي ڊگري وٺبي آهي. سنڌي ادب جي ڪيترن ئي استادن، عالمن مختلف ادبي پهلوئن تي پي ايچ ڊي ڪئي آهي.

**پيپر** (Paper):

انگريزي لفظ جي لغوي معنيٰ آهي 'ڪاغذ' پر علمي ادبي ميدان ۾ ڪنهن خاص پروگرام، سيمينار، ورڪشاپ، سمپوزيم، ادبي ڪچهري، ايم فل يا پي ايچ ڊي لاءِ لکيل تحقيقي مضمون يا مقالي کي 'پيپر' چيو ويندو آهي. پيپر ڪڏهن ڪڏهن ڪنهن جي رهنمائيءَ ۾ لکيو ويندو آهي. پيپر لکڻ لاءِ باقاعده هڪ مقرر نمونو (Format) تهيل هوندو آهي.

**پيپر بئڪ (ڪچو جلد)** (Paper Back):

ڪتاب جي نرم جلد بندي، جنهن ۾ پاٺي بدران ڪارڊ پيپر استعمال ٿئي.

**پيش لفظ** (Preface):

پيش لفظ کي 'مهاڳ' بہ سڏيو ويندو آهي جنهن ۾ ليکڪ يا ڪو ٻيو اديب پنهنجي ڪتاب جي سلسلي ۾ ضروري وضاحت ۽ لکڻ جي ضروري ڄاڻ ڏيندو آهي.

**پيلا صفحا** (Yellow Pages):

ٽيليفون ڊائريڪٽريءَ ۾ تجارتي ۽ ٻين ادارن جا نمبر ڏيڻ لاءِ پيلي رنگ جا پنا. واپارين جي ڄاڻ لاءِ مخصوص صفحا، جيڪي زرد يا پيلي رنگ جي پنن تي شايع ڪيا ويندا آهن.

**پيلي پوش وارو ناول** (Yellow-Backs):

اڳي انگريزي ادب ۾، پيلي پوش ۾ سستا ناول شايع ڪيا ويندا هئا، جيڪي پيپر ۽ پاٺي جي لحاظ کان سادا هوندا هئا.

**پيئروڊي** (Parody):

پئروڊي مضحڪ خيز (کل جوڳي) نقل کي چئبو آهي. شاعريءَ جي ڪنهن به صنف تي لکيل ڪنهن به شعر کي ساڳيءَ صنف ۾ پر طنزيه ۽ مزاحيه طور پيش ڪرڻ ۽ ساڳي وزن ۽ بحر ۾ پيش ڪرڻ کي پئروڊي چيو ويندو آهي مطلب ته ان شعر جي حرف به حرف بين لفظن ۾ طنزيه نقل ڪيو وڃي. سنڌ ۾ رند ڪيفيءَ انهيءَ رجحان کي عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. رشيد ڀٽيءَ جو به هن ڏس ۾ تمام وڏو نالو آهي. شمشيرالحيدري ۽ نياز همايوني پئروڊيءَ جا بي مثال شاعر رهيا آهن

## ج

**جاسوسي ڊراما** (Detective Drama):

جاسوسي ڊراما لطف اندوز ٿيڻ لاءِ بهترين ذريعو آهن. هنن ڊرامن ۾ مڪاري، فريب، قتل، گناهه، پراسراريت، خوف وغيره جا موضوع هوندا آهن. آزاديءَ کانپوءِ سنڌي ادب ۾ جاسوسي ڊراما کي ٽيليويزن، فلم ۽ ريڊيو وسيلي اهميت ملي آهي. جاسوسي ڊرامن ۾ هڪ پنهنجو ماحول آهي، جادوگر، دغا باز دوست، جذباتيت سان ڀرپور، رومانيت جو پهلو غالب ۽ تجسس سان ڀرپور هوندا آهن. سنڌي ۾ قاضي خادم، قمر شهباز ۽ ڪن ٻين جاسوسي ڊراما لکيا آهن.

**جاسوسي ڪهاڻيون** (Detective Stories):

جاسوسي ڪهاڻين جو موضوع جاسوسيءَ تي ٻڌل هوندو آهي. هن قسم جي ڪهاڻين ۾ مڪاري، فريب، قتل، گناهه، پراسراريت ۽ خوفناڪ واقعا ڏنل هوندا آهن. هن قسم جا موضوع سائنسي ڪهاڻين ۾ ايندا آهن.

**جاسوسي ناول** (Detective Novel):

جاسوسي ناولن جو بنياد سرهيو والپول(1884_1941ع) وڌو. جاسوسي ناول وقت گذاريءَ ۽ لطف اندوز ٿيڻ لاءِ بهترين ذريعو آهن. هنن ناولن ۾ مڪاري، فريب، قتل، گناهه، پراسراريت، خوفناڪ عمل وغيره جا موضوع هوندا آهن.

جاسوسي ناولن دنيا جي ادب ۾ تيزيءَ سان ترقي ڪئي، پنهنجي پڙهندڙن جو وڏو حلقو پيدا ڪيو. انگريزن جي دؤر (1843_1947ع)۾ سنڌي جاسوسي ناول پنهنجي عروج تي پهتل هو. ماستر هاسومل، ماستر منوهر، نارائڻداس وشنداس، نارائڻداس بصرمل، نانڪرام ڌرمداس، دولترام ڏيئلداس، ليکراج ايس واڌومل مولچند ۽ بعد ۾ محمد بخش جوهر ان سلسلي ۾ اهم نالا آهن. انهن ناولن ۾ گهڻو ڪري ڪردارن ۽ جاسوسن ۾ شرلاڪ هوم ۽ بلئڪ جاسوس، ڏوهارين ۾ آرسين لوپن ۽ رائمر ڪيو ڊاڪو ۽ ايلميا ڪارٽر ڊاڪو وغيره هئا. اردو ٻوليءَ ۾ ابن صفيءَ جي جاسوسي دنيا ۽ عمران سيريز مقبول جاسوسي ناولن تي ٻڌل هونديون هيون. ڪيترين اخبارون ۽ رسالا قسطوار

جاسوسي ناول شايع ڪندا هئا ۽ ڪجهه ادارا به جاسوسي ادب جي فروغ جي سلسلي ۾ ڪليل هئا. ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌي ادب ۾ جاسوسي ادب ڪي اها اهميت ملي نه سگهي، جيڪا اڳ موجود هئي.

**جاگيرداري نظام** (Feudalism):

هڪ سماجي معاشي صورتحال، جيڪا غلاميءَ واري يا قديم پنچائتي نظامن جي ٽوڙ ڦوڙ کان پوءِ سامهون آئي ۽ تقريباً سڀني ملڪن ۾ موجود رهي. حڪمرانن جي طرفان ڪنهن وفادار ملازم يا خدمتگار کي سندس خدمت جي عيوض، گذاري لاءِ انعام طور مليل زمين کي جاگير چئبو هو. جاگيردار ۽ هاري، جاگيرداري معاشري جا مرڪزي طبقا رهيا آهن. جاگيردار جا ساٿي اڪثر حڪمران ۽ مفادپرست مذهبي اڳواڻ رهيا. حڪمران طبقي ۾ سماجي جاگيرن جو هڪ سلسلو ترتيب ڏنل هو ۽ ننڍا جاگيردار، وڏن جاگيردارن جا زيردست هوندا هئا. ننڍي کنڊ ۾ جاگيرداري نظام دهليءَ جي سلطنت متعارف ڪرايو. سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ انگريز سرڪار حڪم جاري ڪيو ته جاگيردار ۽ اهي ماڻهو جيڪي 17 فيبروري 1843ع تائين، جن زمينن تي قابض هئا، حاضر ٿي سلاميءَ جو پروانو حاصل ڪن ۽ پنهنجي معاف ڪيل ڏل واري زمين تي قابض ٿين. 1949_1948ع ۾ سنڌ حڪومت هڪ ائڪٽ ذريعي سنڌ مان جاگيرداريون ختم ڪري، اهي زمينون پشت به پشت هاريو ڪندڙ هارين ۾ ورهائي کين مالڪاڻا حق ڏيئي ڇڏيا. پر اهي حق صرف ڪاغذن ۾ ئي رهيا. جاگيرداري نظام اڄ به پنهنجي استحصال سميت سنڌ تي قابض آهي. سنڌي ترقي پسند ادب جو وڏو مرڪزي موضوع جاگيرداري نظام رهيو آهي. سنڌي اديبن پورهيت، هاري ۽ مزدور کي ملڪ جو هيرو ڪري پيش ڪيو آهي ۽ جاگيردارن، وڏيرن ۽ سرمائيدارن جي ظلم تي ڦٽڪار ڪئي آهي.

**جاڳرتا وارو دور** (Renaissance):

هڪ دور ۾ يورپ تي ٽن عنصرن جو غلبو هو: 'فيوڊلزم' (جاگيرداري) 'پاپائيت' (چرچ) ۽ 'فوجي قوت ذريعي قائم بادشاهتون'. اهي ٽئي هڪ ٻئي جي مدد سان عام ماڻهن تي حڪمراني ڪندا هئا. انهن جي حاڪميت وارو دور يورپي تاريخ ۾ اونداهو دور (Dark Ages) سڏيو وڃي ٿو. ان جي جواب ۾ 'ٽئين جاڳرتا'

(Renaissance) جو دور آيو جنهن دوران اتي روشن خياليءَ ۽ ترقيءَ جون تحريڪون هليون. جن جي نتيجي ۾ يورپي سماج ۾ بنيادي نوعيت جون تبديليون آيون ۽ جاگيرداري، پاپائيت ۽ فوجي بادشاهتن جي متبادل طور ٽن نون عنصرن جڳهه والارڻ شروع ڪئي اهي ٽي عنصر هئا: صنعتڪاري، سيڪيولرزم ۽ قومي رياستون. انهن ٽنهي جي گڏيل عمل سان جمهوريت جي آبياري ٿي ۽ اتان ئي ان جمهوري دور جي شروعات ٿي. جنهن تي يورپ وارا فخر ڪن ٿا ڪن ۽ جنهن جي ڪري اهي پنهنجي پاڻ کي معتبر ۽ مٿانهون تصور ڪندا آهن.

سترهين صديءَ جي اڌ کان پوري ارڙهين صديءَ واري دؤر کي روشن خياليءَ جو دؤر سڏجي ٿو. هي دؤر عقل جو دؤر هو ۽ عقل جي بنياد تي حاصل ڪيل سائنس جو دؤر هو هي دؤر علم جي بالادستي ۽ تعليم ذريعي ذهنن کي منور ڪرڻ جو دؤر (Age of Enlightment) هو. هن دؤر ۾ چيو ويو ته فطرت عقل جي تابع آهي. مذهب ۽ اخلاقيات به عقل جي ڪسوٽيءَ تي پرکجڻ لڳا قرونِ وسطيٰ (وچئين دور) جي اونداهي دؤر ۾ غربت ۽ جبر کي لکيي جو ليک سمجهيو ويندو هو. پر هن دؤر ۾ ان کي جهالت جو نتيجو سمجهيو ويو. جنهن جو حل هو علم ۽ عقل. عقل ۽ علم جو ماخذ فطرت کي سمجهيو ويو. نه ڪي مذهب کي. خدا کي سمجهڻ جو ذريعو به عقل کي قرار ڏنو ويو.

**جامد** (Static):

جامد لفظ جي معنيٰ آهي غير متحرڪ. ادبي اصطلاح جي لحاظ کان ڪن نظريي ۾ طرز عمل، ڪردار، فن، زبان، ادب يا ٻي ادبي صنف کي جامد چيو ويندو جنهن ۾ بدليل حالتن ۽ ماحول جي گهرجن مطابق پاڻ بدلائي. نون تصورن کي نه وٺڻ، نوان تجربا نه ڪرڻ، نيون راهون تلاش نه ڪرڻ، وغيره 'جامد' هجڻ جو علامتون آهن.

**جامع ايڊيشن** (Variorum Edition):

اهڙو مڪمل ايڊيشن. جنهن ۾ مختلف شارحن جي حاشين کي جمع ڪري پيش ڪيو وڃي.

**جبريت** (Determinism):

جبريت هڪ عقيدو آهي ته انسان جو ڪردار هڪ اهڙي طاقت جي زير اثر آهي، جنهن تي انسان جو پنهنجو ڪو اختيار ڪونهي. ان فلسفي جي مڃيندڙن مطابق هڪ جبريت جنسيت (Sexism) به آهي.

**جبلت** (Instinct):

جبلت هڪ اهڙي صلاحيت آهي، جنهن لاءِ سکيا يا تعليم جو هجڻ ضروري نہ آهي. اها صلاحيت ڪنهن بہ فرد سان گڏوگڏ پيدا ٿيندي آهي مثال طور هڪ نئين ڄاول ٻار کي ماءُ جو کير پيئڻ جي صلاحيت سکيا سان نہ پر، جبلي صلاحيت سان موجود هوندي آهي.

**جدائيءَ جو گيت** (Alba):

اهو گيت جنهن ۾ عاشق ۽ محبوب جي جدائيءَ جو ذڪر ڪيل هجي.

**جدت** (Modernity):

'جدت' عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، 'تازگي، نئون ٿيڻ' اصطلاحي معنيٰ موجب، 'جدت' شعر ۾ جدت، اها خاصيت آهي، جنهن مطابق، شعر ۾ نوان نوان لفظ ۽ موزون تشبيهون آيل هجن ۽ ڪلام ڪاريگريءَ جي فن سان مالا مال هجي، ۽ موضوع پڻ نئون هجي، جيئن اُن مان جوش ۽ جذبي جون جهلڪيون ظاهر ٿين ۽ روح کي تازگي يا فرحت اچي.

**جدگالي لهجو** (Jadgali Dialect):

بلوچستان جي مڪران ۾ جيڪا سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي، ان کي 'جدگالي' يا 'جغدالي' چيو وڃي ٿو. مڪران تي سنڌ جو ڪيترو ئي عرصو حڪومت رهي. لڏ پلاڻ جي ڪري ڪيترائي سنڌ جا قبيلا اچي هتي آباد ٿيا. هن علائقي ۾ غير بلوچن کي 'جدگال' يا 'جت+ گال' چيو وڃي ٿو ان جو هڪ مفهوم جتن جي ٻولي. معياري ۽ جدگالي لهجي جا ڪجهہ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| معياري لهجو | جدگالي لهجو |
|---|---|
| مون کي ماري ٿو | مينک ماري سو |
| تنهنجو نالو ڇا آهي؟ | توجو نالو سوئي |
| مان ماني کائوان پيو | مين ماني کائين سو |

**جدليات** (Dialectical):

جدليات جو متبادل لفظ يوناني لفظ مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي بحث مباحثو ڪرڻ. پراڻي زماني ۾ 'جدليات' اُن فن جو نالو هو جنهن جي ذريعي مد مقابل جي دليلن جو تضاد ظاهر ڪري ۽ اُن کي ختم ڪري حقيقت تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي. ڪن فلاسافرن جو خيال هو تہ

حقيقت کي ڳولڻ جو بهترين طريقو هي آهي ته خيالن جي تضاد کي ظاهر ڪيو وڃي ۽ متضاد راين کي هڪ ٻئي سان ٽڪرايو وڃي. اهو جدلي طريقو جيڪو خيالن کي پرکڻ لاءِ استعمال ٿيندو هو. جڏهن فطرت جي مظاهر کي سمجهڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو ته معلوم ٿيو ته فطرت ۽ ان جي مظاهر ۾ هميشه ڪان ٻن قوتن ۾ باهمي جدوجهد ٿيندي رهي ٿي، اهي ٻه قوتون: ٿيسز (Thesis) ۽ ان جي مخالف اَئنٽي ٿيسزُ (Anti-thesis) جي نالي سان سڏجن ٿيون. انهن ٻنهي قوتن جي ٽڪرائجڻ جي نتيجي ۾ هڪ ٽين طاقت ظاهر ٿئي ٿي، جنهن کي سن ٿيسزُ (Syn thesis) چئجي ٿو جا ڪجهه عرصي بعد ٿيسز (Thesis) بڻجي، پنهنجي مخالف قوت (Anti thesis) پيدا ڪريو وٺي ۽ اهڙيءَ طرح هي ٻه قوتون مسلسل عمل ڪنديون رهن ٿيون. انهن جي عمل ڪري هن ڪائنات ۾ ۽ انساني شعور ۾ تغير، تبديلي ۽ ترقي ٿيندي رهي ٿي.

**جديد ادب** (Modern Literature):

’جديد ادب‘ مان مراد اهو ادب آهي، جيڪو پنهنجي دور جي جديد لاڙن سان هم آهنگ هجي ۽ پراڻي ادب جي بنسبت ان ۾ نواڻ هجي. پر ان هوندي به ساڳئي دور ۾ ڪن ادبي فن پارن ۾ جدت ۽ انفراديت آهي، ته ڪن ۾ وري قدري شعري روايتن جي پابندي ڪئي وڃي ٿي، يعني هر دور ۾ قديم ادب جا رجحان به قائم رهن ٿا ۽ جديد لاڙا به ملن ٿا.“

**جديديت** (Modernism):

جديديت، اهڙي تحريڪ آهي، جنهن 20 صديءَ کان اڳ واري موسيقي، پينٽنگ، ادب، آرڪيٽيڪچر خلاف زلزلو برپا ڪري ڏنو. ان زلزلي جو مرڪز ته ويانا هو، پر ان جا اثر فرانس، جرمني ۽ برطانيه ۾ به ٿيا ۽ ان اثر تحت Futurism, Dadaism ۽ Cubism جهڙيون تحريڪون آيون. ڊاڊا ازم جي تحريڪ ’Anti Art‘ (آرٽ مخالف) تحريڪ هئي. جديديت واري زور شور وارو زمانو 1910ع کان 1930ع وارو هو، جنهن جا وڏا پادري اديب هئا: ٽي ايس. ايليٽ (1888ـ 1965ع)، جيمس جو ائس (1882ـ1941ع)، ازرا پائونڊ (1885ـ1972ع)، وينڊم لويس (1882ـ1957ع) ، ورجينيا وولف (1882ـ1941ع)، اسٽينونس، ڪافڪا (1883ـ1924ع)، رلڪي (1875ـ1926ع) وغيره. سنڌيءَ ۾ جديديت جي لاڙي هيٺ لکڻ وارن ۾ مدد علي سنڌي، مشتاق شورو ۽ ماٺڪ جا نالا شامل آهن.

## جديديت پڄاڻان يا بعد جديديت(Post Mordernism):

جديديت پڄاڻان ( Post Modernism) کي جديديت ( Modernism) جو ابتڙ يا ان جو تسلسل يا ان جو عمل يا ان جو رد عمل چئي سگهجي ٿو هڪڙي حوالي سان چئي سگهجي ٿو تہ Post معنىٰ ان کانپوءِ اچڻ يا ان جو تسلسل يعني "جديديت" کي رد ڪد ڏيئي ان جي ابتڙ ڳالهہ ڪرڻ. پوسٽ ماڊرنزم جو لفظ زندگيءَ سان واسطيدار هر ڪيتر سان جڙيل آهي، پوءِ ادب هجي، فنون لطيفہ هجي، فئشن هجي، فلم، ناٽڪ، موسيقي، سماجي وهنوار هجي يا ٽيڪنالاجي هجي. پوسٽ ماڊرنزم بنيادي طور تي هڪ لاڙو آهي. جديديت وارو ادب يا فن جديديت واري اثر هيٺ سرجيل تخليق کي چيو ويندوآهي. جيڪا هڪ هلچل يا تحريڪ هئي، جيڪا يورپ ۾ روشن خياليءَ (Enlightenment) جي نالي سان 18 صديءَ ۾ شروع ٿي .جڏهن تہ 'بعد جديديت'، جديديت جو تسلسل آهي. پر ان جا اصول ۽ متا مختلف آهن. جديديت پڄاڻان جي ادبي نظرئي کي ٺاهڻ ۾ سو سيئر، فوڪو، دريدا، لاڪان، پال دي مان، رولان بارٿ، جوليا ڪرسٽيو ۽ ٻين جي فڪر ۽ نظرين جو وڏو ڪردار آهي. 'جديديت پڄاڻان'. دراصل 'ساختيات ۽ رد ساختيات' (Structuralism and Post Structuralism) جي نظرين کان بنيادي استفادو حاصل ڪيو آهي.

## جديديت جون ڪجهہ خاصيتون:

(1) داخليت ۽ اثريت (Impressionism and Subjectivity) جديديت تحت سرجندڙ ادب ۾ ماڻهوءَ جي اندر جي وارتا کي اڪيلي گفتگو يا يڪ ڪلامي (Monologue) يا خود ڪلامي (Soliloquies) جي ذريعي پيش ڪرڻ ۽ ڪهاڻيءَ کي ڪردار جو محتاج بنائڻ بہ شامل هو نہ تہ قديم يا ڪلاسڪ ادب ۾ رڳو فرضي ڪهاڻين تي زور هوندو هو ماڻهوءَ جي فطرت ۽ ان جي داخلي ڪيفيتن، احساسن ۽ وارتائن بجاءِ جديديت ۾ اهو لاڙو متعارف ٿيو جنهن تحت ماڻهوءَ جي اندر جا مسئلا بيان ڪيا ويا، جن ۾ Stream of Consciousness (شعور جي وهڪري) تحت ورجينيا وولف ۽ جيمس جوائس سرفهرست آهن.

(2) صنفن جا دائرا ٽوڙيا ويا. مثال طور شاعريءَ ۾ نثري نظم ۽ ناول کي شاعريءَ ۾ پيش ڪرڻ.

(3) ٽوٽڪن وارو ادب بنا ترتيب جي متعارف ڪرائڻ

(4) اهڙو لاڙو جنهن مطابق Reflexivity هجي ته جيئن شعر ناول، ڊرامو پنهنجي فطرت مطابق معاملا (Issues) اپاري سگهي. مطلب ته جديدت ادب ۾ نوان گس ڏنا. نوان تجربا ڪيا ۽ ڪلاسڪ ادب جي دائرن کي ٽوڙيو جنهن ۾ اصولن تحت ادب سرجندو هو.

**جذبا** (Feelings):

انگريزي رومانوي شاعرن وليم ورڊس ورٿ (1770_1850ع) ۽ ڪولرج (1772_1831ع) شاعريءَ ۾ رومانويت (Romanticism) جي حوالي سان جيڪي معيار مقرر ڪيا هئا، انهن ۾ جذبن جي اٿل کي وڏي اهميت ڏنائون، جنهن کانسواءِ شاعري ممڪن ٿي ڪانهي. ورڊس ورٿ چيو هو: "Poetry is overflow of powerful feelings" _ هونءَ به سموري شاعري جذبن جو اظهار هوندي آهي.

**جذباتيت** (Sentimentalism):

ارڙهين صدي عيسوي جي اوائلي اڌ ۾ فرانسيسي ادب تي جذباتيت جو رنگ چٽو نظر اچي ٿو. نامياري فلاسافر ۽ اديب ووونارگ Vauvenargues (1715_1747ع) کي جذباتيت جو باني سمجهيو وڃي ٿو جنهن پنهنجي لکڻين ۾ زندگيءَ جي بنيادي مسئلن جي لکڻ جو سلسلو شروع ڪيو ۽ انساني احساسن جي ترجماني ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جذباتيت جي اثر هيٺ سرجيل ادب ۾ فرانسيسي ناول کي زياده شهرت ۽ اهميت حاصل ٿي ۽ فرانس جي 'جذباتي ناول نگاري'، بين الاقوامي ادب ۾ هڪ خاص جاءِ والاري ٿي.جن فرانسيسي ناول نگارن کي جذبات جي حوالي سان نمائنده ناول نگار مڃيو ويو آهي، انهن ۾ ماري وو Marivaux (1628_1663ع) ۽ پريووسٽ Prevost (1697_1763ع) جا نالا نمايان آهن. فرانسيسي ادب جون ٻيون صنفون جذباتيت جي حوالي سان ڪا ذڪر جوڳي حيثيت نه ٿيون رکن ۽ نه ئي انهن کي بين الاقوامي سطح تي ڪا چڱي موچاري مڃتا ملي سگهي آهي.

**جرنل** (Journal):

هڪ قسم جو رسالو، جنهن ۾ اڪثر ڪري تحقيقي مقالا گڏ ڪري شايع ڪيا آهن پي. ايڇ. ڊي يا ڪنهن لاڳاپيل مضمون سان وابستگيءَ وارن کي

تاڪيد ڪيو ويندو آهي تہ ڪنهن مشهور جرنل ۾ پنهنجا پيپر شايع ڪرائين. سنڌ ۾ انگريزن جي دؤر ۾ انگريزي زبان ۾ ڪيترائي جرنل شايع ٿيندا هئا. 20 صديءَ ۾ سيد مصطفيٰ غلام شاھ Sindh Quarterly نالي هڪ جرنل شايع ڪندو هو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سچل چيئر خيرپور، ۽ شاھ عبداللطيف ڀٽائي چيئر ڪراچي طرفان بہ جرنل شايع ٿيندا رهندا آهن. جن ۾ "ڀٽائي"، "ڪينجهر"، "ڪلاچي"، "آشڪار" ۽ "سنڌي ٻولي" اهم آهن.

**جلد** (Volume):

جڏهن ڪتاب هڪ کان وڌيڪ حصن ۾ شايع ٿيندا آهن، تڏهن انهن کي جلدن (volumes) ۾ ورهايو ويندو آهي.

**جمالو** (Jamalo):

جمالو سنڌ جو مشهور ۽ محبوب لوڪ گيت آهي. جنهن جي ڳائڻ وقت ناچ ٿيندو آهي، جنهن کي "جمالو ناچ" چوندا آهن. جمالو گيت تي اهو نالو ڪيئن پيو؟ ان بابت اديبن مختلف رايا ڏنا ويا آهن. جن جو تت اهو آهي تہ جمالو ڪو شخص هو. جيڪو ڪنهن سبب گهر کان ٻاهر ويل هو ۽ جڏهن واپس آيو تہ سندس اچڻ جي خوشيءَ ۾ گيت ڳايا ويا. جمالو گيتن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هو پهلوان ۽ قداور هو. جيئن: "جنهن جا پير پنج سير "هو جمالو". 'جمالي' ۾ ڪيترن شاعرن وقت بہ وقت نيون ڳالهيون بہ شامل پئي ڪيون آهن. جهڙوڪ 'جيڪو سکر واريءَ پل تي، هو جمالو' وغيره وغيره. هڪ روايت مطابق 'جمالي' جو واقعو ميرن جي دور جو آهي. هيٺ 'جمالي' گيت جون ڪجهہ مصرعون ڏجن ٿيون:

منهنجو جمالو جتسن سان، هو جمالو!
جنهن جا پـــير پنج ســـير الا، هو جمالو!
جنهن کي سوني منڊي چيچ ۾، هو جمالو!
جيڪو لڙي آيو لاڙ مان، هو جمالو!
جنهن جون اکيون رب رکيون، هو جمالو!
جنهن جا وار گهـنڊيدار الا، هو جمالو!
جنهن جا هٿ ميندي رتڙا، هو جمالو!

آهي، جنهن جو مطلب آهي ”اهي شيون، جيڪي حواسن سان ماڻي سگهجن.“ 1750ع ۾ اي. ٽي. بامگرٽن هڪ دستاويز ”ايسٽيٽيڪ“ نالي شايع ڪيو، جنهن ۾ ”لذت يا ذائقي“ ڪي فلسفياڻو نظريو سمجهڻ تي تنقيد ڪئي وئي هئي. آهستي آهستي اهو اصطلاح خوبصورتي يا لذت جي نظريي بابت تنقيد سان لاڳاپجي ويو. ادبي تنقيد ۾ وري هي نظريو ادب يا آرٽ جي ظاهري سونهن بابت تصور سبب هيئتي (formalistic) عنصر رکي ٿو. هڪ aesthete اهو آهي جيڪو آرٽ، موسيقيءَ ۽ ادب ۾ ”حسن“ تلاش ڪري ۽ ان سان وابستہ ٿئي. هتي ’جماليات‘ ان مفهوم سان وابستہ آهي.

**جمالياتي وڇوٽي** (Aesthetic distance):

ڪنهن ادبي يا فني ڪارنامي جي فني ڪاميابيءَ لاءِ مشاهدي ڪرڻ واري کي فن جي غير واقعي هجڻ جو احساس هجي. ان احساس جي ڪري مشاهدو ڪرڻ وارو فني ڪارنامي کان پري ٿي وڃي. مثال طور ڪنهن ڊرامي ۾ ڪوبہ بدمعاش هيروئن جي مدد نہ ڪندو آهي، ڇو جو هن وٽ جمالياتي سگهہ جي کوٽ هوندي آهي. ان طرح سان فن ۽ مشاهدي جي وڇوٽيءَ واري رويي کي نفسياتي اصطلاح ۾ ”جمالياتي وڇوٽي“ چئبو آهي.

**جملو** (Sentence):

”جملو“ عربي لفظ ”جملة“ تان ورتل آهي، جنهن جو مطلب آهي، ”اهو ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن يا ’فقرن جو مجموعو، جنهن مان پورو مقصد يا خيال ظاهر ٿئي.‘ مطلب تہ، جدا جدا لفظ پاڻ ۾ ملي، هڪ جملي جي صورت اختيار ڪن ٿا. جملو ’گفتگوءَ جو ايڪو‘ بہ چئي سگهجي ٿو.

جڏهن ٻہ يا وڌيڪ لفظ پاڻ ۾ ملي معنيٰ دار فقرو يا گفتگو ۽ ڳالهائڻ جو مفهوم دار لفظي ميڙ بنائين، تہ انهن کي لفظن جو ميڙ يا جملو چئبو. اهو لفظن جو ميڙ جملو بہ ٿي سگهي ٿو ۽ جملي جو هڪ ڀاڱو بہ. جهڙوڪ:

ڪالهہ ڏينهن ڏٺي جو شهر ۾ ڦرٽي آهي.

**جميعت الشعراءِ (سنڌ)**:

سنڌي شاعرن جي هيءَ جماعت ورهاڱي کان اڳ 1946ع ۾ باقاعدي قائم ڪئي وئي. هن جماعت سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ادبي ڪانفرنسن ۽ مشاعرن جو انعقاد ڪرائي علم ادب ۽ عروضي شاعريءَ کي عام ڪيو. هن جماعت جي

بنياد وجهندڙ ڪجهہ شاعرن جا نالا: ڊاڪٽر شيخ ابراهيم خليل (1900ـ 1982ع)، عبدالله "عبد" (1910ـ1973ع)، رشيد احمد لاشاري (1922ـ 1970ع) وغيره.

**جنتري** (Almanac):

ساليانو خاڪن يا خانن تي ٻڌل ڪتاب، جنهن ۾ مهينن ۽ ڏينهن جو ڪٿليندڙهوندوآهي. جنتريءَ ۾ ستارن جي علم جي آڌار تي پيش گويون بہ ٿيل هونديون آهن.

**جنس** (Gender):

سنڌي گرامر ۾ جنسون ٻن قسمن جون ٿينديون آهن. هڪ جنس مذڪر ٻي جنس مونث ۽ ٽي جنس بي جان. جيڪي اسم نرجي معنيٰ ڏيکارين. ان جي جنس مذڪر (Masculine Gender) هوندي آهي ۽ جن مان ماديءَ جي معنيٰ نڪري، ان جي جنس مونث (Feminine Gender) هوندي آهي. سنڌيءَ ۾ بي جان شين جي جنس ڪي پڻ مذڪر يا مونث جي صيغي ۾ بيان ڪيو ويندو آهي. جيئن تہ انب، فرش، جوتو جنس مذڪر آهن. بجلي، گنجي، ڪٽ وغيره جنس مونث آهن.

**جنسيات ۽ ادب** (Sex and Literature):

جنس انساني زندگيءَ جي مکيہ ڪرداري محرڪن ۽ وارتائن مان هڪ آهي. انهيءَ ڪري زندگيءَ جي ترجماني ڪندي ليکڪ 'سيڪس' (sex) ۽ ان سان لاڳيل گوناگون مظاهرن جي تصوير ڪشي مزي خاطر نہ پر حقيقت نگاريءَ طور ڪندو آهي. هن ڍنگ جي لکڻين ۾ هڪ معيار، ادبي سونهن، دلڪشي ۽ جنم وٺندڙ جمالياتي لطف هڪ اتم معيار بڻجي ٿو. جيڪڏهن انهيءَ معيار تي تخليق پنهنجي پرک ڪرائي سگهي ٿي تہ پوءِ ادب ۾ جنس نگاريءَ کي عيب قرار نٿو ڏئي سگهجي. ادب ۾ جنس جي باري ۾ بنيادي مونجهارو انهيءَ وقت پيدا ٿئي ٿو جڏهن ادب ۾ جنس ۽ فحش نگاريءَ (Pornography) کي ملائي پيش ڪيو وڃي ٿو سيڪس ٻنهي قسمن جي لکڻين ۾ هوندي آهي مگر ليکڪن جا مٿا ڌار ڌار هوندا آهن. ادب ۾ جنس نگاري موضوع جي صورت ۾ هجي يا واقعن جي روپ ۾، اوٽ ۾ هجي يا چٽي هجي، جنس جو لاڙو سڌجي ٿي.

نقادن جو چوڻ آهي تہ ادب ۾ هر قسم جو جنسي موضوع کم آڻي سگهجي ٿو، پر شرط اهو آهي تہ ان مان لذت يا آنند وارو احساس نہ اڀري. انهيءَ جي ابتڙ فحش نگاري (بيچڙائي) "جنس برائي جنس" آهي. ادب ۾ جنس جو نظريو فرائڊ لاڳو ڪيو هو. سنڌي ادب ۾ زرينہ بلوچ (جيجي)، خير النساءِ جعفري (حويليءَ ڪان هلستل تائين)، ماڻڪ (لڙهندڙ نسل)، غلام نبي مغل (ريشمي وار)، وشنو ڀاٽيا ۽ اردو ادب ۾ سعادت حسن منٽو، عصمت چغتائيءَ جا نالا اهم آهن.

**جنسيت** (Sexism):

جنسي ڪردار جي بنياد تي انسان جي قدر ۽ قيمت جو اندازو لڳائڻ جو باضابطي عمل.

**جنسي لاڙو** (Eroticism):

ڪهاڻي، ناول يا ڊرامي ۾ اهڙو ڪردار جيڪو جنسي حوس رکندو آهي يا وري اهڙو لاڙو جنهن ۾ شهوتي اپنار تي هي لاڙو منفي لاڙو آهي. ٻين لفظن ۾ ادبي محبت (Platonic Love) جو ضد جنسي لاڙو (Eroticism) آهي.

**جنگناما** (Epics):

جنگ ناما واقعاتي شاعريءَ جو اهو نمونو آهي، جن ۾ ڪنهن جنگ جي يادگيري، منظر نگاري، جيت يا هار جو نقشو چٽيل هجي. جنگ ناما، اصل ۾ رزميہ شاعري هوندا آهن. سنڌي لوڪ ادب سلسلي جو ڪتاب 'جنگ ناما' ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ترتيب ڏنل آهي.

**جوڏيو** (Jodhiyo):

ٿري لوڪ گيت، جنهن ۾ ڪا عورت پنهنجي جوڌي جي وڇوڙي تي ڳائيندي آهي. هن گيت ۾ ورلاپ ۽ وڇوڙي جو ذڪر هوندو آهي:

"جوڌيا ماروڙي مين امرائي ري مارڪي"

**جوڳي** (Jogi):

جوڳي عام طور نانگن پالڻ واري کي چيو ويندو آهي، پر ادبي اصطلاح ۾ 'جوڳي'، "جوڳ" (يا يوڳ)، رياضت يا تپسيا ڪندڙ، تن کي تسيا ڏيندڙ هڪ

اعليٰ انسان کي چيو ويندو آهي. قاضي قادن (1463_1551ع) پهريون دفعو شاعريءَ ۾ 'جوڳي' لفظ جوان معنيٰ ۾ اصطلاح ڪم آندو آهي.

جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾

تهان پوءِ ٿيوس، سندي پريان پيچري!

قاضي قادن 'جوڳيءَ' کي نئين معنيٰ ڏني آهي. شاهه لطيف پڻ جوڳي لفظ عام جام ڪتب آندو آهي سر رامڪليءَ ۾ 'جوڳي'، مرشد، ڪامل انسان، رهبر حق جي رستي تي هلندڙن کي چيو ويو آهي.

**جيجل لولي** (Song of Mother):

ماءُ جو ٻار سان فطري پيار هوندو آهي. سياري جون ڊگهيون راتيون ۽ اونهاري جا ڏکيا گرم ڏينهن جاڳي به ٻچي کي ننڊ ڏياريندي آهي. ٻار کي لوڏي آرام ڏيارڻ واري لوليءَ کي 'جيجل لولي' چئبو آهي.

جيجل جهولي،

ڏئي پئي لولي،

لولي لال

جيئين شال!

---

بسم الله ست، تو ۾ آهي الله جي برڪت

بسم الله جي رتي، توکي واءُ نه لڳي رتي

توکي ڪوسا نه لڳن جهولا

رب ڏيکاري نه ڏينهن اولا

**جينئس** (Genius):

غير معمولي ذهانت خداداد ذات هوندي آهي. جيڪا پيدائش کان ملندي آهي. اها ذهانت منفي به ٿي سگهي ٿي ته مثبت به. علم ۽ ادب جي دنيا ۾ معمولي طور ڪامياب شخص، اعليٰ درجي جي تخليقي صلاحيتن جي مظاهري ڪندڙ ۽ مختلف شعبن ۾ نمايان ڪردار ادا ڪندڙ شخص کي ذهين (Genius) چيو ويندو آهي.

**جيون ڪهاڻي** (Literary Biography):

جيون ڪهاڻي غير افسانوي ادب جو هڪ قسم آهي، جنهن جو موضوع فرد جي حياتي/جيوني هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ ان کي 'سوانحي ادب' بہ چئبو آهي. عام طرح هن دائري ۾ آتم ڪهاڻي بہ اچي وڃي ٿي. جيون ڪهاڻيءَ کي تاريخ جو حصو بہ سمجهيو ويندو آهي، ڇو تہ ان جو مدار واقعن جي تسلسل ۽ لکيل توڙي زباني مواد جي وضاحت تي هوندو آهي. اهو تحقيق ۽ ذاتي يادگيرين تي مشتمل هوندو آهي.

عام طور جيون ڪهاڻي جي صنف سوانحي ادب ۾ اچي ٿي. "سوانح عمري"، "اجتماعي سوانح عمريون"، "خاڪا نگاري"، "آتم ڪهاڻي/ڪٿا"، "يادگيريون"، "تذڪره"، "ڊائريون"، "رپورتون"، "انٽرويو" ۽ "سفرناما" وغيره ان جي دائري ۾ اچي وڃن ٿا.

**جھالريو**(Jhalriyo):

جھالريو ھڪ ٿري لوڪ گيت آھي، جيڪو ٿر ۾ خاص ڏڻن تي عورتون گڏجي ڳائينديون آھن. ھي لوڪ گيت "جھالريو زيور" تي ٺھيل ھوندو آھي، جنھن ۾ پيڻ پاران پنھنجي ڀاءُ جو اوسيئڙو ڪيڻ جو موضوع سمايل ھوندو آھي، مثال طور:

كيڙيئي ري كيتر ۾ پوں،
ھون تان گھڙائيس ھيل،
ملوڪ جھالريو

**جھمر** (Jhimir):

"جھمر"جي لغوي معنيٰ آھي " ٽپ ڏيڻ يا ڦيرا پائڻ". ھي ناچ سنڌي لوڪ ناچ جو قسم آھي، جيڪو خاص ڪري شاديءَ ۽ ٻين خوشيءَ جي موقعن تي پيش ڪيو ويندو آھي. شاديءَ جي سيڃي سانت سنوڻن ڪان پوءِ دھل جي خاص وڄت تي "جھمر " ٿيندي آھي، جنھن ۾ گھڻي ڀاڱي عورتون ئي حصو وٺنديون آھن. البت ڪڏھن مرد بہ ساڻن شامل ٿي ويندا آھن. ھي نھايت مھذب ناچ آھي، جنھن ۾ فقط مخصوص انداز ۾ ھٿ ڪنيا ويندا آھن. ھٿن ڪٽڻ سان گڏ چيلھہ ڪي موڙا ڏئي . ڦيرا بہ پائيا آھن .

**جھولڻو**(Jhoolnoo):

حضرت سچل سرمست (1739_1829ع) جي رسالي ۾ ھڪ انوکي صنف "جھولڻو" ملي ٿي، جيڪا اڳ ۾ ڪنھن بہ سنڌي شاعر وٽ نظر نہ ٿي اچي، البت روحل فقير جي ھندي ڪلام ۾ "جھولڻو" ملي ٿو پر فني سٽاءَ جي لحاظ ڪان روحل فقير (1734_1804ع) جي ھندي جھولڻي ۽ سچل سرمست جي جھولڻي ۾ فرق آھي. روحل فقير جي ھندي جھولڻي ۾ اڪثر چار سٽون ٿين ٿيون، ۽ ھر سٽ جو وزن عام بيت جي وزن ڪان وڏو ۽ اينگھہ وارو ٿئي ٿو. سچل سرمست جي جھولڻي جو ھر بند گھڻو ڪري اٺن سٽن جو ٿئي ٿو ۽ نائين سٽ وراڻيءَ جي اچي ٿي. سچل سرمست جي رسالي ۾ "سسئي پنھون" بابت جھولڻو

ملي ٿو جنهن ۾ اهڙا پنجاهه بند آهن. هر بند يا بيت کان پوءِ جيڪي ورائيون اچن ٿيون، اهي پاڻ ۾ هم قافيه آهن. هر بند جي ست جو وزن تنديو ۽ گهٽو ڪري هندي جهولڻي جي ست جي اڌ جيترو آهي. چڙ چئن سٽن کي اٺ سٽون ڪري رکيو ويو آهي. قافيو بند جي سمورين سٽن جي آخر ۾ اچي ٿو ۽ هر بند يا بيت جو جدا جدا قافيو آهي. حضرت سچل سرمست جي "سسئي ۽ پنهون" جي جهولڻي مان هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو:

سرتيون سڀ ٿيس صلاحي،
هو تان راهه وٺي پيا راهي،
چوٿينءَ ڪڍ تنين جي ڪاهي،
ڏونگر ڪيم ڏسائج ڏاهي،
حَسَبَ ۾ ڪونهِ ڪندءِ همراهي،
هت تو سنگ منجهائي ساهي
تڏهن چپ ڪرڻ تو چاهي،
پر هو اهڙو امر الاهي:
پيا سڀ ويهه تون وهم وساري

## چ

**چار پيرائتا ڪم/ڪتاب** (Tetralogy):

چار مسلسل ادبي ڪارناما، ڪتاب وغيره. جيڪي ساڳئي تسلسل ۾ ٺهيل هجن. قديم يونان ۾ اهو اصطلاح ڊرامن لاءِ ڪم ايندو هو، جنهن ۾ ٽي غمگين ڊراما ۽ هڪ مزاحيه ڊرامو شامل هوندو هو.

**چارڻ** (Bard):

چارڻ گجرات، راجستان ۽ سنڌ جو مشهور قبيلو آهي. اهي هند ۽ سنڌ جي راجپوتن جا ڪارناما ۽ ڪيرتون ڳائڻ ۽ ٺاهڻ جا شاعر ۽ ماهر هوندا هئا. سندن ڪم جنگين ۾ بهادري ۽ سورهيائپ جا قصيدا تيار ڪري، ٻڌائي سپاهين جي خون کي گرمائڻ به هوندو هو. سمنگ چارڻ، جئفو چارڻ، جمن چارڻ، ڪيسوجي چارڻ، ڏيو ڏان چارڻ، چمن چارڻ، ايسرداس چارڻ، شيو داس چارڻ، سورج مل چارڻ، ٻيجل چارڻ وغيره پنهنجي دورن جا مشهور سگهڙ ۽ شاعر رهيا آهن.

**چارڻن ۽ ڀانن جو دؤر** (An Age of Bards):

چارڻ، ڀٽ ۽ ڀان سنڌ جون قديم ذاتيون آهن. انهن مان ڪيترائي درباري شاعر ٿي گذريا آهن. راجپوتن، سومرن ۽ سمن جو دؤر کي سنڌي ادب ۾ ڀٽن ۽ ڀانن جو دؤر چيو وڃي ٿو. جيڪي وقت جي حاڪمن اڳيان سندن بزرگن، بهادرن، ۽ سخي مردن جا ڪارناما ٻڌائي، ڪانئن دان حاصل ڪندا هئا. ٻئي طرف محفلن ، ميلن ۽ ڪچهرين ۾ حڪمرانن جا رجزي ۽ رومانوي داستان ڳائي ٻڌائيندا هئا. دراصل اهي شاعر حڪمرانن جا درباري شاعر هوندا هئا جن کي حڪمران ان وقت جي اخبارن طور استعمال ڪندا هئا. چارڻ، ڀٽ، ڀان حڪمرانن جي سخا ۽ ذات ۾ ايڏي ته واڪاڻ ڪندا هئا جو عام ماڻهن وٽ سندن قدر اڃا به وڌي ويندو هو.

**چوپڙي** (Bibelot):

ننڍڙو ڪتابڙو، جيڪو ٿورن ۽ ننڍن صفحن تي مبني هجي.

**چوسٽو:**

چئن سٽن وارو شعر/نظم، جنهن جي پهرين، ٻي ۽ چوٿين سٽ هم قافيه ٿيندي آهي. ڪنهن به عروضي وزن يا ڇند وديا موجب لکي سگهبو آهي ۽ ان ۾ موضوعن جي فراواني هوندي آهي. سنڌ جي ڪيترن شاعرن چوسٽا لکيا آهن، پر استاد بخاري، شمشيرالحيدري، پرواني ڀٽي، راشد مورائي، امداد حسيني وغيره جا چوسٽا مشهور آهن.

**چوسٽا آواز** (Implosive Sounds):

سنڌي ٻوليءَ ۾ چار اهڙا آواز آهن، جن کي اچارڻ سان هوا کي وات ۾ اندر ڇڪڻو پوندو آهي، انهيءَ ڪري لسانيات جي ماهرن انهن کي چوسٽا آواز سڏيو آهي. هي آواز "ٻ"، "ڏ"، "ڄ" ۽ "ڳ" جي حرفن سان ظاهر ٿيندا آهن. هنن اکرن جي خوبي اها آهي ته انهن جي جاءِ تي ڪو به حرف نعم البدل طور استعمال ڪري نه ٿو سگهجي. اگر اکرن جي جاءِ تي سنڌن ويجهن هم آوازن جهڙوڪ "ب"، "د"، "ج" ۽ "گ" جو استعمال ڪبو ته اچارن جي معنيٰ تبديل ٿي ويندي مثال طور:

1. ٻ = ٻار، ب = بار
2. ڏ = ڏسان، د = دسان
3. ڳ = ڳلو، گ = گلو
4. ڄ = ڄار، ج = جار

**چوماسو** (Rain Song):

هي لوڪ گيت ٿر ۾ وڏي چاهه سان ڳايو ويندو آهي. هن گيت کي خاص ڪري عورتون ساوڻ جي وڻندڙ مند ۾ ڳائينديون آهن. خاص ڪري پرديس تي پرڏيل نينگريون پنهنجي اباڻن جي اڪير، ساهيڙين جي سار ۽ وطن لاءِ واجهائڻ وغيره جهڙن موضوعن کي مد نظر رکندي ٻادلن ۽ برساتين جي مند ۾ ڪڪرن کي پنهنجو قاصد ڪري نياز وچان نياپا موڪليندي، اندر جي اڇل آواز مان نينهن جا نوري نظارا چٽينديون رهنديون آهن. نينهن جا نياپا هو نهايت سريلي ۽ مٺڙي آواز ۾ اهڙيءَ طرح ته ڳڏجي آلاپينديون آهن، جو ٻڌندڙن جي دل جهڄي پوي. تاريخي اعتبار کان هي گيت گهڻو آڳاٽو چيو وڃي ٿو.

**چونڊ جي آزادي**(Freedom of Choice):

جيڪو انسان هن دنيا ۾ آيو آهي، ان جي پسند ۽ ناپسند پنهنجي پنهنجي آهي، هر ماڻهوءَ کي حق آهي تہ هو پنهنجي پسند مطابق زندگي گذاري. چونڊ جي آزادي هر ملڪ جي آئين ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿي ۽ دنيا جي ادب جو خاص موضوع آهي.

**چونڪ**(Quatrain):

"چونڪ" جي لفظي معنيٰ آهي، "چئن جو ميڙ"؛ يعني اها جاءِ، جتي چار شيون اچي پاڻ ۾ گڏ ٿين يا اهو هنڌ، جتي چئني طرفن کان رستا يا واٽون اچي هڪ ٻئي سان ملن. اصطلاحي معنيٰ موجب، "چونڪ" هڪ شعر جو قسم آهي، جنهن ۾ چار هم وزن سٽون گڏ ٿين ٿيون. انهن مان پهرين ۽ چوٿين سٽ جو قافيو هڪ جهڙو ٿيندو آهي ۽ باقي وچ واريون ٻہ سٽون (ٻي ۽ ٽين سٽ) قافيي کان بلڪل آزاد هونديون آهن.

چونڪ جي شروعات سنڌ ۽ هند جي شاعريءَ ۾ ٿيل محسوس ٿئي ٿي. سنڌي شاعرن بہ هن صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي. چونڪ ۾ اڪثر تشبيهي ۽ اخلاقي مضمون پيش ڪيا وڃن ٿا:

ٻير ڪڏهن ڪو ٻير ڏئي ٿو!
سهڻا توهہ پٽن تي پيا هن.
هر ڪو پنهنجو ٻڻ ٿو ساري،
ڏاريو پنهنجو ٿي نہ سگهي ٿو.

(مير محمد پيرزادو)

**چوڻي** (Saying):

اهو مروج استعمال، جيڪو بيان ۾ الڳ استعمال ٿيندڙ هڪ پورو جملو يا اُيڪو هوندو آهي ۽ پنهنجي لفظي معنيٰ ۾ ٺئي ڪتب ايندو آهي. اها ڪنهن مشهور ماڻهوءَ جي نسبت سان ٻهاڪي طور استعمال ٿيندي آهي جيئن "ڏک سکن جي سونهن" انهيءَ کي چوڻي سڏبو آهي.

**چيٽي چنڊ** (Cheti Chand):

سنڌو ڪئلينڊر مطابق چيٽ مهيني جو پهريون ڏينهن، جنهن تي سنڌ جا هندو هند سنڌ ۾ قومي ڏينهن طور خاص پروگرام رچائيندا آهن.

**چيئر** (Chair):

ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ ادب ۽ تحقيق واري شعبي ۾ منسوب ۽ مخصوص ڪيل ان حصي کي چيئر سڏبو آهي، جنهن ۾ ڪنهن هستيءَ جي فن، فڪر متعلق تحقيق ڪئي وڃي ۽ ان سان لاڳاپيل سامان ۽ مواد کي يڪجا ۽ محفوظ ڪيو وڃي. سنڌ جي مختلف يونيورسٽين ۾ هيٺيون چيئرون قائم آهن:

1. علامه آءِ آءِ قاضي چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.
2. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.
3. قليچ چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.
4. شهيد بينظير ڀٽو چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.
5. ايم. ايڇ. پنهور چيئر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو.
6. سچل چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.
7. شيخ اياز چيئر، شاهه عبداللطيف يونيورسٽي، خيرپور.
8. شاهه عبداللطيف ڀٽائي چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.
9. سيرت چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.
10. شهيد بينظير ڀٽو چيئر، ڪراچي يونيورسٽي، ڪراچي.

## ڇ

**ڇاپخانو**(Printing press):

اها جڳهه، جتي مشين يا ڪمپيوٽر وسيلي ڪتابن ، اخبارن ، رسالن، پمفليٽ ، ڪاردن ۽ ٻئي هر قسم جي مواد جي ڇپائي ٿيندي هجي. قديم تهذيب ۾ هٿ سان لکت جا اهڃاڻ مصر ۽ چين ۾ ملن ٿا. جيڪي ڪاريگرن جي هٿ جي ڇپائيءَ جو بهترين مثال آهن. يورپ ۽ هندستان ۾ ڪپڙن جي ٽڪرن تي مليل لکتون به آڳاٽي اشاعت جو اهڃاڻ آهن. ڪاغذ تي ڇپائيءَ جا مؤجد يورپ وارا آهن. يورپ ۾ سجاڳيءَ واري دور (Renaissace) ۾ ڇپائيءَ جون مشينون ايجاد ٿي چڪيون هيون. گڏيل هندستان ۾ ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ اشاعتي ادارا برپا ڪري، ڇاپخانا جوڙيا. سنڌ ۾ سنڌي الف_ب جي سرڪاري منظوريءَ کان پوءِ ليٿوگرافڪ پرنٽنگ پريسون قائم ٿيون ،جنهن سان سنڌي ڪتابن جي ڇپائڻ جو سلسلو شروع ٿيو ان زماني جي ڪجهه اوائلي پريسن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

1_ گورنمنٽ پرنٽنگ پريس ڪمشنر آفيس ، ڪراچي.
2_ سنڌ گزيٽ اينڊ ڪمرشل پرنٽنگ پريس.
3_ مرڪنٽائيل پريس، الفنسٽن روڊ ، ڪراچي.
4_ فوڪس پريس، ڪيمبل روڊ، ڪراچي.
5_ وڪٽوريا پريس، الفنسٽن روڊ، ڪراچي.
6_ آرين ورنيڪيولر، ڪيمبل روڊ ڪراچي
7_ بلٽونسڪي پريس، حيدرآباد.

هن وقت ڇپائيءَ جون جديد مشينون ايجاد ٿي چڪيون آهن ۽ سنڌ ۾ ٽيڪنالاجي، ۾ وڏو انقلاب آيو آهي.

**ڇاپو**(Edition):

ڇاپي جو مطلب آهي طباعت يا اشاعت. ڇاپي مطابق، ڪتاب، رسالي وغيره جي اشاعت جو مهينو، سال به لکيو ويندو آهي ۽ شايع ٿيل ڪتاب جي ڇاپي جو ڪل نمبر به لکيو ويندو آهي. جڏهن ڪنهن ڪتاب جو پهريون ڇاپو ختم ٿي

چلڙو اهو گيت، جنهن ۾ چلي جو ذڪر هجي. مفهوم جي خيال کان شعر ۾ محبت جون مياروِن، قرب جون پچارون ۽ نوري نشانيون ڄاتو آهي. سٽاءَ جي لحاظ کان ٽلهه کان علاوه هر مصرع ڏيڍ سٽي ۽ ٽئي ٽي. "چلي" جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

اٺي منهنجو چلڙو ڙي
ڪري پيو ڪوهه ۾ ڙي
ڪوهه جي نار ۾ ڙي
لوڻن مان ٿي وريو
ادي منهنجو چلڙو

—

"پلا يار جاني! آهيان تنهنجي ٻانهي،
چلا روڙي روڙي ، ڪم قادر جوڙي،
لکيو ڪونه موڙي

**چند وديا** (Hindi Prosody):

هندي شاعريءَ جي وزن جو علم، "هندي چند وديا" ۾ دوها چند، سورٺا چند ۽ ٻيا ڪيترا چند ٿيندا آهن. "دوها چند" ٻن مصرعن تي مشتمل آهي. هر هڪ سٽ ۾ ٻه پد يا چرڻ ٿين . پهرئين پد ۾ 3 ۽ ٻئي پد ۾ 11 ماترائون ٿينديون آهن.

'سورٺا چند' اصل ۾ ابتو دوهو آهي، جنهن ۾ قافيي وارين ماترائن (11) جون بند وچ ۾ ايندو آهي، ۽ ٻيو پد (13 ماترائن وارو) سٽ جي آخر ۾ ايندو آهي."دوها_ سورٺا چند"جديد شاعرن مٿين چند وديا جي اصولن ۾ ڦيرگهيڙ ڪري هڪ سٽ دوهي جي ته ٻئي وري سورٺي جي ڪتب آندي آهي. ان کي دوها سورٺا چند چئبو آهي. چند جا ٻيا به ڪوڙ قسم آهن.

چند وديا شاعريءَ جي مخصوص وزن جي نظام (Prosodic System) کي چئبو آهي: جيڪو ان ۾ موسيقيت ۽ نغمگي پيدا ڪري ٿو ان ڪري شعر ٻڌڻ وقت متاثر ڪري ٿو. هن علم ۾ اهي سڀ اصول ، قاعدا، قانون اچي وڃن ٿا، جيڪي قديم دؤر کان هندي شاعريءَ ۾ هلندڙ آهن.

**چنڊ ڇاڻ** (Literary Investigation):

چنڊ ڇاڻ جو مطلب آهي جاچ ڪرڻ، ڪٽ ڪرڻ، تڪ تور ڪرڻ. تنقيدي ادب جي لحاظ کان چنڊ ڇاڻ جو مطلب آهي تہ ادبي تحرير جي چنڊڇاڻ ڪري، ادب کي غلط نظرين، قدرن ۽ اصولن کان پاڪ رکڻ ۽ پڙهندڙ کي غير مثبت اثرن کي بچائڻ.

**ڇهہ سٽا** (Sestet):

ڇهن سٽن تي مشتمل شعري صنف قديم روايتي شاعريءَ ۾ 'مسدس' ڇهن سٽن جي بندن تي مشتمل نظم هوندو هو. 'ڇهہ سٽا'، 'مسدس' کان هٽيل شعري صنف آهي. مسدس واري گهاڙيٽي ۾ طويل نظم ٿين ٿا. جڏهن تہ "ڇهہ سٽا" جي صنف ۾ طويل توڙي الڳ الڳ نظم بہ لکيا وڃن ٿا. سنڌيءَ ۾ شيخ اياز (1923ـ1997ع) جي شاعريءَ جي مجموعي "رڻ تي رم جهم" ۾ ڇهہ سٽي جي گهاڙيٽي ۾ طويل نظم بہ موجود آهي. جڏهن تہ انفرادي ڇهہ سٽا بہ ملن ٿا.

**ڇيڄ** (Marriage Dance):

شاعريءَ جو هڪ قسم، جيڪو سادو ۽ وڻندڙ هوندو آهي. ان ۾ سونهن جي پيٽ بہ ڪٿي ويندي آهي. شيخ اياز پرينءَ جي سونهن جو بيان هن "ڇيڄ" ذريعي ڪيو آهي. ان ڇيڄ تي نرتيہ بہ ڪري سگهجي ٿو.

اڙي چنڊ، اڙي چنڊ، پرين تو تہ ڏٺو ناهہ،
سندس روپ سندس رنگ، اٿين آهہ جِئين تون!

اڙي رات اڙي رات، پرين تو تہ ڏٺو ناهہ،
سندس وار سندس ونگ، اٿين آهہ جِئين تون!

اڙي ڦول اڙي ڦول، پرين تو تہ ڏٺو ناهہ،
سندس رنگ سندس انگ، اٿين آهہ جِئين تون!

اڙي هير اڙي هير، پرين تو تہ ڏٺو ناهہ،
سندس ساٿ سندس سنگ، اٿين آهہ جِئين تون!

آهي. "مبتدا" جي معنيٰ آهي "ڪنهن ڪم جي ابتدا يا شروعات ڪندڙ". جملي ۾ ڪم جي ابتدا ڪندڙ کي "فاعل" چئبو آهي، جو ڇيد ڪرڻ وقت مبتدا واري خاني ۾ رکبو آهي. ڇيد جو ٻيو حصو آهي "خبر". فاعل جيڪو ڪم ڪري ٿو، ان جي وضاحت ڪندڙ لفظ انهيءَ "خبر" واري خاني ۾ رکبا آهن. اهي لفظ فعل جي صورت ۾ هوندا آهن. ڪنهن بہ جملي جي ڇيد ڪرڻ وقت پهريائين ان جو فاعل معلوم ڪبو آهي، جنهن لاءِ ان جملي ۾ پيل فعل کان "ڪير" يا "ڪنهن" جو سوال پڇبو آهي؛ ۽ مفعول معلوم ڪرڻ لاءِ وري انهيءَ فعل کان "ڇا" جو سوال ڪبو آهي. اهڙي نموني سان جملي ۾ آيل "فاعل"، "مفعول" ۽ "فعل" چڱيءَ طرح سان معلوم ڪري سگهبا آهن.

# ح

**حاشيو**(Annotation):

حاشيو ڪتاب جي ورق جي چئني پاسن کان ڇڏيل اهو حصو هوندو آهي، جنهن تي ليکڪ، مرتب يا مترجم وغيره ڪتاب جي متن تي پاسي کان وضاحت لکندا آهن. پير حسام الدين راشدي ڪيترن ئي فارسي ڪتابن کي ايڊٽ ڪري، حواشيا لکي شايع ڪرايو. سندس وڏو ڪمال اهو هو ته هن پنهنجي وسيع ڄاڻ سان فارسي ڪتابن جا ترجما به ڪيا ۽ مواد ۽ متن تي حاشين ۾ پنهنجا رايا به ڏنا ۽ سنڌ جي تاريخ جو اصلي چهرو صاف ڪري ڏيکاريو.

**حالاتِ حاضره بابت ڪالم** (Current Affairs):

اخبارن ۾ هڪ ڪالم مخصوص ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ ڪوئي صحافي يا ڪالم نگار عصري مسئلن جي باري ۾ مزاحيه انداز ۾ اظهار ڪندو آهي. ان قسم جي ڪالم کي 'فڪاهي يا حالاتِ حاضر بابت ڪالم' چيو ويندو آهي.

**حالتون** (Cases):

گرامر موجب لفظ جملي ۾ حالتن موجب شڪليون بدلائيندا آهن. مثال طور ڪو اسم فاعل طور استعمال ٿئي ته ان جي حالت فاعلي چئبي، جيڪڏهن مفعول طور ڪتب اچي ته حالت مفعولي ٿيندي. پر جي ان کانپوءِ حرف جر اچي ته حالت جري ٿيندي. ڇوڪرو (فاعلي)، ڇوڪري (مفعولي).

**حديث**(Hadith):

اسلامي تعليمات ۾ قرآن شريف کان پوءِ حديث کي وڏي اهميت حاصل آهي. حديث حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي روايتن ، چوڻين ۽ عملن کي چيو ويندو آهي. حضور اڪرم حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جن جو هر عمل، لفظ ۽ قول حديث آهي. حديث جي ڪتابن ۾ صحيح مسلم، صحيح بخاري مشهور ڪتاب آهن.

**حرف**(Letter):

"حرف" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، سنڌيءَ ۽ اردوءَ ۾ به عام مروج آهي. سنڌي زبان ۾ حرف کي "اکر"، سنسڪرت ۽ هنديءَ ۾ "اڪشر" چيو ويندو

آهي. "حرف" جو مطلب آهي "آواز کي ظاهر ڪرڻ يا اچارڻ وارو نشان". پين لفظن ۾ انهن چئجي ته هر هڪ آواز جي لکيل صورت کي "حرف" چئبو آهي. دراصل "حرف" جي بنيادي معنيٰ آهي ڪنارو يا پاسو "چاڪاڻ ته اهو ڪنارو يا پاسو وٺي بيهي ٿو مطلب ته ڪنهن به سمجهڻ جهڙي آواز جي بدران ڪا به مقرر ٿيل نشاني جيڪا ڪم اچي ٿي، تنهن کي "اکر" يا "حرف" چئبو آهي.

**حرف جر** (Postposition):

حرف جر جملي ۾ اڳيئين لفظ جو صحيح مطلب ظاهر ڪندو آهي. مثال: ماٺهو پٽ وٽ ويٺو آهي. هي ڪتاب احمد جو آهي. انگريزيءَ ۾ اهو اسم کان پهرين ايندو آهي، ان ڪري Presposition سڏبو آهي پر سنڌيءَ ۾ جيئن ته اسم کان پوءِ ايندو آهي، ان ڪري Postpistion ٿي ڪم ايندو آهي.

**حرف جملو** (Conjunction):

اهو لفظ جو جملي جي اڳيئين ۽ پوئين لفظ کي يا جملي جي ٻن ڀاڱن کي يا ٻن جملن کي پاڻ ۾ ڳنڍي، ان کي حرف جملو چئجي ٿو. جيئن 'يا'، ۽ وغيره.
ٻن لفظن کي ڳنڍڻ جو مثال: احمد ۽ محمد گڏجي گهميا پئي.

**حرف ندا** (Interjection):

اهو لفظ جو سڏ ڪرڻ جي ڪم اچي يا منجهانئس ڪو احساس ظاهر ٿئي. جيئن عجب، خوشي، ڏک وغيره.
مثال: افسوس!، هاءِ هاءِ!، واه واه! اڙي مار، وغيره.

**حرفي لکت** (Alphabetic writing):

هن سرشتي ۾ لکت ۾ ڪتب ايندڙ علامتي نشاني ڳالهائڻ واري ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ آواز (سُر يا وينجن) جي عيوضي هوندي آهي. جيئن ته هر هڪ ٻوليءَ ۾ ڪتب ايندڙ اهم آوازن يعني صوتين (Phoneme) جو تعداد محدود هوندو آهي، انهيءَ ڪري لکت ۾ علامتي نشانين جو عدد به محدود هوندو آهي. هاڻوڪي دؤر ۾ اوج تي رسيل گهڻي ڀاڱي سيني ادبي ٻولين جي لکاوٽ ان قسم جي آهي.

**حسن** (Beauty):

رومانوي شاعريءَ ۾ اڪثر ڪري حسن ۽ عشق جا موضوع هوندا آهن حسن باطني به ٿيندو آهي ته ظاهري پڻ.

**حسن بيان** (Beauty of Expression):

گفتگو يا عام ڪاروباري تحرير ۾ اسان جي ڪوشش هوندي آهي تہ اوترو ڳالهايون يا لکون جيترو ضرورت هجي. ان جي برعڪس ادب ۾ ڪوشش ڪئي ويندي آهي تہ اسان جيڪا ڳالهہ لکون اها سهڻي ۽ سليقي سان چيل هجي. مطلب تہ 'حسن بيان' ادبي تحرير لاءِ انتهائي ضروري آهي.

**حسن غزل**(Beauty of ghazal):

غزل جي بهترين شعر کي بيت الغزل يا حسن غزل چيو ويندو آهي.اهڙن شعرن تي مشاعرن ۽ محفلن ۾ واه واه گهڻي ٿيندي آهي.

**حسيني (سُر)**(Hussaini):

هي سُر فارسي ۽ عربيءَ ۾ ماتمي سُر آهي. شاهہ لطيف جي هن سُر ۾ سسئيءَ جي ڏکن ۽ تڪليفن جو ذڪر آهي. ان جي همت ۽ صبر جا دکدائڪ بيان آهن . پر هي سر هندي گائڻ وديا ۾ بہ آهي، ۽ ان کي حسن شرقيءَ سان منسوب ڪيو ويو آهي.

**حقيقت** (Reality):

طريقت جي منزل ۾ پورو رهڻ کان پوءِ. طالب طريقت جي منزل ۾ قدم رکي ٿو ۽ ڪيس حق جي جستجو رهي ٿي. هو هر خوبصورت شيءِ ۽ حقيقي حسن کي ڏسڻ جو خواهشمند ٿئي ٿو ۽ ڪيس مجاز جي اوٽ وٺڻي پوي ٿي؛ يعني جڏهن بہ هو ڪا سهڻي شيءِ ڏسي ٿو. تڏهن ان ڏي مائل ٿيڻ جي بدران ان جي سچي ۽ حقيقي نقاش يعني خدا تعاليٰ جي طرف متوجهہ ٿئي ٿو.

**حقيقت نگاري** (Realism):

حقيقت پسندي ترقي پذير دؤر جي پهرين هاڪاري ۽ پرپور تحريڪ هئي. ڪوربي (Courbet)(1819_1877ع) ۽ سندس ساٿي انهيءَ تحريڪ جا اڳواڻ هئا. ماحول جي صحيح عڪاسي، انهيءَ جو بنياد هو. هيٺين طبقو ۽ روزمرهہ جا مظاهر انهيءَ جا حقيقي موضوع هئا. اڳتي هلي حقيقتن نگاري ادبي تحريڪ بڻجي دنيا جي ادب کي متاثر ڪيو. ان ۾ زندگيءَ جي مشاهدن کي اصليت سان پيش ڪرڻ اهم هو. پلي ان ۾ زندگيءَ جون تلخ حقيقتون شامل چو نہ هجن. دنيا کي سائنسي تحقيقات ۽ طريقن ذريعي جاڻي سگهجي ٿو. ان جي وصف ٻڌائي سگهجي ٿي. ان بابت معلومات گڏ ڪري سگهجي ٿي. جڏهن نہ

هئي نظرئي مطابق خارجي دنيا کي جبلتي شعور ۾ اندر واري اک سان ڇاڻي سگهجي ٿو. پر ادب ۾ حقيقت پسنديءَ جي وصف بنهه الڳ آهي. جڏهن ڪو به تخليقڪار پنهنجي شهپاري يا تخليق ذريعي زندگيءَ جي سچائيءَ سان ترجماني ڪري ته انهيءَ کي حقيقت پسندي چيو وڃي ٿو.

**حڪايت** (Hagiography):

ڪا ڪهاڻي، قصو، داستان وغيره قديم افسانوي ادب جي سڀ کان اهم شاخ آهي. جنهن ۾ جانورن جون حڪايتون آهن؛ اهي دنيا جي اڪثر قديم زبانن ۾ ملن ٿيون. هونئن ته سڄي دنيا جي غير مهذب قبيلين به حيواني ڪهاڻيون بيان ڪيون ويون آهن. پر انهن ۾ ڪي اخلاقي سبق ڪونه ٿا ملن. پر مشرق جون حيواني ڪهاڻيون اخلاقي آهن. سنڌيءَ جي اوائلي ڪهاڻين ۾ پهريون ڪتاب 'حڪايت الصالحين' (درويشن جي حياتيءَ جو احوال) کي ليفٽيننٽ آرٿر شايع ڪرايو هو.

**حمد** (Hymn):

"حمد" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "ساراهه، تعريف، ثنا، واکاڻ". حمد نظم جو اهو نمونو آهي، جنهن ۾ ڏڻي سڳوري جي ساراهه ڪئي ويندي آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ حمد ۾ بيت به ٿين ته وائي، ڪافي، غزل به لکيا وڃن ٿا. حمد محفلن ۾ پروگرامن ۾ اڪثر تلاوت کانپوءِ پڙهيو ويندو آهي.

**حوالو** (Reference):

تحقيقي ڪم ۾ ڪنهن ٻئي جي تحقيق مان استفادو حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل ٽڪرو (Passage) ڪٽڻ کي حوالو چيو ويندو آهي. حوالي طور ڪنيل مواد کي ابتين ڪامائن يا واک جي نشانين ۾ رکيو ويندو آهي ۽ حوالي ۾ آيل مواد جو ذريعو (ليکڪ، ڪتاب جو نالو، پبلشر جو نالو صفحو نمبر، ڪتاب جي اشاعت جو سال وغيره. لکيو ويندو آهي.

# خ

**خارجي ادب** (Objective Letrature):

جيئن ته ادب کنهن به معاشري جي سماجي حالتن جو عکس يا آئينو هوندو آهي، پر ڪجهه اديب پنهنجي معاشرتي حالتن کان منهن موڙي ٻاهرين دنيا جو اثر قبول ڪري وٺندا آهن. سندن لکڻين ۾ خارجي اثر نمايان هوندو آهي.خارجي ادب وارن جو چوڻ آهي ته جيڪو اديب پنهنجي شخصيت جي چوڌاري طواف ڪندي جيڪو ادب تخليق ڪري ٿو ۽ معاشري ۾ موجود حالتن کي نظرانداز ڪري ٿو انهيءَ ادب جو ڪو به ڪارج ناهي. انهيءَ ڪري معاشري کي سامهون رکي ادب لکجي ۽ خارجي حالتن تي لکجي.

**خارجيت** (Objectivity):

داخليت ۽ خارجيت جا اصطلاح 18 صدي دوران انگريزي تنقيدي ادب ۾ استعمال ٿيڻ لڳا. خاص طور تي جان رسڪن(1819_1900ع) جي لکڻين ۾. خارجيت پسندن جو خيال هو ته ليکڪ پنهنجين لکڻين ۾ پاڻ يا ذاتي وابستگيءَ کي ٻاهر رکي، خاص طور تي جڏهن هو ٻين بابت لکندو هجي.

**خاڪا نويسي** (Sketch -Writing):

خاڪا نويسي ، سوانحي ادب جو هڪ حصو آهي. جنهن ۾ ليکڪ ڪنهن هستيءَ شخص يا بزرگ جي زندگيءَ سندس خدمتن کي چٽيندو آهي. هي گهٽين حقيقتن ۽ رنگن سان چٽيل نه عڪس آهي ۽ نه ئي وري ڪو فوٽو گراف. جنهن ۾ رواجي ۾ رواجي چيز به اچي ويندي آهي. ادب ۾ جنهن کي خاڪا نويسي چئبو آهي، ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ لفظن سان ادبي نموني ڪنهن هستيءَ شخص يا بزرگ کي چٽيو ويندو آهي.

عام طور ڪن خاص شخصن تي خاڪا لکيا ويندا آهن. ليڪن خاڪا نويس عڪس ناهي زندگيءَ ۾ حقيقتن جي سچائي ۽ غير شخصي رخ ضروري ڏيندو آهي. ان ۾ تصورکي بلڪل جڳهه ڪانهي. جيوني ڪنهن شخص جي سموري زندگي يا زندگيءَ جي گهڻي حصي کي پاڻ سمائي ٿي. جڏهن ته ڪنهن جو خاڪو. ليکڪ جي ذات ۽ زندگي سان جوڙيل ڪنهن شخص جو

مختصر چتر آهي. ان نموني جيون ڪهاڻي ۽ سوانح نگاريءَ کان الڳ آهي. خاڪي چنڊ ۾ اختصار ۽ شدت (Intensity) استعمال ڪئي ويندي آهي. ٿورن لفظن ۾ به گهڻو ڪجهه چوڻ خاڪي جي چنڊ جي خصوصيت آهي.

سنڌي ادب ۾ خاڪا نويسيءَ جا ڪيترائي سٺا ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جن ۾ "جنم گذاريم جن سين" (جي ايم سيد)، "سانگي ڪي ساريام" (شيخ عبدالرزاق راز)، "شڪليون" (عبدالقادر جوڻيجو)، "فن، شخصيت، انداز" (ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي)، "ڏاهپ ۽ ذات جي لاٽ" (سراج) وغيره.

**خام خيالي** (Euphoria):

خوشفهميءَ واري ڪيفيت، حالت ته سڀ ڪجهه ٺيڪ آهي. خوشفهمي، ليڪڪ زندگيءَ جي حقيقتن کي ڏسڻ بجاءِ تصوراتي طور فراريت حاصل ڪري ذهني آسودگي ڳوليندا آهن ۽ خوشفهميءَ جو شڪار ٿيندا آهن.

**خانقاهه** (Khanqah):

صوفي فقيرن جي رهڻ ۽ ويهڻ جي جاءِ، جنهن کي هنديءَ ۾ آشرم به چيو ويندو آهي. سنڌ جا صوفي ڪلاسيڪل شاعر خانقاهن ۾ ويهندا هئا.

**خداوادي رسم الخط** (Khudawadi Script):

خداوادي/خدا آبادي سنڌي رسم الخط لاءِ چيو وڃي ٿو ته خدا آباد جي عالمن، اڪابرن ۽ واپارين ايجاد ڪئي هئي. اها رسم الخط هن خطي ۾ ان وقت به لکي ويندي هئي جڏهن خدا آباد اڃا ملڪ جي گاديءَ جو هنڌ نه ٿيو هو. هن رسم الخط ۾ واپاري طبقو پنهنجا خط، نياپا، سنيها، پنهنجي مائٽن يا واپار سانگي سامان گهرائڻ لاءِ استعمال ڪندا هئا. اهڙيءَ طرح وڻج واپار جي ڪاروباري لکت ان رسم الخط ۾ ڪئي ويندي هئي. سنڌ ۾ ان لپي کي "هٽ واڻڪا اکر" به چيو ويندو آهي.

**خروشتي رسم الخط** (Kharooshti Script):

ان رسم الخط خروشتي/ڪروشتي جي ارتقا افغانستان ۽ پاڪستان جي مٿاهين علائقن ۾ ٿي. اها سنسڪرت کان اڳ واري دور ۾ گنڌاري پراڪرت ٻولي لکڻ لاءِ استعمال ۾ آندي وئي هئي. اها رسم الخط ٽئين صدي قبل مسيح جي ڏاري لکت ۾ آئي. اڳتي هلي ٽين صدي عيسوي ۾ ختم ٿي. ان رسم الخط ۾

گنڌارا تهذيب جي دور ۾ "ڪشن" شهنشاهت جي زماني ۾ ترقي ورتي. اها ساڄي_کاٻي بہ لکي ويندي هئي تہ کاٻي_ساڄي بہ لکي ويندي هئي.

**خطاطي/خوشخطي** (Calligraphy):

خوبصورت هٿ لکڻي. پين يا قلم يا پينسل سان لکيل خوبصورت ۽ وڻندڙ لکت. اڳي جڏهن ڪتاب جي ڪمپوزرائيزڊ لکت يا ٽائيپنگ جو بندوبست نہ هوندو هو تڏهن خوشخطي جي وڏي اهميت هوندي هئي. اڄ بہ خطاط خوبصورت نموني قرآن شريف ۽ ٻين ڪتابن جي ڪتابت ڪري داد حاصل ڪندا آهن.

**خط نويسي** (Letter Writing):

"خط" والدين، ڀائرن، گهر جي ڀاتين، چاچن، مامن، ٻين عزيزن، دوستن، عالمن، اديبن، استادن، شاگردن ۽ وڏين شخصيتن ڏانهن لکيو ويندو آهي. خط، غيرافسانوي ادب جو هڪ قسم آهي. خط نويسيءَ جي تحرير دل جي اندرئين تَهہ مان نڪرندڙ صنف آهي. جيڪا مختلف ارتقائي مرحلا طئي ڪري اڄ اِنشاپردازيءَ جي اوچي مقام تي پهتي آهي ۽ اعليٰ ادب جو رتبو ماڻي چڪي آهي. خط اڳتي هلي اڌ ملاقات جي صورت اختيار ڪري ويو.

خط لفظن جو روپ ڌاري جڏهن تہ "اڌ ملاقات" بڻجي ويندو آهي.ادبي دنيا ۾ خطن کي وڏي اهميت آهي. دنيا جي اعليٰ ادب ۾ مارڪس سِسَرو (106_43BC)، مائيڪل انجلو (1564_1475 ع)، روسو (1778_1712 ع)، ورڊس ورٿ (1850_ 1770 ع)، مخدوم محمد معين ٺٽوي (متوفي 1161هہ)، مرزا غالب، جواهر لال نهرو، ابوالڪلام آزاد، سائين جي. ايم. سيد، علامہ آءِ آءِ قاضي، محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز ۽ ٻين علم، ادب، سياست ۽ فن لطيف جي مختلف شعبن ۾ پنهنجو پاڻ موڪيندڙ اڪابرن خط نويسيءَ جي شهرت کي بلندين تائين پهچائي ڇڏيو آهي.

**خطوطي ناول**(Epistolary Novel):

اهو ناول جنهن جي ڪهاڻي خطن وسيلي بيان ٿيل هجي. انگريزي ادب جو پهريون ناول "پاميلا" خطن وسيلي ڪيل آهي. سنڌيءَ ۾ انجم هالائي جو ناول "پياري نازنين"، الله بخش ٽالپر جو "اداسيءَ جون آهون" خطوطي ناول جو سٺو مثال آهن.

**خطبو** (Address):

خطبو لفظ خطاب مان ورتل آهي، جنهن کي سنڌيءَ ۾ مذهبي خطاب يا واعظ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. خطبن ۾ اسلامي تعليمات جو پيغام ڏنو ويندو آهي. قرآن ۽ حديث جي روشنيءَ ۾ مذهبي فريضا سيکاريا ويندا آهن. خطبا اڪثر نثر ۾ هوندا آهن پر سنڌيءَ ۾ ڪيترا خطبا شاعريءَ ۾ به لکيل آهن. مولوي غلام رسول جتوئي جا خطبا اڄ تائين جمعي جي نماز ۾ پڙهايا ويندا آهن.

**خفيه تحرير** (Cipher):

لڪت، تحرير جنهن ۾ خفيه طريقو استعمال ڪيو ويندو آهي، جيئن ڪو عام ماڻهو اهڙي تحرير پڙهي نه سگهي. ان لکت ۾ حرفن کي تبديل ڪري نئين معنيٰ ڪڍي ويندي آهي.

**خلاصو** (Summary):

اختصار سان پيش ڪرڻ. ڪنهن ڪتاب، تقرير يا فلم وغيره کي مختصر ڪرڻ جو عمل يا حالت. مثال طور روسو (1712_1778ع) جي ڪتاب ايمائل (Emile) کي عام پڙهندڙ جي سهولت لاءِ خلاصو ڏئي پيش ڪرڻ وغيره.

**خوجڪي رسم الخط** (Khojki Script):

خوجڪي رسم الخط به سنڌي رسم الخط جو پراڻو نمونو آهي، جنهن ۾ اسماعيلي خوجن جو مذهبي ادب لکيو ويو آهي. اها لپي پير صدرالدين ايجاد ڪئي، يا ان ۾ اصلاح ڪئي. ان کي "چاليهه اکري" يا "پير صدرالدين (1290_1409ع) جي سنڌي" يا "خوجڪي سنڌي" به چيو ويجي ٿو. خوجڪي سنڌي خصوصي طور تي خوجا ڪميونٽي استعمال ڪندي آهي. جيتوڻيڪ اسماعيلي خوجن جو تعلق ايران_سينٽرل ايشيا سان هو، پر سنڌ ۾ انهن جي تبليغ جو ذريعو مقامي ٻولي هئي جنهن ڪري سندن رسم الخط ۽ ادب جو اثر سنڌ ۾ به ٿيو.

خوجڪي رسم الخط جو تعلق ڪاٻي هٿ کان شروع ٿيندڙ رسم الخط سان آهي، جنهن جي الفابيٽ ۾ ماترائون ناگري لپيءَ وانگر لڳايون وينديون آهن. خوجڪي رسم الخط ۾ لکيل ڪيترائي مواد موجود آهي، جنهن ۾ گنان به اچي وڃن ٿا.

**خود آگاهي** (Self Awareness):

خود آگاهيءَ مان مراد ذات ۽ پنهنجي ذاتي صلاحيت کي سڃاڻڻ آهي. يعني انسان کي معلوم ٿئي ته هو ڇا آهي، ڪٿان آيو آهي ۽ سندس زندگيءَ

جو مقصد ڇا آهي. هي لفظ صوفي شاعرن لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جن جو درس آهي تہ 'جنهن پاڻ سڃاتو، تنهن رب کي سڃاتو.' شاهہ لطيف چيو آهي تہ:

"صوفين صاف ڪيو، ڏوٿي ورق وجود جو

**خود اقراريت** (Solipsism):

اهو نظريو تہ وجود فقط پنهنجي ذات (Self) آهي يعني پنهنجي ذات ۽ نفس کانسواءِ ڪوبہ حقيقي وجود نہ آهي. "فقط آءٌ ئي آهيان" جو نظريو.

**خود ڪلامي** (Monologue):

لفظ مونو لاگ اصل ۾ يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ٻن لفظن: Monos (مونس) يعني اڪيلو (Alone) ۽ Logue يعني ڳالهائڻ (Speak) مان ٺهيل آهي. هيءُ لفظ مونو لاگ وجود ۾ آيو جنهن ۾ فقط هڪ طرفو ڳالهائڻ هوندو آهي. خود ڪلامي يا مونو لاگ جو ادب ۾ سڀ کان پهريون مثال، مشهور يوناني ڊرامہ نگار سوفوڪليز (Sophocles) جي ڊرامن ۾ ملي ٿو. ان جو ئي هڪ ٻيو قسم آهي پنهنجو پاڻ سان ڳالهائڻ ان کي 'Soliloquy' چئبو آهي. خود ڪلاميءَ جو اصطلاح خصوصي طور ڊرامن سان منسوب هو. شيڪسپيئر جي اڪثر غمگين ڊرامن ۾ مرڪزي ڪردار پاڻ سان ڳالهائين ٿا.

مونو لاگ قديم شيءِ آهي. پر سنڌيءَ ۾ انهيءَ ٽيڪنڪ تي تمام گهٽ لکيو ويو هي. سڀ کان پهريون نالو امر لعل هنگوراڻيءَ جو سامهون اچي ٿو جنهن جي افساني "ادو عبدالرحمان" جو ڪردار ٻين جي موجودگيءَ ۾ يڪ طرفو ڳالهائي ٿو. انهيءَ کان گهڻو پوءِ 1965 ۾ هريش واسواڻيءَ جو ساهت ڌارا رسالي ۾ هڪڙو مونو لاگ ڇپيو. پاڻ سان پاڻ ڳالهائڻ واري انداز ۾ فني لحاظ سان اهو مڪمل مونو لاگ آهي ۽ شايد سنڌيءَ ۾ پهريون پورو مونو لاگ ۾ افسانو آهي. "روشني جي تلاش"ناول ۾ آغا سليم هڪ نئين ٽيڪنڪ خود ڪلامي (Monologue) شامل ڪئي آهي. سنڌي ڊرامن ۾ خود ڪلاميءَ جا ڪيترا مثال ملن ٿا. ان کان علاوه سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ بہ خودڪلاميءَ جا بيشمار مثال موجود آهن. خاص طور 1970ع کان پوءِ جديديت واري دور ۾ شوڪت شوري، مشتاق شوري، نور گهلوءَ ۽ ٻين خود ڪلاميءَ جي طرز ۾ ڪهاڻيون لکيون آهن. شبنم جو هڪ طويل نظم "خود ڪلامي" جي نالي سان شايع ٿيل آهي.

**خود نوشت** (Holograph):

اهو داستان، آتم ڪٿا يا وصيت جيڪا ڪنهن شخص يا ليکڪ جي لکيل هجي ۽ ان جي آخر ۾ صحي ٿيل هجي. هن قسم جي تحرير ۾ ڪنهن جي وصيت (Will) يا تاريخ ساز شخصيت جو پويان ڇڏيل راز، رمزون يا واقعا هوندا آهن.

**خوف/دهشت ڪهاڻي** (Horror story):

افسانوي انداز ۾ اهڙي ڪهاڻي جنهن ۾ خوف ظاهر ڪندڙ ماحول ڏيکاريو وڃي . فلمن جي دنيا ۾ خوف ڏيارينڊڙ ڪهاڻيون تمام عام آهن. انگريزي فلمن جون اڪثر ڪهاڻيون خوف ڏيارينڊڙ ڪهاڻين تي مبني هونديون آهن. هنن ڪهاڻين ۾ جن ڀوت، دهشت گردي، خوف ، قتل، جاسوسي، پوليس ۽ هراس وغيره خاص جزا هوندا آهن .اڄ ڪلهه سائنس فڪشن جي ڪري بہ اهڙيون ڪهاڻيون عام ٿي ويون آهن.

**خيالي يا انوماني لکت** (Idiographic Writing):

تصويري لکت وسيلي، انساني جذبن جي ترجماني نٿي ڪري سگهجي. ان قسم جي اظهار لاءِ اهڙين تصويري لکتن کي ذريعو بڻايو ويو. جنهن ۾ مقصد سان گڏ ترجماني بہ شامل هئي. مثال طور سج لاءِ سج جي چمڪندڙ تصوير تہ تصويري لکت چئبي، پر ڏينهن يا روشنيءَ جو خيال ظاهر ڪرڻ لاءِ سج نڪرندڙ ڪرڻا ڏيکاريا وڃن. رات لاءِ چنڊ ستارا، اک مان ڳوڙها ڪرڻ يعني ڪنهن جو روئڻ، مطلب تہ اهڙيون تصويرون جوڙيون ويون، جن مان اظهار نڪري. هن قسم جي لکتن کي ”ڪشف الخيالات“ بہ چيو ويندو آهي.

## ڊ

**داخليت** (Subjectivism):

اها تحرير/شاعري جنهن ۾ ذاتي خيالن، تاثرن ۽ زندگيءَ جو اثر نمايان طور نظر اچي. رومانوي لکڻين ۾ ذاتي داخليت جو اثر وڌيڪ هوندي آهي.

**داخلي شاعري** (Subjective Poetry):

هر اديب يا شاعر وٽ ٻن قسمن جي دنيا هوندي آهي. هڪ دنيا سندس ذاتي هوندي آهي، يعني "داخلي" هوندي آهي. ٻي دنيا سندس ذات کان ٻاهر هوندي آهي. ان کي "خارجي" دنيا چئبو آهي. جڏهن هو ذاتي زندگيءَ بابت شاعري ڪندو آهي يا لکندو آهي ۽ ان ۾ ذاتي تجربا، مشاهدا ۽ احساس شامل ڪندو آهي ته اها داخلي شاعري سڏي ويندي آهي.

**دادائيت** (Dadaism):

'دادائيت' دراصل فن، ادب ۽ موسيقيءَ ۾ هڪ تحريڪ هئي، جنهن ۾ مروج فني ۽ سماجي قدرن جو مذاق اڏايو ويو. هن قسم جي رجحان جو آغاز سوئيٽزرلينڊ ۾ "ٽوئسن ٽسارا" ۽ هن جي همعصرن ڪيو. ٿوري وقت ۾ هن تحريڪ پنهنجي وقت جي سيني اخلاقي ۽ ذهني تحفضات کي بالائي طاق رکي فن ۾ هر ٻي راهه رويءَ کي جائز ٺهرايو. دادائيت جي ان منفي رجحان ۽ ان جي ٻي اعتدالين ڪري ان شريڪ جا ڪيترا حامي ان کان جدا ٿي ويا. هن قسم جا نقاد انهيءَ ٿي تحرير کي سٺو سمجهن ٿا، جنهن ۾ فني ٻي راهه روي ۽ روايت کان بغاوت هجي.

سنڌيءَ ۾ هن قسم جو رجحان عام ٿي رهيو آهي. جيتوڻيڪ هن قسم جي ادب جي مخالفت به تمام گهڻي ٿي آهي. تڏهن ٻه گهڻا ايا اڳتي آهن. البته ايترو ٿيو آهي ته ڪي سنجيده اديب ۽ نقاد احتياط کان ڪم وٺڻ لڳا آهن.

**داستان/قصا** (Tales):

سنڌي ناول/ڪهاڻيءَ جو سفر آکاڻي، داستان ۽ قصي کان شروع ٿيو آهي. داستان/قصن جو پلاٽ ناول وانگر منظم هئڻ بدران پيچيده ۽ منجهيل هوندو آهي.

ليڪن ان پيچيدگيءَ ۾ به دلڪشي هوندي آهي. ٻئي طرف داستان/قصي ۾ ماحول اجنبي ۽ اوپرو هوندو آهي. خيالي واقعن کان علاوه هن ۾ عجيب دنيا جهڙوڪ، پريون، ڪوهه قاف واري دنيا هوندي آهي.قصن جا ڪردار عشقيه، سنائي ۽ بدڪاري تي مشتمل هوندا آهن. قصن ۾ ڪردار نگاري هميشه مافوق الفطرت هوندي آهي. جڏهن ته ناول ۾ ڪرداري نگاري هميشه اصل ۽ عام زندگيءَ مان هوندي آهي. قصن ۾ عام طور تي ديو بادشاهه، شهزادا وغيره ٿين ٿا. جڏهن ته ناول ۾ هر انسان پوءِ پلي ڪهڙي به طبقي سان تعلق رکي، اهو ڪردار هوندو آهي. قصن ۾ نمودار ٿيندڙ واقعا هميشه غير فطري هوندا آهن. قصا قديم دور کان هر ٻوليءَ ۾ رائج هوندا آهن. سندن مقصد اخلاقيات جي تبليغ ۽ بهادرن جا ڪارناما ۽ عشقيه داستان هوندا آهن.

قصو نثر ۾ به لکي سگهجي ٿو ته نظم ۾ به. سنڌي ٻوليءَ ۾ "گل خندان"، "الف ليليٰ"، "داستان امير حمزه"، "چار درويش"، "طوطي نامو"، "سيف الملوڪ"، "حاتم طائي"، "گل بڪا ولي" ۽ ٻيا ڪيترائي عشقيه ۽ رزميه قصا مقبول آهن. ان کانسواءِ "سسئي پنهون"، "سهڻي ميهار" ۽ "ليلا چنيسر" جا به قصا مشهور رهيا آهن جن مان شاهه لطيف به استفادو ڪيو.

**دانشور** (Scholar):

ڏاهو دانشمند، حڪمت ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون ڪندڙ. عالم ۽ اديب جڏهن ڏاهپ جي منزل تي پهچندا آهن تڏهن اديب هجڻ سان گڏوگڏ دانشور به سڏبا آهن.

**دراهو** (Duraho):

دراهو هنرجو هڪ اهڙو قسم آهي، جنهن ۾ سگهڙن ۽ شاعرن ٻنو هنر ڪم آندو آهي يا ٻن قسمن جي لڪ رکي آهي. دراهو فارسي لفظ آهي. دو (ٻه)+ راهه= رستو، ٻن راستن وارو.

**درٻاري شاعري** (Skadic Verse):

درٻاري شاعرن جي حڪمرانن جي مشهوري ۾ ڪيل شاعري.

**درٻاري ليکڪ** (Court - Writer):

اهو ليکڪ جيڪو حڪمرانن جي شان ۾ قصيدا ڳائي، چمچا گيري ڪري، سندن هر پاليسيءَ جي حمايت ڪري، مضمون ۽ ڪهاڻيون لکي ۽ شاعري

ڪري. هي ليکڪ پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ ڪم ڪندا آهن. اگر حڪمرانن جون پاليسيون عوام جي خلاف هونديون ۽ درباري ليکڪ ان جي حمايت ۾ لکندو آهي ته هن قسم جا اديب قوم ۽ ٻوليءَ جا غدار سڏيا ويندا آهن.

**درخواست** (Application):

درخواست اهڙي لکت کي چئبو آهي، جيڪا ڪنهن مقصد يا غرض لاءِ ڪنهن اعلي سرڪاري عملدار يا آفيسر جي خدمت ۾ موڪلي ويندي آهي. درخواست لکندڙ ان جي ذريعي پنهنجي گذارش پيش ڪندو آهي. شاگردن کي ٻه اسڪول جي هيڊ ماستر/هيڊماسترياڻي کي مختلف مقصدن لاءِ الڳ الڳ درخواستون لکڻيون پونديون آهن.

**درسي ڪتاب** (Text Book):

اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي يا مدرسي ۾ لازمي نصابي ڪتاب. سنڌ ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ ڄامشوري ۾ قائم ڪيو ويو آهي، جيڪو نصابي ڪتاب شايع ڪندو آهي. موجوده دؤر ۾ سنڌ حڪومت اسڪولن ۽ ڪاليجن جي شاگردن کي مفت درسي ڪتاب فراهم ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي.

**دريا پنٿي** (Water Worshiprs):

سنڌو درياهه جي پوڄا ڪندڙ. يا ورن ديوتا (درياهه جي ديوتا. جي پوڄا ڪندڙ هندو) اهي جل پوڄا ڪندڙ هوندا آهن.

**دستاڳ** (Destag):

ڪوهستاني علائقي جي خاص ٻرولي. اها ٻرولي جنهن ۾ ٻهريائين پڇٽي واري چيز جا اهڃاڻ ۽ اشارا آيل هجن. پر اڳتي هلي ان تان ڦري وڃجي. مثال طور: "نچي ٿو ناچو خان، پر ناچو ٻه ناهي"

**دستاويز** (Document):

حڪومت جي مهر وارو ڪاغذ. هن قسم جي ڪاغذ تي ڪنهن ٻه سودي، واپار جي لکت ، خريد و فروخت جي شاهدي، قسم نامون وغيره سرڪاري طور شاهدن جي صحيءَ سان لکيو ويندو آهي.

**دستاويزي فلم** (Documentary):

اهڙي فلم جيڪا ڪنهن شخصيت جي جيون ڪهاڻيءَ تي ٻڌل هجي، اهڙي فلم جيڪا ڪنهن جڳهه ، يا مڪان تي ٺهيل هجي، اهڙي فلم جيڪا ڪنهن واقعي تي ٺهيل هجي، اهڙي فلم جيڪا ڪنهن ملڪ يا خطي جي سياسي،

سماجي، جاگرافيائي، فطري منظرن، سياحت ، مذهبي حالتن وغيره تي ٿهيل هجي. هن قسم جي فلم ۾ تحقيقي انداز ۾ پس پرده يا پيش پرده ڪهاڻي ٻڌائي ويندي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ ڪهاڻيءَ جا منظر به ڏيکاريا ويندا آهن.

**دستخط/صحي** (Signature):

هٿ جي لکت، هٿ اکر، صحيءَ جو نشان. هيءَ مختصر مگر اهم نشاني جئي سگهجي ٿي. سرڪاري ۽ مالياتي وهنوار ۾.

**دعائيه شاعري:**

اها شاعري، جنهن ۾ ڌڻي تعاليٰ کان پنهنجي مسئلن، رهنمائي، نيڪي، مدد وغيره لاءِ دعا گهريل هجي. مثال طور شاهه جو بيت هيٺ ڏجي ٿو:

جيڏو تنهنجو نانءُ ٻاجهه به اوڏيائي مگان
ري ٿنبي ري ٿوڻيي، تون ڇپر تون ڇان
ڪياڙو ڪهان، توکي معلوم سڀڪي.

**دلوراءِ** (Dilorai):

سنڌ جو مشهور لوڪ داستاني ڪردار. دلوراءِ لاءِ روايت آهي ته هو برهمڻ آباد جو راجا هو. هي نيم عشقيه داستان ان وقت جو آهي جڏهن سومرن جي حڪومت لاڙ ۾ قائم ٿي هئي. راجا دلوراءِ سنڌ تي حڪومت ڪندو هو. ڪيس ڏمڻ سوناري نالي وزير هو.

**دليلي مضمون** (Argumentative Essay):

استدلالي يا دليلي مضمون ۾ ڪنهن به موضوع، خيال ۽ بيان کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ان جي حق ۾ يا مخالفت ۾ دليل ڏيڻا پوندا آهن. اهڙي طرح بحث کي عقلي، اپياسي معلومات جي روشني ۾ حل ڪيو ويندو آهي. مثال طور "وقت جي پابندي"، "تندرستي"، "ورزش جا فاعدا"، "عورتن جي تعليم" وغير سٺا مثال آهن.

**دم** (Colon):

هڪ بيهڪ جي نشاني. ڪا ڳالهه ٻڌائڻي هجي، ڪو پهاڪو ڏيڻو هجي، يا ڪنهن جو چيل جملو دهرائڻو هجي، پر لفظ جيئن يا تئين quotation نه هجن، ته اهي دهرائڻ کان پهرين ڪولن لڳندو.

مثال: پهاڪو آهي: سچ تہ بيئو نچ.
هن جي ڳالهہ سچ نڪتي تہ: جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي، ضرور منهن پر ڪرندو.
جڏهن ڪي تفصيل اڳتي ڏيڻا هجن تہ بہ ڪولن لڳندو آهي. مثال طور:
ڪراچيءَ ۾ پنج ضلعا آهن: ڏکڻ، اتر، اولهہ، اوڀر ۽ سينٽرل.
ڪا فهرست ڏيڻ ڪان اڳ پڻ ڪولن لڳائبو.
وقت ڏيکاريندڙ انگن وچ ۾ بہ ڪولن ڪم آڻبو آهي.

**دنيوي علوم** (Worldly Science):

اهي علم جيڪي مادي دنيا جي حقيقت بابت هجن. انهن علمن جو دائرو مادي دنيا تائين محدود هجي. سيئي سائنس مضمون ۾ دنيوي علمن جي زمري اچن ٿا.

**دودو چنيسر** (Dodo-Chanesar):

سنڌ جي تاريخ ۾ دودي چنيسر جو رزميہ قصو وڏي اهميت رکي ٿو. جڏهن ڀونگر سومري جو انتقال ٿيو تڏهن جانشين مقرر ڪرڻ جو مسئلو پيدا ٿيو. سنڌس بہ پٽ دودو ۽ چنيسر موجود هئا. دودو ننڍو هو، پر ڏاڏي پوٽي ماءُ مان ڄائو هو. جڏهن تہ چنيسر وڏو هو، پر سندس ماءُ ڏارين هئي. ال تہ چڱن مڙسن چنيسر جي حق ۾ فيصلو ڏنو، پر پوءِ اميرن وزيرن چنيسر کي نظر انداز ڪري دودي کي ملڪ جو بادشاهہ چونڊيو. چنيسر پنهنجي بيعزتي ڏسندي دهليءَ جي سلطان علاوالدين خلجي (وفات 1316ع) وٽ پهتو ۽ کيس پنهنجي ڀيڻ ٻاگهيءَ جي سڱ جي آڇ ڏئي پنهنجي حق ۾ ڪيائين ۽ ائين هڪ ڌارئين سلطان 1298ع ۾ سنڌ تي حملو ڪيو.

هي تاريخي قصو سنڌي شاعريءَ ۽ ادب جو موضوع رهيو آهي. ڪيترن ئي شاعرن قصي کي شاندار نموني ڳايو آهي. هن قصي ۾ قوم پرستيءَ واري رجحان کي بيان ڪيو ويندو آهي ۽ دودي سومري کي سنڌي سورمي طور بيان ڪيو ويندو آهي.

**دؤر** (Period):

تاريخن کي مختلف دؤرن ۾ ورهايو ويندو آهي. اهڙي طرح ادب جي تاريخ کي بہ مختلف دورن ۾ ورهائبو آهي. ان کان پوءِ وري دؤرن ۾ لاڙا ۽ ادبي تحريڪون ۽ منزلون بہ اچي وينديون آهن. سنڌي ادب بہ مختلف دورن ۾ ورهايل آهي. ستيش روهڙا صاحب پنهنجي ڪتاب چنڊ چاڻ ۾ سنڌي ادب جا هيٺيان دور، منزلون ۽ ڌارائون ڄاڻايون آهن.

## سنڌي ادب جا دؤر ۽ منزلون




ادبي تاريخون گهڻو ڪري ان دور سان وابستہ مشهور ادبي شخصيتن سان منسوب ڪيون وينديون آهن يا وري سياسي دؤرن سان منسوب ڪيون وينديون آهن. انگريزي ادب جي تاريخ، ان دؤر جي مشهور ليکڪن سان منسوب آهي مثال طور شيڪسپيئر جو دؤر، ملٽن جو دؤر (جنهن کي ايلزبيٿن دور بہ چون) وليم ورڊز ورٿ جو دؤر وغيره وغيره. سنڌي ادب کي سياسي دؤرن سان ملايو ويندو آهي. مثال طور:

1. قديم دور کان راءِ دؤر تائين 432ع
2. راءِ دؤر (432_ 612ع)
3. برهمڻ دؤر (612 - 712ع)
4. عرب دؤر (712 - 1050ع)
5. سومرن جو دور (1050- 1352ع)
6. سمن جو دؤر (1352- 1520ع)
7. ارغون جو دؤر (1521- 1555ع)
8. ترخان دور (1555-1592ع)

9. مغلن جو دؤر (1592-1700ع)
10. ڪلهوڙن جو دور (1700_1782ع)
11. ٽالپرن جو دؤر (1782 — 1843ع)
12. انگريزن جو دؤر (1843 — 1947ع)
13. ورهاڱي کان پوءِ وارو دؤر (1947ع کان جاري.....)

**دؤرائو**(A Couplet):

شاعريءَ جو قسم، جنهن ۾ ٻن جدا معنائن يا مرادن وارو هنر_ بيت شامل هوندا آهن

**دوهو**(Doho):

دوهو هندي لفظ دوها مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ٻن مصرعن يا سٽن وارو بيت. "ڏوهيڙو" سنڌي شاعريءَ جو هڪ قديم فن آهي، جنهن سمن ۽ سومرن جي دور ۾ ترقي ڪرڻ شروع ڪئي، هندي زبان ۾ هن فن کي "دوهرو" يا "دوهو" چوندا آهن. دوهي جي حساب سان شيخ حماد جماليءَ (وفات 1368ع) کي سنڌيءَ جو پهريون شاعر چيو ويندو آهي.

جي پيڻا سي نہ منجهڻا، جي پچن سي وير،
جو لکڻ منجهہ ماڙوئين، سو مکڻ منجهہ کير.
(شاهہ عبدالڪريم)

**دوهو سورٺو**(Doho Sortho):

هن قسم جي بيت ۾ اڪثر ائين ٿيندو آهي تہ پهرين سٽ ۾ قافيو آخر ۾ ۽ ٻي سٽ ۾ قافيو وچ ۾ ايندو آهي. يا وري ائين بہ ٿيندو آهي تہ پهرين سٽ ۾ قافيو وچ ۾ ايندو آهي ۽ پوئين سٽ ۾ آخر ۾ ايندو آهي. مثال:

هاڪ وهندو هاڪڙو پڇندي ٻنڌ اروڙ
بهہ مڇي ۽ لوڙهہ، سمي ويندا سوڪڙي.
(ماموئي فقير)

**دويت** (Dualism):

فلسفي جي دنيا ۾ هر نظرئي ۾ هر صورت جي لحاظ کان بہ اصول عمل پيرا ٿيندا آهن. مثال طور خيال ۽ مادو، هيئت ۽ شڪل وغيره. يوناني ڏاهن دويت جي نظرئي کي متعارف ڪرايو، خاص طور تي افلاطون (424_347 ق_م) ان ۾ وڏو

ويساه رکندو هو. ان جو ضد "ادويت" آهي. تصوف ۽ ويدانت ۾ وحدت جو تصور آهي، جنهن ۾ شرڪ يا دويت جي نفي هوندي آهي.

**دهريت** (Atheism):

لفظ "دهر" جي معنيٰ آهي "زمانو" – "دنيا". دهريت جو نقطہ نظر آهي تہ اهي ماديت پرست هوندا آهن ۽ ڪنهن خيالي خدا جي وجود ۽ تصور جو انڪار ڪندا آهن. ان جو اطلاق انهن سيني فلسفين ۽ مفڪرن تي ٿئي ٿو جيڪي ڪائنات جي تجرباتي شعور بابت ۽ استدلال بنياد رکندا آهن ۽ ڪنهن لامحدود، لامڪان ذات تي يقين نہ رکندا آهن. نئين دور جا مارڪسي، منطقي اثباتيت، پراگمتيت ۽ منطقي جوهريت جا علمبردار ۽ خاص ڪري دهري فلاسفر سڏرائيندا آهن.هن نظريي کي گهڻي تقويت ڪميونزم جي دور ۾ حاصل ٿي.اهي ماڻهو نہ خدا جي هستيءَ کي مڃن ٿا ۽ نہ هن جي صفاتن جا قائل آهن. اهي ماڻهو عام طور تي مادي کي غير فاني ۽ مستقل تسليم ڪندا آهن. هنن جو خيال آهي تہ زمانو ازلي ۽ ابدي آهي ۽ هن زندگيءَ کان پوءِ ڪا بہ زندگي ناهي. هنن جو خيال آهي تہ قدرت جي قانون جو عمل دنيا جي هر ڪم جو ذميوار آهي هن ئي سان دنيا وجود ۾ آئي آهي ۽ هن ئي مطابق هن ۾ تغير ۽ تبديلي ٿيندي رهندي آهي، اهي هر ڳالهہ مان علت ۽ سبب ڳوليندا آهن، پران جي هوندي بہ هڪ متائين ذات جا بہ قائل آهن جن کي اهي قدرت يا فطرت جي نالي سان بيان ڪندا آهن.

**ديباچو**(Preamble):

ڪتاب جي تمهيد، مهاڳ. ڪتاب جي شروع ۾ ليکڪ ڪتاب جي مقصد ۽ وضاحت ڏيڻ لاءِ ديباچو لکندو آهي.

**ديسي (سُر)**:

سر ديسي هڪ راڳڻي آهي، جيڪا ديپڪ راڳ جي پنجن زالن مان هڪ آهي ۽ منجهند جو ڳائبي آهي. هن نالي سان شاهہ لطيف جو هڪ سر آهي هن سر ۾ سسئيءَ جي پڪي ارادي ۽ واٽ جي مونجهارن جو وستار بہ آهي. شاهہ لطيف هن سر ۾ سسئيءَ کي نهايت نازڪ انداز ۾ سندس نند کي ننديو آهي.

**ديسي ملڪي بولي** (Vernacular):

ڪنهن بہ ملڪ جي ديسي يا علائقي جي بولي، جيڪا عوام ۾ مروج هجي.

**ديوان** (Deewan):

"ديوان" فارسي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "ماڻهو جي گڏ ٿيڻ جي جاءِ" مجازاً 'ڪچهري'. اصطلاحي معنيٰ موجب، ڪنهن شاعر جي الف_ ب واري قافيي تي جوڙيل غزل جي مجموعي کي "ديوان" چئبو آهي، هن جي ڪن غزلن ۾، قافيي جي پٺيان 'رديف' به استعمال ڪيو ويندو آهي، پر اهو ضروري نہ آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ الف_ب جي 52 (ٻاونجاهہ) اکرن جي قافيي تي، پهريون مڪمل ديوان، آخوند گل محمد هالائيءَ جوڙي تيار ڪيو، جو "ديوان گل" جي نالي سان سنہ 1272هجريءَ ۾ پهريون دفعو بمبئيءَ مان ڇپجي پڌرو ٿيو، جنهن کان پوءِ ٻين سنڌي شاعرن بہ ديوان لکڻ شروع ڪيا. هن وقت سنڌي زبان ۾ اهڙا ڪيترائي ديوان ڇپيل توڙي اڻ ڇپيل صورت ۾ موجود آهن. "ديوان گل" کان پوءِ جيڪي ديوان هن وقت تائين سنڌيءَ ۾ ڇپجي چڪا آهن تن مان ڪن جا نالا هت پيش ڪجن ٿا:

"ديوان قاسم"، "ديوان بلبل"، "ديوان قليچ"، "ديوان بيڪس"، "ديوان نجفي"، "ديوان حافظ"، "ديوان صوفي"، "ديوان احسن"، "ديوان عطا"، "ديوان اسير"، "ديوان فاضل"، "ديوان حامد"، "ديوان فدا"، "ديوان بيوس"، "ديوان خاڪي"، "ديوان قادري"، "ديوان ڪرهي"، "ديوان غلام اڪبر"، "ديوان انجم"، "ديوان سانگي"، "ديوان بيدل"، "ديوان مجروح"، "ديوان مسڪين"، "ديوان واصف"، "ديوان حفيظ"، "ديوان مفتون"، "ديوان سامر"، "ديوان طالب المولىٰ".

**ديوان** (Deewan):

ڪلهوڙن، ٽالپرن ۽ اوائلي انگريزن جي دور ۾ سرڪاري ملازم جيڪي عامل جي عهدي تي فائز هوندا هئا، انهن کي جڏهن ترقي ملندي هئي تڏهن انهن کي ديوان جي عهدي تي فائز ڪيو ويندو هو. جڏهن انگريزن ملڪ جو نظام سنڀاليو تڏهن لکت پڙهت فارسيءَ ۾ هلندڙ هئي سرڪاري دفترن آڏو ويٺل عامل ان کي فارسيءَ ۾ لکندا هئا ۽ انگريز آفيسرن کي وري انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڏنا ويندا هئا. مطلب تہ ديوان پنهنجي دور جا ڪامورا هوندا هئا. مثال طور ديوان ننديرام، ديوان اڌارام.

**ديومالا** (Mythology):

ڏسو ڏندڪٿا.

**ديو ناگري رسم الخط** (Dev Nagri Script):

برهمّي لپيءَ مان ترقي ڪري جڙيل رسم الخط. ديوناگري رسم الخط صدين کان هندو مذهب جو مقدس خط رهيو آهي. ڪيترائي مذهبي ڪتاب ۽ سنيها هن رسم الخط ۾ لکيل آهن. گڏيل هندستان، ايشيا ۾ ”ننڍي کنڊ“ (Sub continent) سان مشهور آهي، هن پوري خطي ۾ صدين کان سنسڪرت ڌرمي زبان ۽ ديو ناگري ڌرمي رسم الخط رهيو آهي. ديو ناگري رسم الخط هميشہ کاٻي کان ساڄي طرف لکيا ويندا آهن. مرليڌر جيتلي مطابق سڄي ”ڀارت ۾ ۽ ڀارت کان ٻاهر پڻ، ٻين ڪئين ملڪن ۾ ديوناگري لپيءَ جي ڦهلاءَ جو مکيہ سبب اهو آهي تہ اها مڪمل طور تي سائنسي سرشتي واري آهي. هن لپيءَ ۾ ماترائن جو استعمال لازمي هئڻ ڪري لکيل ٻوليءَ ۽ ڳالهائڻ جي ٻوليءَ جي روپ ۾ گهٽي ۾ گهٽي مشابهت آهي.

# ڍ

**ڍاٽ:**

ٿر جي وچواري ٽڪريءَ کي ڍاٽ چئبو آهي. هن حصي ۾ عمرڪوٽ، ڇاڇرو تعلقو ۽ مٺيءَ جو ڪجهه حصو اچي وڃي ٿو.

**ڍاٽڪي (Dhatki):**

سنڌي ٻوليءَ جي ڍاٽڪي لهجي کي "ڍاٽي" ۽ "ٿري" نالن سان به سڏيو ويندو آهي. هن لهجي جي مکيه زمين ٿر خاص طور تي ٿر جو ڍاٽ وارو علائقو آهي. ڍاٽڪي، مارواڙي ۽ ڏراوڙيءَ سان به ويجهڙائپ رکي ٿي.

**ڍاٽيئڙو (Dhatiaro):**

"ڍاٽيئڙو" ٿر جو جمالو آهي. ڍاٽيئڙو، ڍاٽي، ڍول، ٿر جا ٿري ماڻهو خاص ڪري ڏنار ڳائيندا آهن:

ساروتان سيارو، مون گندي ۾ گذاريو
رلِيءَ جي رولاڪي، ماريوڙي ڍاٽيئڙا
هيلو ڪووري آ

**ڍول مارو (Dhol Maroo):**

هي رومانوي داستان ٿري/راجستاني خطي سان واسطو رکي ٿو. هن داستان جا مرڪزي ڪردار ڍولو نروار ۽ مارل آهي. هي داستان سومرنَ جي اوائلي دور جو چيو وڃي ٿو. ڍولو نروار پنهنجي دور جو وڏو دلير حاڪم هو. ڍولي جي حاڪميت ڪانپوءِ جيڪي به حاڪم ٿيا، تن کي "ڍوليو" ڪوٺيو ويو.

# ڏ

**ڌارا/رجحان** (Trend):

ڌارا لفظ جي معنيٰ آهي "ادبي سرگرمي". جيڪا ڪنهن هڪ لکت يا ليکڪ تائين محدود نہ هجي، پر پنهنجي گهيري ۾ گهڻن لکتن ۽ ليکڪن کي سمائي سگهي. ڌارا ڪنهن ادبي گڏ-ڀاڱي جي سوچ آهي. ڌارا ڪنهن بہ وقت جي پابند ڪانہ هوندي آهي، ان ڪري ڪابہ ادبي ڌارا هڪ کان وڌيڪ دورن ۾ ڦهليل ٿي سگهي ٿي. جيئن سنڌي ادب جي اوائلي دور ۾ روحانيت جي ڌارا موجود هئي، جن ۾ شاهہ، سچل، سامي سميت ڪيترائي شاعر اچي وڃن ٿا.

**ڌاريپ/ويڳاڻپ** (Alienation):

دوست، ساٿين، مائٽن، رشتيدارن، معاشري وغيره کان ڌاريپ اختيار ڪرڻ هيءَ هڪ نفسياتي ڪيفيت هوندي آهي، جڏهن ڪو فرد پاڻ کي ان لائق نہ سمجهندو آهي تہ هو معاشري ۾ ڪو ڪردار ادا ڪري سگهندو. ادبي دنيا ۾ خاص طور تي وجودي فڪري لکڻين ۾ هن قسم جا ڪردار ائبسرڊ ناٽڪ ۾ وجودي فڪر ناول ۽ ڪهاڻين ۾ هن فلسفي جي نمائندگي ڪندا نظر ايندا آهن.

**ڌرم شالہ** (Dharamshala):

هندو تيرٿ ڪرڻ وارن، زائرين جي رهڻ وارن جي جاءِ اڄڪلهہ سيني طبقن ۾ مهمانن کي پئسن جي عيوض رهائڻ واري جڳهہ هوندي آهي، جنهن کي هنديءَ ۾ ڌرمشالہ چيو وڃي ٿو.

**ڌماچوڪڙي** (Spritual Dance):

راڳ يا ڳائي سان گڏ جهمر هڻڻ بلڙيءَ واري سيد عبدالڪريم بلڙي رحہ (1538_1623 ع) جي روضي تي پڻ هن قسم جو ناچ ٿئي ٿو، جنهن کي "شينهن" چوندا آهن. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ (1689_1752 ع) جي درگاهہ تي پڻ "ڌمال" جي روپ ۾ ڌما چوڪڙي لڳي ٿي، جنهن ۾ شينهن جيان زبان مان حرف "هو هو" جا لفظ ڪيندا آهن.

**ڌمال** (Qalandri Dance):

"ڌمال" جي لغوي معنيٰ آهي: ٽپ (ڪڏ) ڌم چوڪڙي ، هل (هنگامو) يا شور (غلغلو) .اصطلاحي محاوري ۾ دهل (نغاري) جي ڌن تي هڪ قسم جو راڳ آهي، جيڪو فقير باھ جي مچ آڏو بيهي ، پاڻ کي بيخوديءَ ۾ آڻي، مٿس نچندا ڪڏندا آهن.

صوفين وٽ ڌمال جو رواج صدين کان هلندو پيو اچي. هو انهيءَ ناچ کي ذڪر جو طريقو ۽ عقيدت جو اظهار سمجهن ٿا. گهڻو ڪري الله لوڪ درويشن، بزرگن ۽ صوفي فقيرن جي درگاهن تي ڌمال لڳندي آهي. لعل شهباز قلندر جي درگاھ تي پڻ ڌمال جو شغل صبح ۽ شام ٿيندو اچي ٿو

# ذ

**ذاتياتي تنقيد** (Personal Criticism):

تنقيد جي هن قسم ۾ نقاد ليکڪ جي انفراديت، ليکڪ جو انداز انهيءَ انداز ۾ تخليقي عمل دؤران وقت جي حالتن کي ڏسندو آهي.

تنقيد جي هن قسم ۾ فن جي پرک ۽ جاچ کي ڪا بہ اهميت نہ ڏني ويندي آهي. ان ڪري فني لوازمات بدران نقاد تخليق ۾ تخليقڪار ۽ سندس دؤرجي جهلڪ ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. تنقيد جو هي قسم ڪنهن بہ فن پاري يا تخليق جو معيار مقرر نٿو ڪري، پر وقت ۽ فرد جو بيان ڪري ٿو.

# ڏ

**ڏات**(Natural Talent):

خداداد صلاحيت يا قدرت طرفان مليل صلاحيت. اڪثر ماڻهن جو خيال آهي ته شعر ، شاعر جي زبان تي يا قلم تي بيساخته اچي ويندو آهي. اهو شعر انهن شعرن کان وڌيڪ لطيف ۽ وڻندڙ هوندو آهي، جيڪو غور و فڪر کان پوءِ لکيو ويندو آهي، شاعر جي اهڙي صلاحيت کي "ڏات" يا وجدان چيو ويندو آهي.ڏات قدرت جي طرفان تحفو هوندي آهي. ڏات ڏٺين وٺ سوچڻ ۽ خيالن جي تمام وڏي حساسيت هوندي آهي.

**ڏٺ**(Dith'a):

ڏَٺ لفظ جي معنيٰ آهي 'ڏٺل شيءِ'. ڏَٺ لوڪ ادب جي مکيه ۽ تمام ڏکي صنف آهي. هن ۾ ڪو شاعر يا سگهڙ ڪنهن شيءِ/واردات کي ڏسي، ان کي بيت يا فقري ۾ لڪائي پيش ڪندو آهي. هن صنف کي عام طرح "بيت" ۾ يا نثري انداز ۾ پيجبو آهي. "ڏٺ" کي ڪي وري پرولي به چون، ليڪن جوڙجڪ ۽ مضمون جي لحاظ کان پرولي ۽ ڏٺ ٻنهي ۾ گهڻو فرق آهي. ڇاڪاڻ ته ڏٺ" ۾ ڪنهن ڏٺل شيءِ يا ٻڌل ڳالهه کي لڪ ۾ پيش ڪبو آهي. مثال طور:

هڪ ماڻهوءَ ڏٺو ته مال جي پاڻ ۾ ڳتل منيءَ تي نانگ چپ هنيو وينو آهي، هن ڏٺ جوڙي ورتي:

"ماري وينو آمپ،

ماري وينو آمپ."

**ڏٺ پرولي** (Riddle):

ڏٺ پروليءَ ۾ ڪا شيءِ ڏسي يا ٻڌي هڪدم پرولي ناهي ڏيڻ کي چئبو آهي. ڏٺ پروليءَ ۾ ڪنهن وٿ يا واقعي جي تصوير چٽيل هوندي آهي ۽ هر پرولي اڪثر بيت جي صورت ۾ هوندي آهي. مثال طور:

نر[1]، نار[2] هٿ ۾، نار[2]، هٿ ۾ نار[2]،

اچا ڪٿي نهار، ته نار[3]، نارن[4] وچ ۾

(1) نر = آئينو (2) نار = عورت (3) نار = ڦٽي (4) نارن = وارن

مطلب تہ:

آئينو عورت هٿ ۾، عورت هٿ ۾ ڦٽي
اجا نهار ڪٽي تہ ڦٽي وارن ۾!

**ڏنگيون** (Brackets):

لکيل يا ڳالهايل لفظن (Quotations) ۾ جيڪڏهن ڪا سمجهاڻي ڏيڻي هوندي آهي تہ اها ڏنگين ۾ لکبي آهي. ڪنهن جملي ۾ ڪو اهڙو لفظ هجي، جنهن جي وضاحت ضروري سمجهجي، تہ ان جي معنيٰ ڏنگين ۾ لکبي.

مثال: ڪالهہ سينيٽ (يونيورسٽيءَ جي) جي ميٽنگ هئي.

جملي ۾ ڪا رقم انگن ۾ لکيل هجي تہ اکرن ۾ اها ڏنگين ۾ لکبي، ۽ جي اکرن ۾ هجي تہ انگ ڏنگين ۾ لکبا.

مثال: هن کان 100 (سئو) رپيا مليا.

جيڪڏهن ڪنهن لکڻيءَ ۾ ڪو حوالو اُتي جو اتي ڏيڻو هجي، تہ اهو بہ ڏنگين ۾ لکبو.مثال: مزدورن کي سال جون 25 موڪلون ڪرڻ جو حق حاصل آهي. (ليبر لاءِ صفحو.....)

**ڏور:**

ڏور لوڪ ادب جي هڪ اهڙي صنف آهي جا سگهڙن جي ڪچهرين ۾ ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. ڏور جي معنيٰ آهي ڪنهن شيءِ کي ڏوري يا ڳولي ڪڍڻ جهڙي نموني ڳجهارت ۾ ڪو ڳجهہ هوندو آهي اهڙي نموني ڏور جي بيت جي صورت ۾ ڪا ڏاهپ رکي ويندي آهي. ڪلهوڙن جي دؤر ۾ جلال ڪٽي ڏور جو وڏو شاعر هو. ڪن سگهڙن پنائيءَ جي بيتن مان بہ ڏور ناهيا يا ڳوليا آهن. 'ڏور شهزور' چيو ويندو آهي. ڏورن جون روايتون اڪثر ڪمزورُ هونديون آهن. بهرحال هي هڪ ڏکيو فن آهي.

**ڏند ڪٿا** (Mythology):

تاريخ کي پڙهڻ پروڙڻ سان خبر پوي ٿي تہ تاريخ انساني جدوجهد، ارتقا، سماجي تبديلين جي حقيقي ۽ سچي روداد آهي، جنهن ۾ پراڻي قبائلي نظام کان غلاميءَ جي دور، غلاميءَ جي دور کان جاگيرداري، جاگيرداريءَ کان سرمائيداريءَ دور ۽ ان کان سوشلزم ڏانهنُ انساني سفر جا سچاداستان ملن ٿا. پر اهي واقعا لکڻ کان اڳ زباني روايتن ذريعي پکڙيا تہ انهن ۾ غير حقيقي ڳالهيون بہ شامل ٿينديون ويون. ان ڪري انهن کي 'روايتي تاريخ' چيو ويو.

قديم يونان کان وٺي مشرق تائين هر ٻوليءَ ۾ اهڙا قصا، لوڪ ڪهاڻيون، واقعا، مذهبي، سياسي، سماجي ۽ معاشي روايتون حادثا بيان ٿيل هوندا آهن ، جن کي موجوده ذهن قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ هوندو اهڙن قصن ۽ ڪهاڻين کي خيالي قصا، مائٿولاجي يا ڏند ڪٿائون چيو ويندو آهي. ڏند ڪٿائي قصن کي ’ديو مالائي قصا‘ بہ چيو ويندو آهي. ڏند ڪٿائن ۾ اڪثر ديو، پريون، ديوتا، اوتار، پراسرار مخلوق خاص طور هوندا آهن. ادبي محققن جو خيال آهي تہ ڏند ڪٿائون ئي اوائلي ادب جي تخليق جو ڪارڻ آهن.

**ڏورو** (Doro):

ٿري لوڪ گيت، جنهن تازي پرڻجي ويل ڪنوار پنهنجي مائٽن کي ياد ڪندي ڳائيندي آهي. هوءَ پنهنجي ڳوٺ جي گهرن، تلائن ۽ برساتن کي ياد ڪندي آهي:

پڳ تان جهبڪي هار

ڏورو!

**ڏونڪن جو ناچ** (Dokli Dance):

عوامي ناچ جو هي قسم، خوشيءَ جي موقعي يا شادين وغيره تي پيش ڪيو ويندو آهي. گهڻو ڪري سنڌ جي ٿر واري علائقي ۾ هي ناچ زياده مروج آهي. ٻار کان ٻڍي تائين ڏونڪن جي ناچ فقط مرد ئي حصو وٺندا آهن. ناچ وجهندڙ پنهي هٿن ۾ ڏوڪلا ڪٽندا آهن. ان کان پوءِ دهل جي خاص وڄت (انداز) تي هڪ ٻئي سان ڏوڪلا هٽي سريلو آواز پيدا ڪندا آهن ۽ ڦيرا بہ پائيندا آهن، هن کي ’ڏانڊئي‘ راند بہ چوندا آهن.

**ڏهر** (Dahar):

لوڪ ادب جي هيءَ بہ هڪ اهم صنف آهي. هي لفظ اصل ۾ ذاهر اهي، جيڪو ”ڏاهر“مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڏس پتو سڌ. سياڻپ وغيره تہ ۾ ٻن پٽن جي وچ ۾ ماٿر يا گهٽي مٽيءَ واري ننڍي ميدان کي ڏهر چوندا آهن. شاهہ سائينءَ جي هڪ سر جو نالو بہ ڏهر آهي. هالا جي صوفي بزرگ، فارسيءَ جي عالم ۽ اوائلي شاعر مخدوم نوح (1505 ـ1590ع) جي درگاهہ جا مريد، پنهنجي مرشدن جي تعريف ۽ ذڪر جي سلسلي کي بہ ڏهر چوندا آهن. مخدوم طالب المولي (1919 ـ1993ع)، منٺار فقير راڄڙ ۽ ٻين جا ڏهر چيل آهن.

**ڏهس** (Dahas):

لوڪ شاعريءَ ۾ 'ڏهس' سينگار شاعريءَ سان واسطو رکي ٿو. هن قسم جي بيت ۾ ڏهه تشبيهون، ڏهه ڪنايا، ڏهه استعارا يا ڏهه نالا ڏنا ويندا آهن. اهي ڏهه نالا ڪڏهن هڪ ئي ٻوليءَ مان ته ڪڏهن وري مختلف ٻولين مان کنيا ويندا آهن. لوڪ شاعريءَ ۾ سگهڙپائيءَ جو هي هڪ اهم قسم آهي، جنهن جي هر بيت ۾ ڪنهن شيءِ جا هڪ کان وڌيڪ نالا ڏجن يا ڏهه نالا ڏجن. ان ڪي ڏهس نامو جٺبو آهي.

**ڏهوڪو** (Dahoko):

ٿري لوڪ گيت، جنهن ۾ عورت پنهنجي پرديس ويل محبوب کي ياد ڪندي گيت ڳائيندي آهي. ان ۾ انتظاري ۽ بي قراري هوندي آهي.

"ڏهوڪي ماري ڏو جي ٿي يا جان، ته ڪرٿي لاجان"

**ڏيڍ سٽا:**

ڏيڍ سٽا فارسيءَ جي مستزاد ۽ پنجابي گيت 'ماهيا' جي طرز تي چيا ويا آهن.هيءَ سنڌي شاعريءَ ۾ هڪ نئين صنف آهي. جيڪا آسانيءَ سان ڳائي سگهجي ٿي. هي ڏيڍ سٽا عروضي وزنن توڙي ڇند تي لکيا وڃن ٿا. شيخ اياز جا ڏيڍ سٽا ڪجهه 'مفعول مفاعيلن'، ڪجهه فاعلن مفاعيلن ۽ ڪجهه مفعول فاعلاتن جي وزنن تي لکيل آهن. جڏهن ته ٿورا ماترائن جي حساب سان به لکيل آهن.

ڏيڍ سٽي ۾ پهرين اڌ سٽ ٿئي ٿي، جنهن جي آخر ۾ قافيو اچي ٿو ۽ ٻي مڪمل سٽ هوندي آهي، جنهن جي آخر ۾ قافيو اچي ٿو جڏهن ته ڪجهه ڏيڍ سٽن جي پهرئين اڌ سٽ ۾ توڙي ٻي سڄيءَ سٽ ۾ قافين سان گڏ رديف پڻ استعمال ٿئي ٿو.

جڻ ڪُتِ ستائي ٿي
اي موت ائين مون کي، هيءَ رتِ ستائي ٿي!
(شيخ اياز)

(هي رديف واري نـ سٽي جو مثال آهي)

## ڊ

**ڊائجيسٽ (Digest):**

هڪ قسم جو رسالو جنهن ۾ سلسليوار ڪهاڻيون، شاعري، خاڪا، لطيفا، مضمون ۽ روزمره جي دلچسپيءَ جو مواد شامل هجي. ڊائجيسٽ مروج يا همعصر ادب کي اختصار سان پيش ڪرڻ جو ذريعو آهي. ڊائجيسٽ ۾ اڪثر مواد افسانوي، سفري ۽ مهم جاتي هوندو آهي، جيڪو تفريحي وڌيڪ هوندو آهي. ڊائجسٽ جي ڪا گهڻي ادبي حيثيت نہ هوندي آهي. سنڌيءَ ۾ پهريون ڊائجيسٽ ۾ عبدالغفور رستميءَ ملير ڊائجيسٽ نالي سان ڪڍيو هو.

**ڊائري (Diary):**

لغوي معنيٰ موجب ڊائري هڪ اهڙي ڪاپي، نوٽبڪ يا چوپڙي آهي، جنهن ۾ روز بروز ڪيل ڪمن ڪارين جو ليکو رکيو وڃي ٿو. ڊائريءَ لاءِ سنڌيءَ ۾ 'روزنامچو' مناسب لفظ آهي، جيڪو ڊائريءَ جي مثينءَ خصوصيت کي ظاهر ڪري ٿو.

ڊائريءَ ۾ عام طور تازن آزمودن تي لکيو ويندو آهي يا اهو بہ ممڪن آهي تہ ڪڏهن ڪڏهن گهڻو اڳ ٿيل واردانن يا مليل آزمودن تي وري نظر ثاني ڪئي وڃي، ليڪن آتم ڪٿا ۾ سڄي ماضيءَ تي نسبتي طور وڌيڪ بلوغت ۽ گنڀيرتا جي گنجائش آهي. ڊائريءَ ۾ انفراديت هوندي آهي.

**ڊراما/ناٽڪ (Drama):**

'ڊراما' يوناني لفظ 'ڊرائو' يا 'ڊراءِ' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "عمل" يا "عمل ڪري ڏيکارڻ". ان کان علاوه "آهل ڪرڻ" يا "نقل ڪرڻ" (imitation) جو لفظ بہ ڊرامي لاءِ استعمال ڪيو ويو. ڊرامي جي شروعات قديم يونان کان ٿي. يونان وارا ڊرامي کي اعليٰ شعر (Great Poetry) سڏيندا هئا. ڊرامو دنيا جي سمورين سڌريل توڙي اسريل ٻولين ۾ موجود آهي. اديب، ڊرامي جي ان بنيادي اهميت کان واقف هئڻ جي ناتي پنهنجي تخليقي ذميداريءَ کي سمجهي ٿو. هو ڊرامي کي سماجي ڪارج لائق بنائڻ لاءِ، معاملن کي چٽو ۽ واضح ڪري فوڪس ۾ آڻي پنهنجي موضوع ڏانهن عام ماڻهوءَ جو ڌيان ڇڪائي ٿو.

سنڌي ڊرامي کي قديم دور کان "ناٽڪ" سڏيو ويو سنڌي زبان ۾ ناٽڪ جو مطلب آهي "نقل ڪرڻ". ناٽڪ جي تاريخ سنڌ ۾ ايتري قديم آهي، جيترو سنڌ جو لوڪ ادب قديم آهي، ان کي سانگ به چيو ويندو هو. دراصل "ناٽڪ" هندي ٻوليءَ جي "ترتڪ وديا" مان نڪتل آهي، جنهن جو مطلب آهي ته ڪنهن نه ڪنهن نموني پنهنجي فن جو مظاهرو ڪرڻ. اهو پوءِ پلي اداڪاريءَ وسيلي هجي يا سنگيت ۽ رقص وسيلي.

**ڊرامائي ناول** (Dramatic Novel):

هن قسم جي ناولن ۾ نه پلاٽ جي چوڏاري ڪردارن کي پابند ڪيو ويندو آهي ۽ نه ئي پلاٽ تي زور ڏنو ويندو آهي. عمل، ڪردار ۽ سيرت ۾ تبديلي آندي ويندي آهي. اهڙن ناولن ۾ ظاهر ۽ باطن کي هڪ ڪري ڏيکاريو ويندو آهي. سيني تبديلين لاءِ داخلي سبب ضرور موجود هوندا آهن، جيڪي پڙهڻ سان محسوس ٿيندا آهن. ڪردار ۽ عمل ۾ وچوٽي ڏيکارڻي نه هوندي آهي. اهڙن ناولن ۾ اختتام به اٿين ئي ٿيندو آهي جو اهو واقعات جو نتيجو نه هوندو آهي، پر سيرت سنواري پيش ڪيو ويندو آهي.

**ڊرامي جون وحدتون/ايڪايون** (Unities of Drama):

ارسطوءَ مطابق هڪ ڊراما ۾ ٽن قسمن جون وحدتون (unities) ضرور هئڻ گهرجن:

(1) **وقت جي وحدت** (Unity of Time): وَحدتِ زمان يا وقت جي هيڪڙائيءَ جو مطلب اهو آهي ته هڪ ڊرامو هڪ ئي وقت شروع ٿي ختم ٿئي. ڪهاڻي ۽ ڪردار جنهن دور جا هجن، انهيءَ سان مطابقت هجن. ڪردار، اها ئي ٻولي ڳالهائي ۽ لباس به ان دور جو پائي، پنهنجي دور سان مطابقت رکي.

(2) **جاءِ جي وحدت** (Unity of Place): وحدتِ مڪان يا جاءِ جي هيڪڙائيءَ جو مطلب اهو آهي ته هڪ ڊرامو جنهن هنڌ شروع ٿيو هجي، اهو ساڳيءَ جاءِ تي ختم ٿئي. ڪردار جنهن ملڪ يا علائقي جو هجي، ان سان مطابقت رکي.

(3) **عمل جي وحدت** (Unity of Action): وحدت يا عمل جي هيڪڙائيءَ جو مقصد اهو آهي ته هڪ ڊرامي ۾ هڪ وڏو يا خاص عمل هئڻ گهرجي. مطلب

تہ اگر ڊرامو مزاحيہ (Comedy) آهي تہ هڪ عام عمل هئڻ گهرجي اگر سنجيده (Tragedy) هجي تہ اُن ۾ گنڀير عملن کي پيش ڪيو وڃي. ڪردارن جو عمل زمان ۽ مڪان سان مطابقت رکندو هجي.

**ڊريم** (Drame):

ڊريم مخلوط قسم جي ڊرامن جي هڪ شاخ آهي، جنهن ۾ نہ ڪاميڊي وانگر کل ڀوڳ جو سامان هوندو آهي، نہ وري ٽريجڊي ڊرامي وانگر خوف ۽ رحم جا جذبا اڀرندا آهن.

**ڊڪشن**(Diction):

ادب ۾ استعمال ٿيل ٻولي، لفظ جي ادائگيءَ جو انداز ۽ طرز جنهن ۾ ليکڪ جي پاران ڪيل لفظن جي چونڊ ۽ استعمال جو طريقو پنهنجو هوندو آهي، اهو طريقو جو سندس تحرير سندس سڃاڻپ بنجي ويندي آهي ۽ مٿان ٿالو نہ بہ هجي تہ پڙهندڙ ۽ نقاد ان جي ٻوليءَ مان ڪيس سڃاڻي وٺندو آهي. ٻوليءَ ۾ سونهن ۽ اثر پيدا ڪرڻ جو بہ هر ليکڪ جو پنهنجو انداز هوندو آهي، جيڪو پڻ ڊڪشن ۾ شمار ٿيندو آهي.

## ر

**راجائي رسم الخط** (Rajai Script)

اها رسم الخط پانڪي رسم الخط جو هڪ نمونو آهي. چاڪاڻ ته پانن، پانن ۽ چارڻن کي راجا به چيو ويندو آهي. انهن تي "ڪوي راج" يعني "شاعرن جو بادشاه" جو نالو به مشهور آهي.

**راز معلوم ٿيڻ** (Anagnorisis):

هي اصطلاح ڊرامي يا ناول لاءِ استعمال ٿيندو آهي. ان جو مفهوم اهو آهي ته جڏهن ڪنهن ڪردار تي ڪو راز کلي يا معلوم ٿئي، جيڪو ان کان اڳ هن کي معلوم نه هجي.

**راسو**(Epic):

ٿر ۽ راجستان ۾ رزميه شاعريءَ (Epic) کي "راسو" يا راسوڙو چوندا آهن. جنهن ۾ جوڌن جي سورهيائيءَ جي واکاڻ ڪيل هوندي آهي. پروفيسر محرم خان لکي ٿو ته "دودي چنيسر واري رزميه ڳاهه/داستان کي "دودل راسو" چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو.

**رامائڻ**(Ramaina):

رامائڻ هندو ڌرم جو هڪ مقدس تاريخي ڪتاب آهي. عالم هن تصنيف جو صحيح زمانو مقرر ڪري نه سگهيا آهن. هي ڪتاب مغربي بنگال ۽ بهار جي مذهبي روايتن جو آئينه دار آهي. رامائڻ ۾ ڪل 48000 شعر آهن جن ۾ شري رام جي انهن جنگين جو ذڪر آهي، جيڪي سريلنڪا جي بادشاه راوڻ سان پنهنجي وني‍ءَ سيتا کي ڇڏائڻ لاءِ وڙهيون هيون. هندو ڌرم جي ڪتاب مهاڀارت جو سنڌي ۾ ترجمو ڏهين صديءَ ۾ ۽ رامائڻ جو سنڌيءَ ترجمو سومرن جي راڄ دوران ٻارهين صديءَ ۾ ٿيو هو. خيال آهي ته هي ترجمو ديوناگري رسم الخط ۾ ڪيو ويو هوندو.

**رام ڪلي** (Ram Kali):

شاهه لطيف جو سر رامڪلي، هندول راڳ جي پنجن زالن مان هڪ آهي. هن سر ۾ جوڳ ۽ ويراڳ جا خيال سمايل آهن. شاهه جي سر رام ڪليءَ ۾ جوڳين

جي وڏائي ڳائي ويئي آهي ۽ سندن زندگيءَ جي اٿڻ ويهڻ ، ڳڻن اوڳڻن کي خوب چٽيو ويو آهي. ڪين ڪيترن ئي نالن سان پڻ سڏيو ويو آهي. مثال طور جوڳي، لاهوتي، ويراڳي، ڪاپڙي، بيراڳي، بابو، نانڪا، سامي، آديسي وغيره وغيره.

**رام ليلا** (Ram Leela):

رام ليلا جي رچنائن جو رواج سنڌ ۽ هند قديم دور کان رائج هو. هن کيل کي هندو ڏاڍي احترام سان اسٽيج تي پيش ڪندا رهيا آهن. هنن تماشن ۾ رنگا رنگي ويسن کان سواءِ بهترين ڪوتا، موسيقي رقص (نرتڪ) جو ميلاپ هوندو آهي. رام ليلا شري رامچندر ۽ سيتا ماتا جي والميڪي ڪٿا کي ماڻهن اڳيان پيش ڪيو ويندو آهي. رام ليلا جي سانگ شري رامچندر جو قصو اسٽيج تي ڏيکاريو ويندو آهي. جنهن ۾ سندس بنواس تيڻ، سيتا جي اغوا تي وڃڻ ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ سمنڊ پار ڪري لنڪا جي راجا راوڻ سان جنگ ڪرڻ ۽ فتح پائڻ ۽ سيتا ماتا کي حاصل ڪرڻ. رام ليلا جي کيل ۾ شري رامچندر جي راوڻ سان جنگ ۽ فتح ۽ ڪرشن ليلا ۾ شري ڪرشن مهراج جي ڪنس پاپيءَ سان جنگ ۽ آخر ۾ فتح نيڪي جي ڏيکاري وڃي ٿي.

**راوڻ** (Rawan):

راماڻ جو اهم ڪردار جيڪو رام جو دشمن هو. راوڻ سري لنڪا جو راجا هو.

**راوي** (Narrator):

زباني بيان ڪندڙ روايت ڪندڙ. ڊرامي جي اصطلاح ۾ راوي ان کي چئبو آهي، جيڪو ڊرامي جو اهو حصو بيان ڪري ٻڌائي، جيڪو پس پرده هجي. سنڌي سگهڙ لوڪ ادب جي ذخيري کي سيني به سيني سانديندا يا ٻئي نسل تائين پهچائيندا رهيا آهن. ٻين لفظن ۾ اهو سگهڙ راوين جو ڪمال آهي جو لوڪ ادب محفوظ رهيو آهي.

**راءِ** (Opinion):

راءِ لفظ جي معنيٰ آهي "رٿ" ، "تجويز"، "مشورو" ، "صلاح"، "خواهش". راءِ کي تنقيد جو اهم قسم چئي سگهجي ٿو. جنهن ۾ نقاد پاڻ کي فقط غلطين ڪڍڻ تائين محدود نه رکي بلڪ انهن غلطين ختم ڪرڻ جي صلاح به ڏئي.

**راءِ جي آزادي** (Freedom of opinion):

راءِ جي آزاديءَ جا ڪيترائي ذريعا آهن جيئن تقرير، ووٽ ڏيڻ، صحافت، انٽرويو، گڏيل يا اڪيلو احتجاج ۽ ادب وغيره. انهن سيني ۾ سڀ کان وڌيڪ اثرائتو

اظهار ادب ۾ آهي. چوجو ادب همعصر حالتن جو امين هوندو آهي. هر ملڪ جو قانون ، پنهنجي رهواسيين کي آزاديءَ جي اظهار راءِ جي اجازت ڏئي ٿو. پر اها ڳالهه آهي ته اڪثر شخصي حڪومتن ۾ ان قانون تي عمل نہ ٿيندو آهي.

**رائڊن ور:**

ٿرجو مشهور لوڪ گيت. جيڪو وسڪاري جي موسم ۾ زالون ڳائينديون آهن. جڏهن گهڻو وسڪارو ٿيندو آهي ۽ هر طرف ساوڪ ٿيندي آهي. تڏهن خوشيءَ جي موقعي تي ڳايو ويندو آهي.

**رباعي (Rubai):**

"رباعي" عربي لفظ "ربع" مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ آهي چار. رباعيءَ ۾ چار سٽون هونديون آهن. عام ٻهاڪا يا چوڏيون بہ رباعيءَ جي صورت ۾ چيا ويا آهن. رباعيءَ ۾ پهريون ٻہ سٽون ۽ چوٿين سٽ هم قافيہ هونديون آهن. عمر خيام جون رباعيون مشهور آهن. جيڪي فارسيءَ ۾ چيل آهن. انهن جو ترجمو مرزا قليچ بيگ، واصف الحسن بشير سيتائي ۽ شفقت حسين وڌو ڪيو آهي.

**رپ(Rip):**

رپ لفظ جي معنيٰ آهي "ڳري آفت". شاهہ لطيف جي رپ تالي واري سر ۾ فراق يا ڦوڙائي جو ذڪر آهي. عاشقن لاءِ هڪ ساعت جي جدائي بہ ڪاربهر جي ڏنگ مثل هوندي آهي. مطلب تہ وڇوڙو عاشق لاءِ ڳري آفت هوندو آهي. انهيءَ لحاظ کان هن سر تي اهو نالو رکيو ويو آهي.

**رپوڙتاز ( Reportage):**

رپوڙتاز اصل ۾ فرينچ ٻوليءَ جو لفظ آهي. جنهن جو انگريزي لفظ 'رپورٽ' سان گهرو واسطو آهي. رپورٽ ڪنهن اچانڪ مسئلي جي هو بهو بيان کي چئبو آهي. عام طور رپورٽ روزاني يا هفتيوار اخبار لاءِ لکي ويندي آهي. جنهن ۾ ادبي رس بہ هوندو آهي.

اڪين سان ڏٺل واقعي جي دلچسپ نوع ۾ قلمبند ٿيل رپورٽ، "رپوڙتاز" بڻجي ٿي. ليکڪ، رپوڙتاز ۾ پنهنجي تصور جو استعمال نٿو ڪري سگهي. رپورتاز ۾ ليکڪ کي ليکڪ ۽ فنڪار جو ٻٽو رول ادا ڪرڻو پوندو آهي. ڪن

خاص جلسن، ميلن، پوڏن، وچڙندڙ بيمارين ۽ جنگين وقت عوام جي ڏک سک کي ويجهڙائيءَ کان ڏسي، سمجهي ۽ محسوس ڪري رپورتاز جي صورت ۾ جڏهن ليکڪ دل آويز رپورٽ قلمبند ٿو ڪري، تڏهن ٿي هو پنهنجي ادبي تخليق ۾ عوام جي صحيح تصوير ٿو پيش ڪري.

**رجائيت** (Optimism):

اميد پرستي، هي هڪ نظريو آهي، جنهن مطابق هيءَ دنيا سيني امڪاني دنيائن کان بهتر آهي ۽ هيءَ ڪائنات باطل تي حق کي غالب ڪندي آهي. ادبي دنيا ۾، شين يا واقعن کي روشن ڏسڻ ۽ مستقبل جي باري ۾ اميدپرستي ڏيکارڻ واري نقطہ نظر کي 'رجائيت' چيو ويندو آهي. جنهن اديب جي لکڻين ۾ رجائيت هوندي آهي ان کي رجائي چيو ويندو آهي.

**رجز** (Rajiz):

رجز عربي شاعريءَ جو قسم آهي، عرب لڙائيءَ دوران بهادريءَ سان وڙهڻ واري لاءِ رجزيہ شاعري ڪندا هئا. سنڌيءَ ۾ رجزيہ شاعري، پڻ جنگين جي حوالي سان ڪئي وئي، سمن ۽ سومرن جي دورن ۾ رجزيہ شاعريءَ جا ڪيترا مثال ملن ٿا. مثال طور:

دوري پڙ ڪٽايو پنج سو جريين
گهاڙيا، ڪوڏاريا، ڪاهبون، خوب ڪٽين.

**رجعت پسند اديب** (Conventional Writer):

پراڻن خيالن وارو يا قدامت پسند اديب. رجعت پسند، تبديليءَ، جدت ۽ جديدت جا مخالف هوندا آهن. هنن کي ساڄي ڌر وارا اديب سڏيو ويندو هو.

**رديف** (Radeef):

"رديف" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "پٺتو" يا "وهٽ تي پيلهہ ويٺل سوار". اصطلاحي معني موجب، اهو لفظ يا لفظن جو مجموعو، جيڪو نظم يا شعر ۾ مصرع جي پڇاڙيءَ ۾ قافيي سان گڏ ۽ پنيان اچي، هر هڪ شعر ۾ رديف جو هجڻ لازمي نہ هوندو آهي. ڪي شاعر پنهنجي ڪلام ۾ رديف نہ بہ آڻيندا آهن ۽ ڪي وري پنهنجي ڪلام ۾ رديف جو آزاديءَ سان استعمال ڪندا رهندا آهن.جنهن شعر ۾ فقط قافيو آهي، رديف ڪونهي، تنهن کي مقفيٰ ٿا چون ۽ جنهن ۾ رديف آهي، انهيءَ کي مردف چئبو آهي.

**رزميہ شاعري**(Epic):

رزميہ شاعري ان ڪلام کي چئبو آهي، جنهن ۾ جنگ جي ميدان ۾ بهادرن جي ڪارنامن جو ذڪر وڏي آب ۽ تاب سان ڪيو وڃي. هن قسم جي شاعريءَ ۾ حب الوطنيءَ جو اثر گهڻو غالب هوندو آهي، ان ڪري ان ۾ بهادريءَ جا ڪارناما ۽ سپاهين جي شجاعت جا جوهر ۽ جذبا دلچسپ نموني بيان ڪيا ويندا آهن.

سنڌي شاعريءَ ۾ سڀ کان اول سومرن جي دؤر (1050_1350 ع)حڪومت ۾ رزميہ ڳاهون چيون ويون. جهڙوڪ سومرن ۽ گجرن، سومرن ۽ علاءُ الدين جي جنگ ۽ دودو ۽ چنيسر جي جنگ وغيره جون لڙايون. هي شاعريءَ جا نمونا رزميہ شاعريءَ ۾ شمار ٿين ٿا.

**رزميہ مثنوي**(Epic Masnavi):

هن قسم جي مثنويءَ ۾ ڪنهن لڙائيءَ يا جنگ جو مفصل احوال يا ڪو دڪدائڪ واقعو بيان ڪيو ويندو آهي، جنهن جي پڙهڻ يا ٻڌڻ سان ان جو سمورو نقشو اکين اڳيان پيو ڦرندو آهي ۽ ازخود زبان مان غم ۽ غصي جا آواز اڻمو ڪاٿي ٻاهر نڪرندا آهن.

**رسالا**(Treatise):

بنيادي طرح 'رسالو' عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "پيغام، سنيهو يا نياپو". اهو ڪتاب، جنهن ۾ ڪنهن بزرگ شخصيت جو ڪلام هوندو آهي، ان کي بہ 'رسالو' چوندا آهن.

**رسالو**(Magazine):

مختلف ليکڪن جي لکڻين کي گڏي ڇپايل ڪتاب کي "رسالو" چيو ويندو آهي. رسالن جا مختلف قسم آهن. جيئن هفتيوار رسالا، پندرهن روزه رسالا، ٽماهي رسالا يا ساليانا رسالا وغيره. انگريزن جي دؤر ۾ 'رسالي' لفظ سنڌي ادب ۾ مخدوم معين ٺٽويءَ جو شاهہ لطيف کي جواب "رسالہ اويسيہ" نئين معنيٰ ورتي، يعني ادبي ، سياسي، سماجي، فنون لطيفہ ۽ فلمي دنيا جي مختلف موضوعن تي مبني شعر ۽ نثر جي ترتيب کي پڻ رسالو سڏيو ويو.

**رسم الخط/لپي** (Script):

رسم الخط کي"لپي" بہ چيو ويندو آهي. رسم الخط مان مطلب هوندو آهي تہ "لکت جو رواج." هر سڌريل ٻوليءَ کي هڪ مخصوص، مناسب ۽ نهڪندڙ رسم

الخط (Script) ضرور هوندو آهي. جن ٻولين وٽ رسم الخط جي نعمت نہ آهي، اهي لکيل ادب کان خالي زبانون سڏبيون آهن ۽ انهن جي حيثيت صرف ڳالهائڻ واري زبان (Spoken language) تائين محدود هوندي آهي مطلب تہ هر مهذب ۽ سڌريل ٻوليءَ کي مستقل تحرير هيٺ آڻڻ لاءِ هڪ رسم الخط هئڻ ضروري آهي. 1853ع ۾ جيستائين سنڌي لاءِ موجوده معياري رسم الخط (عربي-سنڌي رسم الخط) منظور نہ ٿي هئي تيستائين سنڌي زبان ڪيترن ئي مختلف رسم الخطن ۾ لکي ويندي هئي مثال طور: گرمکي، ديوناگري، عربي، خداوادي، لهاڻڪي، ميمڻڪي، خوجڪي، ٺٺائي، گجراتي، شڪارپوري، ساکرو ونگائي، سيوهاڻي، ٻاٽيائي، اهڙي طرح ويهين صديءَ جي آخر ۾ سنڌ ۾ حليم بروهي (1935-2010ع)، سراج (11933-2013ع) ۽ ٻين سنڌيءَ لاءِ رومن اسڪرپٽ جي تجويز بہ ڏني، جيڪا الٽي (ٽرانليٽريشن) جي حد تائين استعمال ٿئي ٿي.

**رس نگار شاعري:**

"رس" سنسڪرت زبان جو هڪ جامع لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "انتهائي لطف، لذت، خوشي يا مسرت". اصطلاحي معنيٰ موجب سنسڪرت ۾، جماليات (Aesthetic) جي دائري ۾ هڪ خاص فلسفي جي حيثيت رکي ٿو. جنهن جو تعلق خاص طرح شاعريءَ ۽ ناٽڪ جي اسباب، اثرات ۽ علامات سان آهي. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌ جي سينگار شاعريءَ کي هندي سينگار رس جو تتبع سمجهن ٿا.

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ 'شاهہ جو رسالو'، خليفي نبي بخش جو رسالو، "رسالو سچل سرمست" وغيره مشهور آهن.

**رقص** (Dance):

انسان جي جذبي جو سندس جسم جي عضون ۾ تحرڪ، ڦر ڦر ۽ هلچل رستي اظهار. رقص جي مراد آهي خيالن ۽ جذبن جو جسم ذريعي اظهار ڪرڻ. هر جسماني ڦرڦر ۽ عمل ۾ ڪنهن نہ ڪنهن خيال ۽ جذبي جو اظهار هوندو آهي. فني لحاظ کان فرق فقط اهو آهي تہ جنهن کي رقص سڏجي ٿو سو هڪ بار ترتيب ۽ با اصول فن آهي. جنهن جا پنهنجا اصول ۽ قاعدا ٿين ٿا. حقيقت ۾ رقاص جي هر تحرڪ ۽ ڦرڦر ۾، عضون جي اشارن واري انداز ۾ امنگن جو اظهار لڪل رهي ٿو جنهن کي فني صلاحيتن جا ڄاڻ رکندڙ ئي سمجهي سگهن ٿا.

**رقيب** (Rival/Antagonist):

سنڌي ۾ ان کي 'ڪرُ' چيو ويجي ٿو. ڪنهن ڊرامي، فلم يا افساني ۾ هيرو جو مخالف. عشقيه ڪهاڻين ۾ ڪردارن جي ٽڪنڊي ۾ هڪ ڪردار، جيڪو عاشق ۽ معشوق جي وچ ۾ رنڊڪ بڻجي.

**رڪن** (Dactyl):

"رڪن" جمع "ارڪان" عربي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "ٿنڀ". اصطلاحي معنيٰ موجب، ڪنهن مقرر بحر جو اهو "حصو يا ٽڪ"، جنهن سان شعر ۾ ڏنل لفظن جي تقطيع (ورهاست) ڪجي يا ان کي توري ۽ ماپي سگهجي. ارڪان ڪنهن بحر ۾ اٺ هوندا آهن ته ڪنهن ۾ ڇهه ۽ ڪنهن ۾ وري چار ٿيندا آهن، جيئن بحر واري باب ۾ ڏنا ويا آهن. اهي ارڪان شعر کي موزون يا ترتيبوار بڻائڻ لاءِ هڪ قسم جا ماپا يا وٽ آهن. ارڪان اصل ۾ ڪل اٺ آهن، جهڙوڪ: procedure

"فعولن_ فاعلن_ فاعلاتن_ مفاعيلن_ مفاعلتن – متفاعلن_ مفعولات_ مستفعلن"؛ پر علم عروض جي باني خليل بن احمد بصريءَ (718_791ع) انهن ۾ ڪجهه ردوبدل ڪري پنهنجا پندرهن (15) بحر جوڙي پيش ڪيا، جنهن کان پوءِ ٻين شاعرن انهن ۾ وقت به وقت اضافو پئي ڪيو آهي. اهي 39 ڪن آهن.

**رگ ويد** (Rig Veda):

هزارين سال اڳ سنڌو درياهه جي ڪناري تي لکيل مذهبي رچنائن جي چئن مجموعن: "رگ ويد"، "سام ويد"، "يجر ويد" ۽ "اٿر ويد" مان پهريون مجموعو آهي. رگ ويد ۾ 10000 ڏهه هزار منتر يا مناجاتي گيت آهن. اهو ويد مڪمل نظم جي صورت ۾ آهي، جنهن ۾ هندن جي خدائن جي تعريف ۽ بزرگيءَ متعلق گيت جمع ڪيا ويا آهن ۽ ديوتائن کي مخاطب ڪري ڪانئن دعائون طلب ڪيون ويون آهن. رگ ويد باقي ٽيني ويدن ۾ سڀ کان پراڻو آهي. هن ويد ۾ سنڌو درياهه ۽ سنڌ جو ذڪر پڻ ملي ٿو.

**رمزيت ۽ اشارت** (Symbolic Meaning):

رمزيت مان مراد لفظن جو اهڙو استعمال آهي، جيڪو ان جي مفهوم ۾ سطحي معنيٰ کان علاوه هڪ نئين معنيٰ لاءِ بحث جو سبب بڻجي، جيئن

ڪنهن عبارت يا شعر ۾ لفظن جي حيثيت اشارن سان ظاهر ٿيندي آهي، جيڪا معنيٰ ۾ اعليٰ يا لطيف تر سطح جي طرف اشارو ڪري ته ان کي رمزيت ۽ اشاريت به چئبو آهي.

**روايت/روايتون** (Tradition):

هر معاشري ۾ روايتون موجود هونديون آهن. انساني زندگيءَ ۾ ڪجهه اهڙا، تصور، قدر ۽ طور طريقا هوندا آهن، جن تي سڀ ماڻهو متفق هوندا آهن ۽ جڏهن عام ماڻهو اهڙن قدرن، ريتن ۽ رسمن، طور طريقن کي پنهنجو آدرش (Ideal) سمجهي وٺن، تڏهن اهي روايتون ٿي پونديون آهن. ادب جون هر دَور جون ڪي مخصوص روايتون هونديون آهن، جن کي يڪدم ترڪ ڪرڻ بدران انهن جو تسلسل ۽ رفته تبديليءَ جو عمل صحتمند ۽ نين روايتن کي جنم ڏيندو آهي.

**روايت پرستي** (Traditionalism):

روايت پرستيءَ کي احترام روايت جي برابر سمجهڻ نه گهرجي. روايتن جو احترام هڪ صحت مند رحجان آهي، جنهن ۾ نون تجربن ۽ ايجادن سان اصلاح جي گنجائش موجود هوندي آهي ۽ ان ۾ نون صحت مند تجربن کي خوش آمديد چيو ويندو آهي. جڏهن ته روايت پرستي هڪ بيٺل ۽ بي لچڪ طرز عمل آهي، جنهن ۾ روايتن جي مرده رخن کي به صحت مند پهلوئن جي برابر جڳهه ڏني ويندي آهي.

**روايتي شاعري** (Dral Poetry):

اهڙي شاعري جيڪا لکت ۾ نه آئي هجي پر نسل در نسل زباني روايتن ذريعي راوين جي زباني محفوظ رهي هجي. سنڌ ۾ ڀٽ، ڀاڻ ۽ چارڻ اهڙي شاعري ڳائي وڄائي مشهور ڪندا هئا. سومرن جي دور ۾ دودي چنيسر جو قصو اهڙي ريت مشهور ٿيو ۽ ان بابت ڪيل شاعري روايتي شاعري آهي. هيا ڪيترائي رزميه داستان به راوين ذريعي محفوظ ٿيل آهن.

**روحانيت** (Spiritualism):

روحانيت هڪ عقيدو آهي ته مري ويل ماڻهن جا روح زنده آهن ۽ اهي روحاني دنيا (جنت) ۾ رهن ٿا ۽ اهي زنده ماڻهن کي ڏسن ٿا ۽ رابطو به ڪري سگهن ٿا. اڻويهين صديءَ ۾ ايلن ڪارڊڪ (1804ـ1869ع) ۽ بين يورپ ۽

آمريڪا ۾ هن عقيدي کي گهڻو ڦهلايو ويو. هن نظرئي مطابق انسان ان حقيقت کي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ اندروني يا باطني راهه ذريعي پنهنجي وجود جي جوهر کي ڄاڻي سگهي ٿو. اهڙي باطني قوت حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيس مراقبو (Meditation)، عبادت ۽ غور ۽ فڪر (Contemplation) ڪرڻا پوندا آهن. جنهن ڪان پوءِ هو پاڻ سڃاڻڻ ذريعي بين انسانن يعني انسانيت. فطرت ۽ ڪائنات سا الاهي دنيا (Divine Realm) سان جڙندو آهي.

صوفي مت سان روحانيت جو ويجهو تعلق آهي، ڇو جو روحانيت اهڙو عمل آهي، جيڪو مادي دنيا جي خواهشن ڪان پاڪ هجي ٿو. جنهن ۾ روحاني تقاضائون پوريون ٿين ٿيون.

**روح عصر** (Sprit of Age):

Zeitgeist (ٽسائنجيئسٽ) جرمن ٻوليءَ جو لفظ آهي، Zeit (وقت) ۽ Geist (روح) يعني "وقت جو روح". ان جو مطلب آهي تہ ڪنهن دور جو غالب فڪري لاڙو. اهڙو لاڙو يا نظريو. جيڪو ڪنهن بہ دور ۾ سياسي، سماجي، اخلاقي يا ادبي طور غالب رهيو هجي. اهڙا رجحان نسل در نسل اثر ڇڏيندا آهن.

**رودر رس** (Furious Song):

اهو شعر، جنهن ۾ ڪاوڙ، غصو ڏيکاريل هجي، ان ۾ ڏند ڪرٽڻ، منيون پڪوڙڻ، اکيون ڳاڙهيون ڪري نهارڻ وغيره جو تاثر ملي. مثال طور:

ڀلاڙي چور توکي سڃاڻان
ڪريان واقف ٿو توکي هاڻ ڀاڻان
(فاضل)

**روشن خيالي** (Enlightenment):

روشن خيال عام طور تي اهڙي شخص کي چيو ويندو آهي، جيڪو غلط روايتن. رواج پرستي جي زنجيرن ڪان آزاد هجي ۽ اخلاق ۽ معاشرتي طور طريقن کي عقل ۽ فهم سان پرکي ۽ انهن کي پنهنجي زندگيءَ ۾ اپنائي يا بين الاقوامي سطح تي نون تقاضائن مطابق اختيار ڪجي. اهڙا عمل جي روايت پرستيءَ جي خلاف هجن ۽ عقل فهم جي روشنيءَ ۾ عالمي قدرن مطابق هجن. تن کي روشن خياليءَ ۾ شمار ڪبو آهي.

**رومان** (Roman):

رومانس (Romance) جي ڀيٽ ۾ 'رومان' جي محدود معنيٰ آهي، جنهن ۾ فطرت جي دل لڀائيندڙ حسن، عورتاڻي حسن جي دلفريب ادائن، نزاڪت ۽ نفاست کي اهميت حاصل هوندي آهي. اهڙي قسم ۾ خاص تعلقات ۾ سرور ۽ فضا کي بيان ڪيو ويندو آهي. رومانوي ڪهاڻيون انهيءَ روايت جو حصو آهن.

**رومانس** (Romance):

لفظ "رومانس" قديم فرانسيسي زبان ۾ استعمال ٿيندو هو. بعد ۾ 'رومانس'، اسپيني، اطالوي، پرتگالي، لاطيني ۽ انگريزي زبانن ۾ ڪتب اچڻ لڳو. قديم ادب ۾ سورمن ۽ سورهين جي ڪارنامن کي بنيادي حيثيت حاصل هئي. بعد ۾ "رومانس" جو اصطلاح اهڙن قصن لاءِ مخصوص ٿي ويو، جن ۾ سورمن جي بهادري ۽ جانبازيءَ جو ذڪر مبالغہ آميز انداز ۾ بيان ڪيو ويو هجي. اهڙن داستانن کي بهادريءَ وارا قصا (Chivalric Romance) چيو ويندو هو. گهڻو پوءِ چيو ويو ته رومانس هڪ اهڙو داستان آهي، جنهن ۾ زندگيءَ کان پري تصوري ماحول يا لاڙو پيش ڪيل هجي، عاشقاڻي جذبن ۽ باهمي ڪشش دوران ٿيندڙ حيرت ۽ پراسراريت جو احساس هجي. رومانس جا خاص جزا جنگ، حسن، ايمان ۽ مذهب آهن. رومانس دراصل رومانوي ۽ افسانوي ادب جو اوائلي اهڃاڻ آهي.

**رومانويت** (Romanticism):

ڪلاسيڪت ۽ رومانويت دراصل ٻہ متضاد ادبي رجحان آهن. عام طور چيو ويندو آهي ته "رومانويت" ادب ۽ زندگي جي فرسوده رسمن خلاف بغاوت هئي ۽ انفرادي احساس ۽ تخيل جي هڪ سوڀ هئي. رومانوي ادب جي خوبين ۾ جذباتيت، قدرتي منظرن ۾ دلچسپي، تصوف، انفراديت پسندي، نيوڪلاسيڪي رجحان ۽ هر ادبي قانون کان بغاوت، ڳوٺاڻي زندگيءَ ۾ دلچسپي، تخيل جي مڪمل آزادي، قدرتي مظاهرن ۾ دلچسپي، انساني حقن ۾ دلچسپي، ديو مالائن ۾ دلچسپي، جماليات پسندي، روحانيت، تصوف، سونهن ۽ سچ جي تلاش، انسان جي سنائيءَ ۾ ايمان، ذاتي موضوعن ۾ دلچسپي، شاعريءَ ۾ علامتن ۾ اظهار، حيوانن جي زندگيءَ ۾ دلچسپي، ناول نويسي ۾ جذبات نگاري وغيره شامل آهن.

**رومانوي تحريڪ** (Romantic Movement):

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ رومانوي ادب آڳاٽو آهي، پر اهو سنڌي ڪلاسيڪل ادب جي خلاف بغاوت جو نتيجو نہ آهي. جديد مفهوم ۾ رومانويت جا اهم عنصر: جذبو، تخيل، حسن ۽ سچ، سنڌي شاعريءَ جا بہ اهم جزا آهن. يورپ ۾ رومانوي تحريڪ جي شروعات فرانسيسي اديب جان جيڪسن روسو کان ٿئي ٿي، پر هن تحريڪ کي اڳتي وڌائڻ ۾ انگريز شاعرن وليم ورڊس ورٿ (1770_1850ع) ۽ سيموئل ٽيلر ڪالرج (1772_ 1834ع) جو وڏو هٿ هو. سندن شعر جو مجموعو "Lyrical Ballads" 1798ع ۾ شايع ٿيو. جيڪو نيو انگريزي ڪلاسيڪي ادب خلاف بغاوت هو. جنهن ۾ هن ان دَور ۾ ڪلاسيڪل روايتن جي سخت پابندي ڪرڻ واري لاڙي: 'نئين ڪلاسيڪيت' جي خلاف بغاوت ڪندي ادب ۾ نوان لاڙا متعارف ڪرايا ۽ خيال جي ڀيٽ ۾ جذبي کي اهميت ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي. سنڌيءَ ۾ هن تحريڪ کي تنوير عباسيءَ ترجمي ذريعي متعارف ڪرايو. هن عنوان سان Preface to Lyrical Ballads کي "سريلن گيتن جو مهاڳ" ترجمو ڪيو. 18صدي جي عقليت پسندي ۽ ڪلاسيڪي ضابطن جي سخت گيريءَ جي خلاف انساني جذبن ۽ احساسن جي حق ۾ هڪ ردعمل شروع ٿيو. جنهن رومانويت جي لاڙي کي جنم ڏنو. جنهن ۾ شاعريءَ جي عنصرن ۾ خيال بدران جذبي ۽ تخيل کي اهميت ملي، ڏکي مصنوعي ٻوليءَ بدران عوام جي ٻولي کي ترجيح ڏني وئي. هيءَ تحريڪ تمام تيزيءَ سان وڌي ۽ ڪيترائي شاعر ۽ افسانوي اديب هن تحريڪ کان متاثر ٿيا. ڌرتيءَ سان محبت بہ رومانوي تحريڪ جو حصو آهي. موجوده دور ۾ بہ هي رجحان سنڌي ادب تي ڇانيل آهي.

سنڌي افسانوي ادب ۽ شاعري ۾ موهن ڪلپنا، گوبند مالهي، ڪرشن کٽواڻي، سندري اتمچنداڻي، شيخ اياز، امر جليل، علي بابا، آغا سليم، قاضي خادم، طارق عالم ابڙو، آڪاش انصاري، اياز گل ۽ نور الهديٰ شاهہ نمائنده رومانوي ليکڪ آهن.

**رومانوي تنقيد** (Romantic Criticism):

رومانوي تنقيد سان ئي جديد تنقيد جو آغاز ٿئي ٿو. تنهنڪري ان زماني کان ئي تنقيد ۾ فلسفي، تاريخ، نفسيات، عمرانيات ۽ جماليات جي عنصرن کي اجاگر ڪرڻ تي زور ڏنو ويو آهي.

رومانوي تنقيد هيٺ نقادن مڙني خارج اصولن ۽ روايتن سان بغاوت ڪئي ۽ نوان اصول ايجاد ڪيا. هيءَ تنقيد خالص داخلي معيار کان ڪئي ويندي آهي. ادب کي جڏهن ليکڪ جي ذهن، ڪيفيت يا مزاج جو اظهار تصور ڪري، ان جي موضوعن ۽ عنصرن تي زور ڏنو وڃي ته اها ڪوشش اڳتي هلي رومانويت جي موڙ تي پهچي ٿي.

هتي اهو به ڄاڻڻ گهرجي ته رومانويت جي مخالف تحريڪ حقيقت پسندي (Realism) آهي، جنهن جو سمورو زور "پاهرين" دنيا تي آهي. پر تنقيدي روايت ۾ جيڪا اهميت رومانويت کي ملي آهي اها حقيقت پسنديءَ کي ڪڏهن به نصيب ڪين ٿي سگهي.

**رومانوي ناول** (Romantic Novel):

رومان لفظ، رومانس Romance مان نڪتل آهي. انگريزي ۾ "رومانس" جي لفظي معنيٰ آهي ڪهاڻي، قصو يا داستان، پوءِ چو نه اهو خيالي هجي. سنڌيءَ ۾ رومانس لفظ جي معنيٰ ٿيندي عشقيه يا محبت وارو. رومانس ناول عشقيه ڪهاڻيءَ تي ٻڌل هوندا آهن. جنهن ۾ رومانس ڊائلاگ ۽ پسمنظر حاوي هوندو آهي. طارق عالم ابڙي (1658_2011ع) جو "رهجي ويل منظر" بهترين رومانوي ناول آهي.

**رومانس طربيه ڊرامو** (Romantic Comedy):

هن ڊرامي جو مقصد اهو آهي ته ڊرامي جي آکاڻيءَ ۾ محبت جو داستان هجي. ان کان سواءِ کل، ڀوڳ، خوشي، ناچ گانو به ان ۾ شامل هجي. هن ۾ هڪ قسم جو رومانس داستان هوندو آهي، جنهن جو انجام محبتي جوڙن جي شادي ۽ ميلاپ وغيره تي ختم ٿيندو آهي.رومانس طربيه ڊرامي جو خالق وليم شيڪسپيئر (1564_1616ع) آهي

**رومن اسڪرپٽ** (Roman Script):

رومن يا لاطيني لکت جو نمونو انتهائي قديم آهي. رومن طرز تحرير موجوده انگريزي لکت يا انگريزي اکرن سان لکيل تحرير کي چيو وڃي ٿو. جيڪا دنيا جي تمام گهڻن ملڪن ۾ لکي ۽ سمجهي وڃي ٿي. سنڌ ۽ هند جي ڪن سنڌي عالمن به سنڌي لکت لاءِ رومن (Roman) رسم الخط اختيار ڪرڻ جي حمايت پئي ڪئي آهي، جن ۾ سراج (1933_2013ع) ۽ حليم بروهي (1935_2010ع)

اهميت رکن ٿا. رومن خط جي حامين جو خيال آهي تہ نئين ٽيڪنالاجيءَ (Technology) ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اڳتي وڌائڻ لاءِ رومن خط ضروري آهي ۽ رومن خط اختيار ڪرڻ سان سنڌي ٻولي بين الاقوامي سطح جي ٻولي ٿي ويندي ۽ ان ذريعي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رهندڙ سنڌين جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو ٿيندو. جڏهن تہ ڪيترا عالم رومن خط جي خلاف آهن ۽ عربي سنڌي رسم الخط کي ئي اهميت ڏين ٿا. ڇو تہ سندن نظر ۾ سنڌي علم، ادب جو وڏو حصو ان خط ۾ آهي.

**روميت/روح پرستي** (Animism):

بي جان شين ۽ فطرت جي مظاهرن جي باري ۾ هڪ عقيدو تہ بي جان شين ۾ بہ روح ٿيندو آهي. ان جي پويان هڪ سگهہ ٿئي ٿي جيڪا مادي دنيا کي هلائي ٿي. ان جي ابتڙ (In Animism) جاندار شين ۾ ويساهہ/عقيدو آهي.

**رهاڻ** (Rihan):

ڪنهن استاد، عالم، اديب ۽ سگهڙ شخص سان گڏجي ڪچهري، مجلس يا گفتگو ڪرڻ يا شام ملهائڻ کي رهاڻ چئبو آهي. ان رهاڻ ۾ ان شخصيت جي فن ۽ فڪر جي باري ۾ ڳالهائبو آهي ۽ ان کان سندس زباني هن جي زندگيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪبي آهي.

**رهس** (Rahes):

رهس هم قسم جو ناٽڪ آهي، جنهن ۾ رقص ۽ رنگينيءَ کان سواءِ ٿوري اداڪاري بہ هوندي آهي. رهس دراصل رام ليلا ۽ ڪرشن ليلا کان مختلف هوندو آهي. رام ليلا ۽ ڪرشن ليلا ڌرمي هوندا آهي. پر رهس ناٽڪ تفريحي ٿيندو آهي.

**رهنما متو** (Motto):

ڪوبہ رهنما اصول يا متو يا اتساهيندڙ جملو، جيڪو ڪنهن تنظيم، پارٽيءَ يا اداري جي جوڙجڪ جي بنيادي مقصد طور اڳواٽ ڏنو وڃي، ڪتاب جي شروعات ۾ لکيو وڃي جنهن سان ڪا مهم شروع ڪئي وڃي وغيره وغيره. مطلب تہ ڪنهن بہ ڪم جو بنيادي مقصد.

**ريڊيو ڊراما** (Radio Drama):

ريڊيائي ڊرامي کي نشرياتي ڊرامو بہ چئبو آهي. ريڊيو ڊرامو لفظن، لهجي، صوتي اثرات ۽ بئڪ گرائونڊ موسيقيءَ جو نالو آهي. ان لاءِ اڪ نہ پر ڪن رس جي ضرورت آهي. ٻڌندڙ لفظن، لهجي، صوتي اثرات ۽ پس منظر واري

موسيقيءَ کي ٻڌي ڊرامي جي ڪردارن، ماحول وغيره بابت پنهنجي ذهن ۾ تصوير جوڙيندو آهي. يا وري لفظ، لهجو، صوتي اثرات ۽ پس منظر واري موسيقي ڊرامي جو ماحول، سٽاء، ڪردار نگاريءَ ۽ ڪهاڻيءَ جو تاڃي پيٽو مڪمل تصوير ٻڌندڙ جي ذهن ۾ جوڙيندو آهي. هڪ اعليٰ ريڊيو ڊرامي جو اثر ٻڌندڙ کي اڻ ڄاتل خوشي ۽ آسودگي پهچائي، ڪم ۾ رڌل هوندي به ڪو گيت يا نغمو جهونگاري حظ حاصل ڪري.

سنڌيءَ ۾ ريڊيو ڊرامن جي شروعات 1950ع ڌاري ٿي. ان زماني ۾ ريڊيو پاڪستان ڪراچيءَ تان سنڌي پروگرام 45 منٽن جو نشر ٿيندو هو. جنهن ۾ موسيقي، تقريرون، فيچر ۽ ڊراما پيش ڪيا ويندا هئا. سن 1955ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد ۾ اسٽيشن قائم ٿي، جنهن ڪري سنڌي پروگرامن کي وڌيڪ وقت ملڻ لڳو. ڪراچيءَ مان اڌ ڪلاڪ جي مدت جا ڊراما نشر ٿيندا هئا، پر حيدرآباد مان سنڌي ڊراما هڪ ڪلاڪ جي مدت جا نشر ٿيڻ لڳا. سيد منظور نقويءَ جو پهريون سنڌي ڊرامو 'روٽي' جي عنوان سان نشر ٿيو هو. جيڪو هن پاڻ هڪ اردو ڊرامي تان ترجمو ڪيو هو. اڳتي هلي خيرپور ۾ ريڊيو اسٽيشن کلي تہ اتان بہ ڊراما نشر ٿيڻ لڳا. موجوده دور ۾ ڪيتريون F.M ريڊيو اسٽيشنيون خانگي توڙي سرڪاري کلي چڪيون آهن. پر ريڊيو ڊرامو، چئنلن ۽ ٽيليويزن ڊرامن جي ڪري، پنهنجو اوج وڃائي ويٺو آهي.

**رينگا** (Reenga):

رينگا جي صنف جپان جي ڊگهي نظم Tanka ٽنڪا مان نڪتي آهي. ٽنڪا نظم ۾ اهڙا ڪيترائي بند هوندا آهن. هلندي هلندي ٽنڪا جو هڪ بند الڳ صنف ٿي پيو ۽ ان کي رينگا سڏيو ويو. رينگا جو گهاڙيٽو ٽنڪا جي هڪ بند وارو (پنج ، ست، ست ماترائون) ٿي رهيو. جيڪو بلڪل ائين ٿي هو جيئن قصيدي مان غزل نڪتو. اڃا اڳتي هلي رينگا جو شروعاتي حصو هڪ ڌار گهاڙيٽو ٿي پيو ۽ ان کي هائيڪو يا شروعاتي سڏيو ويو.

رينگا صنف سنڌيءَ ۾ اڃا پنهنجا پير ايترا پختا ڄمائي نہ سگهي آهي، پر پوءِ بہ ان تي مير محمد پيرزادي، مختيار ملڪ، تاج جويي ۽ ٻين ڪجهہ جديد شاعرن طبع آزمائي ڪئي آهي.

# ز

**زاري** (Zari):

زاري ماتمي شعر آهي، جيڪو خاص طور 9 ۽ 10 محرم تي ماتمي جلوسن ۾ دهل ۽ شرناءِ جي سرن تي درديلي انداز ۾ ڳايو ويندو آهي. زاريءَ جا اوائلي آهڃاڻ سنڌي شاعريءَ ۾ ٽالپرن جي دور (1782ـ1843ع) کان ملن ٿا.

**زبر** (A diacritical sign):

هر ٻوليءَ ۾ ڪي ڊگها ته ڪي ڇوٽا سر/آواز هوندا آهن. جن کي لکت ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ نشانيون مقرر هونديون آهن. جن کي 'حروف علت' (vowels) چئبو آهي. ڊگها سر ظاهر ڪندڙ حروف علت ا، و ۽ ي آهن. جڏهن ته ڇوٽا سر ظاهر ڪرڻ لاءِ ڏنل نشانين کي 'اعرابون' چئبو آهي. جيڪڏهن سر جو آواز 'اَ' هجي ته الف تي 'زَبر' ڏبي آهي. اهڙو ساڳيو سر ڪنهن حرف صحيح/وينجڻ مٿان ايندو ته ان کي پڻ زبر سان ظاهر ڪيو. جيئن ب+ر= بَ.

**زحاف** (Zahaf):

زحاف عربي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، اصليت کان پري هٽي وڃڻ" يا "تير جو نشان خطا ٿي وڃڻ". علم عروض ۾ زحاف سان سالم ارڪان ۾ ڦير ڦار ايندي آهي ۽ هڪ بحر مان ٻيو بحر جڙي ويندو آهي.

**زرد صحافت** (Yellow Journalism):

اشتعال انگيز صحافت جو بنياد جوزف پليٽزا 1880ع ۾ وڌو. پيلي پني تي رنگين اشاعتن جو تجربو ڪيو ويو، جنهن ۾ رنگين تصويرون به شامل ڪيون ويون جيئن وڪري ۾ اضافو ڪري سگهجي. ان عمل سان پيلي صحافت جو بنياد پيو.

**زرعي شعور** (Agrarianism):

ادبي دنيا ۾ هي اصطلاح زرعي زندگيءَ سان وابسته آهي. سڀ کان اڳ آمريڪي اديبن، انڊسٽريءَ بجاءِ کيتي ٻاڙي ڏانهن ورڻ جي ترغيب ڏني هئي. سنڌ جيئن ته هڪ زرعي ملڪ رهيو آهي، ان ڪري سنڌ جو اديب به زرعي شعور سان لاڳاپيل آهي.

**زمان** (Tense):

"زمان" (Tense) ، عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "وقت"، "زمانو" يا "ساعت". گرامر جي علم موجب فعل جي زمان مان ڪم ڪندڙ جي وقت يا حالت بابت اها ڄاڻ ملي ٿي ته ڪم ٿي ويو آهي، ٿئي ٿو يا ٿيندو. لفظن ۾ ائين جوڙ به درست ٿيندو، ته زمان وسيلي فعل جا مختلف زمان، جدا جدا وقت جي معنيٰ ڏيکارين ٿا. زمان جا مکيه ٽي قسم آهن "زمان ماضي" (گذريل وقت)، "زمان حال" (هلندڙ وقت) ۽ "زمان مستقبل" (ايندڙ وقت).

**زور** (Stress):

هي اصطلاح لسانيات جي علم ۾ استعمال ٿيندو آهي. بولي ڳالهائڻ دوران مختلف هنڌن تي زور (Stress) ڏئي معنيٰ ۾ فرق آڻي سگهبو آهي، جنهن ۾ اهڙا تصوير ڪجهه مبهم ۽ ٽڙيل نظر اينديون آهي جو جو ان ۾ ڪا گهٽتائي رهجي ويندي آهي. پڙهڪ ذوق وارو پڙهندڙ پنهنجي ذاتي تخيل ۽ تصور جي تحرڪ ۾ ان تصوير کي چٽو ڪري وجهندو آهي، ان وقت جو نالو "زور" آهي

**زير** (A diacritical sign):

ڪنهن به حرف جي اچارڻ ۾ ڇوٽو سر 'ِ' جو آواز ڏي ته ان حرف کي هيٺان ليڪ ڏبي آهي، جنهن کي 'زير' جي اعراب چئبو آهي

**ساڄي ڌر وارا اديب** (Rightists):

ورهاڱي کان پوءِ جڏهن سنڌي ادب ۾ ترقي پسند لاڙي جو سوال اڀريو تڏهن سنڌي اديب واضح طور ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا ساڄي ڌر وارا اديب، ٻيا وري کاٻي ڌر وارا اديب. ساڄي ڌر وارا ترقي پسند ۽ انقلابي سوچن جا مخالف هئا. هو ساڳئي وقت تصوف جي وحدت الوجود واري نقطءِ نظر جي بجاءِ وحدت الشهود جا حامي هئا. ساڄي ڌر وارا اديب گهٽي ياڳي حڪومت نواز هئا ۽ رجعت ۽ روايت پسند. ظاهر پرست مذهبي هئا. جڏهن ته کاٻي ڌر وارا روشن خيال ۽ تبديلي پسند هئا. سندن اختلاف سنڌ ۾ ون يونٽ واري دور ۾ وڌيڪ اڀري آيا ۽ اهو باقاعدي واضح فرق نمايان هو. اها روش ان کانپوءِ به هر دور ۾ هلندي آئي آهي.

**ساختيات** (Structuralism):

هن نظرئي مؤجب عمل جي پيٽ ۾ بيهڪ ۽ بناوت کي اهميت حاصل هوندي آهي، هن نظرئي جو بنياد مشهور لساني ماهر فرديندي سوسيور (1857_1913ع) وڌو جنهن کي لسانيات جي علم (Linguistics) جو ابو چيو ويندو آهي. هن نظريي ۾ لسانيات، ڏند ڪٿائون، آرٽ ۽ سماجي تنظيمون اچي وڃن ٿيون. ساختياتي لسانيات ۾ پاڻ ۾ مربوط عنصري نظام جي لحاظ کان ٻوليءَ جو مطالعو ڪيو ويندو آهي. ان حساب سان ساختيات جو ادبي تنقيد تي تمام گهڻو اثر رهيو آهي. ساختيات جي تحريڪ هڪ لکڻيءَ کي ساڳي قسم جي ٻين لکڻين سان ڳنڍڻ جي حامي آهي، جنهن کي Intertexuality چئبو آهي. اها المتلقيت (Abslutilism) بيشڪ ته ٻاهرين عنصرن يا ٻين سرشتن سان واسطو رکڻ کي اهميت نه ٿي ڏئي، پر ساڳي قسم جي ٻين لکڻين جي تناظر ۾ تحرير کي پنهنجي تجزئي جو حصو بڻائي ٿي.

**ساختيات پڄاڻان** (Post-Strucaturalism):

ساختيات پڄاڻان وارن، ساختيات جي اصولن کي ڦيرائي انهن جو هڪڙو در پيش ڪيو ۽ چيو ته ٻوليءَ ۾ معنيٰ نما (Signifier) ۽ تصوير معنيٰ Significal

ڪي حتمي شيون يا اصول ناهن. جن سان ڪا قطعي معنيٰ ( Absolute Meaning) ڏسي سگهجي. ساختيات پڄاڻان جي نقادن نئشي جي ان فلسفي تي هن تحريڪ جو بنياد رکيو آهي تہ:

"There is no meaning but interpretations"

**سادگي/سلاست** (Simplicity):

نقاد، شعر ۾ سلاست ۽ سادگيءَ تي ڏاڍو زور ڏيندا آهن. سلاست مان مراد صرف لفظن جي سادگي نہ آهي، بلڪ خيالات اهڙا نازڪ يا پيچيده نہ هجن جو عام ذهن ان ڪي سمجهي نہ سگهن. مطلب تہ اهڙي سادگي نہ هجي، جو ڪنهن ڪي سمجهہ اچي ۽ ڪنهن ڪي نہ اچي، پر سادگي اهڙي قسم جي هجڻ گهرجي، جنهن ۾ لفظ پيچيده ۽ ناهموار نہ هجن. ممڪن حد تائين روزمره جي محاورن جي قريب هجن. مطلب تہ لفظن جي سادگيءَ سان گڏ مقصد جي بہ اهڙي صاف ستري قوت هجي، جو هر پڙهندڙن لفظن ۽ معنيٰ جي سطح تي پهچي وڃي.

**سادي پرولي** (Simple Riddle):

اها پرولي جا ننڍن جملن يا موزون فقرن تي ٻڌل هجي، جنهن جي پڇڻي گهڻو ڪري گهرو ماحول يا روزمره جي زندگيءَ سان واسطو رکندڙ هجي. مثال طور:

(1) گهر گهر ۾ ڳاڙهي ڪنوار: (باهہ)

(2) هيڏو هيڏو پاڻ، سؤ ڪلن ساڻ: (بصر)

(3) اچي اچي پار، جتي جهرڪي نہ جهار: (لوڻ)

**سارنگ رس** (Sarang/Pasr Song):

شاهہ لطيف جي رسالي جو سر سارنگ، ميگهہ ۽ ملهار ٻوليءَ جي لحاظ کان هڪ ئي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندا آهن. هن سر ۾ شاهہ سائين، مينهن جي مند ۾ قدرت جي رنگ ۽ رونق جو بيان ڪيو آهي. مينهن ساري عالم ۾ آسودگي ٿو آڻي ۽ انهيءَ ڪري الاهي مهر جو نشان آهي:

سارنگ ڪي سارين، ماڙهو مرگهہ، مينهيون!

"سارنگ" سنسڪرت ۾ معنيٰ آهي "مور جي ٻولي." ان کان علاوه "سارنگ" هڪ راڳڻيءَ جو بہ نالو آهي. سمپورڻ راڳ جي قسمن مان هڪ آهي. هڪ راڳڻيءَ جا سر حقيقي معلوم ٿيندا آهن. هيءَ راڳ ٻن پهرن جو ڳايو ويندو آهي. شاسترن ۾

هيءَ هڪ پلارو راڳ جاٺايو ويو آهي. هندي جي مشهور ڊڪشنري ”شبد ساگر“ ۾ سارنگ جي معنيٰ ميگهه، بادل ۽ ڪنوڻ پڻ ڄاڻايل آهي. موسيقيءَ جي ماهرن جو چوڻ آهي ته هن راڳ جي ڳائڻ سان مينهن وسندو آهي

**ساز** (Musical Instrument):

اهڙو اوزار ، جنهن سان سنگيت ۽ سريلن آوازن جي لئي نڪري. ساز، سازيندا، راڳين جي ڳائڻ وقت استعمال ڪندا آهن. اهڙيءَ ريت راڳيءَ جي آواز، گيت ۽ سازن جي سنگم سان وڻندڙ فضا جنم وٺندي آهي. سازندا، اڪيلا ساز به وڄائيندا (solo play) آهن. سنڌ جي مشهور سازن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا:

الغوزو، بورينڊو، يڪتارو، ڍول، پکواڄ، چپڙيون، تنبورو، دنبورو، متڪو/گهڙو، مرلي، سرندو، بانسري، شرناءِ، ڪماچ، بينون، نڙ، نڙانبي، جهانجهه، چپر، تورا، گهنگهرو وغيره.

**ساغر**(A wine cup):

فارسي تمثيل مطابق سنڌي شاعر ”ساغر“ لفظ شاعريءَ ۾ ڪتب آڻيندا رهيا آهن. ساغر جو مطلب شراب جو جام /پيالو آهي. شاعرن ڪي اصل معنيٰ سان گڏ تمثيلي انداز ۾ به پيش ڪندا آهن.

**ساقي** (A wine cup bearer):

محفل ۾ شراب پيارينڙ، ڪلال يا ڪلاڙ، جيڪو خوبصورت عورت ۽ ڇوڪري جي روپ ۾ هوندو آهي. ايراني شاعري خاص ڪري غزل ۾ ساقيءَ لفظ جو استعمال جام ٿيو آهي. اردو ۽ سنڌي عروضي شاعرن وٽ به ”ساقي“ جو تصور ملي ٿو. اهڙيءَ طرح ”ساقي نامه“ جو اصطلاح وري مثنويءَ لاءِ ڪتب ايندو آهي.

**ساڪرو رسم الخط**(Sakhro Scrip):

ساڪرو جو مطلب آهي، سکر وارو. هي رسم الخط سکر جا واپاري استعمال ڪندا هئا. سکر جي نالي سان مشهور هئي، جهڙيءَ ريت: خداوادي، شڪارپوري، سيوهاڻي، حيدرآبادي وغيره.هي سکر جي هٽ واڻڪي رسم الخط هئي، جيڪا شڪارپوري رسم الخط سان ملندڙ جلندڙ هئي ۽ ديوناگري خط ۾ لکي ويندي هئي.

**سامراجيت** (Imperialism):

سامراجيت هڪ سياسي اصطلاح آهي، جنهن کي ڪميونسٽ اڳواڻ لينن ۽ ڪارل مارڪس اڳتي وڌايو. لينن سامراجيت بابت چيو هو ته سامراجيت تسلط چاهي ٿي آزادي نه. سامراجيت يا شهنشاهت دراصل طاقتور ملڪن طرفان يا طاقتور قوتن طرفان محڪوم ملڪن ۽ قومن جي اقتدار تي پنهنجي ڏاڍ يا پاليسين ذريعي عملداري ڪرڻ يا اثر وڌائڻ آهي. ان سلسلي ۾ خاص طور تي تجارتي ۽ سياسي پاليسين جو وڏو عمل دخل هوندو آهي. ترقي پسند ادب جو هڪ اهم موضوع سامراجيت به رهيو آهي.

**سامونڊي (سر)** (Sur Samondi):

هن سر کي اهو نالو ان جي مضمون مطابق ڏنو ويو آهي. سر سامونڊي ۾ شاهه لطيف سمنڊ جي غورابن ۾ سفر ۽ واپار ڪرڻ وارن سامونڊين جي گهرواريِن جا الڪا ۽ اوسيئڙا اهڙي ته رقت آميز طريقي سان بيان ڪيا آهن جو پڙهڻ ۽ ٻڌڻ وارن جي دلين تي گهرو گهاو ڪيو وجهن. وڻجارن جي وهن کي نهايت سهڻيون صلاحون ۽ مفيد مشورا ڏنا اٿس. انهن جي جذبات ۽ احساسات جو اهڙو ته نقشو ويهي چٽيو اٿس جو سڄو منظر اکين اڳيان ڦريو اچي. هيءُ سر گويا سر سريراڳ جي ڏوري آهي، يا ائين ڪٿي چئجي ته سر سريراڳ ۾ وڻجارن جو ذڪر آهي ته وري سر سامونڊيءَ ۾ سندن وڇڙيل وَهن جو احوال نقش ڪيل آهي.

**سام ويد** (Sam Ved):

هندن جي آڳاٽن مذهبي ڪتابن: "رگويد"، "سام ويد"، "يجر ويد" ۽ "اٿر ويد" مان سام ويد ۾ راڳ ۽ گيت آهن. جيڪي پروهتن طرفان قربانيءَ/ٻليءَ وقت پڙهيا ويندا آهن. سام ويد جا ڪيئي منتر رگ ويد مان ورتل آهن.

**سامي ٻوليون** (Semitic Languages):

سامي زبانون هميشه ساڄي پاسي کان لکيون وينديون آهن. سامي صفت جو مطلب آهي سامي ٻولين جهڙي. سامي ٻوليون – سرياني، عبراني، حبشي ۽ عربيءَ زبانن کي چئجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (1917_2011ع) ابتدا ۾ پنهنجو نظريو پيش ڪندي، ان کي "سامي صفت" سڏيو هو. جنهن سان سنڌ جا ٻيا عالم اختلاف رکن ٿا. ڊاڪٽر بلوچ صاحب آخر ۾ پنهنجو رايو تبديل ڪيو.

**سانگ** (Mime):

سانگ جي معنيٰ آهي "نقل ڪرڻ". ارسطوءَ مطابق ڊرامو اصل جي تقليد آهي. رواجي طرح سانگ بابت ماڻهو ڄاڻي ٿو. هي اهڙو ته مقبول ۽ مانوس طريقو آهي، جو جڏهن انسان سمجهه لائق ٿئي ٿو، تڏهن کان سانگ شروع ڪري ٿو ته، اصل انسان جي سچي سکيا 'سانگ' سان شروع ٿئي ٿي.

سـڱ 'هوليءَ جي تقريب جو هڪ اهم حصو هوندو آهي. پر خوشيءَ جي موقعن جهڙوڪ شادين وغيره جي تقريبن ۾ 'سانگ' کي اوليت ڏني ويندي آهي. هن رواج ايتري قدر ته مقبوليت ورتي، جو انهيءَ رواج کي مسلمانن به اختيار ڪيو. 'سانگ' جي 'ڊرامي' واري حيثيت لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب "مناظرا" جي مقدمي ۾ لکي ٿو ته 'سانگ' سنڌ جو ڊرامو آهي، جنهن جي شروعات آڳاٽي وقت کان ٿي. مڱڻهار، ڀٽ، شيدي ۽ ٻيا خاص حرفتي ۽ هنرمند گروهه شادين ۽ محفلن جي موقعن تي سانگ وجهندا هئا، جنهن ۾ مختلف ڪردارن جا روپ اختيار ڪري، واقعي يا سماجي منظر جي جيئري جاڳندي تصوير پيش ڪندا هئا. هنرمند عورتون وري عورتن جي مجلس ۾ سانگ وجهنديون هيون. اڃا تائين اهي سانگ رچايا وڃن ٿا."

**سانوڻ تيج** (Saman tej Spring Poem):

سانوڻ تيج هڪ ٿري لوڪ گيت آهي، جيڪو ڪنواريون ۽ نو ورنيون، سانوڻ جي سهائي پڪ ۽ اونداهي پک جي تيج تي ڳائينديون آهن. هن گيت ۾ ڪيفيت ٿري لوڪ گيت جي آهي. سانوڻ تيج جو تعلق سانوڻ جي مند سان آهي. ٿر جون جوانڙيون وڻن ۾ پينگهون ٻڌي ڏينهن جو وانڍڪائيءَ ۾ لڏن به ۽ ترائيءَ پر تي سانوڻ تيج جا گيت به ڳائين. هن گيت ۾ ٿر جون نوَ ورنيون ۽ ڪنواريون پرديس ۾ پرڻجي ويل پنهنجي ساهيڙيءَ جي جذبن جو به اظهار ڪنديون آهن. سانوڻ رت ۾ آسمان ۾ ڪڪرن جون گوڙيون ۽ ڪنوڻين جا ڪلڪار ڏسي، پرديسڻ ڇوڪري پنهنجي مائٽن لاءِ به اڀاڻڪي ٿيندي آهي:

اٺي ائي، مان اي سراوڻ ري تيج
سراوڻ، سراوڻ، ڏيئا ساسري!

**سانيٽ** (Sonnet):

سانيٽ اصل ۾ مغربي شاعريءَ جو هڪ قسم آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي ”چوڏهن سٽن وارو شعر“. هيءَ شاعريءَ جي صنف پهريائين اٽليءَ ۾ موجود هئي، جتان پوءِ انگريزن وٽ آئي ۽ اتي گهڻي مقبوليت حاصل ڪيائين. تازو ٿورن سالن کان هيءَ صنف سنڌي شاعريءَ ۾ نارائڻ شيام (1922_1989ع) مروج ڪئي ۽ ان جو نالو ”چوڏسي“ آهي، جيڪا رشي وشواميڪر ۽ مينڪا جي ديومالائي ڪٿا تي ٻڌل آهي ۽ شايع ٿي چڪي آهي. سنڌ جي شاعرن، سنڌي سانيٽ ۾ به سٽن جو انداز ساڳيوئي چوڏهن رکيو آهي، پر قافيي جي لحاظ کان هر هڪ شاعر پنهنجي پنهنجي رٿا رکي آهي.

**ساهت** (Literature):

ادب کي هنديءَ ۽ سنڌيءَ ۾ ساهت چيو ويندو آهي. ”ساهتيه“ سنسڪرت جو لفظ آهي. ’ساهتيه‘ لفظ جي اکري معنيٰ موجب ساهتيه ۾ لفظ ۽ معنيٰ جو پاڻ ۾ گهاٽو ميلاپ آهي. ان حساب سان انسان ٻوليءَ جي وسيلي پنهنجي امنگن ۽ ويچارن جو اظهار ڪري ٿو جيڪي لکت ۾ اچي وڌيڪ دائمي ٿين ٿا. انهيءَ اکري معنيٰ موجب سمورا ادبي ڪتاب ساهتيه ۾ شمار ڪري سگهجن ٿا. (وڌيڪ ڏسو: ”ادب“)

**سائر** (Minstrel):

گهمندڙ ڦرندڙ شاعر، عوامي شاعر. اڳي سنڌي سماج ۾ راڳي فقير ۽ عوامي شاعر سيلاني هوندا هئا. هڪ شهر مان ٻئي شهر هڪ درگاهه تان ٻي درگاهه تي راتيون گذاريندا هئا. اهڙن شاعرن کي ”سائر“ چيو ويندو هو.

**سائنس فڪشن** (Science Fiction):

سائنس فڪشن پنهنجي جوهر ۾ تخيل جي گهڻ پاسائين اڏام ۽ اظهار جو وسيلو آهي. ان ڪري ئي سائنس فڪشن جا پلاٽ، ڪردار ۽ ٻيا سڀ لاڳاپيل معاملا مستقبل سان واسطو رکندڙ هوندا آهن. سائنس فڪشن صنف ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. هڪ ”هارڊ سائنس“ ۽ ٻي ”سافٽ سائنس“. هارڊ سائنس جا موضوع نيچرل سائنس رهيا آهن ۽ سافٽ سائنس جا موضوع سماجي سائنس بڻيا. ان کانپوءِ، سائنس فڪشن ۾ ٻيا موضوع به داخل ٿيا، جيئن ممڪنات، تجسس، جاسوسي ۽ ڊپ وغيره. جيتوڻيڪ، سائنس فڪشن

۾ انهيءَ قسم جي ادب کي گهٽي پذيرائي ڪانه ملي. پر "ممڪناتي ۽ قياس آرائيءَ تي ٻڌل لکڻيون" جيڪي فيوچرالاجيءَ جي زمري ۾ اچن ٿيون، تن تي گهڻو ڪم ٿيڻ لڳو. سنڌي ادب ۾ محمد بخش جوهر (1909_ 2010ع) جو نالو "قياس تي ٻڌل ادب" ۾ سرفهرست آهي. جوهر جا ڪيترائي ڪتاب سائنس فڪشن جو اعليٰ نمونو آهن، جن ۾ "آڌمر ڪنوارو"، "آڌامنڊ ٽالهيون" ۽ "ماڪوڙن جي فوج" قابل ذڪر آهن.

سنڌي ادب ۾ سائنس فڪشن جو پهريون ناول صاحبسنگهه چنديا سنگ شاهاڻيءَ (1868_1931ع) "تارن جو اڀياس" کي چئي سگهجي ٿو. هن ناول جو تاجي پيٽو، ان زماني جي ڪراچيءَ جي شهري زندگيءَ جي جهلڪ ڏئي ٿو.

اهڙيءَ طرح اسين رشيده حجاب کي پهرين سنڌي ليکڪا چئي سگهون ٿا، جنهن سائنس فڪشن جي دائري ۾ ڪهاڻيون لکيون. جديد دور جي بدلجندڙ قدرن کي ذهن ۾ رکندي، سائنس فڪشن تي مبني قاضي فيض محمد(1908_1982ع) "ٻاويهه سو ٻاويهه"(2222) ۾ لکيو. هن ناول جي خاص ڳالهه اها آهي ته ان ۾ سائنسي ايجادن ۽ ترقيءَ کي ذهن ۾ رکندي مستقبل جو هڪ سماجي ڍانچو تشڪيل ڏنو ويو آهي. ان ڪانسواءِ، ايڇ جي ويلز جي جڳ مشهور ڪتاب، "وار آف دي ورلڊس" جو نصير سارنگ سنڌي ۾ ترجمو بعنوان "مريخ جو حملو" ڪيو آهي، جيڪو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ڇپايو آهي. اٿارٽيءَ کان سواءِ قاضي منظر حيات جا ٻه ڪتابڙا "ناميارا سائنسدان" ۽ هڪ تاب وقت ۽ امتحان (ايڊسين جي ڪهاڻي) ترجمو ۽ ولي رام ولڀ جو ترجمو ڪيل ڪتاب "سائنسي چانڻ" ۽ نصير سارنگ جو ترجمو ڪيل ڪتاب "هڪ سؤ هڪ سائنسي رانديون" به ڇپايا آهن. شمس الدين عرسانيءَ جو ترجمو ٿيل سائنسي ڪهاڻين جو ڳٽڪو "سائنسي افسانه" قابل ذڪر نالا آهن. ان کان سواءِ سنڌيءَ ۾ ٻارن جي لاءِ ڪيتريون سائنسي ڪهاڻيون لکيون ويون يا ترجمو ڪيون ويون آهن، جيڪي سائنس رسالي ۽ ٻين رسالن ۾ ڇپيون آهن.

**سائنسي تنقيد** (Scientific Criticism):

اها تنقيد، جيڪا ادبي پاري کي سائنسي اصولن موجب تجزياتي (Analysis) مرحلي مان گذاري عقلي دليلن سان پرکي ۽ ان ۾ سماجي قدرن جو

۽ پتو لڳائي ۽ جمالياتي پهلوئن کي به اجاگر ڪري، ان کي علمي ۽ سائنسي تنقيد چئبو آهي.

**سائنسي طرز فڪر** (Scientific Approach):

ادبي دنيا ۾ ڪنهن به مواد کي عقيدن، نظرين ۽ جذبات کان بالاتر ٿي سائنس ۽ عقل پسنديءَ سان پرکڻ کي سائنسي طرز فڪر چيو ويندو آهي.

**سبق آموز/پڇاڙي** (Epilogue):

ناول يا ڊرامي جو آخري باب، جنهن ۾ ليکڪ سڄي ڪهاڻيءَ جو اخلاقي پهلو بيان ڪندو آهي، هن قسم جا ناول ۽ ڊراما اوائلي دؤر ۾ عام هوندا هئا. جن ۾ شيڪسپيئر جا ڊراما به اچي وڃن ٿا. مرزا قليچ بيگ (1853_1929ع) جي اڪثر ڊرامن ۽ ناولن جي آخر ۾ سبق آموز باب ضرور ملندو.

**سڀ حق ۽ واسطا قائم** (Copy Rights):

ليکڪ يا پبلشر پنهنجي ڪتاب، تحرير کي ادبي چوريءَ کان بچائڻ لاءِ يونيسڪو جي 1952ع جي يونيورسل ڪاپي رائيٽ تحت محفوظ ڪندا/ بچائيندا آهن. ان قانون مطابق ڪتاب جو ڪو به حصو يا مڪمل ڪتاب ليکڪ يا پبلشر جي مرضيءَ کان سواءِ ڪو به شايع ڪري نٿو سگهي. اچ ڪلهه Intellectual Property Rights تحت تخليقي فن کي محفوظ ۽ ڪاپيءَ کان بچايو وڃي ٿو.

**ست سٽا** (Septet):

"ست سٽا" هڪ سادو نظم آهي. هن نظم ۾ ست سٽن مان پهرئين جي بيهڪ قافيي جي لحاظ کان ٽن دوهن تي مشتمل آهي. جڏهن ته سٽين ۽ آخري سٽ، ٻئي نمبر دوهي سان هم قافيا هوندي آهي. جڏهن ته ان جو وزن فعولن، فعولن، فعولن، فعولن (چار پيرا) تي مشتمل هوندو آهي. هاڻي وزن جي پابندي نه ٿي رکي وڃي. سنڌي ۾ استاد بخاري، وسيم سومري ۽ ڪجهه ٻين ڪامياب ست سٽا لکيا آهن. وسيم سومري جي شاعريءَ جو مثال ڏجي ٿو:

مون پڳل ڪاراهه مان چوڙي لڌي،
منهنجي سوچن جي دريءَ مان اوچتو،
ريشمي هئي ٻانهن ڪا ايري پئي،
ڪيئن چوان، مون سارڪا ڪوڙي لڌي،

سار: جنهن جي مخملي احساس مان،
درد جي هئي دانهن ڪا ايري پئي،
ريشمي هئي ٻانهن ڪا ايري پئي،

**ست سري**(Seven Melodies):

لوڪ ادب جي اها صنف، جنهن ۾ ڪي ٻه ست سر آيل هجن. هن قسم جي شعر ۾ هڪ ئي بيت ۾ سرن وار رومانوي داستانن وارن اڪثر سرن جو بيان آندو ويندو آهي، ان ۾ بيت جو اهڙو انداز هوندو آ هي، جنهن هڪ بيت ۾ مختلف رومانوي داستانن جو گڏيل بيان ڪيو ويندو آهي، اهڙي بيت کي ست سرو بيت چيو وڃي ٿو، جهڙوڪ مومل راڻو، سسئي پنهون، پوري ڦل وڏو، ٻوبنا جراڙ، ليلا چنيسر، سورٺ راءِ ڏياچ، نوري ڄام تماچي وغيره جي سرن تي چيل بيت.

**سجع** (Smoothness):

ادبي اصطلاح ۾ سجع مان مراد آهي ته هڪ فقري جا سيئي لفظ يا اڪثر لفظ ڪنهن ٻئي فقري جي سيني لفظن سان ترتيب ۾ هم وزن ۽ هم قافيه هجن.

**سڏ پڙاڏو**(Echo):

هن اصطلاح جي جتوٽيڪ لغوي معنيٰ آواز ۽ ان جي گونج يا پڙلاءُ آهي پر علامتي طور سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ "سڏ پڙاڏي" کي وڏي اهميت ڏني ويئي آهي. لوڪ شاعريءَ ۾ "سڏ" کي شاعري جي صنف طور به استعمال ڪيو ويو آهي اهڙو سڏ، جيڪو محبوب کي، مظلوم کي، مجبور کي، يا وري اتحاد لاءِ گڏ ٿيڻ، ملڻ لاءِ پڪاريو وڃي ۽ اهو وري پڙلاءُ بڻجي پڪڙجي وڃي. شاهه سائين فرمايو آهي ته:

پڙاڏو سوئي سڏ، ور وائيءَ جو جي لهين،
هٿا اڳهين گڏ، پر ٻڌڻ ۾ ٻه ٿيا.

سائين محمد ابراهيم جويي ۽ جي. ايم. سيد جي خطن جو ڪتاب به "سڏ پڙاڏو" آهي. "پڙاڏو سوئي سڏ" سراج ميمڻ جو ناول جو نالو به آهي.

**سر**(Melody):

سر: اهو آواز (لهجو) جيڪو نسن (رڳن) مان نڪ جي ناسن (سوراخن) وسيلي ساهه سان گڏ نڪري ٿو اصطلاحي زبان ۾ اهو من موهيندڙ (وڻندڙ) ترتيب ۽ تنظيم

وارو آواز، جيڪو سازن جي وڃت مطابق يا انهين ئي نڙيءَ مان سريلو نڪري، ان کي "سر" چئبو آهي. علم موسيقيءَ (راڳ) مطابق "سرگم راڳ" جي ستن حصن (س – ر – گ – م – پ – ڌ – ن) مان هڪ حصي (پاڱي) کي "سر" سڏبو آهي.

"سر" لفظ جي شروعات آڳاٽي دؤر ۾ سنڌ کان ٿي. موهن جي دڙي مان بوڙيندڙ ۽ چنگ جا ساز مليا آهن. ناچڻيءَ جي مورتي ملي آهي، جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته هتي سر سنگيت عام هو. ان کانپوءِ تاريخي دور ۾ ڏٺو وڃي ته ان جا اهڃاڻ هندي راڳ ۾ ملن ٿا. جنهن کي هندستاني قديم موسيقي (ٺمري) چئجي، ته بيجا نه ٿيندو. سنڌي زبان ۾ سر جي تاريخ غالباً سومرن جي ڏينهن کان ڏسڻ ۾ اچي ٿي.

**سرائتي ڳجهارت** (A Melodious Puzzle):

اها ڳجهارت، جيڪا ڪنهن نه ڪنهن سر جهڙوڪ مومل راڻي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار وغيره مان هجي. مثال طور:

ليڪي جو اڳئي لڪيل هو، تڏهن پاتم مرض پنهونءَ سان

هيءَ ڳجهارت سر سسئيءَ مان پڌري آهي. ان جي پيڇڻي بند وارهن ريت ٿيندي:

بند: ليڪي جو = انگ، مرض = پيچ

پيڇڻي: انگ اڳيئي لڪيل هو، تڏهن پاتم پيچ پنهونءَ سان

**سرمائيدارانه نظام** (Capital System):

سرمائيدارانه پيداواري تعلقات جو بنياد هي آهي ته سرمائيدار، پيداواري ذريعن جو مالڪ ٿئي ٿو، پر مزدؤرسندن ملڪيت ۾ نٿا ٿين. سرمائيدار، مزدؤرن کي غلامن وانگر نه ڪو خريد ۽ نه ئي وڪرو ڪري سگهي ٿو ۽ نه ئي انهن کي قتل ڪرڻ جو ان کي حق آهي، انڪري مزدؤرذاتي طور تي آزاد آهي، پر جيئن ته هن وٽ پيداواري ذريعا نٿا ٿين. ان ڪري بکيو مرڻ کان بچڻ لاءِ پنهنجي ڪم جي طاقت سرمائيدار وٽ وڪڻي ٿو.

پيداواري ذريعن تي سرمائيدار جي قبضي سان گڏ جاگيري نظام ٽٽڻ لڳي ٿو ۽ زمين، هارين جي ملڪيت بڻجيو وڃي ۽ دستڪار، جاگيري جبر کان آزاد ٿي آزادانه طور ڪم ڪن ٿا. پر هي سرمائيداريءَ جي شروعاتي دؤر ۾ ٿيو، پر اڄڪلهه ان جو ڪارج ئي بدلجي ويو آهي. هي موضوع پڻ سنڌي ترقي پسند ادب جو خاص موضوع رهيو آهي.

**سرمائيداريت** (Capitalism):

اهڙو معاشرتي ۽ معاشي نظام (Socio — economic system) جيڪو جاگيرداريءَ (Feudalism) يا اُن جي رد عمل ڪان پوءِ وجود ۾ آيو. هي نظام آيو تہ جاگيرداري نظام جي ضد ۾ هو ۽ پنهنجي دور ۾ ترقي پسند بہ هو پر بعد ۾ گهٽي منافعي جي چڪر ۾ پورهيتن جو استحصال تيڻ لڳو. هن نظام طبقاتي فرق کي جنم ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ ڪميونزم جنم ورتو. سرمائيداري نظام ۾ هڪ خاص سرمائيدار طبقو استحصالي ٿي پوندو آهي. سنڌي ترقي پسند ادب ۾ سرمائيداريت خاص موضوع رهيو آهي. سنڌي اديبن پنهنجي ادب ۾ هن نظام جي سخت مخالفت ڪئي آهي.

**سرمد** (Sarmad):

سرمد جو مطلب آهي هميشہ رهندڙ، دائم. سرمد ڪاشاني (1519ـ 1661ع)، مغل حڪمران اورنگزيب جي زماني ۾ تمام وڏو صوفي ٿي گذريو آهي. جنهن کي قتل ڪرايو ويو. اپيچند سان ڪيس عشق هو. سرمد جو فڪر ۽ نالو سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو.

**سرمدي نغمو:**

اهو گيت، جنهن ۾ قلندرانہ مستيءَ جي اپتار هجي: مثال:

جنهن دل پيتا عشق دا جام
سا دل مستو مست مدام

**سرمست** (Sar Mast):

"سرمست" فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، (سر=مٿو+مست=متوالو مدهوش، ديوانو)؛ جيڪو عشق ۽ محبت ۾ ڀرپور ۽ ديوانو هجي، يعني اهڙو بزرگ، خدا تعاليٰ جي بندگي ڪندي، جوش ۽ مستيءَ ۾ اچي جهومڻ لڳندو آهي.

سنڌ جي صوفي بزرگ ۽ شاعر "سچل" کي "سرمست" سڏيو ويندو هو. چاڪاڻ تہ، هو جڏهن بہ پنهنجي پالڻهار جي بندگيءَ ۽ ساراهہ ۾ مشغول ٿي ويندو هو. تڏهن مٿس الاهي محبت جو اهڙو تہ رنگ چڙهي ويندو هو جو هو بيخود ٿي ويندو هو ۽ اُن وقت دنيا جون شيون تہ ڇڏيو پر پنهنجي جان جي بہ

ڪيس خبر ڪا نہ پوندي هئس. "سچل" جو اصل نالو عبدالوهاب هو. مگر سندس مائٽ پيار وچان ڪيس 'سچو' ۽ 'سچيڏنو' ڪري ڪوٺيندا هئا. جيڪو پوءِ "سچل سرمست" جي نالي سان مشهور ٿيو.

**سري راڳ** (سر) (Siri Rag):

شاھ جي رسالي ۾ هڪ سر جو نالو. "سري راڳ". هندوستان جي مکيہ راڳن مان هڪ آهي. ان جي ڳائڻ جو مکيہ وقت، شام 4 وڳي کان 8 وڳي تائين هوندو آهي. هي هڪڙو ئي مکيہ راڳ آهي، جيڪو شاھ جي رسالي ۾ آهي. هن سر ۾ شاھ صاحب، مهراڻ، معلمن، ملاحن ، غواصن ،سامونڊين، بيڙين، بيڙياتن، غورابن ۽ جهازن جي مثالن وسيلي انسان کي روحاني هدايت ڏني آهي.

**سسئي** (Sassui):

شاھ لطيف جي سورمي. سسئي پنهون قصي جي مرڪزي ڪردار، جنهن کي شاھ لطيف تڪليفن ۾ جدوجهد جي تمثيلي معنيٰ ۾ استعمال ڪيو آهي. سسيءَ جو اصل شهر ڀنڀور هو. پنهون جي تلاش ۾ ڪيچ مڪران جو رخ ڪيو ۽ رستي ۾ دم ڏنائين. شاھ سائين سسئيءَ تي سڄا سارا پنج سر چيا آهن: "سسئي آبري"، "معذوري"، "ديسي"، "ڪوهياري" ۽ "حسيني". سڀني سرن ۾ سسئيءَ جي ڏاکڙن ۽ ولايت جو احوال آهي. سر سسئي لاءِ پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي لکيو آهي تہ "شاھ صاحب هن سر ۾ سچي سڪ جو وستار ڪيو آهي. نينهن جي تک، مهراڻ جي تک کان وڌيڪ جبري آهي. سچو طالب هميشہ عشق جي عميق ۾ ٻڏل آهي. انهيءَ ڪري هن لاءِ ظاهري مهراڻ سڪي پٽ ٿيو پوي."

**سسئي آبري** (سر):

هي سر سسئي جي باري ۾ آهي. آبري "لفظ" (ڪمزوري يا ناتوان) جي مثيل صورت آهي. هن سر ۾ سسئيءَ جي ضعيفائيءَ جو ذڪر آهي. پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻيءَ مطابق: "هن سر ۾ شاھ اهو راز سمجهايو آهي تہ پاڻ پيهي، روح رهاڻ ڪرڻ سان، انسان پاڻ خدا ٿيو پوي."

**سطحيت** (Superficiality):

ڪنهن نظم يا نثري عبارت ۾ فڪر جي گهرائيءَ جي فقدان کي سطحيت چيو ويندو آهي. موضوع تي سطحي طرح نظر وجهڻ سطحيت ۾ شمار ٿئي ٿو.

**سفرنامو**(Travelogue):

سفرنامو علمي ۽ ادبي حيثيت ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. ادب جي هيءَ واحد صنف آهي، جنهن جو معاشري جي سڀني علمن سان تعلق آهي. اديبن، تاريخدانن، سياحن، جاگرافيدانن ۽ سوانح نگارن هن صنف مان گھڻو فائدو ورتو آهي. ان ڪري دنيا جي هر زبان ۾ سفرنامن کي اعليٰ مقام حاصل آهي. درحقيقت، سفرنامو سير ۽ سفر جي مشاهدن جي اها روئداد آهي، جيڪا ليکڪ قلمبند ڪندو آهي. سفرنامي ذريعي هڪ ليکڪ پنهنجي ذاتي تجربن، مطالعي، مشاهدن ۽ تصوراتي ذات جي بنياد تي جيڪا تاريخي، جاگرافيائي، موسمياتي، اقتصادي، صنعتي، تجارتي، زراعتي، علمي، ادبي ۽ ٻين موضوعن متعلق معلومات گڏ ڪري پيش ڪري ٿو. ان جي افاديت ۽ مقبوليت وڌيڪ ٿئي ٿي.

سنڌي سفرنامي جا اوائلي اهڃاڻ سڀ کان پهريان شاهه عنايت رضوي (1644_1713ع)، شاهه لطيف (1689_1752ع)، خليفو نبي بخش (1776_1863ع)، مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (1682_1752ع) ۽ سيد ثابت علي شاهه (1740_1800ع) جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا.نثري سفرنامي جي شروعات انگريزن جي دور ۾ ٿي. سنڌي زبان ۾ گھٽي ۾ گھٽا سفرناما الطاف شيخ لکيا آهن، جن جو تعداد 80 ڪتابن کان به مٿي ٿيندو. ان کان علاوه عبدالحئي پليجو ۽ محمد خان سيال جا نالا اهم آهن.

**سگھڙ ۽ شاعر**(Bard and Poet):

•سگھڙسنو گھڙيندڙ يعني سٺا بيت چوندڙ شاعر. سگھڙ ۽ شاعر ۾ ٿورو فرق هوندو آهي. سگھڙ لوڪ ڏاهپ جي حوالي سان، پنهجي وجود ۽ وجود سان لاڳاپيل سموري ادارڪ جي وجداني سطحن تي اظهار ڪندو آهي ۽ اهڙو اظهار مڪاني سطح تي ادبي ڪارج پورو ڪندو آهي ۽ شعر ۽ ادب جي مک وهڪري کان هٽي به، مڪاني نوعيت جي فڪري واٽن کي متاثر ڪري پنهنجو مقام، عام ماڻهوءَ کان گھٽي قدر مختلف رکڻ جي جاکوڙ ڪندو آهي.

شاعر جو رتبو، سگھڙ کان انڪري به مٿيرو ۽ مختلف آهي، جو هن شروع ۾ سگھڙائپ واريون منزلون اڪريون آهن ۽ پنهنجي ادارڪ سان، جيڪو هن ڀھراڙيءَ جي سونهن، رنگن ۽ ٻولن مان پرايو، انهن کي ڀھراڙين جي سطح کان

مٿي ڪٿي، انهيءَ اهم ۽ وڏي گس تي آندو جيڪو گس، عالمگير سطح تي پهچي ٿو. پهراڙيءَ جي سونهن، رنگ ۽ ٻولن سان گفتگو ڪري ٿو. انهيءَ وڏي ادبي منزل تي پهچڻ لاءِ هر سگهڙ وڏي جاکوڙ ڪئي آهي ته شعر ۽ نغمي جا ڏکيا گس لتاڙي انهيءَ مارڳ تي پهچي. جيڪو وڏي ۽ نندي نظر رکندڙ، پاڙهو (قاري) ڪي چنيءَ ريت ڏسڻ ۾ اچي ۽ آس رکي ٿو ته هو به شاعر بڻجي ۽ پنهنجي اظهار ڪي هر سوچ جو حصو بڻائي.

**سلاست** (Lucidity):

شعر يا نثري تحرير ۾ مشڪل لفظ استعمال نه ڪرڻ ۽ اهڙا لفظ استعمال ڪرڻ جن سان زبان ۽ ڪن واقف هجن. انهن ۾ سادگي هجڻ کي سلاست چئبو آهي.

**سلام** (Salam):

سلام مرثيي جو هڪ قسم آهي ۽ ماتمي شاعري آهي. سلام ڪي غزل يا قصيدي جي گهاڙيٽي ۾ لکي سگهجي ٿو. ڪربلا جي شهيدن جي شاندار شهادت کي شاعر سلام پيش ڪندا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن قسم جي شاعريءَ جو بنياد ٽالپرن جي دؤر ۾ پيو. هتي سيد ثابت علي شاهه جي سلام جو مثال ڏجي ٿو:

شاهه شهيدان حسين تو تي صلوات و سلام
دين ۽ ايمان حسين تو تي صلوات و سلام

**سلوڪ** (Salok):

سلوڪ" سنسڪرت لفظ "شلوڪ" جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "گڏ ڪرڻ يا وڏڻ". اصطلاحي معنيٰ موجب، اهو سنسڪرت شبد (يعني گيت يا ٻچن جو چئن ٽڪرن يا فقرن جو تهيل هجي ۽ اهي چارئي فقرا پاڻ ۾ هم وزن هجن. مطلب ته سلوڪ ۾ ڪل چار سٽون ٿين ٿيون.

پائي چين راءِ "سامي" (1743_1850ع) جي بيتن کي "سلوڪ" چئجي ٿو. سامي سان سنڌ جي شاعرن جي ٽي مورتي "شاهه، سچل ۽ سامي" مڪمل ٿئي ٿي. سامي لاءِ چيو وڃي ٿو ته هو پنهنجي سلوڪن کي چٽڪين تي لکي مٽ ۾ وجهندو ويندو هو. جيڪي بعد ۾ سندس پٽ گهنشام داس گڏ ڪري گرمکي ۾ لکرايا. راءِ بهادر ڪوڙي مل کلناڻي (1844_1916ع) پهريون دفعو 1873ع ۾ انهن کي سنڌي صورتخطي ۾ آڻي پڌرو ڪيو:

وڏا سپ ڪيري، مايا جيءَ محل مون،
چڏيائين چل ول سان، حرص منجهه هيري،
ويئا منهن ڦيري، سامي چئي سروپ ڪون.

**سماج** (Society):

سماجي تعلقات جو اهو نظام، جنهن جي ذريعي اسان زندگي گذاريندا آهيون سماجي تعلقن جو اهو نظام اسان جي ماحول، عقيدن، خيالات، تصورات، فلسفي ۽ اسان جي ڪردار جي تعمير ۾ وڏو ڪردار ادا ڪندو آهي. چيو ويندو آهي ته ماڻهو پنهنجي سماج جي پيدا هوندو آهي. ادب سماج جي عڪاسي ڪندو آهي، ان طرح سان ادب جو هڪ سماجي ڪردار هوندو آهي.

**سماجيات** (Sociology):

معاشرتي ، سماج جي سائنس . هن علم ۾ معاشري يا سماج جي باري ۾ مختلف نظريا، سماجي برائين جا سبب ۽ سڌارا ، معاشري ۾ گروهه بندي، اجتماعيت، وغيره ڪي سماجيات جي زمري ۾ آڻي سگهجي ٿو. سماجيات ۽ ادب جو پاڻ ۾ گهرو تعلق آهي.

**سماجياتي تنقيد** (Sociological Criticism):

تنقيد جو اهو قسم جيڪو سماجي حوالن سان ۽ سماجي پس منظر ۾ ڪنهن تخليق يا شهپاري جو مطالعو پيش ڪري تنهن کي سماجياتي تنقيد چئبو آهي.

**سماجي حقيقت نگاري** (Social Realism):

سماجي حقيقت نگاري اصل ۾ سوشل ازم جي نظرئي سان تعلق رکي ٿي، جنهن کي ترقي پسند ادب جي تحريڪ اڳيان آندو. ان تحت ادب ۾ سماجي اڻ برابري، طبقاتي ڇڪتاڻ، غربت، بک ۽ بيروزگاري جهڙن موضوعن تي وڌيڪ زور ڏنو ويو. سماجي حقيقت نگاريءَ ۾ خارجيت جو عنصر نمايان هو. سوشلسٽ نظرئي موجب ادب جو اصل مقصد سماجي حقيقت نگاري آهي، يعني سماج جي حقيقتن کي جيئن ڏسجي تيئن پيش ڪجي، ادبي ترقي سماجي ترقيءَ تي ٻڌل هوندي آهي. جيئن جيئن سماجي شعور وڌندو رهي ٿو تيئن تيئن اديب زندگيءَ کي ويجهڙائي کان ڏسي ٿو ۽ جيترو جيترو زندگيءَ جي ويجهو ٿئي ٿو. اوترو وڌيڪ حقيقت پسند ٿيندو وڃي ٿو. سماجي حقيقت نگاري ۾ گورڪي،

گوگول، ٽالسٽاءِ بالزاڪ، چارلس ڊڪنس ۽ ابسن جا نالا وڏي اهميت رکن ٿا. سنڌي ادب ۾ غلام نبي مغل، نسيم کرل، جمال ابڙو نياز همايوني، شمشيرالحيدري ۽ ٻيا ليکڪ نمايان سماجي حقيقت نگار آهن.

**سماجي سائنس** (Social Science):

سماج سان وابسته علم، جنهن ۾ سماجيات، معاشيات،اقتصاديات، سياسيات، جاگرافي وغيره اچي وڃن ٿا. انهن علمن جي سائنسي طور اڀياس کي سوشل سائنس چيو وڃي ٿو. سنڌي ۾ سوشل سائنس کي سماجي علم پڻ چيو ويندو آهي. جن علمن جو سماج ۽ انسان سان سڌو سونهون واسطو آهي، ان کي سماجي سائنس چيو وڃي ٿو.

**سماجي ڪهاڻيون** (Social Stories):

جن ڪهاڻين ۾ سماج جي ڪنهن مسئلي کي ڀرپور نموني پيش ڪيو وڃي. هن قسم جي ڪهاڻين ۾ سماجي حقيقت نگاري جو هجڻ اهم هوندو آهي.

**سماع** (Spirtual Gathering):

لغوي لحاظ کان "سماع" عربي زبان جي لفظ سمع مان ورتل آهي، جنهن جو سليس مفهوم آهي "ٻڌڻ". اصطلاحي زبان ۾ راحت، سڪون ۽ آرام جا لفظ به سماع جي معنيٰ ۾ شامل آهن.سماع جو لفظ خاص طور صوفي درويشن جي مزارن سان منسوب آهي. صدين کان صوفي بزرگن تي جيڪي اجتماع ٿيندا آهن. اتي صوفيانه راڳ، محفل ۽ ذڪر ٿيندو آهي. ان کي سماع چئبو آهي. ان کان علاوه مذهبي گڏجاڻين ۾ الله هو ـ الله هو جي ورد کي به سماع چيو ويندو آهي.صوفين جي عقيدي موجب سماع، انسان جي من جي ميراڻ، مٽي، ڌوٻيءَ جي ڪپڙي جان صاف ۽ پاڪ ڪري ٿو. سماع ۾ بيت (ڏوهيڙا) پڙهيا ويندا آهن. جيڪي "اوناٽي ۽ الاهٽي" چئبا آهن. جن جو لازمي وراڻو : " لا الله الا الله " هوندو آهي. سنڌ ۾ درگاهن تي 'سماع' مچ تي به ٿيندو آهي.

**سمالوچنا** (Criticism):

سمالوچن سنسڪرت/هنديءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "تصنيف جي نظر ثاني"،"تنقيد". سنڌي اديب تنقيد نگاريءَ جي جاءِ تي سمالوچنا لفظ ڪتب آڻيندا آهن.

**سمپوزيم** (Symposium):

هڪڙي قسم جو مذاڪرو، مباحثو، جنهن ۾ مختلف گروپ جا ماڻهو گڏجي ڪنهن هڪ موضوع تي سنجيده بحث ڪن.

**سَمَهن** (Samahin):

سمهن در اصل سماع جي هڪ بگڙيل اچار آهي، تنهن هوندي به الڳ اهميت رکي ٿي. اهو سلسلو ملتاني بزرگن لاءِ آهي. سنڌ جي اترئين پاسي جا پانڌيئڙا ملتان پهچي، مرشدن جي زيارت لاءِ ويندا آهن ۽ محفلون مچائيندا آهن، اتي جيڪو سماع ٿيندو آهي، ان کي سمهن چئبو آهي.

**سنڌو لکت** (Indus Script):

سنڌو رسم الخط (Indus Script) شروعات اٽڪل 7400 ق. م پڇاڙي 400 ق. م). ۾ ٿي. سنڌو (Indus) لکت بابت موهن جي دڙي ۽ هڙاپا جي کوٽائي مان مهرن تي لکت ملي ٿي ته، جنهن جو زمانو 3300 ق. م ۽ 2600 ق. م اوج وارو زمانو معلوم ٿئي ٿو. موجوده دور ۾ اڪثر عالمن جو خيال آهي ته هيءَ جداگانه لکت آهي ۽ ڪنهن به ٻي ٻوليءَ تان ورتل ڪا نه آهي. موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان لڌل لکتن کي سنڌو رسم الخط چيو ويندو آهي. جڏهن 1925ع ۾ سر جان مارشل موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ جو ڪم شروع ڪرايو ته کوٽائيءَ مان هٿ آيل مهرن ۽ انهن تي اڪريل لکت دنيا جي ماهر لسانيات کي حيران ڪري وڌو. ان لکت، تحقيق لاءِ نوان دروازا کوليا، جنهن ۾ خود لکت جي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن به اچي وڃن ٿا. قديم آثارن جي انڪشافات مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جو هيءَ قديم تمدن، مغربي درياهي تمدن يعني دجله ۽ فرات درياهن جي سمير ۽ بابلي تمدن جو ننڍاتياري آهي. سر جان مارشل جي تحقيق موجب سنڌ ، سمير ۽ بابل جي تهذيبن جي وچ ۾ ڪافي هڪ جهڙائي هئي، خصوصاً سنڌ ۽ عراق جي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ گهاٽي اچ وڃ هئي. موهن جي دڙي مان لڌل مهرن مان سنڌ جي قديم ترين رسم الخط جا دروازا کليا. هنن مهرن مان خبر پئي ته هتان جا رهندڙ ماڻهو جيڪا ٻولي ڳالهائيندا هئا، اها لکي به سگهندا هئا. سنڌو لکت جي مهرن تي نظر ايندڙ تصوير ۽ تحرير اهڙي ته سهڻي من موهڻي آهي، جو ان جو دنيا ۾ مثال ئي موجود نه آهي. هيءَ لکت تصويري لکت (Pictographic) آهي. جملي 3500

مهرون موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان مليون آهن، جن ۾ 400 کان وڌيڪ علامتي اکر لکيل آهن. هي لکت ساڄي کان کابي طرف لکي ويندي هئي، هي نشانيون گهڻي ڀاڱي صوتي يا اچاري آهن. هن لکت کي پڙهڻ لاءِ سڄي دنيا ۾ ڪوششون هلندڙ آهن.

**سنڌي** (Sindhi):

سنڌي ٻولي ننڍي کنڊ جي مڙني ٻولين ۾ هڪ بڻائتي ۽ قديم ٻولي آهي، جنهن جو ادب صدين کان شاهوڪار ، شاهڪار، وڌندڙ ۽ ويجهندڙ آهي. هن ٻوليءَ جون پاڙون موهن جي دڙي جي پوربل تهذيب ۾ کتل آهن. هن ٻوليءَ کي تاريخ جي هردؤر ۾ اهڙا شاعر، عالم ۽ اديب مليا آهن، جن ان جي آبياري ڪئي آهي. هيءَ ٻولي هڪ مڪمل علمي ادبي زبان آهي، جنهن ۾ِ کي پنهنجي لغت جو جهجهو ذخيرو آهي، منجهس لوڪ ادب جا انبار آهن. هن ٻوليءَ جي لوڪ ادب مان هتان جي جيوت جا نشان عيان آهن. اهڙي طرح اصطلاح، پهاڪا، چوڻيون، قصا، ڪهاڻيون، شعر وغيره بي حساب آهن. هن ٻوليءَ کي هڪ معياري رسم الخط آهي، هيءَ ٻولي صدين کان ڳالهائي ۽ لکي وڃي ٿي. سنڌي ٻولي بر صغير جي انهن ٿورين ٻولين مان هڪ آهي، جنهن جو علم اللسان جي مطابق اپياس ڪيو ڪيو ويو آهي. سنڌي زبان، ڪيترائي لفظ، پهاڪا ۽ محاورا ڌارين ٻولين مان اخذ ۽ جذ ب ڪيا آهن. هن ٻوليءَ جي اپياس ۾ ڏيهي توڙي پرڏيهي عالمن بہ ڀرپور حصو ورتو آهي. موسيقيءَ جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ کي 100 سر ۽ 33 راڳڻيون آهن.دراما، قصا، داستان، سنڌي ٻوليءَ جي قديم روايت ۾ شامل آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ بيشمار اخبارون ۽ رسالا شايع ٿين ٿا. سنڌي زبان ۾ ڪيترائي ٽي وي چينل هلي رهيا آهن. سنڌي ٻوليءَ کي مڪمل سافٽ ويئر آهي. انٽر نيٽ ذريعي سنڌي ٻولي سڄي دنيا ۾ پڙهي ۽ سمجهي وڃي ٿي. هڪ سروي موجب ڏکڻ ايشيا ۾ 40 ملين ماڻهو سنڌي ڳالهائين ٿا، جن ۾ اڍائي ملين انڊيا جا شامل آهن. پاڪستان ۾ 14 سيڪڙو ماڻهو سنڌي ڳالهائين ٿا. هندوستان ۾ ٻين ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻوليءَ جو درجو مليل آهي، هندوستان ۾ سنڌي_عربي ۽ ديوناگري رسم الخط ۾ بہ لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي، سنڌي اخبارون ۽ ڪتاب پڻ شايع ٿين ٿا.

پاڪستان ۾ سنڌي ٻولي سنڌ صوبي جي مادري زبان آهي صوبي جي ۽ سرڪاري ٻولي قرار ڏنل آهي. انڊيا، اومان، عرب امارات، فلپائين، سنگاپور، يونائيٽيڊ ڪنگڊم، آمريڪا وغيره ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ رهن ٿا. آمريڪا ۽ يورپ سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ سنڌي ماڻهن جون سڃاڻپ لاءِ تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن ۽ ادارا قائم ڪيا ويا آهن.

**سنڌي ادب جو سونهري دور** (Golden Period):

اهڙو دور، جيڪو ادبي طور ٻين سڀني دورن ۾ نمايان ۽ گهڻين خوبين جو حامل هجي، ان کي "ادب جو سونهري دور" سڏيو ويندو آهي. ڪلهوڙن جي دور کي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ "ادب جو سونهري دور" چيو ويندو آهي. ڇو جو ڪلهوڙن جي دور جو تخليق ٿيل ادب سونهري لفظن ۾ لکڻ جهڙو آهي. ڪلهوڙن جي دور لاءِ اهڙو اصطلاح سڀ کان پهريان ڊاڪٽر عمر بن دائود پوٽي (1896_1958 ع) استعمال ڪيو هو. ٻين ڪيترن اهم شاعرن کانسواءِ سنڌ جو سرتاج شاعر شاهه عبداللطيف هن دور ۾ ٿيو. سنڌي ٻوليءَ به عربي سنڌي رسم الخط ۾ تيار ڪئي وئي.

**سنڌي ادبي سنگت** (Sindhi Adabi Sangat):

"سنڌي ادبي سنگت"، سنڌي اديبن جي هڪ اهم اثرائتي تنظيم آهي، جنهن نه صرف سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ترقيءَ ۾ حصو ورتو آهي پر سنڌي ٻوليءَ ۽ ثقافت جي بقا لاءِ عملي جدوجهد پڻ ڪئي آهي. ترقي پسند ۽ روشن خياليءَ جي لحاظ کان ڪابه تنظيم "سنڌي ادبي سنگت" سان برابري ڪري نه سگهي آهي. "سنڌي ادبي سنگت" جي پهرين شاخ جو بنياد پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهه مهينا اڳ (يعني اپريل 1947 ع ڌاري) ڪراچيءَ ۾ پيو. جنهن جو پهريون سيڪريٽري جنرل گوبند مالهي (1921_2001 ع) هو. سنگت جي انهيءَ شاخ قائم ڪرڻ کان اڳ، 1946 ع ۾ پروفيسر ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ (1884_1947 ع) جي سربراهيءَ ۾، ڊي جي سنڌ ڪاليج ۾ "سنڌي ادبي سرڪل" قائم ٿيو هو. 1954 ع ۾ پاڪستان سرڪار پاران ڪميونسٽ پارٽيءَ تي بندش هڻڻ کان پوءِ "انجمن ترقي پسند مصنفين" جي سرگرمين کي پڻ روڪيو ويو. انهيءَ صورتحال ۾ سنڌي

ليڪڪن "سنگت" جون ٿئين سر گڏجاڻيون شروع ڪري ڏنيون. اهڙي قسم جا ميڙ احسان بدوي (1925_1965ع) ۽ نورالدين سرڪيءَ (1927_2007ع) جي هاسٽلن وارن ڪمرن، واقع جناح ڪورٽس ۽ مينارام هاسٽل ۾، يا ڊاڪٽر اياز قادريءَ (1927_1997ع) جي جاءِ ڏني رام بلڊنگ تي ٿيڻ لڳا. 1956ع ۾ ڪراچيءَ ۾ سنگت جي مرڪزي تنظيم ڪاري ڪئي وئي. جنهن ۾ 12 شاخن شرڪت ڪئي. سنگت جو آئين منظور ڪيو ويو ۽ اياز قادري ان جو سيڪريٽري جنرل ٿيو. جنهن بعد شمشير الحيدري (1932_2014ع)، تنوير عباسي (1934_1999ع)، رشيد ڀٽي (1933_1988ع)، تاج بلوچ، تاج جويو ادل سومرو، اياز گل، شمس سومرو، مختيار ملڪ، ذوالفقار سيال، ممتاز بخاري (قائم مقام)، يوسف سنڌي ۽ مشتاق گل ان جا سيڪريٽري جنرل رهيا آهن.

**سنڌي ثقافت** (Sindhi Culture):

بنيادي طرح سنڌ جي ثقافت پيار، محبت، رواداري، سيڪيولر سوچ ۽ عدم تشدد جو اعليٰ مثال آهي. عام سنڌي ماڻهو صوفي مزاج ۽ امن پسند آهي. هتي ويدانت، ٻڌمت، صوفي ازم جا سمورا مثبت قدر ملائي هڪ تمام مثبت سماج جي تشڪيل ٿي آهي. جنهن ۾ اڪثر ٻاهران آيل عنصر به رچندا وڃندا رهيا آهن. سنڌي ماڻهو دنيا ۾ پنهنجي مهمان نوازي جي ڪري مشهور آهن. ان کان علاوه منجهن احسان ڪرڻ، صبر ڪرڻ، شڪر گذار رهڻ، امن پسندي، نماڻائي وغيره صوفيائي تعليمات جو نتيجو آهي. تصوف جي سلسلي سان مذهبي رواداري پيدا ٿي. سنڌي ادب جي ترقيءَ ۾ صوفي شاعرن جو وڏو ڪردار رهيو آهي. اهڙن شاعرن ۾ شاهه، سچل ۽ ساميءَ جو وڏو ڪردار آهي. ٻين لفظن ۾ ائين ڪٿي چئجي ته سنڌي ادب وڌيو ئي صوفي ازم جي آغوش ۾ آهي. سنڌي ثقافت سمورن لطيف فنن سان مالا مال آهي. موهن جي دڙي جي تهذيب کان وٺي اڄ ڏينهن تائين راڳ ۽ رقص جي وڏي قدرداني ڪئي ٿي وڃي. ٽوپي ۽ اجرڪ سنڌي ثقافت جو اهڃاڻ آهن. هر سال ڊسمبر جي پهرين آچر تي سڄي دنيا جا سنڌي ثقافت جو ڏينهن ملهائيندا آهن.

**سنڌي سونهون** (A Guide to Sindhi text book):

سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن ۾ آيل ڏکين لفظن، اصطلاحن جي معنيٰ ۽ سبقن جي مختصر جائزي وارو ڪتاب.

**سنڌيون** (Sindhi Educational Movement):

"سنڌيون" دراصل اهي سنڌي مذهبي ڪتاب هئا. جيڪي سنڌي عالمن پنهنجي ترتيب ڏنل/جوڙيل عربي-سنڌي الف-ب ۾ لکيا. سن 1700ع ۾ مخدوم ابوالحسن ٺٽوي (1661_1711ع) جي جوڙيل الف_ب جيتوڻيڪ سڄيءَ سنڌ ۾ نافذ نہ ٿي سگهي، پر سنڌ جي ڪيترن ئي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ اها پنهنجي اهميت مڃرائي چڪي هئي. ملڪ جي اڪثر درسگاهن ۾ مادري زبان وسيلي تعليم جو سرشتو قائم ٿي چڪو هو. وقت جي جيد عالمن ۽ استادن ان تحريڪ ۾ حصو ورتو. سنڌي ميڊيم مدرسا قائم ٿيا. هن تحريڪ هيٺ جيڪا الف_ب جوڙي ويندي هئي، ان کي "سنڌي" سڏيو ويندو هو. مثال طور "مخدوم ابوالحسن جي سنڌي"، "مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي سنڌي"، "مخدوم ضياءُ الدين جي سنڌي" وغيره وغيره. ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس" ۾ چيو آهي تہ "مغلن جي راڄ جو آخري عرصو ۽ ڪلهوڙن جو ابتدائي دؤر سنڌي زبان لاءِ نوان نياپا، نوان موڙ، نيون ڏارائون ۽ نوان ماپا کڻي آيو. هڪ طرف مخدوم ابوالحسن، مخدوم ضياءُ الدين (1677_1757ع)، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي (1691_1760ع)، شاهہ عنايت شهيد، مخدوم محمد معين ٺٽوي ۽ شاهہ لطيف سنڌي زبان ۾ نئون روح ڦوڪي ان کي تاحيات ۽ زنده جاويدؒ بنائي ڇڏيو ۽ اهڙي عام فهم ٻوليءَ ۾ صوفياڻو پيغام سنڌ وارن کي ڏنو، جنهن نہ صرف سڄيءَ سنڌ پر سنڌي زبان کي امر بنائي ڇڏيو." 'سنڌيون' عنوان سان ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو ڪتاب سن 1970ع ۾ ڇپيل آهي.

**سنسڪرت** (Sanskrit):

سنسڪرت ننڍي جي قديم ۽ ڌرمي ٻولي آهي. سنسڪرت جي لفظي معنيٰ آهي سڌاريل، سنواريل سڀ کان آڳاٽا ڪتاب ويد جنهن ٻوليءَ ۾ لکيا ويا ان کي ويدڪ يا ڪلاسيڪي سنسڪرت چيو وڃي ٿو. اها سنڌو جي ڪناري تي ڳالهائيجندڙ ٻولين مان هڪ قديم پراڪرت جو سڌاريل روپ هئي، جنهن جو گرامر پاڻنيءَ لکيو. جيڪو سنڌو علائقي جو رهندڙ هو. هن ٻوليءَ جو ادب انتهائي قديم ۽ شاهڪار آهي. هيءَ ٻولي هندو تهذيب جي اوج واري زماني ۾

ماڻهن جي اظهار جو ذريعو هئي. سنسڪرت گهڻو ڪري برهمي رسم الخط ۾ لکي ويندي هئي. ڪيترائي قديم ڪتاب هن ٻولي ۾ تحرير ڪيل آهن. سنسڪرت، ننڍي کنڊ جي ڪيترن ٻولين جي ماءُ يا پيڻ تصور ڪئي وڃي ٿي. سنڌي زبان جي بڻ بنياد لاءِ هڪ نظريو اهو به آهي ته سنڌي سنسڪرت جي ڄائي آهي. پيو نظريو ان کي سنڌيءَ جي ڄائي قرار ڏئي ٿو. بهرحال هيءَ ٻولي هن خطي جي اهم ٻولي رهي آهي.

**سنسڪرتي ڊراما** (Sanskrit Drama):

سنسڪرت ڊرامو يوناني ڊرامي کان گهڻو مختلف آهن. سنسڪرت ڊرامي جي ترتيب مختلف آهي، سنسڪرتي ڊرامي ۾ هيڪڙايون (Unities) نظر انداز هونديون آهن، سنسڪرتي ڊرامي ۾ خوشي ۽ غم جا موضوع هڪ ئي وقت موجود هوندا آهن. ڪورس، جيڪو يوناني ڊرامي جو روح آهي، اهو سنسڪرتي ڊرامي ۾ موجود نه هوندو آهي.سنسڪرتي ڊرامي ۾ هنن ڳالهين جو هجڻ ضروري سمجهيو ويندو هو: قصو اهم ۽ مشهور هجي. آکاڻي ديو مالائي يا تاريخي، هجي، پوءِ ڀلي ان ۾ فرضي واقعا به شامل هجن. ڊرامي جو سورمو راجا يا ديوتا هجڻ گهرجي. ڊرامي جو موضوع فقط هڪ هجڻ گهرجي يعني عشق، جرئت همت يا جهيڙو وغيره وغيره. واقعات ۽ عمل هڪ ٻئي مان ڦٽي نڪرن. آکاڻي جو زمانو وڌ ۾ وڌ هڪ ڏينهن ۾ ختم ٿئي يا چند ڏينهن ۾، يا وڌ ۾ وڌ هڪ سال ۾ ختم ٿئي. ڊرامي جي ٻولي پاڪ ۽ مقدس هجڻ گهرجي. مشهور ڊراما: ڪاليداس جا ڊراما ’شڪنتلا ۽ نل دمينتي‘ سنسڪرت ۾ لکيا ويا.

**سنسني خيز ڪهاڻي** (Thriller):

هونئن ته سڄو ادب تجسس ۽ سنسني سان ڀرپور هوندو آهي، پر عام طور تي اهو اصطلاح اهڙن قصن يا ڪهاڻين، ڊرامن يا فلمن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ پڙهندڙ جو تجسس وڌي ته ”هاڻي ڇا ٿيندو“. ان ڏس ۾ جاسوسي ادب، سائنس فڪشن، ڪرائيم فڪشن وغيره تي مبني ڪهاڻي ۾ سنسني خيزي گهڻي هوندي آهي. انگريزن جي دور ۾ هن قسم جون ڪافي ڪهاڻيون لکيون ويون يا ترجمو ٿيون، جن ۾ ’شرلاڪ هومس‘، ’گونگو دوست‘، ’ڀيانڪ لاش، ’خوفناڪ ڪتو‘ وغيره اهم آهن.

**سنگلاخ زمين:**

سنگلاخ کي سنڌيءَ ۾ 'ڀهاڙي زمين' جو لفظ استعمال ٿيندو آهي. مطلب اهڙي زمين، جنهن ۾ فصل پيدا نہ ٿئي. شاعريءَ جي اصطلاح ۾ اهڙي زمين، جنهن مان شعر آسانيءَ سان پيدا نہ ٿي سگهي. هم قافيہ لفظن جو گهٽ استعمال، مشڪل ۽ بي معنيٰ لفظ استعمال ڪرڻ ۽ اهڙو رديف اختيار ڪرڻ وغيره. سنگلاخ زمين شاعريءَ جو ڀيو سبب بڻجندا آهن.

**سنگيت ناٽڪ** (Opera):

هن قسم جا ناٽڪ/ڊراما شاعري ۾ هوندا آهن. هنن جو پلاٽ الميہ يا طربيہ ٿي سگهي ٿو. هنن ڊرامن ۾ موسيقي جو وڏو عمل و دخل هوندو آهي. وقت سان گڏوگڏ هن ۾ نوان نوان تجربا ٿيا آهن ۽ قومي، سياسي، رومانوي موضوع شامل ڪيا ويا آهن. اڪثر ڪري هي ڊراما تن ائڪٽن تي مبني هوندا آهن. مرزا قليچ بيگ جو "ليليٰ مجنون" سنڌي زبان جو پهريون اوپيرا آهي. سنڌيءَ ۾ شيخ اياز ۽ سراج، ارجن شاد، علي دوست، عاجز ۽ ٻين پڻ سنگيت ڊراما لکيا آهن.

**سنياسي** (A sage):

دنيا کي ترڪ ڪرڻ وارو. جين ڌرم ۽ ٻڌ ڌرم جي اثر هيٺ جيڪي شخص دنيا کي ترڪ ڪري ويراڳ وٺندا هئا، تن کي سنياسي ڪوٺيو ويندو هو. ٻيا ڪي ساڌ سنت پڻ سنياس وٺي جهنگ منهن ڪندا هئا ۽ اتي وڃي جوڳ پچائڻ ۽ تپسيا ذريعي نرواڻ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا. شاهہ لطيف انهن جوڳين، سامين ۽ سنياسين بابت گهڻي ڄاڻ ڏني آهي.

**سوال-جواب واريون پروليون:**

آڳاٽي ادب ۾ سوال جواب وارو رجحان گهڻو هوندو هو، جنهن ۾ ٻين لفظن ۾ بحث بہ ٿيل هوندو هو. خاص طور تي هن قسم جي پروڙين ۾ پڇندڙ ڪو سوال ڪندو آهي جنهن جو جواب پڇڻو هوندو آهي ۽ جواب بہ وري وزن ۾ شعر وانگر چئجي. مثال طور:

سوال: شينهن ڪي گهر تي چاڙهي ڏيکاريو؟
جواب: رسيءَ ۾ ور، شينهن چڙهيو گهر.
سوال: شينهن ڪان پنڪو ٻڌائي ڏيکاريو؟
جواب: سوڙ ۾ سنڪو، شينهن ٻڌو پنڪو

**سوال جي نشاني** (؟) (Question Mark):

هيءَ نشاني سواليه جملي جي آخر ۾ لڳندي آهي. پر اهو سوال سڌو يا direct هئڻ گهرجي. Indirect speech ۾ اها نشاني ڪا نہ لڳندي.

مثال: احمد پڇيو، "ارشد ڪيڏانهن ويو آهي؟"

اهڙا سوال جيڪي جملي ۾ فاعل جي جاءِ وٺن. انهن ۾ سواليہ نشان بابت سڀ ڪو سمجهي ٿو.اهڙا سواليہ جملا جيڪي ڏسڻ ۾ تہ سوال اچن. پر هجن درخواست واري مفهوم جا، انهن ۾ بہ سوال جي نشاني ڪانہ لڳندي بلڪ اتي عجب جي نشاني لڳندي.

مثال: ڇا توهان مهرباني ڪري منهنجو ڪتاب جلدي واپس ڪندا!

اخبارن ۾ اهڙي ڪا خبر ۽ ڪتابن ۾ اهڙا ڪي تفصيل ۽ انگ اکر ڏيڻا هجن، جن جي باري ۾ پڪ نہ هجي، تہ پوءِ انهن جي سامهون ڏنگين ۾ سوال جي نشاني ڏبي آهي.مثال: حڪومت ڪوٽا سسٽم اڳيان ويهہ سال وڌيڪ جاري رکڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو (؟)

آمريڪا جي ريڊ انڊين کي 1921ع (؟) ۾ حق مليا.

**سوانح نگاري** (Biography):

پنهنجي زندگيءَ کي ڇڏي ڪنهن ٻئي جي حياتي، حياتيءَ جا حادثا واقعا ۽ زندگيءَ جو احوال قلمبند ڪرڻ کي سوانح نگاري سڏبو آهي. سوانح لکندڙ کي سوانح نگار (Biographer) چئبو آهي. انسائيڪلو پيڊيا برٽانيڪا ۾ هن صنف لاءِ لکيو ويو آهي تہ "هي غير افسانوي ادب جو قسم آهي، جنهن جو موضوع فرد جي حياتي هوندو آهي. عام طور تي هن ۾ آتم ڪهاڻي بہ اچي وڃي ٿي، جنهن جو موضوع ڪنهن جي پنهنجي تاريخ جو بيان ڪرڻ هوندو آهي."

تاريخ، وسيع تناظر ۾ نسلن ۽ گروهن جي حالات، واقعات حادثات، عروج و زوال ۽ شڪست وغيره جي ڪهاڻي ٻڌائيندي آهي، جڏهن تہ سوانحي ادب هڪ فرد جي شخصيت جي مڙني پهلوئن جي تصوير ڏيکاريندو آهي ۽ ان سان لاڳاپيل تاريخي واقعا ان ۾ خود بخود اچي وڃن ٿا. ان حساب سان جيون ڪهاڻي کي تاريخ جو حصو سمجهڻ گهرجي. ڇو جو ان جو دارومدار واقعن جي تسلسل ۽ لکيل توڙي زباني مواد جي وضاحت تي هوندو آهي، جيڪو تحقيق ۽ ذاتي يادگيرين تي قائم هوندو آهي.

**سودائي پڙهو/خود ڪلامي** (Soliloquy):

سالي لاڪي جو سنڌيءَ ۾ ملندڙ جلندڙ مطلب 'خود ڪلامي' آهي يا 'سودائي پڙهو' آهي. هي لفظ اصل ۾ لاطيني (Latin) ٻوليءَ جو لفظ آهي، جيڪو ٻن لاطيني ٻوليءَ جي لفظن جو مرڪب آهي. يعني سولس (Solus) يا سالي (Soli) يعني اڪيلو ۽ (Loqui) يعني ڳالهائڻ ساڳي معنيٰ جو لفظ 'مونو لاگ' موجود آهي. فرق صرف اهو آهي ته Monologue ۾ هڪ ماڻهوءَ جي ڳالهائڻ ذريعي ڪهاڻيءَ کي پڌرو ڪيو ويندو آهي. ان کي 'يڪ ڪلامي' به چئبو آهي. جڏهن ته Soliquy جي معنيٰ 'خود ڪلامي' آهي. جنهن ۾ ڪردار پنهنجو پاڻ سان ڳالهائيندو آهي. ائين ڪهاڻي پڌري ٿيندي آهي. سالي لوڪي جو نمونو ڊرامن ۽ شاعريءَ ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي. رابرٽ براؤننگ (1812_1889ع)جو نظم My Last Dutuchess ان جو بهترين مثال آهي.

**سورٺ (سر):**

سومرن جي دور جي مشهور قصي "سورٺ" ۽ راءِ ڏياچ جي مرڪزي عورت ڪردار. شاهه جي سورمي. سورٺ جي چوڻ تي ٻيجل نالي هڪ چارڻ راءِ ڏياچ جو سر ڪٽي آيو هو. هي پڻ هڪ تمثيلي قصو آهي، جنهن ۾ هر ڪردار پنهنجي الڳ معنيٰ رکي ٿو.

"سورٺ". سنسڪرت لفظ "سوراشٽر" جو بگڙيل روپ آهي. هيءَ راڳڻي پٿرو جي ٽئين پهر جي زال آهي ۽ رات جي ٻئي پهر ۾ ڳائبي آهي.

**سورٺو** (Sortho):

دوهي وانگر سورٺو پڻ ڪلاسيڪل سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جي "ٻه سٽي" صنف آهي. دوهي جي پدن کي ڦيرائي ابتو رکبو ته سورٺو ٿي پوندو. هن ۾ ٻه سٽون ٿين ٿيون ۽ هر سٽ ۾ ٻه پد ٿين ٿا. قافيو هر سٽ جي وچ ۾ ٿئي ٿو مثال:

جوڳيءَ جاڳايوس ، ستو هوس ننڊ ۾

تهان پوءِ ٿيوس، سنڌي پريان پيچري

(قاضي قادن)

**سورهيائي نظم** (Heroic Peom):

اهو بيانيه نظم، جنهن ۾ رزميه شاعري وانگر تاريخي بهادرن، سورمن ۽ جانبازن جو قصو بيان ٿيل هجي.

**سوشلزم** (Socialism):

سوشلزم يا سماجواد جو سائنسي تصور ان وقت اُڀريو جڏهن صنعت جو آغاز ٿيو. صنعت سرمايداري نظام کي جنم ڏنو جنهن ۾ وڏا جديد ڪارخانا قائم ٿيا ۽ محنت اجتماعي شڪل اختيار ڪري ورتي. پورهيت طبقي ۾ به جدت آئي ۽ پرولتاري جي صورت ۾ هڪ اهڙي پورهيت جو جنم ٿيو جنهن وٽ ڪا به ملڪيت نه هئي ۽ هو فقط پنهنجي قوت محنت وڪڻي رهيو هو. صنعتي نظام ۾ پوءِ جديد سائنسي ۽ ٽيڪنيڪي انقلاب پورهيت کان هر قسم جو اوزار کسي ورتو. محنت اجتماعي ٿي وئي. ڪارل مارڪس ۽ فريڊرڪ اينگلس 1948ع ۾ ڪميونسٽ مينيفسٽو لکي سوشلزم جو خاڪو پيش ڪيو. هنن اهو چيو ته هاڻي جڏهن محنت اجتماعي ٿي چڪي آهي تڏهن اهو ضروري ٿي ويو آهي ته ان محنت جو ڦل به اجتماعي طور ڪنيو وڃي، وڏن سرمائيدارن جو خاتمو ڪري محنت جي مالڪي سموري سماج کي ڏني وڃي، اهڙي نظام کي سوشلزم چيو وڃي ٿو.

**سوفسطائي** (Sophist):

قديم يوناني رياستن ۾ جڏهن شهري آزاديءَ جو شعور وجود ۾ آيو ۽ قومي، سياسي ۽ انتظامي معاملن ۾ شهرين جي شموليت جو خيال ڪيو ويو، تڏهن عالمن جو هڪ اهڙو گروهه پيدا ٿيو، جيڪي مناسب معاوضي تي سياست، مدنيت، فن تقرير اصول بلاغت، منجهيل معاملن تي سکيا ڏيندا هئا. اهڙن پگهاردار عالمن کي سوفسطائي چيو ويندو هو.

**سونهن** (Beauty):

سونهن يا حسن کي لفظن ۾ بيان ڪري نه ٿو سگهجي. حسن يا سونهن هڪ اهڙو جوهر آهي، جنهن کي هر ماڻهو پنهنجي نموني پسي ٿو. ايمرسن مطابق ته سونهن دراصل ڏسندڙ جي اک ۾ هوندي آهي. سونهن رومانوي ادب جو به وڏو موضوع آهي. جان ڪيٽس چيو هو ته سونهن ئي سچ آهي ۽ سچ ئي سونهن آهي.

**سهرو** (Marriage Song):

سهري کي لاڏو به چيو ويندو آهي. سهري جي لفظي معنيٰ آهي سهرو يا گلن جا موڙ. جيڪي شاديءَ جي موقعي تي گهوٽ يا ڪنوار جي نرڙ تي ٻڌندا آهن. اصطلاح ۾ انهيءَ نظم کي چيو ويندو آهي جيڪو سهري ٻڌڻ جي موقعي تي

چئجي. اهي سهرا يا موڙ جيڪي گهوٽ جي منهن تي ٻڌبا آهن گهڻو ڪري پيرن تان آڻبا آهن ۽ مراد پوري ڪري پڳ سان گڏ وري واپس به ڪبا آهن. سهرا شاعري خاطر نه بلڪ ڳائڻ خاطر جوڙياويندا آهن. تنهن ڪري سٽاءَ ۽ خيال ۾ سادا هوندا آهن. انهن ۾ ڪو ڳوڙهو خيال رکيل نه هوندو آهي، بلڪ تمام سادگي سان خوشي جو اظهار ملندو آهي.

**سهڻي** (Suhni):

سنڌيءَ ۾ سهڻيءَ جو مطلب آهي خوبصورت ڇوڪري يا عورت. "سهڻي ميهار قصي جي مرڪزي ڪردار جيڪا شاهه جي رسالي جي سورمي به آهي. سهڻي ميهار جو قصو بنيادي طور پنجاب سان تعلق رکي ٿو. پر شاهه لطيف هن داستان کي مرڪزي ڪري ڇڏيو آهي.

**سياسي ناول** (Political Novel):

سياسي نوعيت جا ناول به ٿيندا آهن ته سياسي ڪهاڻيون به. هن قسم جي ناول يا ڪهاڻين ۾ سياسي موضوع کي کڻي واقعن جو تاڃي پيٽو اڻيو ويندو آهي. امر جليل جو ناول "نيٽ گونگي ڳالهايو" ۽ غلام نبي مغل جو "اوڙاهه" سياسي نوعيت جا ناول آهن.

**سي حرفي** (Alphabetic Verse):

سي حرفيءَ کي سنڌيءَ ۾ 'تيهه اکري' به چيو ويندو آهي. سي حرفي، سنڌي، اردو، گجراتي ۽ پنجابي شاعريءَ ۾ وڏي اهميت رکي ٿي. هن ۾ حروف تهجي جي لحاظ کان شعرن جي ترتيب ڏني ويندي آهي ۽ شعرن جو تعداد مقرر نه هوندو آهي. (وڌيڪ ڏسو: تيهه اکري)

**سينسرشپ** (Censorship):

سينسرشپ جو پهريون مطلب خبرن ۾ڇپجندڙ مواد ۽ فلمن وغيره جي اشاعت يا رليز ٿيڻ کان اڳ چڪاس ڪري اخلاقي، فني ۽ ملڪي پاليسيءَ جي مدنظر سڄي مواد يا ان جي ڪن حصن کي پرکي، اشاعت يا رليز ڪرڻ کان روڪڻ آهي. ٻيو مطلب اهڙو معاشرتي نظم و ضبط ،جنهن ۾ اخلاقي قدر، ملڪي سالميت، مذهبي پابنديون، قومي تشخص ۽ ديني قدرن جي تحفظ جي لاءِ اديبن ۽ ليکڪن تي حڪومت طرفان مقرر ڪيل حدون لاڳو ڪيون وڃن ته اهم آهي.

**سينگار شاعري:**

لوڪ شاعريءَ جي لطيف ۽ روماني صنف آهي. "سينگار" سنسڪرت زبان جو "شرنگار" لفظ مان ورتل آهي. سينگار بيتن جو مضمون عورت جي سورهن سينگارن، ڳهڻ، ڳٿن ۽ سونهن وغيره جي واکاڻ هجي. سينگار شاعريءَ کي سگهڙن ٻن حصن ۾ ورهايو آهي: (1) صفاتي سينگار (2) مجازي سينگار. هن شاعري ۾ عورت جي سينگار جي تعريف ڪئي ويندي آهي. ان سلسلي ۾ اهي سڀ سينگار، جيڪي عورت ڪندي يا انهن جو ذڪر شاعري ۾ ڪيو ويندو آهي. ان قسم جي سورهن سينگارن جو بيان ڪيو ويندو آهي. انهن سينگار جي بيتن ۾ اهي واسينگ وار، ڳل، ڀرون، بادامي ۽ پيڪاني اکيون، روشن پيشاني، آمونڪ، لعل لب، سروقد، چابڪ چيلهه جي ڪبڪ رفتاري، ٻانهن جي لوڏ، رنگت ۽ خوش پوشاڪيءَ جو ذڪر سمايل رهي ٿو.

**سيئراگرافي** (Cerography):

ميڻ بتيءَ کي رچائي، ڪاٻه شيءِ لکڻ جي علم کي سيئراگرافي چيو ويندو آهي. ان ڏس ۾ خاص طور تي ميڻ سان نقشا تيار ڪيا ويندا آهن. صاف پيپر تي ميڻ کي رچائي نقشو تيار ڪيو ويندو آهي، ۽ بعد ۾ ان کي پڪي لکت لاءِ مارڪر، يا پين استعمال ڪئي ويندي آهي.

## ش

**شارح** (Interpreter):

شرح لکندڙ معنيٰ ۽ وضاحت ڪندڙ. مثال طور ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ کي شاهه لطيف جو شارح چيو ويندو آهي. هن ان ڏس ۾ "روح رهاڻ" ۽ "مقدمه لطيفي" لکيا. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "سر سارنگ جي شرح" لکي، رسول بخش ڏيري سر يمن ڪلياڻ جي شرح لکي. اهڙي طرح شاهه جي رسالي جي ڪلياڻ آڏواڻيءَ، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ ٻين عالمن شرح لکي آهي، ان ڪري ڪين ۽ اهڙي طرح ٻين شاعرن يا فلسفي جي فڪر جي تشريح ڪندڙن کي به شارح سڏيو ويندو آهي.

**شاستر**(Shaster):

جن ڪتابن جو تعلق هندو ڌرم جي عمومي فلسفي سان هجي، تن کي شاستر چون ٿا. ان فلسفي جون مختلف شاخون آهن، جنهن مان هڪ شاخ کي 'آستڪ' ۽ ٻيءَ کي 'ناستڪ' چئجي ٿو.

**شاعراڻا لفظ** (Poetic Words):

اهي لفظ، جيڪي ڪو شاعر شاعريءَ/نظم لاءِ مناسب سمجهي ڪم آڻي، تن کي "شاعراڻا لفظ" چئبو آهي. انهن لفظن ۾ ردم، تجنيس ۽ موسيقي هوندي آهي.

3ـ جديد سنڌي شعر اهو آهي، جو جديد لاڙن، جدت، ترقي پسندي ۽ روشن خيال جو آئينه دار آهي. هن ۾ به بيت، دوهو، گيت، نظم، غزل، آزاد نظم ۽ ڪي نيون طرزون، جهڙوڪ: ماهيا، هائيڪو، سانيٽ، ترائيل، پنجڪڙا ۽ چوستا، وغيره شامل آهن. شاعريءَ جون هي نيون صنفون سٽاءَ ۽ جوڙجڪ جي لحاظ کان بلڪل مختلف ۽ نياريون آهن. سنڌ جا نوجوان شاعر به انهن طرزن تي طبع آزمائي ڪندا رهن ٿا.

**شاعريءَ ۾ اڳڪٿي** (Frophyecy):

يونان ۾ شاعرن کي پيغمبر ۽ پيش بين به چيو ويندو هو. سندن شاعريءَ ۾ موجود مستقبل جي شعور سبب انهن ۾ اڳڪٿيون به هونديون هيون. شاعريءَ ۾ مستبقل ۾ پيش ايندڙ واقعن بابت پيشن گويون سنڌي دنيا جي شاعريءَ ۾

به موجود آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ سمن جي دور سان وابسته ماموئي فقيرن ۾ سمن جي حڪومت جي خاتمي بابت اڳ ڪتيون ڪيون ويون هيون. مثال طور:

هاڪ وهندو هاڪڙو، پجندي ٻنڌ اروڙ
به مڇي ۽ لوڙهه، سمي ويندا سوڪڙي

اهڙي طرح عبدالرحيم گرهوڙيءَ (1739_1778ع) جي پيشنگوئي به مشهور آهي، جنهن کي عالم رد ڪن ٿا.

**شانت رس** (Quietistic):

شاعريءَ جو اهڙو قسم، جنهن جي پڙهڻ سان من، دنيا جي ڪاروهنوار کان آجائي ۽ سڪون ماڻي سگهي ۽ دنياوي خفن کان پري رهڻ جو اظهار ملي. شانت رس، هندي سينگار رس شاعريءَ جو مکيه انگ آهي. سنڌي سگهڙن ۽ شاعرن به سينگار شاعريءَ جي ٻين قسمن سان گڏ "شانت رس" کي به ڪم آندو آهي. شاهه جو هيٺيون بيت ان رنگ جو ساکي آهي:

سيويو جن سبحان، وير نه وڙهي تن سين،
توبهه جي تاثير سين، تري ويا طوفان،
ڏئي توڪل تڪيو آر لنگهيا آسان،
ڪامل ڪشتيبان، وچ ۾ گڏين واهرو
(شاهه لطيف)

**شاهه بيت** (Master Piece in Verse):

ڪنهن غزل، قصيدي، نعت يا حمد جي بهترين شعر کي "شاهه بيت" چيو ويندو آهي.

**شاهه جا سر** (Melodies of Shah):

شاهه جي رسالي ۾ استعمال ٿيل لفظ "سر" جي معنيٰ تي غور ڪبو ته ان جون به معنائون نڪرنديون. هڪ "راڳ" يا موسيقي ۽ ٻيو "داستان" يا سرود/سر. رسالي جو هر داستان ڪنهن نه ڪنهن سر سان شروع ٿئي ٿو جتي جتي به عنوان ڪنهن راڳ جي نالي سان منسوب ٿيل آهي ته اتي ان راڳ يا راڳڻيءَ جو نالو اچي ٿو مثلاً سر سريراڳ، سر ڪلياڻ يا سر ڪيڏارو ۽ جنهن هنڌ به عنوان ڪنهن خاص ڪهاڻي، واقعي يا تاثر سان لاڳاپو رکي ٿو اتي اُن کي انهيءَ سر سان

لاڳاپيو ويو آهي. شاهه جي اڪثر رسالن ۾ 30 سر ڪم آندل آهن، جيڪي هيٺيان آهن:

(1) سر ڪلياڻ، (2) سر يمن ڪلياڻ، (3) سر کنڀات، (4) سر سريراڳ (ٻيڙين ۽ ٻيڙن جو ذڪر)، (5) سر سامونڊي (وڻجارن جو ذڪر)، (7) سر سهڻي، (8) سر سسئي آبري، (9) سر معذوري، (10) سر ديسي، (11) سر ڪوهياري، (12) سر حسيني، (13) سر ليلان چنيسر (14) سر مومل راڻو (15) سر مارئي، (16) سر گهاتو (موري ميربحر ۽ مانگر مڇ جو ذڪر)، (17) سر ڪاموڏ (نوري ڄام تماچيءَ جو ذڪر)، (18) سر ڪيڏارو، (19) سر سورٺ، (20) سر آسا، (21) سر سارنگ، (22) سر ڪاهوڙي، (23) سر رپ، (24) سر رامڪلي (جوڳين، ڪاپڙين ۽ سنياسين جو ذڪر)، (25) سر بروو سنڌي، (26) سر ڪاپائتي، (27) سر پورب، (28) سر ڪارايل (پکين جو ذڪر)، (27) سر پرڀاتي، (28) سر ڏهر (29) سر بلاول.

ڪجهه رسالن ۾ 36 سر آهن، جن ۾ بيراڳ هندي، شينهن ڪيڏارو، هير رانجهو، ڊول مارو، بسنت بهار شامل آهن.

**شاهڪار** (Master Piece):

شاهڪار مان مراد آهي بهترين تخليقي ڪارنامو. هيءَ اصطلاح ڪيترين صورتن ۾ استعمال ٿيندو آهي. مثال طور:

(1) ڪنهن فنڪار جي بهترين تخليق ناول، مثنوي، ڪهاڻي، نظم، تصوير وغيره.
(2) ڪنهن دور جي بهترين تخليق.
(3) ڪنهن زبان ۾ ڪنهن خاص صنف طور ادب جي دائري ۾ بهترين تخليق ۽
(4) ڪنهن خاص ادبي صنف ۾ عالمي سطح جي بهترين تخليق.

**شاعري** (Poetry):

شاعريءَ کي سنڌيءَ ۾ 'ڪويتا' به چئبو آهي. شاعري جذبن جي اظهار جو نالو آهي، جيڪا بي ساخته ڪٿي ويندي آهي. وليم وڊس ورٿ چيو هو ته "شاعري اندر جي اڌمن جو بي ساخته اظهار آهي." (ڏسو سريلن گين جو مهاڳ) شاعري قدرتي ذات هوندي آهي، جنهن سان اندر جي ترجماني ٿئي ٿي. شاعر جي هڪ اهڙي تخليق جيڪا انسان جي جذبن ۽ احساسن سان واسطو رکي ٿي.

پران ۾ خيال جي پرواز بہ اعليٰ هوندي آهي. شاعري انساني زندگيءَ جي تصوير ۽ اندروني ڪيفيتن جو اظهار آهي. شاعري قدرت جي دلفريب ۽ دلڪش منظرن جو عڪس بہ ڪري ٿي. سنڌي زبان ۾ شاعري عام طرح ٽن نمونن جو آهي جهڙوڪ:

(1)قديم شاعري. (2) عروضي شاعري. (3) جديد شاعري.

1ـ سنڌي ادب ۾ شاعريءَ جي صنف تمام قديم آهي. عربن جي زماني کان بہ گهڻو اڳ سنڌ ۾ شعر چيو ويندو هو. قديم شاعري ۾ ڳنان، ڪبت (الف اشباع)، ڏوهيڙو، بيت، وائي، ڪافي ۽ سلوڪ وغيره شامل آهن. شاعريءَ جون هي صنفون هندي ڇند وديا ۽ موسيقيءَ جي ماترائن تي ٻڌل هونديون آهن ۽ منجهن سٽون موزون ۽ قافيي واريون ٿينديون آهن. هن ۾ لوڪ، لوڪـ ڪلاسيڪل ۽ ڪلاسيڪل شاعري اچي وڃي ٿي.

2ـ عروضي شعر اهو آهي، جو علم عروض جي قانونن پٽاندڙ جوڙيل هجي: يعني شعر ۾ مصرعون نہ رڳو وزن ۽ قافيي واريون هجن، پر انهن سان گڏ اهي مقرر بحر جي وزنن ۽ ارڪانن موجب هئڻ کپن. اهڙي شعر ۾ قافيي سان گڏ "رديف" بہ ڪم آندو ويندو آهي. هن قسم جي شعر ۾، حمد، نعت، قصيدو، غزل، نظم، مثنوي، رباعي، قطعو، مستزاد، فرد، مسمط، ترجيع بند، ۽ ترڪيب بند، وغيره اچي وڃن ٿا.

**شباهت ڪاري/ تجسيم** (Personification):

شاعريءَ يا نثر جي ڪنهن بہ صنف ۾ بي جان شين کي انساني روپ ڏيڻ يا خصوصيتن جي شباهت ڏيڻ انهن سان ڳالهائڻ يا انهن کان ڳالهرائڻ ۽ انهن کي مخاطب ٿيڻ جي عمل کي تجسيم چئبو آهي. جيئن:

ڏنگر مون نہ ڏکوءِ، آءُ اڳ ڏکوئي آهيان

يا

آڏو ٽڪر ٽرا ... (شاهہ)

-

ڏکي ڏونگر پاڻ ۾، ٻيئي ويٺا رون،

ڪنهن کي ڪين چون، منجهن جو پرينءَ جو (شاهہ)

**شبد** (Word):

شبد جي لغوي معنيٰ آهي "لفظ". ڪي لفظ عام هوندا آهن ته ڪي خاص، جن ۾ ڪو اعليٰ پيغام هوندو آهي. شبد ڪنهن روحاني انسان جي لفظن يا قولن کي بہ چيو ويندو آهي، خاص طور تي سک مذهب جي مرشدن/گروئن جي قولن ۽ تعليمات لاءِ بہ استعمال ٿيندو آهي.

**شخصي/ذاتي مضمون** (Personal or Subjective Essay):

ذاتي يا شخصي مضمونن ۾ ليکڪ پنهنجي اردگرد جي حالتن، واقعن، حادثن ۽ تجربن ۽ مشاهدن کي مضمونن جي صورت ۾ پيش ڪندو آهي. اهي تجزيا ۽ مشاهدا انتهائي ذاتي ۽ تخليقي هوندا آهن، جن جي بيان ۾ ليکڪ جي جذبن ۽ داخلي احساس جو وڌو هٿ هوندو آهي. مضمون نگار مختلف شين کي پنهنجي حساب سان پرکيندو آهي، انساني خوشي، غم، پيار، محبت، نفرت، رشتا، ناتا، موسم، ماحول، فطرتي منظر، قدرجا ڪرشما، مينهوڳي، چانڊوڪي ۽ ٻيا ڪوڙ سارا موضوع اچي وڃن ٿا. هن قسم جي مضمونن انگريزن جي دور ۾ سنڌي ادب ۾ وڏي ترقي ڪئي ۽ ڪيترائي طبعزاد مضمون لکيا ۽ ترجما شايع ٿيا. ان سلسلي ۾ مرزا قليچ جو "مقالات الحڪمت"، پرمانند ميوارام جو "گل ڦل"، ليکراج عزيزجو "ادبي آئينو" ۽ عطا حسين شاهہ موسويءَجو ڪتاب "ڪچ ڪوڏيون" وڏي اهميت رکن ٿا.

**شراب جي ذڪرواري شاعري** (Toxicated Poetry):

اها شاعري، جنهن ۾ شراب، شراب مان ممڪنہ نشو ۽ ٻين عنصرن جو ذڪر اچي، مثال طور ساقي، ميخانو، ميڪدو وغيره. سنڌي ۾ خاص طور تي عروضي شاعريءَ ۾ شرابي غزلن جو گهڻو رواج آهي. هن شاعريءَ يا "شرابي شاعري" کي "خمريہ شاعري" چئبو آهي. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ "موکي ۽ متارن" جو ذڪر بہ اهڙي شاعريءَ جو مثال آهي.

**شعر** (Poem):

"شعر" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "ڄاڻ سمجهہ، پروڙ". اصطلاحي معنيٰ موجب شعر ان کي چئجي، جنهن جو مصرعون موزون ۽ قافيي واريون هجن ۽ اهي ترنم سان پڙهيون وڃن، جيئن ٻڌندڙ جي طبيعت تي ڪافي اثر ڪن.

**شعور جو وهڪرو** (Stream of Consciousness):

نفسياتي اصولن جي بنياد تي هن اصطلاح کي سڀ کان پهرين 1908ع ۾ وليم جيمز (1842_1910ع) استعمال ڪيو. هينري جيمز (1843_1916ع)، وليم فاڪنر (1897_1962ع)، ورجينيا وولف (1882_1941ع)، جميز جوائيس (1882_1941ع) وغيره پنهنجي ناولن ۽ ڪهاڻين ۾ هن لاڙي کي ادب ۾ رائج ڪري ڇڏيو. هن ٽيڪنڪ جي ذريعي اندروني ۽ داخلي تجربن کي بيان ڪيو ويندو آهي. انساني لاشعور ۾ سوچن جو هڪ اڻ کٽ سلسلو هوندو آهي. انهن بي ترتيب سوچن کي جيڪي هڪ وهڪري جي شڪل ۾ هونديون آهن انهن جي جيئن جو تيئن ڪيل اظهار کي "شعور جو وهڪرو" سڏيو ويندو آهي. هن ٽيڪنڪ ۾ اڪثر تخليقون ضمير متڪلم (First Person) ۾ هونديون آهن. سنڌي افسانوي ادب ۾ سڀ کان اول آغا سليم هن لاڙي تحت لکيو. ان کان پوءِ جديديت واري دور ۾ ماڻڪ، مشتاق شوري، شوڪت شوري، مدد علي سنڌي، نور گهلو، ڪيهر شوڪت ۽ ڪن ٻين هن قسم جون ڪهاڻيون لکيون.

**شڪارپوري رسم الخط** (Shikarpuri Script):

شڪارپوري رسم الخط در اصل علائقائي ديوناگري يا هٽ واڻڪي رسم الخط جو نمونو آهي، جيڪا شڪارپور ۾ شڪارپوري رسم الخط جي نالي سان مشهور هئي. هيءَ رسم الخط به گهڻو ڪري هندو واپارين وٽ رائج هئي. اڄ به شڪارپور جا پوڙها هندو واپاري، هن رسم الخط ۾ پنهنجو حساب ڪتاب لکندا پيا اچن. بهرحال ان جي لکندڙن ۽ پڙهندڙن جو انگ شايد ٿورڙئي هوندو.

**شڪار نامو** (Falconry):

اها منظوم يا نثري تحرير آهي جنهن مان شڪار جي ڪنهن مهم جي حالتن کي قلمبند ڪيو ويو هجي. سنڌ ۾ خاص طور تي ٽالپر حڪمران شڪار جا شوقين هوندا هئا ۽ فارسي زده شاعري ۾ شڪار جا احوال ڏيندا هئا.

**شمس العلماءُ** (Shamsul Ulema):

شمس العلماءُ يعني "عالمن جو سج". انگريزن جي دور ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي نامور عالمن کي انگريز سرڪار لقب پڻ ڏنا ويا، جن ۾ "شمس العلماءُ" جو لقب وڏي اهميت رکي ٿو. اهڙن عالمن ۾ شمس العلماءُ مرزا مخلص علي علوي (1795_1877ع)، شمس العلماءُ پير سيد مردان شاهه (اول)، شمس العلماءُ مرزا

قليچ بيگ(1853ع_1929ع ) ۽ شمس العلماءَ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽو (1958_1896ع) شامل آهن.

**شهر آشوب**(Shahre Ashob):

اهو نظم جنهن ۾ زماني جي افراتفري، ملڪ ۽ شهر جي بربادي ،ويراني، ۽ تباهيءَ جو ۽ ملڪ جي ماڻهن جي مصيبت جو احوال درج ٿيل هجي ته ان شعر کي شاعراڻي حوالي سان "شهر آشوب" چئبو آهي. شهر آشوب ۾ حڪومت ۽ رعيت جو احوال، ماڻهن جي اقتصادي ۽ سماجي حالتون، اميرن ۽ غريبن جو بيان ۽ ٻيا اهڙي قسم جا موضوع ڏنا ويندا آهن. سنڌيءَ جي اوائلي شاعريءَ ۾ شهر آشوب ملن ٿا. پر جديد شاعرن مان امداد حسينيءَ اهي تعداد ۾ گهٽ آهن. محمد ابراهيم "خليل"، سيد اظهر گيلانيءَ ۽ ٻين شهر آشوب لکيا آهن. "حيدرآباد شهر" نظم امداد حسينيءَ جو جديد "شهر آشوب" آهي، جنهن ۾ حيدرآباد جو تبصرو آهي.

# ص

**صداقت:**

ڪنهن ناول، افساني يا ادبي قصي لاءِ اڪثر بحث ڪيو ويندو آهي ته ان ۾ آيل واقعو ٿيو به هو يا نه. جو ته ڪوبه اديب اهڙي دعويٰ نه ڪندو آهي ته اهو واقعو ڪنهن خاص زماني يا شخص سان واقع ٿيو هو. جو جو ادب جو هڪ ڪم اهو به آهي ته اهڙي ترجماني ڪري ته جا واقع ٿيو هو. بلڪ جا واقع ٿي سگهي ٿو. مطلب ته ادبي صداقت جو واسطو واقع ٿيڻ سان نه بلڪ امڪان سان آهي.

**صحافت** (Journalism):

صحافت، لفظ صحيفيٰ مان اخذ ٿيل آهي. صحافت ۾ روزمره جي زندگيءَ جا واقعا، حالتون ۽ روزمره جي گهٽنائن ڪان عوام ڪي واقف ڪرايو ويندو آهي. عام طور اخبارن ۾ مقامي، ڏيهي ۽ پرڏيهي خبرن ڏيڻ سان گڏوگڏ سفرنامن جون قسطون، ايڊيٽوريل، ڪالم، مختلف ڏڻن تي نڪتل خاص اشاعتون ۽ خاص نمبر وڏو ادبي مواد مهيا ڪيو ويندو آهي.

صحافت جا ٻه قسم آهن هڪ پرنٽ ميڊيا (Print Media)، ٻيو برقي/ اليڪٽرانڪ ميڊيا (Electronic Media). صحافت کي ستن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. روزاني اخبار، هفتيوار، پندرهن روزه، ادبي رسالا، ڊائجيسٽ، پيش ورانه يا خاص گروهه، ريڊيو ۽ ٽي وي جي صحافت.

جنهن زماني ۾ صحافت ، اخبارن تائين محدود هوندي هئي، تڏهن صحافت جو دائرو به اخبار نويسيءَ تائين هوندو هو. پر هاڻي صحافت کي خبرن، تبصرن ۽ تجزين، ڪالمن، مضمونن ۽ فيچرن تائين محدود رکي نٿو سگهجي، يا ان کي عوام ۽ حاڪمن جي لاڳاپن ۽ رابطن جي پل واري حيثيت به ڏئي نٿي سگهجي، جو ته صحافت هڪ اهڙي ڪردار بنائڻ لاءِ ميدان تي آئي آهي، جيڪو قوم ۽ معاشري ۾ سڄاڻ (قوت تميز) وڌائي. بري ڀلي جي تميز ڪان پوءِ درست ۽ سڌو رستو ڳولڻ آسان ٿئي ٿو ۽ ان تي هلڻ قوم جي ضرورت به بڻجي ٿو.

موجوده دؤر برقي صحافت (Electronic Media) جو دور آهي. بيشمار ٽي وي چينل، انٽرنيٽ، موبائيل وغيره صحافتي زندگيءَ کي تيز ڪري ڇڏيو آهي.

**صحافتي ادب** (Journalistic Literature):

ڪيترا نقاد ۽ عالم صحافتي لکڻين کي ادب نٿا مڃين. پر ان جي باوجود پوري دنيا اندر صحافي، جيڪا روزانه جاکوڙ ڪن ٿا، اها اڳتي هلي ادب جي تاريخ ٿيو پوي. موجوده دؤر ۾ صحافت ئي ڪنهن ٻوليءَ جي لغت کي زنده جاويد رکڻ جو وسيلو آهي. هڪ سڄاڻ صحافي پنهنجي ادارين، ڪالمن، فيچرن ۽ مضمونن ۾ ٻوليءَ جي سرمايي مان موزون لفظ ۽ اصطلاح چونڊي ٿو صحافي اڄ ۽ هاڻي لکي ٿو، اديب به هاڻي لکي ٿو. صحافي تڪڙ ۾ لکي ٿو مگر اديب آرام سان لکي ٿو. اديب جي هڪ وڏي خوبي اها آهي ته هو پنهنجي دؤرجا بهترين خيال بهترين لفظن ۾ سهڻي نموني سان محفوظ ڪري ٿو. اديب ۽ صحافي پنهنجي روز جي سچي روح کي محفوظ ڪري ٿو. ان ۾ سماجي ، سياسي ۽ معاشي جهلڪيون نظر اچن ٿيون. وقت جي رفتار سان جيئن جيئن زبان جي ترقي ٿيندي آهي ته ادب جي به ترقي ٿيندي آهي.

**صحافي** (Journalist):

صحافتي لکڻين جي ليکڪ کي صحافي چيو ويندو آهي. صحافيءَ لاءِ اديب هئڻ هرويرو ضروري نه آهي. صحافيءَ لاءِ مشاهدو ڪرڻ ضروري آهي. صحافيءَ کي صحافت جي زبان لکڻ گهرجي، اديب کي ادب جي زبان ۾ لکڻو آهي.

**صحيفو** (Divine Scripture):

الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبرن تي آسماني ڪتاب نازل ڪيا ، جن مان چار ڪتاب: زبور، انجيل، توريت ۽ قرآن شريف اهم آهن. جن ڪان سواءِ ٻين پيغمبرن تي به صحيفا (الهامي حڪم ناما) نازل ٿيا.

**صرف ۽ نحو** (Grammar):

لفظن ۽ جملن جي جوڙجَڪ ۽ ڦيرن جو علم. عربيءَ ۾ ٻوليءَ جي گرامر ۽ ان جي وياڪرڻي اصولن کي گڏي صرف ۽ نحوَ سڏبو آهي.

**صرفيات** (Morphology):

لفظ ٻوليءَ ۾ چو ۽ ڪيئن ٻيا ٻيا روپ وٺن ٿا، تنهن جو تعلق لسانيات جي هڪ شاخ سان آهي، جنهن کي 'علم صرف' يا 'صرفيات' سڏجي ٿو. ان کي اردوءَ ۾ تشڪيلات/صوتيات به سڏبو آهي جو ته اهو عام لفظ جي مختلف شڪلين ۽ صورتن سان بحث ڪري ٿو. عربي گرامر ۾ علم صرف جي تعريف

هن ريت ڪٿي ويٺي آهي ته (علم) صرف اهو علم آهي، جنهن ۾ بامعني اڪيلن لفظن جي بناوٽ ۽ انهن ۾ ڦير ڦار ڪرڻ جو طريقو بيان ڪيو وڃي.

**صفت** (Adjective):

گرامر جو اهو لفظ آهي جو جملي ۾ اسم جو گڻ، اوگڻ، قسم، انداز، مقدار، قدر ڏيکاري، مثال: سنو، ڀلو، ڪنو، ڪوجهو، ڪارو، ڳاڙهو، طوطاپري، پنج، ڇهه، ننڍو وڏو وغيره.

**صفت ضميري** (Pronominal):

اهي لفظ، جيڪي ضمير هجن ۽ انهن جي اڳيان اچن، جن جي بدران ڪم آيل هجن. مثال طور:

هي ماڻهو اهي ڇوڪريون (ضمير اشارو ويجهو)

هو ماڻهو هو ڇوڪريون (ضمير اشارو ڏور)

**صفت عددي** (Adjective of Numbers):

اهي لفظ جيڪي عدد سان منسوب ٿيل هجن، يعني اهي لفظ جيڪي اسم جو ڳاڻيٽو يا شمار ڏيکارين، تن کي صفت عددي چئجي ٿو مثال طور:

پنج اديب، ننڍو مشاعرو وڏا ليکڪ.

**صفت وصفي** (Abjective of Quality):

اها صفت جا اسم جي خاصيت، قد، درجو حالت يا ڪم ڏيکاري ان کي صفت وصفي چئجي ٿو. نوٽ: صفت وصفيءَ جا ٽي قسم آهن. (1) صفت خالص (2) صفت تفصيل (3) صفت مبالغو.

**صنائع لفظيءَ صنائع معنوي**

صنائع لفظي ۾ اهي خوبيون هونديون آهن، جي لفظن جي ذريعي پيدا ڪيون وڃن ۽ صنائع معنوي اهي خوبيون آهن جي معنيٰ جي ذريعي پيدا ڪيون وڃن.

**صنعت** (Artistic)

صنعت = ڪاريگري، شعر يا ڪلام جون ڪاريگريون 'صنعت' سڏبيون آهن

**صنف** (Genre):

صنف جو جمع اصناف/صنفون آهي. هر علم ۽ ادب ۾ مختلف صنفون ٿينديون آهن، جن جون الڳ شاخون بہ نڪرنديون آهن. مثال طور شاعريءَ جي

صنفن ۾ بيت وائي، ڪافي، نظم، غزل، هائيڪو، سانيٽ آزاد نظم وغيره ۽ نثر ۾ ناول، ڊرامو، ڪهاڻي، تنقيد، سفرناما، سوانحي، ادب وغيره جون صنفون اچي وڃن ٿيون. صنف جو هڪ ٻيو مفهوم مذڪر ۽ مؤنث وارو به آهي، جنهن کي انگريزيءَ ۾ Gender چئبو آهي. شاعريءَ ۾ عورت جي ڪردار کي اڪثر "صنف نازڪ" طور پيش ڪيو ويو آهي.

**صوتيات** (Phonology):

"صوت" عربي لفظ آهي،جنهن جي معنيٰ آهي "آواز"، پوءِ اهو تمام هلڪو هجي يا ڇتو. ٻوليءَ جو ٻاهريون ۽ ظاهري پهلو آوازن سان تعلق رکي ٿو. آواز انساني به ٿيندا آهن ته غير انساني به. انهن جو علمي اڀياس علم طبعي (Physics) ۽ علم بدن جو جز آهي.ان ڪري ٻولين جي آوازن جي اڀياس لاءِ اسان کي علم طبعي ۽ علم بدن (Physiology) جي مدد جي ضرورت رهي ٿي. انساني ٻوليءَ جي آوازن جو اڀياس هن وقت علمي صورت اختيار ڪري چڪو آهي، جنهن کي علم آواز (Phonetics) سڏجي ٿو.

**صوتي تاثير** (Phonetic Impression):

معنيٰ کان الڳ ٿي به، هر لفظ جو پنهنجو خاص تاثر ٿيندو آهي، جنهن جو تعلق انهن حرفن جي آوازن ۽ ان جي ترتيب تي ٿيندو آهي، جن سان ڪو لفظ ٺهندو آهي. ڪو لفظ نچندڙ ۽ ڳائيندڙ نظر ايندو آهي ته ڪوئي روئندڙ نظر ايندو آهي. ڪنهن لفظ سان ذهن ۾ خوف ته ڪنهن سان خوشيءَ جو تاثر ملندو آهي. لفظن جي اهڙن تاثرن کي "صوتي تاثير" چيو ويندو آهي. شاعر جيئن ته لفظن کي استعمال ڪرڻ جا ماهر ٿيندا آهن. هو پنهنجي ذات ۽ هنر سان لفظن مان مختلف تاثير ڪيندا آهن.

**صورتخطي** (Spelling):

صورتخطي اها هوندي آهي . جنهن ۾ حرفن کي ملائي هڪ مقرر املا ۾ لکجي.جنهن سان لفظ ٺهي ٿو. ڪنهن به زبان ۾ لفظن ۽ جملن جي لکت لاءِ آوازن جي تحرير ڪيل صورتن (لکت وارين صورتن) کي اهڙي نموني استعمال ڪرڻ، جو اها لکت سڄي ملڪ لاءِ هڪ جهڙي معياري ۽ درست هجي.اهڙي

طرح مڪمل عبارت، جيڪا ساڳيءَ رسم الخط ۾ لکجي ۽ ان مان مطلب ۽ مقصد ظاهر ٿئي ته ان کي به "صورتخطي" چئبو آهي.

**صوفي** (Sufi):

"صوفي" جو تعلق "تصوف" سان آهي. "تصوف" جو مطلب آهي، "حقيقت کان واقف ٿيڻ" يا "الله تعاليٰ جي وات ۾ پاڻ کي گم ڪرڻ" مطلب ته صوفي اهو الله لوڪ انسان آهي، جو پنهنجي دل ۾ هڪ خدا کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي به تمنا يا شوق نه ٿو رکي. هو دنيا جا لڳ لاڳاپا لاهي، دل جي گهراين سان الاهي عشق ۾ اهڙو ته محو ٿي وڃي ٿو، جو مٿس سرمستي ۽ بيخوديءَ جي حالت طاري ٿي وڃي ٿي. هن جو اندر (دل) هميشه پاڪ ۽ صاف رهي ٿو. هن جي دل ۾ ڪنهن به انسان يا ساهواري لاءِ وير ۽ دشمني، بغض ۽ ڪينو، حسد ۽ ساڙ نه ٿو رهي. هو ڪنهن به مذهب يا فرقي سان غير نه ٿو رکي. صوفي سڀني انسانن ۽ سندن مذهبن لاءِ عزت، احترام ۽ احساس رکي ٿو. هو پنهنجي ۽ انهن جي وچ ۾ ذري جيترو به فرق نه ٿو رکي. صوفي پنهنجي جسم تي اڪثر سادا ڪپڙا پهريندا آهن. ڪن جو چوڻ آهي ته صوفي لفظ 'صوف' يعني چشم يا اُن جي ڪپڙي مان ورتل آهي، جو ته صوفي اوني ڪپڙا پائيندا آهن. اڄڪلهه صوفي گيڙو رنگ جا ڪپڙا به اوڍيندا آهن.

صوفين جون چار منزلون ٿين ٿيون، جن مان هو پاڻ کي پار ڪرڻ لاءِ رياضتون ڪن ٿا. اهي چار منزلون مختصر وضاحت سان هت ڏجن ٿيون:

(1) شريعت، (2) طريقت، (3) حقيقت ۽ (4) معرفت.

# ض

**ضد** (Antonym):

هر ٻوليءَ ۾ هڪ لفظ جا هم معنيٰ لفظ بہ هوندا آهن تہ ابتڙ معنيٰ رکندڙ لفظ بہ هوندا آهن. مخالف معنيٰ رکندڙ لفظ کي "ضد" سڏيو ويندو آهي. مثال:

(محبت ـ نفرت)، (سچ ـ ڪوڙ)، (ڏينهن ـ رات)، (مرد ـ عورت).

**ضرورت شعري** (Poetic Licence):

جڏهن ڪو شاعر، زبان جي قاعدن کي ٽوڙيندو آهي، يعني وزن يا قافيي کي نڀائڻ لاءِ ڪنهن لفظ جي تلفظ ۽ هِجي ۾ تبديلي ڪندو آهي تہ اهڙي عمل کي "ضرورت شعري" چيو ويندو آهي.

**ضرورت قافيہ:**

جڏهن شعر ۾ قافيي جي پابندي نڀائڻ لاءِ زبان جي قاعدن کي ٽوڙڻو پوندو آهي تہ اُن کي "ضرورت قافيہ" چئبو آهي.

**ضمني پلاٽ** (Sub-Plot):

ناول، ڊرامو يا افسانو/ ڪهاڻي ڪنهن پلاٽ تي ٻڌل هوندا آهن. انهن ۾ هڪ کان وڌيڪ بہ پلاٽ ٿي سگهن ٿا. اهڙيءَ طرح هڪ پلاٽ اندر ننڍيون ننڍيون ثانوي ڪهاڻيون بہ ٿي سگهن ٿيون. انهن کي ناول، ڊرامي يا افسانوي جو "ضمني پلاٽ" چيو ويندو آهي.

**ضمني قافيو** (Sub-Rhyme):

ڪڏهن ڪڏهن شاعر ڪنهن شعر ۾ اصلي جاءِ تي قافيي کي آڻڻ کانسواءِ ڪنهن هيئت کي نڀائڻ لاءِ ڪنهن ٻئي هنڌ تي قافيي کي آڻيندو آهي، اهڙي قافيي جي استعمال کي "ضمني قافيو" چيو ويندو آهي.

**ضمير** (Conscience):

اندر جو آواز ضمير کي 'وويڪ' بہ چئبو آهي. ضمير هڪ اهڙي انساني صفت آهي، جنهن ذريعي سٺي ۽ خراب عمل، نيڪي ۽ بدي، ذميواري ۽ غيرذميواريءَ ۾ فرق ڪري سگهجي ٿو. معاشري جي اخلاقي توقعات (Social Expectations) جي ترجمانيءَ کي ضمير چئبو آهي.

**ضمير** (Pronoun):

گرامر ۾ اهو لفظ، جيڪو جملي ۾ اسم جي بدران ڪم اچي. مثال: آءٌ، مون، تون، اسان، هي، اهي، تنهن، تن، جن، هو، اهي، وغيره.

**ضمير استفهام** (Interrogative):

اهڙا ضمير، جيڪي سوال پڇڻ لاءِ ڪم اچن، تن کي "ضمير استفهام چئبو آهي. مثال طور: ڇا، ڇو، ڪو، ڪهڙو، ڪيترو وغيره.

**ضمير اشارو** (Demonstrative Pronoun):

اُهي ضمير، جيڪي ڪن اسمن ڏانهن اشارو ڪرڻ لاءِ ڪم اچن، تن کي ضمير اشارو چئجي. ان جا ٻه قسم ٿيندا آهن. هڪ ضمير اشارو ويجهو ۽ ٻيو ضمير اشارو ڏور.

**ضمير جواب موصول** (Correlative):

اهي ضمير، جيڪي ضمير موصول جي جواب ۾ ڪم اچن ۽ جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍي هڪ ڪن، تن کي "ضمير جواب موصول" چئبو آهي.

**ضمير حاضر** (Second Person Pronoun):

اهي ضمير جيڪي ڪنهن روبرو ڳالهائيندڙ شخصن لاءِ ڪم اچن، تن کي "ضمير حاضر" چئبو آهي.جيئن تہ: تون، توهين، توهان، اوهين، اوهان، وغيره.

**ضمير خالص** (Personal Pronoun):

اهي ضمير، جيڪي خاص ماڻهن جي بدران ڪم اچن، تن کي "ضمير خالص" چئبو آهي. جنهن جا وري ٽي قسم آهن:

**ضمير غائب** (Third Person Pronoun):

اهي ضمير، جيڪي ڪنهن غير حاضر شخص لاءِ ڪم آڻجن، تن کي "ضمير غائب" چئجي. جيئن تہ: هو، اهي، انهن، وغيره.

**ضمير متصل** (Conjunctive Pronoun):

اهڙيون ضميري پڇاڙيون، جيڪي اسم، فعل ۽ حرف جر جي پٺيان اچن ۽ ضمير خالص جو ڪم ڏين، متصل جي معنيٰ آهي ڳنڍيل.

**ضمير متڪلم** (First Person Pronoun):

اهي ضمير جي ڳالهائيندڙ پنهنجي بدران ڪم آڻي تنهن کي "ضمير متڪلم" چئبو آهي.جيئن تہ: مان، مون، اسان، اسين، وغيره.

**ضمير مشترڪ**(Reflective):

اهي ضمير، جيڪي فاعل يا مفعول سان گڏ اچي، انهن جي جملي ۾ اهميت ۽ ضرورت تي زور ڏين، تن کي "ضمير مشترڪ" چئبو آهي. مثال طور:

خود، پاڻ، پنهنجو

**ضمير موصول** (Relative):

اهڙا ضمير، جيڪي اسم جي بدران ڪم اچن ۽ ساڳي وقت جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍي هڪ ڪن ٿا، تن کي "ضمير موصول" چئبو آهي. موصول جي معنيٰ آهي ڳنڍيندڙ. مثال طور: جو، جيڪو، جنهن، جيڪا، جيڪي وغيره.

# ط

**طبقاتي شعور**(Social Consiousness):

دنيا ۾ امير ۽ غريب ٻه اهم طبقا آهن. انهن طبقن ۾ ظالم ۽ مظلوم يا استحصال وارو اصطلاح عام هوندو آهي. ان طبقاتي سبب جي احساس کي طبقاتي شعور چيو ويندو آهي.

**طبقاتي ڪشمڪش**(Class Struggle):

دنيا ۾ مظلوم ۽ پيڙيل طبقن ۽ حاڪم ۽ ورسايل طبقن وچ ۾ مفادن خاطر ڪشمڪش رهندي آهي. ان ڪشمڪش کي طبقاتي ڪشمڪش چيو ويندو آهي. طبقاتي ڪشمڪش جو وڏو سبب غير هموار ۽ عدم مساوات وارو معاشي نظام هوندو آهي. طبقاتي ڪشمڪش جو خاتمو، ادب جو صدين کان خاص موضوع رهيو آهي.

**طربيه/مزاحيه ڊراما** (Comedy):

ڊرامي جو هڪ قسم. طربيه/مزاحيه ڊرامي جي پڄاڻي خوشيءَ سان ٿيندي آهي ۽ ان جو وڏو مقصد تفريح مهيا ڪرڻ هوندو آهي. حقيقت ۾ طربيه ڊرامو زندگيءَ جي تقليد ڪري ٿو ۽ رسم ۽ رواج جي عڪاسي ڪري سچائيءَ جو اولڙو اُڇلي ٿو. طربيه ڊرامي جي ظرافت جو دارومدار ڪنهن وقت، موقعي يا ڪنهن صورتحال تي يا ڪنهن مهل واري معنيٰ خيز مڪالمي تي هوندو آهي. مزاحيه ڊراما اصل ۾ طربيه ڊراما هوندا آهن.

طربيه ڊرامو دل کي خوش ته ڪري ٿو ته وري دل آزاري به ڪري ٿو. ڇو جو هڪ مزاحيه ڊراما نگار نه رڳو پنهنجي آسپاس جي انهيءَ حقيقت کي قبول ڪري رهيو آهي، بلڪ اهو به ٻڌائي ٿو ته ڇا نه ٿيڻ گهرجي، ان حساب سان سندس ڊرامو زندگيءَ جي تنقيد واري رجحان جي عڪاسي ڪري ٿو. تنقيد سان گڏوگڏ هو محسوس ڪري ٿو ته زندگيءَ جي پيٽ ۾ ڏک وڏيڪ آهن، ان ڪري هو پنهنجي زندگيءَ جو مقصد اهو ٿو رکي ته اداس چهرن کي پائدار خوشي ڏجي. الميه ڊرامي جي برعڪس هن ڊرامي جي پڄاڻي خوشگوار ۽ وڻندڙ ماحول

۽ فضا ۾ ٿيندي آهي. طربيہ ڊرامي ۾ وڏن ماڻهن جو هجڻ ضروري نہ هوندو آهي. بلڪ ڪير بہ هن ڊرامي جو مرڪزي ڪردار ٿي سگهي ٿو.

**طرحي شاعري** (Poetry with subject):

طرحي شاعريءَ ۾ ڪا "طرح" يا موضوع رکيو ويندو آهي. مشاعري لاءِ خاص 'طرح' مقرر ڪئي ويندي آهي. طرح تي تيار ڪيل شعر پڙهڻ واري محفل کي "طرحي مشاعرو" چئجي ٿو. سنڌي شاعريءَ جي روايتي دور ۾ طرحي شاعريءَ جو وڏو رواج هو.

**طرز تحرير** (Diction):

ڪنهن بہ لکڻيءَ ۾ لفظ جو صحيح استعمال ۽ انهن جي ترتيب. توڙي بوليءَ جو پنهنجو انداز ۽ سونهن کي ڪنهن ليکڪ جو ڊڪشن چئبو آهي.

**طريقت** (Tareeqat):

صوفيءَ جي هڪ منزل. هن منزل تي سالڪ کي پنهنجي دل جي صفائي ڪرڻي آهي، يعني دل کي آئيني .وانگر صاف ۽ پاڪ بنائڻو آهي ۽ هن ۾ پنهنجي نفساني خواهشن کي ترڪ ڪرڻو آهي ۽ پاڻ کي خدا تعاليٰ جو خادم سمجهي، سندس مخلوق جي خدمت ڪرڻ ۾ وقت صرف ڪرڻو آهي. دراصل طريقت جو مطلب ئي آهي خدا جي پيدا ڪيل مخلوق جي خدمت ڪرڻ.

**طلسماتي ڪهاڻيون** (Magical Stories):

ٻاراڻي ادب ۾ هن قسم جي ڪهاڻين ۾ جادو، سائنس، تجسس، خوف و هراس وغيره اهم جزا هوندا آهن. هن قسم جون ڪهاڻيون وڏي چاهہ سان پڙهيون وينديون آهن.

**طنز** (Satire):

مزاح نگاري وسيلي ماڻهوءَ، ان جي اجاين خيالن ۽ شخصيت تي سخت چوٽ ڪئي ويندي آهي. جڏهن انسان پنهنجي رويي ۽ عمل سان اخلاق يا عام سمجهہ جا قاعدا ٽوڙي ٿو، اهو نشانو ڪنهن بہ سماجي، اقتصادي، مذهبي استحصال تي بہ ڪري سگهجي ٿو. ادبي دنيا ۾ طنز اهو آئينو آهي، جنهن سان ان فرد، گروهہ يا سماج کي پنهنجو چهرو ڏيکاريو ويندو آهي تہ جيئن هو پنهنجي غلطيءَ جو احساس ڪري.

# ظ

**ظرافت** (Wit):

ظرافت هڪ ذهين انسان جي حاضر دماغي جو مظهر هوندي آهي. ظرافت جي لغوي معنيٰ آهي "دانائي"، ان ڪري ظريف اهو آهي، جو دانشمند ۽ معامل فهم هجي. هڪ ظريف اديب مختلف حالتن ۾ مشابهت جا اصول تلاش ڪري ٿو جيڪي هڪ ٻئي کان مخالف علمي ڪيفيتن ۾ اختلاف جي سببن جي ڪن ٿا. .درحقيقت ظرافت مزاح کان مختلف آهي، پر اها مزاح جي ڪشادي دائري ۾ هڪڙو ننڍڙو دائرو آهي يا ڪٿي ائين چئجي ته اها ظرافت ئي آهي، جا ٽوڪ ۽ طنز جا جوهر نروار ڪري ٿي. سنڌي بزرگن ۾ وتايو فقير ۽ اديبن ۾ شمس الدين بلبل (1857ـ 1919ع) کي ظرافت جو شهنشاهه ڪري مڃيو ويندو آهي.

**ظرف** (Adverb):

اهو لفظ آهي جو فعل، صفت يا ٻئي ظرف سان لڳي ان مان وقت، جاءِ، اقرار، انڪار ۽ ريت يا قدر جي معنيٰ ڏيکاري تنهن کي ظرف چئجي.

**ظرف تميز:**

اهڙا لفظ، جن مان ريت، قدر ۽ انداز جي معنيٰ نڪري، تن کي ظرف تميز چئجي ٿو. مثال طور:

آهستي، تيز، بار بار، اتفاقاً، گهٽي قدر، جيئن جيئن وغيره.

**ظرف زمان** (Adverb of Time):

اهڙا لفظ، جيڪي وقت جي معنيٰ يا مفهوم ظاهر ڪن ٿا، انهن کي "ظرف زمان" چئجي ٿو. مثال:

اڄ، سڀاڻي، ڪالهه، پريهن وغيره.

**ظرف مڪان** (Adverb of Place):

اهڙا لفظ، جيڪي هنڌ، جاءِ، وقوع جي معنيٰ يا مفهوم نڪري، تنهن کي "ظرف مڪان" چئجي ٿو. مثال طور:

هيٺ، مٿي، اندر، ٻاهر، هتي، هتي، هيڏانهن، ڪيڏانهن وغيره.

**ظرف نفي:**

اهڙا لفظ، جن مان انڪار جي معنيٰ نڪري، تن کي "ظرف نفي" چئجي ٿو. مثال طور:

نه، ڪونه، ڪين، نڪي، متان وغيره.

## ع

**عارضي ادب**(Temporary Literature):

اهو ادب، جيڪو عارضي يا هنگامي طرح لکيو ويو هجي. ان کي عارضي، يا هنگامي ادب چئبو آهي. عارضي ادب مان مراد آهي ته اهو ادب، جيڪو ڪنهن عارضي مسئلي جي رد ۾ تخليق ڪيو ويو هجي ۽ مسئلي يا واقعي جي اهميت به ختم ٿي چڪي هجي. ان ۾ گهڻو ڪري حالات حاضره بابت اخباري ادب اچي ٿو.

**عارضي نثر** (Prose):

اهو نثر جو روزانو بنا ڪنهن سجاوٽ يا صنايع بدايع ۽ تجويز جي زباني يا لکيل صورت ۾ پيش ڪيو وڃي. هن قسم جي نثر ۾ روزمره جون ڳالهيون ۽ بحث مباحثا ۽ ٻيا مختلف قسمن جا مضمون، وغيره اچي وڃن ٿا.

**عاشقاڻي شاعري** (Love Poetry):

عشق جي اپٽار ڪندڙ شاعري. هن قسم جي شاعري ٻن قسمن جي ٿيندي آهي. هڪڙي حقيقي عشق واري (spiritual) ۽ ٻي مجازي (temporal). مجازي محبت جي شاعريءَ جي شروعات يونان مان ٿي. هن قسم جي شاعري ۾ شراب، لذت ۽ محبت جي مدح به ٿي سگهي ٿي.

**عالمگيريت** (Globalization):

اڄ جي ايڪيهين صديءَ جي انسان چنڊ کان به اڳتي مريخ تي قدم رکيا آهن ۽ سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي ڪرامتي ايجادن دنيا کي هڪ ڳوٺ (Global Village) بڻائي ڇڏيو آهي. دنيا جون تهذيبون ۽ ثقافتون هڪ ٻئي جي ويجهو اچي رهيون آهن. فاصلا گهٽجي رهيا آهن. ٻوليون هڪ ٻئي جو اثر قبول ڪري رهيون آهن. نوان نوان لفظ، سائنسي ۽ غير سائنسي هڪ ٻئي ۾ ضم ٿي رهيا آهن. قديم آثارن جي کوٽائيءَ مان نيون تهذيبون ظاهر ٿيون آهن. ادبي لاڙا ۽ تحريڪون پڻ هڪ ٻئي تي اثر انداز ٿي رهيون آهن. اهي سڀ ڳالهيون ادب تي به اثر انداز ٿيون آهن. ان ڪري عالمگيريت ادب توڙي سماج جو حصو بنجي وئي آهي. عالمگير قدر ادب جو حصو بڻجي ويا آهن.

مثال: ادا طارق! هتي اچي ويهه.

طنز ڏيکارڻ لاءِ ڏنگين يا بريڪيٽن ۾ عجب جي نشاني ڏني آهي. مثال طور:

ها سائين، تون وڏو نيڪ (!) ماڻهو آهين.

تون پاس ٿي وئين!

**عربي سنڌي رسم الخط** (Arabic-Sindhi Script):

سنڌي زبان کي هڪ معياري رسم الخط آهي، جنهن کي ”عربي ـ سنڌي رسم الخط“ چيو وڃي ٿو. سنڌي عربي الف ـ ب 16 صديءَ کان پنهنجا ارتقائي مرحلا طئه ڪندو رهيو ۽ 17 صديءَ ۾ مخدوم ابوالحسن ٺٽوي (1661 ـ 1711 ع) جي جوڙيل رسم الخط کان انگريزن جي دور تائين مختلف روپ اختيار ڪيا ۽ آخر ۾ 1853 ع ۾ هڪ مڪمل ۽ جديد شڪل ۾ رائج ٿي ويو. عربي رسم الخط سنڌ ۾ صدين کان هلندڙ آهي. اهو رسم الخط پوري اسلامي دنيا جي ٻولين جي رسم الخطن کان تاريخي طور قديم آهي. سنڌي رسم الخط خالص عربي رسم الخط تان ورتو ويو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ فارسي، اردو، پشتو ۽ بلوچي رسم الخط ۾ وڏو فرق آهي. فارسيءَ جو رسم الخط ”نستعليق“ آهي ۽ اهڙي طرح اڙدوءَ جو رسم الخط وري فارسيءَ جي رسم الخط تان ورتل آهي. گويا پوري اسلامي دنيا ۾ عربي رسم الخط وانگر ڪامل علمي رسم الخط فقط سنڌي زبان جو آهي. عربي تعليمي سرشتي جي ڪري عربي زبان جا يارهن (11) اکر (ث، ح، خ، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ف، ق) سنڌيءَ ۾ داخل ٿيا. سنڌي سر آوازن لاءِ حروف علت جون ۽ اعرابن جون نشانيون متعارف ٿيون. اڳتي هلي سنڌي ٻولي مستقل بنيادن تي عربي رسم الخط جي طرز تي لکجڻ لڳي.

**عروج/ڪلائمڪس** (Climax):

”ڪلائمڪس“ يوناني ٻوليءَ جو لفظ آهي. ادبي اصطلاح ۾ اهو لفظ ناول، ڊرامي يا ڪهاڻيءَ تي لاڳو ٿئي ٿو. يعني جي اها سطح جتي ڪهاڻي عروج تي پهچي ۽ حيرت ۽ انتظار جي ڪيفيت ظاهري ڪري. عروج اها منزل آهي، جنهن تي هڪ ڪهاڻي/ ڊرامو/ناول ترقي ڪري منزلون طئي ڪري پهچي ٿو.

**عروض** (Persion Prosody):

عروض ان علم کي چئبو آهي جنهن جي وسيلي شعر جي جوڙجڪ بابت ڄاڻ هجي. مثال طور شعر جي وزن، بحر جي خبر پئجي سگهي ۽ موزون ۽ غير

موزون شعر کي جدا ڪري سگهجي، علم عروض". شاعريءَ جو باضابطہ علم آهي. جيڪو سنڌيءَ ۾ فارسي شاعريءَ ذريعي آيو ۽ جنهن جو بنياد مکيہ اٺن اُصولن (فعولن، مفاعيلن، فاعلاتن، مفعولات، مفاعلتن، مستفعلن ۽ متفاعلن...) تي ٻڌل آهي. ارڪان، بحر ۽ وزن ـ عروض جي عمارت جا مکيہ ٿنڀا آهن.

هن علم جا باني‌ڪار عرب هئا، جن ۾ خليل بن بصريءَ جو نالو اهميت سان اچي ٿو. سنڌي ادب ۾ ڊاڪٽر ابراهيم خليل، تنوير عباسي، اياز قادري، خادم عباسي، امام بخش خادم، عطا محمد حامي، استاد بخاري، عبدالقيوم صائب، راشد مورائي، شيخ اياز، هري دلگير، ڪشنچند "عزيز" ۽ ڪجهه ٻيا ڄاڻو سمجهيا وڃن ٿا.

**عروضي سنڌي شاعري** (Prosodic Poetry):

سنڌي شاعريءَ ۾ عروضي شاعريءَ جا ابتدائي اهڃاڻ ڪلهوڙن جي دور (1700ـ18782ع) کان ملن ٿا. هن دور ۾ نور محمد خستہ ۽ ٻيا نالا ملن ٿا. هن تحريڪ جا باني علم عروض ۽ فارسيءَ کان متاثر هئا. هنن عروض جي مشهور ۽ مقبول صنف "غزل" تي طبع آزمائي ڪئي. الف ـ ب رديف وارا مڪمل ديوان لکيا. ان کان علاوه مخمس، مسدس، مثنوي، قطع، مستزاد، رباعيءَ جهڙين عروضي شاعريءَ جي صنفن تي طبع آزمائي ڪئي. سنڌي ٻوليءَ ۾ عروضي شاعريءَ جي باقاعدگي تحريڪي مشڪل ٽالپرن جي دور ۾ نظر اچي ٿي. هن دور ۾ سيد ثابت علي شاهہ ۽ سچل سرمست عروض جا وڏا شاعر هئا. هن قسم جي شاعريءَ تي مڪمل فارسي اثر هو. انگريز دور جا ۽ ورهاڱي کان پوءِ جا ڪيترائي شاعر فارسي تشبيهون ۽ ترڪيبون استعمال ڪرڻ ۾ فخر محسوس ڪندا هئا. فارسي جي هن تحريڪ هيٺ شاعري ۾ ائين محسوس ٿيندو هو تہ ڄڻ بلبل گل متان ڦيرا پائي رهي آهي، پروانو شمع متان جلي خاڪ ٿي رهيو آهي، عاشقن جا جيرا ۽ بڪيون پچي رهيا آهن. پيمانا ۽ ميخانا مشتاقن سان ڀرجي ويا آهن، ساقي جي هٿ ۾ جامَ ۽ پيالا آهن. عاشقن جو وصال، نرگسي نيڻ، خمار من، مستي، ستمگر دليون، نرگسي اکيون، دراز زُلف وغيره هن شاعريءَ ۾ رائج هئا. هن قسم جي تحريڪ ۾ خليفو گل محمد، غلام محمد شاهہ گدا، مير عبدالحسين سانگي، ميون وڏل حيدري، مرزا قليچ بيگ، مرزا

بيدل بيگ، آغا فتح علي شاهه، مير گل حسن خان خيرپوري ۽ ٻيا ڪيترائي شامل آهن.

اڳتي هلي هن عروضي تحريڪ ۾ نمايان تبديلي اچي وئي. سنڌ جي شاعرن عرب کان ايران ۽ ايران کان سنڌ تائين پهتل غزل کي هڪ نئين روپ ۾ بدلائي ڇڏيو. ان ۾ معشوق جي ذڪر عورتن جي حسن ۽ دانهن بدران صوفياڻون صلاحون، ناصحاڻا نقطا، سنڌ جي سياسي، سماجي ۽ اخلاقي موضوعن جو بيان تيڻ لڳو ان ڏس ۾ بيشمار شاعرن جو سهڪار شامل رهيو. جن هن تحريڪ کي وڌايو ۽ ترقي ڏياري. هن تحريڪ کي سنڌ ۾ ڪيئلداس ’فاني‘، ڪشنچند ’بيوس‘، شيخ اياز، هري دلگير ۽ ٻين جديد شاعرن هٿي ڏني ۽ سنڌي ٻوليءَ جي مسئلن جي اظهار جو بهترين ذريعو بڻايو. موجوده دور ۾ پڻ غزل تي عروضي تحريڪ جو اثر غالب آهي.

**عشقيہ مثنوي** (Romantic Muthanavi):

مثنوي ايراني شاعريءَ جي صنف آهي. مضمون جي لحاظ کان تاريخي واقعا، رومانوي داستان يا اخلاقي مشورا قلمبند ڪيل هوندا آهن. عشقيہ مثنوي ۾ حسن ۽ عشق جا ڏکيا داستان پيش ڪيا ويندا آهن. هن ۾ گذريل دور جا رومانوي قصا ۽ واقعا تفصيل سان بيان ڪيا ويندا آهن. سنڌيءَ ۾ مثنويون لکيون ويون آهن. جهڙوڪ سسئي پنهون، هير رانجهو، سهڻي ميهار، ليليٰ مجنون، مومل راڻو، نوري ڄام تماچي، ليلا چنيسر ۽ سورٺ راءِ ڏياچ وغيره. ٽالپرن ۽ انگريزن جي دورن ۾ ڪيتريون ئي رومانوي مثنويون لکيون ويون.

**عصري ناول** (Contemporary Novel):

عصر جي معنيٰ آهي زمانو. ناول جي هن قسم جو شمار دراصل تاريخي ناول ۾ هئڻ گهرجي. اهو تاريخي قصو جيڪو هلندڙ دور ۾ صرف ٿوري عرصي جي تاريخ تي مشتمل هجي، يا ڪٿي اثين چئجي تہ ڪنهن تاريخي واقعي يا شخص تي لکيل اهڙو قصو جيڪو صرف ڏهن يا ويهن سالن جي وقت جي عڪاسي ڪندو هجي تہ ان کي عصري ناول ٿو چئجي. پر اهو ضروري آهي تہ اهو قصو ناول جي وصف تي پورو لهندو هجي. ناول نگار اهڙي ناول ۾ تاريخ جي هلندڙ عصر جي واقعات جي نشاندهي ٿو ڪري.

**عقد** (Aqad):

عقد جي لفظي معنيٰ آهي "ڳنڍ" يا ڳرھ. اصطلاحي معنيٰ ۾ ان شعر کي چئبو آهي، جنهن ۾ ڪابہ قرآن شريف جي آيت، ان جو جزُ حديث يا ڪنهن مشهور قول/چوڻيءَ کي اهڙي طرح منظوم ڪيو وڃي، جو ان ۾ تغير اچي وڃي. شاھ، سچل ۽ ٻين ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ ۾ اهڙا انيڪ مثال موجود آهن. مثال طور شاھ جو هي شعر ڏسو:

تو جنين جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي
فاذڪروني اذڪرڪم، اي پروڙج بات
تہ ڪاتي ڳڙوات، پڇڻ ڀر پرين جي.

**عقلي** (Rational):

علم بيان جي اصطلاح ۾ اها شيءِ جنهن کي حواسن (سنگهڻ، ٻڌڻ، ڏسڻ، چکڻ) ذريعي محسوس ڪري نہ سگهجي، ان کي عقلي چئبو آهي. جيئن علم، جهل، تعصب، حسد، دانائي وغيره. ان جو ضد آهي ٻي حسي يعني اها شيءِ جيڪا حواسن ذريعي محسوس ڪري سگهجي، جيئن رنگ، خوشبو، آواز وغيره.

**عقليت** (Rationalism):

انساني عقل، فهم، زميني حقيقتن تي مبني سوچ يا فيصلو ، جنهن سان فرد يا مجموعي طور ڪنهن کي فائدو رسي. خيالن جو اهو مجموعو، جيڪو ان ڳالھ جي حمايت ڪري تہ ڪائنات بہ انهيءَ ريت عمل پيرا آهي، جنهن ريت انسان جو من ڪم ڪري ٿو. عقليت پسندي جا وڏا پرچارڪ ڊيڪارٽ (1596ـ 1650ع)، فرانسز بيڪن (1561ـ1626ع)، لبنيز (1646ـ 1716ع) ۽ اسپينوز (1632ـ1677ع) هئا. عقليت پسندن جو چوڻ آهي تہ علم انسان جي وجدان مان حاصل ڪري سگهجي ٿو. يعني انسان سوچ ۽ سمجھ ذريعي ڪنهن جي منطق تي پهچي ٿو. يورپ ۾ 20 صديءَ کي عقل جو زمانو (Age of Reason) چيو ويو. ان دَور ۾ سائنسي ايجادن ۽ نون ادبي لاڙن ۽ رجحانن جي ڪري اهو عقل جو زمانو سڏيو ويو.

**علامہ** (Most Learned):

تمام وڏي ڄاڻ وارو، گهڻن علمن جو ڄاڻو. سنڌي ادب ۾ علامہ عمر بن دائود پوٽو(1896ـ1958 ع) ، علامہ آءِ آءِ قاضي (1886ـ1968 ع) ۽ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي (1916ـ2003 ع) وغيره ان سلسلي ۾ وڏا نالا آهن.

**علامتي افسانو** (Symbolic Story):

علامتي افسانو اها ڪهاڻي آهي جنهن ۾ ڪردار، واقعات ۽ مڪالما وغيره ٻٽي معنيٰ رکندڙ هجن. يعني ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ظاهر ظهور معنيٰ هجي ۽ ٻي معنيٰ علامتي طور پنهان هجي. هن قسم جون ڪهاڻيون/ناول ان دور ۾ لکيا ويندا آهن، جڏهن اظهار جي آزادي تي پابندي هجي، سياسي حالتون ليکڪن لاءِ هموار نہ هجن. ان سلسلي ۾ امرجليل جا ’اسٽار سرڪس جو جوڪر‘ ۽ ’چتي ڪتي جو موت‘ اهم افسانا آهن.

**علامت نگاري** (Symbolism):

علامت نگاري نہ صرف ادبي لاڙو آهي بلڪ هڪ اسلوب ۽ انداز بہ آهي ڪنهن حد تائين هڪ رمز بہ آهي. هن جي ابتدا يورپ کان ٿي. خاص طور 19 صديءَ جي آخر ڌاري هن تحريڪ فرانس ۾ زور پڪڙيو شاعرن ۽ مروج بياني انداز کي ڇڏي علامت نگاريءَ وارو يا اهڃاڻي انداز اختيار ڪيو. يورپ توڙي روس ۾ هي انداز بيان گهڻو مقبول ٿيو. مشهور ڪهاڻيڪار ايڊگرايلن پو سڀ کان اڳ اها دعويٰ ڪئي تہ ابهام جي موجودگي ۾ هڪ لازمي جزو آهي هن اها ڳالهہ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي تہ لفظ علامت ۾ بدلجي وڃي ٿو تہ نئين لڪل (مبهم) صورت ۾ اهو ٻي معنيٰ نٿو رهي. ايشيا جي ادبي لاڙن تي يورپ جو اثر رهندو آيو آهي ۽ ائين هيءَ تحرير هتي بہ پهتي. قديم سنڌي شاعري يا وچئين دور جو شاعري تصوف جي لبادي ۾ پاڻ کي ڍڪي رکيو هو ۽ جديد شاعر جڏهن ڪجهہ اشاريت ۽ رمزيت ۾ چوڻ گهريو تہ هنن علامتن ۾ اهڃاڻ جو سهارو ورتو. سنڌي ادب يا تاريخ تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ علامت نگاريءَ جو لاڙو تمام قديم آهي. مثال طور قاضي قادن کي ڏسو جنهن مرشد لاءِ علامتي طور ’جوڳيءَ‘ جو لفظ ڪتب آندو:

”جوڳيءَ جاڳايوس، ستو هوس ننڊ ۾“

اهڙي طرح شاهہ ڪريم، شاهہ عنايت رضوي، شاهہ لطيف، سچل ۽ ٻين ڪلاسيڪل شاعرن ڪيترين ڳالهيون داستانن کي علامتي انداز ۾ آڻي پيش ڪيون آهن. شاهہ لطيف جي علامت نگاريءَ تي پي. ايچ. ڊي بہ ٿي چڪي آهي.

انگريزن جي دور ۾ افسانوي ادب ۾ خاص طور تي علامت نگاريءَ جو لاڙو مروج ٿيو. امر لعل هنگوراڻي ۽ آسا نند مامتورا اهم ڪهاڻيڪار هئا. ورهاڱي

ڪانپوءِ امر جليل، ماڻڪ، لعل پشپ، عبدالحق عالماڻي ۽ ٻين جي ڪهاڻين ۾ هي لاڙو ملي ٿو.

**علم الانسان** (Anthropology):

اينٿراپالاجي سماجي سائنس جي هڪ اهم شاخ آهي. هن کي 'بشريات' به چئبو آهي، جنهن جو محور انسان ۽ ان جي ثقافت آهي. ا نڪري هن علم کي علم الانسان چيو ويندو آهي. هن علم ذريعي انسان جي ارتقا ڪان وٺي هلندڙ دؤرتائين رونما ٿيندڙ تبديلين جو سائنسي طريقي سان جائزو ورتو ويندو آهي. اهڙي طرح موجوده دؤر ۾ مختلف ثقافتن جي تقابلي جائزو وٺڻ به هن علم جو حصو آهي. علم انسان سان ادبي تاريخ جو به ويجهو رشتو آهي، ڇو ته ادب انسان جي تاريخ کي به بهترين نموني پيش ڪري ٿو.

**علم العلم** (Epistemology):

علم العلم فلسفي جي هڪ شاخ آهي، جنهن جو موضوع خود علم آهي. مطلب ته ان سان علم جي باري ۾ بحث ڪيو ويندو آهي ته علم ڇا آهي؟ علم ڪيئن حاصل ٿيندو آهي؟ ڇا صداقت جو علم ممڪن آهي؟ ان جو امڪاني حدون ڪهڙيون آهن؟ علم صحيح جو بنياد عقل آهي يا حواس؟ عقل تي ڪيترو يقين ڪري سگهجي ٿو؟ ۽ ڇا وجدان به علم ذريعي حاصل ٿي سگهي ٿو؟

**علم اللسان** (Linguistic):

زبانن جي عام پهلوئن، خوبين ۽ خصوصيتن، رنگ ۽ ڍنگ جي مطالعي کي 'علم السان' چئجي ٿو. علم اللسان ڪنهن به ٻوليءَ جي آوازن، انهن جي مقرر تنظيم ۽ ترڪيب، ساخت ۽ سٽاءَ جي، اهل زبان توڙي ڌارين لاءِ هڪ تشريح آهي، علم اللسان ٻوليءَ جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ جو هڪ بيان آهي. هي علم، انهن جي اصولن، گهراين، معنوي ۽ صوتي تبديلين جو رڪارڊ آهي. علم اللسان زنده ۽ روزمره وارين ٻولين جي سرشتي ۽ نظام جي اپٽار ۽ ان جو بيان بلڪل ائين ئو ڪري، جيئن اهي ٻوليون، ان وقت ۽ ان حالت ۾ ڳالهائيون يا ٻڌيون آهن. لسانيات جو علم ٻولين جي ماضيءَ، ماضيءَ جي ترڪيبن، لفظن جي اشتقاقن ۽ ذاتن تي به روشني وجهي ٿو.

**علم بديع:**

هي عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "نئين چاڙ يا نئين ايجاد". هي اهو علم آهي، جنهن ۾ فصيح ۽ بليغ ڪلام جي لفظي ۽ معنوي خوبين تي بحث ڪجي ٿو. اصطلاحي زبان ۾ طرز تحرير (نثر خواهه نظم) کي پر ڪشش، خوبصورت، دلڪش، رنگين ۽ پر اثر بنائڻ لاءِ معنائن مان نهايت ڪاريگريءَ ڪان ڪم وٺڻ کي "علم بديع" چئبو آهي.

**علم بيان** (Figurative Use):

علم بيان اهڙن قاعدن جو نالو آهي، جن جي چاڻ سان انسان هڪ ڳالهه کي ڪيترن طريقن سان ادا ڪري سگهي ٿو. علم بيان جو بنياد هيٺين چئن چيزن تي رکيل آهي:

(i) تشبيهه، (ii) استعاره، (iii) مجاز مرسل ۽ (iv) ڪنايو.

**علم صرف/صرفيات** (Morphology):

صرف جي لفظي معنيٰ آهي 'گردان' يا 'ڦيرو'. پر اصطلاحي معنيٰ موجب صرف اهو علم آهي، جنهن مان لفظن جي قسمن ۽ انهن جي صورت ۾ جيڪا ڦير ڦار ٿئي ٿي، تنهن بابت خبر پوي ٿي.

**علم قافيه** (Study of Rhyme):

مشرقي ٻولين جي شاعري ۾ قافيي کي تمام گهڻي اهميت حاصل آهي. ان ڪري ادب جي عالمن، هن موضوع کي پنهنجي تحريرن ۾ شامل ڪيو آهي. ان ڪري قافيي جي چاڻ واسطي هڪ الڳ قسم جو علم وجود ۾ آندو ويو آهي، جنهن کي 'علم قافيه' چيو وڃي ٿو.

**علم معقول ۽ علم منقول:**

مسلمان عالمن علمن کي ٻن زمرن ۾ ورهايو آهي هڪ علم معقول ۽ ٻيو علم منقول. منقول ۾ قرآن، حديث، تاريخ، لغت وغيره جا علم اچي وڃن ٿا. جڏهن ته علم معقول ۾ فلسفو، رياضي، فزڪس، ڪيمسٽريءَ جهڙا علم اچي وڃن ٿا، جيڪي معروضي فڪر جي نمائندگي ڪن ٿا.

**عمل** (Action):

عمل لفظ ٻن مختلف معنائن ۾ ڪم اچي ٿو.

(i) ڪنهن ڊرامي، ناول، افسانے يا نظم جي مکيه ڪهاڻي پڌري ڪرڻ جو عمل.

(ii) پلاٽ کي ناهيندڙ واقعن جو مکيه سلسلو هلائڻ.

'ايڪشن' ڊرامي جو بنياد آهي، جنهن جو مطلب آهي 'اڳتي وڌڻ'. اسٽيج تي جسماني چرپر يا ڪجهه چوڻ کان سواءِ به 'ايڪشن' ٿي سگهي ٿو. ان جو خاص مقصد ڪردار يا پلاٽ کي پڌرو ڪرڻ آهي.

**عملي تحقيق** (Practical Research):

عام لفظن ۾ عملي تحقيق جو ڪم ڪنهن شيءِ کي قائم ڪرڻ ۽ پوءِ ان جو رد عمل ڏسڻ لاءِ ڪيس اڳتي وڌائڻ هوندو آهي. عملي تحقيق کي به تجرباتي تحقيق جي صف ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو. فرق صرف ايترو آهي ته تجرباتي تحقيق ليبارٽريءَ اندر ٿيندي آهي ۽ عملي تحقيق لائبرريءَ ۽ تعليمي ادارن ۾ ڪئي ويندي آهي. هڪ لحاظ کان ان جي اهميت ان ڪري به آهي جو ڪيترين ئي حالتن ۾ ڪنهن عمل جي امڪان جو جائزو وٺڻ جي صرف اڪيلي صورت اها هوندي آهي ته ان عمل کي اڳتي وڌايو وڃي. جيستائين ان ۾ ادبي تحقيق جو تعلق آهي ته اهو عمل ۽ سبب جي اصول کان آجو ٿي نه ٿو سگهي. پولي ۽ ادب لاءِ تحقيق Qualitative ٿيندي آهي. ادبي تخليق اهو عمل آهي جنهن ۾ سڌي يا اڻ سڌي طرح تخليقڪار جي قلمي يا انداز بيان ۽ طرزِ تحرير جو عمل ڪنهن نه ڪنهن سبب جي ڪري ٿيندو آهي. عملي تحقيق ڪندڙ انهن باقاعدگين ۽ عمل ۽ سبب جي سلسلن جي تحقيق ڪندو آهي.

**عملي ناول** (Novel of Action):

عملي ناول ۾ واقعن جي گهڻائي هوندي آهي. واقعا هڪٻئي سان اهڙي نموني مليل هوندا آهن جو پهرين واقعن کي بين جي پيدائش سمجهيو ويندو آهي. داستانن وانگر اهڙن ناولن ۾ قصي تي زور ڏنو ويندو آهي. هن قسم جي ناولن ۾ هيرو جڏهن ڪامياب ٿي ويندو آهي ته ائين محسوس ٿيندو آهي ته اها ڪاميابي اتفاقي آهي.

**عنوان** (Title):

ڪنهن به ڪتاب، مضمون يا لکت جي موضوع يا اهم سرخيءَ کي عنوان سڏبو آهي

**عورتازاد** (Feminism):

فيمنزم يا عورتازاد ڪيترين ئي تحريڪن تي مشتمل هڪ نظريو، بلڪ هڪ فڪر آهي، جنهن جو مقصد عورتن لاءِ سياسي ، سماجي، معاشي حقن ۽

موقعن جي حاصلات آهي، جيڪي ڪين جنسي برابريءَ جي بنياد تي ملڻ گهرجن. ڇو تہ عورتن واري انهي تحريڪ مطابق مردن پنهنجي مخصوص نظام تحت عورتن کي هميشہ سياسي، سماجي، معاشي ۽ نفسياتي طور محروم ۽ غلام رکيو آهي، جنهن لاءِ سڀ کان وڏو الزام انهي تحريڪ پاران پدري نظام Patriarchy کي ڏنو ويندو آهي.

ان کان علاوه سندن چوڻ موجب پدري نظام جنسيت Sexist تي مبني آهي، جيڪو غلط آهي. پدري نظام موجب عورتون پيدائشي طور ڪمتر Inferior، جڏهن تہ مرد Superior ڄاڻايو ويو آهي. جڏهن تہ عورتازاد انهي حياتياتي فرق (Biological Difference) کان انڪاري نہ هوندي بہ انسان طور برابريءَ جي لاءِ ڪوشان آهي. سندن چوڻ موجب اها سڃاڻپ ثقافتي ۽ سماجي گهڙت Social Construction آهي، جيڪا ٿي عورتن کي عورت بجاءِ مادي، هيٺي يا زنانو ٻڌائي ٿي، ڇوتہ عورت جي ڪمزور، هيٺي ۽ نااهل هجڻ واري سڃاڻپ بايولاجيڪل نہ، پر پدري اثر واري ثقافتي ۽ سماجي آهي. پدري نظام ئي اهڙي شناخت تي زور ڏي ٿو.

سنڌي ادب ۾ خيرالنساءِ جعفري، نور الهديٰ شاھ، فهميده حسين، سحر امداد، تنوير جوڻيجو، نذير ناز عطيہ دائود، امر سنڌو ۽ ٻين ڪيترن ليکڪائن جي لکڻين ۾ ان فڪر جا عڪس ملن ٿا.

**عورتازاد ادب** (Feminist Literature):

عورتا زاد ادب مان مراد اهو ادب آهي جيڪو عورتن يا مردن جو تخليق ڪيل هجي پر عورتن لاءِ لکيو ويو هجي ۽ ان ۾ عورتن جي سياسي، سماجي، معاشي، معاشرتي، نفسياتي ۽ اظهار جي ترجماني ڪيل هجي. عورت کي هڪ انسان ۽ هڪ مڪمل فرد سمجهڻ جو تاثر ملي ۽ سندس اهڙي تصوير ڪشي ڪئي وڃي. عام طور جڏهن ادب ۾ عورت جي ڪردار جي باري ۾ ڪتاب پڙهبا تہ اهي عورت جا مختلف روپ ڏيکاريندا آهن، جن کي عموماً پيش ڪيو ويندو آهي Images of women in Literature جي ليکڪا ميري اين فرگوسن جا عورت جا ڇهہ اهڙا روپ ٻڌايا آهن، جيڪي مذهبي ادب ۽ ڏند ڪٿائن کان وٺي هن وقت تائين تخليقي عمل ڪهاڻين، ناولن، شعرن ۽ ڊرامن وغيره ۾ ڏنا ويا آهن: فرمانبردار زال (Submissive wife)، ماءُ (ماءُ جي روپ ۾ ڪا بہ عورت (The Mother)، مرد تي حاوي عورت (Dominating wife)،

حسين محبوبہ جيڪا اوچي آسڻ تي هجي(Women on Pedestal). جنسي علامت يا رانديڪو(Sex Object). ڇڙي يا اڪيلي عورت(Women without man)

سنڌي سماج جا مسئلا پنهنجا آهن. ان ڪري سنڌي ادبي لکڻين ۾ عورتن جي مسئلن جي نشاندهي بہ مختلف آهي. هتي شهري زندگيءَ جي ڀيٽ ۾ ڳوٺاڻي زندگيءَ جي ترجماني وڌيڪ آهي. ان عمل سان ڳوٺاڻي ۽ شهري زندگيءَ جي مسئلن جي نشاندهي بہ مختلف آهي. سنڌ ۾ پڙهيل ۽ اڻ پڙهيل عورت جي مسئلن ۾ بہ هڪجهڙائي نہ آهي. خود شهر ۾ ڪم ڪندڙ ۽ ڪم نہ ڪندڙ عورتن جي مسئلن بہ هڪجهڙائي نہ آهي. ڳوٺن جا معاملات اڃا بہ الڳ آهن. آزاديءَ کان پوءِ سنڌي سماج ۾ تعليم عام ٿيڻ لڳي ۽ عورت جي تعليم جا آهستي آهستي موقعا ملڻ لڳا. ان حساب سان سنڌس ادبي دنيا ۾ بہ شموليت وڌڻ لڳي. عورتن جي لکيل ادب ۾ عورت جي عڪاسي بهتر ٿي، اهڙو سمورو ادب جنهن ۾ عورت جي هڪ انسان ۽ فرد واري حيثيت کي اجاگر ڪيو وڃي اڃا سنڌ ۾ گهڻو تخليق نہ ٿيو آهي. سنڌ ۾ اهڙو ادب لکندڙن ۾ خيرالنساءَ جعفري، نورالهديٰ شاهہ، فهميده حسين، عطيہ دائود، امر سنڌوءَ وغيره شامل آهن.

# غ

**غزل** (Ghazal):

غزل، بنيادي طرح عربي زبان جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي ’عورت سان ڪلام ڪرڻ يا عشق محبت ونڊڻ‘. اصطلاحي زبان ۾ ائين چئجي، تہ ”غزل ۾ عشق محبت جو راز سمايل ٿئي ٿو. يعني عورت جي حُسن ۽ نزاڪت، سينگار جوڙ ۽ جنسار جي چٽيءَ طرح واکاڻ ٿيل هوندي آهي.عربي قصيدي ۾ ”غزل“ شروعاتي حصو هوندو هو، جنهن کي ”تمهيد“ يا ”تشبيب“ چئبو هو. قصيدي ۾ ساراهجندڙ شخص جي ثنا شروع ڪرڻ کان اڳ شاعر ڪي اهڙيون ڳالهيون ڪندو هو، جن جو انداز عاشقاڻو هوندو هو. عربيءَ جي اثر هيٺ، ايراني شاعريءَ ۾ بہ قصيدن جي روايت آئي ۽ انهن جي ”تشبيب“ ۾ بہ عشق، حسن، شباب جو ذڪر هوندو هو.ايران ۾ فارسي شاعر رودڪيءَ (941 ع-880 ع)، قصيدي جي شروعاتي حصي يعني تشبيب کي الڳ ڪري ان جو نالو ”غزل“ ۽ ائين شاعريءَ جي هڪ نئين صنف رائج ٿي، تنهن کان پوءِ غزل گوئيءَ جو هڪ سلسلو شروع ٿيو، جيڪو اڄ تائين ڪيترين ئي ٻولين ۾ جاري آهي.آهستي آهستي، عشقيہ مضمون سان گڏوگڏ اخلاق، فلسفي، تصوف، سياسيات ۽ سماجيات وغيره جا خارجي موضوع پڻ غزل ۾ اچڻ لڳا.

سنڌي شاعريءَ جي هن صنف ’غزل‘ ۾ نمايان تبديلي آندي وئي آهي، جنهن ۾ ڪيترا مختلف موضوع شامل ٿيا آهن، جن ۾ جذبات جي فراوانيءَ ۽ تخيل کي خاص جاءِ حاصل آهي. انهيءَ جدت ۽ انفراديت، غزل کي سخن جي سانچي ۾، حقيقي معيار بخشيو آهي. صنف کي نہ صرف ’عروضي قالب‘ ۾ پر ماترڪ ڇندن ۾ بہ لکيو وڃي ٿو.

غزل جو هر بيت ٻن سٽن جو هوندو آهي. جنهن ۾ مڪمل مضمون هوندو آهي. پهرين بيت جون ٻئي مصرعون هم قافيہ هونديون آهن. ان شعر کي ’مطلع‘ چئبو آهي. باقي ٻين بيتن جون پويون مصرعون پهرين بيت سان هم قافيہ هونديون آهن. آخر ۾ ’مقطع‘ هوندو آهي، جنهن ۾ شاعر جو ’تخلص‘ ڪم ايندو آهي، غزل جي هر شعر ۾ جدا موضوع هوندو آهي. غزل ۾ پنجن کان گهٽ ۽

سترهن ڪان مٿي بيت نہ هوندا هئا، پر هاڻي 100 ۽ ان ڪان مٿي بند لکيا ويا آهن، اهڙن شاعرن ۾ اردوءَ جا ناصر ڪاظمي، سنڌيءَ جا وفا ناٿن شاهي، ج. ع. منگهاڻي ۽ سعيد سومرو شامل آهن.

**غلاميءَ جو نظام** (Servitude):

انسان پنهنجي دؤرجي پيداواري قوتن مطابق پيدواري نظام يعني پيداواري رشتا قائم ڪن ٿا، جيڪي ان دؤرجي پيداوار جي ترقيءَ لاءِ مناسب ۽ مقرر ٿين ٿا. جڏهن اهي پيداواري رشتا، پيداواي وسيلن ۾ رنڊڪ وجهن ٿا ۽ ناموزن ٿيو پون تہ انسان ڪي اهي رشتا تبديل ڪرڻا پون ٿا ۽ انهيءَ عمل ڪري ئي سماج ، غير طبقاتي نظام بدلجي ويندو آهي. جڏهن طبقاتي نظام وجود ۾ آيو تہ پهرين آقا ۽ غلام جا طبقا وجود ۾ آيا. هن ۾ غلامن جو مالڪ (آقا) پيداواري وسيلن جو بہ مالڪ هو.

**غنائي شاعري** (Lyrical Poetry):

اهي نظم، جنهن ۾ حسن ۽ عشق جي داخلي جذبات ۽ قلبي واردات جي بيان سان گڏ 'غنائيت' شامل هجي، 'غنائي شاعري' جا پرجوش جذبات محرڪ هوندا آهن. ان ڪري هن قسم جي شاعري فطرت انسانيءَ جي ويجهو هوندي آهي. غنائيت، سريلائپ ڪي چئبو آهي. غنائي شاعري سرلتا (Lyric) تي مشتمل آهي.

**غير افسانوي ادب** (Non-Fiction):

نثري ادب ۾ هڪڙيون صنفون افسانوي آهن تہ بيون غير افسانوي. هن قسم جي نثري ادب ۾ انگن اکرن جي بنياد تي حقيقتن ۽ فتوائن ڪي پيش ڪيو ويندو آهي. اهو ٺوس حقيقتن جي آڌار تي هوندوآهي، جيڪا ان جي بنيادي تقاضا ليکي ويندي آهي. ان ۾ خيال جي اڏام جي گنجائش نہ هوندي آهي. غير افسانوي ادب ۾ آتم ڪهاڻي، جيونءِ ڪهاڻي، مضمون نگاري، تاريخ، سفرنامو وغيره اچي وڃن ٿا. اڄڪلهہ آتم ڪٿا ۾ بہ تخليقي عنصر شامل ٿي ويو آهي.

**غير شخصي مضمون** (Impersonal Essays):

اهي مضمون جن ۾ ذاتي يا شخصي اپٽار نہ هجي، بلڪ اهي غير شخصي، تحقيقي حوالن جي آڌار تي مبني هجن. آزاديءَ ڪان پوءِ سنڌي مضمون نگاريءَ

۾ غير شخصي مضمونن ايتري تہ ترقي ڪئي آهي جو ان ۾ نيون ادبي شاخون اڀري آيون آهن. ان جو وڏو سبب خيالن جي تبديلي ۽ نون خيالن جي روشنيءَ ۾ ايندڙ نيون تبديليون ۽ انقلاب آهن. جن جي ڪري سوچ جي سفر جي پيشقدمي ممڪن ٿي. ورهاڱي کان اڳ اديب وڏي شوق سان سير ۽ سفر وارا مضمون لکندا هئا. انهن مضمونن جو رواج ورهاڱي کان پوءِ بہ جاري رهيو. پر ادبي طور ان سان هڪ نئين صنف "سفرنامو" اڀريو. اهڙي طرح ورهاڱي کان اڳ جيون ڪهاڻيون بہ مضمونن جي صورت ۾ لکيون وينديون هيون. پر پوءِ ان صنف "آتم ڪهاڻي" ۽ "جيون ڪهاڻي" جي روپ ۾ صنفن جي صورت اختيار ڪئي. ورهاڱي کان اڳ تنقيدي ۽ تحقيقي ڪتابن کي بہ مضمون نگاريءَ ۾ شامل ڪيو ويندو هو. ايستائين جو محمد صديق مسافر جي "ادبي تاريخ" کي بہ مضمونن جو ڪتاب چيو ويندو هو. پر اڄ اهڙي قسم جا ڪتاب "تنقيدي ۽ تحقيقي صنف جو نالو اختيار ڪري چڪا آهن

**غير قافيہ شاعري (Un-Rhymed):**

اها شاعري، جيڪا قافيي کان بغير هجي، ان قسم جي شاعريءَ ۾ آزاد نظم، نظم مصريٰ، بلئنڪ ورس ۽ فري ورس جا نمونا اچي وڃن ٿا. غير قافيہ شاعريءَ تي حمايت ۽ مخالفت ۾ بہ ڪافي ادبي بحث رهيا آهن. سنڌي ادب ۾ غير قافيہ شاعري هاڻي اجنبيت جي دَور مان گذري، اصليت جي راهہ تي اچي چڪي آهي.

# ف

**فائوو ازم** (Fauvism):

هن تحريڪ جي لفظي معنيٰ "جهنگلي حيوانن جو فن" آهي. هن ۾ رنگ ۽ ٺهه پهه اظهار کي تصوير ۾ فوقيت حاصل هوندي هئي. متيسي (Matisse) ولامنڪ (Vlaminck)، روآول (Rouault) ۽ ڊوفي (Dufy) هن تحريڪ جا مشهور فنڪار هئا.

**فحش ادب** (Pornography):

اهو ادب، جنهن ۾ جنس يا فحاشيءَ جي ترغيب ڏنل هجي، هن قسم جي ادب کي ادبي دنيا مان خارج سمجهيو ويندو آهي، ڇو جو ادب فحاشي جي ترغيب نه ٿو ڏئي.

**فحش گوئي:**

شاعريءَ جي اصطلاح ۾ "فحش گوئي" اگهاڙي ڪلام کي چئبو آهي، جنهن مان اهو احساس قائم ٿيئي ته اهو ڪلام اخلاق کان ڪريل آهي.

**فراريت/فراري ذهنيت** (Escapism):

زندگي لاهن چاڙهن، ڏکن ۽ خوشين جو سنگم آهي، ادب ۾ حقيقي زندگيءَ جي لاهن چاڙهن بجاءِ خيالي دنيا ۾ رنگين دنيا ٺاهي رهڻ جو نالو "فراريت" آهي. مطلب ته حقيقي زندگيءَ جي بجاءِ خيالن جي دنيا ۾ رهڻ واري کي 'فراري ذهنيت وارا اديب' چيو ويندو آهي. ڪي ماڻهو مذهب ۾ ته ڪي نشي جي مستيءَ ۾ فرار ڳولهيندا آهن. ان ڪري ادب ۾ تخليق ڪيل ڪردارن ۾ به اهڙو لاڙو ملندو آهي. جان ڪيٽس (1795_1821ع) لاءِ مشهور هو ته هو فراريت جو شاعر هو. خودڪشيءَ جي خواهش، موت جي تمنا، زندگيءَ جي ڏکن مان تنگ اچي شراب جي نشي ۾ پناهه وٺڻ، دنيا کان لاتعلق ٿيڻ وغيره فراري ذهنيت جون مختلف صورتون آهن.

**فرد** (Individual):

ادب ۾ جنس جو ذڪر جڏهن حد کان وڌي وڃي ۽ ٻيو ڪو ڪارج رکڻ کانسواءِ محض لذت ۽ چسڪي لاءِ شامل ڪيو وڃي ته ان کي فحاشي چئبو

آهي. "فرد" عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي 'اڪيلو، واحد، ڇڙو يا مجرد'. اصطلاحي معنيٰ موجب هي عروضي شاعريءَ جي اها صنف آهي، جنهن ۾ هڪ ئي بند هجي. فرد، غزل جي بند، يا قطعي/نظري جي صدرت ۾ هوندو آهي. ان ۾ ٻه يا چار سٽون ٻه ٿي سگهن ٿيون، جن ۾ قافيو ٿي به سگهي ٿو ۽ نه به ٿي سگهي ٿو. انهن مان ڪنهن سٽ ۾ قافيو هجي ته به ان جي ڪا پابندي ناهي. هن صنف جي شروعات به ايران جي فارسي شاعرن ڪان ٿي. فرد جي مجموعه ڪلام کي مفردات چئبو آهي. فرد صنعت لف و نشر جيان هوندو آهي، يعني ان جي پهرين مصرع /سٽ ۾ ڪا ڳالهه مجموعي طور ڪئي ويندي آهي ۽ سٽ/ مصرع ۾ ان جي حقيقت کي کولي واضح ڪيو ويندو آهي. فرد ۾ جيڪڏهن ٻئي مصرعون/سٽون هم قافيه هجن ته ان جي صنف کي ذو قافيتين چيو ويندو آهي.

**فرسودگي** (Obsoleteness):

لفظ، استعارا، خيال توڙي موضوع ڪيترا به سنا هجن، پر انهن جي بار بار استعمال بوريت پيدا ڪندو آهي. اهڙو استعمال پاروٿي گوشت وانگر محسوس ٿيندو آهي. ادبي اصطلاح ۾ اهڙي رجحان يا لاڙي کي 'فرسودگي' چيو ويندو آهي. هن کي سنڌي ۾ مدي خارج سوچ به چئبو آهي.

**فرضي نالو** (Pseudonyms):

ڪڏهن ڪڏهن ناهموار حالتن ۾ شاعر، اديب ۽ صحافي وغيره اصلي نالي کي يا 'تخلص' کي ڇڏي فرضي نالي سان لکندا آهن.

**فسطائيت** (Fascism):

۰ فسطائيت، هڪ فاشسٽ تحريڪ هئي، جيڪا سياسي ۽ سماجي مقصد رکندي هئي. ان جا مقصد عورتن ۽ مردن لاءِ هڪ جهڙا حق ۽ حڪومتي طاقت هئا. هٽلر (1889_1945ع) ۽ مسولني (1883_1845ع) فاشٽي اصولن جا اهم سرڪردا هئا. هي رويو/فسطائيت يورپي ادبي دنيا ۾ هڪ وقت زور شور سان موجود رهي. هي وڏو اثر رکندڙ تحريڪ هئي. فاشزم، ترقي پسندي ۽ جدت مخالف رويو آهي.

**فصاحت** (Oratory):

صاف مستند محاورو (ٻوليءَ جو) صاف سهڻي بيان واري عبارت، خوش بياني کي 'فصيح' چئبو آهي. "فصاحت" عربي لفظ "فصيح" مان نڪتل آهي.

جنهن جي معنيٰ آهي، "خوش بياني يا مٺو ڪلام." اصطلاحي معنيٰ موجب، "فصاحت" شعر جي هڪ خوبي آهي جنهن مطابق شعر ۾ لفظ هلڪا ۽ رس ڀريا ڪتب آڻبا آهن، جن جي پڙهڻ سان زبان ۾ هٻڪ ۽ هٽڪ پيدا نہ ٿئي. شعر ۾ اهڙي سادگي سمايل هجي، جيڪا لفظن جي ورجاءَ وقت پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ کي ڏکيائي محسوس نہ ڪرائي، پر ڪيس وڻندڙ ۽ دلچسپ معلوم ٿئي.

**فطرت نگاري** (Naturalism):

قدرتي، فطري جايون، منظر، ماڳ، پاڻي، وڻ، ٻوٽا، جبل، ڊنڊون ڍورا وغيره. مطلب تہ اهي سڀ منظر جيڪي هٿرادو ٺهيل نہ هجن . بلڪ قدرت جا جوڙيل هجن. اهي فطرت جو حصو هوندا آهن. رومانوي شاعر ۽ اديب اڪثر ڪري فطرت جي مظهرن کان اتساهہ وٺي لکندا آهن.

ادب ۽ فن ۾ فطرت يا قدرتي ماحول جو تفصيل 19 صديءَ جي مشهور ناول نگار بالزاڪ (Balzac) (1799_1850ع) کي فرانس ۾ فطري ناول جو باني تصور ڪيو ويجي ٿو. فطرت نگاريءَ ۾ فطرت جي مظاهرن جي عڪاسي ٿيندي آهي. انگريزي شاعريءَ ۾ وليم وردس ورٿ فطري منظرن کي پنهنجي شاعري جو موضوع بڻايو. سنڌيءَ ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ ۽ شيخ اياز قدرتي منظرن جا بهترين عڪاس شاعر سمجهيو ويجي ٿو.

**فطرتي تنقيد** (Naturalistic Criticism):

ادبي تنقيد ۾ جيڪو لفظ گهڻو ڪري حقيقت پسنديءَ جي نعم البدل طور ڪم اچي يا جنهن سان ادبي يا فني شهپاري بابت خود بخود اها راءِ قائم ٿئي ٿي تہ انهيءَ فطرتي سونهن بابت محبت يا دلچسپي موجود آهي، تنهن کي فطرت پسندي چئجي ٿو. هن لفظ جي استعمال سان اهڙي ادب يا ادبي پورهئي جي نشاندهي ٿئي ٿي، جنهن جي تخليق ۾ حقيقت پسندانہ طريقا ڪم آندا ويا هجن ۽ جنهن جو موضوع فطرت پسنديءَ جي فلسفيانہ نموني يا نوع جو اظهار ڪري. هن نظرئي جو بنياد انهيءَ ڳالهہ تي رکيل آهي تہ هر اها شيءِ جيڪا وجود رکي ٿي، سا فطرت جو حصو آهي ۽ فطرت سان ئي ان جي وضاحت ڪري سگهجي ٿي ۽ انهيءَ شيءِ کي ڪڏهن مافوق الفطرت ۽ ڪڏهن، روحاني ۽ وسيلن سان واضح ڪري نٿو سگهجي.

**فطرتي شاعري**(Natural Poetry):

فطرتي شاعريءَ جو اصطلاح وليم وردز ورٿ لاءِ استعمال ڪيو ويو هو. پوءِ اهو اصطلاح ٻين ٻولين جي شاعريءَ ۾ آيو. اها شاعري جنهن ۾ لفظ، منظر ۽ معنيٰ فطرت کي ويجهو هجن. انهن ۾ اوپرائپ نہ هجي. فطرتي شاعريءَ فطرت جي مظاهرن جي عڪاسي ٿيندي آهي. شاهہ لطيف، سچل، اياز، تاجل بيوس بهترين فطرتي شاعر آهن.

**فعل** (Verb):

گرامر جو اهو لفظ آهي، جيڪو جملي ۾ هئڻ، ڪرڻ، سهڻ، ٿيڻ ۽ پوڻ جي يعني ڪم جي معنيٰ ڏيکاري. هئڻ، ڪرڻ، ٿيڻ، سمهڻ وغيره اهڙا مصدر آهن. جن مان مختلف فعل جنم وٺن ٿا، جيڪي مختلف زمانن ۾ مختلف حالتن تحت روپ بدلائيندا رهن ٿا ۽ جملي ۾ ان ڪم کي ظاهر ڪن ٿا، جيڪو ڪو فاعل ڪري.

**فقهي ادب** (Religious Literature):

فقهہ مان مراد آهي دين جو علم، مذهبي قانون. 'فقيهہ' ان کي چئبو آهي، جيڪو فقهہ جو ڄاڻو هجي. مذهبي، ديني ادب ۾ تخليق ٿيندڙ علم و ادب کي 'فقهي ادب' چئبو آهي. سنڌي ۾ فقهي ادب جي تمام وڏي تاريخ آهي. فقهي ادب سنڌ ۾ خاص طور تي ڪلهوڙن جي دور ۾ عروج تي پهتو ۽ مدرسن ۾ پڙهائجڻ شروع ٿيو. ان کان پوءِ هن علم تمام گهڻي ترقي ڪئي. مخدوم ابوالحسن سن 1703 ع ۾ 'مقدمة الصلوٰت' لکيو. جنهن ۾ نماز جا فقهي مسئلا نظم ۾ ڏنل هئا. ان سلسلي ۾ عربي-سنڌي رسم الخط ايجاد ٿي. اها هڪ تحريڪ جي صورت ۾ هلي، لکندڙ ڪتابن کي 'سنڌيون' سڏيو ويو. مخدوم محمد هاشم ٺٽوي، مخدوم عبدالله نرئي، عبدالرحيم گرهوڙي، مخدوم محمد ابراهيم ۽ ٻيا وڏا ليکڪ هئا. ٽالپرن جي دور تائين فقهي ادب عروج تي پهتل هو. انگريزن جي دور ۾ نثري ادب ۾ ڪتاب لکيا ويا. آزاديءَ کان پوءِ فقهي ادب گهڻي ترقي ڪئي آهي. فقيہ ادب ۾ شرعي مسئلا، روزو، نماز، حج، زڪوٰت، قرباني، شڪار، طلاق، شادي، مرڻو پرڻو وغيره جا ديني مسئلا اچي وڃن ٿا. سنڌي زبان ۾ ڊاڪٽر يار محمد 'سنڌيءَ ۾ فقهي تحقيق جي ارتقا' جي عنوان سان ڊاڪٽريٽ ڪئي آهي. سندس ڪتاب کي شايع ڪيو آهي.

**فڪر جي آزادي** (Freedom of Thought):

اهڙي سوچ ۽ انداز فڪر جيڪو خارجي دٻاءَ کان آزاد هجي. فڪر جي آزادي حقيقت ۾ خارج ۾ موجود اهڙي ڪيفيت آهي جنهن تحت ڪو بہ فرد پنهنجي جذبات ۽ فڪر جو اظهار اهڙي طرح ڪندو آهي جيئن اهي حقيقت ۾ ٿيندا آهن. فڪر جي آزادي انسان جي بنيادي حقن مان هڪ آهي جنهن کي جمهوري معاشرن ۾ وڏو جو موقعو ملندو آهي. آمر حڪومتون، پنهنجي تسلط کي برقرار رکڻ لاءِ فڪر جي آزاديءَ کي دٻائي رکنديون آهن. فڪر جي آزاديءَ سان ڪنهن بہ فرد يا ليکڪ جي خداداد صلاحيت کي نکرڻ جو موقعو ملندو آهي. فڪر جي آزادي هڪ اديب لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿي.

**فڪري مضمون** (Reflexive Essays):

هنن مضمونن ۾ فڪري خيالات سمايل هوندا آهن. جن جو موضوع سماجي، سياسي، گهريلو معاملن ۽ ڪنهن پهاڪي، قول جي تشريح، ڪنهن مسئلي جي اظهارَ ڪنهن خيال، راءِ وغيره تي بحث اچي وڃي ٿو. هنن مضمونن ۾ اخلاقيات جا موضوع بہ اچي وڃن ٿا. خاص طور هيٺيان عنوان اچي وڃن ٿا:

(1) پهاڪن ۽ چوڻين وارا مضمون (Quotational Essays): جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي، بہ ته ٻارنهن، تتي ٿڌي ڪاهہ، ڏک سکن جي سونهن وغيره

(2) اهڙا موضوع جن جي باري ۾ صحيح ۽ درست معلومات موجود هجي، مثال طور شاگرد اسڪائوٽ تحريڪ، هوا بازي جي تاريخ ۽ تحريڪ، ملڪي ترقيءَ ۾ عورتن جو حصو، اخبارن پڙهڻ جا فائدا.

(3) اهڙا موضوع جن ۾ صرف بحث هجي، مثال طور گڏيل تعليم، سائنس جو مقصد، جمهوريت، وطن جي حب.

(4) اهڙا موضوع جن ۾ وضاحت ضروري هجي. مثال طور ايمانداري هڪ سٺي حڪمت عملي آهي، بدعنواني، ايمانداري، سچ وغيره.

(5) اهڙا موضوع جن لاءِ ڪنهن خاص علم جي ضرورت نہ هجي. مثال طور موسيقي، غربت، اميري، ثابت قدمي وغيره.

**فلسفہ تاريخ** (Philosophy of History):

علم جو هڪ شعبو جيڪو تاريخي معنويت، تاريخ علم، ان جا قانون، تاريخي عمل تي اثرانداز ٿيندڙ نسلي، سماجي، معاشي، سياسي، جاگرافيائي،

مادي ۽ غير مادي سبب ۽ عوامل ۽ ارتقا ٿي انسان جي اهم منزل ۽ رجحانن بابت بحث ڪندو آهي. فلسفہ تاريخ ۾ ابن خلدون، والٽيئر، هيگل، ڪارل مارڪس، اسپنگر ۽ ٽوائن جي خاص اهميت رکن ٿا.

**فلسفو** (Philosophy):

فلسفو يا فلاسافي لفظ اصل ۾ ٻن يوناني لفظن جو ميلاپ آهي. فليو (Phileo) معنيٰ محبت يا پيار ڪرڻ ۽ سوفيا (Sophia) معنيٰ سڃاڻپ يا معلومات. ان مان ظاهر آهي تہ فلسفي يا فلاسافيءَ جو مطلب سڃاڻپ يا معلومات سان محبت ڪرڻ آهي. ڏاهپ جو هڪ اهڙو علم، جيڪو ڪنهن نموني ڪائنات ۾ انسان متعلق بنيادي سوالن تي بحث ڪري. مثال طور ڇا دنيا جي بناوت طبعي آهي؟ ڇا اسان يقين سان ڪجهہ ڪري سگهون ٿا؟ ڇا اسان آزاد آهيون؟ وغيره. اهڙي دنيا سان تعلق رکندڙ ٻيا مسئلا بہ ان ۾ اچي وڃن ٿا. فلسفو سائنس ڪان مختلف آهي. هن ۾ هر شيءِ تجربي سان ظاهر ڪري نہ ٿي سگهجي نہ وري مذهبي طور ان جي پيٺ ڪري سگهجي ٿي. فلسفو ما بعد الطبيعات، اخلاقيات، جيڪو شڪ جا دروازا کولي ٿو.

اهو صحيح آهي تہ سائنس بہ اسان کي معلومات ڏئي ٿي، پر اها معلومات فلسفي جي معلومات ڪان ٻئي قسم جي آهي، ڇا ڪاڻ تہ سائنسي معلومات حقيقت جي صرف هڪ حصي جي معلومات ڏئي ٿي.

**فلم** (Film):

فلم يا مووي دراصل مظاهراتي فن آهي، جنهن جي هڪ ادبي اهميت بہ آهي. فلم جي ڪهاڻي لکندڙ، فلم جي گانن لاءِ شعر لکندڙ ۽ مڪالما لکندڙ اديب پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري ٿو. ڊرامي وانگر فلم بہ ڪنهن ملڪ ۽ قوم جي ثقافت کي اجاگر ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. فلم جو ڪينواس ڊرامي ڪان وڌيڪ ٿئي ٿو. ڇو تہ ڊرامي جي تاثر ڪان فلم جو تاثر وڌيڪ سمجهيو وڃي ٿو. فلم وسيلي ڪنهن بہ ملڪ جي مزاج، رهڻي ڪهڻي، عادتن، رسم و رواج جي خبر پوي ٿي. فلم ۽ ٽي وي وسيلي اڄ شهري يا ڳوٺاڻو پنهنجي گهر ۾ ويهي ڪنهن بہ شهر ملڪ ۾ ٿيندڙ واقعات ۽ وندر جي پروگرامن جو لطف ماڻي سگهي ٿو. هن وقت جڏهن ڊش اينٽينا، ڪيبل سسٽم گهر گهر عام ٿي ويو آهي ۽ گهر گهر سئنيما هال ٿي پيو آهي، تڏهن فلم جي اهميت

اچا بہ وڌي ويئي آهي. اڄ فلم وندر جو بهترين ۽ طاقتور وسيلو آهن. فلمن جون اهم خوبيون فلم جو وڏو پردو، اداڪار، ڪهاڻي، گيت، ڊائلاگ، ڊانس، چترڪاري، موسيقي سنگتراشي وغيره. قدرتي نظارا، گانا ڪهاڻي کي خوبصورت بڻائي ڇڏيندا آهن. سنڌي فلمن جي شروعات ورهاڱي کان اڳ 1942ع ۾ ڪريم بخش نظاماڻي "ايڪتا" نالي ڪئي هئي.

**فن/ هنر** (Art):

بنيادي طور ڪوبہ هنر يا فن، جيڪو انساني ذهن يا هٿن جي محنت جو حاصلات هجي، مطلب تہ اهڙو فن يا هنر جيڪو قدرتي نہ پر انساني تخليق هجي.

**فن شاعري/پوئيٽڪا** (Poetics):

تنقيدي شاعريءَ جو علم. جنهن ۾ شاعري جي علم، فطرت ۽ شاعري جي فن جو اڀياس ڪيو ويندو آهي. ارسطو جي لکيل ڪتاب "Poetics" کي ترجمي ۾ "پوئيٽڪا" جو نالو ڏنو ويو آهي. هن ڪتاب کي تنقيدي ادب ۾ بنيادي حيثيت حاصل ۽ "بوطيقا" آهي. هي ڪتاب دراصل ڊرامي جي فن کي کولي بيان ڪري ٿو، خاص طور تي ڊرامي کي. قديم يونان ۾ هر ادبي صنف کي ڊرامي سان منسوب ڪيو ويندو هو.

**فنون لطيفہ** (Fine Arts):

فنون لطيفہ اهي هوندا آهن، جن وسيلي انساني جذبات ۽ ڪيفيتن جا نقش چٽي، اهڙي دلڪش، دلسوز ۽ روح افزا انداز ۾ پيش ڪجن، جو ڏسندڙ ۽ ٻڌندڙ جو روح ۽ دماغ جذبن ۽ امنگن سان آراستہ ٿي، گهراين ۽ اونهاين ۾ رچي وڃي. ڪنهن بہ لطيف فن کي انسان جي دل، روح ۽ جذبات کان جدا ڪري نہ سگهبو. انهيءَ لحاظ سان رقص يا ناچ، ساز ۽ موسيقي، مصوري، ادب ۽ شعر کي فنون لطيفہ ۾ شمار ڪيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ تہ انهن سان ڪلي جذبات جو اظهار ڪيو وڃي ٿو، لطيف فن تخليقي فن سڏبا آهن.

**فوٽ نوٽ** (Foot-Note):

فوٽ نوٽ مان مراد آهي تہ عبارت جو اهو حصو، جيڪو متن ۾ شامل ڪرڻ جي بجاءِ ڪتاب جي هيٺين حاشيي ۾ الڳ ڪري لکيو وڃي. فوٽ نوٽ ۾ اڪثر ڪري متئين لکيل مواد جي وضاحت يا حوالو ڏنو ويندو آهي.

**فهرست**(Content, Index):

فهرست کي ٻن اصطلاحن ۾ استعمال ڪبو آهي. هڪ، ڪتاب ۾ شامل مضمون، موضوعن جي بابن ۽ عنوانن جو وچور (content) يا تفصيل. ٻيو اهو ڪتاب، جنهن ۾ ڪتابن جا نالا جمع ڪيا ويا هجن.

**فهرست نگاري**(panax):

ڪتابن جي فهرست جي گڏ ڪرڻ جي عمل يا علم کي 'فهرست نگاري' چئبو آهي. فهرست نگاريءَ جو ڪم انتهائي قديم آهي. قديم فهرست نگارن ۾ سڀ کان اول حڪيم جالينوس (210ع) جو اچي ٿو ابن نديم. سنڌ جي تاريخ بابت 'الفهرست' لکيو. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ 'فهرست مخطوطات' جوڙيو.

**فئنٽسي/تصوراتي افسانه**(Fantasy):

فئنٽسي، ادبي ۽ باقي فنون لطيفه جي هڪ اهڙي صلاحيت آهي، جنهن سان هڪ ليکڪ يا مصور خيالي دنيا جون تصويرون ٺاهيندو آهي يا خيالي ۽ علامتي تخيل پيش ڪندو آهي. ليکڪ جي ٺاهيل تصوير هن جي ذهن جي پيدائش هوندي آهي، پر اهي عملي زندگي ۾ ناممڪن هونديون آهن. فئنٽسي ڪڏهن خيالن، تصورن سان جوڙي ويندي آهي ۽ ڪڏهن وري سائنسي افسانويت سان پيش ڪئي ويندي آهي. انگريزي ادب ۾ اسپينسر (1552_1599ع) جي The Fairie Queen ۽ جان ملٽن جي Camas بهترين مثال آهن. لوڪ ڪهاڻين ۾ ڪيئي اهڙا داستان آهن، جيڪي خيالي تصوراتي آهن. مومل راڻي جو طلسمي ڪاڪ محل، ڏند ۾ خزاني جو راز وغيره تصوراتي نظر اچي ٿو. انگريزن جي دور ۾ سنڌي جديد ڪهاڻين ۾ فئنٽيسي جا اهڃاڻ ملن ٿا. پر ورهاڱي کان پوءِ خاص طور تي عبوري دور جي ڪهاڻين ۾ فئنٽسي جو رجحان ڪافي اهميت رکي ٿو. هن قسم ڪهاڻين/ افسانن ۾ اهڙو ماحول ۽ ڪردار تخليق ڪيا ويا، جيڪي حقيقت ۾ موجود نه هوندا آهن. غلام رباني آگري جي ڪهاڻي 'آبحيات'، جمال رند جي 'ماني ڳيهه'، امر جليل جي 'ڪپيل ٻانهن جو وارث' وغيره سنڌي فينٽسي ڪهاڻين جا بهترين مثال آهن.

**في البديهه شعر**(Extempore):

اهو شعر جو سواءِ ڪنهن تياريءَ جي هڪدم چئي وڃجي.

**فيبل/جانورن ۽ پکين جون ڪهاڻيون** (Fables):

فيبل هڪ اهڙي آکاڻي آهي، جيڪا منظوم يا غير منظوم هوندي آهي، جنهن ۾ انسانن کان علاوه جانورن، جيتن ۽ بي جان شين کي به انساني خصلتون ڏئي گفتار ڪرائي ويندي آهي ۽ ڪردار ڏئي انسانن جي طرزعمل تي روشني وجهرائي ويندي آهي. پکين ۽ جانورن جون ڪهاڻيون ٻڌائڻ جو رواج اسان وٽ آڳاٽي دور کان موجود آهي. پکي ۽ جانور انسان جي زندگيءَ جو اهم حصو آهن ۽ اهي انساني زندگيءَ تي اثر انداز به ٿين ٿا. سنڌي ۾ ترجمو ٿيل ”ايسپ جون آکاڻيون“، ”الف ليليٰ“، ”طوطي نامو“، ”ڪليله و دمنه“ وغيره به بهترين مثال آهي.

**فيلسوف** (Philosopher):

فلسفي جي علم کي ڄاڻيندڙ کي فلاسافر چئبو آهي. فلاسافر/فيلسوف، ان کي چئبو آهي، جيڪو پنهنجي علم ۽ تجربي جي آڌار تي ڏاهپ ۽ دانائيءَ جون ڳالهيون ڪري يا لکي، نئون فلسفو بيان ڪري يا اڳين فلسفن ۾ ترميم ۽ تبديل ڪري. اڳي زماني جي لحاظ کان فلاسافر ان کي چيو ويندو هو، جيڪو زندگيءَ جي باري ۾ پيدا ٿيندڙ سوالن کي اياري. موجوده دَور مطابق، فلاسافر اهو آهي، جيڪو مختلف زندگيءَ سان لاڳاپيل علمن تي گهرائيءَ سان دسترس رکندڙ هجي ۽ دانائي ۽ تجربي جي آڌار تي ڳالهيون ڪري.

# ق

**قادر الڪلامي:**

زبان ۽ بيان تي عبور حاصل ڪرڻ کي قادر الڪلامي چيو ويندو آهي. قادر الڪلامي جي اصطلاح ۾ فڪري گهرائي، جدت خيال ۽ بلند مضمون جهڙيون فني خوبيون اچي وڃن ٿيون.

**قافيو** (Rhyme):

قافيو شعر جي هر بند جي پڇاڙيءَ ۾ ساڳئي وزن وارو لفظ، مختلف معنيٰ سان، رديف کان اڳ ڪم ايندو آهي. جيئن ته:

ظلم ايڏو ته چشم يار نه ڪر
قتل هڪ وار سان هزار نه ڪر

هن شعر ۾ يار ۽ هزار قافيو آهي.

قافيي جو پويون اکر جيڪو وري وري اچي ٿو تنهن کي "حرف روي" چئبو آهي. مٿين ڏنل مصرعن ۾ "ر" اکر روي آهي. چاڪاڻ ته ٻنهي مصرعن جي قافين جي آخر ۾ رديف "نه ڪر" کان اڳ آيو آهي. ۽ قافيه جو مدار ان تي آهي. سنڌي بيت ۾ قافيو ڪڏهن بيت جي ٻهرين سٽ ۾ ايندو به ايندو آهي. پر بيت جي آخري سٽ ۾ لازمي طرح وچ ۾ ايندو آهي.

**قدامت پسند** (Conservative):

قدامت پسند اهو شخص هوندو آهي، جيڪو پنهنجي ذهني جمود جي ڪري دنيا ۾ ايندڙ سياسي ۽ سماجي زندگيءَ ۾ آيل تبديلن جي مخالفت ڪندو آهي.

**قرآن شريف** (Holy Quran):

"قرآن" عربي زبان جو لفظ آهي. جنهن جي معنيٰ گهڻو پڙهيل ڪتاب يا قرئت ڪيل آهي. قرآن شريف مسلمانن جو الهامي ڪتاب آهي. هي ڪتاب الله تعاليٰ حضرت محمد صلي الله عليه وسلم تي نازل ڪيو. هي ڪتاب وحيءَ جي صورت ۾ حضرت جبريل عليه السلام الله تعاليٰ طرفان حضرت محمد صلي الله عليه وسلم تي حصن ۾ پهچائيندو هو. قرآن شريف اٽڪل 23 سالن جي عرصي ۾ نازل ٿيو. قرآن شريف اسلامي قانون جو پهريون ماخذ به آهي.

قرآن شريف ۾ 30 سيپارا آهن. جن ۾ نيڪي ۽ حڪمت جون ڳالهيون بيان ٿيل آهن. عرب جڏهن سنڌ ۾ آيا ته پاڻ سان گڏ اسلامي تعليمات لاءِ قرآن شريف به کڻي آيا. ان ڏس ۾ ڪيترن ئي مستند روايتن ۾ اچي ٿو ته قرآن شريف جو پهريون ترجمو سنڌيءَ ۾ ڪيو ويو. قرآن پاڪ جو پهريون منظوم سنڌي ترجمو مولوي احمد ملاح (1877_1970ع) ڪيو آهي. ان کان علاوه ڪيترن ئي عالمن قرآن شريف جا سنڌيءَ ۾ ترجما ڪيا ۽ تفسير لکيا آهن.

**قسط** (Episode):

ڊگهن ڊرامن کي هڪ سلسلي ۾ هلائڻ ، اسٽيج ڪرڻ يا نشر ڪرڻ مشڪل هوندو آهي. ان ڪري انهن کي قسطن ۾ ورهائي سلسليوار ڏيکاريو ويندو آهي. هر هڪ قسط کي ڌار به هوندي آهي ته ان ۾ سلسلو به هوندو آهي.

**قصو** (Fabliau):

قصي جو پلاٽ پيچده ۽ منجهيل هوندو آهي. ليڪن ان پيچيدگيءَ ۾ به دلڪشي هوندي آهي. قصي ۾ ماحول اجنبي ۽ اوپرو هوندو آهي. خيالي واقعن کان علاوه هن ۾ عجيب دنيا جهڙوڪ: ديو، پريون، ڪوهه قاف جي تخيل واري دنيا هوندي آهي.قصن جا ڪردار فقط عشقيه، رزميه، سنائي ۽ بدڪاري تي مشتمل هوندا آهن. قصن ۾ ڪردار همېشه مافوق الفطرت (Metaphysical) هوندا آهن. قصن ۾ نمودار ٿيندڙ واقعا هميشه غير فطري هوندا آهن.

الف ليليٰ، داستان امير حمزه، چار درويش، طوطي نامو، سيف الملوڪ، حاتم طائي، گل بڪاولي ۽ ٻيا ڪيترائي عشقيه ۽ رزميه قصا ۽ داستان وغيره رهيا آهن. لوڪ قصن ۾ عمر مارئي، سهڻي ميهار، مومل راڻو وغيره شامل آهن.

**قصيدو** (Eulogization):

"قصيدو" عربي لفظ "قصد" مان نڪتو آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "ارادو ڪرڻ. اصطلاحي معنيٰ موجب، اهي ڪچ جيترا هم وزن بيت، جن مان پهرئين بيت جون ٻئي سٽون پاڻ ۾ هم قافيه هجن ۽ ٻين بيتن جي فقط پوئين سٽ پهرئين بيت جي ٻنهي سٽن سان هم قافيه هجي. قصيدو ان نظم کي چيو ويندو آهي جنهن ۾ ڪنهن جي تعريف ڪئي وڃي. ان سان گڏ قصيدي ۾ بهار جو ذڪر به ايندو

آهي، هن ۾ بيتن جو تعداد مقرر نہ هوندو آهي. قصيدي ۾ مير عبدالحسين سانگي(1851 _1942 ع)، مرزا قليچ بيگ (1853 _1929 ع)، محمد هاشم مخلص (1860 _1924 ع) وغيره جا نالا اچي وڃن ٿا.

**قطعو** (Qata):

"قطعو" عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "ڪپيل يا وڍيل ٽڪرو". اصطلاحي معنيٰ موجب، اهو نظم جو ٽڪرو جو چئن هموزن مصرعن يا ٻن شعرن تي مشتمل هوندو آهي ۽ منجهس هر ٻيو نمبر مصرع قافيي واري ٿيندي آهي.قطعي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻہ شعر يا انهيءَ کان وڌيڪ شعر بہ آڻي سگهجن ٿا. هن ۾ ڪڏهن ڪڏهن غزل وانگر پهريون شعر يعني "مطلع" بہ ايندو آهي، جنهن جي ٻنهي مصرعن ۾ قافيو ۽ رديف هوندو آهي ۽ اُن سان باقي شعرن جي هر ٻيو نمبر مصرع قافيہ دار يا ساڳئي رديف ۾ ايندي آهي. قطعي ۾ قافيي سان گڏ رديف ملائڻ يا رڳو قافيو آڻڻ، شاعر جي مرضيءَ تي ڇڏيل هوندو آهي. هن ۾ ڪنهن مقرر بحر يا وزن جو قيد آهي ئي ڪونہ. جنهن ڪري ڪنهن بہ بحر يا وزن تي چئي سگهجي ٿو.قطعي ۾ اڪثر هڪ مضمون يا هڪ خيال مسلسل پيش ڪيو ويندو آهي. هن ۾ گهڻو ڪري عشق ۽ محبت جا راز ۽ ڪڏهن ڪڏهن اخلاقي نڪتا بہ سمجهايا ويندا آهن.

**قلمي نالو**(Pen Name):

ڪجهہ اديب پنهنجو اصلي نالي بجاءِ تخلص استعمال ڪندا آهن ۽ ادبي نالو اختيار ڪندا آهن. ان کي قلمي نالو چيو ويندو آهي، جيئن سنڌي ۾ تنوير عباسي جو اصل نالو نور نبي هو. استاد بخاريءَ جو اصل نالو احمد شاهہ بخاري هو وغيره.

**قوت مهميزه** (Self control):

شاعرن جي اصطلاح ۾ قوت مهميزه مان مراد اها قوت آهي، جنهن جي روڪ ٽوڪ سان بي لگامي، بي قاعدگي بي اعتدالي ۽ شعر ۾ ڪچائي کان بچائي سگهجي ٿو.

**قلندري طريقو:**

قلندر حقيقت ۾ صوفياءِ ڪرام جو وضع ڪيل اصطلاح آهي. قلندر ان کي چيو ويندو آهي، جيڪو پنهنجي ارادن، خواهشن ۽ تمنائن کي ترڪ ڪري، راضي بہ رضا الاهي رهي؛ ۽ ان ۾ ئي دلي سڪون حاصل ڪري. يعني دل جي روحاني

جذبن کي سموري توجهه جو مرڪز ۽ محور بڻائڻ قلندري طريقي جي خصوصيت آهي. انهيءَ لحاظ کان قلندري طريقي جو بنياد ٻن ڳالهين تي آهي: زهد ۽ محبت. مطلب تہ فقط هڪ جو ٿي رهڻ. ۽ ٻين کي ترڪ ڪرڻ ۽ انهن سان ڪوبہ لڳ لاڳاپو نہ رکڻ. ان طريقہ ڪار جي ڪيفيت جو نالو مستي آهي. ۽ مستي ئي قلندري طريقي جي سڃاڻ آهي. قلندر دنياوي ٻنڌڻن کان آزاد هوندو آهي.

**قلمي نسخو**(Manuscript):

قلمي صورت ۾ ڪتابت ٿيل ڪتاب. جڏهن اڃا پرنٽنگ پريس جو اجراءُ نہ ٿيو هو، تڏهن ڪتاب هٿن سان لکيا ويندا هئا . اهڙين تحريرن جي لکندڙن کي 'ڪاتب' چيو ويندو هو. انگريزن جي دور کان اڳ سنڌ ۾ ڇپائيءَ جون مشينون ڪونہ هيون. ان ڪري ڪتاب قلمي صورت ۾ جوڙيا ويندا هئا. انگريزن جي اوائلي دؤرجي عالم رچرڊ برٽن (1821 ـ1890 ع) جو چوڻ هو تہ انگريزن جي دؤر کان اڳ جي ادب لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ "جڏهن انگريزن هندستان ۾ پير پاتو تڏهن ڪنهن بہ پرڏيهي ٻوليءَ ۾ ايترو علم ۽ ادب موجود ڪونہ هو، جيترو سنڌيءَ ۾ موجود آهي. پر ان جي شاهوڪاري عربي ترجمن ۽ مذهبي ڪتابن تي منحصر آهي. ڪتابن جي پوري ڪٿ نٿي ڪري سگهجي ، پر ايترو يقين آهي تہ بہ ٽي سو قلمي نسخا ڪنا ڪري سگهبا." (وڌيڪ ڏسو 'سنڌ ۽ سنڌوءَ ماٿري ۾ وسندڙ قومون')شاهہ جي رسالي جا 50 کن قلمي نسخا لکيا ويا. اهڙي طرح شاعري ۽ نثر جا قلمي مسودا اڄ تائين لکيا وڃن ٿا.

**قوالي** (Qawali):

قوالي، اردو ۽ پنجابيءَ ۾ مذهبي شاعريءَ جو درجو رکي ٿي. قواليءَ ۾ پيغمبر رسول الله صلي الله عليہ وسلم ، اصحاب سڳورا، ۽ الله جي ولين جي ثنا ، تعريف ۽ ڪرامتون بيان ڪيون وينديون آهن. امير خسرو(1253 ـ1325 ع) اسلامي تعليمات کي گيتن جي صورت ۾ پيش ڪيو هو تہ انهيءَ کان بعد اهو سلسلو جاري رهيو جيڪو اڄ ڪلهہ (قوالي) جي صورت ۾ آهي. سيد علي هجويري رحمت الله عليہ (990ـ1077 ع) پنهنجي مشهور ڪتاب (ڪشف المحجوب) ۾ قواليءَ جا ڪجهہ شرط بيان ڪيا.

اڄڪلهه اردو توڙي سنڌيءَ ۾ مزاحيه قوالين جو رواج پيو اهي، جنهن ۾ ملڪي حالتن کان ويندي سياستدانن ۽ آفيسرن تي طنز ٿيل هوندي آهي اهڙيون مزاحيه قواليون ٽي-وي تي مزاحيه ڊرامن ۾ پيش ڪيون وينديون آهن.

**قومي ترانو** (National Anthem):

اهو نظم جنهن ۾ ڪنهن ملڪ جي عوام جي قومي ۽ اجتماعي امنگن جو اظهار ۽ عظمتن جي علامت هجي ۽ سرڪاري سطح تي پنهنجي ملڪ جي نمائندگي ڪندڙ هجي ان کي 'قومي ترانو' سڏيو ويندو آهي. هر ملڪ کي پنهنجو قومي ترانو هوندو آهي. قومي ترانې ۾ موسيقي جو به خيال رکي ويندو آهي. قومي ترانو قومي موقعن، اسڪولن، بين تعليمي ادارن ۽ قومي ادارن ۾ ڳايو ويندو آهي. پاڪستان جو قومي ترانو حفيظ جالنڌري لکيو آهي ۽ ان جي ڌن احمد علي چاڳلا ناهي آهي. هندستان جو قومي ترانو ٽئگور جو لکيل آهي.

**قومي زبان** (National Language):

ملڪ مختلف ٻوليون ڳالهائيندڙ تي به مبني هوندا آهن، پر انهن مان ڪا ٻولي جيڪا داخلي انتظامن لاءِ ايڪي، ٻڌي، سالميت ۽ قومي مفادن جي ترجمان هوندي آهي. اها زبان سيني لهجن ڳالهائيندڙن وچ "پل" جو ڪردار ادا ڪندي آهي. پاڪستان ۾ ڪيتريون ئي ٻوليون ڳالهيون وڃن ٿيون. پر اردوءَ کي پاڪستان جي قومي ٻولي قرار ڏنو ويو آهي، پر پاڪستان جي تشڪيلي جوڙجڪ ۾ شامل سمورن صوبن جون مکيه زبانون اصل ۾ قومي زبانون آهن. هندستان ۾ 26 قومي زبانون آهن. جن ۾ سنڌي به شامل آهي.

**قول** (Quotation):

ڪنهن پيغمبر، عالم، استاد يا ڏاهي جا چيل لفظ، جن ۾ سکيا ۽ نيڪيءَ جي ترغيب ڏنل هجي. ان کي سنڌي ۾ چوڻي يا قول چئبو آهي.

**قوم پرستيءَ جي تحريڪ** (Movement of Nationalism):

قوم هڪ مخصوص جاگرافيائي حدن ۾ رهڻ وارن انهن ماڻهن کي چئجي ٿو، جن جون رسمون رواج، تهذيب ۽ تمدن، ٻولي ۽ تاريخ هڪجهڙي هجي.

گروهه يا ٽولو قوم سڏائڻ جي اهل نہ آهي ۽ نہ ئي وري انهن ماڻهن جي ٽولي کي قوم سڏي سگهجي ٿو جيڪي ٻولي، ثقافت، تهذيب، تمدن ۽ تاريخ بہ ساڳي نہ رکندا هجن.قومون اوچتو وجود ۾ نہ اينديون آهن. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ قوم پرستي جو رجحان انتهائي پراڻو آهي. سومرن جي دور جي رزميہ ڳاهن کان وٺي موجوده دور جي سياسي حالتن تي اسرندڙ ادب قوم پرستيءَ واري تحريڪ جو حصو آهي. قوم پرستيءَ جو لاڙو ملڪي حالتن جي پيداوار هوندو آهي. سنڌي ادب ۾ هي لاڙو 'ون يونٽ' کان پوءِ هڪ تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري ويو. سنڌ جي شاعرن ۽ اديبن هڪ منظم تحريڪ شروع ڪئي، جنهن جو مقصد سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌ جي قومي، ثقافتي ورثي جي حفاظت هو. هن تحريڪ جي اهم اديبن ۾ محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز، عبدالڪريم گدائي، سراج ميمڻ، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، ڊاڪٽر نجم عباسي، رسول بخش پليجو، نياز همايوني، استاد بخاري، امر جليل، ماهتاب محبوب، امداد حسيني، محمد خان مجيدي، ابراهيم منشي، سرويچ سجاولي، خاڪي جويو ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر ۽ اديب اچي وڃن ٿا.

هن تحريڪ هيٺ جيڪو بہ ادب سرجيو ان ۾ سنڌ ۽ سنڌيت جي پرچار، سنڌ جي استحصالي طبقي تي ڦٽڪار، سنڌ جي سورمن جي تعريف، سنڌي ٻولي سان محبت جو اظهار، سنڌ جي قديم آثارن تي فخر ڪرڻ، ڪلاسيڪل شاعرن جي عظمت جو اظهار، ملڪي سماجي حالتن جي عڪاسي هن دور جون خاص خوبيون آهن.

**قومي شاعري** (National Poetry):

قوم ساڳي ۽ مخصوص حدن ۾ رهڻ وارن ماڻهن کي چئبو آهي. سندن ٻولي، تهذيب، ثقافت هڪجهڙي هوندي آهي. سندن ادبي، ثقافتي ۽ لساني روايتون بہ ساڳيون هونديون آهن. اها شاعري جنهن ۾ ڪنهن بہ قوم جي تهذيب، تمدن، رسم و رواج، جذبات، اخلاق، غيرت، حب لوطني، خواهہ روحانيت جو نقشو چٽيل هجي، ان کي قومي شاعري چئجي ٿو.

سنڌي قوم هڪ قديم قوم آهي. سنڌي شاعري ۾ قومپرستيءَ جو رجحان انتهائي پراڻو آهي. سومرن جي دَور ۾ رزميہ ڳاهيون، دودي چنيسر بابت

شاعري، سمن جي دَور ۾ شيخ حماد ۽ نوح هوٿياڻيءَ جي جام تماچيءَ لاءِ دعايه شاعري، شاهه ڪريم جي ڪلام ۾ مقاميت نگاري ۽ شاهه جي سڄي شاعري سراپا قومي آهي. سمن سومرن جي دَور ۾ سنڌي سورهين جا داستان، پنائيءَ جي وطن پرستيءَ تي مشتمل خاص ڪري سر مارئيءَ واري شاعري ۽ جديد شاعريءَ جو وطن پرستيءَ وارو سمورو مواد قومي شاعريءَ ۾ اچي وڃي ٿو. سچل سرمست ۽ ٻين ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ ۾ قومي لاڙا ۽ تحريڪون آهن. انگريزن جي دَور ۾ ترقي پسند تحريڪن هيٺ قومپرستيءَ هڪ لاڙي جي شڪل اختيار ڪئي. آزاديءَ کانپوءِ ون يونٽ واري حالتن ۾ اسرندڙ سڄي شاعري قومپرستيءَ جي تحريڪ اختيار ڪري وئي. موجوده دَور ۾ شيخ اياز، استاد بخاري، عبدالڪريم گدائي، قمر شهباز، شمشير الحيدري، تنوير عباسي، نجم عباسي، تاجل بيوس، امداد حسيني، تاج بلوچ ۽ ٻيا ڪيترائي شاعر قومي شاعريءَ جي ڪري مشهور آهن.

## ڪ

**ڪاتب** (Scribe):

ڪتابت ڪندڙ، خوش نويس، قديم سنڌ ۾ ڪتابن جي اشاعت جو بندو بست نہ هوندو هو، تڏهن ڪاتب ڪتابن جي تحرير قلم ۽ مس سان ڪندا هئا.

**ڪاٺياواڙي لهجو** (Kathiwari Dilect):

ڪاٺياواڙ جو علائقو هن وقت هندستان يجي حدن ۾ اچي ٿو. ان علائقي جو لهجو بہ سنڌي لهجو آهي. اڄ بہ اتي صدين کان اوڏ، جت، رنگريز، لوهاڻا، خواجہ، ميمڻ، مهاڻا وغيره رهندا پيا اچن. ان ڪري سنڌي ٻولي اڄ بہ اتي قائم آهي.

**ڪاپائتي (سُر)** (Kapaiti):

ڪاپائتي لفظ جي معنيٰ آهي "ڪتڻ واري" يا "ڪاتار". شاهہ لطيف جي هن سر ۾ اٽڻ يا چرخي ۽ ڪتڻ وارين جو ذڪر ڪيو ويو آهي. هن سر ۾ هٿ جو پورهيو ڪرڻ وارن جي عظمت کي ساراهيو ويو آهي. اهڙي تمثيلي شعريءَ ۾ انسان جو من چرخو آهي، چرخي چورڻ مان مراد آهي ڌڻيءَ کي ياد ڪرڻ ۽ سالڪ آهي ڪاتار. سٽ مان مراد آهي روحاني ڪمائي. ڪامل آهن.

**ڪارايل (سُر)** (Karayal):

ڪارايل لفظ جي معنيٰ آهي 'مور' يا 'هنج'. هي سر شاهہ لطيف جي رسالي ۾ آيل هڪ سر آهي. هن سر ۾ هنج پکيءَ جي گڻن جي ساراهہ ڪيل آهي، تنهنڪري ان تي اهو نالو پيو آهي. سچن عاشقن کي هنج سان، عام ماڻهن کي ڪنگن ۽ پکهن سان ۽ دنيا کي لڙاتيل پاڻيءَ سان مشابهت ڏنل آهي.

**ڪارٽون** (Cartoon):

ڪنهن عنوان تحت ڪل جهڙيون شڪليون، جن سان ڪهاڻي ٻڌائيندڙ مڪالما بہ ڏنل هجن. ڪارٽون ۾ رسالن ۽ اخبارن ۾ مزاحيہ ۽ طنزيہ انداز ۾ ملڪي حالتن يا شخصيتن کي پيش ڪيو ويندو آهي. ڪارٽونن جي روپ ۾ فلمون، ڊراما وغيره بہ ٺاهيا ويندا آهن. ڪارٽون وسيلي ڊرامن ۽ فلمن ۾ سائنس فڪشن جو نماءُ ڪيو ويندو آهي.

**ڪارو/اندڙاهو دور** (Dark Age):

روم جي زوال کان وٺي، مسلمانن جو قسطنطنيه وارو زمانو. يورپ ۾ اونداهو/ڪارو دور چيو ويندو آهي. اهو دور يورپ ۾ جهالت جو دور هو.

**ڪارو ڪاري** (Honour Killing):

ڪارو ڪاري يا غيرت جي نالي تي قتل ڪرڻ جو جاهلاڻو دستور قديم آهي. ڪارو ڪاريءَ جو نالو بدڪاري يا زناڪاريءَ جي الزام هيٺ آيل مرد ۽ عورت تي رکيو ويندو آهي. 'ڪارو ڪاري' اصطلاح مختلف علائقن ۽ خطن ۾ مختلف ڪم ايندو آهي. ٻولين مطابق رکيو ويو آهي. مثلاً بلوچستان ۾ انهيءَ کي "سياه ڪاري" چيو ويندو آهي. سنڌ ۾ "ڪارو ڪاري"، پنجاب ۾ "ڪالا ڪالي" ۽ خيبرپختونخواه ۾ "طور طوره" مشهور آهي. سنڌي ادب جي سماجي حقيقت نگاريءَ واري لاڙي تحت شاعرن ۽ اديبن جو ڪارو ڪاري خاص موضوع رهيو آهي. جنهن کي جديد اديبن تنديو آهي ۽ هن لاڙي کي سنڌ کان ٻاهرجي رسم سڏيو آهي.

**ڪافي** (Kafi):

ڪافي لوڪ ادب جي پياري شاخ آهي جنهن جو موضوع مجازي عشق جو درد ۽ فراق هوندو آهي. ڪافي جي گفتگو گهڻو ڪري عورت جي زباني ڪئي ويندي آهي. ڪافي جڏهن پنهنجي ارتقا جون منزلون طئه ڪيون ته ان ۾ حسن ۽ عشق کان علاوه ٻيا به ڪيترائي موضوع شامل ٿي ويا. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي خيال مطابق "عربن جي حڪومت واري دؤر ۾ يا ان کان پوءِ سنڌ جي شاعرن پنهنجن ڪن مخصوص نظمن لاءِ قافي ۽ ڪلام جا نالا استعمال ڪيا. جي عربي شاعريءَ جي 'قافيه' ۽ 'ڪلمه' جي ترجماني هئا. جن جي معنيٰ آهي: "منظوم ڪلام. اڪثر ماهرن ڪافيءَ کي ناٽ سڏيو آهي، جنهن مان پيون راڳڻيون نڪتيون آهن. هن سلسلي ۾ منظور نقوي لکي ٿو " هي راڳ (ڪافي) "هر پريا ميل" ناٽ مان امير خسرو جي ايجاد آهي. هن جي ڳائڻ جو وقت اڌ رات ۽ تاڪ منجهند مقرر ڪيو ويو ۽ راڳداري موجب اروهي ۽ امروهي جي سيني سرن لڳڻ سبب انهي کي ڪافي ڪوٺيائين. ڪافي دراصل سنڌ جي ايجاد آهي، جنهن جي پکيڙ سڄي سنڌو ماٿريءَ ۾ ٿي. پنجابي ۽ سرائڪيءَ ۾ ڪافيون موجود آهن. جڏهن ته امير خسروءَ (1253_1325ع) واري علائقي ۾

ڪافي موجود ڪانهي. ڪافي سنڌ ۾ ايترو ته مشهور ٿي جو ان سنڌ کان ٻاهر به سفر ڪيو ۽ سنڌ کان ٻاهر ڳائجڻ لڳي. برهانپور ۾ جيڪي سنڌي لڏي ويا هئا. انهن ۾ هڪ بزرگ شيخ لاڏجيو (1523 ـ 1598ع) ٿالي هو. جيڪو اتي سنڌ جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ سنڌي ڪافيون ڳائي پڙهائيندو هو. جنهن جو ذڪر 'آئين الڪبريٰ' ۾ آهي ۽ ڪافيءَ کي سنڌ جو راڳ سڏيو ويو آهي.

سٽاءَ جي لحاظ کان ڪافي ۾ هڪ، ٻن يا ٽن سٽن جو هر قافيه تُلهه هوندو آهي. جنهن کان پوءِ ٽن کان مٿي ان جا بند هوندا آهن جيڪي پنهنجي جاءِ تي مصرعن جي لحاظ کان هم قافيه هئڻ ڪانپوءِ وراڻيءَ ۾ تلهه جي هم قافيه هوندا آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ سچل سرمست ڪافيءَ جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي. ان کان سواءِ مصري شاهه، بيدل، صوفي صادق، بيڪس ڏنٽي، منٺار فقير، محمد فقير کتياڻ، چتو فقير سولنگي، خوش خير محمد هيسباڻي، شاهه نصير، عثمان فقير سانگي، رکيل شاهه، خيل شاهه ۽ ٻيا ڪافي گو اهم شاعر ٿي گذرا آهن. مرزا قليچ بيگ ۽ سانگيءَ به ڪجهه ڪافيون چيون آهن. جديد شاعرن ۾ محمود طالب المولىٰ، استاد بخاري ۽ بردي سنڌيءَ ڪافيون لکيون آهن.

**ڪاڪ محل** (Kaak Mahal):

مومل راڻي جي قصي سان منسوب هڪ محل، جنهن ۾ مومل پنهنجي ڀيڻ سومل سان رهندي هئي. هي سڄو محل طلسمي بڻايو ويو آهي.

**ڪاڳڙو:**

ٿر ۾ ڪانوَ کي ڪانگ ۽ ڪاڳڙو پڻ چوندا آهن. هن لوڪ گيت ۾ ناري پرڏيهي ويل ڪنوار ڪانوَ کي ڏسي پنهنجي اباڻن کي ياد ڪندي آهي:

ڪوني مٿي ڪاڳڙو، لنبو ڏي لاتين
ڀڄي ڀاڙي وارئين، مام ڪاڱ ڪجاڙو چوي.

**ڪالم** (Column):

اخبار ۾ مستقل موضوع لاءِ مخصوص ڪيل ڪالمن واري حصي ۾ لکيل مضمون کي ڪالم چيو ويندو آهي. ڪالم روزانو به ٿيندو آهي ته سلسليوار يا هفتيوار به ٿيندو آهي. ڪالم جو موضوع ڪو به ٿي سگهي ٿو. ڪالم تحقيقي به ٿي سگهي ٿو ته مشاهداتي به ٿي سگهي ٿو. ڪالم لکندڙ کي ڪالم نگار

يا ڪالمسٽ به چيو ويندو آهي. ڪالم ۾ خصوصي ملڪي، سياسي حالتن جي تبصرن کي اهميت ڏني ويندي آهي.

**ڪاموڏ**(Kamod):

شاهه جي رسالي ۾ موجود هڪ سر. ڪاموڏ ڪامودا جو بگڙيل روپ آهي، جنهن جو مطلب آهي "ڪام يا پريم وهيڻي". ڪامودا، ديپڪ جي پنجن زالن مان هڪ آهي ۽ سمپورڻ راڳڻي آهي ۽ ٻنپهرن جو ڳائبي آهي. هن سر ۾ شاهه لطيف ڀٽائي توري ڄام تماچيءَ جو ذڪر ڪيو آهي. هن سر ۾ وصل جي ميناج جي وائي آهي.

**ڪاميڊي آف مينرس** (Comedy of Manners):

هن ڊرامي ۾ اڪثر ڊراما نگار معاشري جي ريتن رسمن تي ٺٺولي ڪندا آهن. هن ڊرامي جو وڏو دخل مڪالمن تي هوندو آهي. هي ڊراما اصل ۾ وڏن گهراڻن جي ريتن رسمن تي ٺٺولي هوندا آهن، جن ۾ گهڻو ڪري اصول ۽ طرز زندگي جا ڪوڙا محل ٺهيل هوندا آهن. هنن ڊرامن کي سمجهڻ لاءِ سمجهدار ذهنن جو هجڻ ضروري هوندو آهي. انگريزي ڊرامي جي تاريخ ۾ جان ڊرائڊن (1631_1700 ع) هن قسم جو وڏو ڊراما نگار هو. سنڌي ڊرامي ۾ پڻ هن قسم جا ڪيترائي مثال موجود آهن. جن ۾ امر جليل جو "مٽيءَ جا ماڻهو"، عبدالقادر جوڻيجي جو "خانصاحب" وغيره اهم آهن.

**ڪانگلڙو**(Kangro):

ڪانگلڙو عورتن جو لوڪ گيت آهي. هن گيت جو مضمون محبت ۽ مجاز آهي. "شل ڪو ڪانگ لنوين ۽ سڄڻ گهر اچن!" هن گيت جي هڪ روايت هن ريت آهي ته هڪ پرڏيل چوڪري سرتين کي ٻڌائي ٿي ته ڪانگ کيس ٻڌايو آهي ته سندس ماءُ ڏانهنس هڪ منڊي ۽ پرت ڀريل ڳلو موڪليو آهي، پر پوءِ به هوءَ ڪانگلڙي کي چوي ٿي :

" اي ڪانگل! وڃ ۽ وڃي منهنجي ڀائڙي کي وٺي اچ. پرديس ۾ ڀاءُ جي ملڻ کان وڌيڪ مون لاءِ ٻي ڪهڙي سوکڙي ٿي سگهي ٿي".

**ڪبت** (Kabat):

ڪبت" ’ڪوت‘ (چوڻ) مان نڪتل آهي، جيڪا سنڌي ۽ هندي لفظ "ڪوتا" يا "ڪوتو" جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "شعر".

"ڪبت" اصل ۾ هندي شعر آهي، جو "دوهرا" جي وزن (هندي چند وديا جي ماترائن) تي جوڙيو ويندو آهي. "دوهرا ۾ ٻه سٽون ٿينديون آهن. 'ڪبت' ۾ تمام گهٽيون سٽون هونديون آهن: ايتري قدر جو منجهس سؤ ڏيڍ کان مٿي سٽون به ٿينديون آهن. بعضي ته ساري ڳالهه يا آکاڻي 'ڪبت' ۾ هوندي آهي. جنهن ۾ پهرين سٽ کان وٺي پڇاڙيءَ واري سٽ تائين هڪ جهڙوئي قافيو استعمال ٿيل هوندو آهي. هندي ٻوليءَ ۾ ميران ٻائيءَ جا ڪبت تي شعر گهڻي انداز ۾ ملن ٿا. سنڌيءَ ۾ مذهبي موضوعن وارا نظم / ڪتاب ڪبت/الف اشباع جي سٽاءَ ۾ لکيا ويا آهن. خاص طور تي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دورن ۾ هي سٽاءَ مشهور رهيو.

**ڪتابيات**(Bibliography):

اهڙن ڪتابن ، رسالن يا مواد جي فهرست جي سڏ ڏيڻ ، جن جي مدد سان ڪو به مضمون، ڪتاب يا پيپر وغيره لکيو ويو هجي. اهڙي لسٽ هميشه لکيل مواد جي آخر ۾ ڏني ويندي آهي. جنهن ۾ ڪتيل حوالي جو نالو، صفحو، ليکڪ ۽ شايع ڪندڙ اداري جو نالو ۽ سال وغيره ڏنو ويندو آهي.

**ڪتابي دشمن** (Biblioclast):

ڪتابن کي نيست نابود ڪرڻ وارو

**ڪتابي ڊراما**(Closet Drama):

ڊرامي جو اصل تعلق ته اسٽيج سان آهي، سٺو ڊرامو اهو آهي جيڪو اسٽيج تي ٿئي ته داد حاصل ڪري ۽ ڪتابي صورت ۾ محفوظ ٿي وڃي. پر ڪي اهڙا ڊراما به هوندا آهن جيڪي صرف ڪتابي صورت ۾ ئي مشهور ٿيندا آهن. اهڙي ڊراما ڪتابي ڊراما چورائيندا آهن.

**ڪتابي ڪيڙو**(Bibliophile):

ڪتابن جو دوست، عاشق ۽ شائق. جنهن کي ڪتاب گڏ ڪرڻ ۽ پڙهڻ جو شوق هجي.

**ڪتبو**(Kutbo):

يادگار طور پٿر تي اڪريل تحرير جيڪا مزار، مقبري، درگاهه، مسجد يا ڪنهن آثار تي هڻجي.

**ڪرامتون** (Miracle):

معجزن سان گڏ مذهبي شاعريءَ ۾ ڪرامتن جو بہ ذڪر ڪيو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، تعجب خيز ڳالهہ ڪرڻ يعني اهڙي ڳالهہ ڪرڻ، جا ڏسندڙ جا ڪيات ڪولي ڇڏي.ڪرامت عربي "ڪرامتہ" لفظ مان نڪتل آهي، (مادو: ڪرم)، جنهن جي معنيٰ فياض يا سخي ٿيڻ آهي.

**ڪرائيم فڪشن** (Crime Fiction):

اهڙو افسانوي ادب، جنهن ۾ روز مرهہ جي گناهن ۽ ڏوهن جون ڪهاڻيون هجن، هنن ڪهاڻين ۾ چوري چڪاري، جاسوسي، قتل ، وڪيل، پوليس، ججن، اخبارن جو ذڪر پراسرارپڻو اچي وڃن ٿا.

**ڪردارن جا قسم:**

(1) **گهڻ رخا ڪردار** (Multi-dimensional Character): گهڻ رخا ڪردار اهي هوندا آهن، جن جي زندگيءَ جا سيئي پاسا اسان جي سامهون اچن ۽ انهن ڪردارن جي مڪمل اسان کي ڄاڻ ملي. گهڻ رخا ڪردارن پيش ڪندي، هڪ ليکڪ کي گهڻي محنت ڪرڻ پوندي آهي. اڪثر ڪري ناولن جا هيرو گهڻ رخا ڪردار هوندا آهن.

(2) **هڪ رخا ڪردار** (Dimensional Characters) : هڪ رخا ڪردار اهي آهن، جن جي اسان کي صرف هڪ طرفي ڄاڻ ملي ٿي ۽ انهن جي زندگيءَ جا ٻيا پاسا اسان کان اوجهل هوندا آهن. هن قسم جي ڪردارن ۾ اڪثر بدمعاش، لوفر وغيره اچي وڃن ٿا.

**ڪردار نگاري** (Characterization):

ڪهاڻيءَ ۾ موجود فردن کي ڪردار چيو ويندو آهي، پر جديد ادبي دنيا ۾ هر شيءِ هڪ ڪردار آهي. انسان، جانور، جبل، سمنڊ، پکي پکڻ، سڀ پنهنجي جڳهہ تي ڪردار آهن. اهو هڪ اديب تي ڇڏيل آهي تہ ڪهڙي شيءِ کان متاثر ٿي انهيءَ کي پنهنجي ڪهاڻيءَ ۾ جڳهہ ڏئي ٿو. پر شرط اهو آهي تہ هو جنهن ڪردار کي چونڊي ٿو ان متعلق کيس مڪمل ڄاڻ هجي. ان ڪردار جي خاصيت ان ڪردار جي خصلت کان چڱيءَ طرح واقف هجي. مثال ارنيسٽ هيمنگوي (1899ـ1961ع) جو مشهور ناول "پوڙهو ۽ سمنڊ" ۾ سمنڊ بہ هڪ

ڪردار آهي جنهن تي ڪهاڻي ڦري ٿي. افسانوي ادب ۾ ڪردار نگاريءَ ۾ توازن اهم جزو هوندو آهي. افساني ناول يا ڊرامي جا ڪردار آسماني مخلوق نه، پر معاشري جا جيئرا جاڳندا انسان هجن. سندس ڪردارن مان معاشري جو عڪس نمايان نظر اچي.

**ڪرداري ڪهاڻيون** (Character Stories):

هن قسم جي ڪهاڻيءَ ۾ مرڪزي تاثر ڪنهن ڪردار جي خصوصيت سان چٽو ڪيو ويندو آهي.

**ڪرداري ناول** (Character Novel):

ڪرداري ناول ۾ قصي جي پيٽ ۾ ڪردارن تي وڌيڪ توجهه ڏنو ويندو آهي ۽ ڪوبه هڪ ڪردار منڍ کان پڇاڙيءَ تائين ناول جي فضا تي ڇانيل رهندو آهي. ناول جا ٻيا ڪردار ۽ واقعا هن هڪ ڪردار کي وڌيڪ چٽو ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن. هن قسم جي ناولن ۾ جيتوڻيڪ هڪ ڪردار ٻئي سان تعلق يا لاڳاپو رکي ٿو. پر ان هوندي به پنهنجون خصوصيتون نه بدلائيندو آهي. اهڙن ناولن جو پلاٽ به ڍلو(Loose) ٿيندو آهي ڇاڪاڻ ته ان جو اثر ڪردار تي نه پوندو آهي. ڪن ناولن ۾ مرڪب ڪردار ٿيندا آهن. مرزا قليچ بيگ جو ناول "ڪامل انسان" هڪ ڪرداري ناول آهي.

**ڪرشن ليلا** (Kirshan Leela):

ڪرشن ليلا (سانگ) جو رواج سنڌ جي هندن ۾ قديم دور کان رائج هو، جنهن کي ڏاڍي احترام سان اسٽيج تي پيش ڪيو ويندو هو. هنن سانگن ۾ رنگا رنگي ويس ڪان سواءِ بهترين ڪوتا، موسيقي رقص (نرتڪ) جو ميلاپ هوندو آهي. "ڪرشن ليلا" يا "راس" ۾ شري ڪرشن مهراج جي جمنا ڪناري تي گوپين سان راس رچائڻ جو منظر هوندو آهي.قديم سنڌ ۽ قديم يونان جي قصن ۾ ڪيترين ئي هڪ جهڙاين به ڏنيون ويون آهن. مثال طور ڪرشن ليلا ۾ شري ڪرشن مهراج جي ڪنس پاپيءَ سان جنگ ۽ آخر فتح نيڪي جي ٿئي ٿي.

**ڪروڻا رس** (Piteous):

اهڙي شاعري، جنهن ۾ ٻاجهه جي احساسن کي نمايان ڪيو ويو هجي.

**ڪرهو** (Karho):

ڪرهو اوسيئڙي ۽ وڇوڙي جو لوڪ گيت آهي ۽ ان گيت جي هر بند جي پوئين سٽ "هڙڪ هلو ڏيمان هلو" (هوريان هلو ڊرو هلو) ورائي هوندي آهي.

"ڪرهو لمڪيان ڙي لو" وانگر عمر ڪوٽ ۽ ان جي آس پاس ڳاتو ويندو آهي. اوسيئڙي ۽ وچوڙي جو هي گيت اوٺي سفر دؤران ڏاڍي درديلي نموني ڳائيندا آهن.

**ڪشمڪش / ڇڪتاڻ** (Conflict):

ڊرامي جي ڪهاڻيءَ جي اڳتي وڌڻ جو دارومدار ڊرامي ۾ ڪشمڪش تي هوندو آهي. ان ڪري هڪ ڊرامي ۾ ٻن متضاد شين يا جذبن جي وچ ۾ ڪشمڪش جو هجڻ ضروري آهي. اها ڇڪتاڻ اڪثر نيڪي ۽ بديءَ جي وچ ۾ ڏيکاري ويندي آهي.

**ڪلاسڪ** (Classic):

اهڙو ادبي شاهڪار، جنهن کي وقت جي دز به ميرو ڪري نه سگهي هجي. قاضي قادن جو ڪلام شاهه جو رسالو، سچل جو رسالو، ساميءَ جا سلوڪ سنڌيءَ جا بهترين ڪلاسڪ مثال آهن.

**ڪلاسڪيت** (Classicism):

اهو ادب، جيڪو پنهنجي افاديت ۽ آفاقيت، گهرائي، حسن ۽ صداقت جي ڪري، زمانن جي طوفانن ۽ انقلابن تي حاوي هجي. حالتون بدلجن، پر ادب جي عظمت ۾ ڪو فرق نه اچي، اهو ئي ڪلاسيڪي ادب آهي، جنهن سان لطف اندوز ٿيڻ ۽ لاڀ پرائڻ لاءِ مزاج، ذوق، عمر، ٻولي وغيره جا اختلاف حائل نه ٿا ٿين. ڪلاسيڪيت جي خصوصيتن جي لحاظ کان، شاعريءَ ۾ قاعدا قانون، انسان جون سٺايون بيان ڪرڻ، معاشرتي برائين جي اپٽار ڪرڻ، شهري ۽ تهذيب يافته پسمنظر جي نمائندگي ڪرڻ، انفراديت کي ڇڏي اجتماعيت بيان ڪرڻ، جذبات نگاري، فطرت نگاريءَ کي نظر انداز نه ڪرڻ وغيره اهم خوبيون آهن.ان وصف کي ذهن ۾ رکندي سنڌي ڪلاسيڪل ادب ان دور جو ادب آهي، جڏهن نثر جون روايتون موجود ڪين هيون. اهڙيءَ ريت سنڌي ڪلاسيڪل ادب جي دائري ۾ پير صدر الدين جا گنان، قاضي قادن ۽ شاهه ڪريم رح جو ڪلام، ميين شاهه عنات رضوي، لطف الله قادريءَ جو ڪلام، ساميءَ جا سلوڪ، بيدل ۽ بيڪس جون ڪافيون، سچل جون ڪافيون ۽ شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جون وايون ۽ بيت اچي وڃن ٿا. سنڌ جا قديم لوڪ داستان ڪلاسيڪل سنڌي شاعريءَ جو بنياد آهن. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جي صنفن ۾ دوهو، بيت، سلوڪ، گنان، وائي ۽ ڪافي وڏي اهميت رکن ٿا.

**ڪلاسيڪي ورثو**(Poetic Heritage):

جديد شاعري جي هڪ خصوصيت اها آهي ته ڪلاسيڪي ادب جي ورثي کي سنڀالي ان ۾ نواڻ آندي وڃي پر اصل شيءِ ورثي طور محفوظ رهي. مثال: شاهه، سچل، سامي، حمل، روحل ۽ ٻين جي شعري صنفن وائي، ڪافي ۽ بيت جي صنف برقرار رهي، پر انهن کي جياريو وڃي، پوءِ گهاڙيٽن ۾ تبديلي پيل آندي وڃي. ان ڏس ۾ جديد شاعرن انهن صنفن کي پنهنجي ذهن آهر ٻين طريقن ۾ تبديل ڪيو. هڪڙن انهن جا موضوع ۽ اسلوب ساڳيا ڪلاسيڪي رکيا. ٻين رڳو هيئت ساڳي رکي، پر ان جا موضوع ۽ اسلوب توڙي ٻولي مٽائي ڇڏي.

**ڪليات**(Collection of Works):

"ڪليات" عربي لفظ "ڪل" جو جمع آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "سڀ". اصطلاحي معنيٰ موجب اهو ڪلام جو مجموعو، جنهن ۾ ڪنهن هڪ شاعر جو سمورو ڪلام پيش ڪيل هجي، يعني منجهس هر ڪنهن قسم جو شعر ڏنل هجي. مطلب ته ڪليات ۾ شاعر جو هر فن تي چيل شعر موجود هوندو آهي. هن ۾ الف ـ ب وار قافين تي جوڙيل غزل جو مجموعو (ديوان) به شامل ٿي سگهي ٿو. ڪليات جي ترتيب اڪثر ٻن نمونن جي ٿيندي آهي، جيئن ته ڪنهن ڪليات ۾ پهريائين الف ـ ب وار غزلن جو مجموعو (ديوان) ڏئي، پوءِ باقي ٻيو سمورو ڪلام ڏنوويندو آهي، جنهن ۾ عروضي توڙي غير عروضي شعر شامل هوندو آهي ۽ ڪنهن ۾ وري سواءِ ڪنهن ترتيب جي سڀ ڪلام لکيو ويندو آهي.

ڪي ڪليات اهڙا به ملن ٿا، جن ۾ رڳو غير عروضي شعر پيش ڪيل هوندو آهي، جنهن ۾ حمد، نعت، ڪافيون، ڏوهيڙا، وغيره شامل هوندا آهن. اهڙي قسم ۾، ڪليات مصري شاهه، ڪليات حمل، وغيره اچي وڃن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ هن وقت تائين جيڪي ڪليات ڇپجي چڪا آهن، تن جو تفصيل هن ريت آهن:

ڪليات مصري شاهه، ڪليات حمل، ڪليات مسافر، ڪليات عزيز، ڪليات گدا، ڪليات خادم، ڪليات فاروقي، ڪليات امين، ڪليات دلگير، ڪليات ڪمال، ڪليات مائل، ڪليات نورل، ڪليات شيخ الهه بچايو، ڪليات حسين ديدڙ، ڪليات سانگي، ڪليات ميران محمد شاهه، وغيره.

**ڪلمات** (Kalmat):

طويل نظمن کي ڪلمات چيو ويندو آهي. مخدوم غلام احمد بگائي ۽ عبدالرحيم گروهڙيءَ اهڙا نظم لکيا هئا. جن کي ڪلمات جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. جنهن کان پوءِ هن قسم جي اسلوب واري شاعريءَ تي ٻين به گهڻن ئي طبع آزمائي ڪئي، پر هاڻوڪي دؤر ۾ اهڙي طويل شاعري نه ٿي ٿئي. هن قسم جي شاعريءَ جو بنياد ڪلهوڙا دؤر ۾ پيو.

**ڪلياڻ (سُر)** (Kalyan):

شاهه جي رسالي جي شروعات سر 'ڪلياڻ' سان ٿئي ٿي. ڪلياڻ سنسڪرت لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "سک، شانتي، آنند". هي سر دل کي سڪون بخشي ٿو. گائڪيءَ موجب هي سر ديپڪ راڳ جي ائن پٽن مان هڪ آهي ۽ سنجها جو ڳائبو آهي. ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو ته: "هن سر ۾ شاهه صاحب سڀ کان پهرين وحدت مان ڪثرت وارو صوفياڻو راز سمجهايو آهي ته رب هڪ آهي ۽ سندس ڪو ثاني ناهي. هيءُ سموري ظاهري گهڻائي سندس هيڪڙائيءَ مان نڪتي آهي ۽ پاڻ کي پنهنجي سونهن تي ميران آهي. هي سڄو ماندياڻ سندس منديل آهي."

**ڪمپازيٽر** (Compositor):

ڪتاب جي ڪمپوزنگ، سيٽنگ، صفحن جي ڪاپين موجب ترتيب ڪندڙ.

**ڪنٽ** (Kanth):

ڪنٽ جي معنيٰ ڪپ، ڪنارو يا ڪنڌي آهي. هڪ ڪنٽ جي پهرين ۽ آخري سٽ ڪناري وارو ڪردار ادا ڪن ٿيون. ڪنٽ 9 سٽن تي نظم جي فارميٽ ۾ لکيو وڃي ٿو هن ۾ هڪ موضوع هوندو آهي. ان ئي موضوع جو هڪ لفظ عنوان طور اچڻ ضروري آهي. ڪنٽ جي ٻين سٽ ائين سٽ جي هم قافيه. جڏهن ته ڪنٽ جي چوٿين ۽ پنجين سٽ پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن ۽ ٽين سٽ ستين نمبر تي ورجاءُ طور ڪتب اچي ٿي ۽ ڇهين سٽ سان هم قافيه ٿي ڪم ايندي آهي. جڏهن ته آخري سٽ پهرين سٽ سان قافيو ملائي ڪنٽ مڪمل ڪندي آهي.

**ڪنز** (A treatise on the question of religion):

فقهہ جي مسئلن بابت لکيل ڪتاب. پراڻي زماني ۾ اهم ڪتاب. قاضي قادن پنهنجي شاعريءَ ۾ ان جو ذڪر هيئن ڪيو آهي:

ڪَنز قَدوري، ڪافِيا، ڪِي ڪَين پڙهيام،
سو ڏيهه ٿي ڪو بيو، جان ٿِي پرين لَڌام.

**ڪوتا** (Poetry):

هنديءَ ۾ شاعريءَ کي ڪوتا سڏبو آهي. (وڌيڪ ڏسو: شاعري)

**ڪوپائي ڪٿا**:

انگريزي اصطلاح ساگا (saga) لفظ جو انهن ڪهاڻين سان ٽينڊو هو جن جو واسطو بيٽن (island) يا اتر قطب ۽ ناروي جي ملڪن سان ٿيندو هو. هينئر ان اصطلاح کي هر ان تاريخي ڪٿا لاءِ استعمال ڪيو آهي، جن ۾ بهادرن، سورمن ۽ انهن انسانن جو ذڪر هوندو آهي، جن انساني نسلي سفر ڪيو آهي. هن قسم جون ڪهاڻيون ڪنهن خاندان جي تاريخ تي مشتمل ۽ سلسلن جي صورت ۾ هونديون آهن. اهڙو هڪ ڪتاب انڊس ساگا (Indus Saga) يا سنڌوءَ جي طويل ڪهاڻي اعتزاز احسن انگريزيءَ ۾ لکيو آهي. ادب انقلابي، سنڌ جي تاريخ کي هن نئين انداز ۾ "سنڌ جي ڪوپائي ڪٿا" جي نالي سان لکيو آهي.

**ڪوڏاڻا** (Children Song):

گهرن ۾ وڏڙيون، پنهجي پٽن، پوٽن، ڏوهٽن کي هٿن ۾ جهلي ڪُڏائينديون آهن ۽ خوش ڪنديون آهن. ڪوڏاڻا= ڪوڏ + هاڻا يعني خوشيءَ وارا يعني ٻار کي خوش ڪرڻ جا گيت آهن. شاهہ سائين "ڪوڏ" لفظ هن ريت ڪتب آندو آهي:

"سينگارياڻون سيد چئي، ڪرها منجها ڪوڏ"

**ڪوڊيڪس** (Codex):

ڪتابي صورت ۾ قلمي نسخو. قديم دور جون لکتون پنن تي، ڪاٺ جي ٽڪرن ۽ پنن تي بہ ڪيون وينديون هيون، جيڪي ڪتابي صورت ۾ گهڻو پوءِ آيون.

**ڪورس** (Chorus):

قديم يوناني ڊراما ۾ ڊانس ڪرڻ وارن يا ڳائڻ وارن جو گروهہ يا ٽولو. ڪورس مرڪزي ڪردار جي پويان بيهندو ۽ ڳائيندو هو. اڄ بہ ڪورس مؤسيقي جي دنيا ۾ هلندڙ اصطلاح آهي. اهم ڳائڻي جي پويان ڳائڻ وارو ڪورس چورائيندا آهن.

**ڪوش** (Glossary):

الف_ ب جي ترتيب سان اهڙن لفظن ، فقرن، نالن جي لسٽ جيڪي ڪتاب ، مضمون يا پيپر وغيره ۾ وضاحتي معلومات سان ڏنا ويا هجن. ڪڏهن ڪوش ڪتاب يا پيپر جي آخر ۾ ڏنو ويندو آهي ۽ ڪڏهن الڳ ڪتابي صورت ۾ به شايع ڪيو ويندو آهي. ڪوش لغت جي معنيٰ ۾ به ڪم اچي ٿو جيئن: سامي ڪوش، وڻيتي ڪوش وغيره.

**ڪوهياري** ( Kohiyari):

ڪوهه لفظ جي معنيٰ آهي "جبل". ان مان ظاهر آهي ته هي جابلو ماڻهن جو رچيل آهي. هن سر ۾ پهاڙن جي پنڌ جو بيان ۽ ڏونگرن جي ڏاکڙن جو احوال ڏنل آهي. شاهه لطيف سر ڪوهياريءَ ۾ سسئيءَ جا سور بيان ڪيا آهن. لفظ ڪوهياريءَ جي معنيٰ آهي ڪوه واري يا جبل واري. هن سر ۾ سسئيءَ کي جيڪي تڪليفون ۽ ڏاکڙا جبل ۾ پيش آيا آهن تن جو ذڪر ڪيل آهي. هن سر ۾ سسئي جو مثال وٺي شاهه سائين ننڊ تي ملامت ڪئي آهي ۽ عاشقن کي سجاڳيءَ لاءِ تاڪيد ڪيو آهي.

**ڪهاڻي** (Story):

ڪهاڻيءَ کي سنڌيءَ ۾ مختصر ۽ افسانو به چيو ويندو آهي. ڪهاڻي انساني مسئلن، جذبن، محبت، نفرتن ۽ خواهشن جي مختصر ڪهاڻي آهي. (وڌيڪ ڏسو: افسانو).

**ڪهاڻي_ ڪويتا** (Poetic Story):

شاعريءَ جي فارم بيان ڪيل مڪمل ڪهاڻي، جنهن ۾ ڪردار، پلاٽ ۽ باقي لوازمات به پورا ٿيل هجن. ڪيل داس 'فاني' جو مشهور طويل شعر 'ڪهاڻي ڪويتا'، جنهن ۾ روپ نگر جي شهزاديءَ جي ڪهاڻي بيان ڪيل آهي.

**ڪئلينڊر** (Calendar):

ڪئلينڊر لاطيني زبان جو لفظ آهي. ڪئلينڊر لاءِ سنڌي اصطلاح "سال جي ڦانڊڻي" جا لفظ ڪم اچن ٿا. هڪ گهڻن صفحن تي مشتمل جدول، جنهن ۾ ڏينهن، هفتا ۽ سال جون تاريخون ۽ موسمي معلومات ڏنل هجي. هوندي ته

ڪئلينڊر جا ڪيترائي قسم آهن، پر اسان وٽ هجري ڪئلينڊر ۽ عيسوي ڪئلينڊر هلندا آهن. راءِ گهراڻي کان وٺي سنڌي ڪئلينڊر ڪم اچي ٿو جنهن کي 'سنبت' به چون ٿا. جنهن جي مهينن جي ترتيب هن ريت آهي:

ويساک (ويشاک)، چيٽ (جيٺ/جيِيشٽ)، آرهڙ (اَسار/آشاڙهہ)، سانوڻ (ساڻن/شراوڻ)، بڊءُ (ڀدو/ڀادريد)، آسو (اَسوج/آشِون)، ڪتي (ڪاتِڪ/ ڪارتِڪ)، منگهر (مَنسِر/مارگشِيرش)، پوهہ (پِش/پوش)، مانگهہ (ماگهہ)، ڦڳڻ (ڦاگن/ڦالگن) ۽ چيٽ (چيت/چيتر).

**ڪيٽلاگ** (Catalogue):

لائبرريءَ ۾ موجود ڪتابن جي مضمون، مواد ۽ ليکڪ جي ترتيب جي لحاظ کان ٺاهيل لسٽ.

**ڪيڏارو** (Kedaro):

ڪيڏارو معنيٰ "جنگ جو ميدان" ۽ برصغير ۾ ڪيڏارو/ڪيڏار هڪ راڳڻي جو نالو آهي، جيڪا موسيقيءَ جي چند ڄاڻن چواڻي ڪلياڻ ٺاٺ ۾ شمار ٿئي ٿي. هن سر ۾ ميداني جنگ ۽ اتان جي حالات واقعن جو بيان اهڙي تہ انداز سان ڪيو ويندو آهي، جهڙوڪر اکين اڳيان ٿيندو هجي: ظاهر آهي تہ منظرنگاري هن جو خاص جز آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ موجب: "ڪيڏارو سنسڪرت لفظ 'ڪيدار' جي بگڙيل صورت آهي، جنهنجي معنيٰ آهي 'جنگ جو ميدان'. هندستاني گوئين موجب 'ڪيداري' هڪ راڳڻي جو نالو آهي، جا ديپڪ راڳ جي پنجن ڀارياڻن (زالن) مان هڪ آهي.

شاهہ لطيف جي سر ڪيڏاري جو شمار رزميہ شاعريءَ ۾ ڪري سگهجي ٿو. هن سر ۾ شاهہ لطيف ڪربلا جي شهيدن جي همٿ، شجاعت ۽ بهادريءَ کي بيان ڪيو آهي. سنڌي ادب ۾ سر ڪيڏارو ٻن ٽن خاص حوالن سان ڇيو ويو آهي، هڪ: ڪربلا جو واقعو، ٻيو: ڪرڙيءَ جي جنگ جو احوال. ٽيون شاهہ عنات جهوڪ واري جي شهادت جو واقعو 'ڪرڙيءَ جي جنگ' ميرن ۽ شاهہ شجاع الملڪ جي وچ ۾ سکر جي ڀر ۾ ڪرڙيءَ جي ميدان تي لڳي، جنهن ۾ سنڌ جا جوڌا پنهنجون ڇيلهون هڪبئي سان ٻڌي پنهنجي ڌرتيءَ جي تحفظ لاءِ لڙيا ۽ ڪافي شهيد ٿي ويا: جن جي جوانمردي ۽ شهادت جو احوال خليفي نبي بخش

لغاريءَ پنهنجي ڪلام ۾ سر ڪيڏاري جي نالي سان ڪيو آهي. باقي سنڌ جي اڪثر شاعرن جي سر ڪيڏاري ۾ ڪربلا جي حوالي سان شاعري ڪئي آهي. صوفي صادق فقير ۽ شاهه عنات شهيد سلسلي جي شاعرن 'جهوڪ واري واقعي/ميرانپور جي معرڪي' تي به ڪيڏارو چيو آهي. جديد شاعرن ۾ استاد بخاري، راشد مورائي ۽ خاڪي جويي وغيره سنڌ جي سورهين ۽ قومي واقعن تي "جديد ڪيڏارا" لکيا آهن.

**ڪيرت** (Keerat):

'ڪيرت' ڪنهن راجپوت جي شان ۾ چيل شاعراڻو ڪلام آهي، جنهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن مڱتو ڏاتار جي ڏان تي خوش ٿي، سندس شڪريو ادا ڪندو آهي. عربن جي دَور سان وابسته هي شعر دراصل ڪيرت آهي:

'اره بره ڪنڪره ڪراڪره منده'

**ڪينٽو** (Canto):

ڪينٽو اطالوي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي گيت، نغمو، دلڪش موسيقي وغيره. مغربي شاعري ۾ طويل نظمن جي خاص حصن کي "ڪينٽو" چيو ويندو آهي. مثالطور اسپنسر (1552ـ1599ع) جي مشهور نظم Fairy Queen کي ڪينٽوز ۾ تقسيم ڪيو ويو. مطلب ته طويل نظمن کي ورهائي ۽ هرهڪ حصي کي "ڪينٽو" جو نالو ڏنو ويندو آهي.

**ڪيوريائي** (Epicureanism):

ڪيوريائي فلسفي جو موجد ايپڪ روس (341ـ270 ق ـ م) هو. بدقسمتي سان ڪيوريائيءَ کي لذت پسندي ۽ عيش پسنديءَ سان گڏ مشهور ڪيو ويو. حالانڪ، ڪيوريائي فلسفو ذهني مسرت ۽ خوشي جي نمائندگي ڪري ٿو. هن فلسفي مطابق مال و دولت جي گهٽتائي، تهذيب جي ترقي ۽ عيش و عشرت وغيره انساني حقيقي خوشيءَ ۾ اضافو نٿا ڪن. بلڪ خواهشن جي گهٽتائي، فطرت کي ويجهڙائي وغيره دلي خوشيءَ جو باعث بڻجن ٿا.

## ڪ

**ڪابي ڌر جا اديب** (Leftists):

"ڪابي ڌر جا" دراصل سياسي حقن جي جدوجهد جو اصطلاح آهي، جيڪو سجاڳيءَ واري دور ۾ يورپ ۾ شروع ٿيو. ڪابي ڌر وارا عام طرح لبرل ۽ روشن خيال فڪر جا مالڪ هئڻ سان گڏ حڪومت نواز ڌرين ۽ رجعت پسندن جا مخالف هئا. جيڪي مذهبي تنگدلي ۽ رجعت پسند خيالن جي ڪري ترقيءَ جا مخالف هئا.

ورهاڱي کان پوءِ جڏهن سنڌي ادب ۾ ترقي پسند لاڙي زور ورتو ته سنڌي اديب واضح طور ٻن گروهن ۾ ورهائجي ويا. هڪڙا ساڄي ڌر وارا اديب ته ٻيا ڪابي ڌر وارا اديب هئا. ڪابي ڌر وارا اديب ترقي پسند ۽ انقلابي سوچ وارا ۽ مروج نظام کي بدلائڻ جا حامي هئا. هو سنڌ جي صوفي شاعرن جي انقلابي تصوف جا به حامي هئا. ۽ روشن خيال، سيڪيولر قدرن جي نمائندگي ڪندا رهيا آهن.

**ڪاهوڙي (سُر)** (Khahori):

ڪاهوڙي لفظ جي معنيٰ آهي "جبلن ۾ ڏٽ ڏوريندڙ". ڪاهوڙي شاهه جي رسالي جو هڪ سر به آهي. هن سر ۾ انهن سنياسين جو ذڪر آهي، جن ڏيهه کان ڏور ڏونگرن ۾ ڏوريو هن سر ۾ شاهه صاحب گنجي ٽڪر جي واڪاڻ به ڪئي آهي. اصطلاحي طور 'ڪاهوڙيءَ' جو مطلب، جدوجهد ۽ جستجو ڪندڙ آهي.

**کنڀات (سُر)** (Khanbhat):

شاهه جي رسالي جو هڪ سر. هن سر تي هي نالو راڳ "ڪماچ" تان پيو آهي. جيڪو ڪماچ ٺاٽ جو ڪاٻو سمپورن راڳ آهي. هن راڳ جي "آروهي" يعني ته چڙهڻ ۾ ڇهه سر، سا، گ، م، پ، ڌ، ني لڳندا آهن ۽ ريکب سر ڪونه لڳندو ۽ لهڻ ۾ ست ئي سر لڳندا. چڙهڻ ۾ کرج يعني سا، "شڌ" گندار يعني گا، "تيور"، مڌم يعني ما، "ڪومل"، پا يعني پنچم، "شڌ"، ڌا يعني ڌيوت "تيور" ۽ ني يعني نکاد ڪومل تيور ٻئي لڳندا ۽ لهڻ ۾ نکاد "ڪومل" ڌيوت "تيور"، پنچم، "شڌ"، مڌم "ڪومل"، گندار "تيور"، ريکب، "تيور" ۽ کرج "شڌ" لڳندو چون ٿا ته اهو نالو هن سر تي انڪري پيو آهي، جو گجرات جي کنڀات شهر جي

هڪ مشهور گويي ان کي رچيو هو. هي سر رات جو ڏهين وڳي ڳائبو آهي. هن راڳ جي ڳائڻ جو وقت رات جو ٻيو پهر آهي. سنڌيءَ ۾ هن راڳ کي ڪنيات چوندا آهن، جنهن جي شڪل ۾ لڳ ڀڳ اهائي ساڳي بيهي ٿي. جيئن ته سوراشٽر گجرات ۾ ڪڇ جي نار تي ڪنيات نالي شهر هو، اُن ڪري هن سر جي مضمون مان لڳي ٿو ته ان سان ڪو مشهور عشقيه داستان لاڳاپيل هو جيڪو داستان لطيف سائين جن پنهنجي ڪڇ ۽ گجرات واري سير سفر واري وقت ٻڌو هوندو جيڪو پوءِ شعر ۾ قلم بند ڪيو هونداڻون.

هن سر جو مضمون ٻن نمونن جو آهي: عاشقاڻو ۽ اخلاقي. شاهه پنهنجي پرينءَ جي سونهن جي ساراهه ڪئي آهي. محبوب کي چنڊ جي سونهن کان مٿي ثابت ڪيو اٿس.

# گ

**گاٿا** (Gatha):

عام طرح ساڳ ٻڌ مذهب جو پڇن، جيڪو چئن ڪان ستن لفظ تي مبني هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو متبادل لفظ ”ڳاهه“ آهي، جيڪا هڪ آڳاٽي صنف آهي.

**گاٿڪ** (Gathic):

هي اصطلاح سڀ کان اڳ روشن خياليءَ واري دؤر (Renaissance) ۾ اديبن ۽ آرٽسٽن استعمال ڪيو هو.ان دؤر جي جهالت ۽ بربريت، جي خلاف 18 ۽ 19 صديءَ ۾ جيڪي ناول لکيا ويا، سي خوفناڪ يا عجيب و غريب واقعن تي ٻڌل هئا. تن کي بہ گاٿڪ سڏيو ويندو هو.

**گانو** (Song):

راڳ، سر ۽ سازن سان ڳايل گيت.

**گجراتي** (Gujrati):

سنڌي ٻولي ۽ گجراتيءَ جا لاڳاپا انتهائي پراڻا آهن. پر انهن لاڳاپن ۾ وڌيڪ مضبوطي تڏهن آئي جڏهن سومرن جي دَور ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي درميان سماجي ۽ سياسي لاڳاپا وڌيا. سمن جي حڪومت ۾ ڪڇ ۾ جڏهن سمن جي حڪومت ۾ ڪڇ ۾ جڏهن سمن جي آبادي وڌي تہ اهي قبيلا ڪاٺياواڙ ۽ گجرات تائين پکڙجي ويا. اهڙن ناتن جي ڏڪ سان گجراتي لفظ سنڌي ٻوليءَ جي ڪڇي محاوري ۾ داخل ٿيا تہ ٻئي طرف وري ڪي سنڌي لفظ ڪاٺياواڙ واري ويجهي علائقي گجراتيءَ ۾ شامل ٿيا.

**گجراتي رسم الخط** (Gujrati Script):

گجراتي رسم الخط. براهمي جي رسم الخط مان اسريو آهي، گجراتي لکت جو طريقو ديو ناگري حرفن تي آڌاريل آهي. گجراتيءَ جي سڀ کان اوائلي لکت 1592 ع جي موجود آهي. گجراتيءَ کي صرافي يا وڻج واپار واري رسم الخط بہ چيو ويندو آهي. گجراتي رسم الخط کاٻي کان ساڄي طرف لکبو آهي.

**گرامر** (Grammar):

ٻوليءَ جي بناوت جو علم، جنهن ۾ لفظن، جملن، سٽن ۽ پيراڻن جي بناوت ۽ ڪارج وغيره بابت ڄاڻ هوندي آهي. جيڪا ٻولي ڳالهايون ٿا يا لکون ٿا، ان ۾ اڪثر جدا جدا نمونن جا جملا ڪم آڻيون ٿا ۽ انهن جملن ۾ جدا جدا قسمن جا لفظ ڪم آڻيون ٿا. جيڪي لفظ اسين ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ ۾ ڪم آڻيون ٿا سي ڪيترن ئي قسمن جا آهن. انهن جون مختلف صورتون آهن، جيڪي هر وقت مٽجن سٽجن ٿيون ۽ انهن جو وري ٻين سان لاڳاپو آهي. انهن جي درست ميلاپ سان صحيح جملا ٺهن ٿا. انهن بابت جيڪي قاعدا ۽ سمجهاڻيون آهن، تن کي گرامر چئجي ٿو. گرامر کي وياڪرڻ به چئبو آهي.

**ڳرڇيلي جا بيت:**

اهڙا پرولي، جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ سوالن جو جواب، هڪ لفظ ۾ حل ٿئي. هن قسم جي پرولين ۾ ڳجهيون معنائون، رمزون ۽ راز رکيل هوندا آهن، جن کي سمجهڻ ۽ پروڙڻ وڏن وينجهارن جو ڪم آهي. ڳرڇيلي جي بيتن ۾ آخر ۾ چيو ويندو آهي: ”ڪهڙ چيلا ڪيئي بات؟“

**گرمکي رسم الخط** (Gurmukhi Script):

گرمکي رسم الخط بنيادي طور تي سک پنجابي لکتن لاءِ استعمال ٿيندو آهي، پر سنڌي لکت لاءِ به هن رسم الخط جي تاريخ پراڻي آهي. چيو وڃي ٿو ته گرمکي رسم الخط، برهمي ۽ ديوناگري لپين مان جڙيو آهي، پر ڪجهه حرف ان ۾ ديوناگريءَ کان به پراڻا آهن.

سک مذهب جي گرونانڪ ۽ ٻين گرن جو ڪلام ۽ مذهبي چوٽيون هن رسم الخط ۾ محفوظ آهن هن رسم الخط جي سڌاري ۾ گرو آرجڻ جو وڏو هٿ هو. هن نه صرف ڪن حرفن کي ملائي بهتر بڻايو، پر ڪن حرفن کي جوڙي رسم الخط ۾ شامل ڪيو. گرمکي الف ب کي پينيتس اکري (اڌ اکري) چيو ويندو آهي، چو ته هن ۾ ڪل 35 حرف ٿين ٿا. گرمکي رسم الخط جي گجراتي رسم الخط سان به ڪافي هڪ جهڙائي آهي گرمکيءَ لاءِ چيو وڃي ٿو ته اٽڪل 1610ع ۾ هن رسم الخط ۾ اصلاح ۽ تبديلي ٿي. سنڌي ٻوليءَ جي اصل آوازن ڳ، ڄ، ڏ، ٻ کي ان رسم الخط ۾ لکڻ لاءِ هيٺيان ليڪ ڏبي يا ٽبڪا لڳايا ويندا آهن.

**گرو گرنٿ** (Guru Granth):

"آد گرنٿ" يا "آد بيڙ"، جنهن کي شري گرو گرنٿ پڻ سڏيو وڃي ٿو سا سکن جي پوتر پوٿي آهي، جنهن کي سکن جي پنجين گرو ارجن ديو، اڪبر جي زماني 1604ع ۾ مرتب ڪيو ان ۾ گرو نانڪ کان سواءِ ٻن ٻين گُرن ۽ ٻين ڀڳتن جو ڪلام گڏ ٿيل آهي، گرو گرنٿ ۾ شامل ڪلام ۾ سنسڪرت، هندي، راجستاني ۽ پنجابيءَ سان گڏ سنڌيءَ جا ڪيترا لفظ ۽ فقرا استعمال ٿيل آهن.

**گريز** (Gurez):

قصيدي ۾ تشبيب ۽ مدح جي حصن تي ملائڻ واري شعر کي "گريز" چيو ويندو آهي

**گزيٽ** (Gazette):

سرڪاري مخزن، جنهن ۾ سرڪاري تقريرون، حڪمناما، اعلان ناما، پڌرناما، ڏيوالي ۾ آيلن جا نالا وغيره سرڪاري طور شايع ڪيا ويندا آهن.

**گزيٽئر (خبارنامو)** (Gazetteer):

گزيٽئر (خبارنامون) دراصل ڪنهن ملڪ، علائقي، صوبي يا ڪنهن ضلعي جي مڪمل جاگرافيائي معلومات، دستي ڪتاب، معلوماتي گڏ رکڻ وارو ڪتاب يا اهڙو ڪتاب، جنهن ۾ هر قسم جي ملڪي معلومات ڏنل هجي. تاريخي طور ڏسجي ته 1822ع ۾ انگريزن، ڏکڻ ايشيا متعلق پهريون گزيٽئر Walter Hamilton's East India Gazetteer شايع ڪيو. 1844ع ۾ افغانستان ۽ هندستان جي گڏيل گزيٽيئر ڇپيو:

Gazetteer of the countries Adjacent to India on the North West Scandal, Afghanistan, Balochistan, the Punjab and Neighboring States

اي. ڊبليو هيوز 1874ع ۾ 'A Gazetteer of the Province of Sindh' جي نالي سان، سنڌ جي تاريخ جو پهريون صوبائي گزيٽئر مرتب ڪيو.

**گمنام** (Anonymous):

جڏهن ڪڏهن شعر جو شاعر نامعلوم هجي يا ڪنهن لکت جو ليکڪ نامعلوم هوندو آهي ته اهڙي شعر يا لکت جي خالق کي نامعلوم يا گمنام سڏيو ويندو آهي.

**گنان** (Ginan):

ڊاڪٽر غلام علي الانا مطابق "گنان" گيان لفظ مان نڪتو آهي، جنهن مان مراد آهي اهو نصيحت وارو علم ۽ ڪلام، جيڪو اسماعيلي داعين ۽ پيرن پنهنجن نومسلم مريدن کي اسلام جا اصول سيکارڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ منظوم صورت يعني شاعريءَ واري صنف ۾ بيان ڪيو آهي. "

"گنان" اسماعيلي فرقي جي بزرگن جي شاعري آهي. اهي اسماعيلي فڪر جا داعي، ماڻهن کي مذهبي تعليم ڏيڻ لاءِ مختلف ملڪن ۾ ويا. اهي بزرگ سومرن ۽ سمن جي دور ۾ سنڌ ۾ آيا ۽ نومسلم ماڻهن جي دلين ۾ شعر ذريعي اسلامي عقيدن جو روح ڦوڪڻ لڳا. انهن بزرگن مان پير تاج الدين، پير نور الدين (وفات 1095ع)، پير شمش الدين (1156ـ1276ع)، پير صدرالدين (1290ـ1409ع) جا گنان وڏيڪ مشهور آهن.

سناءَ جي لحاظ کان سيني شاعرن جا گنان هڪ جهڙا نه آهن. ڪن جا گنان دوهي جهڙا آهن، ته ڪن جا سلوڪن مثل آهن ۽ ڪن جا وري ڪافيءَ سان مشابهت رکن ٿا، جن ۾ هر ٻن مصرعن جي بند کان پوءِ وراڻيءَ کي دهرايو ويندو آهي. گنان ۾ پيش ڪيل سنڌي ٻوليءَ ۾ اڪثر "ڪڇي" ۽ "لاڙي" لهجا شامل آهن. جيئن ته اهي اسماعيلي مبلغ شاعر سنڌ جي "ڪڇ" واري حصي ۾ رهندا هئا. ان ڪري سندن ڪلام تي گجراتي ۽ ملتاني ٻولين جو اثر نظر اچي ٿو. پير صدرالدين جي گنان جوهڪ مثال پيش ڪجي ٿو:

شاهه جو مچيئڙو تن، جيڪي صبوحڙي جاڳن،
اتي الله نه گهرين بندا، تون سُتين سڄي رات،
نڪا جهوري جِيوَ جي، نڪو سمر سات!
شاهه جو مچيئڙو............ !

**گنج شريف** (Ganj):

ٽالپرن جي اوائلي دؤر ۾ شاهه لطيف جي رسالي جو قديم ترين نسخو، هن پراڻي قلمي نسخي کي "گنج شريف" چيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ گنج جي معنيٰ آهي "جهجهو". يعني اسان وٽ ضرورت کان ڪا به شيءِ وڏيڪ هوندي ته چوندا آهيون "الله سائينءَ جو گنج آهي." شاهه جي ڪلام جي لحاظ کان "گنج شريف"

۾ شاهہ جي ڪلام سواءِ ان زماني يا اڳ جي ڪجھ ٻين شاعرن جو بہ ڪلام شامل آهي.

گنج جو ڪاتب فقير عبدالعظيم عرف وڏل شاهہ هو. گنج 1792ع بمطابق 1207 هجريءَ ۾ لکيو ويو هو. هن نسخي کي تمراڻي فقير ۽ سندن اولاد سنڀاليندا هئا. سن 1995ع ۾ شاهہ لطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز طرفان گنج، عڪسي ڇاپي جي صورت ۾ ممتاز مرزا، سهيڙي شايع ڪرايو.

**گيت** (Lyric):

گيت لفظ سنسڪرت جي لفظ "گيہ" مان نڪتو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ڳائڻ". اصطلاحي معنيٰ موجب، اهو شعر جو ڳائڻ ۾ اچي يا ڳائي سگهجي. گيت، اصل هندي شاعريءَ جو قسم آهي، پر گذريل وڏي عرصي کان سنڌي شاعرن بہ گيت لکڻ شروع ڪيا آهن. گيت ۾ پهريائين هڪ، ڏيڍ يا ٻہ سٽون ٿلهہ طور آڻيون آهن ۽ باقي سڄي گيت جي هر هڪ بند ۾ هڪ، ڏيڍ، ٻہ، اڍائي يا وڌيڪ سٽون رکيون آهن. گيت ۾ اڪثر ٿلهہ جو پويون پد (حصو)، هر بند جي آخر ۾ ورائيءَ طور آڻيو آهي. ڪي شاعر وري مختلف ورائيون پيش ڪندا آهن. هن ۾ مخصوص بحر، وزن ۽ قافيي جي پابندي ڪانہ آهي. گيت ۾ عشقيہ، روماني، جذباتي، اخلاقي ۽ ٻيا موضوع مضمون پيش ڪيا وڃن ٿا. جديد گيت جي شروعات سنڌي شاعريءَ ۾ ڪشنچند بيوس (1885_1947) ڪئي.

**گيتا** (Geeta):

هن ڪتاب جو پورو نالو 'ڀاڳوت گيتا' آهي، دراصل هي ڪتاب مها ڀارت جو ئي هڪ حصو آهي. گيتا جي تخليقڪار جو نالو شري ڪرشن جي مهاراج آهي. در اصل هي انهن نصيحتن جو مجموعو آهي، جيڪي ڪرشن جي، اَرجن کي ڏنيون هيون ان جا ڪل 18 باب آهن، جن کي 3 حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي ۽ هر حصو 6 بابن تي مشتمل آهي.ڊاڪٽر داس گپتا جو چوڻ آهي تہ گيتا جون گهڻيون تعليمات اپنشد تان ورتل آهن. اهو معلوم نہ ٿي سگهيو آهي تہ اها ڪهڙي دور جي تصنيف آهي ۽ هندن وٽ ان ڪتاب جي ٻين سڀني ڪتابن کان وڌيڪ اهميت ڏني وڃي ٿي، ڇو تہ قديم ويدن ۾ جيڪا تعليم ڏني وئي هئي، تنهن کي وساريو ويو هو ۽ ان تي عمل نہ رهيو هو ۽ هندو ڌرم جي مڃيندڙن جي زندگيءَ ۾ جمود اچي ويو هو ۽ سوچ ۽ زندگي غير متحرڪ ٿي وئي هئي.

# ڳ

**ڳاھہ** (Gaah):

سنڌ ۾ ڳاھون قديم زماني کان پئي، پان ۽ چارڻ ڳائي وڄائي پيش ڪندا هئا. سومرن ۽ سمن جي دَور ۾ شاعريءَ جي هي صنف عروج تي پهتل هئي. ”ڳاھہ“ هڪ قسم جو واقعاتي يا بياني بيت آهي. پاڻئجي ٿو تہ هن لفظ جو بنياد ”ڳائڻ“ آهي ۽ ڳائڻ مان ٺي ”ڳاءِ“ بڻيو آهي ۽ ان مان ”ڳاھہ“ ٿيو آهي. سٽاءَ جي لحاظ کان ”ڳاھہ“ منظوم مصرعون آهن، جن مان اڪثر ڏوهيڙي جي شڪل ۾ آهن، البتہ ڪن ڳاهن ۾ ٻن مصرعن کان پوءِ ورائيءَ طور هڪ ننڍي تڪ بہ پويان بيهاريل آهي. مضمون جي لحاظ کان ان ۾قصي جي خاص موقعن جو ذڪر هوندو آهي. ان ڏس ۾ ڏمڻ سوناري جي قصي مان هڪ ڳاھہ نموني طور هيٺ ڏجي ٿي:

اڪ نہ ڪجي ڏنڌڙو، سپ نہ ڪاٽجي ماھہ،
ات نہ لائجي نينهڙو جت ٿئي جيءَ وڻاھہ،
تن سونارن سان الا، مون من موهيو وي!

**ڳجهارت** (Gujharat):

ڳجهارت لفظ سنسڪرت جي لفظ ”ڳهہ“ آرٿ مان نڪتل آهي. جنهن جي معنيٰ ڳجهو/اونهو مطلب آهي. يعني تمام اونهي مطلب واري حقيقت، جنهن ۾ ڪو راز رکيل هجي.

”ڳجهارت“ پروليءَ جو هڪ ڳوڙهو نمونو آهي، جنهن کي پڇڻ لاءِ پختن خيالن ۽ عمدن دليلن جي ضرورت آهي. جيتوڻيڪ ڳجهارت جو سنگ بنياد پروليءَ تي ٿيو آهي، پر سٽاءَ جي لحاظ کان ٻنهي ۾ نمايان فرق آهي. پرولي پڇڻ لاءِ ٿورو اشارو مليل هوندو آهي پر ڳجهارت ۾ حافظي ۽ ڄاڻ کي وڏو دخل آهي. ٻي سري ڳجهارت کي سگهڙ اهميت نہ ڏيندا آهن، پر سريلي/سر واري ڳجهارت کي مڃيو ويندو آهي. ڳجهارت پائي سان بند سان پڇندي آهي. ان ۾ مذڪر ۽ مونث کي نرنان ۽ نار چئبو آهي. سگهڙ عبدالغفور منگيءَ جي هڪ ڳجهارت جو مثال ڏجي ٿو:

ڏيٺي: ولايت جي شهر ۾،
نالي اڳواڻ سان، الله جي ۾،
مردن جي ڪئي!
هيءَ ڳجهارت ڇهن پاون جي آهي، جي هن ريت آهن:
(1) ولايت: ترڪي، (2)شهر: استنبول، (3) نالو: نبي بخش، (4) اڳواڻ: پيش امام، (5) الله جي: مسجد، (6) مردن جي: ڪچهري.

پيٽي: ترڪيءَ جي شهر استنبول ۾ نبي بخش، مسجد جي پيش امام سان ڪچهري ڪئي.

**ڳيچ** (Geech):

ڳيچ جي لفظي معنيٰ آهي، اهو ڪلام، جيڪو ڳايو وڃي، ۽ اصطلاحي معنيٰ آهي، اهو ڳائڻ، جو شاديءَ يا خوشيءَ جي موقعي تي اڪثر عورتون ڳائين. لاڙ ۾ ڳيچن کي ڳيو چون ۽ ٻين ڪن پاڳن، خصوصاً شهرن ۾ ان کي سهرو چون. ڳيچ، عورتن جا مخصوص لوڪ گيت آهن، جي سنڌ جي هر ڪنڊڪڙڇ، هر وسيءَ واهڻ، هر ڳوٺ ۽ شهر ۾، خوشيءَ ۽ شاديءَ جي موقعي تي ڳايا وڃن ٿا.

ڳيچ جا آڳاٽا اهڃاڻ، سومرن جي، دور کان ملن ٿا. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ مرڪان شيخ (وفات 1300ع) پهرين شاعره آهي، جنهن ڳيچ ڳايا، جن ۾ هن پنهنجي مرشد جي مدح ڪئي آهي. سندس ڳيچ جو هڪ نمونو هيٺ ڏجي ٿو:

هي ڪانڌيرڙي لس،
هي واسرڙي وس
آءَ ڪلندي ڪڏندي اچان،
ڪرهيل ڏئم سک پار ۾،
آءَ ڪلندي ڪڏندي اچان،
پانڌاري ڏئم سک پار ۾.
آءَ ڪلندي ڪڏندي اچان!

# گھ

**گھاتو (سُر)** (Ghatoo):

گھاتو لفظ جي لغوي معنيٰ آهي: ”مڇي مار“. سنڌيءَ ۾ ان جو مطلب آهي: ”تاڪ ۾ ويٺل شڪاري“ يا ”سمنڊ ۾ مڇيءَ جو شڪار ڪندڙ ٽوبو“.

شاهه لطيف جي سُر گھاتوءَ ۾ مورڙي ميربحر جي بهادري ۽ شجاعت جو ذڪر آهي. هن سر ۾ دنيا ڪي مها ساگر جي صورت ڏني وئي آهي ۽ ان جي خوف ۽ خطرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. مورڙو ۽ سندس ڇهه ڀائر ڪلاچي [هاڻوڪي ڪراچي] جي سمنڊ ۾ وڏي مهارت ۽ فن سان مڇيءَ جا شڪاري هئا. جڏهن ”ڪلاچي جي ڪن“ تي مانگر مڇن قبضو ڪري، مهاڻن جي معاشي وسيلن تي وار ڪيو ته، انهيءَ قبضي کي ڇڏائڻ لاءِ ”مورڙي“ جا ڇهه ڀائر مانگر مڇ سان بهادريءَ سان مقابلو ڪندي مارجي ويا. انتقام جي باهه مورڙي کي سمهڻ نٿي ڏي، جيتوڻيڪ هو هڪ ڏبرو ۽ معذور انسان هو، پر ”رڇابندي“ ڪري نيٺ انهيءَ مانگر مڇ سان مهاڏو اٽڪائي، ان کي ماري ڀائرن جو بدلو وٺي ٿو ۽ ڪاميابي ماڻي ٿو. شاهه لطيف علامتي طور ان قصي کي ڳاتو آهي.

**گھڙولي** (Gharoli):

هن قسم جي شاعريءَ ۾ عورت جي زباني محبوب جي خدمت جو جذبو ظاهر ڪيل ۽ آزي ۽ نيزاري ڏيکاريل هوندي آهي. هن شعري صنف ۾ خدمت جي اظهار لاءِ وراڻيءَ ۾ ”گھڙولي ڀرڻ“ لفظ ضرور ايندو آهي. انهيءَ ڪري اهو نالو پيو اٿس. سنڌي ادب ۾ ڀهرين گھڙولي حضرت سچل سرمست جي ملي آهي، جيڪا سرائڪيءَ ۾ آهي. ان کان پوءِ، ڪيترن شاعرن سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ گھڙوليون چيون آهن. فني سٽا جي لحاظ کان ڪي گھڙوليون بيتن ۾، ته ڪي وري بندن تي مشتمل هونديون آهن. سچل سرمست جي گھڙولي ننڍن بندن تي ٻڌل آهي، جنهن جي هر بند ۾ ٻه ننڍيون مصرعون آهن، جيڪي پاڻ ۾ هم قافيه آهن. انهن جي پويان وراڻي اچي ٿي.

مٺن تان گھڙولي ڀرندي هان

پير پيران، حضرت ميران، نام ڳڏي جنهن ٽٽن زنجيران،
ڪامل مرشد ڪردي هاںآ مٺن تان گھڙولي... (سچل)

# ل

**لامذهبيت**(Secularism):

هڪ اهڙو نظام جنهن ۾ هر مذهب جي ماڻهن لاءِ بنا مت ڀيد جي قبوليت ۽ رواداري هجي ۽ ڪنهن به مذهب کي ٻئي تي فوقيت جو تصور نه هجي. اهڙي رياست جتي مذهب سياست (رياست) کان جدا هجي ۽ رياست جي رٿا بندي تي مذهب جو سڌو سنئون دخل نه هجي. سيڪولر رياست جو ڪو به سرڪاري مذهب نه هوندو آهي. ان جي آئين موجب سمورن مذهبن کي برابريءَ جو درجو حاصل هوندو آهيءَ ڪنهن خاص مذهب جي مڃڻ وارن سان ترجيحي يا امتيازي سلوڪ نه ڪيو ويندو آهي. سيڪولر رياست جو مقصد مختلف مذهبن ۾ تڪرار کي ختم ڪرڻ ۽ سندن مڃيندڙن ۾ يڪجهتي پيدا ڪرڻ هوندو آهي.

**لاڏو**(Marriage Song):

لاڏو سنڌ جو عوامي گيت آهي، جيڪو عام طرح سنڌ ۾ مروج آهي خاص ڪري اتر سنڌ ۾ سندس زياده رواج آهي. لاڏي جي سٽاءَ ٻن مصرعن (سٽن) جي ٽئي ٽي ۽ وڏ ۾ وڏ ڇهن بندن کان نه ٽپي. عورتون خاص ڪري خوشيءَ جي موقعن تي دائري جي صورت ۾ رقص ڪري "لاڏو"ڳائينديون آهن. سندن هٿ تاڙين جي گونج ۾ اهڙا ته محو هوندا آهن. جو سموري محفل رونق افروز ٿي ويندي آهي.

**لاڙو**(Literary Trend):

"لاڙو" (Trend) ڪنهن خاص وقت ۾ ڪنهن خاص موضوع يا تحرير جي رجحان يا ڌارا جي استعمال لاءِ چاهه کي چئبو آهي. يورپي ادب تي نظر وجهڻ سان خبر پوندي ته ان جي ترقيءَ جو دارومدار هميشه ادبي تحريڪن ۽ نون لاڙن جي جنم وٺڻ جي ڪري ٿيو آهي. مثال طور انگريزي ادب ۾ "رومانيت" ۽ "ڪلاسڪيت" جا لاڙا هميشه غالب رهيا آهن ۽ ان کان سواءِ جديد ادبي لاڙن جو به وقت به وقت اثر رهندو آيو آهي. جهڙوڪ: سرريئلزم، وجوديت، جديديت، بعد جديديت. انگريز دور کان وٺي ڪيترن يورپي ادبي لاڙن جو سنڌي ادب به اثر

قبول ڪيو آهي. ان کان سواءِ "قومپرستي"، "مقاميت نگاري"، "سماجي حقيقت نگاري"، "علامت نگاري" وغيره جا لاڙا پڻ سنڌي ادب ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

**لاڙي لهجو** (Lari Dilect):

سنڌ جي لاڙ ۾ رهندڙ سنڌي کي "لاڙي" چيو ويندو آهي. سنڌو درياهہ جي پڇڙي ۽ سمنڊ واري چوڙ وارن علائقن کي "لاڙ" چيو ويندو آهي. لاڙ معنيٰ لڙيل يا هيٺانهون ڀاڱو جيڪو سمنڊ سان وڃي لڳي ٿو. لاڙ ۾ بدين، ٽنڊو باگو، ٻلڙي شريف کان ويندي ٺٽي ۽ ڪراچيءَ وارو حصو اچي وڃي ٿو هتان جي ٻولي لاڙي لهجو سڏبي آهي. شاهہ جو رسالو شاهہ ڪريم جو ڪلام وغيره هن لهجي ۾ آهن.

1ـ لاڙي لهجي ۾ وسرڳ ( هہ اچار وارا اکر) گهٽ ٿين، هو ڏگهو بدران چون ڏگو، گهٽو بدران چون گٽو، گهر بدران چون گر ۽ گهوڙي کي چون گوڙو، چڙهيو بدران چون چريو ۽ ماڻهوءَ بدران چون ماڙو.

2ـ "توکان" جي بدران چون 'توهان' جيئن شاهہ صاحب چوي ٿو:

"ساربان کانہ سوير ۾ طاقت توهان ڏار"

3ـ اهڙي نموني پڇاڙيون بہ نرالي انداز سان استعمال ڪندا آهن.

4ـ لاڙي ماڻهن کي اچار سسائڻ جي بہ عادت آهي. هي لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ آيل اعرابون چٽيون ڪو نہ ڪن. لاڙ ۾ جمع بہ نرالا آهن. زال جو جمع ڪن "زالين"، پيءُ جو جمع ڪن "پئين".

5ـ ضمير "مان" ۽ اوهان بدران استعمال ڪن "آن" پنهنجو ۽ پاڻ بدران چون پينجو، پنڊ وغيره. چو، چا جي بدران ڪوهہ، ڪجاڙو وغيره.

6ـ لاڙ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ ڳالهايا وڃن ٿا. جي ٻين ڀاڱن ۾ مروج نہ آهن.

**لاسي لهجو** (Lasi Dilect):

لس ٻيلو هن وقت بلوچستان صوبي جو حصو آهي. پر اڳ ۾ اهو سنڌ جو حصو هو اڄ بہ اتي 70 سيڪڙو ماڻهن جي مادري زبان سنڌي آهي. لسٻيلي جو لوڪ ادب ۽ شاعري سنڌي زبان جو قيمتي سرمايو آهي. هن لهجي ۾ لاڙي لهجي واريون سڀ خصوصيتون موجود آهن. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب "ٻيلاين جا ٻول" ۾ لکي ٿو تہ "لسٻيلي جي ٻولي لاڙي

محاوري سان زياده مشابهت رکي ٿي. ان حوالي سان لاسي، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لهجو آهي.

**لاشعور** (Un-consciousness):

انساني ذهن جا مختلف خانا آهن، جيئن شعور (Consiousness)، لاشعور (Unconsiousness) تحت شعور (Sub- Consiousness) وغيره. فرائڊ مطابق لاشعور نفس انساني جو اهو خود غرض، اخلاق دشمن ۽ غير معقول حصو آهي، جنهن لاءِ ڪا به اڳڪٿي نه ٿي ڪري سگهجي. هي حصو انساني خواهشن ۽ غير مهذب امنگن جو مسڪن آهي. پر لاشعور نفس، انسانيءَ جو نهايت اهم فعال حصو آهي، جتي ادب يا فن، لاشعوري خواهشن جو رجحان پرپندو آهي.

اڳتي هلي ناول ۾ نئون رجحان "شعور جو وهڪرو" شروع ٿيو. جنهن ۾ لاشعور ۾ بي ترتيب سوچن کي ترتيب ڏئي افسانوي انداز ۾ پيش ڪيو ويو.

**لاطيني** (Latin):

هڪ قديم زبان، جيڪا روم سميت ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڳالهائي ويندي هئي. ڪيترو ئي قديم مشهور ادب هن زبان ۾ لکيل آهي.

**لاهوت** (Lahoot):

لاهوت لامڪان : ڪراچي کان اتر اولهه طرف اٽڪل 30 ڪلو ميٽرن جي مفاصلي تي، بلوچستان جي ضلعي خضدار جي علائقي سارونه جي ويجهو آهي. پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ملنگ، لاهوت تي حاضري ڀرڻ ايندا آهن لاهوت تي ايندڙ هر ماڻهو کي "لاهوتي" سڏيو ويندو آهي.ٻي معنيٰ ۾ اهي رنگجي ريٽا ٿيندا آهن ۽ پوءِ اهي به ڪنهن منزل تي پهچاڻ جي ضمانت ٻڌجي پوندا آهن. لاهوت ڪرڻ وارن لاءِ ضروري آهي ته اڳ ۾ "هاهوت" ڪجي اها هڪ اهڙي سوڙهي دري يا غار آهي، جنهن کي پرک جي دري به چوندا آهن. لاهوت، صوفين جي هڪ منزل به آهي.

لاهوت لامڪان سان وابسته فقير، ٻوٽلگ. سنڌ جا ماڻهو جڏهن لاهوت گهمي ايندا آهن، تڏهن هو لاهوتي سڏائيندا آهن.

**لائبريري** (Library):

لائبريري ڪتابن جو اهڙو ذخيرو آهي، جتي صرف ڪتاب رکڻ ۽ ڪڻڻ لاءِ نه هوندا آهن، پر اُن مان ماڻهن کي ڄاڻ ملندي آهي. لائبريري منظم ادارو آهي،

جتي بهترين تحقيق ٿي سگهندي آهي، ماڻهن کي ڪجهه سکڻ ۽ ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ مدد ملندي آهي، لائبريريون استاد جهڙو ڪردار ادا ڪن ٿيون. بهترين قومي لائبريرين ۾ هر ڪتاب ترتيب سان رکيل هوندو آهي، جتان پڙهندڙ پنهنجي مرضيءَ جا ڪتاب پڙهي سگهندو آهي.

جيتوڻيڪ موجوده دور ۾ انٽرنيٽ ڄاڻ ۽ ڪتابن جي حساب سان انتهائي اهم مواد مهيا ڪري ٿي، پر انٽرنيٽ لائبريرين جي اهميت گهٽائي نه سگهي آهي، انٽرنيٽ هڪ هڪ وڏي سهولت ضرور هوندي آهي، پر تحقيق ڪندڙ ماڻهو لائبريرين ۾ وڃي ڪتاب پڙهڻ کي ترجيح ڏين ٿا. لائبريرين ۾ هر قسم جي ڊيٽا موجود هوندي آهي.

**لذت پسندي**(Hedonism):

اخلاقيات جو نظريو ته لذت حاصل ڪرڻ ئي وڏي خير ۽ انسان جي عملن جو هڪ مقصد آهي يا ٿيڻ گهرجي. لذت پسنديءَ ۾ اهو سوال هوندو آهي ته لذت جي نوعيت ذاتي هوندي يا اجتماعي، جسماني يا عقلي، حسي يا روحاني، اهڙي طرح لذت پسندي جا ڪيترائي قسم آهن.

**لسانيات** (Philology):

لسانيات جي معنيٰ آهي زبان جو علم. لسانيات، يا علم اللسان، زبان جي اهميت، زندگي ۾ انساني ٻوليءَ جي علم کي چئبو آهي. فرانس جو مشهور عالم اي گويلو پهريون ماڻهو هو، جنهن ڪتاب "علمن جي ورهاست (1898ع)" ۾ علم اللسان جي تعريف بيان ڪندي ان جي اهميت تي پڻ بحث ڪيو اٿس.ايف سي باڪٽ لسانيات جي تعريف هن نموني ڪري ٿو "زبان جي باري ۾ منظوم علم کي لسانيات چيو ويندو آهي. گلسين وري لسانيات جي باري ۾ ڪجهه هن ريت خيال ونڊي ٿو: "لسانيات اها سائنس آهي جيڪا زبانن جي ٻاهرين ساخت جي اعتبار کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿي."

**لطيفو**(Joke):

لطيفو معنيٰ گفتگو يا وڻندڙ ڳالهه يا انوکو دلچسپ بيان ڪيل واقعو. لطيفو انهيءَ مختصر واقعي کي چوندا آهن، جنهن ۾ ظرافت جي چاشني لفظن

مان يا ڪنهن فقري مان پيدا ڪري، اهڙي ته انداز ۾ بيان ڪئي وڃي جو پڙهندڙ کي ڪل اچي وڃي.

**لطيفيات** (Study of Latif):

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو مطالعو، شاهه جي ڪلام، زندگي، فڪر ۽ شاعريءَ تي تنقيد، تجزيي، تحقيق ۽ اڀياس کي لطيفيات چئبو آهي. سنڌي ادب جي تاريخ ۾ وڌ ۾ وڌ تحقيق شاهه لطيف تي ٿي آهي. پر اڃان به گهڻي تحقيق جي ضرورت محسوس ٿئي ٿي. شاهه جي نالي تي ادارا به قائم آهن، جيڪي لطيفيات جي موضوع تي تحقيق به ڪرائين ٿا ته ڪتاب به شايع ڪرائين ٿا.

**لغت** (Dictionary):

عام مفهوم ۾ "لغت" جي معنيٰ آهي "ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ ۽ انهن جي معنيٰ". پر اصطلاحي طور لغت ان ڪتاب کي چئبو آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جا ترتيب وار لفظ معنائن سميت ڏنل هجن، يا ائين چئجي ته اهو ڪتاب، جيڪو ڪنهن به زبان جي الف بي جي ترتيب سان مرتب ٿيل هجي، جنهن ۾ لفظن، فقرن جي معنيٰ، اچار، پهاڪا، چوڻيون، لفظن جي استعمال ۽ صرفي ۽ نحوي لاڳاپيل معلومات ڏنل هجي، يا اهو ڪتاب، جنهن ۾ ٻن ٻولين جي هم معنيٰ لفظن جي معنيٰ ڏنل هجي، مثال طور "سنڌي- انگريزي" يا انگريزي- سنڌي لغت" لغت ڪنهن به مضمون جي اصطلاحن ۽ معنيٰ 'الف- بي' جي ترتيب سان مرتب ڪيل هجي، مثال طور علم نباتات جي لغت، لائبريري ۽ انفريشن سائنس جي لغت، وغيره وغيره.

**لغت جو ذخيرو** (Lexicon or Vocabulary):

دنيا جي عظيم ٻولين ۾ هڪ خوبي اها به هوندي آهي ته انهن ۾ لغت جو تمام وڏو ذخيرو ٿيندو آهي. ان خوبيءَ جي حساب سان سنڌي ٻولي ايشيا جي سمورين ٻولين ۾ شاهوڪار آهي، جنهن ۾ هڪ معنيٰ لاءِ ڪيترين معنائون موجود آهن. ان کان سواءِ ان ۾ استعارن کان وٺي اصطلاحن، پهاڪن، تشبيهن لاءِ لفظن جو وڏو ذخيرو آهي. سنڌي زبان جي لغت جي شاهوڪاريءَ جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو ته شاهه لطيف پنهنجي شاعري ۾ "اٺ" لاءِ رڳو ويهه لفظ ڪتب آندا آهن.

**لغت نويسي** (Lexicography):

لغت جي بدوين جي فن کي لغت نويسي ۽ لغت مرتب يا تاليف ڪندڙ کي لغت نويس (Lexicography) چيو ويندو آهي.

**لغوي معنيٰ** (Lexical Meaning):

لفظن جون مختلف معنائون ٿينديون آهن. اصطلاحي معنيٰ الڳ ته لغوي معنيٰ الڳ ۽ ٽيڪنيڪي معنيٰ الڳ هوندي آهي. لغويٰ معنيٰ جو مطلب آهي ته لفظ جي لغت موجب تعريف ۽ معنيٰ، جنهن مان لغوي نشاندهي يا رهنمائي ملي.

**لفاظي** (Verbosity):

وڏا وڏا لفظ يا غير معروف لفظ گهڻي مقدار ۾ استعمال ڪري، ٻڌندڙن يا پڙهندڙن کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش کي لفاظي چئبو آهي.

**لفظ** (Word):

"لفظ" عربي ٻوليءَ مان ورتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، اهو ٻن يا وڌيڪ حرفن يا آوازن جو مجموعو، جنهن مان ڪو مطلب يا معنيٰ نڪري؛ يا ائين ڪڻي چئجي ته، ٻه يا وڌيڪ آواز يا اکر گڏجي هڪ معنيٰ خيز 'لفظ' ٺاهيندا آهن. لفظ اڪثر ٻن نمونن جا ٿيندا آهن؛ هڪڙا ابتدائي لفظ ۽ ٻيا ثانوي لفظ. ابتدائي لفظ اهي آهن، جي مختلف آوازن يا حرفن کي پاڻ ۾ ملائڻ سان جڙڻ ٿا. انهن کي سادا لفظ به چئبو آهي.

**لفظن جي سادگي** (Simlicity in Poetry):

شاعريءَ ۾ ڏکين لفظن، صفتن ۽ فارسي زده لفظن جي جاءِ تي سادا عام فهم سنڌي لفظ استعمال ڪرڻ کي لفظن جي سادگي چئبو آهي. جديد سنڌي شاعريءَ جو مزاج ۽ لهجو سليس، سادو ۽ نرم آهي. جديد شاعر عام فهم، عام استعمال ٿيندڙ استعارا، تشبيهون ۽ محاورا ٻولي ڪم آڻين ٿا ۽ پنهنجي قومي مزاج کان پري نه ٿا وڃن. جديد شاعر پنهنجي محبوب سان مخاطب ٿيڻ وقت پنهنجي ٻوليءَ جي عام فهم لفظن ۾ اظهار ڪن ٿا. مثال: شروعاتي غزل ۾ ايراني ۽ فارسي، "مه جبين"، "مه لقا" وغيره. هاڻي جديد سنڌي شاعريءَ ۾ انهن بدران عام فهم سنڌي لفظ جهڙوڪ: مٺڙا، سهڻا سائين، سائين، پيارا، سڪي، سڄڻ، چنڊ جهڙا، ماڪيءَ کان مٺا_جهڙا لفظ ڪم آندا وڃن ٿا.

**لفظي تڪرار** (Reduplication):

سنڌي شاعرن معنوي لحاظ کان پنهنجي شاعريءَ ۾ انيڪ خوبيون پيدا ڪيون آهن. روزمره جي ٻوليءَ جي هڪ خوبي لفظن جو تڪرار آهي. لفظن کي معنوي لحاظ کان هڪ ٻئي پٺيان گڏوگڏ وري وري دهرائڻ کي تڪرار چئبو آهي. شيخ اياز، تنوير عباسي، امداد حسيني ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام ۾ هن خوبيءَ جا ڪيترائي مثال ملي سگهن ٿا. نموني طور فقط امداد حسينيءَ جو هڪ شعر پيش ڪجي ٿو:

اسين پيٽ ٻڪيا، اگهاڙا اگهاڙا،
اروڪا، اروڪا، اپالا اپالا،
وساريل وساريل، ڌڪاريل ڌڪاريل،
نماڻا، نماڻا، نرالا نرالا،
اڪيلا اڪيلا، توائي توائي،
سدا چاڪ دامن، سدا نيڻ آلا.

**لفظي مصوري** (Word-Painting):

تحرير ۾ هوبهو يا جيئري جاڳندي تصوير ڪشي ڪرڻ يا لفظن سان چٽرڪاري ڪرڻ.

**لڪل - ليکڪ** (Ghost — Writer):

اُهو ليکڪ يا صحافي، جيڪو پنهنجو نالو لڪائي، گمنام نالي سان لکي ته ان قسم جي ليکڪن کي لڪل يا گمنام ليکڪ (Ghost Writer) به چئبو آهي.

**للت پد** (Lalt Pad):

"للت پد" جديد سنڌي شاعريءَ جي هڪ صنف آهي، جنهن ۾ "هندي ڇند وديا" جي اصولن تحت جملي اناويهه ماترائون ٿين ٿيون. هي شعر ٻن سٽن تي مشتمل ٿئي ٿو. بناوت جي لحاظ کان هر مصرع جي پهرين حصي ۾ سورهن ۽ ٻوئين حصي ۾ ٻارهن ماترائون هئڻ گهرجن. ساهيءَ لاءِ پڙهندڙن جي سهوليت خاطر مقرر ماترائن ڪانپوءِ بيهڪ جي نشاني ڏيڻ لازمي آهي. "للت پد" جي هر ٻن مصرعن جو علحده علحده مضمون ٿيندو آهي. سنڌيءَ ۾ هري دلگير جا 'للت پد' ڪتابي صورت ۾ ڇپيل آهن.

**لنگئا فرانڪا** (Lingua Franca):

رابطي جي ٻولي. اها ٻولي، جيڪا ڪنهن وسيع علائقي ۾ مختلف ٻولين ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ رابطي ۽ ابلاغ جو ڪم ڏئي سگهي. جيئن ننڍي کنڊ ۽ پاڪستان ۾ اردو، ڏکڻ آفريڪا جي ملڪن ۾ عربي وغيره لنگئا فرانڪا يا رابطي جون ٻوليون آهن.

**لوڪ ادب** (Folk Lore):

لوڪ ادب مان مراد آهي عام ماڻهن جو ادب، يعني اهو ادب جو تصنع، هٿ ناٽ ۽ جڙتو ڪاريگريءَ ۽ صنعتن ۽ سينگار کان پاڪ ۽ صاف هجي. انسائيڪلوپيڊيا مطابق "هي اهو علم آهي جو قديم مجتائن، ريتن، رسمن، پرمن، وهمن، قديم روايتن ۽ اعتقادن تي مشتمل هوندو آهي".

حقيقت ۾ لوڪ ادب انهن سگهڙن جي تخليق آهي، جيڪي پنهنجي خيالن جي وسعت آهر مجلسن، محفلن ۽ ڪچهرين ۾ پنهنجا خيال شعر جي روپ ۾ پيش ڪندا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو لوڪ ادب کي "ٺيٺ دهقاني ادب" به چيو ويندو آهي. هي ادب عوام جي احساسن، جذبن، امنگن جي چٽي تصوير هوندو آهي. لوڪ ادب جي اوائلي تاريخ جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي لکي ٿو ته "حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته سنڌ جي لوڪ ساهتيه ايترو ته آڳاٽو آهي، جيتري آڳاٽي آهي اسان جي سنڌي ٻولي. سنڌي لوڪ ادب ۾ ڪيترائي اهڙا جزا به آهن جن جو بڻ بنياد ويدن ۽ اپنشدن جي ڪٿائن توڙي ٻئي سنسڪرت ادب ۾ ملي ٿو. رامائڻ، مهاڀارت، پراڻ، برهت ڪٿا منجري ڪٿا سرت ساگ، پنجتنتر، هتو پديش، ويتال پنج ونشتي وغيره سنسڪرت ۾ لکيل اهڙا سرچشما آهن، جن مان نه فقط سنڌي، پر ڀارت جي ڪيترن ٻين ٻولين جي به ڪن لوڪ ڪٿائن ۽ پهاڪن وغيره جو جنم ٿيو آهي."هن علم ۾ هيٺيون صنفون اچي وڃن ٿيون:

**روايتي ڪهاڻيون:** جهڙوڪ لوڪ ڪهاڻيون، وير ڪهاڻيون (ڳاهون)، رزميه نظم ۽ ڏند ڪٿائون.

**رسمون ۽ رواج:** جهڙوڪ ڏڻ وار، رسمون ۽ رواج ۽ شادين جون رسمون وغيره.

**ويساهه ۽ ڀرم:** جهڙوڪ جنن پرين جون ڪهاڻيون، جادو منتر، ڦيٺا ۽ ڏاڍا.

لوڪ ڪهاڻيون: جهڙوڪ مشهور چوڻيون، پهاڪا، چرچا، ڳجهارتون ۽ معما وغيره.
**لوڪ راڳ:** عوامي راڳ، جيڪو لوڪ گيت کان مختلف هوندو آهي ۽ عوام جي، امنگن جي ترجماني ڪندو آهي ۽ لوڪ ڌنن تي ڳايو ويندو آهي.

**لوڪ شاعري**(Folk Poetry):

هر ملڪ جي لوڪ شاعريءَ تي ملڪي حالتن مطابق، اتي جو مڪاني رنگ رچيل هوندو آهي، هر ملڪ جي "لوڪ ادب" ۾ شاعر يا انهيءَ موجد جي شخصيت عدم موجود هوندي آهي. لوڪ شاعريءَ ۾ ڪا بہ ناهہ ئوهہ يا بناوت نہ هوندي آهي، ان ۾ تڪلف جي بوءِ بہ نہ هوندي آهي. لوڪ شاعريءَ جي هر صنف، ادبي ۽ لسانياتي نقطہ نگاهہ کان گهڻو ڊيان ڇڪائي ٿي، سنڌي لوڪ شاعريءَ تي نظر وجهبي تہ ڏسبو تہ سيني شعبن، شغلن ريتن، رسمن، سورهيائي، سچائي، سخاوت، گهوڙا، ٻيڙا ۽ جانور وغيره ۽ زندگيءَ جا جذباتي پهلو مثلاً عشق، حسن، ڏک، درد، جهيڙن جهڳڙن تي عام شاعرن پنهنجا شعر لکيا آهن. سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي دفتر کي پنهنجي لوڪ شاعريءَ ۾ پوري طرح محفوظ ڪيو آهي. سنڌي لوڪ شاعريءَ جو دائرو تمام وسيع ۽ ڪشادو آهي. ان ۾ مختلف صنفن جي ايتري گهڻائي آهي، جنهن جو دنيا جي ٻين ملڪن جي لوڪ ادب ۾ مثال ملڻ مشڪل آهي.

**لوڪ ڪهاڻيون** (Folk Stories):

لوڪ ڪهاڻيون لوڪ ادب جو اهم حصو آهن، جن ۾ انساني گروهہ جون مجموعي طرح دنيا جي سيني قومن جي پراڻن آثارن جا داستان ۽ دستاويز هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن سان انسان ذات جي ڪنهن زماني جي ريتن رسمن، رواجن، ڀرمن، وسوسن ۽ نفسياتي لاڙن ۽ انهن جي ذهني ارتقا جي تاريخ جي خبر پوي ٿي. سنڌي لوڪ ادب عشقيہ، نيم عشقيہ، رزميہ ۽ دنيا جي ٻين بہ لوڪ ڪهاڻين سان مالا مال آهي. سسئي پنهون، عمر مارئي، ليلا چنيسر، سهڻي ميهار، مومل راڻو، دودو چنيسر، مورڙو ميربحر ۽ مانگر مڇ وغيره سنڌ جون لوڪ ڪهاڻيون آهن.

**لوڪ ناٽڪ** (Folk Drama):

لوڪ ڪهاڻين تي جوڙيل ناٽڪ.

**لوڪ ناچ (عوامي ناچ)** (Folk Dance):

آفريڪا کان آيل حبشي ۽ شيدي قبيلا پنهنجي سرهائيءَ وارن ڏڻن تي لوڪ ڌنن تي ناچ ڪندا هئا/آهن. جتان سنڌ جي ڪاڇي، ڪوهستان ۽ ٿر وارن علائقن ۾ لوڪ ڌنن تي لوڪ گيت ڳاهي، ناچ ڪيو وڃي ٿو. لوڪ گيتن کي ڪورس جي انداز ۾ ڳائي ناچ ڪيو ويندو آهي.

**لولي** (Lullaby):

لولي، سنڌ جو عام ۽ پيارو گيت آهي. جيڪا سنڌي ۽ ٻين زبانن ۾ چئي ويندي اهي. لوليءَ ۾ پنهنجي اولاد لاءِ انتهائي پيار، سوز، امنگ ۽ احساس سمايل هوندو آهي. ماءُ کان سواءِ لوليءَ جا جذبا ٻين لاءِ به ٿيندا آهن. پر ماءُ جي اولاد لاءِ لولي وڏي اهميت واري هوندي آهي. لوليءَ جا ڪيترائي قسم آهن. نياز همايونيءَ ۽ شيخ اياز جديد لوليون به لکيون آهن.

**لوهاڻڪو رسم الخط** (Luhanko Script):

اهو رسم الخط، ٺٽي ۽ برهمڻ آباد ۾ لوهاڻا استعمال ڪندا هئا. ان کي لوهاڻڪو رسم الخط سڏيو وڃي ٿو. هي سنڌ جو قديم رسم الخط هو. جيڪو اسلام کان اڳ به رائج هو. البيروني (937ـ1048ع) به پنهنجي ڪتاب ۾ ڀاٽئي ۽ لوهاڻڪي رسم الخطن جو ذڪر ڪيو آهي. ڀاٽيا ۽ لوهاڻڪا رسم الخط ٻئي ٺٽي ۾ وڌيڪ مشهور هئا. ان حساب سان ٺٽي جا لوهاڻا، جيڪو رسم الخط استعمال ڪندا هئا. ان قبيلي جي حساب سان ان کي لوهاڻڪو رسم الخط چيو ويندو هو. هي رسم الخط، اصل ۾ براهمي رسم الخط آهي، جيڪو ڪاٻي کان ساڄي پاسي لکيو ويندو هو. هن رسم الخط جو ذڪر سر گريئرسن (1851ـ1942ع) به ڪيو آهي. ان کي ڪراچيءَ جو رسم الخط به سڏيو ويو آهي، اهو انڪري جو شايد اهو لاڙي رسم الخط هو.

**لهجن جو نهڻ** (Farmation of Dialect):

مختلف لهجن جي نهڻ جا ڪيترائي سبب آهن. موجوده دؤر ۾ آمدرفت، سائنسي ايجادن، وڌندڙ شهري ماحول، وڌندڙ تعليمي علم، پاڙيسري ٻولين جي اثر وغيره جي ڪري لهجائهن ۾ تبديل ٿين ٿا. لسانيات جي ماهرن لهجن لاءِ مختلف اصول ٺاهيا آهن. جن ۾ هيٺيان اهم آهن:

(1) حاڪمن جي ٻولي، (2) ساڳي حڪومت، (3) سياسي حالتون، (4) سماجي ۽ مذهبي ميل جول، (5) وڻج واپار ۽ سياسي ناتا، (6) ساڳيون جاگرافيائي حالتون، (7) آبهوا، (8) باهمي شاديون، (9) ساڳيا رسم و رواج، (10) آباديءَ جي لڏپلاڻ وغيره.

**لهجو** (Dialect):

"لهجو ٻوليءَ جي انهيءَ مخصوص نموني کي چئجي ٿو، جيڪو معياري ٻولي (Standard Language) کان ڍنگ (Style)، ڍار (Intonation) ۽ اچار (Pronunciation) ۾ ٿورو مختلف هجي. سنڌ ۾ چوڻي آهي ته "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي". مطلب ته هر ٻوليءَ ۾ ٿوري ٿوري مفاصلي بعد ٻوليءَ جي محاوري يا (Dialect) ۾ تفاوت اچي وڃي ٿو. اتر سنڌ جو لهجو ٿر کان مختلف آهي. لاڙ جو لهجو ڪوهستانيءَ کان مختلف آهي. مطلب ته لهجو ڳالهائڻ جو خاص طريقو آهي.

**ليجنڊ/ مثالي ڪهاڻي** (Legend):

ليجنڊ ڪهاڻيون تاريخي طور وڏي اهميت رکنديون آهن. ڇاڪاڻ ته ماڻهن جي ذهنن ۾ هميشه زنده هونديون آهن اها ڪهاڻي، جيڪا ڪنهن قوم يا گروهه جي نيم تاريخي روايت ٿيندي آهي. تاريخ ۾ ان جو ذڪر ڪونه هوندو آهي يا هوندو به آهي ته تمام مختصر. پر عوامي زبان ۽ ذهن هجڻ جي ڪري ان جي ڪهاڻي ۽ ڪردار امر ٿي ويندا آهن. ليجنڊ مذهبي به ٿي سگهي ٿي ته غير مذهبي به مثال طور رستم جي بهادري، ليلا مجنون جو عشق، فرهاد جو جبل ٽڪي کير جي نهر وهائڻ، سسئي جو جبل جهاڳڻ، مومل جو ڪاڪ محل وغيره ليجنڊ آهن.

**ليرڪ** (Lyric):

ليرڪ (Lyric) انگريزي شاعريءَ جي صنف آهي، جنهن ۾ اختصار، غنائيت وحدت تاثر، داخليت، ذاتي جذبات جو بيان ۽ تخيل جي چاشني موجود هوندي آهي. اهڙي شعر ۾ اڪثر ڪري ذاتي جذبن جي عڪاسي ٿيل هوندي آهي ليرڪ کي اڪثر ڳايو ويندو آهي.

**ليڪ** (Dash):

هيءَ بيهڪ جي نشاني، ليڪ (ـ). عام طور تي ننڍڙي ليڪ، جملي ۾ اوچتو خيال جي يا موڊ جي تبديليءَ ڏيکارڻ لاءِ استعمال ڪبي آهي، جنهن

سان تسلسل ۾ تبديليءَ جو اهڃاڻ ملندو آهي۔ يا وري ساڳيو خيال ٻه پيرا ورجائڻ مهل به ننڍڙي ليڪ ان کي ظاهر ڪندي آهي.مثال: جڏهن آخري پيرو مون هن سان ڳالهايو۔ ڪو مهينو ڪن اڳ۔ هن ته اهڙي ڪا ڳالهه ڪانه ڪئي.

اسڪول جو پرنسپال۔ تالو الائي ڇا اٿس۔ ڏاڍو سخت ماڻهو آهي.

ان کان به ننڍڙي ليڪ (Hyphen) انگريزي ۾ ڪن مرڪب لفظن جي وچ ۾ به لڳندي آهي.

**ليکڪ/ليکڪا** (Writer):

قلمڪار، ڪتاب لکندڙ، مصنف، اديب مرد يا عورت.

**ليلا چنيسر** (Leela Chancer):

سومرن جي دَور جو مشهور رومانوي داستان. ليلا هار تي هرکجي، پنهنجي مڙس چنيسر کي پنهنجي هٿان وڃايو. شاهه لطيف هن قصي کي پنهنجي شاعريءَ ۾ امر ڪيو آهي. ليلا جو ڪردار عورت جي زيور لاءِ هيٺائي ۽ لالچ جي علامت آهي، پوءِ منجهس نماڻائي ۽ سادگي آهي. ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو ته هن سر تي اهو تالو ان جي مضمون مطابق رکيو ويو آهي ۽ منجهس هيءَ تمثيل رکيل آهي: ڏٺي نهايت ”ريساڻو“ حاڪم آهي. جن جي هڪ واري ساڻس محبت رکي، تن کي ساڻس پڇاڙيءَ تائين نباهڻو آهي.

## م

**مابعد الطبعيات** (Metaphysical):

ميٽا (Meta) معنيٰ مٿانهون (Beyond) ۽ فزيڪل (Physical) طبعي دنيا. يعني طبعي دنيا کان مٿاهون علم. مابعد الطبيعات جي حدن ۾ ڪيترائي اختلاف آهن. ڪي ان کي فلسفي جي مترادف استعمال ڪن ٿا. ڪي ان کي الاهيات واري مقصد ۾ آڻن ٿا ۽ ڪي وري اخلاقيات کي به مابعد الطبعيات جي ذمري ۾ آڻن ٿا. حقيقت ۾ اهي تمام موضوع يا مسئلا، جيڪي طبعي علمن جي دائري مان خارج، طبعي فڪر و نظر جي حدن کان مٿي ۽ مشاهدي ۽ تجربي جي احاطي مان ٻاهر آهن. سي مابعد الطبعيات جي دائري ۾ اچن ٿا.

**مابعد الطبعياتي شاعري** (Metaphysical Poetry):

مابعد الطبعياتي شاعريءَ جي اهم خوبي اها هوندي آهي ته اها جذبات کان وڌيڪ فڪر جي ترجماني ڪندي آهي ۽ دل کان وڌيڪ دماغ کي اپيل ڪندي آهي. اها شاعري، جيڪا روحاني ۽ فلسفاڻن موضوعن تي مبني هجي. انگريزيءَ ۾ ان کي ميٽا فزيڪل شاعري چيو ويندو آهي.اها شاعري جيڪا مابعد الطبعيات موضوع تي مبني هجي ۽ زندگي جي حقيقت ۽ اهميت کي اجاگر ڪري. انگريزي شاعريءَ ۾ جان ڊن (1572_1631ع) جي شاعريءَ لاءِ ميٽا فزيڪل شاعريءَ جو اصطلاح استعمال ڪيو ويو هو.

**مادر علمي** (Alma- Mater):

اسڪول، ڪاليج، يونيورسٽي، جنهن مان تعليم پرائي وئي هجي، پر خاص طور هي اصطلاح يونيورسٽيءَ لاءِ استعمال ٿيندو آهي، جو ته يونيورسٽيءَ کي سيني علمن جي ماءُ چيو ويندو آهي.

**ماديت پسندي** (Materialism):

روحاني قدرن جي ڀيٽ ۾ مادي شين کي ترجيح ڏيڻ . دنيا جي مسئلن ۽ شين ۾ ايترو ته گهرائي ۾ هليو وڃڻ، جو روحانيت وارين شين کان پري ٿي وڃجي. ماديت پسند گهڻو ڪري اهڙين شين جي وجود کان به انڪار ڪندا آهن، جن کي جسماني وجود نه هجي.

**مارڪس وادي تنقيد** (Marxist Criticism):

پليخانوف (Plekhanov)، مهرنگ (Mehring)، دوبرولي بوف (Dobrolybov)، پساريف (Pisarev) ۽ چرني شيوسڪي (Cherny Shevsky) مارڪسوادي تنقيد جا ابتدائي مبلغ ڄاڻا وڃن ٿا. هيءَ تنقيد دنيا جي اديبن کان هڪ عالمگير نظرئي جي توقع رکي ٿي. اها زندگيءَ جي نفسيات کي الڳ نٿي ڏسي، بلڪ هڪ ئي وقت زندگيءَ جي ڀرپور طاقت کي ڏسڻ گهري ٿي.

مارڪسوادي تنقيد، ادب تي فيصلي صادر ڪرڻ واري جا اختيار (Authoritative) آهي. هن تنقيد مطابق، ادب فقط اهو آهي جيڪو سماجي نظرئي کي سماج جو وڏي ۾ وڏو اصول تسليم ڪري. انهيءَ ڳالهه جي تائيد ڪندي اي جي اتم (1923_2005ع) لکي ٿو ته "ادب انساني خيالات ۽ جذبات جي اظهار جو نالو آهي، اهو سماج جو شاهد آهي."

**مارڪسي فلسفو** (Marxism):

مارڪسي فلسفو ماديت پسند فلسفي جي سائنسي شڪل آهي. هي فلسفو سادو ۽ پورهيتن جي حقن جو فلسفو آهي. مارڪس چوي ٿو ته اهو چوڻ غلط آهي ته ماده جي حيثيت اول ۽ روح يا شعور جي حيثيت ثانوي آهي. هن جي راءِ آهي ته مادو اصل آهي. شعور ۽ روح مادي جي ئي پيدائش آهن. مارڪسي فلسفو هڪ انقلابي نظريو آهي، جنهن مطابق هر ڪا شيءِ تبديل ٿيندڙ آهي ۽ اها تبديلي ترقيءَ ڏانهن وڃي ٿي.

**مارو**(Maru):

"مارو" جو اصطلاح مارئي جي داستان مان نڪتل آهي، جنهن ۾ ٿر جي مليرجي عام ماڻهن کي مارو سڏيو ويو. هينئر هي اصطلاح ادبي طور يا لغوي طور هر عام سنڌيءَ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي.

**مارئي** (Marui):

عمر_مارئي جي مرڪزي عورت ڪردار. شاهه جي سورمي، جنهن کي شاهه عورت جي عظمت، وطن جي حب ۽ قومپرستيءَ جي لاءِ تمثيلي طور بيان ڪيو آهي. مارئي ٿر جي غريب نينگري هئي، جنهن کي عمر (حڪمران) زوريءَ کڻي

ويو ۽ لالچون ڏئي شادي ڪرڻ پئي چاهي. پر هن جي انڪار ڪيس امر ڪري ڇڏيو. شاهه لطيف ڪلاسيڪي شاعرن مارئيءَ جي حب الوطنيءَ واري داستان کي ڳائي ڪيس حب الوطنيءَ جي علامت بڻائي ڇڏيو آهي. هي قصو سومرن جي دور سان منسوب آهي.

**مارئي (سُر):**

هي سر سنڌي شاعريءَ ۾ حب الوطنيءَ جي علامت آهي ۽ شاهه لطيف جي شاعريءَ جو اهم سُر آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ثقافت ۽ اعليٰ انساني قدرن جي حمايت ٿيل آهي.

**مالواري ۽ سئنڌوا رسم الخط** (Malwari and Sando Script):

هن رسم الخط جو ذڪر البيرونيءَ پنهنجي ڪتاب، "ڪتاب الهند" ۾ ڪيو آهي. هن سنڌ جي ڪيترن رسم الخطن جو ذڪر ڪيو آهي، پر خاص طور تي هن سنڌ جي رسم الخطن لاءِ لکيو آهي ته سنڌ ۾ ٻيا رسم الخط به رائج آهن. جهڙوڪ مالواڙي، جيڪو منصوره، ڏکڻ سنڌ ۾ استعمال ٿئي ٿو. ساموندي ڪناري جي طرف ۽ ٻيو آهي سئنڌوا، جيڪو برهمڻ آباد طرف استعمال ٿئي ٿو. خاص طور تي "سئنڌوا" لاءِ محققن جو خيال آهي ته اهو عربي– سنڌي رسم الخط آهي.

**ماورائي حقيقت** (Surrealism):

سريئت/سريئلزم جي لغوي معنيٰ آهي "حقيقت کان ماورا" يا پري. ماورائي حقيقت، داخليت پسنديءَ جي تحريڪ آهي، جنهن ۾ "دادازم" ۽ ڪيوبزم وغيره به اچي وڃن ٿا. هر جديد ادب سرجيندڙ ۽ پڙهندڙ سمجهي ٿو ته انساني لاشعور کي انتهائي حقيقي سمجهي ڪردارن جو جهان تخليق ڪرڻ سرئيلزم آهي. هن لاڙن ۾ سرت، ساڃاهه بجاءِ بي ترتيب خيالن ۽ جذبن جو هجوم هوندو آهي. هن لاڙي ۾ ادبي طور بي مقصديت وڌيڪ هوندي آهي. جنهن کي حقيقت کان مٿانهون يا ماورائي حقيقت چيو ويندو آهي. هي رجحان دادائيت جي ضد ۾ پيدا ٿيو. هن جو باني "آندري بريٽون" هو. هن تحريڪ جي مڃڻ وارن جو چوڻ هو ته عالم محسوسات کان سواءِ هڪ ٻيو عالم به پنهنجو وجود رکي ٿو. جيڪو هن ظاهري ۽ حسي عالم کان بلڪل مختلف آهي. ان

عالم تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ اتان جو عقل ۽ منطق کان ڪناره ڪش ٿي وڃڻ ضروري آهي. انهيءَ ڪري هن ۾ خارجي حقيقت ڪا معني نٿي رکي. ان جي بدران لاشعور جي داخلي حقيقت سڀ تي مقدم آهي. هن قسم جي نقاد جو چوڻ آهي ته فنڪار حقيقت سڀ تي مقدم آهي. فنڪار حقيقتن کي خارجي شين ۾ نه ڳولي، پر ان لاءِ لاشعور جي مدد سان خود پنهنجي وجود جي گهرائين ۾ هليو وڃي.هن رجحان جو سڀ کان وڏو نمائندو "ڪافڪا" آهي. سنڌي زبان ۾ مانڪ، مشتاق شورو، مدد علي سنڌي، خيرالنساء جعفري، منور سراج، اخلاق انصاريءَ جي ڪهاڻين ۾ سرئيلزم جو ڪجهه اثر نظر اچي ٿو.

**ماهيا** (Mahia):

"ماهيا" پنجاب جي شاعريءَ جي حسين ۽ مقبول صنف آهي. هن جو تعلق 'ماه' لفظ سان آهي. "ماه" اصل فارسي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي 'چنڊ'. جيئن ته چنڊ هڪ چمڪندڙ، خوبصورت ۽ خوشنما گره آهي؛ تنهن ڪري برصغير جي ماڻهن محبوب کي ان سان تشبيهه ڏني ڪيس "ماهتاب"، "قمر"، "ماهي" سڏيو آهي؛ يعني 'چنڊ جهڙو حسين ۽ خوبصورت چهرو'. ساڳيءَ طرح سان محبوب جي تعريف ۾ چيل شعر کي پڻ "ماهيا" نالو ڏنو ويو آهي.

سنڌي شاعريءَ ۾ ماهيا جي صنف گذريل ٽورن سالن کان مروج آهي. سنڌي شاعرن هن صنف کي ساڳي ئي رنگ ۽ ڍنگ ۾ پيش ڪيو آهي، جهڙيءَ طرح پنجابي شاعريءَ ۾ پيش ڪئي وڃي ٿي. هن ۾ مضمون به ساڳيوئي پنجابي شاعريءَ وارو آندو وڃي ٿو. جنهن ۾ محبوب جي تعريف ۽ سندس وڇوڙي جا ورلاپ بيان ڪيا ويندا آهن ۽ کيس ملاقات ڪرڻ لاءِ التجا ڪئي ويندي آهي. سنڌيءَ ۾ سڀ کان اڳ نياز همايونيءَ ماهيا لکيا آهن، جيڪي ڏاڍا خوبصورت آهن.

**مبالغو:**

مبالغو معنيٰ وڌاءُ ڪنهن شيءِ يا ڳالهه کي وڌائي چڙهائي بيان ڪرڻ. انگريزن جي دؤر ۾ يا ان کان اڳ وارن قصن ۾ مبالغي آميز لکت جو تمام گهڻو رواج هوندو هو.مبالغي يا وڌاءُ ۾ ڪنهن واقعي کي ايترو وڌائي پيش ڪجي، جو اهو ناممڪن لڳي.

**متروڪ لفظ** (Obsolete Words):

متروڪ مان مراد آهي ته اهي لفظ جيڪي رواج نه رهيا هجن يا مدي خارج ٿي رد ٿي چڪا هجن. هر سڌريل ٻوليءَ ۾ وقت سان گڏ ڪي نوان لفظ شامل ٿيندا رهندا آهن ۽ ڪي وري خارج ٿيندا رهندا آهن. اهو هڪ فطري عمل آهي. ادبي طور، متروڪ لفظ مان مراد آهي ته اهي لفظ ڪڏهن لکڻين ۾ ڪتب آندا ويندا هئا، پر بعد ۾ ليکڪن، شاعرن، انهن جو استعمال ختم ڪري ڇڏيو. گنگا رام سمراٽ، اهڙا ڪيترائي لفظ پنهنجي ڪتاب "اسان ڪي هتان وساريو" ۾ ڏنا آهن، جيڪي هيئر سنڌي مان متروڪ ٿي ويا آهن.

**متضاد لکڻي:**

ڪنهن ساڳي لکڻيءَ ۾ ساڳي ڳالهه ٻن جاين تي متضاد راين سان ڏيڻ. ڪنهن خيال ۾ متضاد راءِ ڏيڻ يا وري متضاد بيان ڏيڻ وغيره.

**مثلث** (Musalis):

"مثلث" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "ٽن مصرعن وارو شعر". يعني اهو نظم، جنهن جو هر هڪ بند ٽن مصرعن تي مشتمل هوندو آهي ۽ اهي مصرعون پاڻ ۾ هم وزن هونديون آهن. اهڙيءَ طرح مثلث جا سڀ بند ساڳئي وزن ۾ هوندا آهن، جن مان اڪثر پهريون بند سڄو هم قافيه هوندو آهي ۽ باقي بندن مان هر هڪ بند جون پهريون ٻه مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه ٿينديون آهن ۽ ٽين مصرع جو قافيو وري پهرئين بند جي قافيي جهڙو هوندوآهي. ڪي نظم اهڙا به ملن ٿا، جن ۾ مثلث جي هر هڪ بند جون ٽئي مصرعون پاڻ م هم قافيه رکيون ويون آهن.

**مثمن** (Musamin):

"مثمن" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي، "اٺن مصرعن وارو شعر". اصطلاحي معنيٰ موجب، مثمن اهو نظم آهي، جنهن جو هر هڪ بند اٺن مصرعن تي مشتمل هجي ۽ اهي مصرعون پاڻ ۾ هموزن هجن. مثمن جو پهريون بند اڪثر سڄو هم قافيه هوندو آهي ۽ باقي هر هڪ بند جون پهريون ست مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه ٿينديون آهن، پر اٺين مصرع وري پهرئين بند سان ساڳئي قافيي ۾ ايندي آهي.

**مثنوي** (Masnavi):

مثنوي لفظ عربي لفظ 'ثنيه' مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي جوڙويا "ٻه". هن ۾ هر هڪ شعر جدا جدا هوندو آهي، تنهن ڪري سڄو نظم هڪ قافيه تي نه هوندو آهي، پر هر هڪ بيت جون ٻه مصرعون پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن. هن صنف ۾ قصا، ڪهاڻيون وغيره بيان ٿيل هوندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن هزار کان به مٿي بيت هوندا آهن. مثنويءَ جا اصل ست "بحر" آهن، پر اڄڪلهه سڀني بحرن ۾ مثنوي لکي وڃي ٿي. سنڌي زبان ۾ ڪيترين ئي رزميه، رومانوي ۽ تاريخي مثنويون لکيون ويون آهن. مير حسن علي خان (1424_1907ع) مشهور رزميه مثنوي 'فتح نامه سنڌ' عرف 'سنڌ جو شاهنامو' لکي. ان کان سواءِ 'مثنوي عشق' مخدوم طالب المولي' (1919_1993ع) جي لکيل آهي ۽ ٻيون به ڪيتريون ئي مثنويون لکيون ويون آهن.

**مجازِ مُرسل:**

جيڪڏهن ڪو شاعر، ڪنهن شيءِ جي عام نالي وٺڻ بدران ان شيءِ جو نالو ڪٺي وٺي، جنهن منجهان اها شيءِ اصل ٺهيل هجي يعني جز کي ڇڏي ڪل کي استعمال ڪري يا وري ڪل کي ڇڏي جز کي استعمال ڪري ته اهڙي صنعت کي مجاز مرسل چئبو آهي.

**مجازي:**

فرضي، غير حقيقي، مجازي اصطلاح خاص طور تي صوفي بزرگن 'مجازي عشق' لاءِ استعمال ڪيو آهي.

**مجازي لولي :**

مجازي لوليءَ ۾ وڇڙيل دل جي دانهن هوندي آهي. هن سلسلي ۾ معشوق لاءِ احساسات جي ترجماني هوندي آهي. سنڌيءَ ۾ گهٽ سرائڪيءَ ۾ اهڙيون لوليون وڏيڪ چيون ويون آهن.

**مجموعو** (Collection):

شاعري، مضمونن يا ڪهاڻين وغيره جي گڏيل شايع ٿيل ڪتاب کي شاعري يا ڪهاڻين يا مضمونن وغيره جو "مجموعو" چيو ويندو آهي.

**محاڪات** (Imagery):

ڪنهن شيءِ يا ڪنهن حالت جي جيئري جاڳندي نقشي کي جنهن کان انهيءَ شيءِ يا انهيءَ حالت جي تصوير اکين اڳيان ڦري وڃي، تنهن کي

محاڪات چوندا آهن. شاعر پنهنجي محاڪات جي قوت سان پنهنجن خيالن ۽ مشاهدن جو فوٽو ڪڍي ٿو. جهڙي طرح هڪڙي مصور کي تصوير ڪڍڻ جي لاءِ جدا جدا شين جي ضرورت پوندي آهي، تهڙيءَ طرح شاعر کي محاڪات يا عڪسيت بہ جي لاءِ تشبيهہ ۽ تمثيل جي ضرورت ٿيندي آهي، پر فرق اهو آهي جو مصور رڳو محسوس شين کي پنهنجي رنگ ۽ روغن سان چمڪائي ٿو سگهي ۽ شاعر پنهنجي محاڪات سان غير محسوس شين کي پڻ ڏيکاري سگهي ٿو.

**محاورو** (Idiom):

عربي لفظ 'حَاوَرَ' جو اسم مصدر 'محاورة' ڄاڻايو ويو آهي، جنهن جي معنيٰ ٿي ورندي، وراڻي (جيڪا ڳالهہ وراڻي ڇڱجي يعني جواب) مڪالمو يا مباحثو. اهو مروج استعمال جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي ۽ اکري معنيٰ بدران، ٻوليءَ جي رواج مطابق ٻي معنيٰ ڏيندو آهي، انهيءَ کي 'محاورو يا اصطلاح' چئبو آهي لفظ 'محاوري' جي اشتقاق ۽ مختلف لغتن مان جيڪا معنيٰ ۽ مفهوم سامهون اچي ٿي تن مان اهو ٿي اخذ ٿئي ٿو تہ لفظ 'اصطلاح' ۽ 'محاورو' بہ مختلف اسم آهن. يقيناً انهن جي استعمال ۾ بہ فرق هوندو.

**مخزن:**

"مخزن" لفظ رسالي لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. 'فيروز اللغات' مطابق "مخزن" جي معنيٰ خزاني جا گدام، ذخيرو، اسٽور ۽ جمع ڪرڻ جي جاءِ، ادبي طور مخزن مان مراد آهي معلومات جو خزانو يا ذخيرو.

**مخطوطات:**

هي فارسي زبان جو لفظ آهي، جنهن مان مراد اهي قلمي نسخا يا خطي نسخا آهن، جيڪي عجائب گهرن، سرڪاري لائبررين، ذاتي ڪتب خانن ۾ قلمي صورت ۾ پيل آهن.

**مخفف** (Abbreviation):

مخفف جو مطلب آهي گهٽايل، ننڍو ڪرڻ. ڊگهن نالن، ادارن کي مختصر نموني پيش ڪرڻ. مثال طور سگا =سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن. يا وري ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لاءِ ن. ب. ب، محمد ابراهيم جويي جو مخفف م. ا. ج. اهڙي طرح جيئن 'نيٽو' ۽ 'ريڊار' اصل ۾ مخفف آهن (اصل لفظ آهن نارٿ ايٽلانٽڪ ٽريٽي آرگنائيزيشن = (NATO) ۽ ريڊيو ڊٽيڪشن اينڊ رينجنگ =(RADAR).

**مخمس** (Quentin):

مخمس "معنيٰ پنج، هي لفظ عربيءَ جي "خمس" مان نڪتو آهي. هيءَ شاعراڻي صنف آهي، جنهن جي هر بند ۾ پنج سٽون هونديون آهن؛ پهرين بند جون پنج ئي سٽون هم قافيه هونديون آهن ۽ ٻين بندن ۾ شروعاتي چار سٽون هم قافيه ۽ پڇاڙي واري يعني پنجين سٽ پهرين بند جي پڇاڙيءَ واري سٽ سان هم قافيه هوندي آهي. هن قسم جا شعر اڪثر ڪري قصن ڪهاڻين يا ڪنهن بياني مضمون لاءِ چيا ويندا آهن.

**مدح / مداح** (Madah):

مداح جي معنيٰ آهي "ساراهه" يا واکاڻ. سنڌ ۾ مداح جو شعر ايڏو تہ مقبول آهي جو مسجدن، مدرسن، درگاهن، خوشين جي موقعن، شادين ۽ عيدن وغيره تي پڙهيون ويندیون آهن. مداح ۾ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم ۽ اصحابن سڳورن يا ڪن بزرگن هستين جي شان ۾ ساراهه يا تعريف ڪئي ويندي آهي، جيڪا ڪنهن دنياوي طمع سببان نہ پر خالص دلي محبت ۽ عقيدت سان ڪئي وڃي ٿي. مداحون علم عروض جي قاعدي مطابق چيون ويندیون آهن. ڪي مداحون الف اشباع واري طرز تي چيل آهن. سنڌي زبان جو پهريون مدح خوان جمن چارڻ (1668_1738ع) ٿي گذريو آهي.

**مذاقي ڪتاب** (Comic books):

مزاحيہ ٽوٽڪن، لطيفن جا ٻاراڻا ڪتاب. هن قسم جا ڪتاب انگريزن جي دؤر ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪافي تعداد ۾ شايع ٿيا.

**مذهبي ڪهاڻيون** (Religious Tales):

سنڌي زبان ۾ مذهبي ۽ ڌرمي ڪتابن جا ڪيترائي ٻاراڻا ۽ وڏن جا ڪتاب لکيا ۽ ترجمو ڪيا ويا آهن. هنن ڪهاڻين ۾ پيغمبرن، رسولن، ولين ۽ اوتارن جون ڪهاڻيون ملن ٿيون. سنڌ ۾ ٻارن جي نصيحت ۽ ڄاڻ لاءِ سنڌي ادبي بورڊ طرفان "قرآني ڪهاڻيون" شايع ٿيون. سنڌيڪا پاران پيغمبر صلعم جي زندگيءَ بابت "نصيحت ڀريون ڪهاڻيون" (ٽي حصا) شايع ٿيون آهن. اهڙي نموني الله جي ولين، درويشن، خدا ترس انسانن ۽ ڏاهن بابت ڪيتريون ئي نصيحت آموز ڪهاڻيون شايع ٿيون آهن.

**مربع** (Muraba):

"مربع" عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، "چئن مصرعن وارو شعر". اصطلاحي معنيٰ موجب، مربع اهو نظم آهي، جنهن جي هر هڪ بند ۾ چار هم وزن مصرعون هونديون آهن. هن جو پهريون بند اڪثر سجوئي هڪ قافيہ ٿيندو آهي ۽ باقي هر هڪ بند جون پهريون ٽي مصرعون پاڻ ۾ هم قافيہ هونديون آهن، پر چوٿين مصرع جو قافيو وري پهرئين بند جي قافيي سان مواقف ٿيندو آهي.مربع ۾ هر ڪنهن قسم جو مضمون آڻي سگهجي ٿو. سنڌيءَ ۾ ان قسم جي صنف "چوَسٽا" آهي.

**مرثيو**(Elegy):

مرثيو عربيءِزبان جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "فوت ٿي ويل جو بيان". مرثيو دراصل نظم آهي جنهن ۾ ان فوتيءَ جون خوبيون ۽ خصوصيتون نروار ڪيون ويندون آهن. پر مرثيو ان شعر کي چيو ويندو آهي جنهن ۾ حضرت امام حسين ۽ سندس ساٿين جي شهادت/واقعہ ڪربلا جو ذڪر هجي. سنڌي شاعري جي تاريخ ۾ سيد ثابت علي شاهہ (1740_1810ع) ان جو صنف جو باني سمجهيو وڃي ٿو. ثابت علي شاهہ جي مرثين جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ مرثين ۾ مقامي رنگ پڻ لاءِ هن "سنڌي سماجي جيوت" جي ڪيترن ئي پهلوئن کي نج سنڌي لفظن ۽ محاورن ۾ سنواري موزون ڪيو آهي.

**مرجز نثر:**

"مرجز" جي معنيٰ آهي "وزن وارو". هن قسم جي نثر ۾ گڏ آيل فقرا (جملي جا ٽڪرا) پاڻ ۾ موافق ۽ موزون هوندا آهن: يعني اهو نثر، جنهن ۾ وزن بہ هجي قافيو بہ هجي. هت نثر مرجز جو هڪ مثال ڏجي ٿو جو مرحوم مرزا قليچ بيگ جو لکيل آهي:

"سواءِ ذڪر قادر ڪارساز جي وقت وڃائڻ ۽ سواءِ شغل خالق ڪردگار جي حياتي گذارڻ، نسورو نقصان آهي."

**مردف** (Mardaf):

شاعريءَ جي اصطلاح ۾ مردف جي معنيٰ آهي رديف وارو شعر. قصيدو، غزل يا قطعو، جنهن ۾ رديف ڪان ڪم ورتو ويو هجي. رديف واري غزل کي مردف غزل چيو ويندو آهي.

**مرڪزي خيال** (Central Idea):

مرڪزي خيال جو مقصد آهي بنيادي خيال، اهو ادبي دائرو، جنهن ۾ شاعر يا ليکڪ پنهنجي شعر يا تحرير جو بنيادي نڪتو رکيو هجي. مطلب ته ليکڪ بنيادي طور ڪهڙو پيغام ڏنو آهي، اهو ئي سندس شعر يا تحرير جو مرڪزي خيال چئبو.

**مزاح** (Humour):

مزاح نگاريءَ ۾ ٻوڪ ٿي هوندو آهي. انگريزيءَ ۾ ان کي Humour چيو ويندو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي کل، ٻوڪ، مسخري ۽ مذاق. مزاح لفظي به ٿيندي آهي ته واقعاتي به. سنڌ ۾ ٻوڪ چرچو جو رواج عام آهي. اڳ ڏاڍا قابل مسخرا هوندا هئا جيڪي پنهنجن گفتن سان ماڻهن جي دل وندرائيندا هئا.سنڌي شاعريءَ ۾ رشيد ڀٽي، نور عباسي وغيره ڪهاڻين ۾ ڪروڙ پتي، علي احمد بروهي، ڊرامن ۾ مرزا قليچ بيگ، امر جليل وغيره جا نالا قابل ذڪر آهن. اهڙي طرح حليم بروهي، قمر شهباز، شمشير الحيدري جا نالا به ان ڏس ۾ اچي وڃن ٿا.

**مزاحمتي ادب** (Literature of Resistance):

ادب ملڪي حالتن جو ردعمل هوندو آهي. جيڪڏهن ملڪي حالتون عوامي ڀلائيءَ لاءِ سٺيون نه هونديون ته ان جو ردعمل ادب ۾ جابجا موجود هوندو آهي. مطلب ته مزاحمتي ادب، اهو ادب آهي جنهن ۾ ملڪي، ناانصافين، ناهموارين جي خلاف مزاحمت جو عنصر موجود هجي. سنڌي شاعريءَ ۾ اهو لاڙو صوفين وٽ وڌيڪ ملي ٿو. شاهه لطيف سچل سرمست ۽ شيخ اياز، ابراهيم منشي ۽ استاد بخاري کي مزاحمتي شاعر مڃيو ويو آهي. سنڌ جي مشهور افسانه نگار امر جليل ون يونٽ واري دور جي ادب کي "مزاحمتي ادب جو دور" سڏيو آهي.

**مزاحيه رزميه شاعري:**

اها شاعري جنهن ۾ پڙهندڙن جي تفريح طبع لاءِ مزاح جو عنصر موجود هجي يا جنهن ۾ ڪنهن جي مڪمل رزميه شاعري جواب ۾ مزاحيه شاعري ڪئي وڃي يا ان جي مذاق اڏائي وڃي. سنڌيءَ ۾ شمس الدين بلبل مزاحيه شاعر ڪئي آهي.

**مسبع** (Septet):

"مسبع" عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "ستن مصرعن وارو شعر". اصطلاحي معنيٰ موجب، مسبع اهو نظم آهي، جنهن جي هر هڪ بند ۾ ست

مصرعون ٽين ٽيون، جن مان پهريون ڇهه مصرعون هڪ ٻئي سان هموزن ۽ هم قافيه ٿينديون آهن ۽ ستين مصرع مٿين ڇهن مصرعن سان وزن ۾ ساڳي، پر قافيي ۾ مختلف هوندي آهي. مسبع جو پهريون بند اڪثر سجوئي هم قافيه ٿيندو آهي ۽ باقي هر هڪ بند جي پوئين (ستين) مصرع پهرئين بند سان هم قافيه هوندي آهي شاعريءَ جي هن صف ۾ هر قسم جو موضوع پيش ڪري سگهجي ٿو.

**مستزاد** (Mustazad):

"مستزاد" عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "وڌايل". اصطلاحي معنيٰ موجب، اهو شعر جنهن ۾ هر هڪ مصرع کان پوءِ يا ٻه موزون الفاظ قافيي وار وڌائي پيش ڪيل هجن ۽ اهو وڌايل ٽڪرو ان شامل مصرع سان هم قافيه هجي. البت وڌايل ٽڪرو قافيي کان بغير به آڻي سگهجي ٿو پر بهتر ائين آهي ته جنهن مصرع جو وڌايل ٽڪرو هجي، اهو انهيءَ مصرع جي قافيي سان برابر هجي. اهڙي شعر کي "ڏيڍو شعر" چئبو آهي. اهڙي قسم جون ٻه مصرعون گڏجي سان هڪ بند ٺهندو آهي ۽ ائين ڪجهه بند ملائي هڪ نظم تيار ڪيو ويندو آهي؛ جنهن جي پهرئين بند کي غزل وانگر "مطلع" چئبو آهي.

**مستشرقين** (Orientalist):

اهي مشاهير عالم جن جو تعلق يورپ ۽ ٻين ملڪن سان هو پر انهن سنڌي علم، ادب ۽ ٻوليءَ بابت لکيو يا تحقيق ڪئي آهي. انهن کي مستشرقين چئبو آهي. مثال طور ارنيسٽ ٽرمپ، جارج اسٽئڪ، رچرڊ برٽن، لئمبرڪ، اينمري شمل ۽ ٻيا شامل آهن. مختيار احمد ملاح اهڙن عالمن تي ڪتاب "مغربي سنڌي شناس" لکيو آهي.

**مستقبل بيني** (Futurism):

ادبي ۽ فني تحريڪ جيڪا 1905ع ۾ Thomas Marinelti شروع ڪئي. بوڪ سيان (Boccion) ۽ سيوريني (Severini) جهڙا اطالين فنڪار هن تحريڪ جا باني هئا. ڪينواس تي حرڪت (Motion) پلٽائڻ هن تحرڪ سان لاڳاپيل فنڪارن هن عمل جي وسيلي ترقي پذير دنيا جو فني اظهار چاهيو ٿي، دنيا جيڪا تيز رفتار موٽر ڪارن ۽ ميڙاڪن سان ڀريل روڊن جي دنيا آهي. دنيا جي تيز رفتاري ۽ وڌندڙ صفتي اثر جي ڪري زندگيءَ تمام اڳتي ڏسڻ يعني زمان حال ۾ ويهي مستقبل

ڪي جتني طرح ڏسڻ، پرکڻ هن تحريڪ هيٺ ادب ۽ موسيقي ۾ روايتي گهاڙيتن سان نڪري حرڪت ۽ اوسر کي ظاهر ڪرڻ لڳي. سنڌي جو نوجوان ڪهاڻيڪار طارق قريشي مستقبل بيني ۽ سنيون ڪهاڻيون لکيون آهن.

**مستي**(Estaey):

مستيءَ جي تعريف هن طرح ڪري سگهجي ٿي ته "مستي عشق الاهيءَ جي حد ڪمال جي نشاني آهي ۽ عشق جي انتهائي منزل آهي." مطلب ته قلندري طريقو ظاهري عبادتن ۽ رياضتن سان گڏ مستي، جوش، جذبي، محويت ۽ استغراق تي گهڻو زور ڏئي ٿو. قلندري طريقو حضرت سيد جمال مجرد کان شروع ٿيو. جيڪو وڏو عالم ۽ فاضل هو. چيو وڃي ٿو ته حضرت قلندر شهباز جو قلندري مسلڪ، سيد جمال مجرد جي سلسلي سان مليل ٿو.

**مسجع نثر:**

"مسجع" کي مقفيٰ— قافيي وارو" به ڪري چئبو آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "قافيي وارو نثر "هن قسم جي نثر ۾، فقرن (جملي جي ٽڪرن) جي پڇاڙيءَ ۾ لفظ عام طرح هڪ جهڙي آواز ۾ هوندا آهن: يعني اهو نثر جنهن جي فقرن جي آخر ۾ قافيي وارا لفظ هجن هن قسم جي نثر ۾ وزن جو هجڻ لازمي نه آهي.

**مَسخرو** (Comedian):

هي مزاحيه شخص هوندو آهي، جيڪو ماڻهن کي کلائيندو آهي. ڊرامي يا فلم ۾ مزاحيه ڪردار ادا ڪندڙ اداڪار. سنڌي اسٽيج ڊرامن ۾ هڪ مزاحيه اداڪار يا مسخري جو ڪردار ضرور رکيو ويندو هو. جيڪو اسٽيج تي ويٺل تماشائن کي پنهنجي مڪالمن ۽ اداڪاريءَ سان دل وندرائيندو هو.

**مسدس** (Musdas):

هي اهو شعر آهي جنهن جي هر بند ۾ ڇهه سٽون هونديون آهن. هر هڪ بند جون پهريون چار سٽون پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن ۽ پويون به سٽون پاڻ ۾ هم قافيه هونديون آهن.

**مشابهه لفظ (هم آواز)** (Homonyms):

ڪنهن به ٻوليءَ ۾ ساڳيو آواز رکندڙ ڪيترائي لفظ هوندا آهن، پر انهن لفظن جون معنائون الڳ هونديون ۽ اڪثر ڪري املا به الڳ هوندي آهي. اهڙن هم آوازن لفظن کي مشابهه لفظ به چيو ويندو آهي.

**مشاعرو** (Poetic Gathering):

مشاعرو شاعرن جي مجلس يا تقريب کي چئبو آهي. بلڪ اديبن جون عام گڏجاڻيون ادبي تنقيد ۽ اصلاح جو بہ سبب بڻجندا آهن. مشاعري ۾ شاعرواري واري سان پنهنجو ڪلام پڙهندا آهن ۽ داد حاصل ڪندا آهن. انگريزن جي دؤر کان سنڌ ۾ مشاعرن جي شروعات ٿي، جنهن سان سنڌي شاعريءَ تمام گهڻي ترقي ڪئي، خاص طور تي عروضي شاعري پنهنجي عروج تي پهتي. مشاعرن جي ڪري ادبي جماعتون بہ وجود ۾ آيون آهن. اشاعتي ادارا ۽ نامور شاعر بہ پيدا ڪيا آهن.

**مشاهدو** (Observation):

هڪ شاعر ۾ نہ فقط حسن جي مشاهدي ۽ حقيقت جي پروڙ جي قابليت هجڻ گهرجي، پر ان سان گڏ هڪ ٻئي هنر جو هجڻ پڻ ضروري آهي، جنهن کي شعري صنعت چئجي ٿو. شاعر ان صنعت جي وسيلي، پنهنجي خيالن ۽ جذبن کي اهڙن عمدن ۽ اثرائتن لفظن ۾ اهڙي سليس پر رنگين عبادت ۽ اهڙن نون ويسن، ورڻن ۾ اهڙي ڍنگ ۽ طرز سان بيان ڪري ٿو جو پڙهندڙن جون دليون بي اختيار ڇڪجيو وڃن.

**مصرع** (Stanza):

”مصرع“ عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي، ”دروازي جو هڪ طاق“. اصطلاحي معنيٰ موجب، شعر جي هڪ سٽ يا وڏيڪ سٽون، جنهن ۾ شاعر مختلف لفظن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري ۽ ڪين لڙهيءَ ۾ پوئي موزون طريقي سان پيش ڪري. اهڙيون بہ مصرعون گڏ اچڻ سان شعر ٺهي پوندو. هڪ ڊگهي نظم ۾ اهڙي قسم جون ڪيتريون ئي مصرعون آئي سگهجن ٿيون.

مستزاد تي جوڙيل نظم ۾ مطلع جون ٻئي مصرعون وڌايل ٽڪري سميت هڪ ٻئي سان هم وزن ۽ هم قافيہ ٿينديون آهن ۽ باقي بندن مان هر هڪ بند جي پهرين مصرع ۾ ان جو وڌايل ٽڪرو پاڻ ۾ هم قافيہ ٿيندا آهن، پر مطلع سان ساڳئي قافيي ۾ نہ هوندا آهن. البت انهن جو وزن مطلع سان موافقت رکندو آهي ۽ ٻي مصرع ساڳئي وزن ۾ پهرئين بند جي ٻنهي مصرعن يعني مطلع سان هم قافيہ ٿيندي آهي.

**مصنف** (Writer):

[صنف=ناھڻ، جوڙڻ] ناھيندڙ، جوڙيندڙ، ڪتاب جوڙيندڙ يا ڪتاب لکندڙ يعني ليکڪ. ڪتاب جو، مضمون جو يا ڪنھن به لکيل مواد جو ليکڪ. علم و ادب جي ڪنھن به صنف جي ليکڪ کي مصنف چيو ويندو آھي.

**مضمون** (Essay):

لفظ "مضمون" سنڌي زبان ۾ تمام وسيع مفهوم رکي ٿو. ان جو استعمال ڪيترين معنائن ۾ ٿئي ٿو. مثال طور نثر جي ڪنھن به بياني لکت، ان جي موضوع (Subject)، متن(Text) ، عنوان (Topic)، مرڪزي خيال (Them) يا شعر جي مواد (Content) کي عام طور مضمون سڏيو ويندو آھي. اردو ۾ مضمون کي 'انشائيہ' چيو ويندو آھي. جيتوڻيڪ ٻنھي اصطلاحن ۾ فرق بہ آھي. لفظ مضمون عربي ٻوليءَ جي لفظ "ضمن" مان ورتل آھي، جنھن جي معنيٰ آھي "گڏ ڪرڻ". ان ڪري ڪنھن بہ موضوع کي دليلن، مثالن ۽ حوالن سان تشريح، وضاحت، مناسب ترتيب ۽ موزون لفظن کي پيش ڪرڻ کي مضمون چئبو آھي. لفظ مضمون جي وصف اسان وٽ انگريزي لفظ Essay مان آئي آھي. "ايسي" (Essay) فرانسيسي ٻوليءَ جي لفظ "Essai" مان ورتل آھي، جنھن جي معنيٰ آھي "سعيو" يا "ڪوشش" (Attempt) ڪرڻ. ان جو مطلب ٿيو تہ مضمون ڪنھن موضوع تي لکڻ جي ڪوشش جو نالو آھي، مضمون نگاريءَ جو بنياد فرانسيسي دانشور مائيڪل ڊي مانٽين (1533_1592ع) وڌو. سندس ابتدائي تخليقون 1650ع ڌاري مجموعن ۾ آيون. ھن پنھنجي ذاتي تاثرن ۽ تخليقي جي روپ ۾ شايع ٿيل لکيٺن کي "ايسز" (Esais) جو نالو ڏنو. انگريزيءَ ۾ فرانسسز بيڪن (1561_ 1626ع) ھن صنف کي مشھور ڪيو. سنڌيءَ ۾ مضمون نگاري انگريز دَور کان زور ورتو. مرزا قليچ بيگ، ڏيارام گدومل، پرمانند ميوارام، ڀيرومل مھرچند، لعلچند امرڏنومل، ڄيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر دائود پوٽي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، عبدالحسين موسوي، عثمان علي انصاري، ڊاڪٽر بلوچ، محمد ابراھيم جويو، ھيري ٺڪر، ڪيرت ٻاٻاڻي، مرليڌر جيٽلي، اي. جي. اتم، ستيش روھڙا ۽ ڊاڪٽر فھميده حسين ۽ ٻين مضمون جي صنف کي وڌي ھٿي ڏني آھي.

**مطلع** (Starting Stanza):

"مطلع" عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معني آهي ، "اڀرندڙ ظاهر ٿيندڙ " اصطلاحي معنيٰ ۾ قصيدي يا غزل جي شروعاتي يا پهرئين بند جي ٻن مصرعن کي "مطلع" چئبو آهي. هن ۾ ٻنهي مصرعن قافيي وارين هونديون آهن؛ يا وري قافيي سان گڏ رديف به شامل هوندو آهي. خاص ڪري غزل ۾ مطلع جو هجڻ تمام ضروري آهي. باقي ٻين شعرن ۾ انهيءَ جي ايتري ضرورت نه هوندي آهي.

**مطلقيت** (Absolutism):

اهو هڪ اصول يا نظريو آهي، جنهن مطابق ڪنهن به فنپاري جي پرک ڪرڻ لاءِ نج پڪا پختا ۽ نه بدلجندڙ معيار موجود هوندا آهن. هن مطلقيت يا نجپڻي واري نظريي موجب اهڙا قدر بنيادي ۽ اٽمت هوندا آهن.

**معاوضو**(Honorarium):

ڪنهن عالم و اديب کي سندس لکت لاءِ اعترافي طور معاوضي جي رقم يا انعام. هونئن ته ڪنهن به عالم يا اديب جي خدمتن جو معاوضو طئي ڪري نٿو سگهجي پر ڪنهن به تنظيم، اداري ٻاران اعزازي ۽ اعترافي ادائگي ڪرڻ.

**معجزائي ڊراما** (Miracle Plays):

انگريزي ڊرامي جي تاريخ تي نظر وجهڻ سان خبر پوي ٿي ته سڀ کان اول معجزائي ۽ ڪرشماتي موضوع وارا ڊراما لکيا ويا. اهڙي قسم جا ڊراما هميشه پادري ڪندا هئا. جن پادرين وٽ مخصوص قسمن جي گاڏن مٿان اسٽيج ٺهيل هوندي هئي، سي انهن گاڏن کي هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ ڪاهي ويندا هئا ۽ ماڻهن کي ڊراما ڪري ڏيکاريندا هئا. هنن ڊرامن ۾ پادري خود اداڪاري ڪندا هئا ۽ سندن موضوع مذهبي قدرن تي ٻڌل هوندو هو. هنن ڊرامن ۾ حضرت عيسيٰ ۽ ٻين وڏن پادرين جا معجزا ڏيکاريا ويندا هئا.

**معجزو**(Miracle):

معجزو، مذهبي لوڪ شاعريءَ جي صنف آهي، جنهن ۾ بيتن جي صورت ۾ معجزن جو ذڪر ڪبو آهي.

معجزو عربي لفظ، "معجزه" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ اهو ڪم جيڪو ڪرشماتي هجي، جنهن تي ظاهري طرح ويساهه نه اچي. معجزن ۾ نبين سڳورن جي واقعن بابت شاعري موجود هوندي آهي.

**معذوري(سُر)** (Maazoori):

"معذوري" عربي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي بيحال يا ضعيف. هن سر ۾ سسئيءَ جي عاجزيءَ جو احوال آيل آهي. ان کان علاوه شاهه لطيف هن سر ۾ طالب جي ڪشالن جو ذڪر ڪري ٿو. ڪيس نفس ٿو ستائي پر هو مرشد جي صورت اڳيان رکي سيني نفسن تي غالب اچي ٿو وڃي.

**معرفت**((Stage of Spiritualism):

هيءَ صوفين جي چوٿين ۽ آخري منزل آهي، جنهن طالب کي حق (خدا، سچ، فطرت) جو عرفان حاصل ٿئي. هن منزل ۾ سالڪ، رب کي سڃاڻي ٿو، جنهن ڪري ڪيس هر شئي ۾ حق جو جلوو ۽ جمال نظر اچي ٿو. شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ صوفين جي چئن منزلن جو ذڪر پنهنجي شاعريءَ ۾ هن طرح ڪيو آهي:

ساري سک سبق، شريعت سندو سوهڻي،
طريقتا تکو وهي، حقيقت جو حق،
معرفت مَرڪ، اصل عاشقن کي.

**معروضيت** (Objectivity):

معروضيت جو مطلب آهي "اڻ ڌريو ٿيڻ" .أدب جي دنيا ۾ اديب جي معروضيت معروضي رويو، معروضي طرزِ عمل، معروضي طرزِ مشاهدو، معروضي پيشڪش، معروضي تصوير ڪشيءَ جو مطلب اهو آهي ته ليکڪ جيڪي ڪجهه پيش ڪري ٿو، ان ۾ سندس ذات ۽ شخصي رنگ شامل نه آهي، بلڪ هو اڻ ڌريو بڻجي ڪنهن حسد ۽ وڏاءَ کان سواءِ حالتن جي عڪاسي ڪري رهيو آهي.

**معريٰ نظم** (Blank Verse):

انگريزي ۾ بلئنڪ ورس جي لفظي معنيٰ آهي "خالي/سڪڻو/معريٰ نظم اصطلاحي معنيٰ موجب اهو نظم جنهن ۾ قافيو نه هجي يا ان جي پابندي نه هجي. پابند ۽ معريٰ نظم هڪ ٻئي جي ابتڙ ٿيا يعني پابند نظم ۾ قافيو ضروري آهي ۽ معريٰ نظم ۾ قافيي جي آزادي آهي.

**مفروضو**(Hypothesis):

مشاهداتي حقيقتن ۽ اڳ جمع ڪيل معلومات جي آڌار تي ماهر ذهني اندازا لڳائيندا آهن ته مختلف سوالن جا ڪهڙا موزون جواب ٿي سگهن ٿا. اهڙو

ذهني اندازو جيڪو بيان جي صورت ۾ هجي ان کي مفروضو (Hypothesis) سڏيو وڃي ٿو. تحقيق جي ميدان ۾ محقق ڪنهن مفروضي ۾ يقين رکي ان کي ثابت ڪرڻ لاءِ تحقيق ڪندو آهي.

**مقالو** (Treatise):

مقالو ڪنهن به موضوع تي طويل مضمون هوندو آهي، جنهن ۾ موضوع بابت ڪوجنا ۽ حتمي دليل، حوالن سان شامل هوندا آهن. عمومي طور مضمون ۽ مقالي ۾ فرق نه سمجهيو ويندو آهي ۽ ٻنهي صنفن کي هڪ ٿي ڄاڻيو ويندو آهي، ليڪن بنيادي طور مضمون ۽ مقالو ٻه جدا شيون آهن. مضمون لکڻ لاءِ ايتري تحقيق ڪلنه ڪبي آهي مگر مقالو تحقيقي آهي، ان ۾ حاصل ڪيل حوالن جي تحقيقي ڇنڊڇاڻ ڪان پوءِ، ڪنهن نتيجي تي پهچبو آهي، مقالي لاءِ صفحن جو قيد نه هوندو آهي.

**مقاميت نگاريءَ جو لاڙو** (Regionalism):

ڪنهن به ادبي لکڻيءَ ۾ مقامي رنگ، ثقافت، ريتن رسمن ۽ منظرن کي پيش ڪرڻ کي مقاميت نگاري چيو ويندو آهي. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ کان وٺي موجوده جديد ادب تائين سنڌي شاعريءَ ۽ نثري لکڻين ۾ مقاميت جو لاڙو موجود رهيو آهي. خاص طور تي ورهاڱي کان پوءِ واري سنڌي ادب ۾ "سنڌيت"، ٻولي قومي ڏڻ ثقافت، ريتون، رسمون، ٻوليءَ جو تز استعمال ۽ ملڪي منظرن جي عڪاسي ڪرڻ سنڌي اديب پاڻ تي اخلاقي فرض سمجهيو آهي. شاهه ڪريم، شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي ڪلام ۾ هي لاڙو چٽو ۽ عيان نظر ايندو. اهڙي طرح جديد دور جا اديب ۽ شاعر شيخ اياز، استاد بخاري، نسيم کرل، رسول بخش پليجو، عبدالڪريم گدائي، عبدالقادر جوڻيجو سراج ميمڻ شوڪت شورو وغيره بهترين مقاميت نگاريءَ کي اهميت ڏيندا رهيا آهن.

**مقدمو:**

ادبي دنيا ۾ مقدمي جو مقصد آهي ڪنهن به ڪتاب تي دليلن ، حوالن ۽ ذاتي تجربي آهر ڀرپور نموني راءِ ڏيڻ. ڪنهن تصنيف يا ترتيب ڏنل ڪتاب تي مصنف، مرتب يا ٻيو ڏاهو يا ڄاڻو اديب مقدمو لکندو آهي. مقدمو مهاڳ کان وڌيڪ تحقيقي ۽ اثرائتو هوندو آهي.

**مقطع:**

"مقطع" عربي لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي، "وڍيندڙ يا ڪاٽيندڙ". اصطلاحي معنيٰ ۾ غزل يا قصيدي جو اهو آخري ٻن مصرعن وارو بند، جنهن تي سڄو نظم اچي پورو ٿئي، مقطع ۾ شاعر اڪثر پنهنجو تخلص آڻيندا آهن. پوءِ اهو شاعر تي منحصر آهي ته، هو انهيءَ ۾ پنهنجو تخلص پيش ڪري يا نه، جنهن لاءِ ڪا به پابندي نه آهي.

**مڪالما** (Dialouges):

ڊرامن ناولن ۽ افسانن ۾ مختلف وقتن تي ڪردار ڳالهائيندا آهن ۽ انهن جي واتان ادا ٿيندڙ جملن کي مڪالما چئبو آهي. مڪالمي جو مطلب ڪلام ڪرڻ، گفتگو ڪرڻ آهي. هڪ سٺي ناول لاءِ اهو ضروري آهي ته ناول نگار ڪردارن کان اهڙا جملا ڳالهرائي، جيڪي نه صرف معنيٰ خيز هجن، پر من کي موهيندڙ به هجن.

مختصر افساني ۾ مڪالمن جو اهم ڪردار هوندو آهي. سٺن مڪالمن ذريعي ئي هڪ ڪهاڻي دلچسپ ٿئي ٿي. ان جو ثبوت امر جليل جا افسانا آهن، جن ۾ مڪالما شاندار هوندا آهن. مڪالمن جو اثر ڪردار نگاريءَ تي به پوي ٿو ڇو ته مڪالما ڪردارن کي واضح ڪندا ۽ ڪهاڻيءَ کي اڳتي وڌائيندا آهن. ڪردارن جي زبان فطري هجڻ گهرجي يعني مڪالما ڪردارن جي ذهني سطح ۽ سماجي حيثيت مطابق هجن.

**مڪتبہ فڪر** (School of thought):

مڪتبهء فڪر مان مراد ڪنهن علم يا فڪر، نظريي يا انداز فڪر سان واسطو رکندڙ ڄاڻو ۽ پوئلڳ، نظريو، ادارو، دبستان وغيره جن جي سوچ ۽ نقطهء نظر ساڳيو هجي.

**مڪتوبات:**

مڪتوبات نثري ادب جي هڪ صنف آهي. هن صنف ۾ ڪنهن اهم شخصيت، بزرگ، سياستدان، سماجي ڪارڪن يا اديب جا مڪتوبات محفوظ ڪيا ويندا آهن، جن ۾ اهڙي شخصيت جا خط، دستاويز، دستخط، بياض، آٽوگرافس ۽ تصويرون وغيره شامل هونديون آهن. صرف خطن تي مشتمل

ڪتابن کي مڪتوبات چئبو آهي، جهڙوڪ: 'مڪتوبات الامين' ڪتاب ۾ سياستدان امين کوسي جا مختلف شخصيتن کي لکيل خط شامل آهن.

**مڪعب پسندي** (Cubism):

مڪعب پسنديءَ جي تحريڪ فائو وزم (Fauvism) جي رد عمل ۾ پکڙي هئي. هن تحريڪ ۾ شڪلين کي مرڪزيت قرار ڏئي انهن کي ٽڪنڊن ۽ سريکن مثالن ۾ اهڙي طرح ورهايو ويندو هو. جو چونڊيل موضوع جاميٽريءَ جي سلسليوار شڪلين ۾ ڍلجندو ويندو هو. هيءَ تحريڪ مصوريءَ جي اهم تحريڪ آهي، جنهن جا اڳواڻ پڪاسو ۽ براق هئا.

**ملاحن جو گيت** (Song of Boatsman):

اهو گيت، جيڪو ملاح پتڻ تان سامان کڻهن تي ڪٽي ٻيڙين/جهازن ۾ رکڻ دوران ڳائيندا آهن.

**ملفوظات** (Malfuzat):

ملفوظات جي لغوي معنيٰ آهي 'زبان مان نڪتل ڳالهه'. هن نثري صنف ۾ اعليٰ، معتبر شخصيت جا احوال، آثار ۽ سندن اقوالن کي قلمبند ڪيو ويندو آهي، ان قسم جي نثر کي 'ملفوظات' چئبو آهي، اهڙي قسم جا ٻه ڪيترائي ڪتاب سنڌي زبان ۾ لکيل آهن.

**مناجات** (Manajat):

شاعري ۾ عاجزي ۽ التجا سان گهريل دعا. مناجات مذهبي شاعريءَ جو قسم آهي.مناجات عربي لفظ ناجيٰ مان نڪتل آهي. مداح وانگر هي ٻه خاص قسم جو شعر آهي. هن ۾ شاعر پنهنجي ڏکن ۽ تڪليفن جو حال اوري ڏئي تعاليٰ کان سوال گهري ٿو ۽ ٻاڏائي ٿو. ڪن حالتن ۾ پنهنجي ذاتي عقيدت جي بنياد تي پيغمبر صلي الله عليه وآله وسلم، اصحابن سڳورن، اولياءَ الله ۽ درويش کي ٻه واسطي طور ڪم آندو ويندو آهي.

مداح ۽ مناجات ۾ خاص فرق هيءُ آهي ته مداح ۾ خاص مضمون ساراهه ۽ تعريف جو هوندو آهي ۽ ضمني طور سوال يا عرض ٻه ڪيو ويندو آهي. پر مناجات ۾ خاص مضمون، حال اورڻ ۽ مدد لاءِ سوال ڪرڻ هوندو آهي ۽ ضمني طور ساراهه ۽ تعريف ڪبي آهي. مجموعي طور مداح ۾ ساراهه هوندي آهي ۽ مناجات ۾ سوال جو عنصر غالب هوندو آهي.

**مناظرو:**

مناظرو لوڪ ادب شاعريءَ جي هڪ مقبول صنف-آهي، جنهن ۾ ٻن ڌرين، شخصن يا شين جي وچ ۾ مڪالمو بحث يا جهيڙو ڏيکاريو ويندو آهي. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ مطابق "مناظرن جي سٽاءَ ساڳي سانگ واري، يعني ڊرامائي آهي. ڪي مناظرا چئن "هڪ منظرا" سانگ آهن جن ۾ ٻه ڪردار هڪ ٻئي سان مخاطب ٿين ٿا ۽ آخر ٽيون ڪردار [امين چڱو مڙس يا قاضي] داخل ٿي فيصلو ڪري ٿو. ڪي مناظرا "ٻه منظرا" سانگ ٿيندا آهن، جن جي پهرين منظر ۾ ٻه ڌريون هڪ ٻئي جي منهن مقابل ٿين ٿيون، ۽ آخرڪار امين وارين ٿيون، جو موجود ڪونهي، ان بعد، ٻئي منظر ۾، ڌريون ۽ امين گڏجن ٿا ۽ نبيرو ٿئي ٿو."

مناظري ۾ ٻه بي جان شيون انساني روپ ۾ ڏيکاري هڪ ٻئي جي سامهون ٻيهاريون وينديون آهن. اهي هڪ ٻئي جي خوبين ۽ خامين کي ظاهر ڪرڻ هڪ ٻئي تي برتري ڏيکارڻ جون ڪوشش ڪنديون آهن. مثال طور: "مناظرو دلي ۽ طالب جو"، "مناظرو سس ۽ ننهن جو"، "مناظرو ٽوپي ۽ پڳ جو"، "مناظرو فقيرءَ بخيل" جو وغيره.

**مناقبو** (Munaqbo):

مناقبو لفظ "مناقبت" مان نڪتل آهي، جنهن جي معنيٰ آهي نيڪي، لچڻ درجو يا منزل. ان نظم ۾ نبين، ولين ۽ اصحابن سڳورن جي ڪنهن گڻ يا واقعي کي بيان ڪيو ويندو آهي. امام سڳورن جي شان ۾ ٻه منقبتون چيون ويون آهن، جن کي مناقبو نه بلڪ منقبت چيو وڃي ٿو. منقبت ۾ مناقبي وارا موضوع هوندا آهن.

**منزل:**

"منزل" مان مراد آهي ته ادب ۾ آيل اهي موڙ، جتي پهچڻ ڪانپوءِ ان ادب جي واڌاري جو پيو رخ محسوس ڪري سگهجي. منزل ڪنهن ادب جي سلسليوار وڪاس يا ترقيءَ کي اظهاري ٿي. اهو وڪاس قدر خواهه مقدار يا ٻنهي ۾ ٿي سگهي ٿو. هڪ دَور ۾ ادبي وڪاس جون هڪ کان وڌيڪ منزلون ٿي سگهن ٿيون. اهڙيءَ ريت ادبي منزلون ڪنهن ادب جي عمودي يا اُڀي واڌاري جي نشاندهي ڪن ٿيون.

**منشور**(Manifesto):

هڪ قسم جو ڪتابڙو جنهن ۾ سياسي پارٽيون عام ماڻهن لاءِ پنهنجون حڪمت عمليون عام ڪنديون آهن. ان ڪان علاوه سياسي عالم پنهنجي پنهنجي نظرئي جو منشور عام ڪندا آهن. مثال طور ڪارل مارڪس جو "ڪميونسٽ مينفيسٽو" وغيره

**منطق** (Logic):

دليل بازيءَ جو علم. هن علم جا ڄاڻو دليلن ذريعي پنهنجي ڳالهه ڪندا آهن. سڀ ڪان پهرين ارسطو منطق کي اهميت ڏني. سنڌ جي مڪتبن ۾ منطق هڪ مضمون طور شاگردن کي پڙهايو ويندو هو.

**منطقي اثبات**(Logical Positivism):

"منطقي اثبات" جي فلسفي جي هڪ شڪل آهي، جنهن ۾ علامتي منطقي استعمال ڪيو ويندو آهي ۽ معنيٰ جي لسانياتي مسئلن تي زور ڏنو ويندو آهي. منطقي اثبات پسند ۽ تسليم ڪن ٿا ته عقل ڪجهه انساني اهم مسئلن ۽ عقيدن جو حل پيش نٿو ڪري، پر هو اهو به مڃڻ لاءِ تيار نه آهن ته عقل ڪان بالاتر ڪا شيءِ آهي. انهن جي خيالن ۾ فلسفي کي صرف معنيٰ جي تجربي ۽ فقرن جي سانت جي انڪشافن تائين محدود رکڻ گهرجي. باقي سڀ ڪجهه سائنس لاءِ ڇڏڻ گهرجي.

**منظر**(Scene):

ڊرامي جي هرهڪ ايڪٽ ۾ هڪ يا وڌيڪ منظر ٿي سگهن ٿا. يوناني ڊراما مسلسل هڪ مڪمل ايڪي طور ڪيا ويندا هئا، جن ۾ وچ وچ ۾ ڪورس ۾ ڪجهه چيو ويندو هو. سمجهيو وڃي ٿو ته هوريس اهو پهريون ماڻهو هو جنهن پنجن ايڪٽن واري ڊرامي تي زور ڏنو. نئين سجاڳيءَ واري دور ۾ ڪنهن مرحلي تي فرينچ ڊرامي نگارن انهيءَ کي عام اصول بڻائي ڇڏيو. شيڪسپيئر (1564ـ1616ع) ۽ سندس همعصرن جي ڊرامن ۾ فطري وٿيون آهن، جن کي ايڪٽن واري ورهاست چئي سگهجي ٿو. انگلنڊ ۾ بن جانسن پنجن ايڪٽن واري ڊرامي جو بنياد وڌو. ان ڪان پوءِ ايڪٽن کي ڌار ڌار ڏيکارڻ لاءِ پردي ڪيرائڻ جو رواج پيو. ابسن (1906ـ 1828ع) ايڪٽن کي گهٽائي چار ڪيو. چيخوف (1904ـ 1860ع) جهڙن ڊراما نگارن به چار ايڪٽ رکيا، پر ويهين

صديءَ جي ابتدائي سالن ۾ ٽن ايڪٽن جي ڊرامن کي ترجيح ملڻ لڳي، ٻن ايڪٽن وارا ڊراما بہ لکبا هئا ۽ هڪ ائڪٽ وارا (One act Plays) عام طور لکيا ويا آهن. جديد دور ۾ ايڪٽ ڪيترا بہ هجن، پردو صرف انٽرويل ۽ آخر ۾ ڪيرايو ويندو آهي. جديد ڊراما منظرن جي تسلسل سان پيش ڪيا ويندا آهن.ادب جو هڪ مضبوط ڪردار بہ سمجهي سگهجي ٿو

**منظر نامو**(Scenario):

ڊرامي جي روئداد جو مختصر خاڪو جنهن ۾ نظارن جي ترتيب، ڪردارن جو تعارف وغيره ڏنل هوندو آهي. هن ۾ اهو سمورو ماحول، ڪردار ۽ پلاٽ مختصر طور پيش ڪيل هوندا آهن، جيڪي ڊرامي جي تشڪيل ڪندا آهن.

**منقبت**(Manqabat) :

منقبت جي معنيٰ آهي تعريف ڪرڻ يا ساراهہ ڪرڻ پر منقبت جو لفظ محض اهلبيت عليہ السلام ۽ بزرگان دين جي ثنا ۽ صفت بيان ڪرڻ جي اصطلاح ۾ استعمال ٿيندو آهي. (وڌيڪ ڏسو مناقبو)

**مٽهيارو:**

مٽهيارو هڪ گيت آهي. اصل ۾ مٽيهار ان گهورڙيي کي چوندا آهن، جيڪو مجارڪو سامان جهڙوڪ ڦٽيون، اڳٺ ۽ مٽيا وغيره وڪڻندو آهي ۽ ان حوالي سان نهيل گيت کي مٽهيارو چوندا آهن. هن قسم جا گيت اڪيلا يا محفلن ۾ گڏجي ڳائي جهونگاريندا آهن. مثال طور:

لاڳٽ گوري رونيهڙو، پرديسي مٽيهارو، پرديسي مٽيهارو

مٽيهارو گورل رو، جانڪٽيان مونچان رو

مٽهيار آيو مٽهيار ڙي!

**مورت**(Icon):

هي اصطلاح 'ادبي تنقيد' ۾ استعمال ٿيندو آهي، جنهن مان مراد آهي تہ ڪا شيءِ، تصور، عقيدو، نظريو، روايت يا ڪائي شخصيت جنهن کي زندگيءَ جي ڪنهن بہ شعبي ۾ حد کان وڌيڪ مان يا مرتبو حاصل هجي. ان سان خيالن جي نواڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي پون. اهڙا خيال ۽ اهڙيون شخصيتون مورتيون ٿي پونديون آهن. جيئن: شاهہ، سچل ۽ ساميءَ جي ثمورتي.

**مؤرخ** (Historian):

تاريخ جي ليکڪ کي 'مورخ' چيو ويندو آهي. سنڌ ۾ مير علي 'شير قانع' پير حسام الدين راشدي، مولائي شيدائي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ايم ايڇ پنهور وڏا مؤرخ ٿي گذريا آهن جڏهن ته قريشي حامد علي خانائي، عبدالله خان مگسي ۽ ڊاڪٽر غلام محمد لاکو به مشهور مؤرخ آهن.

**مورو**(Moro):

مورو مجاز ۽ محبت جو سنڌي گيت آهي، جنهن ۾ انتظاري، بيقراري، فراق ۽ ملاقات جا خيال مرڪزي مضمون هوندا آهن. هي لوڪ گيت ڪوهستاني ايراضيءَ ۾ مشهور آهي. مورو سرندي، ساز تي توڙي ساز بنا ڳائي سگهجي ٿو. پر نڙ تي وڌيڪ لئي رکي ٿو. مورو مرد توڙي عورتون ٻئي ڳائين. موري جي اصطلاحي معنيٰ آهي، مور جهڙي يعني سهڻي محبوب کي مخاطب ٿي گيت چوڻ. هڪ عورت، پنهنجي محبوب لاءِ مورو چوي ٿي:

او ٽڪر مٿي ڳيرو، يار جلي ويو آ جيرو
راڻا موري موڪل ڏي!
او هل ته هلون ٿلهي دوستي اسان جي ملهي
راڻل، مورو ويني ڏيانا
او هل ته هلون موري، جيءَ وڌو تي جهوري
راڻل، مورو ويني ڏيانا

**موزون شاعري:**

موزون شاعريءَ جو اصطلاح عروضي شاعريءَ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي هن شاعريءَ کي روايتي شاعري به چيو ويندو آهي. جيئن غزل وغيره. اهو وزن، بحر ۽ موزون ۽ رڪنن ۾ پورو هوندو آهي. ان ۾ خيال به معياري هوندو آهي.

**موسيقي** (Music):

سرن ۽ سازن جي اهڙي سنگم کي موسيقي سڏجي ٿو، جيڪا ٻڌندڙ جي ذهن ۽ دل کي موهي. ان کي هڪ لطيف احساس ۽ لاڏ ڏني يا عجيب غريب خوشي محسوس ٿئي. موسيقي جي سازن ۽ آوازن سان گڏ ٻڌندڙ جهومن ۽ انگ جهومڻ لڳن. شاعريءَ جو هڪ بنيادي جز موسيقي به آهي، جيڪا لفظن جي آوازن جي صورت ۾ هوندي آهي. شيڪسپيئر چيو هو ته "موسيقي روح جي غذا آهي."

**موسيقيت ۽ ترنم** (Music and Melody):

موسيقيت ۽ ترنم جديد سنڌي شاعريءَ جي اهم خوبي آهي. ترنم ۽ موسيقي شاعريءَ جو روح ٿيندا آهن. ڪو زمانو هو جڏهن شاعري ۽ موسيقي روحاني اظهار جي هڪ ئي فڪري چشمي جون پر اثر ڌارائون هيون. هڪ ئي وقت شاعر سرجڻهار به هو ته موسيقار ۽ فنڪار به. ان لاءِ اوائلي لوڪ گيت (سهرا، جمالا، ڳيچ ۽ همرچا) شاعري، موسيقي ۽ ڳائڪيءَ جي فن جو خوبصورت امتزاج آهن. مثال طور نياز همايونيءَ جي هيءَ مصرع ڏسو:

تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول،
مون وٽ روپ نڪو ڀهروپ الا !
تنهنجي دنيا چيٽ جا ميلا،
منهنجي دنيا هيڪل ويا ڪل!

**موضوعاتي ڪهاڻيون** (Subjective Stories):

جن ڪهاڻين ۾ ليکڪ جي داخلي ڪيفيتن جو اظهار وڌيڪ هجي ۽ اندر جي ادمن ۽ ذات جي حوالي سان موضوع تمام گهڻو اپريل هجي. هن قسم جي ڪهاڻين ۾ داخليت تي زور ڏيڻ سبب فني خاميون رهجي وينديون آهن.

**موضوعيت** (Subjectivism):

زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ ايندڙ هر شيءِ ادب جو موضوع ٿي سگهي ٿي. ايستائين جو خيالي دنيا جون ڳالهيون (Fantacy)، ڏند ڪٿائون (Myths)، سائنسي جڙتو قصا (Science Fiction) به ادب جا موضوع ٿي سگهن ٿا. پر جيڪڏهن ليکڪ ان ۾ پنهنجا ذاتي مشاهدا، تجربا، جذبا ۽ احساس وجهندو ته اهو ادب خشڪ ٿي پوندو ان ڪري ليکڪ جا داخلي احساس ۽ ڪيفيتون ان ۾ شامل ڪرڻ موضوعيت لاءِ ضروري آهن.

**مولف** (Compiler):

تاليف ڪندڙ مواد گڏ ڪندڙ. پراڻا عِلم ۽ اديب تاريخي واقعن، بزرگن جي چوڻين ۽ سندن حياتيءَ جي احوال ۽ ڪلام کي "تاليف" ڪري قلمبند ڪندا هئا، تن کي "مولف" سڏيو ويندو هو.

**مولود:**

مولود عربيءَ جو لفظ آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ڄمڻ جاول ٻار". پر سنڌي شاعريءَ ۾ نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم جي ولادت کي بنياد بڻائي سندس صفت شان جي بيان کي مولود چوندا آهن. مولود ۾ نبي سائينءَ جي ساراهه سان گڏ سندن روضي جي زيارت، معراج واري واقعي کي به موضوع بڻايو ويندو آهي. سٽاءَ جي حساب سان مولود وائي يا ڪافيءَ جهڙو هوندو آهي. صرف ان ۾ ميوزڪ نه ٿيندي آهي. قديم دؤر ۾ شاهه عنايت رضويءَ (1644_1713ع) جي وائين ۾ مولود جي صنف موجود آهي. مولود جو ابتدائي وڏو شاعر مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (1682_1752ع) ڪلهوڙن جي عصر ۾ ٿي گذريو آهي. جنهن جو هڪ مشهور مولود آهي:

منارا مير مرسل جا ڏسان شل ڏينهن ڪي ڏوري
هلي هالان، مٺي ميسو اتڙيو ڪي ڇڏيان اوري.

**مومل** (Moomal):

"مومل راڻي" جي قصي جو مرڪزي عورت ڪردار. هي قصو سومرن جي دَور سان تعلق رکي ٿو. 15 صديءَ جي شروعات ۾ گجر ذات جو راجا نند، ميرپور ماٿيلي تي راڄ ڪندو هو. ڪيس 9 نياڻيون هيون، انهن ۾ مومل سڀني کان وڌيڪ خوبصورت هئي. جڏهن ته سندس وڏي ڀيڻ سومل سياڻپ ۾ سرس هئي. ڪاڪ محل پڻ مومل جي داستان سان منسوب آهي. مومل جي روپ ۾ شاهه لطيف عورت جي ڀيچتاءَ کي چٽيو آهي.

**مومل راڻو (سر)** (Moomal Rano):

سر مومل راڻو سنڌ جو بنهه تاريخي داستان آهي. ڪلياڻ آڏواڻيءَ ان جي اندروني مفهوم کي بحث هيٺ آڻيندي لکيو آهي ته: "هن سر ۾ شاهه ٻئي تمثيل رکي آهي: انسان جي ڏٺيءَ جي لاءِ ڳولا. هيءَ دنيا ڪاڪ محل مثل آهي، جا پنهنجي طلسمي اثر هيٺ اعليٰ انسانن کي به ڀلايو ويٺي آهي. جيئن راڻي مومل کي وڃي هٿ ڪيو، تيئن ڏٺي به اعليٰ انسان کي پنهنجو ڪري ٿو.

**مونو ڊراما** (Mono drama):

اهو ڊرامو جنهن ۾ صرف هڪ ڪردار هجي، هن قسم جا ڊراما سنڌيءَ ۾ ٽي وي لاءِ لکيا ويا آهن، باقي تحريري صورت ۾ ٿورا ملن.

**مونوگراف** (Monograph):

مونوگراف غير شخصي مضمون (Impersonal Essays) هوندو آهي. هن مضمون ۾ ڪنهن به هڪ خاص موضوع، ڪارنامي ليکڪ جي ڪنهن به هڪ تحرير جي ڪنهن هڪ پهلوءَ تي لکيو ويندو آهي. مونوگراف خاص طور ڪنهن ڊگري يا سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ لکيو ويندو آهي.

**مهاڀارت** (Maha Bharat):

مها ڀارت دراصل هندن جي هڪ ڌرمي ڪتاب جو نالو آهي، هن ڪتاب ۾ ٻه لک پندره هزار شعر آهن. هندن وٽ ان ڪتاب جو مصنف (دياس جي) آهي مها ڀارت در اصل هڪ جنگ جو نالو آهي جنهن جو زمانو 600 ق م ٻڌايو وڃي ٿو. اهو مشهور آهي ته (دياس جي) ان جنگ جو پنهنجي اکين ڏٺو حال پنهنجي ڪتاب ۾ تحرير ڪيو آهي جنهن سان ان جي اهميت اجاگر ٿئي ٿي.اصل ۾ هي جنگ نيشاپور جي ٻن خاندانن ۾ ٿي هئي ۽ پورا 18 ڏينهن جاري رهي. مها ڀارت ۾ ان جنگ جي تذڪري سان گڏ تصوف جا تصورات ۽ ٻيون به گهڻيون افسانوي ڳالهيون لکيل آهن موجوده مذهب جي بنياد اها ئي ڪتاب آهي. پر ان جا به ڪيئي نسخا آهن. مسٽر گونداس جي مطابق ان جي هر نسخي ۾ بي انتها اختلاف موجود آهي.مهاڀارت جو سنڌي ۾ ترجمو ڏهين صدي ۾ ٿيو خيال آهي ته هي ترجما ديوناگري رسم الخط ۾ ڪيا ويا هوندا.

**مهدوي تحريڪ** (Mahdvi Movement):

سمن جي حڪمرانيءَ جي آخري دور ۾ سيد ميران محمد جونپوري جي سنڌ ۾ اچڻ ڪري راسخال اعتقادي ۾ مذهبي ڪٽرپڻي جو وڏيڪ جزو شامل ٿي ويو. هن جماعت جو بنياد ترڪ دنيا. نيڪ صحبت. ترڪ مال ۽ هجرت تي رکيل هو. سندس سياسي مقصد وطني ۽ ثقافتي بنيادن تي قومي تسلط ۽ سياسي اقتدار کي ختم ڪري غلبه اسلام کي قائم ڪرڻو هو. ڪيترائي عالم ۽ مشائخ مهدوي دائري ۾ داخل ٿيا.

**مهورت** (Launching):

ڪنهن ڪتاب جي رونمائي يا پذرائي عام ماڻهن يا ليکڪن آڏو پيش ڪرڻ جو عمل. ڪتابن جي مهورت گهڻو ڪري نامور ليکڪن يا سياسي

ليڊرن کان ڪرائي ويندي آهي ۽ اهڙي پروگرام ۾ ڪتاب جي تعارف لاءِ مقالا پڻ پڙهيا ويندا آهن.

**ميڪانڪيت** (Mechanism):

مشين وانگر پاڻ ۾ ڳنڍيل نظام، پر ادبي دنيا ۾ اهڙو رويو عمل، زندگي، ڪردار يا شاعري، ميڪانڪي چئي ويندي آهي، جيڪا مشيني نظام وانگر ڳنڍيل هجي، مشيني نظام تخليقي عمل تي اثر ۽ تخليق ۾ فقدان وجهندي آهي، اهو ئي سبب آهي جو ميڪانيت کي ادبي دنيا ۾ مسترد ڪيو ويو آهي.

**ميڪس ڊينسوهال لٽرري سوسائٽي** (Max Denso Hall Literary Society):

1885ع ۾ سنڌ ۾ پهرين ميڪس ڊينسو هال لٽرري سوسائٽي قائم ٿي ته ان جو پهريون صدر بمبرج (Bam Bridge) نالي هڪ پادري ٿيو، ۽ ايئن سنڌي ادبَ پادرين جو اثر قبول ڪيو. سنڌي ٻولي جا ڪيترا ناميارا عالم، اديب ۽ شاعر هن جماعت جي گڏجاڻين ۾ شرڪت ڪندا هئا . تن ۾ ڏيارام گدومل، ڪوڙيمل چندن مل ۽ هيرانند شوقيرام جا نالا ذڪر لائق آهن . سوسائٽيءَ جون هر اربعا شام جو ساڍي ڇهين وڳي ڊينسو هال ۾ گڏجاڻيون ٿينديون هيون.

**ميلو ڊراما** (Melodrama):

سنگيت ڊرامو يا گيتن ڀري ڪهاڻي. هن قسم جي ڊرامن ۾ ٻن مختلف حالتن يا قصن جي وچ ۾ ڪشمڪش ڏيکاري ويندي آهي. انهيءَ کي تفصيل سان پيش ڪرڻ سبب آڪاڻيءَ ۾ گهٽي ڊيگهه ٿي ويندي آهي. هنن ڊرامن ۾ خود ڪلامي (Soliloquy) جو گهڻو استعمال ٿيندو آهي. هن ڊراما ۾ موسيقيءَ ۾ وڏو عمل دخل ٿيندو آهي. ڊرامي جي ڪهاڻيءَ ۾ تجسس (Suspense) به گهڻو هوندو آهي، هنن ڊرامن جو انجام خوشگوار ماحول ۾ ٿيندو آهي.

**ميمڻڪي رسم الخط** (Memnco Script):

هيءَ رسم الخط ٺٽي، حيدرآباد، رهمڪي بازار ۽ ٻين شهرن جا ميمڻ، خاص طور واپاري استعمال ڪندا هئا. هي رسم الخط پڻ ديوناگري رسم الخط ٿي آهي. واپاري طبقو هن رسم الخط جو واهپو وڌيڪ ڪندو هو. هن خط جو استعمال 16 ۽ 17 هين صدي عيسويءَ ۾ عام هو.

## ن

**ناٽڪ منڊلي** (Dramatic Society):

اها جڳهه جتي "اسٽيج ناٽڪ" رچايا وڃن، ان جاءِ کي "ناٽڪ منڊلي" چئبو آهي. 1894ع ۾ سڀ کان پهرين سنڌي ناٽڪ منڊلي ڊيارام جيٺمل ڪاليج ڪراچيءَ ۾ 'Immature Dramatic Society' جي نالي سان قائم ٿي. هن منڊلي پهريون ناٽڪ جيٺا نند گلٽنداس پرياڻيءَ جو ترجمو "نل دمينتي" پيش ڪيو ويو هو. پوءِ منڊليءَ ٻيا به ڪيترا ڊراما پيش ڪيا. "جي اڪثر مذهبي نوعيت جا هئا. ناٽڪن جي وڌندڙ دلچسپيءَ جي ڪري سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن ۾ ناٽڪ منڊليون کلنديون ويون، جن ۾ ڊرم "اپڪار ڊراميٽڪ سوسائٽي" شڪارپور (1897ع) "بندي ماترم ناٽڪ منڊلي حيدرآباد" 1905ع)، "چانڊڪا اميچوئر" ڊراميٽڪ سوسائٽي لاڙڪاڻو 1907ع) ۽ "اميچوئر ڊراميٽڪ سوسائٽي حيدرآباد" 1912ع) ۽ ٻيون ڪيتريون ئي شامل هيون.

**ناراض نوجوان** (Angry Youngmen):

سڀ کان پهرين هي اصطلاح انگريزي ادب ۾ استعمال ٿيو جن ۾ نوجوان، اديبن، ملڪ جي فرسوده سماجي، سياسي روين لاءِ ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو. بعد ۾ اهو اصطلاح هندي اردو ۽ سنڌي نوجوان شاعرن لاءِ به استعمال ٿيڻ لڳو آهي. جديديت يا ماڊرنزم جي دؤر ۾ ليکڪ اهڙن ناراض نوجوانن جا ڪردار گهڻا تخليق ڪيا ۽ انهن سماج جي ان طبقي جي نمائندگي ملي ٿي.

**نازڪ خيالي:**

نازڪ خياليءَ مان مراد آهي، انتهائي نفاست ۽ گهرائيءَ سان مختلف شين تي نظر وجهڻ. شاعر، پنهنجي تخيل ذريعي مختلف شين ۾ مشابهتي انداز ۾ ڏسندو آهي. جنهن نموني عام ماڻهو ڏسي نه سگهندو آهي.

**ناشر** (Publisher):

ڪتاب جو ڇپائيندڙ شايع ڪندڙ. ان سلسلي ۾ ادارا قائم ٿيا آهن. اهي ادارا سرڪاري توڙي غير سرڪاري آهن. هڪڙا درسي ڪتاب شايع ڪندا آهن، ٻيا ادبي، صحافتي ۽ ٻيءَ نوعيت جا ڪتاب وغيره شايع ڪندا آهن.

**ناصحاڻو شعر:**

اهڙي شاعري، جنهن ۾ نصيحتن جا نڪتا هجن. جنهن ۾ اخلاقي قدرن ۽ انسانيت جي پرچار ٿيل هجي. قديم سنڌي شاعري، اهڙي ڪلام سان ڀرپور آهي.

**ناڪاريت (Nihilism):**

هن لاڙي ۾ زندگيءَ جي مڙني قدرن ۽ نظامن کي فضول قرار ڏنو ۽ ڇڙواڳيءَ وارو رويو اختيار ڪيو ويندو آهي. هن نظريي جي انتهاهڻي ازم آهي.اهو ئي احساس جديديت واري لاڙي جو بنياد بڻيو ته "ويهين صديءَ جو انسان با شعور ۽ حساس آهي ڪنهن وهم ۽فريب ۾ ڦاسڻ بدران ڪيس يقين آهي ته زندگيءَ جو بار ڪيس ئي گهلڻو آهي. جديد احساس انهن سمورين تلخ حقيقتن تان پردو لاهي ٿو ۽ نين حقيقتن ۾ زندگيءَ کي نئين سري سان گذارڻ جو درس ڏئي ٿو.انهيءَ فڪري بنياد تي يورپ ۾ جديد ادب تخليق ڪيو ويو، جيئن سارتر (1905_1980ع) چيو هو ته "سمورو ادبي ڪم هڪ فرياد آهي، ادبي تخليق سواءِ پڙهندڙ جي داخليت جي ٻيو ڪو به جوهر نٿي رکي.

**نام مالها (Vocabulary):**

پرمانند ميوا رام انگريزي لفظ ووڪيبلريءَ کي سنڌيءَ ۾ نام مالها، شبد مالها، شبد، فرهنگ ۽ لغت پنبلار چيو ويندو آهي. نام مالها لفظن جي اهڙي ذخيري کي چئجي ٿو، جنهن ۾ ڪنهن به ٻوليءَ جي عام لفظن کي هڪ جاءِ تي سهيڙيو وڃي يا خاص خاص لفظ چونڊي ان ٻوليءَ جي لفظن کي الف_ب وار لسٽ مطابق ترتيب ڏني وڃي. سنڌي جي نام مالهائن جي تاريخ انگريزن جي دؤر کان شروع ٿئي ٿي.

**ناول (Novel):**

ناول حقيقت ۾ لاطيني لفظ Novus جي بگڙيل صورت آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "نئون". اهو لفظ اطالوي ٻوليءَ معرفت انگريزيءَ ۾ آيو. اطالوي ۾ لفظ آهي، نوويلا (Novella)، جنهن کي ڪهاڻي جي معنيٰ ۾ ڪتب آندو ويو. فرانسيسي ادب ۾ وري ان ساڳئي لفظ ناول (Novelle) جي صورت اختيار ڪئي، آخر ۾ اهو لفظ انگريزي ۾ ناول (Novel) جي صورت ۾ آيو. سنڌي ادب ۾ اهو لفظ ناول Novel طويل افساني طور استعمال ٿو ٿئي. بهرحال سنڌيءَ ۾ اهو لفظ ساڳي ئي معنيٰ ۽ مفهوم سان انگريزي معرفت پهتو آهي. ناول،

انسان جي چوڌاري ٿيندڙ واقعن، چرندڙ پرندڙ جيوت جي تصوير آهي، جنهن ۾ پڙهندڙ نہ رڳو پنهنجي حالتن کي لفظن جي رنگينيءَ وسيلي، خوبصورت ڪري ڏسي ٿو پر ڪيس بين ماڻهن جي وجود ۽ حالتن جو بہ احساس ٿئي ٿو.

سنڌي ادب ۾ ناول انگريزي ادب وسيلي آيو. سڀ کان پهريون ناول "راسيلاس" آهي، جيڪو 1870ع ۾ منشي اڌارام ترجمو ڪيو هو ۽ پهريون طبعزاد ناول مرزا قليچ بيگ جو "دلارام" آهي، جيڪو 1888ع ۾ ڇپيو. هن وقت تائين هند سنڌ ۾ سنڌيءَ ۾ سوين ناول لکجي چڪا آهن.

**ناوليٽ** (Novelette):

انسائيڪلو پيڊيا آف برٽانيڪا موجب ناول ان ڪهاڻيءَ کي چئجي ٿو جيڪا ٻن لکن لفظن ۽ گهٽ ۾ گهٽ اڍائي سؤ صفحن تائين ڦهليل هجي. ان کان گهٽ واري ڪهاڻيءَ کي "ناوليٽ" چيو وڃي ٿو. دراصل ناول ۽ ڪهاڻيءَ جي انفرادي خصوصيتن جي ميلاپ سان جيڪا صنف وجود ۾ آئي، ان کي ناوليٽ چئجي ٿو. هن ۾ ناول وارا سڀ ترڪيبي جزا موجود هوندا آهن. ناول جي ڊيگهہ بدران ان ۾ ڪهاڻيءَ کان ٿوري وڌيڪ ڊيگهہ هوندي آهي. ناوليٽ جو دائرو ننڍو ٿئي ٿو. انڪري ناول نگار ٿورن لفظن ۾ گهڻو مفهوم سمائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ناوليٽ لاءِ ناول نگار کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ گهڻي ڄاڻ هئڻ ۽ لفظن جي جوڙجڪ جي مهارت حاصل هئڻ گهرجي.

**نثر** (Prose):

'نثر' جي لغوي معنيٰ آهي، 'ٽڙيل پکڙيل لفظ'. اصطلاحي معنيٰ موجب، ڪو اديب يا ليکڪ جدا جدا لفظن کي ملائي، جملن جي شڪل ۾ ٻين جي اڳيان ڪا تحرير پيش ڪري. مطلب تہ نثر اهي بياني فقرا آهن، جن ۾ ڪنهن ڏنل نظاري، واقعي يا حقيقت کي لفظن ذريعي جملن جي روپ ۾ سلسلو پيدا ڪري، ماڻهن اڳيان تقرير (زباني) يا تحرير (لکيت) جي صورت ۾ پيش ڪجن. نثر اهو ادب آهي، جيڪو شاعري نہ هجي. اسان جي گفتگو هميشہ نثر ۾ هوندي آهي، جڏهن دل جي امنگن جو اثر ٻين تائين پهچي تہ ادب جي ان حصي کي "نظم" چئبو آهي. پر جڏهن دماغ جي خيالات جو اثر ٻين تائين پهچي تہ اهڙي ادب کي نثر چئبو آهي. نثر جي وڏي خاصيت آهي تہ آهي تہ ان ۾ هر

ڪنهن قسم جو مضمون آڻي سگهجي ٿو. جهڙوڪ، سائنس، حڪمت، سماجي اپياس، افسانا، آکاڻيون، ناٽڪ، روزمره جون ڳالهيون ۽ بحث مباحثا، ڪورٽن جا فيصلا، حڪومت جا قاعدا قانون وغيره.

نثر جا ٽي قسم ڄاڻايا ويا آهن:

(1) نثر مرجز، (2) نثر مسجع ۽ (3) نثري عاري.

**نثري نظم** (Prosaic Poem):

"نثري نظم جي شروعات فرينچ شاعريءَ کان ٿي. بودليئر (Baudelaire) پنهنجي مجموعي "نثر ۾ ننڍا نظم" (Petit poems en prose) سان ان جي ابتدا ڪئي. ان ۾ شاعريءَ جو عنصر ضروري آهي. ان ۾ وزن ، بحر ۽ رديف قافيي کان سواءِ نظم جون سموريون خاصيتون موجود هجڻ گهرجن . ڪٿي ڪٿي ته قافيي جو استعمال به سٽن جي وچ ۾ يا آخر ۾ ٿئي ٿو ۽ ان ۾ موسيقيت جو احساس پيدا ڪري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن Assonance جي ذريعي نغمگي پيدا ڪئي وڃي ٿي. هر حالت ۾ نثري نظم ۾ اندروني آهنگ ضروري آهي. Surrealist اهڃاڻي ۽ Automatic خودمختيار لکڻيون نثري نظم جون اهم صورتون آهن. انگريزي شاعريءَ مان هيءَ صنف، انگريزن جي دَور ۾ سنڌي شاعريءَ ۾ داخل ٿي ۽ مقبوليت حاصل ڪئي. سنڌي ۾ لعلچند امر ڏني جو 'سدا گلاب'، ڪلا پرڪاش جو 'ممتاز لهرون'، مدد علي سنڌيءَ جو 'پنر ملن'، نور الهديٰ شاهه جو 'قيدياڻيءَ جون اکيون ۽ چند'، شيخ اياز جو 'پنڌ ٿو پور ڪري' ۽ ٻيا ڪيترائي مجموعا شايع ٿيل آهن.

**نحويات** (Syntax):

جيئن علم صرف، صرفين، ان جي مختلف صورتن ۽ بناوتن سان بحث ڪري ٿو. تيئن عدم نحو وري جملن ۽ ان جي جزن جي بناوتن، سٽائن، نمونن، نسبتن ۽ عملن سان بحث ڪري ٿو. پر جيئن ته هڪ لفظ به ڪڏهن ڪڏهن جملي جو ڪم ڏيئي ٿو ۽ جملي جا آخرين جزا به لفظ آهن. تنهن ڪري جديد لسانيات "لفظ" کي علم نحو جو مرڪز بڻايو آهي ۽ نه جملي کي. علم نحو لفظن جي صورتن ۽ جوڙجڪن سان بحث نٿو ڪري. اهو ڪم علم صرف جي حوالي آهي. مگر علم نحو هن بحث کي نباهي ٿو ته ڪيئن لفظ پاڻ ۾ ملن ٿا (Cohere) ۽ جملن اندر ڪهڙو ڪارج ڪن ٿا.

**نرگسيت** (Narcissism):

نرگسيت علم نفسيات جو هڪ خاص اصطلاح آهي. نرگسيت نالو ۽ مفهوم هڪ قديم يوناني ديومالائي قصي تان ورتو ويو آهي، جنهن مطابق قديم يونان ۾ Narcissus (نرگس) نالي هڪ خوبصورت نوجوان رهندو هو. جيڪو درياهه جي ديوتا Cephissus جو پٽ هو. نرگس کي پنهنجي سونهن تي گهڻو ناز هوندو هو. ڪيترين ئي حسين عورتون سندس عشق ۾ مبتلا هيون، پر هن ڪڏهن بہ ڪنهن عورت جي محبت کي قبول نہ ڪيو. ڪيس چاهيندڙن ۾ هڪ خوبصورت عورت ايڪو (Echo) پڻ هئي. ايڪو گهڻا ئي حيلا وسيلا هلائي نرگس کي پاڻ ڏانهن مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هن ايڪو طرف ڪو ڌيان ئي نہ ڏنو. ايڪو نرگس جي ان مغرور رويي ۽ سندس دل ٽٽڻ جي دانهن نيميسس ديوي (Nemesis) کي ڏني، جنهن نرگس جي غرور کي ٽوڙڻ ۽ کيس سزا ڏيڻ لاءِ، کيس پنهنجي ئي محبت ۾ گرفتار ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ نرگس هر وقت نديءَ جي ڪناري تي ويهي، پاڻيءَ ۾ پنهنجو پاڻ کي ڏسندو رهندو هو. پنهنجو پاڻ کي پسڻ واري انهيءَ لڳاتار عمل ڪري ئي هو هڪ ڏينهن نديءَ جي ڪناري تي ئي مري ويو. سندس موت کي يادگار ۽ پين لاءِ مثال بنائڻ لاءِ ديويءَ کيس گل جي روپ ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح هڪ نئين گل "نرگس" (Narcissus) جو وجود پيو. جيڪو اڪثر ندين ۽ ڍنڍن جي ڪنارن تي ڦٽندو آهي ۽ ان جا گل پاڻيءَ طرف جهڪي ٽڙندا آهن. ائين جيئن آبي آرسيءَ ۾ پاڻ پسي رهيا هجن!

**نڙ بيت** (Narr Bait-Pipe song):

نڙ هڪ ٻوٽو آهي، جيڪو سَرَ يا جوئر وانگر هڪ ڊگهو ڪانو رکندو آهي. نڙ جو ڪانو هڪ Pipe وانگر ٿيندو آهي. ڪاني کي صاف ڪري نڙ ٺاهيو ويندو آهي. سنڌ ۾ ڏنار ۽ سگهڙ اهو ساز وڄائي بيت الاپيندا آهن. اهي بيت طويل ٿيندا آهن. هنن بيتن ۾ اڪثر سنڌ جي عشقيہ لوڪ داستانن عمر مارئي، سسئي پنهون ، مومل راڻي، نوري ڄام تماچي، سهڻي ميهار کان سواءِ غير سنڌي لوڪ داستانن جا واقعا ۽ احوال بيان ڪيا ويندا آهن. سنڌي شاعرن ۾ خاص طور تي سانوڻ فقير، مولابخش خاصخيلي، محمود شيخ، پاهڙ بادل وغيره نڙ بيتن جا اهم شاعر آهن.

**نستعليق خط** (Nastauleeq Script):

عربيءَ کي جڏهن ايران ۾ ڪجهه نون حرفن ۽ نيڪن سان استعمال ڪيو ويو ، ان کي نستعليق رسم الخط سڏيو ويو. سنڌ ۾ مڪليءَ جي قبرن کان وٺندي، مسجدن جي ديوارن ۽ ڪتبن مان نستعليق خط جي رواج جي ثابتي ملي ٿي. ارغونن ۽ ترخانن جي اچڻ کانپوءِ نستعليق جو رواج وڌيو. شاهه ڪريم جو ڪلام "بيان العارفين" نستعليق خط ۾ مليو آهي. اهڙي طرح مزارن جا ڪتبا، مسجدن جي ديوارن تي اتاريل قول ۽ حديثون ۽ فارسي-سنڌي ۾ لکيل ڪتاب سنڌ ۾ نستعليق جي رواج کي ثابت ڪن ٿا. موجوده سنڌي لپي نسخ ۾ آهي، جڏهن ته اردو لپي نستعليق ۾ آهي.

**نسخ خط** (Naskh Script):

نسخ جي لفظي معنيٰ آهي "ڪي سنڌي شيءِ ان جي جاءِ تي آڻڻ" مطلب ته اڳين صورت پلي موجود هجي پر ان جي جاءِ تي ٻي شيءِ آڻڻ. موجوده سنڌي نسخ خط ۾ لکبي آهي.

موجوده خطِ نسخ جي صورت تمام گهڻو پوءِ وجود ۾ آئي. ان کان اڳ خط ڪوفي رائج هو جيڪو عراق ، ڪوفي ۽ بصري ۾ هلندڙ هو. خط ڪوفيءَ ۾ نقطا ڪونه هئا، انڪري پڙهڻ ۾ مشڪل هو. پر عربن لاءِ مشڪل نه هو. عرب ان خط ۾ لکيل هر لفظ يا سٽ آسانيءَ سان پڙهي ويندا هئا. لفظن جي صحيح سجاڻپ لاءِ سن 65 هه ۾ حجاج بن يوسف جي هدايتن مطابق خاص طور مذهبي ڪتابن تي زيرون زبرون ، پيش، شد ، مد وغيره جون علامتون ڏنيون ويون ۽ خط نسخ جي موجوده صورت قائم ٿي.

**نسل** (Race):

ساڳين نسبي خصوصيتن سان ڀرپور انساني گروهه، جيڪو پاڻ کي خانداني، سياسي، سماجي، قومي طور هڪ سمجهندو هجي، اهو نسل سڏبو آهي. نسل پرستيءَ جي نالي تي دنيا ۾ انسانيت جو ڪيترائي دفعا قتل عام ٿيو آهي. ڪڏهن آفريڪن خلاف، ڪڏهن مختلف مذهبن ۽ ذاتين خلاف. نسل پرستي غربت، غير برابري ۽ فسادن کي جنم ڏيندڙ آهي. نسل پرستيءَ جي خلاف دنيا جي ادب ۾ جا بجا ذڪر ۽ فڪر ملندو.

**نظرثاني** (Revision):
ڪنهن نسخي، ڪتاب جي اصل متن ڪي، اصلاح جي لحاظ کان پڙهي يا ڏسي ڏيڻ کي نظرثاني چئبو آهي.
**نظرياتي تنقيد** (Ideological Criticism):
فن ۽ ادب بابت نظريا قائم ڪرڻ، حدون مقرر ڪرڻ، خوبين ۽ خامين جا پئمانا جوڙڻ کي نظرياتي تنقيد چيو ويندو آهي.نظرياتي تنقيد ادب جي فقط اهم ڪردار سان تعلق رکي ٿي.
**نظرين جو علم** (Ideology):
نظريا مختلف قسمن جا ٿيندا آهن. مثال طور انساني ارتقا جو نظريو، سياسي ، سماجي نظريا، فڪري نظريا، معاشي نظريا ٻولين بابت نظريا وغيره وغيره. هي اصطلاح سڀ کان پهرين ڊيسٽٽ ٽريسي (1754ـ 1836ع) استعمال ڪيو هو. مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن جي خيالن تي مبني عقيدن جي اڀياس کي نظرين جو علم (Ideology) چيو ويندو آهي. هندستان جو ورهاڱو ٻه قومي نظريي (Two Nation Theory) جي آڌار تي ٿيو. اهو ٻه قومي نظريو هن پوري ننڍي کنڊ جي ادب جو هڪ اهم موضوع به رهيو آهي.
**نظم:**
نظم عربيءَ جو لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي "هڪ ٻئي سان ملڻ يا ملائڻ" لغوي معنيٰ آهي "پوئڻ". شاعريءَ جي هن صنف ۾ خيالن، لفظن ۽ موسيقيءَ جو خاص خيال رکيو ويندو آهي. نظم ۾ وزن ۽ قافيي سان ڪيترائي بند هوندا آهن. هر هڪ بند جو ٻئي بند سان لاڳاپو هوندو آهي. نظم ۾ سٽن يا بندن جو انداز مقرر نه هوندو آهي. ڪي نظم ننڍا ٿيندا آهن ته ڪي ڊگها هوندا آهن. ڪي وري ايترا ته ڊگها ٿاهيا ويندا آهن، جو انهن جو هڪ پورو ڪتاب ٿهي پوندو آهي. عام طور تي هر نموني جي ڪلام کي نظم چيو وڃي ٿو، پوءِ ان ۾ ٿوري ۾ ٿوريون يعني ٻه يا چار سٽون به چو نه هجن. پر دراصل نظم هڪ ڊگهي شعر جو نالو آهي، جنهن ۾ موزون سٽن جو انداز گهٽ هجي. مضمون جي لحاظ کان نظم ۾ هر قسم جو مضمون اچي سگهي ٿو. سنڌي شاعريءَ ۾ نظم جا جديد دؤر جا اوائلي شاعر مرزا قليچ بيگ ۽ حيدر بخش جتوئي رهيا آهن. اڳتي

هلي نياز همايوني، عبدالڪريم گدائي، هري دلگير، فاني، شيخ اياز، محمد خان مجيدي، سرويچ سجاولي، استاد بخاري، ابراهيم منشي، امداد حسيني ۽ عبدالحڪيم ارشد جديد نظم جا شاعر ليکيا ويا آهن.

**نظماڻو نثر** (Poetic Prose):

اهو نثر جنهن ۾ تخيل ۽ جذبات جو فراواني هجي، ان کي شاعراڻو يا نظماڻو نثر چئبو آهي. ڪڏهن ڪڏهن، رنگين نثر کي به شاعراڻو نثر چئبو آهي. سنڌي ۾ تاجل بيوس جا ڪتاب "ڪاڇي مٿان ڪونج" ۽ "انبن جهليو ٻور" نظماڻي نثر جا ڪتاب آهن.

**نعت** (Naʼat):

"نعت" عربي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جنهن جي لفظي معنيٰ آهي "مدح، صفت، تعريف". نعت نظم جو اهو قسم آهي جنهن ۾ حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم جي تعريف ڪئي ويندي آهي. سٽاءَ جي حساب سان هي گيت يا نظم جهڙو ٿيندو آهي. نعت اڪثر مذهبي موقعن، محفلن ۽ مسجدن وغيره ۾ ڳائي ويندي آهي.

**نعرو** (Slogan):

سياسي، سماجي، جنگي، ادبي پرچاري فقرو.

**نعري بازيءَ وارو ادب:**

اهڙو ادب، جيڪو ڪنهن خاص سياسي، سماجي يا مذهبي مقصد جي پرچار لاءِ لکيو وڃي. هن قسم جو ادب پروپئگنڊا ۽ عارضي طور مشهور به ٿيندو آهي.

**نفسيات** (Psychology):

نفسيات هڪ عمراني علم آهي. 19 صديءَ جي وچ ڌاري نفسيات فلسفي جي هڪ شاخ سمجهي ويندي هئي، مگر بعد ۾ نفسيات کي هڪ الڳ علم جي حيثيت ۾ مطالعو ڪيو ويو. نفسيات کي دماغي زندگيءَ جو علم به چيو ويندو آهي.

نفسيات جو ادب سان گهرو تعلق آهي. نفسياتي ناول، نفسياتي ڪردار نگاري، فرد واحد يا اجتماعي معاشري جي نفسياتي پهلوئن جي عڪاسي، جنسيات يا ڊيپريشن، انساني جبلتون، جماليات وغيره سڀ ادبي اهميت جا حامل آهن.

**نفسياتي تنقيد** (Psychological Criticism):

نفسياتي تنقيد جو اهم قسم ۽ طريقو آهي، جنهن ۾ ليکڪ جي لکڻين مان خود ليکڪ جو نفسياتي جائزو ورتو وڃي يا ائين چئجي ته ليکڪ جي نفسياتي صورتحال کي ڌيان ۾ رکي سندس شهپاري جو مطالعو ڪيو وڃي. نفسياتي تنقيد جو وجود اوڻويهين صدي عيسويءَ ۾ پيو. جڏهن ناليواري نفسيات دان سگمنڊ فرائيڊ. نفسيات جي علم کي فلسفي کان ڌار ڪري هڪ جدا علم جي حيثيت ۾ متعارف ڪرايو.

نفسياتي تنقيد ۽ ٻين قسمن جي تنقيدن ۾ فرق اهو آهي ته ٻين تنقيدن کي فڪري لاڙن ۽ تحريڪن مان جنم ورتو آهي. جڏهن ته نفسياتي تنقيد علم نفسيات جي هڪ ضمني شاخ آهي. جديد نفسيات ۾ شخصي تصورن جو رجحان ۽ ادب ۽ ٻين تخليقي فنن جو تجزيو ڪرڻ نفسيات جي اڀياس ۾ شامل آهي تنهنڪري نفسياتي تنقيد ٻين تنقيدن جي ڀيٽ ۾ ادب ۽ فن جي وڌيڪ ويجهو آهي. ادب لاشعور جي پيداوار هوندو آهي تنهنڪري ادب تي صحيح معنيٰ ۾ تنقيد توڙي تحقيق به نفسياتي اصولن تحت لاشعوري محرڪن جي ڳولا ذريعي ٿي ڪري سگهجي ٿي. ٻي صورت ۾ ڪيل تنقيد ۽ تحقيق محض سطحي محسوس ٿيندي. نفسياتي مطالعي جا به ڪيترائي پهلو ٿين ٿا. جيئن ليکڪ جو نفسياتي مطالعو. سندس تخليقي عمل جو مطالعو. تصنيف جي ڪردارن يا موضوعن جو مطالعو. تصنيف جو پڙهندڙ تي اثر ۽ ان جو مطالعو وغيره. نفسياتي تنقيد اڪثر درامي جي فن سان لاڳو ٿئي ٿي، جنهن ۾ وري خاص طور تي ڪردار ۽ ڪردار نگاريءَ تي گهڻو زور ڏنو وڃي ٿو ۽ انهيءَ ذريعي ليکڪ جي شخصيت جو نفسياتي مطالعو ڪيو ويندو آهي.

**نفسياتي ڪهاڻيون** (Psychological Stories):

هن قسم جي ڪهاڻين ۾ هڪ ڪردار جي نفسياتي چند چاڻ ڪئي ويندي آهي ۽ نفسياتي نڪتا پيش ڪيا ويندا آهن.

**نفسياتي ناول** (Psychological Novel):

اهڙا ناول جن ۾ معاشري جي صحيح تصوير ڪشي ٿيل هجي، ڪردارن کي مثالي پيش ڪري، سندن سيرت کي اجاگر ڪيو ويو هجي، اهڙن ناولن ۾ حسن ۽

محبت جو ذڪر، بک ۽ بيروزگاري جو احوال به اچي ٿو. نفسياتي ناول ۾ تاريخ، حالات ۽ واقعي تي ليکڪ، ماڻهن جي سوچ ۽ اميدن تحت منظر نگاري ڪندو آهي. اهڙي ناول ۾ جيون جي اڪثر مرحلن کي اجاگر ڪيو ويندو آهي.

**نقاشي :**

ڪاٺ، ٽڪر يا مٽيءَ جي شين تي نقش چٽڻ ۽ سونهن خاطر تصويرون يا لڪتون ناهڻ جو فن به نقاشي سڏبو آهي.

**نوبل انعام** (Noble Prize):

ڇهن بين الاقوامي انعامن مان هڪ اعليٰ انعام، جيڪو هر سال طبعيات، ڪيميا، طب، ادب، معاشيات ۽ امن و امان جي ترقيءَ لاءِ نمايان ڪارنامن تي ڏنو ويندو آهي. هي انعام سوئيڊن جي مشهور سائنسدان نوبل الفرڊ (وفات 1896ع) جي نالي سان جاري ڪيا ويندا آهن. ادب جا نوبل انعام اڪثر ناول نگارن کي مليا آهن.

**نوحو** (Nuho):

نوحو ماتمي لفظ آهي. هي مرثيي جو قسم آهي، جنهن ۾ ڪربلا جي شهيدن جي شهادت جو درديلي انداز ۾ ذڪر ڪيو ويندو آهي. نوحو ڳايو ويندو آهي ۽ انتهائي درديلو ۽ سوز وارو هوندو آهي. محرم شريف جي مهيني ۾ نوحن جون بيشمار ڪيسٽون جاري ٿينديون آهن.

**نولکا** (No-Lakha):

لفظي طور نو لکن جي ملهه واري شيءِ کي نو لکا ۽ اصطلاحي طور اهڙي خوبصورت مالها، جنهن جو ملهه نَوَ لک هجي، ان کي نو لکا چئبو آهي. سنڌي شاعريءَ ۾ ساڳئي موضوع تي لکيل نون (9) مسلسل هائيڪو کي 'نولکا' سڏيو ويو آهي.

**نئين تنقيد** (Neo Criticism):

تنقيد جو هي قسم تاريخي تنقيد جي انحراف جو نتيجو آهي. هن قسم پٽاندر تخليق جي ڪنهن به شهپاري کي ان جي پنهنجي حيثيت ۾ آزاد، خود وجودي، تخليقي پورهيو، تجربي لائق ڄاڻي ان کي تخليقڪار جي خواهش ۽

شخصيت جي چانو ۾ پڙهيو ۽ پرجهيو نہ ويندو آهي، نہ فقط ايترو پر خارجي حالتن جي عڪس کان بہ ان کي بچائيندي، ان جي منفرد حيثيت ۾ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. مختصر لفظن ۾ ائين چئجي تہ جيڪڏهن ادب کي تخليقڪار ۽ حالتن جي روشنيءَ ۾ پڙهڻ بدران ان کي فقط انفرادي حيثيت ۾ جاچيو وڃي تہ ان کي نئين تنقيد چيو ويندو آهي.

تنقيد جي هن قسم جي حامين جو چوڻ آهي تہ انساني روح دائمي ۽ مستقل آهي. ان ڪري تاريخ يا ماضيءَ جو سهارو وٺڻ اجايو آهي. ان ڪري ڪنهن بہ ادبي شهپاري کي تاريخ جي اونده ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪرڻ مناسب نہ آهي، پر ان بدران تخليق کي ان جي خيال سازي، تخليقڪار جي تصور ۽ ادب جي اظهار کي ڪسوٽي بڻائي قلمي پورهئي کي پرکيو وڃي. ماضيءَ بدران پنهنجي دؤر جي عوامي ۽ انساني زندگي ۽ تجربن جي ڪسوٽيءَ کان سواءِ تنقيد جي ٻي بهتر ڪسوٽي ٿي نٿي سگهي.

**نيو افلاطونيت** (Neo-Platonism):

نيو افلاطونيت جو باني مصري فلاسفر فلاطينس (Plotinous) هو. هن پنهنجي پوئلڳن سان گڏجي افلاطون جي فلسفي (Plato) ۽ مشرقي تصوف کي ملائي ٽين صدي عيسويءَ ۾ هڪ نئون مذهبي فلسفو متعارف ڪرايو. هن نظريي مطابق خدا تعاليٰ حسن و نور جو سرچشمو آهي. مشرقي ملڪن ۾ هن صوفياڻي فلسفي ڪافي شهرت حاصل ڪئي.

**نيو ڪالونيلزم** (Neo-Colonialism):

خطن ملڪن ۽ علائقن تي سڌي ريت حڪومت ڪرڻ بدران معاشي، سياسي ۽ ٻين دٻائن ذريعي حڪومت ڪرڻ کي 'نئين بينڪيت' (Neo Colonialism) چئبو آهي.

**نيو ڪلاسيڪيت** (Neo-Classic):

ڪلاسيڪل روايتن جي تجديد ڪندڙ هي هڪ تحريڪ هئي، جنهن ۾ ڪلاسيڪل فن تعمير ۽ هٿرادو هنر سان جوڙيل فن وغيره جي ٻيهر جياپي کي

ورجايو ويو. هيءَ تحريڪ 1750 کان 19 صديءَ تائين جاري رهي. يورپ جي اڪثر ٻولين ۾ ادب ۾ ان تحريڪ ڪلاسيڪي ادب جي روايتن کي ڀيهر جيارڻ لاءِ ڪي اصول ۽ قاعدا مقرر ڪيا جن جي ڪري اعليٰ ادب پيدا ٿيو پر گهڻو وقت ان تي عمل ڪرڻ سان ادب ۾ هڪ قسم جو ورجاءُ، مصنوعيت طاري ٿي وئي، جنهن جي ڪري فطري ۽ اصلوڪي اظهار ۾ رنڊڪ پئي، نتيجي طور ليکڪن بغاوت ڪئي ۽ فطرت ڏانهن موٽ جي نعري سان رومانويت جي لاڙي کي آندو ويو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان قسم جو ادب فارسي ڪلاسيڪي روايت کي زنده رکڻ وارن شاعرن وڏي عرصي تائين لکيو، جنهن ۾ فارسي لفظ، اصطلاح، تشبيهون، منظر ۽ ماحول ضروري سمجهيا ويند اهئا.

## و

**واسوخت** (Waswakhat):

"واسوخت" جي لغوي معنيٰ آهي بيزاري، شاعريءَ جي اصطلاح ۾ انهيءَ نظم کي چئبو آهي، جنهن ۾ حسن سان نفرت جو اظهار ۽ عشق جي مذمت ڪئي وڃي. انهيءَ ۾ معشوق جي ظلم ۽ ستم ۽ پنهنجي رنج ۽ الم جو بيان به ڪيو ويندو آهي.

**واقعاتي بيت:**

سنڌي لوڪ ادب ۾ هيءَ صنف واقعاتي شاعريءَ تي ٻڌل آهي، جنهن ۾ ڪنهن واقعيءَ کي شاعريءَ ۾ بيان ڪيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ قديم زماني کان اهڙا بيت ملن ٿا، جن ۾ يا ته تاريخي واقعا بيان ڪيل آهن، يا انهن ۾ تاريخي واقعن ڏانهن اشارا ملن ٿا. اهڙي قسم جا بيت سومرن جي دؤر کان ملن ٿا. جيڪي پهرين 'ڳاهن' جي صورت ۾ مليا آهن، بعد ۾ واقعن کي تفصيل سان بيان ڪندي ڏگها مسلسل بيت چيا ويا . واقعاتي بيت، ڏگها بيت هوندا آهن، جن ۾ هڪ واقعو ڪيترن ئي بيتن ۾ بيان ڪيو ويندو آهي.

سنڌي لوڪ ادب اسڪيم هيٺ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جو ترتيب ڏنل ڪتاب "واقعاتي بيت" سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.

**واقعاتي ڪهاڻيون** (Eventful Stories):

هن قسم جي ڪهاڻين ۾ پلاٽ تي زور ڏنو ويندو آهي.

**واقعاتي مضمون** (Eventful Essays):

واقعاتي مضمونن ۾ ڪنهن اهم واقعي، ڪهاڻي يا ڪنهن مشهور شخصيت جي سوانح عمري بيان ڪئي ويندي آهي. ان ۾ اڪثر واقعن کي تسلسل ۽ ترتيب سان پيش ڪيو ويندو آهي. چاهي اهو واقعو حقيقي هجي يا غير حقيقي. انهن واقعن جون ڪڙيون هڪٻئي سان ملائي رکيون آهن. اهڙا واقعا هميشه تفريحي، معلوماتي ۽ سبق آموز هوندا آهن. واقعاتي مضمون ۾ هيٺين قسم جا موضوع اچي وڃن ٿا.

**تاريخي ڪھاڻيون:** مياڻيءَ جي جنگ، سنڌ ۾ ڪلهوڙن جو دؤر، دودي چنيسر جو داستان، هالاڻيءَ جي جنگ، 1942ع جي ٻوڏ وارو واقعو.
**سوانح عمريون:** شاهه عبداللطيف جي زندگي، قلندر لعل شهباز جي حياتي ۽ ٻيون سوانح عمرين بابت.
**واقعاتي مسافري:** ريل جو سفر، جهاز جو سفر وغيره
**حادثا:** ٻوڏ جي تباهه ڪاري، انڊسٽري ۾ لڳل باهه وغيره
**عام واقعا:** جلوس، قلندر جو ميلو، تفريحي پارٽي، ڪاليج ۾ منهنجو پهريون ڏينهن وغيره.

## واقعاتي ناول:

هن قسم جي ناولن ۾، ناول نگار صرف واقعن ۾ دلچسپي رکندو آهي، مطلب ته ناول ۾ صرف واقعن جي اپٽار ڪئي ويندي آهي. اهڙن ناولن جي شروعات ڪنهن ننڍي واقعي يا معمولي قصي سان ٿيندي آهي. پوءِ ان ۾ ٻيا واقعا به شامل ٿي ويندا آهن ۽ قصو مونجهاري جو شڪار ٿي ويندو آهي. اهڙيءَ طرح مسئلن جو حل ناممڪن ٿي پوندو آهي. پر آهستي آهستي اهي منجهيل حل مسئلا حل ٿي ويندا آهن. عام طور ته هن قسم جي ناولن جي پڇاڙي خوشيءَ واري ماحول ۾ ٿيندي آهي.

## واقع نگاري:

ادب ۾ ڪنهن واقعي جي بيان ڪرڻ کي واقع نگاري چئبو آهي. واقع نگاري ٻن قسمن جي ٿيندي آهي:

(الف) تاريخي: اهڙا واقعا جيڪي تاريخي طور ظاهر ٿي چڪا آهن. مثال طور ڪربلا جو واقعو، دبي يا مياڻيءَ جون جنگيون وغيره.

(ب) تخيلي: اهڙا واقعا، جن کي تصوراتي طور شاعر/اديب ظاهر ڪري.

## وقفو (Interval):

سلسليوار درامن ۾ درمياني وقفو

## واڪ جون نشانيون (Quotation marks\Inverted Commas):

واڪ جون نشانيون ٻن قسمن جون ٿينديون آهن:

(1) اڪيليون ۽ (2) ٻٽيون.

ڪنهن ماڻهوءَ جا ڳالهايل لفظ ابتين پٺين ڪامائن يا واڪ جي نشانين سان ڌار ڪيا ويندا آهن.

مثال: احمد چيو، "مون کي منهنجو ڪتاب واپس ڪر!"

اهي نشانيون ان وقت اڪيليون (پٺيون نہ) ڏبيون، جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جا چيل لفظ لکجن، جنهن ۾ هن ٻئي ڪنهن جا لفظ ورجايا هجن.

**واکاڻ** (Eulogy):

لکڻ ۾، تقرير ۾ يا شاعريءَ ۾ ڪنهن جي واکاڻ يا خوشامند ڪرڻ. هيءَ اصطلاح مدح کان مختلف آهي، ڇو تہ مدح سنجيدي ۽ سچي تعريف هوندي آهي ۽ مدح ڳائبي آهي.

**وائي** (Vaee):

وائيءَ جي لغوي معنيٰ آهي "ڳالهہ ٻولهہ"، "وائي"، "گفتگو". شاعريءَ جي اصطلاح ۾ "وائي" ڪلام /سخن کي چئبو آهي. وائي، سنڌي شاعريءَ جي اهم صنف آهي، جنهن ۾ عشق محبت ۽ وحدت جو ذڪر ڪيل هوندو آهي. وائيءَ جي پهرين بند کي "ٿلهہ" چئبو آهي. ٿلهہ کان سواءِ باقي مصرعون (سٽون) الڳ الڳ ٿين ٿيون، جن جو قافيو آخر ۾ اچي ٿو. بناوت جي لحاظ کان وائي هيڪڙي، ڏيڍوڻي ۽ ٻيڻي پڻ ٿيندي آهي، جنهن جو وزن ڇندوديا تي رکيل هوندو آهي.وائيءَ جو عام طرح مؤجد شاهہ لطيف کي چيو ويندو آهي. پر وائي جي صنف "صدا" جي عنوان سان شاهہ عنايت رضوي وٽ ملي ٿي ۽ ان کان اڳ دادو ديال جون بہ ٻہ ٽي وايون ملن ٿيون. وائي، اصل ۾ 'واڻي' يا 'ٻاڻيءَ' جي بگڙيل صورت آهي. هڪ وائيءَ جو مثال:

آئي مند ملار، آءُ کهنبا ڪنديس ڪپڙا،
وسڻ جا ويس ڪيا، اڄ منهنجي يار،
آئي مند ملار
لار لاٿيندي ويڙا، پنڙس، پنيا ور،
آئي مند ملار
پکي آءُ پرين تون، لهہ مهجي سيد سار،
آئي مند ملار (شاهہ)

**وجد/وجدان**(Intuition):

"وجد" عربي لفظ آهي، جنهن جي لغوي معنيٰ آهي "جذبو" يا "بيخوديءَ جي حالت". جڏهن ڪو صوفي بزرگ يا الله جو نيڪ ٻانهو، خدا جي بندگيءَ ۽ ذڪر ۾ مشغول هوندوآهي، تڏهن اُن ۾ اهڙو تہ غرق ٿي ويندو آهي، جو ڪيس دنيا جي ڪنهن بہ شيءِ جي ڄاڻ نہ رهندي آهي. انهي مستيءَ جي حالت ۾ اچي هو جهولڻ ۽ جهومڻ لڳندو آهي. اُن وقت ڪيس رب جي ذات کان سواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ ڏسڻ ۾ نہ ايندي آهي. انهيءَ حالت ۾ سندس زبان مان رڳو "تون ئي تون" ۽ "الله! الله!" جو آواز ئي اُڌما ڪائي پيو ٻاهر نڪرندو آهي. اهڙي حالت کي "وجد" چئبو آهي ۽ وجدان، رباني اثر هيٺ شاعريءَ ڪندڙ شاعرن لاءِ ڪم ايندو آهي. وجدان وارو شعر تصوف جي اثر سان ڀرپور هوندو آهي ۽ شاعر مستيءَ ۾ اچي وجد جو شعلو ڀڙڪائيندو آهي.

**وجودي فڪر**(Existentialism):

20 صديءَ ۾ پيدا ٿيندڙ سياسي، سماجي، فڪري ۽ نفسياتي مونجهارن وجودي فڪر جي لاڙي کي جنم ڏنو آهي. بنيادي طور تي وجوديت جو فلسفو انساني وجود ۾ سانديل وارتائن، رازن ۽ ڳجهن کي ڄاڃڻ ۽ پرکڻ جو نالو آهي. ان فلسفي جو مقصد آهي تہ "جيئن تہ انسان هڪ وجود رکي ٿو ان ڪري هو پنهنجي وجود جي هئڻ کي ثابت ڪري ڏيکاري." وجوديت جي فلسفي کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هڪ ديني وجوديت ٻيو لاديني وجوديت. وجوديت انسان جي پاڻ سڃاڻپ (Self — Realization) جو نالو آهي، جنهن ذريعي هو هن دنيا جي غلاميءَ کان ڪنجي، پنهنجي آزاد هئڻ تي زور ڏئي، پنهنجي زندگيءَ جي مرضيءَ سان پورو پورو استعمال ڪري ٿو. هو پنهنجن عمل جو پاڻ ذميوار آهي ۽ انهن عملن جي ذريعي ئي هو پنهنجي سڃاڻپ ۽ فطرت ظاهر ڪري ٿو ۽ پوءِ جڏهن اهو سوچي ٿو تہ سائنس وڏو ڌوکو ٿيو آهي. جو ڪيس ڪنهن هن دنيا ۾ ڦٽو ڪيو ويو آهي. وجوديت کي سمجهڻ لاءِ هيٺين وجودي وارتائن کي سمجهڻ ضروري آهي. 'ويڳاڻپ' (Alienation)، 'مايوسي' (Despair)، 'وجود جي بي معنائيت' (Being and absurdity)، 'بوريت' (Boredom)، 'ڪراهت/ڪرپ' (Nausea)، 'احساس جرم' (Guilt)، 'موت جو تصور'

(Concept of Death)، 'فرد ۽ ٻيا نظام' (Individual and Systems)، 'چونڊ جي آزادي' (Freedom of Choice) ۽ 'شخصي وجود جي حقيقت' ( Reality of individual existence) وغيره.

**وچولي جو لهجو** (Vicholi Dilect):

سري ۽ لاڙ وارن پاڱن جي وچواري حصي کي "وچولي" چيو وڃي ٿو. ان جون حدون نوابشاهه، لاڙڪاڻي ۽ شهداد ڪوٽ ضلعي جا ڪجهه حصا نوشهروفيروز، ضلعو دادو، سانگهڙ ۽ حيدرآباد جي ڪجهه نون ضلعن جا ڪجهه حصا اچي وڃن ٿا. ان لهجي کي معياري لهجي طور قبول ڪيو ويو آهي.

هن لهجي کي سنڌي زبان جو معياري لهجو سڏيو وڃي ٿو. درسي ڪتاب، تقريرون ۽ تحريرن ۾ اهو لهجو ڪتب آندو ويندو آهي.

**وڇوڙي جو گيت:**

اهڙو نظم يا گيت، جنهن ۾ عاشق ۽ معشوق جي وڇوڙي جي ترجماني، انتهائي غمگين انداز ۾ ڪيل هجي.

**وحدت** (Unity):

الله جي ذات جي هيڪڙائيءَ ۾ يقين جو فلسفو جنهن ۾ صوفي شاعرن تصوف جي سڀ کان پهرئين اصول طور قبول ڪيو آهي.

ادب جي دنيا ۾ وحدت جي معنيٰ آهي ته ڪنهن به ادبي صنف جي مختلف جزن کي پنهنجي ترڪيبي حيثيت ۾ اهڙيءَ طرح مربوط، متحد ۽ منظم ڪجي، جو اها هيڪڙائي جو تاثر ڏئي.

**وحدت الشهود** (Wahadat-ul- Shahood):

"وحدت الشهود" جو باني امام ربّاني مجدد الف ثاني (1564_1624ع) آهي، جيڪو "همه ازوست" جو قائل ۽ شارح آهي. هڪڙا صوفي وحدت الوجودي هوندا آهن ۽ ٻيا وحدت الشهودي. وحدت الوجودين جي نظر ۾ اصل ۾ باري تعاليٰ جي ذات موجود آهي، ۽ ٻيون جيڪي به شيون موجود آهن، ان جا پرتوا آهن.

وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود ۾ هي فرق آهي ته وحدت الوجود جي لحاظ کان "سڀڪجهه خدا آهي، ۽ (خدا) سڀ ڪجهه." جيئن ڄر جي ڦوٽي ۽ لهر کي

پاڻيءَ کان ڌار نہ سمجهي، "پاڻي" (اصل) جو پرتوو سمجهيو وڃي ٿو. پر وحدت الشهود ۾ اهي ٻئي ڌار آهن. هنن جو چوڻ آهي تہ ماڻهو جو پاڇو هرگز ماڻهو ٿي نہ ٿو سگهي، "چہ نيست خاک رابا عالم پاک" اهل ظاهر وٽ وحدت الوجود، نامنظور ۽ نامعقول آهي. انهيءَ عقيدي جي صوفين حلاج ۽ سرمد وحدت الوجودي ڳالهہ تي قائم رهيا ۽ سر ڏنو. ليکن پوئين زماني جي صوفين ۽ متصوّف عالمن ان جو نئون تعبير ڪري، ان کي اسلامي رنگ ڏيئي ڇڏيو آهي. مشهور عالم دين شاهہ ولي الله (1703ـ1762ع)، ان نظريي کي "فلسفي" جي حيثيت سان بيان ڪري، "وحد الوجود" ۽ "وحدت الشهود" جي نظرياتي اختلافن کي رفع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

**وحدت الوجود** (Wahadat - ul- Wajood):

وحدت الوجود، صوفياءِ ڪرام جو هڪ اصطلاح آهي، جنهن ۾ حق سبحان تعالىٰ جي توحيد ذاتي ۽ وجودي تي بحث ڪيو ويندو آهي. انهيءَ بحث جو خلاصو هي آهي، تہ وجود حقيقي فقط هڪ آهي، ۽ اهو حق تعالىٰ جو وجود آهي. ان حقيقت کي لاموجود الا الله چئي واضح ڪيو ويندو آهي. وجود حقيقي هڪ آهي، يعني فقط خدا ئي موجود آهي، ۽ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي، هر شيءِ انهيءَ مان آهي، ۽ انهيءَ ۾ آهي، جيئن سمنڊ ۾ لهرون ۽ موجون. هر شيءِ خدا جو مظهر آهي. اهي صوفي وحد ۾ ڪثرت ۽ ڪثرت ۾ وحد جي فلسفي کي مڃين ٿا.

**ودوان** (Scholar):

عالم ، اسڪالر، فاضل.

**وديالہ** (Vidyala):

پراڻي زماني ۾ اسڪولن جي جاءِ تي 'وديالہ' هوندا هئا، جن ۾ شاگرد علم حاصل ڪندا هئا.

**ورجيس** (Varjes):

اهو مروج استعمال جيڪو بيان ۾ ڪنهن جملي جو جزو ٿي ڪتب اچي ۽ ان جي اکري معنىٰ گهربل هجي، تنهن کي 'ورجيس' چئبو آهي. "محاوري وانگر ورجيس پڻ اهڙو ايڪو آهي، جيڪو جملي جو جزو ٿي ڪتب ايندو آهي. ٻنهي ۾ فرق اهو آهي تہ محاورو اکري معنىٰ بدران ٻي معنىٰ ڏيندو آهي، پر ورجيس پنهنجي اکري معنىٰ ۾ ئي استعمال ٿيندي آهي.

**وضاحت** (Description):

ڪڏهن ڪڏهن، ڪنهن شيءِ جي منطقي وصف بيان ڪرڻ ممڪن نہ هوندي آهي. ان حالت ۾ اهوئي مناسب هوندو آهي تہ ان شيءِ جي مختلف پهلوئن جي آڌار تي ان جي وضاحت ڪئي وڃي.

**ونگائي لپي:** (Wangai Script)

اها لپي مهراڻ جي ونگي پٽڻ، ڪوچي، باغ جي پٽڻ، بنگار شهر ۽ ولهار جا واپاري ۽ عام ماڻهو ڪتب آڻيندا هئا.

**وڻجارو:** (Wanjaro)

هي هڪ ٽري لوڪ گيت آهي، جنهن ۾ عورت پنهنجي پري ويل محبوب کي ياد ڪندي آهي، جيڪو ڪاڻس ڪنهن سبب جي ڪري پري هليو ويو آهي.

شاهہ لطيف جيءَ شاعريءَ ۾ سر سامونڊي جا ڪردار بہ وڻجارا سڏيا ويا آهن، جيڪي سامونڊي سفر ڪري واپار لاءِ ڏورانهن ڏينهن طرف وڃن ٿا.

**وياڪرڻ** (Grammar):

هڪ انسان ٻئي انسان سان پنهنجي خيالن جو اظهار زبان جي ذريعي ڪري ٿو. زبان مختلف لفظن ۽ جملن جي ذريعي خيالن جي ظاهر ڪرڻ جو هڪ ذريعو آهي. زبان اڳئي ڳالهائي وڃي ٿي، پوءِ ٻوليءَ جا ماهر وري انهن کي اکرن، لفظن ۽ جملن جي جوڙجڪ ۾ ترتيب ڏين ٿا. انهيءَ ترتيب جو نالو سنڌي ۽ سنسڪرت ۾ 'وياڪرڻ' رکيو ويو آهي. انهيءَ علم جا بہ حصا آهن. هڪ 'صرف' ۽ ٻيو 'نحو'. وياڪرڻ کي انگريزيءَ ۾ 'Grammar' چيو ويندو آهي.

**وڀتس رس** (Disgust):

اها شاعري، جنهن ۾ نفرت ۽ ڌڪار جو اظهار هجي:

وڳنڌو ري آيو، ڪنو ٿي ڪوجهو،
ڇڏي نہ موڙو، لڳس آر عطار سين

(شاهہ)

**ويد** (Ved):

لفظ ويد جو مصدر 'ود' آهي، جنهن جي معني آهي 'عقل'، 'ڄاڻڻ'، 'سوچڻ'، 'سمجهڻ غور فڪر ڪرڻ'، 'موجود هئڻ' ۽ 'حاصل ڪرڻ' وغيره. 'ويد' جو لفظ خود

'ويدن' ۾ استعمال نہ ڪيو ويو آهي، پر تقريبا 2000 سالن جي عرصي ۾ هندن علمن ۽ رسمن متعلق جيڪو مواد گڏ ڪيو آهي ان کي 'ويد' جو نالو ڏنو ويو بعد جا سڀ هندو مصنف انهن جو حوالو ڏيندا ۽ انهن کي مستند سمجهندا رهيا آهن.

**ويدانت** (Vedanta):

هندو مت ۾ "الک" جي ايڪائي ۽ ان سان لئون لائڻ جو فلسفو.

هند سنڌ ۾ سڀ کان آڳاٽا ڪتاب ويد آهن، جن کي هندو مذهب جا بنيادي ڪتاب مڃيو ويو آهي، انهن ۾ موجود فڪر جو مجموعي علم جيڪو تصوف وانگر هڪ واحد هستيءَ کي مڃي ٿو جنهن کي 'برهما' ٿو چيو وڃي. ويدانتي شاعرن انهيءَ فڪر کي پنهنجي شاعريءَ ۾ آندو آهي. سنڌيءَ ۾ 'سامي' جي شاعري ڀڻ فڪر کي پيش ڪري ٿي.

**ويرتا جون ڪهاڻيون** (Tales of Bravery):

هي ڪهاڻيون سياڻپ ۽ شجاعت ۾ شمار ٿين ٿيون، جن ۾ سورهين، بهادرن، سياڻن، داناءُن جون آکاڻيون بيان ڪيل هونديون آهن. ان ۾ رزميہ قصا بہ هوندا آهن تہ نصيحت آموز سبق بہ.

**وير رس** (Heroic):

سينگار شاعري، جنهن ۾ بهادري يا دشمنن کي للڪار هجي، مثال:

زمين ۽ زمان کي ڏائي هليو وڃ
خدائيءَ ۾ ڌاڪي ڄمائي هليو وڃ

**ويوڳ رس** (Song of Seperation):

اهڙي شاعري، جنهن ۾ محبت ڪان جدائيءَ وارين گهڙين ۾ درد فراق جون داتهون ڪيل هجن. مثال طور:

شمع ٻاريندي شب، پرهہ ٻاڪون ڪيون
موٽ مران ٿي مينڌرا! ، راڻا! ڪارڻ رب
تنهنجي تات طلب ، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا.
(شاهہ/سر مومل راڻو)

ٻڌايو وڃي، هن قسم جي شاعريءَ جو مفهوم نندڻ هوندو آهي. سنڌيءَ ۾ هن قسم جي شاعري ٽالپرن جي دؤر کان شروع ٿي. سيد خير شاهه ۽ سيد ثابت علي هجو گوئيءَ کي وڏي اهميت ڏني.

**هزل** (Hazal):

هزل جي لفظي معنيٰ آهي، چرچو مسخري يا بيهودگي. اصطلاحي معنيٰ موجب هزل انهيءَ نظم کي چئبو آهي، جنهن ۾ چرچي يا مسخريءَ جهڙا مضمون لکيل هوندا آهن.

هن گيت جون مصرعون هڪ، ٻه، يا ٽي ماٺهو گڏجي چوندا آهن. جڏهن ته وراڻيءَ ۾ سيئي شامل ٿيندا آهن. وراڻيون هن قسم جون هونديون آهن:

1_ همرچي جو ويلو ڙي

2_ همرچو ڙي همرچو

3_ الا همرچو هوڙي لا.

4_ هملي ڙي همرچو

**همه از اوست:**

"همه از اوست" فارسي مقولو آهي، جنهنجي لفظي معنيٰ آهي "همه= سڀ+آز=کان+او=اهو (الله) اَست= آهي" يعني "سڀ ڪجهه خدا تعاليٰ جي طرفان ٿي آهي" صوفين جي هڪ گروهه مطابق، دنيا جي هر هڪ شيءَ الله تعاليٰ جي ٺي پيدا ڪيل آهي؛ يعني هر هڪ چيز جو جوڙيندڙ يا ٺاهيندڙ خود خدا آهي، تنهن ڪري هو انهيءَ ڳالهه تي ڀروسو رکن ٿا ته، جا به شيءَ دنيا ۾ نظر اچي ٿي، سا الله تعاليٰ جي طرفان ٿي آهي

'همه اوست' يا 'وحدت الوجود' جي ابتڙ صوفين جو ٻيو حلقو ڪائنات جي هن تعبير کي نه رڳو مڃي نه ٿو، پر اهڙي تصور وارن صوفين کي "ملحد ۽ زنديق" جي لفظن سان ياد ڪري ٿو. حسين بن منصور حلاج ۽ ٻيا صوفي، جيڪي وحدت الوجود/همه اوست جا حامي هئا، انهن خلاف فتوائن ڏيڻ ۽ سزائن ڏيارڻ ۾ ان ٻئي قسم جي سوچ وارن جو دخل رهيو آهي.

جيڪي صوفي ’وحدت الوجود‘ يا ’همہ اوست‘ کي نٿا مڃين، اهي ’وحدت الشهود‘ يا ’همہ از اوست‘ ۾ يقين رکن ٿا. هنن جو چوڻ آهي تہ خالق ۽ مخلوق جي وجود کي ’هڪ وجود‘ قبول ڪرڻ، حقيقت ۽ شريعت جي خلاف آهي. سندن چوڻ آهي تہ اسلامي تعليمات جو بنياد شريعت آهي، جنهن موجب خالق ۽ مخلوق جا ٻہ وجود آهن، هڪ ’وجود امڪاني‘ ۽ ٻيو ’وجود وجوبي‘. ان نقطہ نظر کي ’وحدت الشهود‘ يا فارسي اصطلاح موجب ’همہ از اوست‘ سڏيو وڃي ٿو. حضرت مجدد الف ثاني، هن نقطہ نظر جو وڏو شارح هو.

**هم آواز لفظ:**

اهي لفظ جي ساڳي آواز سان اچارجن، پر معنيٰ ۽ لکت ۾ مختلف هجن.

**همہ اوست:**

’همہ اوست‘ تصوف جو فارسي اصطلاح آهي، جنهن کي ’وحدت الوجود‘ سان تعبير ڪيو وڃي ٿو. هن فلسفي جي شارح شيخ اڪبر محي الدين ابن عربيءَ موجب هيءَ ڪائنات، پنهنجي سمورين رنگينين ۽ انهن جي ارتقائي ڦير گهير سان خالق اعظم کان ڪو ڌار وجود نہ ٿي رکي. اصل ۽ بنيادي وجود فقط حق تعاليٰ جو آهي. ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهہ ڏسي سگهجي ٿو، سو سڀ انهيءَ وجود جي جدا جدا تجليات جو پرتو آهي. جيڪڏهن ڪو اُن کي ڪجهہ ٻيو ٿو سمجهي اها سندس نظر ۽ سمجهہ جي ڀل آهي، نہ تہ حقيقت هن کان سواءِ ٻي ڪانهي تہ "لا موجود و الاالله" انهيءَ نظرئي جو اصطلاحي نالو "وحدت الوجود" آهي، جنهن کي فارسيءَ ۾ اصطلاحي طرح "همہ اوست" سڏيوً وڃي ٿو.

**هم جنس پرستي** (Lesbianism):

هيءَ هڪ نفسياتي اصطلاح آهي. لفظ "ليزبئن" يوناني ٻولي جو لفظ آهي. ليسبزيا نالي هڪ ٻيٽ تي يوناني شاعره سيفو پنهنجي سرتين سان پيار محبت سان رهي، ان حوالي سان اهو لفظ رائج ٿيو. اصطلاحي معنيٰ ۾ هي لفظ يعني عورتن ۾ هم جنس پرستيءَ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. زرينہ بلوچ پنهنجي افساني "جيجي" ۾ هڪ اهڙو موضوع کنيو، جنهن تي اڃا مردن بہ نہ لکيو هو. خيرالنساءِ جعفري جي ڪهاڻين، "حويليءَ کان هاسٽل تائين. يا نورالهديٰ شاهہ جو افسانو "تاگاساڪي" Lesbianism جي حوالي سان اهم آهن.

**همرچو** (Hamrcho):

همرچو لوڪ گيت آهي "همراهہ اچو" لفظن مان ورتل چيو وڃي ٿو. هي لوڪ گيت هارين، پورهيتن جو لوڪ گيت سڏجي ٿو. ڇاڪاڻ جو ٻنيءَ ٻاري جي ڪم (خاص ڪري گڏ ڪيڻ لابارو ڪرڻ) مهل جڏهن گهڻا ماڻهو گڏجي ڪم ڪندا آهن تہ ڪم جي ترت نبيري لاءِ اهو گيت چيو ويندو آهي. ٿرپارڪر جي خطي مان اسريل ۽ لاڙ ۾ نسريل هن لوڪ گيت کي شيخ اياز نئين رنگ ڍنگ ۾ لکيو.

**همعصر** (Contemporary):

ساڳئي زماني جو، ساڳئي دور جو يعني هڪ جيڏو. ادبي دنيا ۾ ساڳي دور جا ليکڪ "همعصر" چورائيندا آهن، جن کي "سهيوڳي" بہ چئبو آهي.

**همعصريءَ جي رقابت** (Contemporary Rivalry):

سنڌي ۾ چوندا آهن تہ فقير، فقير کي نہ سهندو آهي. اهڙي طرح ڪي اديب، هڪٻئي جي شهرت کي برداشت ڪري نہ سگهندا آهن. همعصر اديبن جي وچ ۾ هڪ ٻئي لاءِ ٿيل اختلافن ۽ حسد کي "معاصرانہ رقابت" چيو ويندو آهي.

**هم معنيٰ لفظ** (Synonyms):

مختلف لفظن جا استعمال ۽ اچارڻ جي لحاظ کان ضد بہ هوندا آهن تہ ساڳي معنيٰ وارا لفظ بہ ٿيندا آهن پر هم معنوي لفظن ۾ بهرحال استعمال ڪرڻ جي لحاظ کان فرق ضرور هوندو آهي. هم معنويٰ لفظن مان مراد آهي تہ ساڳي معنيٰ رکندڙ لفظ. مثال طور چنڊ، قمر، ماهتاب.

**هنبوشي** (Hanboshi):

هنبوشي (همبوڇي) بنيادي طرح گجراتي زبان جي "همڇي" مان نڪتل آهي، جنهن جي لغوي مراد آهي "حد کان زياده خوشيءَ وچان نچڻ يا ڪڏڻ". عام اصطلاحي محاوري ۾ عوامي ناچ جو قسم آهي، جنهن ۾ ٻئي هٿ ايا (مٺي) ڪري تاڙين سان ناچ رچائبو آهي. سنڌ جي عوامي گيتن ۾ هنبوشي بہ شامل آهي. هي گيت خاص طور تي اتر سنڌ ۾ وڏي چاهہ سان ڳايو ۽ ٻڌو ويندو آهي.

هنبوشي يا هنبوڇي سنڌ ۾ ڪورين جي گيت کي چئبو آهي. نياز همايونيءَ جي هنبوشي مشهور آهي.

**هنر** (Hunur/(Craft):

هنر فارسي لفظ آهي، جنهن جي معنيٰ آهي ڪاريگري يا ڪاريگريءَ جو ڪم. لوڪ ادب سلسلي جو هڪ سندر سخن آهي ، جنهن ۾ سگهڙ پنهنجو عقل بيتن (ڏوهيڙن) جي انداز ۾ عام ماڻهن اڳيان پيش ڪندا آهن. هو پنهنجي منظوم سٽاءَ ۾ ڪيئي ڳجهه (راز) سمائيندا آهن. جن جي معنيٰ تهاليت الونهي (ڳوڙهي) هوندي آهي، جنهن جي سمجهڻ لاءِ وڏي عقل جي ضرورت پوي ٿي. هنر کي ڳجهارت جو نمونو به چئي سگهجي ٿو.

هنر جا هونئن ته گهڻا ئي قسم آهن. مگر مکيه چار (سرائتا هنر، بي سرا هنر، چيروان هنر ۽ عام رواجي هنر) آهن. پرولي، ڏور، سينگار ۽ ڳجهارت ۾ ڏنل بيتن کي هنر چئبو آهي. هنر جو هڪ بيت نموني طور هيٺ ڏجي ٿو:

ڪٿي آيا ڪوهه تان، اهي خان ڪتن،
ڪڏهن وينا ڪينڪي، اهي خان ڪَتن
"حمل" چوي هٿ هيروان، اهي خان ڪتن
اهي خان ڪتن، جي سرنديءَ ٽرن سومرا

هن هنر ۾ 'ڪتن' لفظ جي چير ڪري، اصل معنيٰ ظاهر ڪئي ويندي آهي. مثلاً: ڪتن = ڪامياب ٿين. ڪتن= ڪتولن. ڪتن= ڪتين شين. لسي، ڏونئرو وغيره.

**هولوگراف** (Holograph):

ڪو مسودو يا ڪا لکت، جيڪا مڪمل طور تي ليکڪ جي نالي سان منسوب هجي.

**هيرو ۽ هيروئن** (Hero and Heroin):

سنڌيءَ ۾ اهي اصطلاح رائج ٿي چڪا آهن. پر انهن جا متبادل لفظ سورمو ۽ سورمي آهن. ڪهاڻي، ناول، ڊرامي يا شاعريءَ ۾ مرڪزي مرد ڪردار کي هيرو ۽ عورت ڪردار کي هيروئن چيو ويندو آهي.

**هيمرشيا** (Hamartia):

يوناني الميه ڊرامي ۾ هيرو يا هيروئن جي بدمزاجي، جيڪا سندس تباهيءَ جو باعث بڻجي. ارسطوءَ مطابق الميه ڊرامي جي هيرو جي المناڪ پڇاڙي سندس قسمت جو نتيجو نه، پر سندس عملن جو نتيجو هجي. ڇو ته، هيرو هڪ انسان هئڻ گهرجي، جيئن ته انسان غلطين جو پتلو هوندو آهي. ان حساب سان

هو ڪا غلطي ڪري. مطلب تہ هيرو جي ٽرئجڊيءَ ۾ قسمت جو عمل دخل هئڻ نہ گهرجي، بلڪ غلط فيصلي جو نتيجو هجي.

شيڪسپيئر جا اڪثر هيرو پنهنجي غلطين سبب پنهنجي المناڪ پڇاڙي آڻين ٿا. ان حساب سان هو، ارسطو جو صحيح نموني پوئلڳ آهي. اڳتي هلي ڊرامن جي رجحان ۾ بہ تبديلي آئي. سنڌي ڊرامن تي روشني وجهڻ سان خبر پوندي تہ مرزا قليچ جا ڊراما مٿئين اصول مطابق آهن ۽ هن جا هيرو پنهنجي پڇاڙي پاڻ آڻن ٿا. خانچند درياڻيءَ جو هيرو غريب ۽ بيوس آهي. امر جليل جا هيرو معاشري جي چال چلت سان ٺاهہ نہ ٿا ڪن. سندن اصول پرستي، اڏول پڻو سندن جي المناڪ پڇاڙي آڻي ٿو. اياز عالم ابڙي، ڪيهر شوڪت، رزاق مهر وغيره جا هيرو غريب گهراڻي سان تعلق هئڻ سبب وڏيرڪي ماحول جو شڪار بڻجن ٿا. عبدالقادر جوڻيجي جا هيرو معاشري جي تنگ دليءَ جو ڪاج بڻجن ٿا. علي بابا جا هيرو غربت ۽ افلاس جو شڪار آهن مطلب تہ اڄ جي ڊرامي ۾ Hamartia جو بنيادي اصول ۽ مٿي ارسطوءَ جي ٻڌايل وصف، ڪان تبديل ٿي چڪو آهي.

**هيئت** (Form):

ڪنهن بہ ادبي صنف جي ٽيڪنيڪ جي لحاظ ڪان صورت، شڪل، ترتيب، جزا بناوت وغيره.

**هيومنٽيز** (Humanties):

انساني تهذيب جي علم سان وابستہ. انساني وجود سان لاڳاپيل علم. هن ڪي علم جي ثقافتي شاخ بہ چيو ويندو آهي، جنهن ۾ خاص طور تي ادب ، لسانيات ، فلسفو، تاريخ، مذهبي ادب ۽ فنونِ لطيفہ اچي وڃن ٿا. هي اصطلاح سجاڳيءَ واري دؤر ۾ شروع ٿيو هو.

**هينڊ بڪ** (Hand book):

ننڍڙو نوٽ بڪ، ڊائريءَ وانگر جنهن ۾ اڪثر آفيسر ۽ ٻيا ملازم پنهنجي روز مرهہ جا ڪم ۽ احڪامات نوٽ ڪندا آهن جيئن انهن جي تڪميل ڪئي وڃي.

**هيئت پرستي** (Formalism):

هيئيت پرستي تنقيد ادب ۾ اهم اصطلاح آهي. ڪنهن بہ ادبي فنپاري ڪي هيئت جي بنيادن تي پرکڻ کي هيئت پرستي چئبو آهي.

# ي

**يادگيريون** (Memoirs):

يادگيرون دراصل 'آتم ڪٿائي ادب' ۾ اچن ٿيون. پر ٻنهي ۾ بنيادي تفاوت آهي. آتم ڪٿا ۾ ليکڪ جو مقصد پنهنجي زندگيءَ جو بيان ڪرڻ هوندو آهي. آتم ڪٿا جو هيرو خود ليکڪ هوندو آهي ۽ هو پنهنجي ارد گرد جي حالتن جو ايترو عڪس چٽيندو آهي جيترو خود انهن حالتن کان متاثر ٿيل هوندو آهي. يا هن حالتن کي اثر انداز ڪيو هوندو آهي. مگر يادگيرين ۾ ليکڪ جو مقصد پنهنجي وقت جو مشاهدو لکڻ هوندو آهي. اتهاسڪار جي خارجي نظرئي کان هن جو نظريو الڳ آهي. يادگيرين ۾، ليکڪ جيڪو خود ڏسندو يا محسوس ڪندو آهي، اهو ئي لکندو آهي. ان ڪري هن جي لکت ۾ هن جا آزمودا به اچي وڃن ٿا. ان نقطہ نظر کان عبارت ۾ هو مضمون نگار جي ويجهو آهي. درحقيقت هو پنهنجي پوڙهنا سان پنهنجي چوڌاري جي جيون جو سرجڻ ٿو ڪري. تاريخ نويس جيان هو محض بيان يا حقيقتون پيش ڪندڙ ناهي. يادگيرين ۾، ليکڪ جيڪڏهن پنهنجي باري ۾ وڌيڪ لکي ته هن جي لکڻي "آتم ڪٿا" جي ويجهو ۽ جيڪڏهن ٻين شخصن جي باري ۾ وڌيڪ لکي ته "سوانح نگاري" جي ويجهو ٿيندي.

**ياسيت** (Pessimism):

اهو نظريو ته دنيا ايتري ئي بري آهي، جيتري ئي سگهي ٿي يا سڀ شيون برائيءَ ڏانهن وڃي رهيون آهن. اهڙو لاڙو ڪن اديبن ۾ موجود هوندو آهي ۽ سندن اهو رويو زندگي ڏانهن نااميدي ۽ مايوسيءَ وارو هوندو آهي. هو زندگيءَ کي بي مقصد ۽ قيد سمجهندا آهن ۽ زندگيءَ جي هر پهلوءَ کي منفي انداز ۾ ڏسندا آهن.

**يجر ويد:**

يجر ويد جي معني آهي 'رسمن جو علم'. هي ويد، هندو ڌرم جو هڪ اهم ويد آهي. ٻين ويدن ۾ 'رگ ويد'، 'سام ويد' ۽ 'اٿر ويد' اچي وڃن ٿا. 'يجر ويد' ڪوتا ۾ آهي، جنهن کي قرباني جي موقعي تي ڳايو ويندو آهي.

**يمن ڪلياڻ** (Yaman Kalyan):

شاهه جي رسالي ترتيب جي لحاظ کان رسالي ۾ پيو نمبر سر آهي. يمن ڪلياڻ بہ ڪلياڻ جو قسم آهي. 'يمن' جي معنيٰ آهي 'من کي روڪڻ'. هن سر ۾ شاهه صاحب من کي وس ۾ آڻڻ لاءِ هدايتون ٿو ڏئي. ڏمر ڏک آهي ۽ صبر ۾ سک. سيني سان من کي ماري ميڻ ڪرڻ گهرجي. يمن ڪلياڻ لاءِ اندازو آهي تہ شاهه سائين اهو سر پنهنجي جوانيءَ ۾ لکيو. ڪلياڻ آڏواڻي لکي ٿو تہ: "هن سر جي پنجين داستان ۾ شاهه صاحب فرمايو آهي تہ "صوفي" ڪنهن کي چوڻ روا آهي ۽ صوفيءَ لاءِ ڪهڙيون وصفون گهرجن." هن سر ۾ پرينءَ جي باري ۾ جدا جدا تمثيلون آيل آهن. ڪٿي هو شهسوار آهي تہ ڪٿي ڪامل تيرانداز. ڪٿي ويج آهي تہ ڪٿي ڪلال تہ ڪٿي لهار.

**يوٽوپيا** (Utopia):

ڪيترن ئي فلاسافرن مختلف وقتن ۾ هڪ مثالي رياست جو نظريو ڏنو آهي. افلاطون مثالي جمهوريت (The Republic) جو تعارف ڏنو. سر ٿامس مور (1478_1535ع) يوٽوپي رياست جو نظريو ڏنو. مطلب تہ يوٽوپيا هڪ خيالي رياست جو تصور آهي. جيڪا ڪٿي بہ وجود نٿي رکي. پر اديب، شاعر ۽ فلاسافر پنهنجي تصور سان هڪ مثالي رياست جي قيام جو خاڪو ڏيندا آهن. ان تصوراتي رياست کي "يوٽوپيا" چيو ويندو آهي. سنڌي ادب ۾ اهڙو تصور قاضي فيض محمد جي ڪتاب "پاويهہ سؤ پاويهہ" ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

**يونانيت** (Hellenism):

اهو علم ۽ ادب جيڪو يوناني تهذيب، تمدن، فن ۽ ادب جي اثر هيٺ لکيو ويو هجي.

**يوناني ڊراما** (Greek Drama):

ڊرامي جي شروعات قديم يونان کان ٿي.يونان جا ماڻهو ڊراما کي اعليٰ نظم (Great Poetry) سڏيندا هئا. ڊراما سندن زندگيءَ ۾ مذهبي اهميت رکندو هوجيئن تہ يوناني مارو ماڻهو هوندا هئا ۽ مال چارڻ سندن اهم ڌنڌو هو. ان ڪري زرخيزيءَ جو ديوتا هنن لاءِ وڏي اهميت رکندو هو. اهو ئي سبب آهي، جو يوناني ڊراما خاص طور تي الميہ ڊراما (Tragedy) جي شروعات مذهبي

ميڙاڪن ۾ ٿي، ٽريجڊيءَ کي انهن ماڻهن ايجاد ڪيو. جيڪي ڊٿي ريمب (Dithyramb) يعني "ٻڪري جو شعر" چوندا هئا ۽ ڪاميڊي انهن ايجاد ڪيو جيڪي فالڪ (Phallic) يعني لنگ جا ڀڄن ڳائيندا هئا. يوناني ٽريجڊي، هڪ مذهبي ڊرامو هو ۽ ڪڏهن بہ مذهب ڪان آزاد ٿي نہ سگهيو. ان سلسلي ۾ يوناني ماڻهو پنهنجي ديوتا ڊائيونيسس جي احترام ۾ هڪ وڏي پنڊال جو اهتمام ڪندا هئا. انهن مذهبي رسمن ۾ دعائن سان گڏ هڪ گيت بہ ڳايو ويندو هو. جنهن کي ڊٿي ريمب (Dithyramb) يعني ٻڪريءَ جو گيت چيو ويندو هو. اهو ئي سبب آهي تہ يونان ۾ ٽريجڊيءَ جو مطلب آهي "ٻڪريءَ جو گيت" جيئن تہ هن رسم ۾ ٻڪري کي قربان ڪيو ويندو هو ۽ ان ڪري اها رسم عبادت ۽ عقيدت سان گڏوگڏ المناڪ بہ هوندي هئي، ان ڪري ان کي ٽريجڊي چيو ويندو هو.

**يونيزم** (Unanism):

دنيا جو تصور جيڪو ان سوچ جي پيداوار آهي تہ انسان هڪ فرد نہ پر گروهہ جو رڪن آهي ۽ هر گروهہ زندگيءَ جي سيني خصوصيتن سان ارتقا پذير آهي، جنهن ۾ بيماري ۽ موت بہ شامل آهي. ان حساب سان انسانيت جو قصو مختلف گروهن ۽ ان جي باهمي رشتن ۽ فردن جي باهمي رشتن جوئي قصو آهي.

# مددي ڪتاب


1. اجوڻ ، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاري" سنڌ ريڊرس فورم، حيدرآباد 1999 ع
2. بلوچ ,ڊاڪٽر نبي بخش: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، پاڪستان اسٽڊي سينٽر سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو 1990 ع.
3. "پريمي" موهن لعل: "ادبي گل"، سچل سرمست سنڌي ساهت سوسائٽي، ڏوڪري 2005 ع.
4. جتوئي، عبدالوحيد: "وجوديت ۽ سنڌي ادب"، سرڳ پبليڪيشن، حيدرآباد، 2011 ع.
5. مرزا، حبيب الله: "ڊراما جي تاريخ ۽ تنقيد"، نسيم بڪ ڊيپو، حيدرآباد 1967 ع.
6. خادم، قاضي، ڊاڪٽر: "سنڌي جا نثري داستان"، انڊس پبليڪشنز، ڪراچي.
7. خادم ، قاضي، ڊاڪٽر "ادب ۽ روايتون"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 1992 ع.
8. حسين، فهميده، ڊاڪٽر: ادبي اصطلاحن ۽ ادبي نظرين جي لغت(مهراڻ/ 2006 ع).
9. چانڊيو ڪمال، ڊاڪٽر: "ڪچهريءَ جا مور"، ثقافت کاتو حڪومت سنڌ، ڪراچي 2013 ع
10. رسول بخش ڏيرو: "ادب ۽ تنقيد"، لطيف پبليڪشن 1973 ع
11. سومرو، شمس، ڊاڪٽر: "تخليقي ادب جا ترڪيبي جزا"، شمس سومرو يادگار، 2006 ع
12. سومرو، نصير "شاعراڻو ويچار"، بلال پبليڪشنز ڪراچي، 2012 ع
13. سومرو، غلام محمد: "سنڌي ٻوليءَ ان جي سڪيا"، نوابشاهه.
14. عباسي، ظفر: "سنڌي ۾ شاعريءَ جون صنفون ۽ صنعتون" سنڌي لئنگويج اٿارٽي، حيدرآباد 2007 ع
15. ميمڻ غفور، ڊاڪٽر: "سنڌي ادب جو فڪري پسمنظر"، شاهه عبداللطيف چيئر ڪراچي يونيورسٽي 2012 ع
16. مهر، ممتاز "ويچار"، آگم پبليڪيشن، حيدرآباد، 1980 ع
17. نياز محمد شيخ: "سنڌي گلدستو"، مدينه اليڪٽرڪ پريس، لاڙڪاڻو 1977 ع
18. ملاح، مختيار احمد ملاح: "سنڌي ادب تي هڪ نظر" فريدي بڪ سينٽر ڪراچي 1999 ع
19. ميمڻ عبدالغفور، سنڌي، ڊاڪٽر: "ادبي خزانو"، 1982 ع
20. ملڪاڻي، منگهارام "ادبي اصول"، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد.
21. سنڌيلو عبدالڪريم: "لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو" انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي 1986 ع
22. هڪڙو انور افگار، ڊاڪٽر: "ادب، زندگي ۽ سماج"، مهراڻ اڪيڊمي 2006 ع.
23. لاشاري، مبارڪ علي: "جديد تنقيدي نظريا"، ماءِ پبليڪشن، سکر 2013 ع.
24. شوق، نواز علي، ڊاڪٽر: "ادبي اشارا"، ڪافي پبليڪشن ڪراچي، 1990 ع.

# DICTIONARY
of
# LITERARY TERMS

Mukhtiar Ahmed Mallah



SINDHI LANGUAGE AUTHORITY, HYDERABAD, SINDH

ISBN 978-969-625-035-7 Rs. 500/-